# جامعِ سنڌي لغاتُ

جلد ٽيون (ڄ - ز)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

زير نگراني

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

مرتب

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**



Gulhayat Institute

**سنڌي ادبي بورڊ**
ڄام شورو سنڌ

# جامع
# سنڌي لغات

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# جامع
# سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

جلد ٽيون (ڇ - ز)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ
زير نگراني
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مرتب
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Gul Hayat Institute

**سنڌي ادبي بورڊ**
ڄامشورو سنڌ
2007ع

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1984ع | تعداد چار هزار |
| ڇاپو ٻيو | سال 2007ع | تعداد هڪ هزار |

هي ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي ساليانې ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 07-2006 جي بجيٽ مان فراهم ڪيا ويا.

قيمت: ٽي سؤ پنجاهه رپيا
[ Price Rs. 350-00 ]

Gul Hayat Institute

خريداريءَ لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌيڪا اڪيڊمي ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

• **چاتِي ج چاتِيُون:** ٿ. سينو – اُرهُ. ٻُٻَا (عورت جا).

– **چاتيءَ تي مَڱَ ڏيڻ:** (محاورو) ڪنهن جي مرضيءَ جي خلاف ڪم سندس روبرو ڪرڻ. حَسَدُ جي باھ ڪان جَلائڻ – رِشْڪُ جاڳائڻ.

– **چاتيءَ تي هٿ رکي ڏسڻ:** (محاورو) ڪنهن بہ مسئلي کي پنهنجي حالتن سان ڀيٽائي پوءِ ڪا راءِ قائم ڪرڻ. ويچار ڪرڻ – قياس ڪرڻ. ٺڏي سيني سان غور ڪري ڪنهن نتيجي تي پهچڻ.

– **چاتيءَ تي هَٿَ هڻڻ:** دل جهلڻ – پاڻ ۾ همت هڻڻ جو اظهار ڪرڻ. اقرار ڪرڻ – خاطري ڏيارڻ – تسلي ڏيڻ – ذميداري کڻڻ – هرحالت ۾ ٻڌل رهڻ.

– **چاتِي ٺرڻ:** دل ٺرڻ – دل خوش ٿيڻ – سَرهو ٿيڻ. دل جا مطلب پورا ٿيڻ.

– **چاتِي ٺوڪڻ:** چاتيءَ تي هَٿُ هڻڻ – خاطري ڏيارڻ – پڪو دلاسو ڏيڻ.

– **چاتِي چِڄَڻ:** سخت صدمو رسڻ – تمام گهڻو ڏک ٿيڻ.

– **چاتي چِلڻ:** مِهْڻا طعنا ڏيڻ – اندَرُ ساڙَڻ – صدمو پهچائڻ.

– **چاتي چِنَڻُ:** وڏو صدمو رسائڻ. چاتي ڪُٽڻ – ماتم ڪرڻ.

– **چاتِيءَ سان لڳائڻ:** سيني سان لائڻ – پيار ڪرڻ. پنهنجو ٻڌائڻ – تسلي ڏيڻ – سِڪَ سان ڀاڪر پائڻ.

– **چاتِي ڪُٽڻ:** ماتم ڪرڻ – سينہ ڪوبي ڪرڻ – پِٽڻ ڪُٽڻ – دانهون ڪرڻ.

– **چاتِي ڪڍي هلڻ:** سينو ڪڍي هلڻ – آڪڙجي هَلڻ – پهلوانن وانگر هَلڻ – غرور ۾ تانءِ سان گهمڻ.

– **چاتِيءَ وارو:** ذ. صفت. جگر وارو – بهادُر – سُورمو – سُورِهيہ – دِلير.

• **چاتِي (ساڪرو ۾ داهيچي):** اَوَٽ – اَئٽ ٻن سالن کن واري ٻڪري.

• **چاٽَ ج چاٽُون:** ٿ. هوا جي زور سان وَسندڙ سنهي ٻُوندَ. "ڳوڙهن جِيْ ڳِلَنِ تان ڇَٽي پيس چاٽَ" ٻُوند جو وَسڪارو. ڇِٽڪار. گهاٽو ڏنْڌُ – ڪوهيرو. ڇَٽَ. ڀوڪ تان پکين کي تڙڻ لاءِ ٺڪاءُ ڏيڻ وارو نوڙُ (ٿ). ڏاس جي ٻورِي (ٿ) – ننڍي ڳُوڻِ (ٿ).

• **چاٽارَڻُ:** مصدر. ڇِٽڪار ڪرڻ – ڇِٽِڪار ڪرڻ. ڇِٽِڻ (ٻج).

– **چاٽارَ ج چاٽارُون:** ٿ. ڇِٽِڪارَ – ڇِٽِڪارَ. ٻُوند ٻُوندَ.

– **چاٽارَ ڪرڻ:** ڇِٽڪار ڪرڻ – ڇِٽِڪار ڪرڻ. پاڻي ڇِٽِڪڻ.

• **چاٽِلو ج چاٽِلا (ل):** ذ. پکٽِيلُ – پٽِريلُ (ٿ). وڏو ويڪرو وڻ.

• **چاٽو ج چاٽا:** ذ. ووٽن ۾ پوکيل گاھ (جوئر، ٻاجهري وغيره). گاھ جو هڪ قِسم – چيچُ (ڪ).

• **چاپَ ج چاپون:** ٿ. مُهر – ٺپو – سِيْلَ. ڇاپو – طَبْع. ڇُرُ. تصوير – مُورت. مارڪو – نشان – علامت.

• **چاپخانو ج چاپخانا:** ذ. (هہ. چاپ + ف. خانہ) ڪتابن ڇاپڻ جي جاءِ – پريس – مَطبَع.

• **چاپارُ (ڪ):** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **چاپاڪو:** ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ رت جي خرابيءَ سبب سڄي بدن تي دَٻڪ تي پون) – سِيتانگُ – ڇَپاڪو. پکيءَ جو هڪ قسم (ميرانجهڙي رنگ جو ننڍڙو پکي، اڪثر سج لٿي کان پوءِ نڪري، رستن ۾ پيچرن تي وهي).

• **چاپِرو ج چاپِرا:** ڇپرو – جهُوپِڙي. ڪَکَن جو گهَرُ.

• **چاپُرُو:** ذ. صفت. ڇپَر جو – جبل جو – جابلُو – ڪُرو – پهاڙِي.

– **چاپِرُو ٻِيرَ:** ذ. ڇپَرَ يا جبل جا ٻيرَ – جاڳُرا ٻيرَ (جي ننڍڙا ٿين).

– **چاپِري (لس):** ذ. ڇپر جا اُٺ – جابلو اُٺ.

• **چاپڙَ ج چاپڙُون (ٿ):** ٿ. سَنهون لَڪُڻ – ڇَهو. چاپڙڪَ (ٿ). چاڙَپ (ل). طعنو.

– **چاپڙَ هڻڻ (ٿ):** گمان ٿيڻ – شڪ آڻڻ.

• **چاپِڙَ ڪَ ج چاپِڙَڪُون (ٿ):** ٿ. سَئُونٽِي – سَنهي ڪاٺِي. چاڙپ – ڏنڍي سان پاسيرو ڏَڪُ.

– **چاپِڙڪ هڻڻ:** ڪُجھ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ. لوڙھ سان ڏڪ هڻڻ. مخالفت ڪرڻ.

• **چاپڻُ:** مصدر. چاپي هيٺ آڻڻ – ڇَپڻ – پڌرو ڪرڻ (ڪتاب وغيره) – طبع ڪرڻ. چاپو هڻڻ – نقش ڪرڻ. ڇُرڻ.

• **چاپو ج چاپا:** ذ. ڪپڙي ڇُرڻ لاءِ ڪاٺ مان ٺهيل ٺپو – پورُ. مُهر – نقش – ڇِٽُ. نشان. طباعت – ڇَپائي. ڪنهن ڪتاب جي هڪ ڀيرو اشاعت. پکين ڦاسائڻ جو ڪارو. ڏِٻُ. اوچتو حملو – اوچتي چڙهائي.

– **چاپو ڪوڙڻ:** هڪ هنڌ ويهڻ. پکين ڦاسائڻ لاءِ ڪانن جو ڪارو

• **ڇٽائڻ:** مصدر. (پرا. ڇوڊا ويئي. سن. آپ) ڇڏائڻ – آزاد ڪرڻ. جند ڇڏائڻ – ڇوٽڪارو ڏيارڻ – ڇاق ڪرڻ (علاج ذريعي).

– **ڇٽائُو ج ڇٽائُو:** ذ. صفت. ڇوٽڪارو ڏيندڙ. بندُ خَلاص ڪندڙ. بچائيندڙ.

• **ڇٽائي (ت):** ث. ڇِڊائي. جدائي – علحدگي.

• **ڇٽڙائڻ (ت):** مصدر. ڇِڊو ڪرائڻ – گهٽو پاڻي وجهي پٽڙو ڪرڻ.

– **ڇٽڙائي:** ث. پٽڙائي. ڇِڊائي.

• **ڇٽڙو ج ڇٽڙا:** ذ. صفت. ڇِڊڙو – پٽڙو. پاڻيءَ جهڙو. سَنهُون – پتلو.

– **ڇٽڙو ڪرڻ:** پٽڙو ڪرڻ – ڇِڊڙو ڪرڻ.

• **ڇٽڪارڻ:** مصدر. ڇَنڊڻ. ڇِٽڪارڻ. ٻُرڪڻ.

– **ڇٽڪارَ ج ڇٽڪارون:** ث. ڇِٽڪار. ڇَٽَ.

– **ڇٽڪارائڻ:** مصدر. "ڇٽڪارڻ" مان متعدي بالواسطه. ڇٽڪارائڻ. ڇڙڪائڻ. ٻرڪائڻ.

– **ڇٽڪارجڻ:** مصدر. "ڇٽڪارڻ" مان فعل مجهول. ڇٽڪارجڻ. ٻرڪجڻ.

– **ڇٽڪار ڪرڻ:** ڇٽڪار ڪرڻ. ٻرڪڻ.

• **ڇُٽڪارو ج ڇُٽڪارا:** ذ. [سن. ڪارڪهُ =] آزادي – نجات – بند خلاصي – ڇوٽڪارو.

• **ڇُٽڪڻ:** مصدر. [سن. ڪارُ ڪَهُ =] ڇُٽڻ (ڳالهين ۾). روانو ٿيڻ (پَنڌَ ۾) شروع ٿيڻ. تکڙو هلڻ. روئڻ ۾ پوڻ. ڀڄڻ.

• **ڇَٽڻ:** مصدر. [پرا. ڇِٽڪئي يا ڇِٽڪيئي هن. ڪُشِپتِهُ =] ٻج زمين ۾ پکيڙڻ. داڻو داڻو ڪري ڦٽو ڪرڻ. ڇَٽڪارڻ. ڇٽڪارڻ (پاڻي) – ڇِٽڪار ڪرڻ – پاڻي ڇَٽڪڻ.

• **ڇِٽڻ:** مصدر. [پرا. ڇِٽڪئي يا ڇِٽڪيئي سن. ڪارڪهُ =] ڇَٽڻ – ڇَٽڪارڻ.

• **ڇُٽڻ:** مصدر. [پرا. ڇُٽئي سن. ڇُٽَ =] آزاد ٿيڻ. ڪَلڻ (بند مان). ڇڙڻ (مرض مان) – شفاياب ٿيڻ – ڇاق ٿيڻ. هلڻ (ريل گاڏي). شروع ٿيڻ. انزال ٿيڻ. لڳڻ (بندوق، توب وغيره).

– **ڇٽي پوڻ:** آزد ٿيڻ – بند خلاص ٿيڻ. آزار کان جند ڇُٽڻ. ڇٽي پوڻ – انزال ٿيڻ.

– **ڇُٽي وڃڻ:** آزاد ٿيڻ – بچي وڃڻ (سزا، ڏوهه کان) آزار مان جند ڇٽڻ. جيل مان ڇُٽڻ. بي طاقت ٿيڻ.

• **ڇٽو ج ڇٽا:** ذ. مانارو (ڏينين، ماڪيءَ وغيره جو). سخت واءَ جو جهُوٽو (جو ماڻهوءَ کي ڇريو بنائي). تکو واءُ – سخت طوفان. "ڇٽا! ڇپر پرينءَ جو پيرُ پرٽيان تو" (شاهه). مڇيءَ جو ڇلر بيٺل پاڻيءَ تي چاول سينوَرُ. پٽَ پاراتو (ث). (صفت). نِنَرُ (ت). عادت (ت). هڪ عضوي جو نالو (ت).

– **ڇٽو لڳڻ:** ڪاوڙ جو سبب ملڻ. ڇريائيءَ جا پُور اچڻ. وهمُ ويهجي وڃڻ.

• **ڇٽو ج ڇٽا:** ذ. صفت. ڇڊو – ڇِٽڙو – پٽڙو. پري. الڳ – جدا. پريشان.

– **ڇٽو پاڻو:** ظرف. ڇڊو پاڊو – ڪِٽي ڪِٽي – ورلي.

• **ڇٽو:** فعل. آزاد ٿيو. ڇُٽي ويو. (اسم خاص) مرد جو نالو. "ڏِ نو پٽ ڇُٽي جو" (جوٽي).

– **ڇٽاپٽ:** محاورو. ننڍڙي ٻار جي نِڄ ڏيڻ تي ماءُ يا دائي اِهي لفظ چوندي آهي.

• **ڇٽو پاٽي:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڇٽو جويو:** اسم خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

• **ڇُٽو لوءِ:** اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڇٽو مهيسر:** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڇَٽي ج ڇَٽيون:** ث. [سن. ڇَترِڪَا] اُس يا مينهن کان بَچاءُ لاءِ تارَن ۽ ڪپڙي مان ٺهيل ڍَڪُ (جنهن جي وچ مان لڪڻ هوندو آهي جنهن مان جهلي مٿي جي مٿان جهليندا آهن). ڪنهن پاٽيٺ شيءِ مٿان سٽيو تَهُ. (کير جي) ٿَر – ملائي. پکيءَ جي جوٽي – موڙُ – چوٽ. پکيءَ جي ڳُجي – ڇَٽي – ڇهين ڏينهن واري رسم.

– **ڇَٽيرو ج ڇَٽيرا:** صفت. تاجدار – ڇَترپتي – راجا.

• **ڇُٽي ج ڇُٽيون:** ث. [پرا. آت آ. سن. آپتڪا] موڪل – رخصت. اجازت – رهائي – ڇوٽڪارو – نجات – تعطيل.

– **ڇُٽي وٺڻ:** موڪل وٺڻ – اجازت وٺڻ – رخصت وٺڻ.

• **ڇَٽيسو ج ڇَٽيسا:** ذ. صفت. وڏو بدمعاش – لُچو – اوباش.

Gul Hayat Institute

ڏِنڌَ (جنهن ۾ مَڇي مري). سيوهڻ ۾ ساماري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **چچُ ج چچ:** ذ. تَلاءُ – ڪُنب. ڍَنڍَ. گهڻو پاڻي. ٻلي جو پيٽُ. اها زمين، جنهن ۾ گدرا پوکيا وڃن. (اسم خاص) ٽنڊي باگي ۽ ٽنڊي الهيار تعلقن ۾ ديهن جو نالو. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو. صفت. ٿلهو – بي ڍنگو.

– **چچُ چِنَّڻُ:** شوخي ظاهر ڪرڻ.

– **چچُ ڪرڻ:** ڪيميا گريءَ جي اصطلاح ۾ پاري کي گرم ڪرڻ بعد اهڙي حالت تي آڻڻ، جو باهه جي اُماڙي ڏيڻ تي بہ نہ اڏامي – قائـِمُ النّار ڪرڻ.

• **چُچُ ج چُچ (ل. ٽ):** ذ. صفت. بيوقوف – اٽڃاڻ. چَريو. (ذ) اُٺ جو مخصوص عضوو.

– **چُچائي:** ٿ. بي عقلي – بيوقوفي – بي خبري – لاعلمي.

• **چِچائڻُ (ل):** مصدر. ڪنهن شيءِ کي ڪراهت سان ڪائڻ.

• **چچـَر:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. (جوٽيجن جو پاڙو) تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چچَر ج چچَرون:** ٿ. چَـر (پاڻيءَ جي) – چاچَر. ٽوله.

• **چچَـرُ ج چچَـرَ:** ذ. صفت. اجايو ٿُلهو – ڦيڦو (جسم) – ٿُلهو ۽ لَڙڪيل پيٽُ.

• **چچَرڪِي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چچِڙُ ج چچِڙَ:** ذ. گوشت جو بيڪار حصو (جو لڳلڳڙو ٿئيءَ گوشت تان لاهي ڦٽو ڪيو وڃي) – لِبو – چِيچڙو – چچڙو.

– **چچِڙو ج چچِڙا:** ذ. چچِڙُ.

– **چچِڙا چِڪڻ:** خراب ڪم ڪرڻ.

• **چچُ پُرڳِڙِي:** اسم خاص. جيمس آباد ۾ ساماري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **چچ جَوارُ يا سَـرُ:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چچ جهان خان:** جهان خان لغاري جي نالي سان تعلقي جاتي ۾ پاڻيءَ جي وڏي پکيڙ.

• **چچُ ساهڙڪو:** اسم خاص "ٺٽي" جي ويجهو هڪ ڍنڍ جو نالو.

• **چچُ عاقل ناهيو:** اسم خاص. "ٺٽي" جي ويجهو هڪ ڍنڍ جو نالو.

• **چچڪارَ (ٿ)، چچڪارُ (ذ):** (ل) پاڻيءَ هارڻ يا ڇُلڪڻ جو آواز.

• **چُچڪارَ (ل):** ٿ. مال کي پاڻي پيارڻ وقت آواز "چِي چِي" جو آواز.

• **چُچڪارڻُ:** مصدر. ڪُتي کي ٻچ ڪرڻ. چُچڪار جو آواز ڪرڻ.

• **چچڪتَر:** ٿ. راند جو هڪ قسم.

• **چچڪو:** ذ. پاڻيءَ ڇلڪڻ جو آواز. چاچول. زوردار مينهن وسڻ جو آواز. ريل گاڏيءَ جي انجڻ جو آواز. لوڏو ڌوڏو. ٺڳي.

– **چچڪا ڏيڻ:** مينهَن جو رڪي رڪي وسڻ.

– **چچڪو ڏيڻ:** مينهَن جو زوردار وسڪارو ٿيڻ. چاچولڻ. لَسُرڪُ. چولين جو آواز ڪرڻ.

• **چُچڪي (ٽ):** ٿ. مـِينهَن جو ٿوري وقت لاءِ زور سان وسڪارو – چوهو.

• **چچُندَرُ، چُچُندَرُ ج چچُندَرَ:** ذ. چچُوندرُ – ڪُئي جو هڪ قسم.

• **چچو:** ذ. اَٽڪ – رُڪاوٽ – رنڊَڪ. ڦڏو.

• **چچو ج چچا:** ذ. صفت. ڍرو – سُست – آهستي ڪم ڪندڙ – بيڪار.

• **چچوڙڻُ:** مصدر. ڏونداڙڻ. مـِٽيءَ ۾ لوٽڻ – لِٽوڙڻُ – بيزار ڪرڻ – خفي ڪرڻ. گيـنداڙڻ.

• **چچُوندرُ ج چچُوندرَ:** ذ. [ه] هڪ قسم جو ڪُوئو (جنهن ۾ بَدبُو تمام گهڻي ٿئي) – انڌو ڪُوئو.

• **چچُووالو:** ذ. ڪپڙن جي ڏيگهه ۾ ويڪر.

• **چچ ورهياڪو:** اسم خاص. "ٺٽي" جي ويجهو هڪ ڍنڍ جو نالو.

• **چچوهـرُ (ٽ):** ذ. بهتان ـ الزام.

• **چِچِي ج چِچِيُون:** ٿ. چِچ ـ چِن. هيـناهين ڪلراٺي زمين.

– **چِچِي ٿيڻ:** زمين ڪلراٺي ٿيڻ.

• **چچِي ج چچِيون:** ٿ. ڪِڪِي. مَڇيءَ جي ڏٻ – ڪِڪاڻ – ڪِڪَ – گندگي – ڪِن – ڪِچرو – مڇيءَ جي بدبوءِ. "ڪِڪيءَ هاٿيون ڪاريون، چچيءَ هاٿا چچ" (شاهه). گهٽ قيمت واري مَڇي. ڍنڍ جي مَڇي. ٻارَ جو پيشابُ يا پاخانو.

• **چِچِي مورا:** اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **چڪاچڪ:** ظرف. ڪناتار – ٽمٽار – ڀرپور.

– **چڪاچڪ ڪرڻ:** چڱيءَ طرح سان ڀرڻ. ڊوُ ڪرڻ. ٽمٽار ڪرڻ.

• **چڪائڻ:** مصدر. "چڪڻ" مان متعدي بالواسطه. چڪَ ڏيارڻ – تاڻائڻ – وٺڻ (پاڻي يا بجلي جو ڪنيڪشن). گهُرڻ (سَگ). گهلائڻ (ڪورٽ ۾). وٺڻ (حق). دعويٰ ڄمائڻ.

• **چڪتاڻ:** ث. [چڪڻ > چڪَ + تاڻڻ > تاڻ] چڪ چڪان – گهَل – گينداڙ. رَڳڙو – معاملو – تقاضا – طلب – ڪشمڪش.

– **چڪتاڻَ ڪرڻ:** چڪ چڪان ڪرڻ. سختيءَ سان گهُر ڪرڻ. گهَلَ ڪرڻ.

• **چڪَ پوڻ:** محاورو. ڏاري جو چَڪو (ڇهه ڏاٽا) يا پوُنَ (هڪ ڏاٽو). چوپڙ يا ڏاري راند ۾ ڪنهن ڌر جي راند جي اها حالت جنهن ۾ چَڪو پوڻ سان راند اجا بہ هلي سگهي ٿي ۽ پوُنَ جي داءُ پوڻ سان راند ختم ٿي وڃي. آخرين داءُ پڇاڙي (راند جي). انتها (ڪنهن ڪم جي). پويان پساهه. باقي ٿوري وقت تي.

– **چڪ پوُن تي اچي بيهڻ:** راند جو نبرڻ. راند (چوپڙ. جُوا) آخرين داءَ تي هئڻ. ڪنهن بہ شيءِ جو خاتمو ٿيڻ. پڇاڙي ٿيڻ. مَرڻ جي ڪنڌيءَ تي هئڻ.

– **چڪَ پوُن تي هئڻ:** چَڪ پوُن تي اچي بيهڻ. مَرڻَ جي ڪنڌيءَ تي هئڻ. تمام جلدي ختم ٿي وڃڻ واري حالت ۾ هئڻ.

• **چڪجڻ:** مصدر. "چَڪڻ" مان فعل مجهول. سڪو ٿيڻ.

• **چڪجڻ:** مصدر. "چِڪڻ" مان فعل مجهول. تاڻجڻ – ڪَشجڻ – اينگهجڻ – گهلجڻ (ڪورٽ ۾).

• **چڪرُ ج چڪر (ث):** ذ. صفت. اُهو ماڻهو جنهن کي هٿ ۾ ڇهه آڱريون هجن – ڇاڳو.

• **چڪرُ ج چڪرَ:** ذ. صفت. چِڪيندڙ – زوري ڪسيندڙ – چِنندڙ – چِڪيءَ وارو (مريض).

• **چڪَ رَس:** ث. دريائي بيڙيءَ جي چِڪڻ لاءِ رسو – لانهه.

• **چڪڙو ج چڪڙا:** ذ. [سن. شَڪَٽڪَهُ] بيل گاڏي جو هڪ قسم (جنهن کي چار ڦيٿا هجن. مٿان ۽ پاسن کان بند ٿيل هجي. سواريءَ جي ڪم اچي). هڪ قسم جي ڏڪَ واري بيل گاڏي. ريل گاڏيءَ جو ننڍو گاڏو.

• **چڪڙي ج چڪڙيوُن:** ث. [سن. شَڪَٽڪَهُ] گاڏيءَ جو هڪ قسم. اجائي ميار رکڻ. چوپڙ راند جو هڪ داءُ. ڇهن داڻن وارو پتو – چَڪ.

• **چڪن:** صفت. موهت – عاشق – فريفتہ _ شيدا – مفتون.

• **چڪندو ج چڪندا:** ذ. صفت. [سن. شَشٽَ + ڪوٺهہ] ڇهن ڪندن وارو. ڇهن ڪندن واري شڪل.

• **چڪڻ:** ث. وَڍي يا نوڙي جا مَنڍ پَٽڙي کي ڦيرائڻ لاءِ ڪم اچي (ل) – وَڍي – نيتو. ننڍڙي ٻار کي سَٽَ جي سَوڻ ڪرڻ لاءِ اَڪ جي پورن پنن کي باهه تي سيڪي انهن مان ڪڍيل رس (جا ٻار جي نَڪ ۾ وجهندا آهن). ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (جا ڪُٽي چاٽي ناس وانگر ڪم آڻجي تہ گهاٽي بلغم کي چِڪن رستي ٻاهر ڪڍي ۽ متي جي سُورَ کي فائدو ڪري) – نَڪَ چِڪٽي.

• **چڪڻُ (چِڪڻ):** مصدر. (سن. ڪُرِش) چِڪَ ڏيڻ – زور سان پاڻ ڏانهن آڻڻ – تاڻڻ. ڪَشڻ. ڊوهڻ. گهلڻ. للڪارڻ (مقابلي يا ٻلاند لاءِ). ويجهو آڻڻ. گهُرڻ (سَگ). طَلبڻ (حق) – تقاضا ڪرڻ. پيئڻ (بيڙي. چلم وغيره). اينگهائڻ.

– **چڪِٽي ج چڪِٽيوُن:** ث. پَچَڻ ۾ ڪم ايندڙ هڪ رسي (جنهن سان پچٽي جي پکي کي چڪي ٻڌجي) – پچارن جو هڪ اوزار.

• **چڪو:** صفت. (سن. شَشٽ = ڇهہ) ڇهہ (٦).

– **چڪو پنجو ڪرڻ:** ٺَڙڪ نَکِي ڪرڻ – اٽڪل سَٽڪل ڪرڻ. دولاب ڪرڻ – نَکِي ڪرڻ.

• **چڪو ج چڪا:** ذ. (سن. شَشٽ = ڇهہ) هڏي. پٿر وغيره مان ٺهيل ڇهن پاسن وارو ننڍڙو مڪعب (جنهن تي هڪ کان ڇهن تائين ٽُٻڪن جي صورت ۾ نشان ٺهيل هجن. چوپڙ راند يا جوا ۾ داءُ هٽڻ جي ڪم اچي) – ڏارو – ڪُٽو (قُرعَہ). هڪ عدد جو نالو.

– **چڪائي:** ذ. صفت. چَڪا هٽندڙ – جُواري.

– **چڪو هٽڻ:** ڏارو هٽڻ – جُوا ڪرڻ.

• **چڪو ج چڪا:** ذ. نوڙين مان ٺهيل گول سينهوڙي. جا ٽن يا چئن نوڙين ۾ ٻڌل هوندي آهي ۽ ساهميءَ جي ٻڙ وانگر ڇت ۾ ٽنگي. ان ۾ کاڌي جوُن شيون حفاظت سان رکي سگهبيون آهن (جيئن ماڪوڙين يا ٻلين وغيره جي نقصان کان محفوظ

Gul Hayat Institute

رهن) — اُڇٽُ — آونگ نوڙين مان نُهيل ڇاريدار ڳوٿري جا ڳاهَ وقت ڏِڳن جي ٻوٽ تي ٻڌندا آهن. (جيئن ڏاند انّ نہ کائي سگهن) — ٻُوتاڙو. سِڪي جي مٿان لڳل ٺپو يا نشان — مُهر. سِڪو. گهوڙي جي هڪ بيماري (جا اڳين ٽنگن ۾ ٿئي).

— ڇِڪا ڏيڻ: ڳاهہ وقت ڏاندن جي ٻُوٿن تي ٻوتاڙا چاڙهڻ.

— ڇِڪائي ج ڇِڪائي: ذ. صفت. ڇِڪا ڻاهيندڙ — ڇِڪن وارو.

— ڇِڪو ڇڙڻ: آزاد ٿيڻ — ڇڙواڳ ٿيڻ. پابندي لهڻ.

— ڇِڪو لَهَڻُ: وات کُلڻ — گهٽي بَڪَ ڪرڻ — گهٽو ڳالهائڻ.

— ڇِڪي تي (ڪُٺِي) رکڻ: وڏائي ڪرڻ — ٽيڙِي ڪرڻ — پاڻ کي ڪجهہ سمجهڻ.

• ڇِڪِي ج ڇِڪِيُونْ: ث. (سن. شَشٿْ = ڇهہ) تاس ۾ ڇَهن انڪن وارو پتو. (صفت). حيران — پريشان. مستاني — متوالي. "ڇَڪِي چوليءَ ۾ گهڙي، جِتي جي وِڙاهُ" (شاهہ). دريائي ٻيڙيءَ جي قلمِيءَ کي قابو ڪرڻ جو رسو.

• ڇِڪِي: ث. هڪ قسم جي بيماري (ڪنهن ڳري بار کڻڻ يا ٽِپُ ڏيڻ وغيره سبب چيلهہ ۾ سَٽ پوڻ جي بيماري) — ناف جي بيماري. چيلهہ جو سُور. ڪچو بار ڪرڻ جي زناني بيماري (ت). مَلَهہ جو هڪ انگ (جنهن ۾ هڪ مَلَهہ ٻئي مَلَهہ جي ٽَنگُن ۾ گوڏو ڏيئي، مُنين جي زور تي مٿي اُڇلي).

— ڇِڪِي اچڻ: ڪچو بار ڪرِڻ. سَٽ اچڻ. چيلهہ ۾ سُور پوڻ.

— ڇِڪِيءَ تي کڻڻ: مَلَهہ ۾ هڪ داءُ وڙهڻ (جنهن ۾ مخالف مَلَهہ جي ٽنگن وچان گوڏو ڏيئي مُنين جي زور تي مٿي کڻي اُڇلجي).

— ڇِڪي ٻڌڻُ، کڻڻ: مَلَهہ ۾ ڇِڪيءَ جو وارو ڪيڻ.

— ڇِڪِي پوڻُ: ڪنهن ڳَري بار وغيره کڻڻ ڪري چيلهہ ۾ سَٽَ پوڻ — ناف (ڏُنُ) ٽورو سرِڪي وڃڻ.

• ڇِڪِيْ ج ڇِڪِيُونْ: ث. ڇِڪَ — تاڻ. اوڇتي ڇِڪَ — ڇِڀي (لغام وغيره کي). سَٽَ "ڇِڪيءَ ڇِنائين، پَنڌُ مڙوئي پَٻَ جو" (شاهہ). ڊوهَہ. نقصان. دريائي ٻيڙيءَ جي سِڙَهَ کي ڇِڪي آڏَ سان ٻَڌڻ جي رسي. گهُرَ — طلَبَ.

— ڇِڪِي اچڻ: ڇِڪَ اچڻ. ڇِڀي اچڻ. نقصان پوڻ. گهُر ٿيڻ (قرض جي). گهٽو ڪاپو ٿيڻ.

— ڇِڪِيْ پئڻ (ت): نقصان پهچائڻ.

— ڇِڪِي ڏيڻ: ڇِڪَ ڏيڻ. سَٽ ڏيڻ. گهُر ڪَرڻ. زور سان ڇِڪي ٻڌڻ.

— ڇِڪِيُونْ پائي وٺڻ: زورِي ڪسي وٺڻ.

• ڇِڪيارِيْ ج ڇِڪيارِيُونْ: صفت. [ڇِڪَ + ياري < واري] جنهن تي ڇڪتاڻ ڪجي. "اُجارِي پيئندي، ڇِڪياري ڪين پيئندي".

• ڇَڪيو: صفت. مُڙيو — ڇونْڪيو.

• ڇَڪيِروُ (ث): ذ. صفت. ٻئي جو زور — ٽيڪ — همت — مُڙسي.

• ڇَڳو ج ڇَڳا (ث): ذ. صفت. ڇهہ ڏندو (جانور). ڇهن سالن جي ڄمار جو (وهٽ). مڇڳو.

• ڇُڳو ج ڇُڳا (ث): ذ. طُرو (پِتڪي جو) — ڇيڙو.

• ڇُڳاڻي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات (ضلعي لاڙڪاڻي ۾).

• ڇَڳر لاڙڻ: ڳئون، مينهن وغيره جو اوهہ لاڙڻ.

• ڇڳو ج ڇڳا: ذ. صفت. ڇهہ ڏندو (جانور). ڇهن سالن جي ڄمار جو جانور. اُهو ماڻهو جنهن جي هٿ يا پير ۾ ڇهہ آڱريون هجن — ڇاڳو. (ث) ڇيڳِي ج ڇيڳُونْ.

• ڇُڳو ج ڇُڳا: ذ. ميوي جو مُڇو (خصوصاً انگور، ڊاک وغيره جو). تارين يا گلن جو جهُڳِٽو. چوٽو (وارن جو) ويڙهو (سُٽَ جو). موڙُ. ڇَٽُ.

— ڇُڳارو، ڇُڳائون: ذ. صفت. ڇُڳَن وارو. ڇَٽَ وارو.

• ڇُڳِيْ: ث. زناني ڪپڙي جو هڪ قِسم — سُوسِيْ. (تَرُ ڳاڙهو. جدا جدا رنگن جا سنها ليڪا، منجهانئس سُٽڻون ٺاهين).

• ڇُڳير ج ڇُڳيرَ: ذ. صفت. ڇُڳِي وارو. ڇُڳَنِ وارو. موڙ وارو. طُري وارو. ڪَلَنگِيدار. پهلوان — جوڌو. "ڇاڇر ڇڳِيرن، گهور نہ اچي گهاتوئين". (شاهہ ڪريم). ڏٽُل — پسنديده _ سردار — اڳواڻ.

• ڇُڳِيرِيْ: سَرِنهَ جو هڪ قسم.

• ڇَلَ (ڪ): صفت. گهڻو — جَجهو — بي انداز.

• ڇلَ، ڇل ج ڇلَوُنْ، ڇليُونْ: ث. لشڪر — فوج — سپاهہ. مَٽَ مان پاڻي ڪيڻ لاءِ نِڪرَ يا ٽين جو هڪ ٿانءُ — ڪُنْجي — مَگُ.

Gul Hayat Institute

– **چنڊ ڇهَل:** ذ. مَڪر – فريب – ٺڳي. ناز نَخرا. انگل آرا.
– **چنڊ ڦَنڊ:** ذ. ٺڳيون. اٽڪلون. حرفتون.
– **چنڊ ڪرڻ:** مَڪر ڪرڻ – ڊونگ ڪرڻ – چند پکيڙڻ.
– **چنڊ وديا:** ث. هندي شاعريءَ جا اصول ۽ وزن.
– **چنڊ ويچار:** ذ. هندي شاعريءَ جا اصول ۽ وزن.
– **چنڊي ۽ چنڊي:** ذ. صفت. چنڊوارو – مَڪريل. فريبي – دغاباز. ڊونگي – ڦَنڊي – ٺڳُ.
– **چنڊيلو ۽ چنڊيلا (ٿ):** ذ. صفت. فريبي ڊونگي. چالاڪ.
• **چَنڊڻ (ٿ):** مصدر. گيهه جي ٿين جي منهن کي مٽي، ڪپڙي ۽ نوڙيءَ سان بند ڪرڻ.
• **چن ڏاڄهيرو:** اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **چنڊ ۽ چنڊون:** ث. سَنهي بُوندَ – ڦُڙيون. ميِنهَن.
– **چنڊون پوڻ:** ميِنهَن پوڻ – برسات پوڻ. دل کي آٿَت اچڻ.
• **چنڊڪي:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **چنڊڻ ۽ چنڊڻون:** ث. ڪنهن ڍَنڍَ، نهر يا ڪيت منجهان زائد پاڻيءَ جي نيڪال ڪرڻ جي نالي.
• **چنڊڻُ (چَنڊڻُ):** مصدر. انَ کي ڇَڄَ سان صاف ڪرڻ. اُڇلَ ڏيڻ. چنڊي لاهڻ. صاف ڪرڻ. ڇانگڻ. ڪاٺَ ڪُوٺَ ڪري گهٽ ڪرڻ. گهٽ ڪرڻ (ٿولهه). جهَڪو ڪرڻ (بار). اُلٽي ڪرڻ – قَيءِ ڪيڏڻ. ڇِٽڪار ڪرڻ. گهٽي پاڻيءَ جو نيڪال ڪرڻ.
– **چنڊَ:** ث. مصدر. "چَنڊڻ" مان اسم. چنڊڻ جي حالت. چَنڊ ڪو. ڇَٽَ (ٻنيءَ ۾ انَ جي). پاڻَ جي سَنهي ڌَرَ کي پاڇيءَ يا ٻي ڪنهن پوڪ ۾ هارڻ (ٿ). ڇٽڪار. صفائي – اُلٽي – قَيءِ. تنبيهه – جُٽ _ ڌڙڪو داب.
– **چنڊالو ۽ چنڊالا (ڪ):** ذ. ٻهارو – جهاڙُو.
– **چنڊائڻ:** مصدر. "چنڊڻ" مان متعدي بالواسطه. صفا ڪرائڻ. گهٽائڻ (ٿولهه). ڇانگائڻ.
– **چنڊجڻُ:** مصدر. "چنڊڻ" مان فعل مجهول. صفا ٿيڻ. گهٽجڻ. هلڪو ٿيڻ (بار).
– **چنڊچاڻ:** ث. چنڊڦُوڪَ. صَفائي. ڪاٺ ڪُوٺ.
– **چنڊ چاڻ ڪرڻ:** گهٽائڻ. وَڍَ ڪُٽَ ڪرڻ. صاف ڪرڻ. ڪنهن معاملي نسبت جي تَڪَ تور ڪرڻ. چنڊي هلڪائي ڪرڻ.
– **چنڊَ ڦُوڪَ:** ث. صفائي. سُنائي. ٻهاري سُهاري. آڪڙ _ سيِٽَ – آرايش.
– **چنڊَ ڦُوڪَ ڪرڻ:** صفائي ڪرڻ. ٻهاري سُهاري ڪرڻ. صفا ڪرڻ. مِٽِي مَرُ لاهڻ.
– **چنڊَ ڦُوڪيو ۽ چنڊَ ڦُوڪيا:** ذ. صفت. صفائي پسند. فيشن وارو. نفاست پسند.
– **چنڊڪارَ ۽ چنڊڪارُون:** ث. چَنڊَ ڦُوڪَ. صفائي. ڇِٽڪار (پاڻيءَ جي). ڇِنڪار. برسات جي سنهي بُوندَ.
– **چنڊ ڪيڻ:** تنبيهه ڪرڻ – ڌڙڪو ڌَهمان ڪرڻ. جُٽ ڪرڻ. مار ڪيڻ.
– **چنڊَ ڪرائڻ:** گهٽائڻ. هلڪو ڪرائڻ. ڇانگائڻ (وڻ کي).
– **چنڊڪو ۽ چنڊڪا:** ذ. چَنڊڻَ لاءِ ڌنل اُڇل انَ وغيره کي چنڊڻ جي حالت.
– **چنڊِ ڪو ڏيڻ:** مِٽِي وغيره صفا ڪرڻ لا انَ کي ڇَڄَ ۾ اُڇل ڏيڻ – صاف ڪرڻ. ڪورڪي ڪم جو اصطلاح. ٽاڄيءَ ۾ ڪانن جو ڪَسُ ناهڻ.
• **چنڊَ، چنڊَڻ ۽ چنڊڻُون:** ث. ڍَنڍَ، واهَ، نالي، ڪَڏَ، ٻنيءَ وغيره مان. خاص طرح برسات واري وقت ۾ وڌيڪ پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ نالي يا ڪَسِي وغيره.
– **چَنڊڻ چاڻ:** چنڊ چاڻ ڪرڻ. ڪنهن مسئلي جي جانچ ڪرڻ. جانچ جونچ ڪرڻ – غور فڪر ڪرڻ.
– **چنڊِ ٿو ۽ چنڊِ ٿا (ڪ):** ذ. ٻهارو – جهاڙُو.
– **چنڊِ ٽي ۽ چنڊِ ٽِيُون:** ث. مِٽِي وغيره لاءِ ڪاٺيءَ ۾ ٻڌل ڪپڙي ٽڪر (جنهن سان مٽِي ٻيل شين کي چنڊي صاف ڪجي).
– **چنڊي ڇلڻ:** صفا ڪرڻ. هلڪو ڪرڻ. گهٽائڻ (بار). صاف جواب ڏيڻ – انڪار ڪرڻ.
• **چنڊو ۽ چنڊا:** ذ. پاڻيءَ جو ڦُڙو – بُوندَ. قطرو. "جي ٿَنو تَن ٿَنوَرَ جٿن، تہ چنڊي ساڻُ ڇماءِ" (شاهه).
– **چنڊا پوڻ:** الزام لڳڻ. پاڻيءَ جا ڦڙا پوڻ. تهمت لڳڻ.
– **چنڊا وجهڻ:** پاڻيءَ جا ڦڙا وجهڻ. تهمت مڙهڻ – الزام ڌرڻ.
– **چنڊا هڻڻ:** پاڻي چنڪارڻ. وسائڻ – اُجهائڻ. الزام هڻڻ – تهمت مرهڻ.

Gul Hayat Institute

بدمعاش. ڪنجوس (ت).

– **چوڏا لاهڻ:** ڪُلون لاهڻ. مار ڪيڻ. سيڪت ڏيڻ. سڌو ڪرڻ. عيب اُگهاڙڻ. بيعزت ڪرڻ – بدنام ڪرڻ.

– **چوڏوڻڻ:** ڪاٺيءَ ڪي تري يا ڇلي ڪم جي لائق بنائڻ.

• **چوڏي ج چوڏيون:** ث. ٻير جا چوڏا. ڪُلون ڏاڙهونءَ جون (جي رنگ ناهڻ ۾ ۽ دوا طور ڪم اچن) – ڇِل. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (ٻہ قسم ٿين. هڪ 'چوڏي' ويڪري منهن واري ۽ ٻي 'ڪاراسي چوڏي' سنهي منهن واري جا ڪائڻ ۾ لذيذ).

– **چوڏي وجهڻ:** چمڙي رڱڻ لاءِ ٻير جا چوڏا مصالح طور ڪم آڻڻ.

• **چورا (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **چورلو:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **چورو ج چورا:** ذ. اهو ڇوڪر جنهن جو پيءُ مري ويو هجي (ماءُ جي مري وڃڻ تي بہ چورو چوندا آهن. چوڻي آهي تہ "پيءُ مئو تہ سڄو چورو. ماءُ مئي تہ اڌ چورو"). اهو ڇوڪرو جنهن جو پيءُ ماءُ مري ويا هجن. جنهنجو ڪوبہ وارث نہ هجي – يتيم. لاوارث. ڇوڪرو – نينگر (ڪ). (ث). چوري ج چوريون.

– **چوراٺو:** ذ. صفت. چوري ٻار جو – يتيم جو. (ث) چوراٺي.

– **چورڙو ج چورڙا:** ذ. "چورو" مان اسم تصغير. چورو – يتيم. (ث). چورڙي ج چورڙيون.

– **چورو ڇنو ج چورا ڇنا:** ذ. صفت. يتيم. مائٽن مُٺل – جنهن جو ڪوبہ مِٽ مائٽ نہ هجي. لاوارث – نِڌڪو. (ث). چوري ڇني ج چوريون ڇنيون.

– **چوري ج چوريون:** ث. "چورو" جو مونث. اُها ڇوڪري، جنهن جا ماءُ پيءُ مري ويا هجن. ڇوڪري – نينگري.

• **چوري:** ث. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.

• **چوريٺاٽي:** اسم خاص. تعلقي ماتليءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **چوڙَ چوڙ (ث). چوڙُ. چوڙ (ذ):** ڪاوڙ ڪان پيشانيءَ ۾ پيل گهنڊ. گهنج (پيشانيءَ جا). منهن ۾ پيل شورُ. ڦِتَل ۽ سيرُون پيل زمين (جا گهٽي پاڻيءَ جي بيهڪ ۽ سوڪ بعد ٿئي).

• **چوڙَ ج چوڙَ:** ذ. ڇِڙڻ. ڪنهن واهہ يا نديءَ جو ڇيڙو (جو ڪنهن ڍنڍ، واهہ يا سمنڊ ۾ پورو ٿئي. جيئن سنڌو نديءَ جو چوڙ عربي سمنڊ ۾ ٿئي). خلاصُ – اِنزالُ. پيشاب "تاڙا چوڙ". برسات جي پاڻيءَ جو جبل تان وهندڙ وهڪرو. ڪنهن ڪپڙي يا چمڙي ۾ سخت يا پڪو ڇِتو. (صفت). چوڙيندڙ – ڪوليندڙ "ڳنڍي چوڙ روزي چوڙ وغيره."

– **چوڙ ڪرڻ:** نديءَ وغيره جو ختم ٿيڻ. اِنزال ڪرڻ – ڇُٽڻ. پيشاب ڪرڻ.

• **چوڙ ٿر:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **چوڙ ٻراٺو:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **چوڙڪو ج چوڙڪا (ت):** ذ. نوڙيءَ جو ٽڪر (جو ٻتر جي پاسن کي ٻڌڻ ۾ ڪم اچي).

• **چوڙڻ:** مصدر. (پرا. چوڊئي يا چوديئي. سن. چُٽ) ڪولڻ. ڇڏڻ. رسي وغيره سان ٻڌل کي ڇڏائڻ. بند خلاص ڪرڻ. ڇڏي ڏيڻ. هٿڻ (بندوق. توف وغيره). ڪابہ گهوٽيل شيءِ چاٽڻ (ڪ).

– **چوڙائڻ:** مصدر. "چوڙڻ" مان متعدي بالواسطہ ڪولائڻ. ڇڏائڻ – آزاد ڪرائڻ.

– **چوڙي ڏيڻ:** ڪولي ڏيڻ. بنا محنت جي (معاوضو رقم) ڏيڻ. مفت ۾ ڏيڻ(پئسا).

• **چوڙ، چوڙو ج چوڙا، چوڙا:** ذ. ڪنهن چوپائي جانور جي لَتَل ڪَلَ – چمڙو – ڪَلَ – سُڪَل ڪَلَ جهڙي ڪابہ سُڪل شيءِ. ڪاوڙ وغيره ڪان مُنهن ۾ پيل گهُنڊُ – گهنج.

– **چوڙائي، چوڙائي:** ذ. ڪَلُن جو واپاري. چمڙي جو واپاري.

– **چوڙ، چوڙو لاهڻ:** ڪَلَ لاهڻ. مار ڏيڻ. سخت سزا ڏيڻ. جسماني مارڪُٽ ڪرڻ.

– **چوڙي، چوڙي ج چوڙيون، چوڙيون:** ث. ڪَلَ – چمڙو.

– **چوڙي، چوڙي لاهڻ:** ڪَلَ لاهڻ. سخت سزا ڏيڻ.

• **چوڙي:** اسم خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **چُوڪارڻ:** مصدر. صلواة سڳوري يا ڪو ڦيٽو وغيره پڙهي دَمُ ڪرڻ. شوڪارو هڻڻ. ڦُوڪَ ڏيڻ.

– **چُوڪار:** ث. چُوڪارو – شوڪارو – ڦُوڪَ.

– **چُوڪارو ج چُوڪارا:** ذ. شوڪارو. صلواة يا ڦيٽي وغيره جو ڦوڪارو. دعا جو ڦوڪارو – ڦُوڪَ.

• **چوڪَر ج چوڪَريون:** ث. نينگرِ – ڇوڪري.

• **چوڪَرُ ج چوڪَرَ:** ذ. ڇوڪرو – نينگر – ٻارُ – پُٽ.

– **چوڪراتُ ج چوڪراتَ:** ذ. نوجوان – گهرو – لاسيار – لاسڙات.

Gul Hayat Institute

• **چهَـرَ (ل)**: ث. بهانو – مِڪـرُ – مَڪَـرُ – ٺڳي – دولاب – ڇَهَل – لِڪَ – ڇَپُ – ڇُڪَ.

• **ڇُهَـرُ ج ڇُهَـرَ (ل)**: ذ. [سرائڪي] ڇوڪرو – ڇوڪر – نينگَـرُ. (ث). ڇُهَرِ ج ڇُهَرُونْ.

• **ڇهَرِ اوڳرائِيْ**: ث. ڪَـتِي اوڳرائي – ڇارَ اوڳرائي.

• **ڇهڙاٽِپَ**: ذ. ڇمڙِيءَ ڪي ڇهَڪُ ڏيڻ جي حالت.

• **ڇُهْڙَم (ٽ)**: ذ. ڇَمڙِيْ لاهڻ جو ڪم.

• **ڇهَلُ ج ڇهَلَ**: ذ. [سن. ڇَل = مڪر] ڇانْهَـرُ – ڊونگ – مَڪَـرُ – ڇَلُ. (صفت). تکو – تيز رفتار – چالاڪ (ل).

– **ڇهل بازُ ج ڇهل بازَ**: ذ. صفت. ٺڳ – مَڪريل – چالباز – چالاڪ.

• **ڇَهَلائِڻُ**: مصدر. ريبڻ – ٺڳڻ.

• **ڇِهَنْدَ، ڇُهِنْدَ (ت)**: ث. رَهَـڙَ – رُهَندَ – رَڳڙو – خراش – کَـرڙو.

• **ڇهـنْبڻُ (ت)**: مصدر. وڙهڻ. جهـِٽـڪَڻ. ڪاوڙ مان ڳالهائڻ.

• **ڇُهُنْدو ج ڇُهُنْدا**: ذ. رهڙ – رهند – ڦٽ – وڏي ڦرڙي.

– **ڇُهُندو لهڻ**: ڦٽ يا ڦرڙيءَ تان ڪَرِڙي لهي پوڻ.

• **ڇُهنْڪڻُ، ٿهِنْڪَڻُ**: مصدر. ڀُڙڪڻ – ڪِنجهَڻ – کُرڪَڻ. ڪَونْسَ ڪرڻ.

• **ڇُهَڻ**: مصدر. [پرا. ڇُوئِي. سن. ڇُپ] هٿ لائڻ. لائڻ – لڳائڻ.

• **ڇهو**: اسم خاص. تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڇهو ج ڇَها**: ذ. "ڇهن" جو عدد. تاسَ ۾ ڇهن نشانن وارو پتو – ڇڪَ. سنهي ڪاٺي – ڇِنيو. ڪَنْڊَنِ واري ٽاري. ننڍي ٽلِي (ٽ).

• **ڇِهو ج ڇِها**: ذ. نقصان – ڇِيهو.

• **ڇُهو ج ڇُها**: ذ. ڏاڍو واءُ. هوا جو سخت جهونٽو. طوفان. جهَڪَ. پاڻيءَ ۾ لهرين جو جوش. وهڪ جي تک. مينهن جو وسڪارو – اوريْڪَ – ڇُوهو. واءُ ۽ سيءُ جو زور. تِکو واءُ جو برسات وقت لڳي، سمنڊ جي تِک. (صفت). تکڙو – تيز – تِکو. ٿورو ذرو.

• **ڇِهُونْ**: ث. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. ڇيتيون – ڇيهُون – پُرزا.

– **ڇِهُون ڇِهُون ٿيڻ**: ذرا ذرا ٿيڻ. پرزا پرزا ٿيڻ.

• **ڇهْوٽو**: ذ. رسي جي ٿهيل شيءِ جا مينهن يا گهوڙي ڪي پير ۾ ٻڌڻ لاءِ ڪم اچي. ڇهه دفعا (هڪ عدد جا).

• **ڇهِي ج ڇهِيْونْ**: ث. سنهي ٽاري – ڇِنيو. ڇَهو (ل). پاڻي ڳهٽ ڪرڻ لاءِ اَڏَ جي مُنهَن ۾ ڏنل ڪکنِ جا ٽارا – ڪکن جي اَڙَ – ٻَندو – ڇاپَ (ت). جهَلَ – آڏَ – روڪَ.

– **ڇهِي ڏيڻ**: اَڏَ وغيره جي مُنهَن ۾ ڪَکَ ۽ ٽارا ڏيئي پاڻيءَ کي ٻَندو ڏيڻ.

• **ڇُهِي ج ڇُهيُونْ**: ٿوري ذري. تيزي – تک.

– **ڇُهِي ڏيڻ**: ڇيرو ڏيڻ – تکو ڪرڻ (ڪاتي وغيره).

• **ڇَهِي جو ڏهر**: اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ ڏهر جو نالو.

• **ڇٿو ج ڇِٿا**: ذ. ڇيهو – نقصان.

• **ڇُٿو ج ڇُٿا**: ذ. ذرو – هَوَ.

– **ڇُٿا پاڻي ڪرڻ**: دال وغيره کي تمام پَٽِڙو ڪري رڌڻ. لوٽا پاڻي ڪرڻ.

• **ڇِيْ**: ذ. نفرت جو آواز – ٿُو. ڇِي ڇِي – ڇِٽَ. خَيْفُ. چوپائي مال کي پاڻي پيارڻ لاءِ ڇيڪارَ جو آواز. ٻار جو پيشاب (ل).

• **ڇيبَر ج ڇيبَرُونْ (ڪ)**: ث. خبرچار.

• **ڇيبِلو ج ڇيبلا (ت)**: ذ. صفت. ڇِلوِلو – لاڏِلو – اَٺُنْٽِرو. حرڪتي. حَسين – سهڻو – ڇبيلو.

• **ڇِيْبو ج ڇِيْبَا (ڪ)**: ذ. ڇڙِبَ – ڇينبَ – جهَٽَڪَ. وهنجڻ – ٽڙ – غسل (ل).

• **ڇيتِ ج ڇيتُون، ڇيتيُونْ**: ث. ڪاٺيءَ جو سنهڙو ذرو. ڪک جيتري ڇهنبياري ڪاٺي (ڏندن وغيره کوٽڻ لاءِ) ڪـُتَ.

– **ڇيت ڪڍڻ**: هٿ يا پير ۾ لڳل ڪاٺيءَ جو ذرو ڪڍڻ. خرچي يا رشوت طور ڪجهه رقم ڇڏائڻ.

– **ڇيتيون ڇيتيُونْ**: ث. ذرا ذرا – پرزا پرزا. ڇِيهُونْ ڇِيْهُونْ.

– **ڇيتِيُون ڪرڻ**: ذرا ذرا ڪرڻ – پُرزا پُرزا ڪرڻ. ڇيهون ڇيهون ڪرڻ.

• **ڇيتَـرُ ج ڇيتَـرَ**: ذ. ٻڳل ڪاٺي يا پاسيري ڦاڙيل ڪپڙي مان ظاهر ٿيل ڇيتيون. شيشي وغيره جي ڇِلَ. زمين جو اهو ڀاڱو جو چورس يا مستطيل شڪل کان ٻاهر نڪتل هجي. جرَّ ڊِڳي کي هَرِ ۾ وهو ڪرڻ جي حالت (ل). ٺڳي (ٽ).

– **ڇيتراجڻ (ٽ)**: فعل مجهول. ٺڳجڻ. ڦُرجڻ.

– **ڇيترِينْدِي (ٽ)**: ث. ٺڳي – دولاب – دغا.

– **ڇيتِراءُ**: ذ. زيارت جي جاءِ. اها جاءِ جتي ساڌنِ کي ڪاڏو وغيره مفت ملي. بي حِسي.

Gul Hayat Institute

گولي – چيرو. مال کي ڏکڻي ٿيندڙ بيماريءَ جو هڪ قسم.

– **چيرو ڏيڻ:** اوزار کي تِکو ڪرڻ لاءِ روهيءَ تي لائڻ. چيرائڻ – ڪاوڙائڻ.

• **چيڙَ ج چيڙُوْن:** ث. بنا مزوريءَ جي زوري ڪنهن ڪم سان لڳايل ماڻهو. اهو ڪم جو گهڻا ماڻهو بنا مزوريءَ جي لڳائي پورو ڪرائجي (مثلاً واهه جي ڪاٽي وغيره). بيگار، زمينداري سَڏُ (جنهن ۾ هاري بنا اُجوري ڪاٽي وغيره جو ڪم ڪندا آهن). گهڻن ماڻهن جو گڏجي ڪو ڪم ڪرڻ جي حالت. شڪار کي وَرائيندڙ ماڻهن جو ٽولو. وِيَلَ جانور جي پٺيان پيل ماڻهو (ڪ). وراڙو. ٻَچَ – هُشِي. ڪؤنس – چُرچَ – حرڪت. ڪاوڙائڻ يا ٻَرغلائڻ جي حالت. ٻيڙيءَ ڇِڪڻ جو رَسو.

– **چيڙچاڙَ:** ث. حرڪت – ڪؤنس. هَٽ ُ ڪَس.

– **چيڙچاڙ ڪرڻ:** حرڪت ڪرڻ – هٽ ڪس ڪرڻ. ڪاوڙائڻ لاءِ چورڻ.

– **چيڙ چوڙَ ڪرڻ:** گهڻا ماڻهو وٺي چڙهائي ڪرڻ. زبردست حملو ڪرڻ.

– **چيڙ ڳرائڻ:** ڪنهن راڄوٽي ڪم تي بيگر ۾ ماڻهن جو ٽولو وٺي وڃڻ. گهڻن ماڻهن کان ٻَچَ يا جماع ڪرائڻ.

– **چيڙَ ڪرڻ:** ٻَچَ ڪرڻ. حرڪت ڪرڻ – ڪَؤنَس ڪرڻ.

– **چيڙَ وهائڻ:** بيگر وهائڻ – زوريءَ ڪم وٺڻ.

– **چيڙو ج چيڙا:** ذ. صفت. چيڙَ ۾ وهندڙ – بيگر ۾ وَهندڙ – بيگاري – وَنگاري. مفت پورهيو ڪندڙ.

• **چيڙڻُ:** مصدر. چُراند ڪرڻ – حرڪت ڪرڻ. هَٽَ ڪَس ڪرڻ. چورڻ. ڪاوڙائڻ. خَفي ڪرڻ – سَتائڻ – تنگ ڪرڻ. ٻَچَ ڪرڻ – هُشِي ڏيڻ. چوپائي مال کي چارڻ لاءِ جهنگ ڏي ڪاهڻ – پهرائڻ. وَڄائڻ (ساز). شروع ڪرڻ (آلاپ، گفتگو). بيٺل پاڻيءَ ۾ واهه جي ڪاٽي ڪڻڻ (ل).

• **چيڙو ج چيڙا:** ذ. ٻَڇاڙي. پوڇڙ – پُڇڙي. ٻَنڪي جو طُرو – بيگاري ماڻهو– مفت ۾ ڪم ڪرڻ وارو "خانواهُ جو چيڙو".

– **چيڙو ڇڏائڻ:** ختم ڪرڻ. آخرين فيصلو ڪرڻ – نِبيرو ڪرڻ.

– **چيڙو ڇڏڻ:** جند ڇڏڻ. واسطو ٽوڙڻ. سانگو ڇڏڻ. آسرو لاهڻ. ٻَنڪي جو پُوڇڙُ ڇڏڻ. طُرو ڇڏڻ.

• **چيڙهڻْ (ل):** مصدر. چيڙڻ. چراند ڪرڻ. حرڪت ڪرڻ. چيڙائڻ.

– **چيڙَهُ:** ث. چُر – ڪؤنس – ڪُنْڏ – چيڙ.

– **چيڙيْ نِبيرِيْ ج چيڙيُونْ نِبيرِيُونْ:** ث. راڄوٽي معاملن جو نياءُ – انصاف – نبيرو – پنچاتي فيصلو.

– **چيڙي نبيري ڪرڻ:** راڄوٽا فيصلا ڪرڻ. نبيرا ڪرڻ.

• **چيڪارڻُ:** مصدر. چوپائي مال کي پاڻي پيارڻ لاءِ 'چِي چِي' جو آواز ڪرڻ. ڪاهڻَ يا هڪلڻ جو آواز.

• **چيڪَ:** چوپائي کي چَرڻ وقت پير ۾ ٻَڌَل رَسِي. ڦيٿي کي مضبوط رکڻ لاءِ چاٻي. رڪاوٽ – رُخنو.

• **چيڪُ:** ڪُليلَ – آزاد – ڇُڙواڳ.

– **چيڪُ چَرڻ:** چوپائي جو ٻنيءَ ۾ آزاديءَ سان چَرڻ – آزاديءَ سان گهمندو ڦرندو رهڻ.

– **چيڪ ڇڏڻ:** چوپائي کي ٻَنيءَ ۾ چُرڻ لاءِ آزاد ڇڏي ڏيڻ. هر قسم جي آزادي ڏيئي ڇڏڻ. ڇُڙواڳ ڇڏي ڏيڻ.

– **چيڪارو ج چيڪارا:** ذ. اهو وَهَٽُ (ڍڳو وغيره) جنهن کي 'چِي چِي' ڪري پاڻي پيارجي. 'چِي چِي' جي آواز تي پاڻي پيئندڙ وهٽ. (ث). چيڪاري ج چيڪاريُونْ. "اُڃارِي پيئنْدِيْ، چيڪارِي ڪانہ پيئندي." (چوڻي).

• **چِيْڪارو ج چِيڪارا (ٿ):** ذ. نَر هرڻ.

• **چيڳاڻِ (ڪ):** ظرف. ڄاڪاڻ – ڄا لاءِ – ڄي لاءِ.

• **چيڪائُو:** ذ. صفت. چِڪِيندڙ – ڳِهْليندڙ. گهڻو تماڪ چِڪيندڙ – چيڪُو – جِجا – ٻَنْدُ – ٻَنْدِيْ لائي ويهندڙ. سِراڻِ. اهو گڏهه يا گهوڙو جو چڪائڻ کان سواءِ نہ هلي.

• **چيڪڙائُو ج چيڪڙائُو:** ذ. صفت. طالبو – گهورو – مُدَعِيْ – طالب – اُميدوار.

• **چيڪو ج چيڪا (ٿ):** ظرف. يڪدم – جلد – ترت – جهٽ پٽ. (ذ). چِهَڪُ – وَدُ "پاڪيءَ سان چيڪو ڏنل اٿس."

• **چيڪُو ج چيڪُو:** ذ. صفت. تماڪُ چِڪيندڙ. ٻانڊاڻي (چلم جو). طالبو – اميدوار – گهورو – سيڪڙو. (ذ) بيل گاڏيءَ جي پيرن کي چِڪيندڙ ۽ سَرائِيءَ کي قابو جهليندڙ ڪاٺي (ت).

• **چيڪُونْ (ت):** ث. وارن جي ڳِنَڍِ ـ مِينْڍِي.

• **چيڳِرو ج چيڳَرا:** ذ. صفت. گدلو – ميرو – ڪِنو. اَلْبيلو – چِلوِلو – حرڪتي – شرير. (ث). چيڳِرِيْ ج چيڳِرِيُونْ.

Gul Hayat Institute

• **چيٽو ج چيٽا:** ذ. چوپائي مال جو ڦوسو – گوبر. ڳوهو – تاڇَ. سُڪَل ڦوسِي. ياڻُ.

– **چيٽا پورُ ج چيٽاپورَ:** ذ. صفت. ٻن کي ويڙهائيندڙ – لائِي چائِي ڪندڙ – فساد وجهائيندڙ. منافق – فتنہ انگيز.

– **چيٽاپورڻ:** جهيڙو وجهائڻ. لائي چائي ڪرڻ. ويڙهائڻ. منافقي ڪرڻ "چيٽا پور تہ لٽ لڳي." (چوڻي). فِتْنو اٿارڻ.

– **چيٽا ڪيڻ:** ننڍي جانور کي پالڻ.

– **چيٽي پور پورو:** ذ. صفت. ڏسو "چيٽاپور."

• **چيٽِهار:** اسم خاص. ٿرِ ۾ هڪ ماڳ جو نالو.

• **چيٽِي ج چيٽيُونْ:** ث. [سن. ڇِدْ = سوراخ ڪيڻ. ڇِدْرُ] هڪ قسم جو اوزار ڏانَد ٻَڇِي لوهِيْ ڇَپَرَ جا لوهہ وَڍِڻ يا ڪائين ڦوڙِڻ ۾ ڪم اچي].

• **ڇِيو ج ڇِيا:** ذ. ڇِيهو – نقصان – ٽوٽو – ضَرَرُ.

• **چيهہُ ج چيهہَ:** ذ. پڇاڙي – آخر – انتها – پُڄاڻي. ڏَنگُ – حدّ – نهايت. وڍُ – چيرُ – زخم – ڇِهَڪَ.

– **چيهہَ ڇِجَڻ:** بيوس ٿيڻ. حوصلا خطا ٿيڻ. سڀ اميدون آسرا لاهڻ. بي همت ٿيڻ.

– **چيهہُ ڪرڻ:** ڏنگ ڪرڻ. حدّ ڪرڻ. وس مان نہ گهٽائڻ. انتها تي پڄائڻ. پوري پوري ڪوشش ڪرڻ. سموري طاقت خرچ ڪرڻ.

– **چيهہَ ڪري ڇڏڻ:** حد ڪري ڇڏڻ. ڪنهن ڪم ۾ وِنْهَن ئي نُنْهَنِ جو زورُ لائڻ. حيرت ۾ وجهڻ جهڙو ڪم ڪرڻ. ڪمال ڪري ڏيکارڻ.

• **ڇِيهَڙُ ج ڇِيهَڙَ:** ذ. سُگهَڙِ پائي – صفائي – سٺائي – هوشياري – چالاڪي – لياقَت – صلاحيت.

• **چيهِڙو ج چيهڙا (ٿ):** ذ. فوتيءَ جي مُنْهَن ڍِڪِڻ لاءِ پَلاندُ.

• **چيْهَلَ ج چيْهَلُونْ:** ث. صفت. سهڻي عورت – حسين.

• **چِيْهَلُ ج چِيْهَلَ:** ذ. سهڻو مرد. هَرَڻُ "ڇَمِ ڇِيْهَلُ = هرڻ جهڙيون اکيون." سِڄ.

• **چيهَلو ج چيهَلا (ٿ):** ذ. صفت. سيني کان پوين. پڇاڙيءَ وارو. آخري – پڇاڙي – ڏنگُ.

• **ڇِيْهَڻُ:** مصدر. [سن. ڇِدْ = ڇنڻ] وڍڻ – ڦاڙڻ – ڪَپِڻ.

• **ڇِيْهو ج ڇِيْها:** ذ. خسارو – نقصان – ٽوٽو – گهاٽو – زيان– پڇاڙي – حد(ٿ).

– **ڇِيْهو پائڻ:** نقصان سهڻ. نقصان وجهڻ.

– **ڇِيْهي کان نڪرڻ (ٿ):** نقصان کان بچڻ. بيهوش ٿيڻ. سخت ڪاوڙجڻ.

• **ڇِيْهُونْ ڇِيْهُونْ:** ث. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ. ذرا ذرا – ٽڪرا ٽڪرا – پرزا پرزا.

– **ڇِيْهُونْ ڇِيْهُونْ ڪرڻ:** ذرا ذرا ڪرڻ. پرزا پرزا ڪرڻ.

• **ڇِيٺُو ج ڇِيٺا:** ذ. ڇِيْهو – ٽوٽو – نقصان.

Gul Hayat Institute

# ح

• **ح:** ث. [ع] سنڌي "الف ب" جو سترهون، عربي "الف بي" جو ڇهون اکر. (اُچار، حائي حُطِيُ) ابجد موجب عدد اَٺ. عِلمِ نُجُوم موجب هِن جي شڪل بُرج قَوس جهڙي آهي.

• **حاتِمُ:** اسم خاص. [ع. حَتَمَ = فيصلو ڪيو] عربستان جي هڪ مشهور سخي مرد جو نالو. سخي – داتا – تمام گهڻو سخي.

– **حاتم جي قبر کي لت هڻڻ:** حاتم کان به وڌيڪ سخي بڻجڻ (ٽوڪ).

– **حاتم طائِي:** اسم خاص. حاتم جيڪو سخي مرد مشهور آهي اهو "طيءِ قبيلي" جو سردار هو. انهيءَ ڪري ڪيس حاتم طائي (يعني طيءِ قبيلي وارو حاتم) ڪري سڏيندا آهن.

• **حاجَ ج حاجُون:** ث. [ع. حَاجَة جو مُخَفف] حاجَت. احتياج – گهرج – ضرورت – طلب – مُدعا – خواهش.

– **حاجَ لاهڻ، حاجَ لاهي ڇڏڻ:** سيڪت ڏيڻ.

– **حاجَ هُجڻ:** اجا ٿورو ڪم رهيل هجڻ. ٿوري حاج رهجي وڃڻ.

• **حَاجُ:** ذ. صفت. [ع. حَجَّ = حَجُ ڪيو] حَجُ ڪرڻ وارو – حاجِي. زِيارتِي.

• **حاجِبُ ج حَاجِبَ:** ذ. صفت. [ع. حَجَبَ = هن روڪيو] دربان – نگهبان – چوبدار – چوڪيدار – پاسبان – داروغو. پرده دار. خدمتگار – خادم اک جو پرون – ابرو.

• **حاجَت ج حاجات:** ث. ضرورت – غرض – مطلب – گهرج – کاپو – احتياج. قسوّت – خواهش – چاهه. جاءِ _ برابري – پچڻ جي جاءِ _ پُڄَت. جيئن چئجي: "ڪنهن جي بہ هن سان حاجت نہ آهي وغيره". ڪم آرزو – اُميد – آسَ – تَمَنّا – مُراد – اِلتجا – نيازمندي.

– **حاجَتَ بَرآرِي:** ث. [حَاجَتَ + بَر + آوردن = ضرورت پوري ڪرڻ] ڪنهن جي ضرورت پوري ڪرڻ جي حالت.

– **حاجَت خواهه:** ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ سوال ڪرڻ وارو – سوالِي – سائل – محتاج.

– **حاجَت رَفَعَ ڪرڻ:** ڪنهن ڪم جي پوئواري ڪرڻ. ضرورت پوري ڪرڻ. ڪاڪوس ڪرڻ.

– **حاجَت رَوا:** ضرورت پوري ڪرڻ وارو.

– **حاجَتَ رَوائِي:** ث. [حاجَت + روائِي = ضرورت پوري ٿيڻ] ضرورت جي پورائي – مطلب جي تڪميل. مُشڪل ڪُشائِي – ضرورت پوري ٿيڻ واري حالت.

– **حاجَتَ ضَرُورِي:** ث. ضروري ڪم (خاص ڪري ڪاڪوس جو خيال).

– **حاجَتمَنُدُ:** ذ. صفت. [ف. حاجت + مند] گهُرجائُو – ضرورت وارو – غرض مند – خواهش مند – آساوَند – اُميدوار. مُحتاج – مُفلس – تنگدست – تنگ حال – بُکيو – سُڃو – ڪُنَلُ.

– **حاجَت منُدِي:** ث. [حاجَتُ + مَندي] ضرورت – گهرج – طَلَب – احتياج – غرض – مطلب.

– **حاجَتِي ج حاجَتِي:** ذ. صفت. حاجَت وارو – گهُرجائُو – ضرورتمند – حاجتمند – عرضمند – آسائو بيمار لاءِ کَٽ يا پلنگ وٽ پيشاب ڪرڻ لاءِ رکيل ٿانءُ.

• **حاجِيُ ج حاجِيُ – عربيءَ ۾ ج حُجاجُ:** ذ. [ع. حَاجِيُ] ڏسو "حاجُ". حَجُ ادا ڪرڻ وارو – حَج ادا ڪري آيل مسلمان – زِيارتِي – پانڌيئڙو – مسافر. بزرگ – ٻلارو (ث. حاجِياڻِي ج حاجِياڻِيُونَ).

• **حاجِيُ الْحَرَمَيْنِ:** ذ. صفت. ٻن حَرَمَنُ يعني مَڪي ۽ مَديني جي پاڪ جاين جي زيارت ڪري اچڻ وارو (هر هڪ حاجي مڪي ۾ ڪعبة الله جي زيارت ڪانپوءِ يا اڳ، سهولت آهر مديني مُنوره ڏي ويندو آهي).

Gul Hayat Institute

• **حاجِياڻا**: اسم خاص. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **حاجي پوٽا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه، حيدرآباد ۽ سکر ضلعي ۾).

• **حاجي پُور**: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **حاجي خانُ**: اسم خاص. ضلعي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو (حاجي خان لغاري جي نالي سان).

– **حاجيڙو (ڪ)**: ذ. وڻ جو هڪ قسم (ٻيِرَ جهڙو).

• **حاجي شاهُ**: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **حاجي ڪَرم عَلي**: اسم خاص. تعلقي ماتلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **حاجي ڪورائي**: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **حادِثُ**: صفت. [ع. حَدَثَ = ٿي پيو] نئين طرح وجود ۾ اچڻ وارو – نئون پيدا ٿيل – نئين شيءِ جا اڳ ۾ وجود ۾ نه هجي – هاڻي شروع ٿيل – جديد – تازو. فنا ٿيندڙ (جيڪا شيءِ وجود ۾ آندي ويئي آهي، اها لازمي طور فنا ٿيڻ واري آهي). زوال کي پهچندڙ – فاني. ڪِنايَةً ”مخلوق“ (يعني جيڪا شيءِ خلقي ويئي، آهي جهڙوڪ: زمين، آسمان، انسان، حيوان وغيره) – قديم جو ضدّ.

– **حادِثو ج حادِثا**: ذ. [ع. حادِثَه: حادِثُ] واقعو – سانحو – صدمو – تصادم – اتفاق. ڪنهن ڪم جي اوچتي رَنجَ ڳَڏيل واردات – اِتفاقي واقعو. ماجرا – قِصو – پَچاڙي – نتيجو.

• **حاذِقُ عربي ۾ ج حُذّاقُ**: ذ. صفت. [ع. حَذَقُ] تمام هوشيار – قابل – ماهر – ڄاڻو – ڪامل – فن جو اُستاد – ڪاريگر – هُنرمند – هُنرائتو – تجربيڪار – آزمودگار – سياڻو – ڏاهو – ڀڙُ – سُڄاڻُ سمجهو – داناءَ – ذهين – زِيرڪُ – چالاڪ – چِترُ. علاج ڪندڙ – حڪيم – ويد (هيءُ لفظ فقط حڪيمن جي تعريف لاءِ استعمال ۾ ايندو آهي).

• **حارُ**: ذ. صفت. [ع. حَرارَة] حرارت وارو – گرميءَ وارو – گرم (ت).

• **حارِجُ ج حارِجَ**: ذ. صفت. [ع. حَرَجَ] روڪيندڙ – آڏو ايندڙ – تنگ ڪرڻ وارو.

• **حاسِبُ**: ذ. [ع. حَسبَ] رقمن جو حساب ڪتاب ڪرڻ وارو – اڪائُونٽنٽ – خزانچي.

• **حاسِدُ**: ذ. [ع. حَسَدَ = هُن ساڙُ ڪيو] حَسدُ ڪرڻ وارو – ساڙيَلُ ـ مَسهُو – جيڪو ٻئي کي نه سَهي.

• **حَاسَّهُ**: ث. [ع. حَسّ = محسوس ڪيو] محسوس ڪرڻ واري قُوَت يا سگهه – احساسُ.

– **حَاشَا**: ث. [ع]. پناهه! ڪڏهن به نه! هرگز نه! بلڪل نه! انڪار ۽ ترديد لاءِ هڪ قَسَم کڻڻ جو نمونو.

– **حَاشَا ثُمَّ حَاشَا**: ظرف. هرگز نه. هرگز نه.

– **حَاشَا لِلرَّحمٰن**: ڪنهن به ڪم نه ڪرڻ جو عهد ڪرڻ، قَسم کڻڻ لاءِ لاعلمي ظاهر ڪرڻ جي موقعي جو لفظ. خدا نه ڪري! خدا جي پناهه! هرگز نه.

– **حَاشَاللّٰه**: ظرف. ڏسو ”حاشا لِلرَّحمٰن“.

– **حَاشَا وَ ڪَلّا**: ظرف. هرگز نه – ڪڏهن به نه – بلڪل نه – ڪجهه به ٿي پوي ته نه.

• **حَاشو ج حَاشَا**: ذ. [ع. حاشِيَه = ڪنارو] پاسو – وَٽ ـ سِنجاف – ڪتاب يا ورق جو چئني پاسن کان خالي ڇڏيل حصو – پني جي پاسي تي ڇڏيل جاءِ (جنهن تي تبصرو لکيو وڃي). ڏنِي – ڪَپُ – ڪِناري – حاشِي. سنڌي ڏِکي تويءَ جي پِرت پريل ڪِنار. لَڪڻ جو هڪ قِسم – نيتُ – معنيٰ – جاڻ – خبر – ڏونگيو (ث). آمدني.

– **حَاشِيُ**: ث. [ع. حَاشِيَة = ڪِنارو] ڪتاب يا ڪاغذ ۾ لکيت کان آجو ڪنارو – حاشو – وٽ ـ پاسو.

– **حَاشي چاڙهڻُ**: وَٽ لَڳائڻ – ڪنهن ڪتاب تي شرح لکڻ – ڪنهن ڳالهه کي وڌائي بيان ڪرڻ – مرچ مصالحي سان بيان ڪرڻ.

– **حَاشِي ڇڏڻُ**: لکڻ وقت ڪاغذ تي پاسن کان ڪجهه خالي جاءِ ڇڏڻ.

– **حَاشِيو ج حَاشِيا**: ذ. حاشِي.

– **حَاشِيَہ نَشِينُ**: ذ. صفت. مُعزز مُلازم – هر وقت خدمت ۾ رهڻ وارو – مُصاحبُ – گَڏُ رهڻ وارو.

• **حاصِل حَاصُلُ**: ذ. [ع. حاصِل] ڪنهن شيءِ جي بچت – بقايا – روڪڙ – نقدي. آمدني – پيدائش – اُپت – پيداوار

Gul Hayat Institute

(پوک جي). عيوض – نتيجو – ڦَلُ. وڪرو. فائدو – لاڀ – نفعو – سُودُ – پراپت – سرسي – مطلب – مقصد – ارٿ – متن. هٿ ۾ هئڻ جي حالت – مالڪي – قبضو. حصي ۾ آيل – پڙ پيَلُ – پهتل – پَلئہ پيَلُ.

– **حاصِلات ج حاصِلاتُون:** ث. آمدني – اُپت – حصي ۾ آيل پاڳو – لاڀُ – پراپت – پيدائش. فائدو – نفعو – سُود – ڏَنُ – مال – ملڪيت – قبضو – ڍل. حَقابو.

– **حاصِلات ٿيڻُ:** پلئہ پوڻ – حاصلُ ٿيڻ.

– **حاصِلُ مَصْدَر:** گرامر ۾ اهو مصدر جنهن منجهان حاصل ڪيل لفظ، جيڪو معنيٰ ۾ مصدر وانگر آهي، مگر نشاني "ڻ" جي ڪانہ هوندي اٿس ۽ نہ وري مصدر وانگر ان مان ڪي بہ بيا صيغا نڪري ٿا سگهن. انهيءَ ڪي "مصدر ترڪيبي" چوندا آهن. جيئن "ڏِڪڻُ" منجهان "ڏِڪَ" "لِکڻ" منجهان "لِيکَ" ۽ "پهچڻ" منجهان "پُهچَ".

– **حاصِلُ ٿيڻُ:** هٿ اچڻ – ملڻ (ڪنهن شيءِ جو) – قبضي ۾ اچڻ – وصول ٿيڻ. فائدو ٿيڻ – پڙ پوڻ – پراپت ٿيڻ.

– **حاصِلُ ڪرڻُ:** هٿ ڪرڻ – وٺڻ – قبضي ۾ ڪرڻ – پاڻ وٽ آڻڻ. لهڻ – ڪمائڻ – اُپائڻ – پيدا ڪرڻ – گڏ ڪرڻ – جمع ڪرڻ.

– **حاصِلُ ڪلامُ:** ظرف. مطلب تہ – القصہ – الغرض – خلاصہ ڪلام – خلاصہ مطلب – آخر – آخرڪار – نيٺ – نيٺان نيٺ.

– **حاصِلُ مَطلب:** ظرف. مطلب تہ آخرڪار – نيٺان نيٺ – حاصل ڪلام.

• **حاصلاڻي (ث):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **حاضِرُ ج حاضِرَ:** ذ. صفت. [ع. حاضِرَ = هو موجود هو] اڳيان هجڻ جي حالت – موجود. اڳيان – سامهون. پيش – روبرو – مُقابل – تيار – سنبريل. هَڪيو تَڪيو – ٿيڻ لاءِ هَڪيو. خوشيءَ سان ڪم ڪرڻ وارو – خواهان – خواهشمند – راضي – خوش – رضامند – آماده. جيئن چئجي ائين – صحيح – ٺيڪ – برابر – هائو. "جيئن، حاضر سائين!" جلد – جهٽ پٽ – يڪدم – هاڻي جو هاڻي. هلندڙ – هاڻوڪو – موجوده حال (وقت). گرامر موجب هڪ ضمير جو نالو – "ضمير حاضر" (تون، توهان، توهين).

– **حاضِرات ج حاضِراتُون:** ث. جنن ڀُوتن کي گهُرائڻ يا گڏ ڪرڻ جو ڪم يا حالت. هنيلن تي ضابطو رکڻ يا انهن تي حڪومت هلائڻ جي حالت. جنن ڀُوتن کي قبضي ۾ رکڻ جي طاقت. مُراقبي ۾ ويهڻ جي حالت ۾ روحاني ڪشش. جن ڪيندڙ (ڀوپي) جي اڳيان جنّ ڪيڻ وقت نذراني طور لوبان، ڌوپ، خوشبوءِ وغيره. زبردست هَستيون.

– **حاضِرات ڪرڻُ:** جنن ڀُوتن کي گهُرائي ڪنهن ڳجهہ بابت پُڇڻ.

– **حاضِراتي:** جنن ۽ ڀُوتن کي سڏائڻ وارو عامِلُ – ڀوپو.

– **حاضِران حُضُورُ:** ذ. صفت. هر هنڌ حاضر – هر وقت حاضر – هر جڳهہ موجود – حاضر ناظر.

– **حاضِرُ ٿيڻ:** موجود ٿيڻ – پيش ٿيڻ – تيار ٿي اچڻ. پيدا ٿيڻ. شامل ٿيڻ.

– **حاضِرُ جَوابُ:** ذ. صفت. يڪدم معقول جواب ڏيندڙ – ٺَهہ ٺَهہ مناسب جواب ڏيندڙ – بنا دير سوال جو موزون جواب ڏيندڙ. چَتُر – چالاڪ.

– **حاضِرُ جَوابُ ڏيڻ:** اُتي جو اُتي موزون جواب ڏيڻ – ٺَهہ ٺَهہ جواب ڏيڻ.

– **حاضِرُ جَوابي ج حاضِرُ جَوابيُون:** ث. يڪدم صحيح ۽ معقول جواب ڏيڻ جي لياقت.

– **حاضُرُ رهڻُ:** موجود رهڻ.

– **حاضِرُ شَرمُ:** ذ. صفت. زبان تي مُهر لڳل. فضيلت وارو. حضور شرم – لَڄارو – شرميلو – حياءَ وارو – جيڪو حياءَ ۽ شرم کان ڪجهہ ڪُڇي نہ سگهي.

– **حاضِرُ ضامِنُ:** ذ. صفت. وارنٽ پهچڻ کان اڳ، جوابدار جو ڪورٽ ۾ پهچي ڏنل ضامن.

– **حاضِرُ ڪرڻُ:** موجود ڪرڻ – پيش ڪرڻ – اڳيان ڪرڻ – روبرو آڻڻ. ڏيڻ (ڪا شيءِ سوکڙي يا نذراني طور) – پهچائي ڏيڻ.

– **حاضِرُ ناظِرُ:** ذ. صفت. هر هنڌ موجود رهندڙ ۽ ڏسندڙ (خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو).

– **حاضِري ج حاضِريُون:** ث. اڳيان رهڻ جي حالت – روبرائي – سَنمُکائي. پيشي – ڪورٽ يا عدالت ۾ پيش ٿيڻ –

Gul Hayat Institute

شُنوائِي. مُلاقات. چاڪِري – خدمت. ماڻهن جو ميڙ – ڪَٽَ – مجموع. واپارجي اصلاح موجب حاضرسال (ڏيهي).

– **حاضُري پُڪارَڻُ:** حاضر هجڻ جي پَڪَ ڪرڻ لاءِ نالا پُڪارڻ يا وٺڻ.

– **حاضُري پِرڻُ:** موجود ٿيڻ – موجودگيءَ جو ثبوت پيش ڪرڻ – پيش ٿيڻ. حاضر ٿيڻ. روبرو ٿيڻ – سامهون ٿيڻ. حاضريءَ جي ڪتاب ۾ حاضر ماڻهن جي داخلا ڪرڻ. خدمت ڪرڻ – حاضري ڏيڻ – خوشامد طور هر هر وڃڻ – ڪاڻِ ڪڍڻ.

– **حاضِري پَوَڻُ:** ڪنهن ڏوهيءَ ڪي ڪنهن خاص مقرر ڏينهن تي ٺاڻي ۾ يا ڪورٽ ۾ شنوائي جو ڏينهن مقرر ٿيڻ.

– **حاضِريءَ جو نَقشو:** ملازمن جي موجودگيءَ جي داخلا جو ڪتاب يا ڪاغذ – مَسْٽَرول – حاضريءَ جو ڪتاب.

– **حاضِري ڏِيڻُ:** موجود رهڻ – اڳيان رهڻ – موجودگيءَ جي ثابتي ڏيڻ – خدمت ڪرڻ – نوڪري ڏيڻ.

– **حاضُري لَڳائِڻُ:** نوڪري لڳائڻ – حاضري پرڻ.

– **حاضُري کائِڻُ:** نيرن ڪرڻ – صبح جو ناشتو ڪرڻ.

– **حاضُري ۾ رَهَڻُ:** هردم موجود رهڻ – خدمت لاءِ هر وقت تيار رهڻ.

– **حاضُري وٺَڻ:** حاضري پُڪارڻ – نوڪريءَ جو ڪم ڪرائڻ – سيڪت ڏيڻ.

– **حاضِرِيْن:** ذ. (حاضر جو جمع سالم) حاضر ٿيل ماڻهو – مُتوَجِّہ ٿيڻ وارا – مجلس يا محفل ۾ سڀ شريڪ ٿيل ماڻهو – جلسي جا موجود ماڻهو.

• **حَاطو ج حَاطَا:** ذ. [ع. حَاطَ = هُن گهيرو ڪيو] ڪنهن جاءِ جي چوڌاري ڏنل نندي پٽ جي اندران آيل ميدان – اڱڻ – آڳَـنْدُ – پَڌر – ميدان – احاطو يا گهيرو.

• **حَافِظُ ج حَافِظَ:** ذ. [ع. حَفِظَ = هن ياد ڪيو، بچايو] حفاظت ڪندڙ – سنڀاليندڙ – نگهبان – پاسبان – راکو – چاري – سانديندڙ – بچائيندڙ – پناهه ڏيندڙ. ڌڻي – وارث – مالڪ. قرآن شريف کي برزبان ياد ڪندڙ – ياد حافظ. جيئن ته قرآن شريف کي انڌا ماڻهو گهڻي انداز ۾ ياد ڪندا آهن، تنهنڪري محاوره ۾ "حافظ" جي معنيٰ بعضي بعضي "انڌو" بہ ورتي ويندي آهي.

– **حَافِظُ حَقِيْقِيْ:** ذ. صفت. اصلي نگهبان – خدا تعاليٰ.

– **حَافِظو:** ذ. اندرين ۽ ٻاهرين حواسن جي چُرپُر کي دماغ ۾ محفوظ رکندڙ قُوَت – ياد رکڻ جي قُوَتَ – چيتو – يادگيري – يادآوري – يادگيرو.

– **حَافِظْ (حَافِظَہ) ث.** اها عورت جيڪا قرآن شريف حِفظ ڪري (برزبان ياد ڪري) – حافِظياڻِي.

• **حَاڪِمُ ج حَاڪِمَ:** ذ. صفت. [ع. حَڪَمَ = هن فرمان ڪيو] حڪم هلائيندڙ – فرمانروا. حڪومت ڪندڙ – سردار – بادشاهہ – راجا – سلطان – والِي. آقا – مالڪ – ڌڻي – فيصلو ڪندڙ – آچاري – مُنْصِفُ – قاضي – مفتي – جج – ناظر.

– **حَاڪِمِ اعْليٰ:** ذ. وڏو آفيسر – وڏو عملدار – سلطان – شهنشاهہ – خداوند تعاليٰ (احڪم الحاڪمين – حاڪمن جو حاڪم).

– **حَاڪِمانَہ:** صفت. حاڪم جو – امير جو – اميراڻو – شاهاڻو – شاهي – حاڪماڻو.

– **حَاڪِماڻو ج حَاڪِماڻَا:** ذ. صفت. حاڪم جو – حاڪم وانگر – اختياريءَ وارو – فوجداري – نادري – شاهاڻو. دٻدٻي وارو – مان شان وارو. (ذ) وڏ ماڻهپي – ٽيڪر. ث. حاڪماڻِي ج حاڪِماڻيُون.

– **حَاڪِمِ بَالا:** ذ. وڏو عملدار – مٿانهون حاڪم – حاڪم اعليٰ – سلطان – شهنشاهہ – خداوند تعاليٰ – بادشاهہ حقيقي – فرمانروائي حقيقي.

– **حاڪم جي اڳياڙي، گهوڙي جي پڇاڙيءَ کان بچڻ:** حاڪم اڳيان هرويرو هر هر وڃڻ ۽ گهوڙي جي پٺيان هر هر اچڻ ۾ هميشہ خطرو هئڻ.

– **حَاڪِمِ وَقتُ:** ذ. صفت. موجوده وقت جو حاڪم – موجوده حاڪم – بَرسَر اقتدار.

– **حَاڪِمِيْ:** ث. حڪومت – سرڪار – راڄ – صاحبي – بادشاهي – سرداري – نوابي – حڪمراني – وڏيرپ.

• **حَالُ ج اَحوالُ:** ذ. [ع. حَالَ = گذري ويو] هلندڙ وقت (جيڪو اڃا گذريو نہ هجي) – ماضي ۽ استقبال جي وچ وارو وقت. گرامر موجب ٽن زمانن مان هڪ زمان (ماضي – حال – مستقبل). حالت – گت – ڪيفيت. پُڄندي – حيثيت –

Gul Hayat Institute

طاقت – زور – پهچ – دم. ذڪر – ماجرا. احوال – بيان – حقيقت – خبرچار. طريقو – طور. محويت جي حالت. وَجد جي حالت. محبت اِلاهي جو جذبو. بيخودي – مَستي – رِقت – وَجد. (ظرف). هينئر – هن وقت – هاڻي – يڪدم – فِي الحال – اجا – اجا تائين.

– **حَالا:** ظرف. هاڻي – هينئر – هن وقت – موجوده وقت.

– **حالانڪ:** ظرف. درحاليڪ – باوجوديڪ – انهيءَ هوندي بہ.

– **حَالَ اَچِڻُ:** وَجدُ اچڻ. جوش غالب پوڻ. جذبو اچڻ. مستي چڙهڻ (محبت اِلاهي جي). مجذوب ٿيڻ. بيخود ٿيڻ (راڳ يا بيو ڪو نُڪتو ٻڌي).

– **حال احوال:** خبر چار – ضرورت يا مقصد واري ڳالهہ. پورو داستان. سڀ خبرون. ڳالهہ ٻولهہ.

– **حالَ احوال ڪان نڪرڻ:** ڪنهن ماڻهوءَ جي حالت خراب افعالن ڪري چٽ ٿيڻ – بيڪار ٿيڻ. دين دنيا ڪان نڪرڻ.

– **حال احوال وٺڻ:** آيل ماڻهوءَ کان خبر چار پُڇڻ. اچڻ جو سبب معلوم ڪرڻ.

– **حَال اِستمراري:** ذ. گرامر ۾ هڪ زمان جو نالو. اهو زمان جنهن مان خبر پوي تہ شروع ڪيل ڪم اجا هلندو اچي، يعني جنهن وقت ڳالهہ ڪجي ٿي تنهن وقت بہ ڪم جاري يا هلندڙ آهي. (هو خط لکي پيو).

– **حَالَ ڀائي ج حَالَ ڀائي:** ذ. صفت. اوريندڙ – همدرد. هرحالت ۾ شامل. ڏک سک ۾ همراهہ. حال جو واقف. حال محرم – همراز – غمخوار – گهڻگهرو. خيرخواهہ. گهرو دوست. پڳ مٽ يارُ.

– **حالَ ڀائي ٿيڻ:** حال محرم ٿيڻ. غمگساري ڪرڻ. همدردي ڪرڻ. غم ۽ رنج ۾ شريڪ ٿيڻ.

– **حال پريان نال:** ڪاڏي پيتي جي شيءِ جيڪا بہ موجود هجي اها پيش ڪرڻ. تَڪلف نہ ڪرڻ.

– **حَال تي هلڻُ:** وِت ۽ سَگهہ آهر هَلڻ. پنهنجي حيثيت ۽ لياقت مطابق هلڻ.

– **حَالَ پوڻُ:** صوفين جي هڪ اصطلاح ۾ سالڪ تي وَجد يا حال واري حالت طاري ٿيڻ. حال اچڻ. بيخود ٿيڻ. رِقت ٿيڻ. راڳ وغيره ٻڌي جذبي ۾ اچي وڃڻ.

– **حَالَ جو نہ ڦالَ جو رهڻُ:** ڪنهن بہ ڪم جو نہ رهڻ. نڪمو ٿيڻ. بيڪار ثابت ٿيڻ.

– **حَالُ چَالُ ج حَالَ چَالَ:** ذ. هَلَت چَلَت. رسم رواج – رِيت نِيت – دستور – هَلِي چَلِي – زماني جو رُخ رواج.

– **حالَ حَاضِرُ (ت):** ذ. جيڪو موجود هجي. موجود – حاضر – هڪيو تڪيو – فِي الحال.

– **حَالَ ڏاڳا (ت):** فقيرن جا ڪننا ڪولابا. فقيراڻا ٽپڙ (رلي – گودڙي – ڪشتو – لٽ – لوٽو وغيره) – فقيراڻو ويس.

– **حَالَ فِي الْحَالِ:** ظرف. هينئر – هن وقت – هاڻي – تيستائين – ڪجهہ حصو – بِالفِعلِ – وقت لاءِ – جيترو ٿي سگهي اوترو – ڪجهہ نہ ڪجهہ – تڪڙو – جلد.

– **حَال ڦال وڃائڻ:** بڇڙا حال ڪري گهمڻ. سُوءِ يا ارمان ڪرڻ.

– **حَال ڪان بي حَال ٿيڻ:** چڱي حالت مان خراب حالت ٿيڻ – زارو نزار ٿيڻ. ششدر ٿيڻ.

– **حالَ ڪي وِسارڻ:** موجوده نعمتن جو قدر نہ ڪرڻ "حيف تنين جي حال، جن وساريو حال ڪي."

– **حالَ ۾ اچڻُ:** حالَ اچڻ – بيخود ٿي وڃڻ – جذبي ۾ اچي وڃڻ.

– **حال مُتشڪڪِيُ:** ذ. گرامر جو هڪ زمان – هلندڙ وقت ۾ ڪم ٿيڻ بابت شڪ ڏيکاريندڙ فعل جو زمان. جيئن: "خط لکندو هوندو"، "ماني کائيندو هوندو." وغيره.

– **حالَ مَٽائڻُ:** رخ مَٽائڻ – مُنهن مَٽائڻ – ڌيان نہ ڏيڻ. خيال بدلائڻ. عادت مَٽائڻ.

– **حالُ وڃائڻُ:** ٻَٽ ۾ ڳِرڻ – ضعيف ٿيڻ – گدلو ٿيڻ – خراب حالت ۾ پهچڻ – بُڇڙا افعال ٿيڻ.

– **حالَ وَڃڻُ:** خراب ٿيڻ – بڙو ٿيڻ – چڱيءَ حالت مان خراب حالت ۾ اچڻ.

– **حَالَ وَسلا (ت):** ذ. حال ڏاڳا – فقيراڻو ويسُ.

– **حَالَتُون قَالَتُون وَڃڻُ:** دين ڪان وڃڻ تہ دنيا ڪان بہ وڃڻ – افعالن ڪان نڪرڻ – ڪنهن بہ ڪم جو نہ رهڻ.

– **حَالِيَ:** ظرف. وقتي – حال جو – موجود.

– **حَالِيَ حوالِيَ ٿيڻُ:** حال ڪان واقف ٿيڻ – خبر لهڻ – مهمان ڪان اچڻ جو سبب معلوم ڪرڻ.

– **حَالِيَ، حَالِيَ فِي الْحَالِيَ:** ظرف. هن وقت – هينئر – هيءَ گهڙي – وقتي – ٿوري وقت لاءِ.

Gul Hayat Institute

– **حَالِيُ مَوالِيُ:** سنگتي ساٿي – يار دوست – هم پيالہ – هم نوالہ – گڏ گذارڻ وارا.

• **حَالَت ج حَالَتُون:** ث. [ع.] حال – حقيقت – احوال – خبر – ڪيفيت. جان – طاقت. نمونو – صورت. وجهہ. گرامر ۾ اسم يا ضمير جي صورت ۾ جيڪا ڦيرڦار ٿئي، تنهن کي اسم يا ضمير جي حالت چئبو آهي. (گرامر ۾ پنج حالتون آهن: ١. حالت فاعلي ٢. حالت مفعولي. ٣. حالت جَدي ۴. حالت اضافت ۵. حالت ندا).

– **حالَتَ اِضافَت:** ث. نسبت يا لاڳاپي واري صورت – گرامر موجب اسم يا ضمير جي اها حالت، جنهن ۾ اسم يا ضمير جي لفظ جي پويان "جو – جا – جي – جُون – جي – جَن" منجهان يا ڪو حرف اضافت اچي.

– **حالَتَ جَري:** ث. گرامر موجب اسم يا ضمير جي اها حالت جنهن ۾ اسم يا ضمير جي پويان حرف جر جي علامت جهڙوڪ: "۾ – کي – تي وغيره" اچي.

– **حالَتَ فاعِلِي:** ث. اسم يا ضمير جي اها حالت، جنهن ۾ هو جملي جو "فاعل" ٿي ڪم اچي.

– **حالَتَ ڪَرڻُ:** جُٽ ڪرڻ – زيادتي ڪرڻ – تعدي ڪرڻ.

– **حالَتَ مَفعُولِي:** ث. اسم يا ضمير جي اها حالت، جنهن ۾ هو جملي جو "مفعول" ٿي ڪم اچي.

– **حالَتَ نِدا:** ث. گرامر موجب اسم جي اها حالت، جنهن ۾ ان کي ڪو سَڏُ ڪيو وڃي يا ڪنهن لفظ جي اها حالت، جنهن سان عجب، خوشي، سَڌَ يا ارمان ظاهر ڪيو وڃي.

– **حالَتَ نَزعُ:** ث. سَڪرات جي حالت – چالاڻي جو وقت – روح پرواز ٿيڻ واري حالت – دم نڪرڻ واري گهڙي.

– **حالَتِيو ج حالَتِيا:** ذ. صفت. حال ۾ آيل – مجذوب – عاشق.

• **حالِيُ:** اسم خاص. اردو زبان جو هڪ مشهور شاعر (مولانا الطاف حسين حالي پاڻي پَتيءَ جو تَخَلُص).

• **حَامَ ج حَامُون:** ث. [ع. حِمايَة = طرفداري] ذمو. قبوليت. داڙَ – هِٻاڪَ – همت – يقين.

– **حامَ باسڻُ:** قبول ڪرڻ – ذمو کڻڻ.

– **حامَ ڀَرڻُ:** ذمہ داري کڻڻ لاءِ هائوڪار ڪرڻ – دلاسو ڏيڻ – اقرار ڪرڻ.

– **حامَ هَڻڻُ:** هِٻاڪَ هڻڻ – داڙَ هڻڻ.

• **حامُ:** اسم خاص. حضرت نُوحُ عليه السلام جي هڪ پٽ جو نالو (جنهن جي نسل مان حبشي پيدا ٿيا).

• **حامِدُ ج حامِدَ:** ذ. صفت. [ع. حَمِدَ = هن ساراهيو] تعريف يا ساراهہ ڪندڙ – ثنا ڪندڙ – حضرت مُحمّد صلي الله عليه و آله وسلم جو هڪ صفاتي نالو. اسم خاص. سنڌ جي هڪ نامياري شاعر جو نالو "حافظ حامد تکڙائي".

– **حامِدائُو ج حامِدائُو (ت):** ذ. صفت. (جاڻي واڻي) پنهنجي تعريف پاڻ ڪندڙ – خودثنائي.

– **حامِدِين:** ظرف. [ع. عَمداً جي بگڙيل صورت] جاڻي واڻي – ڏسي وائسي – عمداً – ارادي سان (ارادة).

• **حَامِدُ واهُ:** اسم خاص. تعلقي وارهہ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **حامِرو:** اسم خاص. تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **حَامِلُ:** صفت. [ع. حَمَلَ = هن کنيو] کڻي ويندڙ – کڻندڙ – ڍوئيندڙ – بار کڻندڙ – حَمالُ – قُلي – مزدور.

– **حَامِلُ وَحِيُ:** صفت. وَحي کڻي ايندڙ – خداتعاليٰ جو ڪلام کڻي اچڻ وارو. اِلهامُ آڻيندڙ. حضرت جبرائيل عليه السلام جو هڪ لقب.

– **حَامِلَہ:** ث. ٻار جو پيٽ ۾ بار کڻڻ واري عورت. پيٽ واري عورت. پيٽ سان. ٻن جِيئَنِ سان. گـَرڀِڻي – گـَرڀونتي – ڏکي – ڳورهاري.

• **حَامِيُ ج حَامِيَ:** ذ. صفت. [ع. حَمَيٰ = هن بچايو] بچائيندڙ – مددگار – حمايتي – مدد ڪندڙ – مُعاون – پرجهلو – ٻانهن ٻيلي – واهرو – ٻُنيرائي ڪندڙ – حاميڪار – ساٿي – نگهبان – رکوال – سنڀال ڪندڙ – پاٺيوار. الله تعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

– **حَامِيُ ٿِيڻُ:** مددگار ٿيڻ. ٻانهن ٻيلي ٿيڻ. حمايت ڪرڻ. طرفداري ڪرڻ. ٽيڪو ڏيڻ.

– **حَامِيڪَارُ ج حَامِيڪَارَ:** ذ. صفت. ڪنهن ڪم ۾ مدد ڪندڙ. طرفداري ڪندڙ. مددگار. ٻانهن ٻيلي. پرجهلو. حمايتي. حمايت ڪندڙ.

• **حَامِي ج حَامِيُ:** [ع. حَامَ] حمايت – مدد – آڌار – ٽيڪ – ڏِي.

Gul Hayat Institute

— **حامِي ڀَرڻُ:** حامِ ڀرڻ — اقرار ڪرڻ — ذميداري کڻڻ.

• **حَامِيدَپُورُ:** اسم خاص. تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **حَامِيو ج حَامِيَا:** ذ. صفت. [ع. حَامِيَة = گرم. بچاءُ ڪندڙ] گرم — ڪوسو — تَتَلُ — باهه ٿيل — ساڙيندڙ — ٻرندڙ.

• **حَاوِيُ ج حَاوِيَ:** ذ. صفت. [ع. حَوِيَ = هن گڏ ڪيو] گهيرو ڪندڙ — گهيريندڙ — قابو ڪندڙ — ڇانئجي ويندڙ — غالب — ڪنهن فن ۾ ڪامل — ماهر. آوي (ڪنيارجي).

• **حَائِلُ ج حَائِلَ:** ذ. صفت. [ع. حَالَ = هو وچ ۾ پيو] روڪيندڙ. وچ ۾ پوندڙ. آڏو ايندڙ. رنڊڪ وجهندڙ. (ظرف). پرسان. پاسي ۾. (ث) آڏ — روڪَ — رنڊڪ — آڙ.

• **حَبُ:** اسم خاص. ضلعي ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **حَبُ:** اسم خاص. هڪ نديءَ جو نالو. جا ڪراچيءَ کان ست ڪوهه پري پٻ جبل جي اُتر واري قطار وٽان بلوچستان جي حد مان هلي ﺑﻪ سؤ چاليهه ميلن ۾ پٽ پسائيندي ڪراچي جي پريان ڪيپ مانز (راس العماري) وٽ عربي سمنڊ ۾ ڇُٽي ٿي. بيابان — ميدان. "اڳيان هاڙهو حَبُ لڳو پيو آهي."

• **حَبُ ج حَبَ (ع. حُبُوبُ):** ذ. [ع] داڻو — دوا جي ٺاهيل گوري — ٽڪي — ڳوڙهي — گوري — گولي. ٻج — تُخم.

• **حُبُ:** ث. [ع. حُبَّ = پيار] پريت — پريم — عشق — سِڪَ — چاهه — چِڪَ — اُنس — لاڙو — شوق — آرزو — تمنا — سَڌَ — مرضي — دوستي — واقفيت — آشنائي — صحبت.

— **حُبَائِتو ج حُبَائِتا:** ذ. صفت. قرب وارو. محبت وارو. محبتي.

— **حُبُّ ذَاتُ:** ث. پنهنجي ذات جو عشق. خود پسندي. خودي.

— **حبالْوَطَنُ:** ث. پنهنجي وطن. ملڪ يا ڳوٺ جي سڪ يا محبت. وطن لاءِ دلي پيار جو جذبو.

— **حُب الْوَطَنِيُ:** ث. وطن يا ديس لاءِ دلي محبت جو جذبو.

• **حُبابُ ج حُبَابَ:** ذ. [ع. حَب = داڻو. گولي] پاڻيءَ جو ڦوٽو. پاڻيءَ جو ڦوڪٽو. ٻوڙيو — ڦوڦينڊو — ٻُلبُلو — ڦَڦڪٽو — ٻڙڪٽو (پاڻيءَ جو). جَرڦوٽو "هوءِ جي جهرڪيا جَرَ تي، سي تان سپ حُبَاب" (شاهه).

— **حُبَابِيُ ج حُبَابِيَ:** ذ. صفت. پاڻي ڦوٽي وارو. پاڻيءَ جي ڦوٽي جهڙو. سنهون — پِتِرو — هلڪڙو — ذرڙو — باريڪ.

• **حَبْسُ ج حبْسَ:** ذ. [ع. حَبَسَ = هن قيد ڪيو] قيد — بند — قيدخانو — بنديخانو — جيل — ترِمُ — تُرنگُ — ٽيپَ — سزا. هوا جي بند ٿيڻ جي حالت. رُڳهه — ٻُوسات — مُونجهه — گهُٽَ — اُٻَسَ.

— **حَبْسِ بيجَا:** ذ. ناجائز طور تي ڪنهن کي بند ڪرڻ جي حالت. ناحق روڪ ناحق بند.

— **حَبْسِ ٿيڻُ:** هوا جو بند ٿيڻ. اُٻس ٿيڻ. ساهه گهُٽجڻ.

— **حَبْسِ دَمُ:** دم جو گهُٽجڻ يا ساهه بند ٿيڻ جي بيماري. دم جي بيماري. جوڳين، صوفين وٽ گهڻي دير تائين دم بند ڪرڻ جو هڪ طريقو.

— **حَبْسِ دَوَامُ:** ذ. جنم ٽيپ — عمر قيد.

• **حَبْشُ:** اسم خاص. [ع. حَبْش = شيدي] آفريڪا کنڊ ۾ هڪ ملڪ جنهن ۾ ڪارا ماڻهو گهڻا تا رهن. سوڊان — زنجبار — شيدين جو وطن. حبشين جو ملڪ. آئبيسينيا.

• **حَبْشِيُ ج حَبْشِيَ:** ذ. صفت. حبش ملڪ جو رهاڪو. ڪاريءَ چمڙيءَ وارو ماڻهو. شيدي (ث. حَبْشڻ ج حَبْشڻون).

• **حَبْلُ:** ث. [ع. حَبَلَ = هن ٻڌو] رَسي — نوڙي — ٿُلهو ڏاڳو — رَڳَ — نبض — نار — نَس.

— **حَبْلُ الْوَرِيْدُ:** ث. شاهه رَڳَ — گردن جي رَڳَ.

• **حُبُوبُ:** ذ. [ع. حَبَّ = داڻو. گولي]. حَبَّ جو جمع — داڻا. پاڻيءَ جا ٻوڙيا — ڦُوڪٽا — ڦوڦينڊا. ڪوڙا افواهَ — ڏِونگَلَ — سَنْسَنِي — اُڏو — هَوَرُ — گپُ — هاواڻو — ڪوڙيون خبرون. هُلُ — بغاغو — اُڌاهُ.

— **حُبُوبَاتُ:** ذ. ڪوڙا افواهَ — ڪوڙ — بَدوڙ — ڪوڙيون خبرون.

— **حُبُوبَاتِي ج حُبُوبَاتِيَ:** ذ. صفت. ڪوڙا افواهه اُڏاريندڙ. اجايا هل هلائيندڙ. افواهي — ڌاهه ڌاهيندڙ.

— **حُبُوبَ اُڏارڻُ:** ڪوڙا هُل اُڏارڻ. افواهه پکيڙڻ. بدنامي ڪرڻ. الزام مڙهڻ.

— **حُبُوبَ ڌاهڻُ:** ڪوڙا ڌاهَ ڌاهڻ.

• **حَبِيبُ ج حَبِيبَ:** ذ. [ع. حَبَّ = هن پيار ڪيو] پيارو — پيار وارو — پرين — پريتم — حُب وارو — محبوب — دِل وارو — دِلدارُ — مُحِبُ — سڄڻ — دوست — يارُ — معشوق — محبوب. رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

Gul Hayat Institute

— **حَبيبَاڻو ج حَبيبَاڻَا:** ذ. صفت. دوست وارو. دوست جو. دل گهُرئي جو. پياري جو. دوستاڻو – ياراڻو. (ث. حبيباڻي ج حبيباڻيون).

— **حَبيبَاڻي هيجَ:** ث. محبوب جي سِڪ يا چِڪ. ”حبيباڻي هيجَ، پسين مُنهن ميهار جو.“ (شاهه).

— **حَبيبِ خُدا:** خدا جو پيارو – حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عيله و آله وسلم.

— **حَبيبِي ج حَبيبِيُ:** ذ. صفت. حبيب جو حبيب وارو. دوست جو. يار جو.

• **حَـتـرُ ج حَـتـرَ(ت):** ذ. [ع. حَذَر جي بگڙيل صورت] احتياط – پاسو – پرهيز – خيال – پؤ – لحاظ.

• **حَتَّيٰ:** ظرف. [ع] تائين – ايستائين – ايستائين جو – جيستائين – ايتريقدر – جيتريقدر – ڪنهن حد تائين – تيستائين.

— **حَتي الاِمڪَان:** ظرف. جيستائين ٿي سگهي. جيترو ٿيٽو هجي. وَسَ آهر. پُڄنديءَ سارو.

— **حَتيٰ ڪ:** ظرف. ايستائين جو. ايتريقدر جو.

— **حَتيٰ الْمَقْدُوْر:** ظرف. پهچ آهر. پُڄنديءَ سارو. وس آهر. حَتَّي الامڪان.

— **حَتيٰ الْوَسْع:** ظرف. حَتيٰ المقدور. وُسعت يا پُڄنديءَ آهر. جيترو وس پُڄي. پنهنجي طاقت آهر. وس آهر.

• **حَجُ ج حَجَّ:** ذ. [ع. حَجَّ = هن حج ڪيو] لغوي معنيٰ ”ارادو ڪرڻ“ ۽ اصطلاحي معنيٰ ”ڪعبة الله جي طواف ۽ ٻين احڪامن جو عبادت جي نيت سان ارادو ڪرڻ.“ اسلام جي پنجن رڪنن مان هڪ رڪن (جو عرفات جي ميدان ۾ ذوالحج جي نائين تاريخ خاص حڪمن جي بجا آوري سان ادا ٿئي).

— **حَج اَصغَرُ:** ذ. ننڍو حَجَ. عمري جي ادائي کي حج اصغر سڏبو آهي، جنهن ۾ احرام ٻڌي مڪي ۾ اچبو آهي ۽ پوءِ بيت الله جو طواف ڪري، صفا مروه ۾ ڊوڙي احرام لاهبو آهي.

— **حَجِ اَڪبَرُ:** ذ. وڏو حج. هن ۾ عمره سان گڏ عرفات تي وڃبو آهي ۽ اهو نائين ذوالحج ۾ ادا ٿيندو آهي. عام ماڻهو جمعي جي ڏينهن واري حج کي حج اڪبر سڏيندا آهن. صوفين جي اصطلاح ۾ جذبِ قُلوب (دليون گرويده ڪرڻ يا موهڻ). دل وَٽڻ. نفس مارڻ.

— **حَجُ پڙهڻُ:** حَجَ ڪرڻ. حجَ جا مقرر شرط بجا آڻڻ.

— **حَجُ چڙهڻُ (ت):** من جو مطلب پورو ٿيڻ.

— **حَجُ ڪَرڻُ:** احرام ڪري بيت الله شريف جي زيارت تي وڃڻ. نائين تاريخ ذوالحج مهيني جي عرفات جي ميدان ۾ حاضر ٿيڻ ۽ مقرر شرط بجا آڻڻ.

— **حَجُ ڪَٽڻُ:** حَجَ جيترو ثواب حاصل ڪرڻ. وڏو خير جو ڪم ڪرڻ. حاجت روائي ڪرڻ.

• **حُجَ ج حُجُون:** ث. [ع. حُجت] حُجَت – گستاخي – گـهُرائپ – دوستاڻو ناتو. دلاسو – همّت. اُميد – آسرو – پروسو.

— **حُجَ پائي اَچڻُ:** اُميد رکي اچڻ. آسرو سمجهي اچڻ.

— **حُجَ ڪَرڻُ:** گستاخي ڪرڻ. گـهُرائپ ڪرڻ. پڪو آسرو رکي ڪو ڪم ڪرڻ.

• **حِجَابُ ج حِجَاب:** ذ. [ع. حجَبَ = هُن ڍڪيو. هو وچ ۾ آيو] پردو – پڙدو – اوٽ – آڙَ – آڏَ – روڪ – رنڊڪ ”گهڙو پڳو تہ گهوريو، پاڻا هو حجاب.“ (شاهه). ڦڪائي – شرم – پاڪدامني – پرم – غيرت – لحاظ – رياءُ – حياءُ – لَڄ.

— **حِجَابَانَہ:** ظرف. حجاب سان. شرم و حَياءُ سان.

— **حِجَابُ لَٽڻُ:** شرم لهڻ – لَڄ نہ ٿيڻ.

— **حِجَابُ ڇڏڻُ:** شرم حيا ڇڏڻ. بي حيا ٿيڻ.

— **حِجَابُ ڪَرڻُ:** لڄ ڪرڻ. پردو ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ.

• **حَجَّاجُ:** اسم خاص. [ع] عراق جي هڪ ظالم گورنر جو نالو (حجاج بن يوسف ثقفي سن ٦٦١ ع کان ٧١٤ ع تائين).

• **حُجَّاجُ ج حُجَّاجَ:** ذ. [ع] حَاجَ جو جمع – گهڻا حاجي.

• **حِجَازُ:** اسم خاص. [ع. حَجَزَ = هن روڪيو. هو وچ ۾ آيو] عربستان جو وچ وارو علائقو (جنهن ۾ مڪہ، مدينہ ۽ طائف اچي وڃن ٿا. جيڪين تہ هيءَ ملڪ نجد ۽ تهامہ جي وچ ۾ آهي انهيءَ ڪري ”حِجاز“ سڏجي ٿو).

• **حَجَامُ ج حَجَامَ (اصلي صورت حَجَّامُ):** ذ. صفت. [ع. حَجَمَ = هُن ٽڪو ڏنو] حجامت ڪندڙ – سَنوارتَ ناهيندڙ – اُسْتو – نائي – حَجَمُ. (ث. حَجامڻ ج حَجامڻيون). ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (وات وڏو – مٿان ڳاڙهو – هيٺان اڇو. هڪ فوٽ ڊيگهہ ۽ هڪ فوٽ ويڪر). نَرُ پنيوري. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

– **حَجَامَت ج حَجَامَتُون:** ث. حجامڪو ڪم – سَنوارت – وارن ڪوڙڻ يا ٻٺائڻ جو ڪم – سيرب.

– **حَجَامَت ٻَٺائڻُ:** متو ڪوڙڻ يا متي جا وار ڻاهڻ – لٽڻ – ٺڳڻ.

– **حَجَامَت ڪَرائڻُ:** وارن ۽ ڏاڙهي وغيره جي سنوارت ڪرائڻ. پاڻ ٺڳائڻ – نقصان پرائڻ.

– **حَجَامَت ڪَرڻُ:** حجامڪو ڌنڌو ڪرڻ – سنوارت ڻاهڻ – وار ڻاهڻ – صفائي ڪرڻ – ٺڳڻ.

– **حَجَامَت لاهڻُ (ت):** حجامت ڪرڻ – سيرب لاهڻ – ٺڳي ڪرڻ.

– **حَجَامُو:** اسم خاص. سنڌو نديءَ مان نڪرندڙ هڪ ڦاٽ جو نالو (ضلعي ٺٽي ۾). تعلقي گهوڙاٻاريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **حَجَامَڻ:** اسم خاص. تعلقي ڏڪڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **حَجَامِڻِ ج حَجَامِڻيون:** ث. 'حَجَامَ' جو مؤنث. اها عورت جيڪا شادي غمي جي موقعي تي گهروارين عورتن کي ڪم ڪار ۾ مدد ڪري.

• **حُجَّت ج حُجَّتُون:** ث. [ع. حَاجَّ = هن بحث ڪيو] ثابتي – دليل – بُرهان. بحث مباحثو – قيل و قال – سوال جواب – دعويٰ جو جواب – دليل بازي اعتراض – عذر تڪرار – جهڳڙو – زيادتي. گستاخي – حَجّ ـ اُميد – آسرو – سَڌَ – تمنّا.

– **حُجَّت اُٿارڻ:** سوال جواب ڪرڻ. اعتراض ڪرڻ. دليل بازي ڪرڻ. اجايا عذر ڏيڻ. بهانا ڏيڻ. ڦڏو وجهڻ. شڪ اُٿارڻ.

– **حُجَّت پَڄڻُ:** ٻئي کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ.

– **حُجَّت تَردِيدِيُ:** ڪنهن دُرجي خلاف بحث.

– **حُجَّت ڪَرڻُ:** تڪرار ڪرڻ. بحث ڪرڻ. جهيڙو ڪرڻ. دليل ڏيڻ. هَٽ چِراند ڪرڻ. گستاخي ڪرڻ.

– **حُجَّتُ الاِسْلَام:** اسلامي تعليمات جو وڏو ۽ مستند عالم – امام غزالي رحمة الله عليه جو لقب.

– **حُجَّتِي ج حُجَّتِيَ:** ذ. صفت. دعويٰ ڪندڙ. عذر ڪندڙ. سبب ڏيندڙ. تڪراري – جهيڙاڪ – جهڳڙالو – بحثي – بحث مباحثو ڪندڙ – حُجَت ڪندڙ – گستاخي ڪندڙ – گهرو – گهاٽو – دل گهُريو.

• **حَجَرُ ج حَجَر(حِجَارَة):** ذ. [ع] پٿر – پهڻ ـ پاهڻ – سَنگ.

• **حَجَرُ اَسْوَدُ:** ذ. ڪَعْبَةُ اللهِ جي پِٽ ۾ لڳل ڪاري رنگ جو پٿر، جنهن کي طواف ڪرڻ مهل چُمي ڏني ويندي آهي.

– حَجَرُ اليَهُوْد: ذ. هڪ قسم جو پٿر جو گردي جي پٿريءَ لاءِ دوا ۾ ڪم اچي ٿو سَنگ يَهُوْدُ.

– **حُجْرا (ڪ – ل):** ذ. پرت جو هڪ قسم.

– **حُجَرات:** ث. [ع] قرآن شريف جي اُٺونجاهينءَ سورة جو نالو.

– **حُجْرو ج حُجْرا:** ذ. [ع. حُجْرةُ] ڪوٺڙي – عبادت ڪرڻ لاءِ خلوت خانو. مسجد سان لڳ ننڍڙي ڪوٺي.

– **حُجْرَهْ نَشِيْن:** ذ. صفت. حُجري ۾ ويٺل. تارڪ الدّنيا. ڏاڪي يا چلي ۾ ويٺل.

– **حَجَف ج حَجَفُون (ت):** ث. [ع. هَجْوَ جي بگڙيل صورت] ٺوڪَ – چِٽَرَ – ٺٺولي – مَسخري.

– **حَجَلَه:** ث. [ع. حَجلَ + هُن ڪُنوار جو پلنگ ٺاهيو] گهوٽ ڪُنوار لاءِ ڻاهيل سيج.

– **حُجَمُ ج حَجَمَ:** ذ. [ع. حَجَمَ = هُن ٿُڪو ڏنو] سناوَرت ڻاهيندڙ – حَجامُ – نائي اُستو – مڇيءَ جو هڪ قسم. اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

– **حَدّ ج حَدُوْنَ:** ث. [ع. حَدَّ = هن نشان مقرر ڪيو. هُن سزا ڏني] ڪنارو – ڇيڙو – دنگ – پڇاڙي – پڇاڙي – آخري جاءِ ـ پُڇڙي – سَرحَد – پوڇڙُ – پوڇڙِي – وِيري – ڇيهُ – اَنتُ – نشانُ – سَنڌو – سيڙهو – حاطو. ٻيلو – جهنگ. (ت) – اسلامي شريعت موجب مقرر ڪيل سزا (صفت) گهڻو – زياده ـ نهايت.

– **حَدّ بَسْت:** ث. حد بندي – حدّ جو بندوبست – دنگ ڪرڻ – نشان ڪرڻ – نبيرو ڪرڻ – زمين جون حدون مقرر ڪرڻ.

– **حَدّ بُلوغ:** ث. بالغ ٿيڻ جي وَهِيُ يا عُمر.

– **حَدّ بندي ج حَدّ بَند يُوْنَ:** ث. دنگ جي مقرري – سرحد بندي.

– **حَدّ ٻَڌڻ:** حَدّ مقرر ڪرڻ.

– **حد ٽپڻ:** مقرر جاءِ کان اڳتي وڃڻ. گناهه جهڙو ڪم ڪرڻ. حدن کان ٻاهر نڪري وڃڻ.

– **حدّ جي اندر:** ظرف. حدّ ۾ ـ پڄت ۾ ـ ٿي سگهڻ جي دائري ۾.

– **حَد حَد:** حَد اندر. "حد حد هليا هر ڪوءِ، بيحد چليا نه ڪوءِ" (شاهه).

Gul Hayat Institute

سالارُ (جو بعد ۾ ڦري حضرت امام حُسين(ع) جي پاسي آيو). "هُتي هدايت حُرَ کي، اَزل ۾ اصلا. حُرَ هلي آيو، مانجهي مَردانو." (شاهه).

— **حُرِيَت ج حُرِيَتُونْ:** ث. غلامي نه هئڻ جي حالت — آزادي.

● **حِرا:** اسم خاص. [ع] مڪه شريف جي ويجهو هڪ ٽڪريءَ جو نالو (جنهن جي چُر ۾ حضرت نبي ڪريم جن عبادت لاءِ وڃي رهندا هئا). اها جاءِ جتي پهرين وحي نازل ٿي — غارِ حِرا.

● **حَرارَتُ ج حرارتون:** ث. [ع. حرّ = هو گرم ٿيو] گرمي — تپش — حِدّتَ — ڪاڙهو — ڪوساڻ — سوزش — تابش — گرمائش — جوش — تاءُ. تپ — هلڪو بخار — بدن ۾ رت جي گرميءَ جو دؤرو. غُصو — غضب — ڪِروڌ — ڪاوڙ.

— **حرارت ٿي پوڻ:** ٿورو تپ ٿي پوڻ. بخار اچي وڃڻ.

— **حَرارَتِ دِيني:** مذهبي جوش — مذهبي غيرت.

— **حَرارتِ غَريزِي:** بدن جي قدرتي طاقت.

● **حِراسَتَ ج حِراستُونْ:** ث. [ع. حَرَسَ = هن سنڀال ڪئي] سنڀال — حفاظت — نگراني — نگهباني — پهرو. قيد — قابو — بند — حوالات — نظربندي. دولاب — ٺڳي — دغا — فريب. اٽڪل بازي — حرفت — هوشياري.

— **حِراست ۾ رَهَڻُ:** حوالات ۾ رهڻ — نگهباني ۾ رهڻ — نظربند رهڻ.

● **حَرامُ ج حَرامَ:** ذ. [ع. حَرَمَ = هن منع ڪئي] منع ڪيل — رد ڪيل — ممنوع — منع ٿيل — بي قاعدي — ناجائز — ناروا — غير مُباح — اڻ رهائيندو — شريعت جي خلاف. پليت — نجس — ناپاڪ. زنا — بدڪاري — بدپيشو — ڪَسبُ. 'حَلالُ' جو ضِدَ. حرمت وارو — "مَسجِدِ الحَرامِ ـ مُحَرمِ الحَرام وغيره." اصطلاح ۾: عظمت وارو — وڏائي وارو — حرمت وارو — پاڪ — پوتر — جنهن کي پليديءَ کان محفوظ رکيو وڃي. جنهن جو احترام ڪيو وڃي.

— **حَرامُ ٿِيڻُ:** مُردارُ ٿيڻ — خراب ٿيڻ — جانور جو تڪبير سان ذبح ٿيڻ کان اڳ مري وڃڻ. ضايع ٿي وڃڻ.

— **حَرامِپائِي ج حَرامِپائِيُونْ:** ث. حرامزادائي — حرامزادگي. لچائي — خرابي.

— **حَرامَ جو مالُ:** ذ. مفت جو مال — ناجائز دولت. بدڪاريءَ جو ڪمايل مال. بڇڙائي سان هٿ ڪيل مال.

— **حَرامَ جِي هَڏِي پيٽَ ۾ پَوَڻُ:** مفت جو مال کائڻ. ناجائز طريقي سان هٿ ڪيل مال کائڻ. رشوت ملڻ.

— **حَرامُ خورُ ج حَرامُ خورَ:** ذ. صفت. حرام کائُو — حرام کائيندڙ. مردار کائيندڙ. ڀڙوت کائيندڙ. نمڪ حرام — مفت خور — ناجائز ڪمائي تي گذران ڪرڻ وارو.

— **حَرامُ خورِي ج حَرامُ خورِيُونْ:** حرام جي مال تي گذران. رشوت خوري. حرامپائيءَ جو ڪم. بي قاعدگي — نافرماني.

— **حَرامِڙائِي ج حِرامِڙائيُونْ:** ث. لچائي — خرابي — بدمعاشي — ٺڳي.

● **حَرامِڙو ج حَرامِڙا:** ز. صفت. حَرامِي — بدمعاش. حرامزاده ـ لُڇ. (ث). حَرامِڙِي ج حَرامِڙيُون.

— **حَرامزادائِي:** ث. بدمعاشي — لوفرپائي — لچائي — حرامزادگي — حرامپائي — بڇڙائي — بي حيائي — نالائقي — بدفضيلتائي — نافرماني.

— **حَرامزادِگِي ج حَرامزادِگِيُونْ:** ث. حرامزادائي — بي حيائي — ڪَمينَپَ — لچائي — شرارت — بدمعاشي — بڇڙائي.

— **حَرامزادو ج حَرامزادا:** ذ. صفت. حرام جي نُطفي مان ڄاوِلُ — زنا مان پيدا ٿيل. حرامي — بي نڪاحو — وَلَدُ الزِّنا. بدمعاش — ڪميڻو — لچو — لوفر — فسادي. (ث). حَرامزادِي ج حَرامزادِيُون.

— **حَرامڪارُ ج حَرامڪارَ:** ذ. حرام ڪندڙ — ناجائز ڪم ڪندڙ — زاني — زناخور — بدڪار.

— **حَرامڪارِي ج حَرامڪارِيُونْ:** ث. زِنا — بدڪاري — بڇڙائي — ڪارُمُنهائِي.

— **حَرامُ ڪَرَڻُ:** پليت ڪرڻ. نَجَسُ ڪرڻ. بدمزي ڪرڻ. خراب ڪرڻ. زنا ڪرڻ. بدڪاري ڪرڻ.

— **حَرامُ کائڻُ:** ناجائز ڪمائي جو مال کائڻ. زنا جي ڪمائي کائڻ. رشوت وٺڻ.

— **حَرام کائُو ج حَرام کائُو:** ذ. صفت. حرام جو مال کائيندڙ. رُشوَتِي — رشوت خور.

— **حَرامُ کي هَٿَ وِجهَڻُ:** بڇڙا ڪم ڪرڻ.

— **حرام موت مرڻ:** خودڪُشي ڪرڻ. پنهنجي جان پاڻ وٺڻ.

Gul Hayat Institute

– **حَرامِيْ ج حَرامِيْ:** ذ. صفت. زنا مان پيدا ٿيل ٻار. بي نِڪاحو. نڪاح کان اڳ ڄاول. وَلَدُالزِنَا – حَيْضِي ٻار. بدمعاش – لُچ – لُڦنگ – شرير – شيطان – ٺڳ – چور. انحرافي ڪندڙ – نافرمان – بيوقوف – حرام کائُو.

• **حَرِبَ:** ث. [ع] لڙائي – جنگ. قرلٽ – قُرمار.

• **حَـرْبُگاهُ ج حَـرْبُگاهَ:** ذ. لڙائيءَ جو ميدان. ميدان جنگ. رَزْمگاهه.

• **حَـرْبَه:** ذ. لڙائيءَ جي هڪ هٿيار جو نالو. اوزارُ – حملو – ڪاهَ – هَلاَنْ – ٽپو – جهَٽُ.

• **حَرْجُ (حَرِجُ) ج حَرجَ:** ذ. [ع. حَرِجَ = جڳهه تنگ ٿي] تنگي – سوڙهه – نقصان – ٽوٽ ـ ضَررُ – ڇيهو – گهاٽو – ڪمي – گهٽتائي – وقت جو ضايع ڪرڻ – دير.

– **حَرْجَاڻو ج حَـرْجَاڻَا:** نقصان جو عوضو.

– **حَـرْجُ وِجهَڻُ:** ٽوٽ وجهڻ – ڇيهو وجهڻ.

• **حِرْزِ:** ث. [ع. حَرِزَ = هن سنڀال ورتي] پناهه – پناهه جي جاءِ ـ بچاءُ سنڀالَ – حفاظت. تعويذ – جنتر منتر.

• **حِرْزِجَان:** پنهنجي سر جو بچاءُ.

• **حِرْصُ حِرْصَ:** ذ. [ع. حَـرَصَ = هن لوڀ ڪيو] لالچ – طمع – لوڀ – چاهه – موهه – خواهش – اِڇا – رغبت – سَڌَ – شوق – تَمنّا – آرزُو – اميد – وڏائي – مغروري – هٻچ.

– **حِرصائِڻُ:** مصدر. خواهش وڌائڻ – لالچائڻ – حرص ڏيارڻ – هِرڪائڻ.

– **حِرْص ڪَـرَڻ:** لالچ ڪرڻ – طمع ڪرڻ – هٻچ ڪرڻ.

– **حِرْصِيْ ج حِرْصِيْ:** ذ. صفت. لالچي – طمعي – لوڀي – تاڪائُو – حَرِيصُ – حارصُ – هٻچي – بُکيت – بُکيو. توريءَ گهٽيءَ تي سَڌَ ڪندڙ – سَڌڙيو.

• **حَـرْفُ ج حَـرْفَ:** [ع. حَـرَفَ = هو ڦِريو. هُن مَٽيو] لغوي معنيٰ طرف. پاسو – ڏارَ. ڪنارو – جبل جي چوٽي. ڪنهن ٻـ ٻوليءَ جي 'الف بي' جو هڪ اکر. آواز ظاهر ڪرڻ جو نشان. حَـرُفِ تَهَجّي. اکر جيئن: "اب ت وغيره". لفظ جو پَدُ – لفظ – جملو – ڪلمو – پٽڪو – سخن – قول – ڳالهه – ميار – مِهڻو – ڏوراپو. جيئن: "مون ڏي ماروئڙن جا، آهن حرف هزارين." ڏوهه – ڀل – خطا – قُصور – عتاب – الزام – حساب ڪتاب – پڇا ڳاڇا – پُڇاڙو. جيئن: .آنْ تانْ حرف هرو، مورائين معاف ٿيو." (شاهه). عيب – نقص – گهٽتائي. گرامر ۾ هڪ ڳالهائڻ جو ڀاڱو.

– **حَـرْفُ اَچِڻُ:** اکرن جي ڄاڻ پوڻ. پڙهڻ. خواري ٿيڻ. گِلا ٿيڻ. بدنامي ٿيڻ. الزام اچڻ. داغ لڳڻ. مَيار لڳڻ.

– **حَرْف اِسْتِثْناءَ:** . علم نحو جو هڪ اصطلاح. اهي حرف جي جُدائي يا نياري ڳالهه جي معنيٰ ڏيکارين يا منجهائن نئين ڳالهه پيدا ٿئي جهڙوڪ: سواءِ ڌارَ – مگر – بغير – بجز – پر – ليڪن – خواه وغيره.

– **حرف اِستَفْهَام:** ذ. اهو حرف يا لفظ جيڪو سوال يا پڇا ڪرڻ ۾ ڪم اچي. جهڙوڪ: ڇو – ڇا – ڪير – ڪهڙو – ڪيڏانهن – ڪڏهن – ڪٿي – ڪهڙو وغيره.

– **حَـرْف اِشارَهْ:** ذ. اهو ضمير جو لفظ جيڪو اشاري لاءِ ڪم اچي جهڙوڪ: هي – اِهي – هُو – اُهي وغيره.

– **حَـرْف اِشْتِراکُ:** ذ. اهو ضمير جو لفظ جيڪو ٻئي ضمير سان گڏ جي ڪم اچي جهڙوڪ: پاڻ – خود – پنهنجو وغيره. مان پاڻ – اسان پاڻ – هو پاڻ – منهنجو خود – پنهنجو خود وغيره.

– **حَـرْف اِضافَتَ:** ذ. اهو حرف جيڪو ٻين اسمن يا ضميرن جي وچ ۾ ملڪيت يا ٻي ڪا نسبت ظاهر ڪري جهڙوڪ: جو – جا سندو وغيره. ملڪ جو بادشاهه. بادشاهه جو پٽ. پٽ جو نالو وغيره.

– **حَـرْف اَفْسوس:** ذ. حرف ندا جو اهو لفظ جيڪو افسوس يا ارمان ڏيکاري جهڙوڪ: هاءِ هاءِ ـ واءِ ـ واويلا – آهه وغيره.

– **حَـرْف بَہ حَـرْف:** اکر بہ اکر – اکري طرح – لفظ لفظ ڪري – هُوبَهُو – سربستو – سمورو – سڄو – جُملي.

– **حَـرْف بَيَانُ:** ذ. علم نحو موجب اهي حرف جن مان ڪنهن جي ڪيل ڳالهه يا بيان جي معنيٰ نڪري. جيئن: هن چيو تہ. "آءُ وڃان ٿو." (تہ حرف بيان).

– **حَـرْف تاڪِيْد:** ذ. تنبيهه يا تاڪيد جي معنيٰ ڏيکاريندڙ حرف جيئن: خبردارُ! سنڀال! چيت! هان! هون! هرگز! متان!

– **حَـرْف تَحْسِيْنُ:** علم نحو موجب اهي حرف جن مان ساراهه جي معنيٰ نڪري. جهڙوڪ: "شاباس، واهه واهه، مرحبا، جسُ". حرف تعريف.

Gul Hayat Institute

– **حَرفِ تَشْبِيهه:** ذ. علم نحو موجب مشابهت يا هڪجهڙائي ڏيکاريندڙ لفظ جيئن: "وانگي – مثل – جان – جڻ ته – گويا" وغيره.

– **حَرفِ تَمَنّا:** ذ. علم نحو موجب 'سڌ يا تمنا' جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ. جهڙوڪ: "مَـرُ – ڀَلِ" وغيره.

– **حَرفِ تميز:** ذ. علم نحو موجب. قدر ڏيکاريندڙ لفظ. جهڙوڪ: "مس مس – هرويرو – هوريان – ڏاڍيان."

– **حَرفِ تَنبيهه:** ذ. ڏسو "حرف تاڪيد."

– **حَرفِ ٻڌي ڪَڍڻ:** گاريون ڏيڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

– **حَرفِ جَر:** ذ. گرامر جي اُن لفظن مان هڪ لفظ. اهو لفظ جو اسم يا ضمير جي پنيان اچي ۽ اُن جو لاڳاپو ٻئي ڪنهن لفظ سان ڏيکاري. جيئن: "پِت تي ڪانءُ ويٺو آهي." هِن جملي ۾ 'تي' حرف جر آهي.

– **حَرفِ جُملو:** ذ. گرامر موجب ڳالهائڻ جي اُن ڀاڱن مان هڪ ڀاڱو. اهو لفظ جو ٻن لفظن يا جملن کي پاڻ ۾ ڳنڍي. جيئن: ڪاغذ يا قلم، مَسُ ۽ قلم وغيره. "يا" ۽ "۽" حرف جملو آهي.

– **حَرفِ رکڻ:** ميار رکڻ. ڏوهه رکڻ. الزام مڙهڻ. سزا جي لائق ثابت ڪرڻ. شرمندو ڪرڻ.

– **حَرفِ زني:** ث. ڪنهن کي گهَٽِ وَڌِ ڳالهائڻ. جُٽِ _ تنبيهه – تنقيد – اجايو ڳالهائڻ.

– **حَرفِ ساڪن:** ذ. گرامر موجب جَزمَ وارو اکر.

– **حَرفِ سُڃاڻڻ:** اکر سڃاڻڻ. "الف – بي" ذهن نشين ڪرڻ.

– **حَرفِ شَرط:** ذ. علم نحو موجب شرط جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ. جهڙوڪ: "جي. جيڪڏهن اگر. اگرچه. جيتوڻيڪ. جڏهن. مگر."

– **حَرفِ شڪ:** ذ. علم نحو موجب. سڪ يا گمان ڏيکاريندڙ لفظ. جيئن: "متان. مبادا. شايد."

– **حَرفِ شناس:** ذ. صفت. اکر سڃاڻندڙ. ڪجهه پڙهيل. ٿورو گهٽو پڙهيل.

– **حَرفِ صَحِيح:** ذ. اهي حرف جيڪي حرف علت وانگر ٻي ڪنهن اکر سان گڏ جي آواز پيدا نه ڪن (ا، و ي کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ باقي اٺيتاليهه اکر سڀ حرف صحيح آهن. جهڙوڪ: ب. ٻ. ڀ. ن. ڻ. هه ۽ ي).

– **حَرفِ صَوت:** ذ. علم نحو موجب. اهي لفظ جن مان جاءِ يا وقت جي معنيٰ نڪري. جيئن: "اڄ. ڪڏهن. ڪٿي. هِتي وغيره".

– **حَرفِ عَطف:** ذ. حرف جملو. علم نحو موجب. ميلاپ يا لاڳاپي جي معنيٰ ڏيکاريندڙ حرف.جهڙوڪ: "ب. ۽ اڻ. هر. بلڪ".

– **حَرفِ علت:** ذ. اهو حرف. جو ٻئي ڪنهن به حرف سان گڏجي اُچار ناهي (حرف علت سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽي آهن. ا و ۽ ي).

– **حَرفِ گير:** ذ. صفت. نُڪته چيني ڪرڻ وارو – نُڪته چِيني. عيب ڪڍڻ وارو.

– **حَرفِ گيري ج حَرفِ گيريون:** ث. نُڪته چِيني – راءِ زني – عيب ڪڍڻ.

– **حَرفِ مُبهَم:** ذ. علم نحو موجب. ڪُجهه يا اِبهام ڏيکارڻ وارا لفظ. جهڙوڪ: "ڪو. ڪا. ڪي وغيره".

– **حَرفِ مَنفِي:** ذ. گرامر موجب اهو لفظ. جنهن مان ناڪار جي معنيٰ نڪري. جهڙوڪ: "نه. هرگز نه. نه نه. ڪِينَ. نَڪو. نَڪا. نَڪِي" وغيره.

– **حَرفِ نِدا:** ذ. گرامر موجب اهو لفظ. جيڪو سڏَ، سَڏَ. خوشي. عجب. ارمان وغيره ڏيکاري. جهڙوڪ: "او شَل. واهه. هاءِ" وغيره.

– **حَرفِ نِسبَت:** ذ. علم نحو موجب. تعلق يا لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظ "آڻ. آنو آڻو اينه. اينو. اَڪ. وار. آڻ" جهڙوڪ: (شاهه) شاهانه = شاهاڻو. (سال) ساليانه = ساليانو (روز) روزينه = روزينو وغيره.

– **حَرفِ هَرو:** ذ. حرف حساب – ليکو چوکو – مَيارَ. "آن تان حرف هَرو موراڻين معاف ٿيو" (شاهه).

– **حَرفِي ج حَرفِيُ:** ذ.صفت. حرف جو – حرف وارو – لفظي – اکري. مياردار – ڏوهاري – گنهگار. شرمسار – پشيمان. ڀليل – عيبدار.

– **حِرفَت ج حِرفَتون:** ث. [ع] ڪاريگري – ڌنڌو – پيشو – ڪسب – ڪم – هنر – دستڪاري. گُڻ – فَنّ – علم. چالاڪي – تجويز – اٽڪل – ڪِيڏ – ڏاهپ – هوشياري – حرڪت – حڪمت – عقلمندي – چَترائي – عَياري – مَڪاري – ٺَڳي – مَڪَرُ.

– **حِرفَت باز ج حِرفَت باز:** ذ. صفت. چالاڪ – عَيارُ مَڪارُ – ٺَڳُ.

Gul Hayat Institute

- حرفَتبازي ج حرفَتباز يُون: ث. سياڻپ – اٽڪل بازي – چالاڪي. مڪاري – عياري – ٺڳِي. اٽڪلي – حرفتي – فتنہ باز.
- حِرفَتِي ج حِرفَتِي: ذ. صفت. ڪيڏاري – اٽڪلي – ڪيڏيباز – سياڻو. هُنر وارو – ڪاريگر – هوشيار – چالاڪ – مڪريلو – ٺڳ – شرير – لُچ.
- حَرفِي: صفت. جنهن ڏي حرف هجي. مَياري. ڏوهي.

• حَرڪَت ج حَرڪَتُون: ث. [ع. حَرڪَ = هو چُريو] چُرپُر – چال – رفتار – گردش – ڦيرو – لوڏو – ڌوڏو – جُنبش – ٽَڙَڪَ – تَحَرُڪ – چور ڦور. ڪم – فِعل – عَمَلُ – ڪَرِتِي. ڪنهن کي ڪاوڙائڻ لاءِ ڪيل چُر – اڻ وڻندڙ ڳالهہ (ٻارن جي) – اجائي اُٿ ويهہ (ٻارن جي). مَستي – لُچائِي. ڪِتَ – چُراند – ڪونس ڦتائي – ڪينچل – چُر – شرارت – ڏ نگائي – خَلَلُ. مَسخري – چيڙچاڙ. ڦَتڪو – ڌَڙڪو – تَڙَپ – بيقراري – اِضطراب. ڦُصور – خطا – ننڍو ڏوهہ. رنڊڪ – روڪَ – رُڪاوت – آڙ – آڏَ. هلت چلت – آمدرفت – سفر – ڪُوچُ. علم نحو موجب. اکرن کي چورڻ يا آواز ڪرڻ ۾ ڪم ايندڙ نشاني "زبر ـَ. زير ـِ ۽ پيش ـُ" وغيره.

- حَرڪَتباز ج حَرڪَتباز: ذ. صفت. حرڪت ڪندڙ. حرڪتي – شرير – ڪيچلو – زبان ڪار. حرفتي.
- حَرڪَتبازي ج حَرڪَتبازيُون: ث. حرڪت – چُر – ڪينچل – مَستي – ڪئونس – شَرارت.
- حَرڪَتَ ڏيڻُ: لوڏڻ – چورڻ – زيرون زبرون ڏيڻ.
- حَرڪَتَ ڪَرڻُ: لوڏڻ – چورڻ – هلائڻ. چُر ڪرڻ – شرارت ڪرڻ.
- حَرجُ ڪرڻُ – زيان ڪرڻ – نقصان ڪرڻ.
- حَرڪَت ۾ بَرڪت هُئڻُ: ڪم ڪرڻ سان ئي فائدو ٿيڻ – محنت جو ڦل ضرور حاصل ٿيڻ.
- حَرڪَتِي ج حَرڪَتِي: ذ. صفت. حرڪت ڪندڙ – چُرپُر ڪندڙ – بي صبر. ٻِئي کي ڪاوڙائيندڙ. لُچو – ڪينچلو. چالاڪ – ٺڳ.

• حَرَمُ ج حَرَمَ: ذ. ع. [حَرَمَ = هُن منع ڪئي] ممنوع – بندش بيل – روڪيل – پوتر – پاڪ – مُقدس. اُها جاءِ جتي گناهن ڪرڻ جي منع آهي – ڪعبة الله شريف جي چوديواري – حاطو. ادب جي جاءِ. (ف) نڪاح ۾ آيل عورت – زال – گهرواري. اندرين جاءِ _ خلوت گاهہ – زنان خانو – زال لاءِ مخصوص ڪيل ڪوٺي.

• حَرَمُ خانو ج حَرَمُ خانا: ذ. زنان خانو – حَرَم سراءِ.

• حَرَمسراءِ ج حَرَمسرائُون: ث. بيگمات يا زالن جي رهڻ جي جاءِ _ حَويلِي – زنان خانو – ديرو – حَرَمُ.

• حِرمانُ: ذ. [ع] مايوسي – نااُميدي – محرومي – بدقسمتي.

• حُرمَت ج حُرمَتُون: ث. [ع] احترام اَدَرش – عزت – شانُ – مانُ – آبرو. وڏائي – عظمت – اقتدار – شَرَفُ – رُتبو – تعظيم – پاڪائي – برڪت – حَقُ.

- حُرمَتُ ڪَرڻُ: عزت ڪرڻ – تعظيم ڪرڻ.

• حَرَمَين: اسم خاص. [ع] حَرَمَ جو عدد تثنيہ يعني مَڪہ مُعظمہ ۽ مدينہ مُنوره جا ٻہ حرم.

• حَرواڻِي: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (جو رستماڻين جي هڪ شاخ آهي).

• حُرُوفَ: ذ. [ع. حَرفَ جو جمع] حَرفَ – اکَر.

- حُرُوف تَهَجِّي: ذ. 'الف – ب' جي اکرن جي صورت – هر ٻوليءَ جا ابتدائي مفرد اکر – الفابيت.
- حُرُوفِ مُرَڪَّب: ذ. اهي لفظ جيڪي ٻن يا وڌيڪ لفظن منجهان ٺهيل هجن.
- حُرُوفِ مُفرَد: ذ. حُروف تَهَجِي جي اکرن منجهان هر هڪ اکر "الف – بي" جو هر هڪ جدا جدا اکر.

• حُرِيَت: ث. [ع. حُرَ – هو آزاد ٿيو] غلاميءَ کان پوءِ حاصل ڪيل آزادي – آزادي.

• حَرِيرُ: ذ. [ع] پَٽَ – ريشم – سِلڪ. سِٽيءَ مان ٺهيل هڪ خاص ڪپڙو، اهو ماڻهو جيڪو غصي ۽ غضب سان جهٽ پٽ گرم ٿي وڃي.

- حَرِيرِي ج حَرِيرِي: ذ. صفت. پَٽَ جو – ريشمي – سِلڪِي – ريشم وارو – سِلڪَ وارو. ريشم وڪڻندڙ – پاٽولي. ابو محمد قاسم بن علي بصري. عربي جي هڪ وڏي اديب ۽ مصنف جو لقب. سندس مشهور تصنيف "مقامات حريري".

• حَرِيصُ ج حَرِيصَ: ذ. صفت. [ع. حَرص = هن لوڀ ڪيو

Gul Hayat Institute

لالچي حرص وارو — حرصي — لوڀي — هٻڇي — طمعي — پيٽي — گهڻ کائو — پيٽوڙو.

• **حَرِيْفُ ج حَرِيْفَ:** ذ. صفت. [ع] ساڳئي ڌنڌي وارو — هم پيشہ. دشمن — بدخواه ـ رقيب. هوشيار — داناءَ — سياڻو — ڏاهو — چالاڪ — خبردار — چاڙو. مقابلو ڪندڙ — مخالف — مُقابل — حرفت وارو — اٽڪلي — چالاڪ — هُنرمند. جوارين جي اصطلاح ۾ چاڙو جُواري. بدمعاش — ٺڳ — مڪار — لُچ.

• **حَرِيْمُ:** ذ. [ع] منع ڪيل حد — گهر جي چار ديواري. ڪعبة الله جي ٻاهرين ديوار — گهر — مَڪانُ.

• **حِزْبُ ج حِزْبَ:** ذ. [ع. حَزَبَ = هن ورهايو] ماڻهن جو ميڙ — جٿو — گروهه — ڌُر ـ ٽولو — جماعتَ. هٿيار. ورد يا وظيفي جو روزانو مقرر حصو — قرآن ڪريم جو سٺيون حصو.

• **حزب الأحرار:** ذ. آزاد ماڻهن جي جماعت.

— **حِزْبُ الله:** ذ. الله وارن جي جماعت ـ الله جي بندگي ڪرڻ وارو — فرمانبردار ٽولو.

— **حِزْبُ مُخالِفُ:** پارليامينٽ يا اسيمبليءَ ۾ حڪومت جي مخالف ڌُر.

— **حِزقِيلُ:** اسم خاص [ع] حِزقِيلُ. يهودين جي هڪ پيغمبر جو نالو (توريت جو هڪ ڪتاب انهيءَ جي نالي تي آهي).

• **حزمُ ج حَزْمَ:** ذ. [ع. حَزَمَ = هو پڪو پختو ٿيو] خبرداري — احتياط — تياري — آمادگي — عاقبت انديشي.

• **حُزْنُ:** ذ. [ع. حَزَنَ = هو ڏکويو] ڏکُ — رَنجُ — صدمو — درد — غم — افسوس — ملال. ڪُڙتي — گـُوندر.

— **حَزِيْنُ:** ذ. صفت. دردمند — غمگين — ڏکويل — ملـُولُ — رَنجيده ـ رَنجايل.

• **حِسُ:** ث. [ع. حَسَّ = هن محسوس ڪيو] حواسن سان ڄاڻڻ جي طاقت — ڇُهڻ جي طاقت — سُڻڻ جي طاقت — ڄاڻڻ جي قُوت. ڪنهن اثر جي قبوليت جو جَذبو — اِحساس. ڇُهڻ جو حَواس — اندري. (جمع حواسُ). جذبو — جُنبش — حرڪت.

— **حِسُ باطِنِي:** ث. دلي احساس — ضمير جو حس.

— **حِسُ ظاهِري:** ث. ڏسڻ، ٻڌڻ، سُنگهڻ — چکڻ ۽ ڇُهڻ جو هر هڪ ظاهري اِحساس.

— **حِسُ مُشْتَرَڪُ:** ث. دماغن ۾ حواسن جي معلومات گڏ ڪرڻ جي طاقت. عقل — فهم — سمجهہ — پَروڙ.

• **حِسابُ ج حِسابَ:** ذ. [ع. حَسَبَ = هن ڳڻيو — هن ليکو ڪيو] ليکو — ڳاڻيٽو — ڳڻپ — شمار — تخمينو — انداز — جاچ — پڙتال. انگن جو علم — علم رياضي — حساب ڪتاب — انگي حساب (زباني حساب — سليٽي حساب). اگهہ — قيمت — نرخ — بها — قاعدو — ڍنگ — طور — طرح — نمونو. جيئن: ”هتي جو حساب الائي ڪهڙو آهي؟“. ميزان — جوڙ — معاملو — فرق. ڦيرڦار. نقص — رنڊڪ. خرابي — حرڪت. ڀُلَ — چوڪ — غلطي. جيئن: ليکي ۾ ڪجهہ حساب ٿي پيو آهي“. ٻلو — ڏيتي ليتي. رقم — پئسا — ڏوڪڙ. جيئن: ”پنهنجو حساب هرڪو وٺندو وڃي.“ جن ڀوت جو اثر — لڳت جي بيماري — سحر — جادو. جيئن: ”هن کي ڪجهہ حساب ٿي پيو آهي“.

— **حِسابُ بي بَاقُ ڪَرڻُ:** حساب چُڪائڻ — ڏيتي ليتي صاف ڪرڻ — اڳيون پويون حساب صاف ڪرڻ — ڪجهہ بہ باقي نہ ڇڏڻ.

— **حِسابُ پُڇڻُ:** حساب جو جواب ٻڌائڻ — حساب ڪرڻ.

— **حِسابُ پُڇڻُ:** حساب پڇڻ لاءِ چوڻ.

— **حِسابُ جَوجَو ڪَرڻُ:** ذري پُرزي جو حساب ڪرڻ. ”بخشش سَو سَو حساب جَوجَو.“

— **حِسابُ جوڙڻُ:** جوڙ لڳائڻ — ٽوٽل ڪرڻ — گڏ ڪرڻ.

— **حِسابُ چڪاسَ:** نڪتل حساب جي جانچ جونچ — چڪاسَ.

— **حِسابدانُ ج حِسابدانَ:** ذ. صفت. ليکي ۾ هوشيار — حسابن جو ڄاڻو — ماهر — قابل.

— **حِسابُ ڏيڻُ:** ليکو ڏيڻ — وهنوار ڏيڻ — ليکو صاف ڪرڻ لاءِ ڏيڻ — رقم ڏيڻ — عوض ڏيڻ. ڪم جي جوابداري سونپڻ — چارج حوالي ڪرڻ. جواب ڏيڻ. لوڙڻ — نتيجو ڀوڳڻ.

— **حِسابُ رَکڻُ:** ڏيتي ليتي رکڻ — ڪنهن جو وهنوار رکڻ. (حساب) داخل ڪرڻ. واسطو رکڻ.

— **حِسابُ ڪتابُ ج حِسابَ ڪتابَ:** ذ. ليکو چوکو — ڏيتي ليتي — ڏنو ورتو. وهنوار — ڪنڊو — پيٽو. لاڳاپو — واسطو — ميلاپ. جيئن: ”فلاڻي سان حساب ڪتاب رکيو اٿم“.

— **حِسابُ ڪَرڻُ:** ڳڻپ ڪرڻ — ليکو ڪرڻ — رقمن جو جوڙ ڪرڻ. وهنوار ڪرڻ — بي باق ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– **حِسابَ کان ٻاهر:** بي شمار – بي حَدَ ـ بي انداز – ڳاڻيٽي کان ٻاهر.

– **حِسابُ ڪَنگهڻُ:** حساب ڏيڻ – ليکو ڪرڻ.

– **حِسابُ لڳائڻُ:** اندازو لڳائڻ – حساب ڦهلائڻ – تخمينو ڪرڻ.

– **حِسابَ ۾ اچڻُ:** ڳڃاڻي هيٺ اچڻ. جيئن: "رب جي روبرو هرڪو حساب ۾ ايندو".

– **حِسابَ ۾ جمع ڪرائڻُ:** ڪاتي ۾ رقم داخل ڪرائڻ.

– **حِسابَ ۾ نہ هُئڻُ:** ڪابہ حيثيت نہ رکڻ – ڪنهن بہ ڳاڻاڻي يا شمار ۾ نہ هئڻ.

– **حِسابُ نہ لڳڻُ:** ٻلو نہ لڳڻ – يادگيري نہ پوڻ.

– **حِسابُ وَٺڻُ:** ليکو وٺڻ – وهنوار وٺڻ – گذريل خطا يا گهٽتائيءَ جو حساب چُڪائڻ – بدلو وٺڻ – انتقام وٺڻ.

– **حِسابي ج حِسابِيَ:** ذ. صفت. حساب وارو – حساب پڇڻ جو ماهر – حساب جو – حساب ڄاڻندڙ – رياضي دان. ليکو ڄاڻندڙ – حساب ڪتاب سنڀاليندڙ – ڀوت يا جِنّ جو ورتل ماڻهو. جوتشي – نَجُومي.

– **حِسابي حِسابُ:** ظرف. ليکي سان – حساب سان وهنوار سان. حِساب ۾ ٿيل غلطي سڌارڻ ۽ ان جو عوضو ڀري ڏيڻ جو اقرار (واپاري اڪثر رقم جي ڀهچ وقت لکندا آهن تہ: "ڀُل چُڪ حسابي حساب" يعني جيڪڏهن ڪابہ ڀُل چُڪ ٿي هوندي تہ ڀري ڏيڻ ۾ ايندي).

• **حَسّاسُ ج حَسّاسَ:** ذ. صفت. [ع. حَسَّ = هن محسوس ڪيو] محسوس ڪندڙ – ڇُهڻ سان معلوم ڪندڙ – ٿوري ذري بہ محسوس ڪرڻ وارو – سالم حواسن وارو. هوشيار – داناءُ – يڪدم اثر وٺڻ وارو.

– **حَسّاسِيَّتَ:** ث. جلد محسوس ڪرڻ جي قُوّتَ.

• **حُسامرَ:** ث. [ع. حَسَمَ – هن ڪپيو – هن محروم ڪيو] تيز خنجر – ترار – تلوار – شمشير – سرواهي.

• **حَسّانُ ج حَسّانَ:** ذ. [ع. حَسُنَ = هو موچارو ٿيو – هوسهڻو ٿيو] تمام سُٺو – بهتر. عقلمند. (اسم خاص). حضرت حَسّان بن ثابت انصاري حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن جي ڪچهريءَ جو شاعر ۽ سندن مدح خوان.

• **حَسْبُ:** ظرف. [ع] مُوجب – مُوافِق – ڪافي – سارو – پٽاندر – مطابق. جي سبب – جي ڪري. ان موجب – تنهن ڪري – تنهن موجب.

– **حَسْبِ اِتِّفاق:** ظرف. اتفاقاً – اوچتو – ناگهان – اتفاق سان – جنهن جو توقع يا امڪان نہ هجي.

– **حَسْبِ اِرْشاد:** ظرف. حڪم موجب – ارشاد پٽاندر – چوڻ سارو.

– **حَسْبُ الْاَمْر:** ظرف: حڪم موجب – چوڻ موجب – حڪم سان.

– **حَسْبُ الْحُڪْم:** ظرف. حڪم موجب – حڪم مطابق.

– **حَسْبِ فَرمائِش:** فرمان موجب – فرمان مطابق.

– **حَسْبُ الْمُراد:** ظرف. مرضيءَ يا خواهش موجب.

– **حَسْبِ توفِيق:** ظرف. پنهنجي حيثيت آهَرَ. پُڄنديءَ سارو. خدا جي هدايت موجب.

– **حَسْبِ حال:** ظرف. حال سارو. وقت سارو. قاعدي موجب – حالت پٽاندر.

– **حَسْبِ دَسْتُور:** ظرف. دستور موجب – قاعدي موجب. اڳئين وانگر. هميشه وانگر – هلي چلي موجب.

– **حَسْبِ ذَيْل:** ظرف. هيٺئين موجب – هيٺ لکيل موجب – هيٺئين احوال موجب – جيئن تہ – جهڙوڪ.

– **حَسْبِ ضابِطہ:** ظرف. قاعدي موجب. ضابطي موجب – قانون مطابق – دستور موجب – حسب دستور.

– **حَسْبِ عادَتَ:** ظرف. عادت موجب – دستور موجب – عام رواجَ موجب.

– **حَسْبِ قاعِدَہ:** ظرف. قاعدي موجب – قانون مطابق – حسب دستور.

– **حَسْبِ قانُونُ:** ظرف. قانون موجب – قاعدي موجب – حسب دستور.

– **حسب مَعْمُول:** ظرف. حسب دستور – عام دستور موجب – عام طرح – معمول موجب.

– **حَسْبِ مِقْدارُ:** ظرف. حيثيت موجب – حيثيت آهر – پُڄت سارو – طاقت آهر – وَس آهر.

– **حَسْبِ مَنْشا:** ظرف. خواهش ۽ ارادي موجب – تمنّا موجب –

Gul Hayat Institute

حسب مراد – دل جي گهُر مطابق.

– **حَسَبُ ج حَسَبَ:** ذ. [ع. حَسَبَ = هو شريف زادو ٿيو] شجرو – ڳڻپ – شمار – انداز. خاندان جو سلسلو – خانداني شجرو – اصل نسل – نسب – پيڙهي. نک – ذات – پاڙو – قبيلو – طريقو – عزّت – مان شان – لياقت – درجو.

– **حَسَبُ نَسَبُ:** ذ. خانداني سلسلو – بُڻُ بنياد – ذات پات – اصل نسل – شجرو – ڪُڙم – قبيلو – نُک. ڏاڏاڻڪو ۽ ناناڻڪو (بنياد).

● **حَسَدُ ج حَسَدَ:** ذ. [ع. حَسَدَ = هن ساڙڪيو] بدخواهي – مَٽَ گهرائي – وروڌ – وير – دشمني – عداوت – بيائي. ساڙُ – پچُ – ڪامَ – زنگُ – جَلُ.

– **حَسَدُ رَکَڻُ:** دشمني رکڻ – سڙڻ – پچڻ – جلڻ – نه سهڻ.

● **حَسرَتَ ج حَسرَتُون:** ث. [ع. حَسِرَ = هن ڏڏو ساهه کنيو] ڪنهن شيءِ نه ملڻ جو افسوس – پشيماني – پڇتاءَ – ندامت – شرمندگي – ارمان – غم. اُميد – آرزو – تمنا – شوق – سَڌَ – چاهُ – هَوَسُ – اُتساهه.

– **حَسرَتُ آلُودُ:** ذ. صفت. غم وارو – غمگين – ارمان ڀريو – وڏي افسوس وارو.

– **حَسرَتُ انگيز:** ذ. صفت. حسرت اُڀاريندڙ – ارمان پيدا ڪندڙ.

– **حَسرَتُ باقِي رَهڻُ:** ارمان رهجي وڃڻ – دل ۾ رهجي وڃڻ.

– **حَسرَتُ ڀَريو:** ارمان وارو – شوق سان ڀريل.

– **حَسرَتُ ڀريُون نگاهُون:** ڏک ۾ ارمان سان ڀريل نگاهون.

– **حَسرت جُون هَنجُون هارَڻُ:** رنج ۽ غم جو اظهار ڪرڻ. پنهنجي قسمت کي روئڻ – ناڪاميابيءَ جي شڪايت ڪرڻ.

– **حَسرتُ پُوري ڪرڻ:** دل جو ارمان ڪڍڻ – خواهش يا آرزو پوري ڪرڻ.

● **حَسرتُ زده:** ذ. صفت. غم جو ماريل – ڏک ڀريل.

● **حَسَنُ:** ذ. صفت. [ع. حَسُنَ = موچارو ٿيو] سٺو – چڱو – ڀلو – عمدو – سهڻو – خوبصورت. (اسم خاص). حضرت عَلي(ع) جن جي فرزند ارجمند جو نالو جن جي وفات زهر ملڻ سبب ٢٨ صفر ٤٧ هجريءَ ۾ ٤٧ ورهين جي ڄمار ۾ ٿي.

– **حَسَنِي:** ذ. صفت. حضرت امام حسن(ع) جن جو اولاد.

● **حُسنُ ج حُسنَ:** ذ. [ع. حَسُنَ = هو موچارو ٿيو] چڱائي – ڀلائي – سنائي – خوبي – عُمدگي. خوبصورتي – سهڻائي – ملوڪائي – جمال – سوڀيا – سونهن – جوڀنُ – روُپ – سندرتا – دلربائي. نزاڪت – زينت – رونق – رنگ – سينگار.

– **حُسنِ آرا:** سونهن وڌائڻ واري – حسن جو شان وڌائڻ واري.

– **حُسنِ اَخلاقُ:** لڇڻ جي خوبي – سنا لڇڻ.

– **حُسناڪُ:** ذ. صفت. حُسن وارو – سُهڻو – مَلُوڪ – سُنَدَر. "عبداللطيف چئي پرين اسان جو هميشه آ حسناڪ" (شاهه).

– **حُسنِ اِنتِظامُ:** بندوبست جي خوبي – سهڻو بندوبست.

– **حُسنِ بَيانُ:** خوش بياني – وڻندڙ ۽ اثرواري تقرير.

– **حُسنِ تَدبِير:** ث. سهڻي اٽڪل – سٺي تدبير – سهڻي رٿ يا تجويز – سهڻي صلاح – عمدو مشورو.

– **حُسنُ پَرَستُ:** ذ. صفت. عاشق مزاج – حُسن کي پسند ڪندڙ.

– **حُسنِ خُلق:** نيڪ مزاج – سُني طبعيت – نيڪ طبعيت.

– **حُسنِ سُلُوڪُ:** سهڻي رَوش – سُٺو بَرتاءُ.

– **حُسن راءِ:** ث. نيڪ خيالي – چڱي راءِ – سُٺي راءِ.

– **حُسنِ صَبِيحُ:** ذ. اڇو رنگ – نهايت دلڪش يا اعليٰ حُسن – گورائي – گوراڻ.

– **حُسنِ طَلَب:** ث. تمام سهڻي نموني سان ڪنهن شيءِ لاءِ ڪيل گهُر يا طَلَب – گهُرڻ جو سهڻو طريقو.

– **حُسنِ ظَنُّ:** ذ. سهڻو گمان – نيڪ خيال – ڪنهن لاءِ چڱو خيال رکڻ.

– **حُسنِ مَلِيح:** ذ. سانورو يا ڪٽڪ رنگو حُسن.

– **حُسنِ يُوسُفُ:** ذ. حد درجي جي سونهن – تمام وڏو حُسن.

● **حَسناڻي:** اسم خاص. تعلقي جوهي ۾ هڪ ديهه جو نالو. چانڊين بلوچن جو هڪ قبيلو.

● **حَسنجو:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر نوابشاهه ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).

● **حَسنعَلِي:** اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **حَسنِي:** اسم خاص. ڪيتراڻ بلوچن جو هڪ قبيلو.

● **حُسنِيٰ:** سهڻي ۾ سهڻي عورت – بيحد سهڻي عورت. (نالي طور پڻ ڪم اچي).

● **حَسڻ واهڻُ:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **حَسڻ وَڳڻ:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **حَسِيبُ ج حَسِيبَ:** ذ. صفت. [ع. حَسَب = هن ڳڻيو] حساب وٺندڙ — چڱي حسب نسب وارو — بزرگ. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

• **حَسِيْنُ ج حَسِيْنَ:** ذ. صفت. ڏسو "حُسْنُ". سهڻو — حسن وارو — سونهن وارو — سوڀياوان — خوبصورت — خوبرُو — سُندر — ملوڪ — جميل — شڪيل — سنو — وڻندڙ — سينگاريل.

— **حَسِيْنُ وجَمِيْلُ:** ذ. صفت. تمام سهڻو — نهايت خوبصورت.

— **حَسِيْنَہ:** ث. صفت. خوبصورت عورت — حسن واري عورت — سهڻي —سوڀيا واري.

• **حُسَيْنُ:** ذ. حضرت عَلي ڪرم الله وجه جن جو ٻيو فرزند، جنهن ١٠ محرم الحرام سنہ ٦١ هجريءَ ۾ شهادت پاتي.

— **حُسَينِي ج حُسَينِي:** ذ. صفت. حضرت امام حُسين( ع) جو — حضرت امام حُسين( ع) جو پيروڪار — حضرت امام حُسين (عہ) جو اولاد.

• **حُسين پور:** اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **حُسَيْنِي:** اسم خاص. [ع] فارسي راڳن جي ٻارهن نغمن يا سُرن مان ٻي نمبر سُر جو نالو — سج اُڀرڻ کان پهر سج تائين سرائجي. شاهہ جي رسالي ۾ سسئي جي سُرن مان هڪ سُر جو نالو. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. فقيرن جو هڪ قسم — ڪاٽ ٻانيڻ. هڪ ذات جو نالو.

— **حُسيني راڳ ڪرڻ:** ساڳي ڳالهہ وري وري ڪرڻ.

• **حَشاشُ بَشَاشُ:** صفت. نهايت خوش — کِلمُک — گد گد — مَسرُور — حد کان وڌيڪ خوش.

• **حَشامُ ج حَشامَ:** [ع. حَشمَ = هن شرمايو — هن دٻايو] انبوهہ — ميڙ — ميڙاڪو — پِيهَہ (ماڻهن جي). لشڪر — خلق. غلغلو — گهمسان — شور — غوغاءَ — هُل — بکيڙو — ورلاپ — آهون دانهون — آهہ و زاري. (صفت). تمام گهڻا — بي انداز — ڍِڳَ.

• **حَشرُ ج حَشرَ:** ذ. [ع. حَشَرَ = هُن ڪٺو ڪيو] گڏ ٿيڻ جي حالت — گڏجاڻي — وري جيئرو ٿي اُٿڻ جي حالت (قيامت ۾). مسلمانن جي عقيدي موجب پروردگار ٻه عالم هن دنيا کي صور اسرافيل جي آواز سان تباهہ ڪري هر هڪ ساهہ واري کي جيئرو ڪري، ان کان سندس عملن جو حساب وٺندو. هن سڄي عمل کي حَشر جو نالو ڏنو ويو آهي. قيامت جو ڏينهن — مَحْشَر — روز محشر. هُل — گوڙ — گهمسان. پِٽَ — پِٽڪو — ماتم — واويلا — روج — راڙو. مُحَرَم جي ڏهين تاريخ. حضرت امام حُسين( ع) جي شهادت جو ڏينهن.

— **حشَرُ بَرپا ڪرڻ:** گوڙ گهمسان ڪرڻ. مصيبت کڙي ڪرڻ — فساد مچائڻ.

— **حَشَرُ مَچائڻ:** زور سان روئڻ — روج راڙو ڪرڻ — هُل هنگامو ڪرڻ — دانهون ڪرڻ — واويلا مچائڻ — ماتم ڪرڻ — گوڙ گهمسان ڪرڻ.

— **حَشْرِي ج حَشْرِيُون:** ث. واويلا — ماتم — حشر — بدنامي — رُسوائي.

— **حَشْرِي لائي ڏيڻ:** ڏاڍو تنگ ڪرڻ — بدنام ڪرڻ — رُسوا ڪرڻ.

• **حَشَرات:** ذ. [ع. حَشَرَة = جيتُ] حَشَرة جو جمع. سُرندڙ جيت — سرڻا جهڙوڪ: "ڪينئان، نانگ، بلائون، ماڪوڙيون، ٽنبڻ وغيره." (برسات ۾ پيدا ٿيندڙ ۽ زمين ۾ ٽنگ ڪري رهندڙ جيتَ).

— **حَشَراتُ الأرض:** ذ. زمين جا جيت جهڙوڪ: ماڪوڙا، نانگ، بلائون، ڀِتون، گوهون، نوريڙا ۽ ڪوئا وغيره."

• **حَشَمُ:** ذ. [ع. حَشَمَ = هن دٻدٻو رکيو] نوڪر چاڪر — خدمتگار — همراهہ — عَملو — اتالو — سُواري. مُرڪَبات ۾ "جاهہ" سان گڏ استعمال ٿئي، جيئن: "جاهہ وحَشم".

• **حَشْمَتَ ج حَشْمَتُون:** ث. [ع] دٻدٻو — رُعب تابُ — نوڪر چاڪر ۽ خدمتگارن جو اتالو. نوڪر چاڪر — عَملو — اتالو — فوج — لشڪر. اسباب — سازو سامان. وڏائي — عظمت — بزرگي — مرتبو — شان — اقبال. آب — مانُ — شوڪت — ٺُومان — تيجُ — ٺَٺُ — پيڪو — ڏَيا — اِڊنبرُ — ڏامر ڏوم. مُڙسي — همَت — بهادري — مٺيا.

— **حَشْمَتَ وارو ج حَشْمَتَ وارا:** ؛. صفت. دٻدٻي وارو — رعب وارو — طاقتمند — عزت وارو.

— **حَشْمَتَ وارو هُئڻ:** همت وارو هئڻ.

— **حَشْمَتَ وِيهَارَڻ:** رُعب وِيهارڻ — ڄمَت ڪرڻ — دهشت يا ڏکو ويهارڻ — دٻدٻو رکڻ.

– **حَشْمَتِي ج حَشْمَتِي:** ذ. صفت. دٻدٻي وارو – زور وارو – چمت وارو – رعب تاب وارو.

• **حَشو ج حَشا:** ذ. [ع. حَشا = هن ڀريو] وِهائي جو ڀرڻ. ڀرڻ جي شيءِ ـ ڀرتي. ڀرتي وارو ڪلام – زائد شعر يا ڪلام. بيهودو ڪلام.

• **حَشِيْش:** ث. [ع] نشيدار ٻوٽي جو هڪ قسم – ڀنگ – سائي ٻوٽي.

• **حِصارُ ج حِصارُون:** ث. [ع. حَصَرَ = هُن گهيرو ڪيو] حاطو – چوديواري – جنگلو – لوڙهو. شهرپناهه – ڪوٽ – قلعو.

– **حِصو ج حِصا (حِصَصُ):** ذ. [ع. حِصَۃ: حِصَ > حِصَ = ڪَٽڻ، ورهاست ڪرڻ] ڀتي – ڀاڱو – ٻخرو – ٽڪرو. وَنڊ – ورچ – ورهاست – ونڊي – ڦانڊپي – تقسيم – ورهاڱو.

– **حِصا ڪَرڻ:** ڀاڱا ڪرڻ – ٽڪرا ڪرڻ – ورهائڻ.

– **حِصائتو ج حِصائتا:** صفت. ظرف. حصي وارو – حصي سان – ڀتيان ڀتي – ڀاڱي سان – وِرچ موجب – ورچائتو – ڀاڱائتو – حصن ۾ ـ ڀاڱن ۾.

– **حِصّي ڀائِي ج حِصّي ڀائِي:** ذ. ڀتيارُ – ڀتيدارُ – ڀائيوارُ – حِصيدارُ – ورچدارُ – وَنڊيارُ.

– **حِصيدارُ ج حِصيدار:** ذ. [حِصَ + دار (داشتن جو امر)] حِصي ڀائي – حصو رکندڙ – ڀائيوار.

– **حِصّيداري:** ث. ڀائيواري – ڀتياري – شراڪت.

– **حِصّي رَسِيِّ:** ث. هڪجهڙي حِصّي سان – حِصّي رسد – حِصّي سارو. انگي حسابن جي طريقن منجهان هڪ طريقو.

– **حِصّي رَسَدُ:** حِصّي سان – ڀتيءَ سارو – ڀاڱي ۾ ـ ٽڪرن ۾. ڀتين رستي (ڀهچ). برابر سان – هڪجهڙي حِصّي سان – حِصّي موجب – ڀاڱي رُوءِ.

– **حِصّيرو ج حِصّيرا:** ذ. صفت. حِصّي وارو – حصو ونندڙ – حصّيدار – ڀاڱيوارُ – ڀائيوارُ – ڀاڱي ڀائي. ظرف. حِصّي رسد – حصن ۾ ـ ڀاڱن ۾ ـ ڀاڱي سان – نسبت سان.

• **حُصُولُ:** ذ. [ع. حَصَلَ = حاصل ٿيو] حاصل ٿيل – پيدائش – آمدني – اُپت – حاصلات. فائدو – نفعو.

– **حُصُولُ ٿيڻ:** حاصل ٿيڻ – نصيب ٿيڻ.

• **حَضَرُ ج حَضَرَ:** ذ. [ع. حَضَرَ = هو حاضر ٿيو] حاضر رهڻ جي حالت – رويرائي – موجودگي – وطن جي رهائش – هڪ جڳهه جو قيام (ضد = سفر).

• **حَضْرَتُ ج حَضْرَتَ:** ذ. صفت. [ع. حَضَرَ = هو حاضر ٿيو] حاضر موجود – روبرو. بزرگن ۽ بادشاهن لاءِ تعظيم جو لقب – جهڙوڪ: "حضور، قبلہ، سڳورو، مانوارو حضور اعليٰ، جناب اعليٰ، عزت مآب وغيره."

• **حَضْرَمُوت:** اسم خاص. [ع] عربستان ۾ عمان ۽ يمن جي وچ واري هڪ صوبي جو نالو.

• **حُضُورُ:** ذ. [ع. حَضَرَ = هو حاضر ٿيو] جنهن جي اڳيان حاضر ٿجي. حاضر ٿيل – موجود – حاضر – روبرو – سامهون. ڪنهن بزرگ يا حاڪم جي تعظيم لاءِ ڪم ايندڙ لفظ – جهڙوڪ: "حضرت، قبلہ، مخدوم، سائين، سڳورو ڏڻي، آقا، سردار، مهاراج، آن داتا". حاضري – موجودگي – رويرائي. دربار – ڪچهري – مجلس. جيئن: "سائين جن جي حضور ۾ اچي پهتو آهيان". هستي – حشمت. آري جام جي دربار. "تون وڃين هوت حضور، منهنجو جيئڻ جيلاهين ٿئي." (شاهه).

– **حُضُورَ ۾:** ظرف. موجودگيءَ ۾ ـ حاضريءَ ۾ ـ خدمت ۾ ـ درگاهه يا دربار ۾.

– **حُضُورِ اَعْليٰ:** جناب عالي – جناب اعليٰ – حضور والا.

– **حَضُورِ والا:** جناب عالي – حضور اعليٰ.

– **حُضُورِيِ:** ث. قُرب – نزديڪي – ويجهڙائي – حاضري. صفت. حضور جو – حضور ۾ پهتل – واصل بِاللّه. بادشاهي دربار يا ڪچهري.

• **حَطَبُ:** ث. [ع] ڪاٺي – لڪڙي. لَٺ ـ لڪڻ. باهه ٻرڻ – ٻَلُ.

• **حَطِيْمُ:** ث. [ع] ڪعبۃالله جي ٻاهران اولهه طرف ڪان ڏنل هڪ ڀت – ڪعبہ سان لڳ. رهيل جاءِ جو ٽڪرو.

• **حَظُّ ج حَظّا:** ذ. [ع. حَظ = هو بختاور هو] سُٺي قسمت – نصيب – ڀاڳ – بخت. خوشي – آنند – سَرهائي – لطف – ذائقو – لذّت – مزو – سوادُ.

– **حَظ نَفْسانِيِ:** ذ. حيواني خوشي – نفساني لذّت.

– **حَظ نہ هُجَڻُ:** مزو نہ هجڻ – سواد نہ هجڻ.

• **حفاظت:** ث. [ع. حَفَظ = هن رکيو، هن بچايو، هن ياد ڪيو]

Gul Hayat Institute

– **حَقّ پَرستِي:** ث. حق جي مڃتا. خدا جي حڪمن جي پيروي. شريعت موجب هلڻ. سچائيءَ تي هلڻ جي حالت. انصاف – عدل.

– **حَقّ پَسندُ ج حَقّ پَسندَ:** ذ. صفت. انصاف پسند – سچ جو ڳولائو – سچارُ.

– **حَقُ حَقُ ڪَرڻُ:** خدا جو نالو وٺڻ. انصاف ڪرڻ. عدل ڪرڻ.

– **حَقّ حُقُوق:** ذ. سڀ اختياريون – واسطا – لاڳاپا – ناتا. صحيح حقّ ـ حڪم احڪام – سڀ فرض.

– **حَقدارُ ج حَقدارَ:** ذ. صفت. حق وارو – حق رکندڙ – حَقِي – سچو مالڪ – اصل مالڪ – ڌڻي – مالڪ – قبضيدارُ – واسطيدار – لاڳاپيدار.

– **حقداري ج حقداريون:** ث. واسطيداري – حقّ ـ ذاتي حصو.

– **حَقّ رَسِي ج حَقّ رَسِيُونْ:** ث. انصاف – عدل يا نياءُ – پلئه پوڻ جي حالت.

– **حَقّ شَرَعِ پارڻُ:** مڙس جو پنهنجي نڪاح هيٺ زال سان همبستر ٿيڻ.

– **حَقُ شُفعَہ:** پنهنجي گهر يا زمين جي پرواري گهر يا زمين جي خريد ڪرڻ جو سڀ کان وڏو حقّ. پاڙي واري جو حقّ. پرِ واري جو حقّ.

– **حَقّ شَناسُ ج حَقّ شَناسَ:** ذ. صفت. خدا کي سڃاڻندڙ – حق سُڃاڻندڙ – حق صحيح طرح ڪم آڻيندڙ – حق جو ڄاڻندڙ – حق بجا آڻيندڙ – عادل – مُنصِفُ – انصاف وارو. قدردان – شڪرگذار – احسانمند.

– **حَقّ شَناسِي:** ث. سچ جي سُڃاڻپ – ٿورو مڃڻ – احسانمندي – شڪرگذاري – قدرداني.

– **حَقّ فِراموشُ:** ذ. صفت. ٻئي جو حق وساريندڙ – ناشناس – احسان فراموش – ٿورو نه مڃيندڙ.

– **حق فِراموشِي ج حَقّ فِراموشِيُونْ:** ث. ٻئي جو حقّ وسارڻ جي حالت.

– **حَقّ فِروشِي ج حَقّ فِروشِيُونْ:** ث. بي ايماني – عدل ۽ انصاف کي رشوت وٺي وڪرو ڪرڻ – بي ديانتي.

– **حَقّ ڪَرڻُ:** شادي ڪرڻ – انصاف ڪرڻ. عدل ڪرڻ – انصاف ڪرڻ.

– **حَقّ گذارُ ج حَقّ گذارَ:** ذ. صفت. انصاف ڪندڙ.

– **حَقّ گو ج حَقّ گو:** صفت. سچ چوندڙ – سچارُ.

– **حَقّ گوئِي ج حَقّ گوئِيُونْ:** ث. سچ چوڻ جي حالت – سچ چئي ڏيڻ – سچائي – انصاف جو فيصلو. سچي شاهدي.

– **حَقّ ۾:** ظرف. جي باري ۾ ـ بابت – متعلق – جي طرف – واسطي – لاءِ ـ حمايت ۾ ـ فائدي ۾.

– **حَقّ ۾ رَهڻُ:** بيوه عورت جو شادي نه ڪرڻ، بلڪ پهرئين مڙس جي حق ۾ گذارڻ.

– **حَقّ مارڻُ:** ڪنهن جو حق گم ڪرڻ يا غَصَبُ ڪرڻ.

– **حَقّ مُبِين:** ذ. حَقّ يا سچ جيڪو پڌرو هجي.

– **حَقّ نا حَقّ:** ظرف. بي سبب – خواه مخواه ـ آهاني بهاني – هرويرو – اُهينئِي.

– **حَقّ ناشَناس:** ذ. صفت. احسان فراموش – ناشڪر گذار.

– **حَقّ نمڪ:** ذ. نوڪري يا نمڪ خواريءَ جو حَقّ. اهو حَقّ جو مالڪ جو نوڪر تي هجي – وفاداري – ديانتداري – خيرخواهي.

– **حَقّ وٺڻُ:** پنهنجو حصو وٺڻ – پنهنجو اُجورو وٺڻ.

– **حَقّ وَڍڻُ:** ورثو ڦٻائڻ – حق غَصَبُ ڪرڻ – حقِ ملڪيت کسي وٺڻ.

– **حُقُوقُ الله:** خدا تعاليٰ جا حق جيئن ان کي "وَحدَه لاشَرِيڪَ لَه" ڪري مڃجي، ان جي عبادت ڪجي.

– **حُقُوقُ العِبَاد:** انسانن جا حقّ ـ انسان جا انسان تي حق – ٻانهن جا حَقّ.

– **حَقُون ناحَقُون:** ظرف. واجب غير واجب. هر حالت ۾ امان گهُرڻ جي حالت. "ربّ حقون ۽ رکي ناحقون ۽ رکي."

– **حَقون ناحَقون رکڻُ:** بي انصافيءَ ظلم کان پناهه ۾ رکڻ. ٻي ڌوهي هجڻ جي حالت ۾ ۽ ڪنهن سزا ملڻ کان امانُ گهرڻ.

– **حَقِي:** ذ. صفت. سچيءَ طرح. صحيح نموني ۾ ـ برابر حق – جائز نموني ۾ ـ واجبي – سچو – حقدار – انصاف وارو.

– **حَقِيقِي:** ذ. صفت. اصلي سچو پچو – برابر – صحيح – حقيقت. علم لغت موجب، پنهنجي ٺهرايل ۽ مقرر ڪيل معنيٰ وارو لفظ.

– **حَقِيقِي ڀاءُ** ذ. سڳو ڀاءُ – ساڳي ماءُ پيءُ جو ڄاول ڀاءُ.

– **حَقِيقِي مُلهه:** ذ. سچو پچو اگهه يا قيمت.

Gul Hayat Institute

– حَقيِ وارثُ ج حَقِيَ وارثَ: ذ. شريعت موجب وارث. سچو پچو وارث.

• حَقابو ج حَقابا: ذ. [ع. حَقُ + ف. آب = پاڻي = پاڻيءَ جو حقّ] ڍل جو هڪ قسم. جاگيردارن کان پوک لاءِ کم آندل پاڻيءَ جو ورتل مُعاوضو – پاڻيءَ جو حقّ.

• حِقارَتَ ج حِقارَتون: ٿ. [ع. حَقر = هو نيچ ٿيو] نيچائي – گهٽتائي – بُرائي – ڌڪار – نفرت – ڪراهت – ٻُڇان. ذلت – خواري – بي عزتي – ڇُت ڦِٽ.

– حقارت جي نظر سان ڏسڻ: ٻئي کي ذليل ۽ خوار سمجهي، گهٽ توَجهُ ڪرڻ – ڌڪارڻ – نيچ ڪري سمجهڻ.

– حق دادائي: اسم خاص. لاشاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

• حُقنو ج حُقنا: ذ. [ع. حُقنَه > حَقنَ = هن پچڪاري هڻئي] پيٽ صفا ڪرڻ جي هڪ پچڪاري. قبضي پڄندڙ هڪ اوزار. مقعد کان پچڪاري ذريعي قبض ٽوڙڻ جو هڪ علاج جو نمونو.

– حُقنو ڪرائڻ: پچڪاري سان پاڻخانو ڪرائڻ.

• حُقو ج حُقا: ذ. [ع. ف. حُقَة = ننڍڙي پيتي] تماڪ وجهي ڇڪڻ لاءِ هڪ قسم جو (نڙ، گوءِ ۽ ٽوپيءَ جو) ماندائو – گُڙ گُڙو – ننڍي چلم – ڏٻي.

– حُقا ڀرڻ: چلم ناهي ڏيڻ – غلامي ڪرڻ – ذليل ٿي گذارڻ.

– حُقائي ج حُقائي: ذ. صفت. حُقي وارو – حُقي پيئڻ جو عادي – حُقو ڇڪيندڙ – حُقي پياڪ – تماڪ پيئندڙ – موالي – ڀانڊائي.

– حُقو تازو ڪرڻ: حُقي جو پاڻي بدلائڻ – نڙ ۽ گوءِ تي پاڻي وجهڻ.

– حُقو نيڪڻ: حُقو ڀري ويهي پيئڻ. ڪم ڪار نه ڪرڻ.

– حُقو پاڻي بند ڪرڻ: برادري مان ڪيي ڇڏڻ – تڪليف پهچائڻ.

– حُقو رسائڻ (ڪ): حقو تيار ڪرڻ.

• حُقي بَردارُ ج حُقي بَردار: ذ.صفت. حقو جهليندڙ – حُقو يا چلم تيار ڪندڙ – گهٽ درجي جو نوڪر.

• حُقُوق: ذ. [ع] حَقَّ جو جمع – برابر حصا – حَق – فرض – سچا واسطا – قاعدا – ذميواريون.

• حَقِيرُ ج حَقِيرَ: ذ. صفت. [ع. حَقر = هو نيچ ٿيو] حقارت جي لائق – نفرت جوڳو – گهٽ – ڪمتر – خسيس – نيچ – ادنيٰ – تمام ٿورو – خَفِيفُ – ڌڪاريل – ذليل – خوار – غريب – مسڪين – ڪنگال – ٻڪيو – سُڄو – پيڻگيو – بي ڀهچ – هيٺو – ڪمزور – ضعيف – لاچار.

– حَقِيرُ ڄاڻڻ: گهٽ سمجهڻ – ادنيٰ سمجهڻ – نيچ سمجهڻ.

• حَقيقَت ج حَقيقَتون: ٿ. [ع. حَقَّ = هو نيڪ هو] اصليت – ماهيت – اصل – جَڙ – پيڙهه – بنياد – حالت – حال – ڪيفيت – پيدُ. سچي واقفيت يا معلومات – سچو احوال – سچي ڳالهه. سچائي – سُپت – صداقت. خبر – پروڙ – معلومات – ڄاڻ – ماجرا – بيان – احوال. حق – ملڪيت – حقداري. صوفين جي اصطلاح ۾ سلوڪ جي هڪ منزل.

– حَقِيقَتاً: ظرف. حقيقت ۾ – سچي طرح – صحيح نموني ۾ – سچ پچ.

– حَقِيقَت بِينُ ج حَقِيقَت بِينَ: ذ. صفت. اصليت کي جاچڻ وارو. حقيقت جاچڻ وارو. سچ سڃاڻندڙ. سچ پرکيندڙ.

– حَقِيقَت جو کُلڻ: راز ظاهر ٿيڻ. ڪيفيت جو معلوم ٿيڻ. اصليت پڌري ٿيڻ.

– حَقِيقَت حالُ: ذ. پنهنجي اندر جي حقيقت. سچو بيان.

– حَقِيقَت شَناسُ: ذ. صفت. سچ سڃاڻندڙ – حقيقت سُڃاڻندڙ.

– حَقِيقَت ۾: ظرف. سچ پچ ته – صحيح نموني ۾ – دراصل.

• حَقِيقو ج حَقِيقا: ذ. [ع. عَقِيقَه جي بگڙيل صورت] مسلمانن جي هڪ مذهبي سُنت (جا ٻار ڄمڻ وقت مٿي ڪوڙائڻ ۽ خيرات ڪرڻ ذريعي ادا ڪئي ويندي آهي) – عَقِيقو. ڇٽي جي خيرات.

– حَقيو ج حَقيا: ذ. صفت يا ظرف. [ع. حقّ حَقي > حقيو]. سچو – لازمي – پڪو – پختو – وعدي تي پورو – وعدي واري جاءِ تي يقيني موجود. لازمي طور ڳنڍوڳنڍ. "هردم مون سان هوئج حقيو. فرياد رس يا مرشدا" (حمل).

• حقيو تڪيو: ظرف. پڪ ئي پڪ – لازمي طور يقيناً.

• حَڪَاڪُ ج حَڪَاڪَ: ذ. صفت. [ع. حَڪَّ = هن سونُ وِنڊيو يا پرکيو] وينجهارُ – هيري ۽ شيشي کي ونڊيندڙ – وينجهر – جوهر تلاش – نگُ سازُ.

Gul Hayat Institute

• **حُڪامُ:** ذ. [ع. حَڪَمَ = هن حڪم ڪيو، هُن فيصلو ڪيو] حڪومت ڪرڻ وارا – عملدار – آفيسر "حاڪم" جو جمع.

• **حِڪايَت ج حِڪايتُون:** ث. [ع. حَڪَيَ = هن ڳالهه ٻڌائي] آکاڻي – ڳالهه – قصّو – داستان – ڪهاڻي – ٽوٽڪو – لطيفو – بيان – خبر – احوال – حديث – روايت.

– **حِڪايتاً:** ظرف. ذڪر طور – روايت طور – ڳالهه ڪندي.

• **حَڪَمُ ج حَڪَمَ:** [ذ. صفت. ع. حَڪَمَ = هن فيصلو ڪيو] آمِينُ – فيصلو ڪندڙ – مُنصِفُ – ٺياڪڙ – سَرپَنچُ – ثالث – مُصلح – ترجمان.

• **حَڪمِي:** ث. ٺياڪڙي – امانت – مصلحت.

• **حُڪُمُ ج حُڪُمَ:** ذ. [ع. حَڪَمَ = هن فرمان جاري ڪيو] فرمان – ارشاد – آگيا – امرُ – چيو – آرڊر – اختياري. سرڪاري قاعدو – قانون. رخصت – موڪل – اجازت – پروانو. حڪومت – فرمان روائي – راڄ. تاس راند ۾ ٻوليل رنگ.

– **حُڪم اِمتِناعِي:** ڪنهن ڪم ڪان منع جو حڪم. جيڪو عدالت جاري ڪندي آهي.

– **حُڪمان حُڪمُ:** ظرف. حڪم جي زور سان – ڏاڍائيءَ سان – ظلم سان – شوخيءَ سان – زبردستي. زوران زوريءَ سان – اختياريءَ سان.

– **حُڪمان حُڪمِي:** ظرف. يڪدم – جهٽ پٽ – زبردستي – زوري.

– **حُڪم بجا آڻڻ:** حڪم مڃڻ – چيو وڃڻ – حڪم جي تعميل ڪرڻ.

– **حُڪمُ بَردار ج حُڪمُ بَردارَ:** ذ. صفت. حڪم مڃيندڙ – فرمانبردار – تابعدار – نوڪر – نمڪ حلال.

– **حُڪمُ بَرداري:** ث. فرمانبرداري – اطاعت – نمڪ حلالي – وفاداري.

– **حُڪمُ ٽوڙڻ:** حڪم نہ مڃڻ – نافرماني ڪرڻ.

– **حُڪم جاري ڪَرڻُ:** حڪم صادر ڪرڻ. اشتهار ڦيرائڻ. پڙهو ڏيارڻ. منادي ڦيرائڻ.

– **حُڪمُ جو ٻَندو:** ذ. حڪم مڃيندڙ ماڻهو. فرمانبردار – چيئوانُ – نوڪر – غلام.

– **حُڪمُ جو ٻَندو هُئڻُ:** هر طرح چيئوان هئڻ. غلام هئڻ.

– **حُڪمُ ڏيڻُ:** ارشاد ڪرڻ – فتويٰ ڏيڻ – فيصلو ڪرڻ. اجازت ڏيڻ – هدايت ڪرڻ.

– **حُڪمرانُ ج حُڪمرانَ:** ذ. صفت. حڪم هلائيندڙ. حڪومت ڪندڙ. اختياريءَ وارو. فرمان روا – بادشاهه – حاڪم.

– **حُڪمراني:** ث. حڪم هلائڻ جي اختياري – فرمانروائي – اختياري – وَس – واڳ. حڪومت جي جوڙجڪ – بندوبست – بادشاهت – سلطنت – حڪومت – راڄ. قاعدو – دستور – عَمَلُ.

– **حُڪمراني ڪرڻُ:** حڪم هلائڻ – فرمانروائي ڪرڻ – بادشاهي ڪرڻُ.

– **حُڪمُ ڪرڻ:** حڪم هلائڻ – حڪم ڏيڻ – فرمائڻ. اجازت ڏيڻ. سختي ڪرڻ. جبر ڪرڻ.

– **حُڪمنامو ج حُڪمناما:** ذ. لکيل حڪم – تحريري حڪم – فرمان نامو – اختياريءَ جو پروانو – لکيل هدايتون.

– **حُڪمَنُ:** ظرف. زوري – زبردستي – زبردستي سان.

– **حُڪمُ هلائڻُ:** حڪومت ڪرڻ. ويني ويٺي ڪمن بابت حڪم ڏيڻ. امر ڪرڻ. فرمان ڪرڻ. سختي ڪرڻ. جبر ڪرڻ.

– **حُڪمِي ٻَندو ج حُڪمِي ٻَندا:** ذ. صفت. حڪم جو نوڪر. حڪم مڃيندڙ – چيئوان – تابعدار.

• **حِڪمَتَ ج حِڪمَتُون:** ث. [ع. حَڪمَ = هو سياڻو ٿيو] دانائي – سياڻپ – عقلمندي – ڏاهپ – هوشياري. هڪ علم جو نالو جنهن جي وسيلي دنيا ۾ پيدا ٿيل هر هڪ شيءِ تي بحث ڪجي. (حڪمت [نظري] جا ٽي قسم آهن: ۱. حِڪمت طبيعي. ۲. حِڪمت رياضي. ۳. حڪمت اِلاهي]. ڪن مُحققَن جي راءِ موجب هر هڪ شيءِ جي حقيقت معلوم ڪرڻ جو علم، جنهن جا ٻہ قسم آهن. ۱. حِڪمت عِلمِي يا نظري. ۲. حِڪمت عَمَلِي. تدبير – اٽڪل – ڪيڏ – هوشياري – چالاڪي. علاج ڪرڻ جو فن. طبابت – ڊاڪٽري – ڪاريگري – هنر – ڌنڌو – پيشو – ڪَسَبُ.

– **حِڪمَتَ اِلاهي:** ث. باري تعاليٰ ۽ عقل تي بحث جو علم – قدرتي راز. خُدائي ڳجهه.

– **حِڪمَت آميز:** ذ. صفت. سياڻپ يا ڏاهپ وارو. جنهن ۾ ڪو خاص مطلب رکيل هجي.

Gul Hayat Institute

– **حِڪْمَتَ سان:** ظرف. اٽڪل سان – تدبير سان – دانائيءَ سان – هوشياريءَ سان.

– **حِڪْمَتَ عَمَلِيْ:** ث. اٽڪل بازي. تهذيب، اخلاق ۽ سياست جي واقفيت. مُلڪي مصلحت. مُلڪي تدبير. سياسي چالبازي – پاليسي. هٿ جو هنر. هٿ جي اٽڪل. ظاهري فنّ. ظاهري چالاڪي. اٽڪل – چالاڪي – هوشياري – دورانديشي – سياڻپ.

– **حِڪْمَتَ ڪَرَڻُ:** طبابت ڪرڻ. ڊاڪٽري ڌنڌو ڪرڻ. دانائي ڪرڻ. تدبير ڪرڻ.

– **حِڪْمَتِيْ ج حِڪْمَتِيْ:** ذ. صفت. علم حڪمت جو ڄاڻو. حڪمت وارو – فلسفي – فيلسوف. چالاڪ – ڏاهو – سياڻو – هوشيار – اٽڪلي – حرفتي – هنري – هنرائتو – ٻَـرُ ڪُ – فنّ باز.

• **حُڪَڙُ (ت):** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **حُڪُوْمَتَ ج حُڪُوْمَتُوْنْ:** ث. [ع. حَڪَم = هن حڪم هلايو] حڪم هلائڻ جو اداره. بادشاهي –سلطنت – حُڪمراني – فرمان روائي – راجائي – راڄ – حڪومت ڪان مليل اختيار – قاعدو – قانون – ضابطو – انتظام – بندوبست. سختي – زور – ڏاڍائي – دٻاءُ.

– **حُڪُومَتَ جَمْهُوْرِيْ:** ث. رعيت جي حڪومت. رعيتي راڄ. ڪنهن ملڪ جي بالغ باشندن جي ووٽ تي چونڊيل حڪومت. عام ماڻهن جي چونڊيل حڪومت. "بادشاهي راڄ" جو ضدّ.

– **حُڪُومَتَ شَخْصِيْ:** هڪ ماڻهوءَ جي ڇڙواڳيءَ واري حڪومت. ڏنڌي جي حڪومت.

– **حُڪُومَتَ ڪَرَڻُ:** راڄ ڪرڻ – بادشاهي ڪرڻ.

– **حُڪُومَتَ گَاهْ:** حڪومت هلائڻ جو هنڌ. تخت گاهه – گاديءَ جو هنڌ – راڄڌاني.

• **حَڪِيْمُ ج حَڪِيْمَ:** ذ. صفت. [ع. حَڪُمَ = هو ڏاهو ٿيو] ويچاروان – حڪمت جو ڄاڻو – عقلمند – ڏاهو – سياڻو – داناءُ. فيلسوف – طبابت جو ڄاڻو – علاج ڪندڙ. ويڄ – طبيب – ڊاڪٽر. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

– **حَڪِيْمَاڻـُو ج حَڪِيْمَاڻَا:** ذ. صفت. حڪم جو -حڪمت پريو – طبيب جو – طبيبڪو.

• **حَلُ ج حَلُ:** ذ. [ع. حَلّ = هن سلجهايو] ڪنهن ڏکيءَ ڳالهه جو سُلجهاءُ. ڦولهه – ڪولُ – انڪشاف – سمجهاڻي – ماهِيَتَ – سمجهاءُ. صفت. پَڄُ – پَڄٽي – ڪنهن مشڪل سوال جو جواب. آسان – سَوَلو. ملاوت – ميلاپ – گڏيل.

– **حَلُ ٿِيَڻُ:** ملي هڪ ٿي وڃڻ – جزن جو ملڻ – گڏ وڃڙ ٿيڻ – مُنجهيل شيءِ جو آسان ٿيڻ.

– **حَلُ ڪَرَڻُ:** سمجهائڻ – سَلِڻُ – ڪولي ٻڌائڻ – انڪشاف ڪرڻ – آسان ڪرڻ – مشڪلات لاهڻ – سُلجهائڻ. جُزا ملائڻ – مِلاوت ڪرڻ – ملائڻ – ڳارڻ. حساب جو ڪڍڻ – پڄڻ – صحيح ڪَرڻ – چڱيءَ طرح ياد ڪرڻ – سمجهڻ – ذهن ۾ ويهارڻ (سبق).

• **حَلاَجُ:** ذ. صفت. [ع. حَلَجَ = هُن ڪپهه تنبِي] ڪپهه پڃڻ وارو – پڃارو. (اسم خاص). حُسين بن منصور جو لقب (جنهن کي اَنَاالْحَقُ چوڻ تي ڦاسيءَ چاڙهيو ويو).

• **حَلاَلُ ج حَلاَلَ:** ذ. صفت. [ع. حَلّ = هو جائز ٿيو] مُباحُ – جائز – روا – رِهائيندو – حَقّي –درست – صحيح. اجازت مليل – قانون موجب – قانوني – باقاعدي. شرع موجب – شرعي. ذبح ڪيل. (ضدّ ـ حَرامُ ج حَرامَ).

– **حَلاَلُ ٿِيَڻُ:** جائز ٿيڻ – روا ٿيڻ.

– **حَلاَلَ جو:** ذ. صفت. حَقِيّ ـ قانوني – شرعي – دراصل – واجبي – سچو – رِهندو – حقيّ واجبي. صحيح طريقي سان ڪمايل روزي.

– **حَلاَلَ جو هُئَڻُ:** قاعدي موجب هئڻ – حقّ جو هئڻ.

– **حَلاَلـخورُ ج حَلاَلَخورَ:** ذ. صفت. حقّ حلال جي ڪمائي کائيندڙ. مباح شيءِ کائيندڙ. ايمانداريءَ سان ڪمائيندڙ – حَلاَلِيْ. (ڪنايتہ) ڀنگي – ٻهاريءَ وارو – ٻاليشاهي.

– **حَلاَلُ ڪَرَڻُ:** شريعت موجب جانور کي تڪبير وجهي ڇُري وَهائڻ – سِيرَ وجهڻ – ذبح ڪرڻ – تڪبير وجهي ڪُهڻ.

– **حَلاَلُ ڪري کائڻ:** محنت ڪري کائڻ – جائز نموني سان کائڻ – ڊيوٽي پوريءَ طرح ادا ڪرڻ – سونپيل ڪم نهايت ايمانداريءَ سان ڪرڻ.

– **حَلاَلَہْ:** ث. اُها عورت جا ٻئي ماڻهوءَ سان نڪاح ڪري ۽ ان کان طلاق ملڻ بعد واري پهرئين مڙس سان نڪاح ڪري.

Gul Hayat Institute

– **حَلوو ماني:** حلوي سان ماني. ڏاڍو آسان ڪم.

– **حَلوو ماني ڪري وڃڻ:** جلدي ڪائي ختم ڪرڻ. اڏاري ڇڏڻ. خرچ ڪري ڇڏڻ. تمام آسان ڪري سمجهڻ.

– **حَلوو ماني ڪانهي نہ هُئڻ:** آسان ڪم نہ هئڻ.

– **حَلوي پُوريءَ سان ڳم هُئڻ:** پنهنجي طلب جو فقط خيال رکڻ.

– **حَلوي جو دڪان ۽ ڏاڏي سائين جي فاتحہ هُئڻ:** پرائي مال تي دل کولي سخاوت ڪرڻ.

• **حَلِيمُ ج حَلِيمَ:** ذ. صفت. [ع. حَلمَ = هو بردبار ٿيو] بردبار – تَحمّل وارو – گنڀير – ڪانڌ وارو – سهندڙ – برداشت ڪندڙ – دير رنج – ڌيرج وارو. ڪُنُئرو – ڪومل – نرم – ملائم. مانيٽو – سانتيڪو – نماڻو – صبر وارو – نهنو – نرم سڀاءَ. ڪِلمَڪُ – خوش طبع – رلڻو ملڻو. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو (برداشت ڪرڻ وارو. معاف ڪرڻ وارو). ڪمياوان. هڪ قسم جو ڪاڌو (جو اناج، گوشت ۽ مسالا وجهي تيار ڪبو آهي). کچڙو.

– **حَلِيمائي ج حَلِيمائيُون:** ث. صبر – ڪميا – برداشت – ڪانڌ – نهٺائي – نرمائي – ماٺ.

– **حَلِيمُ سڀاءُ:** ذ. صفت. نرم سڀاءَ – ڪومل فطرت – نيازنوڙت.

– **حَلِيمُ طَبعُ:** ذ. صفت. حليم سڀاءَ – بردبار.

• **حَلِيفُ:** ذ. صفت. [ع. حَلَفَ = هن قسم کنيو] عهدنامو ڪندڙ ڌر – معاهدو ڪندڙ ٻن ڌرين مان هڪ ڌر – ساٿي – رفيق.

• **حُليو ج حُليا:** ذ. [ع. حُليَة = حَليَ = هُن سينگاريو] زيورُ – ڳهڻ – ڳهڻو. خِلعَت – پاکر. انعامي پوشاڪ. پيرن کان مٿي تائين – سراپا. سڃاڻپ لاءِ شڪل ۽ اُن جو بيان. شڪل – صورت – شبيهہ – نمونو – بيهڪ – ٺاٺ – چهري سُڃاڻڻ جي نشاني. عام سڃاڻپ جي نشاني.

– **حُليو بگاڙڻ:** شڪل ڦيري ڇڏڻ. بُري حالت ڪرڻ. تعدي ڪرڻ.

• **حُم:** ذ. [ع. حروف مُقطعَاتُ] ڪُجهين سُورتن جو مُنڍ. قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو.

• **حَمات:** ث. [ع. حِمايَة = بچائڻ] مدد – پنيرائي – بچاءَ – همراهي – حمائت – حمايت.

– **حِماتِي ج حِماتِيَ:** ذ. صفت. بچائيندڙ – محافظ – سنڀاليندڙ. مددگارُ – پنيرائُو – پرچهلو – حمائتي.

• **حِمارُ ج حِمارَ:** ذ. [ع] جانور جو هڪ قسم. گڏهه – خَرُ.

• **حِماقَت ج حِماقَتُون:** ث. [ع. حَمِقَ – حَمُقَ = هو بيوقوف ٿيو] بيوقوفي – ناداني – چريائي – بي عقلي – ڇسپائي – اياڻپ – جٽپائي.

• **حَمّالُ ج حَمّالَ:** ذ. صفت. [ع. حَمَل = هن کنيو] بار کڻندڙ – بار ڍوئيندڙ – بار ڍوهو – مزور – مزدور – ڪُولي – قُلي – پَرِيَتُ – پورهيت – پورٽر.

• **حَمّالي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد سنڌ ۽ ڪراچيءَ ۾). بار کڻندڙ.

• **حَمّامُ:** ذ. [ع. حَرّ = هن گرم ڪيو] گرم پاڻيءَ سان وهنجڻ جي جاءِ يا غسلخانو. دوائن يا مصالح کُٽڻ لاءِ ڌاتوءَ جي اُکري. پکيءَ جو هڪ قسم. ڪبوتر – پاريهل – ڳيرو.

– **حَمّامِ دَستو ج حَمّامِ دَستا:** ذ. اُکريءَ ۾ ڪم ايندڙ ڌَستو – مُهرو.

– **حَمّامُ ڪَرڻُ:** غسل ڪرڻ – وهنجڻ – ترُ ڪرڻ.

• **حَمّامِي:** ذ. صفت. وهنجڻ جو بندوبست رکندڙ – وهنجاريندڙ.

• **حُمّارُ ج حُمّارَ:** ذ. [ع. حُمّة = بخار] تپ – بخار. گرمي – باهه. "منگل منهنجي مَن تي ٻارِئو هوت حُمار." (شاهه).

• **حِمائِت ج حِمائِتُون:** ث. [ع. حَمِيَ = هُن بچايو] مدد – بچاءَ – پنيرائي – حمايَت.

– **حِمائِتِي ج حِمائِتِيَ:** ذ. صفت. مددگار – پنيرائو – پرچهلو – حامي – طرفدار.

• **حَمائِلَ ج حَمائِلُون:** ث. [ع] ڳچيءَ ۾ ترار جو پٽو پاسيري وجهڻ جي حالت. ترار جو پٽو. دوال شمشير ڳچيءَ ۾ وجهڻ جي شيءِ. ننڍي تقطيع وارو قرآن شريف جو ڳچيءَ ۾ وجهي سکهجي.

– **حَمائِل ڪَرڻُ:** ڪُلهي يا ڳچيءَ ۾ پٽو وجهڻ (تلوار يا بندوق وغيره لاءِ).

• **حِمايَت ج حِمايَتُون:** ث. [ع. حَمِيَ = هُن بچايو] بچاءَ – پناهه – سنڀال – محافظت – نگهباني – رکيا – اوٽ – مدد – ٽيڪ.

Gul Hayat Institute

– **حِمايتي ج حِمايتيۡ:** . صفت. بچائيندڙ – محافظ – سنڀاليندڙ – رکپال. مددگار – پٺيرو – واهرو. تَلهدار – طرفدار.

• **حَمۡدُ:** ذ. [ع. حَمدَ = هن تعريف ڪئي] خداپاڪ جي تعريف – ساراهہ – نيڪي – واکاڻ – مَدَحَ – مداح – تعريف – ثنا – شڪرانو.

• **حَمۡزاڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **حَمۡزہ:** اسم خاص. [ع] حضور ڪريم جن جي هڪ چاچي جو نالو.

• **حَمَلُ ج حَمَل:** ذ. [ع. حَمَلَ = هن بار کنيو] بوجهو – بارُ – وزن – ڀَرِي. عورت جي پيٽ ۾ ٻار هئڻ جي حالت. پيٽ – گَربُ – گَبُ – اميدواري. آسماني ٻارهن برجن مان هڪ برج جو نالو (گهيٽي جي شڪل جو تارن جو ميڙ). ميک. اسم خاص. تعلقي وارهہ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– **حَمَلُ ٽيڻ:** عورت کي پيٽ ٽيڻ.

– **حَمَلُ ڪيرائڻُ:** پيٽ ڪرائڻ – ٻار ڪيرائڻ – ڪُهائي ڪرڻ.

• **حَمۡلو ج حَمۡلا:** ذ. [ع. حَمَلَ = هن حملو ڪيو – هن ڪاهہ ڪئي] هلان – ڪاهہَ – چڙهائي – جُلهہ. وارُ – اُلر – اورڙ – چوٽَ. انبوهہ – تُرڪۡ.

– **حَمۡلہ آوَرُ ج حَمۡلہ آوَرَ:** ذ. صفت. حملو ڪندڙ – هلان ڪندڙ – ڪاهيندڙ.

– **حَمۡلو ڪَرَڻُ:** ڪاهہَ ڪرڻ – هلان ڪرڻ – چڙهائي ڪرڻ – وارُ ڪرڻ – اُلر ڪرڻ.

• **حَمِيَّتَ:** [ع. حَمِي = هن غيرت ڏيکاري] غيرت – ننگُ – شَرمُ.

• **حَمِيۡدُ:** ذ. صفت. [ع. حَمدَ = هُن تعريف ڪئي] ساراهيل. تعريف ڪيل. اسم خاص. خدا تعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

• **حَمِيۡرُ ج حَمِيۡرَ:** ذ صفت. [ع] بهادر – پهلوان – سورمو – وِير – دِلير – سُورِهہ. اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. سنڌ تي حاڪم سومري گهراڻي سان آخرين بادشاهہ جو نالو. "حميرن هڪون، جاڙَ جُسي کي پاتيون" (شاهہ).

• **حَمِيۡراڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **حِنا ج حِنائُوۡن:** ث. [ع. حَنّا = هن ڳاڙهو ڪيو] هڪ ٻوٽي جو نالو – ميندي.

– **حِنائِيۡ ج حِنائِيۡ:** ذ. صفت. مينديءَ وارو – مينديءَ جهڙو.

• **حِنوئي:** صفت. حِنا (ميندي) جي رنگ وارو (باز).

• **حَنّانُ:** ذ. [ع. حَنَّ = هُن ٻاجهہَ ڪَئي] بيحد بخشيندڙ – رحمت ڪندڙ. اسم خاص. خدا جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

• **حَنۡبَلۡ:** اسم خاص. اهل سُنت جي چئن فقيه امامن مان هڪ جو نالو. امام احمد بن حَنۡبَلۡ رحمة الله عليه.

– **حَنۡبلِيۡ:** صفت. امام احمد بن حَنۡبَل جا پيروڪار. سُني مسلمانن جو هڪ فرقو.

– **حَنۡجرِيۡ ج حَنۡجرِيُوۡن:** [ع] گلو – نڙگهٽ. ساز جو هڪ قسم. جهَانۡجهہَ (جا ڪدڙن جا پاندي وڄائيندا آهن) ڪنجري.

• **حَنۡظَلُ:** [ع] هڪ وَلِ ۽ اُن جي ڦَلَ جو نالو – تُوهہُ.

• **حَنَفِيۡ:** اسم خاص. [ع. حَنَفَ = هو يڪسُو ٿيو – هن لاڙو ڪيو] امام اَبُو حَنِيۡفہ جو پوئلڳ. سُني مسلمانن جو هڪ فرقو.

• **حَنِيۡفُ:** ذ. صفت. [ع] حضرت ابراهيم عَليه السلام جي دين کي مڃيندڙ. پڪو مسلمان. يڪسُوئي اختيار ڪرڻ وارو. فقط هڪ خدا کي ڪارساز ڪري مڃڻ وارو. دين جو سچو. مهبي عقيدن جو پڪو. حق جو قائل.

• **حُنَيۡن:** اسم خاص. [ع] عربستان ۾ مڪي معظمہ ۽ طائف جي وچ ۾ هڪ واديءَ جو نالو جتي نبي ڪريم سان ڪافرن جنگ ڪئي هئي (جنگ حُنين).

• **حَوّا:** اسم خاص. [ع] حضرت آدم عليه السلام جي زال جو نالو. سيني انسانن جي ماءُ. دنيا ۾ پهرين آيل عورت (ڏاڏي حَوّا).

• **حَوادِثۡ:** ذ. [ع. حادثو – حادثة جو جمع] حادثا – واقعات. ڳالهيون. حالتون – نتيجا.

• **حَوارِيۡ ج حَوارِيۡ:** ذ. [ع. حَوَرَ = هن اڇو ڪيو (ڪپڙو)] ڌوٻي – ڪپڙن جي اڇاڻ ظاهر ڪندڙ. اڇي چمڙيءَ وارو. وفاداريءَ سان ڪم ڪندڙ ماڻهو حضرت عيسيٰ عليہ السلام جا اصحاب – مسيح جا دوست (جيڪي ڪُل ٻارهن هئا). دوست – يار. همراهہ – مددڪندڙ پيروي ڪندڙ.

• **حَوّاسُ:** ذ. [ع. حَسَّ = هُن محسوس ڪيو] ڄاڻڻ جو عضوو – ڄاڻڻ جي طاقت (حواس ڪُل ڏهہَ آهن، جن مان پنج ظاهري ۽ پنج باطني آهن. ظاهري: اکيون، ڪَن، نَڪ، وات ۽ هٿ. باطني:

Gul Hayat Institute

حَس – مشترڪ، خيال، وَهم، حافظو ۽ مُتصرف) اندري – عضوو – هوش – اوسانُ – عقل – سمجهه – فهم – ٻڌ.

– **حَواس باختہ:** ذ. صفت. وائڙو – مُنجهيل – موڳو – حِراسيل.

– **حَواس باختہ ٿيڻ:** هوش نہ رهڻ – گهبرائجي وڃڻ – هڪوٻڪو ٿيڻ – وايون بطال ٿيڻ – حوصلا خطا ٿيڻ.

• **حَوالُ ج حَوالَ:** ذ. [ع. حَالَ = هو مٽيو – بدليو – ڦريو] حال – حالت – حقيقت – دَشا – ڪيفيت – روئداد – گـَتي. ڳالهه – احوال – خبرچار – معلومات.

• **حَوالاتُ ج حَوالاتَ:** ذ. سپردگي – نظربندي – قيد – حَراست. اهي شيون، جيڪي قبضي ۾ هجن. جيل – ترُم – ترُنگ – قيد – بَندُ.

– **حَوالات ۾ ڏيڻ:** سپردگي ۾ ڏيڻ. قيد ۾ هٽڻ – فوجداري جي حوالي ڪرڻ – بند ڪرائڻ.

• **حَوالدارُ ج حَوالدارَ:** ذ. حوالات کي سنڀاليندڙ – جيل جو ننڍو عملدار – پلٽڻ يا پوليس ۾ هڪ عهدو – هيڊ ڪانسٽيبل – جمعدار، وڏو پٽيوالو – وڏو چپراسي – نائڪ.

• **حَوالو ج حَوالا:** ذ. [ع. حَوَلَ = هن اشارو ڏنو] ڪتاب جي ڪنهن لکيت جو پورو ڏَسُ – اشارو – لاڳاپو – واسطو – نسبت. نشانُ – پتو – ڏَسُ – اُهڃ. ذِڪر – خبرچار – حال احوال – اَهڃاڻ – معلومات.

– **حَوالو ڏيڻ:** ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل ڳالهه يا واقعي ڏانهن اشارو ڪرڻ.

– **حَوالي:** [ع. حَالَ = هو بدليو – هو ٻئي وٽ ويو] هٿ ۾ ڏيڻ جي حالت – سونپ – سپردگي – ذمّہ واري. سپرد – هٿ هيٺ – ذمي – ٻلي – مليل – زير.

– **حَوالي ڪرڻ:** سُپرد ڪرڻ – قبضي ۾ ڏيڻ – ڏيڻ – سنڀال ۾ ڏيڻ – ذمي ڪرڻ – هٿ هيٺ ڏيڻ. ڏيارڻ – جهلائڻ.

– **حَوالِيُ مَوالِي:** سنگتي ساٿي – دوست يار – هردم گڏ رهڻ وارا – همدم.

• **حُوتُ:** ث. [ع] وڏي مڇي. آسمان جو ٻارهون برج (جنهن ۾ مڇيءَ جي شڪل جهڙو تارن جو هڪ ميڙ آهي).

• **حَوضُ ج حَوضَ:** ذ. [ع. حوض جي بگڙيل صورت] پاڻيءَ جو ننڍو تلاءُ – حوض – ڪُنڊ – ڪاڻ.

• **حَودو ج حَودا (ت):** ذ. [ع. حوض] ٽانگي (گهوڙي گاڏي) جو ٿانئو.

– **حَوديُ ج حَوديُون:** ث. [ع. حوضي] ڪِني پاڻيءَ جي ننڍي ڪـُنڊَ.

• **حُورَ ج حُورُون:** ث. (ع. حور = پُوري – ڪارين اکين واري عورت) ڪارن وارن ۽ ڪارين اکين واري بي حد خوبصورت عورت. بهشت ۾ رهندڙ حسين عورت. صفت. پاڪ عورت. نهايت خوبصورت – حسين سُهڻي – اپڇرا – اپسَرا – تمام سهڻي عورت. پَري.

– **حُورجو ٻچو:** ذ. تمام سهڻو – پريزادو.

– **حُورَ بَدَنُ:** ذ. صفت. حُورَ جي بدن جهڙو – تمام حَسين – خوبصورت.

– **حُوروَش:** ذ. صفت. حُورَ وانگر – حُورَ جهڙو. خوبصورت.

• **حُوريُ ج حُوريُون:** ث. حُورَ

• **حُوراڻي:** اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **حَوصِلو ج حَوصِلا:** ذ. [ع. حَوصَلَة = گـُجي] پکيءَ جي گـُجي. دل جي هِمَت – جُرات – دليري – طاقت – قوت – بهادري. جيئن: "موت جي منهن ۾ وڃڻ لاءِ بہ حوصلو کپي." بُردباري – سمجهه – ڄاڻ – ٻڌي – هوش – عقل – خيال – سُرت – چيتو – جذبو – اوسان – دماغ – فهم – ذهن. جيئن: فلاڻي جو ايترو حوصلو ئي ڪونهي، جو سبق ياد ڪري." ٻُوجهہ – پَروَڙ. چاهہ – اُمنگ.

– **حَوصِلا خطا ٿيڻ:** عقل ڇڏي وڃڻ – حيران ٿيڻ – وائڙو ٿيڻ – هوش گم ٿيڻ.

– **حَوصِلائتو ج حَوصِلائتا:** ذ. صفت. حوصلي وارو – حوصلي جو. عقلمند – سُريتو – سرتائتو – چيتي وارو – هوشائتو – داناءُ – چالاڪ – حرفتي.

– **حَوصِلو ڌارڻ:** دل جمع ڪرڻ. بردبار ٿيڻ. خيال هڪ هنڌ ڪرڻ. عقل ڌارڻ – سياڻو ٿيڻ. همت ڪرڻ. ايمان رکڻ. هوش درست رکڻ.

– **حَوصِلو رکڻ:** حوصلو ڌارڻ – حوصلو ڪرڻ.

– **حَوصِلو ڪرڻ:** حوصلو ڌارڻ – حوصلو رکڻ.

– **حَوصِلو وِڃائڻ:** سُڌ ٻڌ وڃائڻ – هوش نڪري وڃڻ – بي همت ٿيڻ – بي ايمان ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

– **حَوصَلي افزائي:** ث. همّت ڏيارڻ جي حالت. شاباس – دل کي ٿيڪ ڏيڻ – همت افزائي ڪرڻ.

• **حَوصلي دار:** ذ. صفت. همت وارو. سُچيتُ

• **حَوصلہ داري:** ث. جُرات – سُچيتائي.

– **حَوصلي مَند:** ذ. صفت. همت وارو. سمجهو – سُچيتُ.

– **حوصلي وارو:** ذ. صفت. بردبار. سياڻو – دماغ وارو. فهم وارو – عقل مند. همّت وارو – بهادر – دلير.

• **حَوضُ ج حَوضَ:** ذ. [ع. حَاضَ = هُن پاڻي ڪٺو ڪيو – هن هَودي ناهي] پاڻي گڏ ڪرڻ جو هتراڌو ناهيل چوڪندو تلاءُ – تلاءُ – تالابُ – هودُ – حَودُ – ڪُڏ – تانڪي.

– **حَوضُ ڪَوثَر:** اسم خاص. بهشت جي هڪ چشمي جو نالو.

• **حول:** [ع. حَالَ = هو بدليو – هُن ٺڳيو] مت ست. طاقت. ٺڳي – دغا – دولاب – ڪوت. لوهي توپ.

– **حَوليو ج حَوليا:** ذ. صفت. حولُ پاٽَلُ – لوهي توپ پيل (ماڻهو). ڪَلنگي وارو – حوليو.

• **حَوَلدارُ ج حَوَلدارَ:** ذ. حوالدارُ.

• **حَويلي ج حَويليون:** [ث. ع. حول = چوڌاري] چئن پتين واري جاءِ ـ وڏو ۽ پڪو گهر – گهر – منزل – جاءِ ـ مڪان – ڪوٺي. محل سراءِ. حرم سراءِ. قصر – محلات – بنگلو – بلڊنگ – حاويلي.

– **حَويلي روشن ٿيڻ:** اولاد وارو ٿيڻ – پٽ قائم رهڻ.

• **حَيُّ:** صفت. [ع] هميشه حيات – زنده ـ جيئرو. خدا تعالىٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو. اسم خاص. عرب جي هڪ قبيلي جو نالو.

– **حَيُّ قَيُّومُ:** هميشه زنده ۽ دائم قائم.

– **حَيُّ لايَمُوتُ:** [ع. حَيّ = جيئرو. لايَمُوت = نٿو مري] الله تعالىٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو. اها هستي جيڪا هميشه هميشه باقي رهي.

• **حَيَا ج حَيَا:** ث. [ع. حَيِيَ = هن شرم ڪيو] شرم – حجاب – لڄ – حياءُ – مَرَمُ – ٻَرم – پَت ـ غيرت – لحاظ. پاڪدامني – شرميلتا.

• **حَيادارُ ج حَيادارَ:** ذ. صفت. غيرتمند – شرم وارو.

• **حَيَاتُ:** ث. [ع. حَيّ = هو جيئرو رهيو] حياتي – عمر – اوستا. زندگي – جان – ساهہ – روح – پَراڻ.

– **حَيَاتُ ج حَيَاتَ:** ذ. صفت. حياتيءَ وارو – حياتي – جيئرو – جيئندو – زنده.

– **حَيَات ابَدِيُ:** ث. هميشه واري زندگي – دائم قائم زندگي – هميشه جو جياپو – سدائين امَرُ (نہ مَرڻ وارو).

– **حَيَات بَخش:** ذ.صفت. حياتي بخشڻ وارو – خداتعالىٰ.

– **حَيَات تازه:** ث. نئين حياتي – وڏي بيماريءَ کان نجات حاصل ڪرڻ کان پوءِ واري زندگي.

– **حَيَات جاودانيُ:** ث. هميشه هميشه واري زندگي.

– **حَيَاتُ و مَمَاتُ:** ذ. صفت. زندگي ۽ موت.

– **حَيَاتِيُ ج حَيَاتِيُ:** ذ. صفت. زندگي – عمر – اوَسْتَا – زندگيءَ جو وقت – جيئري رهڻ واري مدت – ڄمار.

• **حَيَاتُ ڳاهو:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا باريءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **حَيَاتِيُ ج حَيَاتِيُون:** ث. [ع. حَيّ = هو جيئرو رهيو] جيئري رهڻ جي حالت – زندگي – جياپو. جان – ساهہ – جِيءُ – پَراڻ – چوٽا – وجود – جيوَن – دَم – سانس – جِندِ ـ پساهُ – عُمرِ ـ اوستا – ڄمارَ.

– **حَيَاتِيءَ تان هٿ کڻڻ:** وڌيڪ حياتيءَ جي اُميد نہ هئڻ – وڌيڪ جيئڻ جو آسرو نہ هجڻ.

– **حَيَاتِيءَ جو ماڻُ پُرجي اچڻ:** عمر پوري ٿيڻ – پڇاڙي ٿيڻ – آخر ٿيڻ – موت جو وقت اچي وڃڻ.

– **حَيَاتِي ڇڏائي وڃڻ:** سخت خوفزده ٿيڻ – بي همّت يا نِستو ٿيڻ.

– **حَيَاتِي ڇڏي وڃڻ:** مري وڃڻ – ختم ٿيڻ – چوٽا ڪٽڻ وڃڻ – زندگي پوري ٿيڻ. نِستو ٿيڻ. بي هِمّت ٿيڻ.

– **حَيَاتِي زهر ٿيڻ:** ڪابہ خوشي نہ ٿيڻ – ڏکن ۽ ايذائن ۾ گذارڻ – ذليل ٿي رهڻ.

– **حَيَاتِيءَ کي حَلالُ ڪرڻ:** زندگيءَ کي ڪامياب ڪرڻ. سُکيو وقت گذرڻ. سوڀارو ٿيڻ – فتح حاصل ڪرڻ.

– **حَيَاتِي گهارڻ:** زندگي گذارڻ – زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪرڻ.

• **حَيَاتِيَات:** جانورن ۽ ٻوٽن جو علم – بائلاجي سائنس.

• **حَيَاتِيُون:** وٽامنس (Vitamins) – اُهي ڪيميائي حصا، جيڪي انسانن ۽ جانورن جي غذا ۾ هوندا آهن.

Gul Hayat Institute

• **حَيَاءُ ج حَيَاءُ:** ذ. [ع. حَيِيَ = هن شرم ڪيو – هن شرمايو] لَڄَ – شرم – غيرت – حجاب – ڦِڪائِي – مَرَمُ – پَـرَمُ – پَت ـ لِيْهَ – حَيَا. لحاظ – رِياءُ – پاسخاطر – مُحابو.

– **حَيَائِتو: ج حَيَائِتَا:** ذ. صفت. حَيا وارو – شرم وارو – حجاب وارو – لَـڄَ وارو – شرميلو – مَرم وارو – لِيهه وارو – لَڄارو – پَـرَمائتو – سِيْلوان.

– **حَيَاءُ دارُ ج حَـيَاءُ دارَ:** ذ. صفت. حَيائتو – حيا شرم وارو – لَڄارو.

– **حَيَاءُ وارو ج حَيَاءُ وارا:** ذ. صفت. حَيائِتو – شرم وارو – شَرميلو – لَڄارو.

– **حَيَاءُ وڪِڻَڻُ:** بي حيا ٿيڻ – بي لَڄو ٿيڻ – بي غيرت ٿيڻ.

• **حَيْـثِـيَتَ ج حَيْـثِـيَتُوْنْ:** ث. [ع. حَيْثُ = جتي – جنهن حَد تي] سگهه – پهچ – پُڄَنْدِ ي – رَسائي – پُڄَتِ ـ وَسْعَت – هُونْدَ. عالمگيري – عُمُومِيَت – بِساط – قدر. لياقت – درجو – بيهڪ – قابليت. عزت – آبرو.

– **حيثِيَتْ کان وَڌِيڪَ:** ظرف. طاقت کان ٻاهر. پڄنديءَ کان وڌيڪ.

• **حَيْدَرُ:** ذ. [ع. حَيَةٌ = ازدها – وڏو نانگ + دَرُ ("دريدن = ڦاڙڻ" جو امر)] ازدها – چيرينڌڙ – شينهن. اسم خاص. حضرت علي ڪرم الله وَجْهُهُ جو لقب.

– **حَيْدِرِيْ ج حَيْدِرِيْ:** ذ. صفت. حيدر جو. حضرت علي ڪرم الله وَجْهَهُ جو. شيعه مذهب وارو شيعو.

• **حيْدَرْآبَادِ:** اسم خاص. سنڌ پرڳڻي ۾، هڪ ضلعي، تعلقي، ديهه ۽ شهرجو نالو (جو غلام شاهه ڪلهوڙي ٻڌايو هو).

• **حَيدَرَانْ زَئِيْ:** اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (جو بلوچاڻين جي شاخ آهي).

• **حَيْدرُپُورْ:** اسم خاص. تعلقي ٺـُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **حَيْدِرِيْ:** اسم خاص. ٻه درياهي وٽ سنڌونديءَ جي هڪ شاخ جو نالو.

• **حَيْرَانُ ج حَيُرَانَ:** ذ. صفت. [ع. حارَ = هو هڪو ٻڪو ٿي ويو] هَڪو ٻَڪو – وائڙو – مُنجهيل – موڳو – ويچون – مُتَعَجبُ – پريشان – شَشْدر – مُتَحَيِّر – دَنگ – گهٻرايل – مُضْطَربُ – عجب ۾ ـ اچرج ۾ ـ تَـپرس ۾.

– **حَيْرانُ ڪَـرَڻُ:** پريشان ڪرڻ – عجب ۾ وجهڻ. رُلائڻ – خراب ڪرڻ – دربدر ڪرڻ – تڪليف ڏيڻ.

– **حَيْرانِيْ ج حَيُرانِيُوْنْ:** ث. عجب – حيرت – پريشاني. موڳائي – مُونجهَ – ڳَڻتي – گهٻراهٽ – وائڙپ – ڏڪيائي – اوڪائي.

• **حَيُرت ج حَيُرتُوْنْ:** ث. [ع. حَارَ = هو هڪو ٻڪو ٿي ويو] عجب ـ پريشاني – حيراني – اچرج – تپرس. تَعَجُب – وِيچارُ – ڳَڻتي – موڳائي – بيهوشي – غَشَ ـ گَهَـرَ – مُونْجهَ.

– **حَيُرت آفْزَا:** ذ. صفت. حيرت ۾ وجهڻ وارو. حيران. پريشان ڪرڻ وارو.

– **حَيرتَ اَنگيزُ:** ذ. عجب وارو – عجيب – حيرت وارو. حيران ڪندڙ.

– **حَيْرتْ زَدَهْ:** . صفت. حيران – پريشان – تعجب ۾ پِيَلُ.

• **حَيْص بَيْصِ:** ث. [ع. حَاصَ = هن نٽايو – هن نفرت ڪئي] پش و پيشي – گندگوڙ – ٿورو غوغاء – لڙائي – جهڳڙو – تڪرار – مونجهارو (منطق جي دليلن ۾).

– **حَيْص بَيْصِ ڪَـرَڻُ:** گوڙ ڪرڻ – مونجهارو ڪرڻ – وِس وِس ڪرڻ. واتورجڻ. مُهاڏو ڏيڻ.

• **حَيْضُ ج حَيْضَ:** ذ. [ع. حَاضَتْ = عورت کي ماهواري آئي] عورتن کي هر مهيني (عضوي مخصوص مان) ايندڙ رت – ماهواري – ڪپڙا – زناني – زالاڻو. ڦـُلَ – گـُلَ – رَجُ.

– **حَيُضِيْ ج حَيْضِيْ:** ذ. صفت. حرامي – حرام جو – حرامي ڦـرُ – وَلَدُ الزِنَا – حرامزادو – شرير – حرڪتي – لـُڇ.

– **حَيْضِيْ ٻارُ:** ذ. حرامي ٻارُ – وَلَدُ الزِنَا – شرير.

– **حَيْضِيْ حَرامِيْ (ت):** ذ. صفت. حيض جي حالت ۾ حمل ٿيل ٻار. بدمعاش – بي حيا.

– **حَيْضِيْ ڦَـرُ (ت):** ذ. صفت. حيضي ٻار – حرامي ڦـرُ.

– **حيضي ڦَرُو:** حيضي ڦر – حرامي ٻار.

– **حَيْضِيُ مُتُ (مُتـرُ) ج حَيْضِيْ مُتَ (مُتْر):** ذ. حرامي ٻارُ – حرامي ڦـرُ.

– **حَيْفُ ج حَيْفَ:** [ع. حَاف = هن بڇڙي هلت ڪئي] حقارت جو لفظ. افسوس – ارمان – هاءِ هاءِ. لعنت ملامت جو ڪلمو. تُفْ – ڦِٽَ – شرم ڦيٽ – ڦِـٽڪارَ.

• **حِيْلو ج حِيْلا:** ذ. [ع. حِيْلَةٌ: حَالَ = ڦِريو] ڇَلُ – عذر – بهانو

Gul Hayat Institute

– اٽڪل – حرفت – ڪيڏ – حڪمت – هُنر – فن. چالو – اُپاءُ – تجويز – سبب – وسيلو – رستو – رٿ – ڪارڻ – نمونو – ڊنگ. سٽ – ڪوشش – سعيو – اُدم – محنت. روزگار – ڪم – ڌنڌو – نوڪري. مڪر – فريب – ڍونگ – ڪوٽ – دغا – دولاب – ٺڳي.

– **حيلو حوالو ج حيلا حولا:** ذ. عذر – بهانو نتاءُ. واري ڦيري – نتاءُ سناءُ. مٿو مونو – حيلو وسيلو – اٽڪل – سٽڪل – جهلو پلو. وس – اٽڪل – حرفت – تجويز – ڪوشش – سعيو – تدارڪُ.

– **حيلو حوالو ڪرڻ:** ڪوشش ڪرڻ. سعيو ڪرڻ. وس ڪرڻ. هر قسم جي ڪوشش ڪرڻ. هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ. سڀ ذريعا استعمال ڪرڻ.

– **حيلو ڪرڻ:** بهانو ڪرڻ. محنت ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ. اٽڪل ڪرڻ. ڌنڌو ڪرڻ. ڪم ڪرڻ. سعيو ڪرڻ. روزگار ڪرڻ. همٿ ڪرڻ.

– **حيلو وسيلو ج حيلا وسيلا:** ذ. ذريعو – وسيلو – بهانو. مددگار.

– **حيلو وسيلو ڍونڍڻ:** ذريعو ڳولڻ. مددگار جي تلاش ڪرڻ.

– **حيلو هلائڻ:** ڪوشش ڪرڻ. ذريعو استعمال ڪرڻ. سعيو ڪرڻ. اُدم ڪرڻ.

– **حيلي باز ج حيلي باز:** ذ.صفت. اٽڪلي – چالاڪ – هوشيار – ٺڳ – دغاباز – مڪارُ – فريبي – بهانا ڪندڙ. نتائيندڙ.

– **حيلي بازي ج حيلي بازيون:** ث. بهانو – عذر – سعيو – ڪوشش – اُدم – اُپاءُ – تدارڪ.

– **حيلي ساز – ج حيلي ساز:** ذ. صفت. حيلي بازُ – چالاڪُ – مڪارُ – نتائيندڙ – بهانا بڻائيندڙ – عذر پيش ڪندڙ.

● **حين:** ذ. [ع. حَانَ = مند آئي] وقت – عرصو – زمانو – سمو – مدت.

– **حينُ حيات :** ظرف. سڄي ڄمار – سڄي عمر – حياتيءَ جو سارو عرصو.

● **حيوانُ ج حيوان:** ذ. [ع. حَي = هو جيئرو رهيو] زندگاني – زندگي – حياتي. (صفت). ساهه وارو – روح وارو – جانِ وارو – جانور – پسُون. وهٽ – ڍورُ. بي سمجهه – بي وقوف – جاهل – نادان. وحشي.

– **حيوانُ مطلقُ:** ذ. صفت. آزاد ۽ ڇڙواڳ جانور. گهمندڙ ڦرندڙ حيوان. ڍورَ جو ڍورَ جانور – گوناٽو – بدتميز.

– **حيوانُ ناطقُ:** ذ. صفت. ڳالهائيندڙ جانور. ماڻهو – انسان – آدمي.

– **حيواني:** ذ. صفت. حيوان جو – شهواني – نفساني – بهيميهٔ – ڍورن واري حالت. جانورن واري حالت.

– **حيوانيت:** ث. وحشت – جانور پڻو – حيوانپڻو. بي شرمي – بي شرمائي – بي حيائي – ناداني – ناسمجهي – بيوقوفي – بي رحمي – ظلم – ڪنورائي.

● **حيوانيات:** ث. جانورن جي تواريخ. انهن جي جسم جي ساخت ۽ عادتن وغيره جو علم. زولاجي (Zoology).

Gul Hayat Institute

# خ

• **خ:** ث. [ع. ف] سنڌي 'الف – بي' جو ارڙهون اکر. عربيءَ جو سَتون ۽ فارسيءَ جو نائون اکر. ابجد جي حساب موجب عدد ٦٠. علم هيئت ۾ اهو اکر منگل يا مريخ کي ظاهر ڪري ٿو.

• **خَا:** ذ. ڪنڌ يا ڪياڙيءَ جا وارَ.

• **خَابِرُوْ ج خَابِرُوْ:** ذ. صفت. [ع. خَبَرَ = هن ڳالهه ٻڌائي] اسم فاعل. خبر ڏيندڙ. خبر پهچائيندڙ. اطلاع ڏيندڙ. سُڌ سماءُ ڏيندڙ. احوال ٻڌائيندڙ. جاڻُ ڪندڙ_ قاصد – پيغام بَر – خبر رَسانُ – جاسُوس.

• **خَاتَمُ:** ث. [ع. خَتَمَ = مُهر هَڻِي] مُنڊيءَ جي ٽِڪَ. مُنڊي – ڇاپ لڳل مُنڊي. ٺپو – ڇاپَ – مُهر – خانگي مُهر – تڪميل جي نِيشانِي.

– **خَاتَمُ بَنْدُ ج خَاتَمْ بَنْدَ:** ذ. صفت. عاج، ڪاٺيءَ يا هَڏي تي اُڪر جو ڪم ڪندڙ. جڙات جو ڪم ڪندڙ. خاتُوبَنْدُ.

– **خَاتَمُ بَنْدِيْ ج خَاتَمُ بَنْدِيُوْنْ:** ث. عاج، ڪاٺيءَ يا هڏي تي اُڪر جو ڪم. جڙات جو ڪم.

– **خَاتَمِ سُلَيْمَانْ:** حضرت سليمان عليه السلام جي مُنڊي (جنهن تي اسم اعظم لکيل هو ۽ وڏي برڪت واري هئي).

• **خَاتِمُ:** ذ. صفت. [ع. خَتَمَ = هن پُورو ڪيو]. پُورو ڪندڙ. ختم ڪندڙ. پڄاڙي ڪندڙ. توڙ تائين رَسائيندڙ.

– **خَاتَمُ الْاَنْبِيَآءِ:** اسم خاص. سيني نبين جي نبوت ختم ڪندڙ. آخري پيغمبر. حضرت محمد مصطفيٰ صلي ُالله عليه و آله وسلم.

– **خَاتِمُ الْمُرْسَلِيْنْ:** سيني رسولن جي رسالت ختم ڪندڙ. آخري رسول.

– **خَاتَمَ النَّبِيِّيْنْ:** سيني نبين جي مُهر. سيني نبين جي نبوت کي ختم ڪندڙ. سيني نبين کان بعد ۾ اچڻ وارو.

• **خَاتِمو ج خَاتِمَا:** [ع. خَاتِمَة] پڇاڙي – دنگ – آخر – پڇاڙي – نتيجو – آخرت. موتُ – وفات – رِحْلت. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ لکيل عبارت.

– **خَاتِمَهْ بِالْخَيْرِ:** نيڪيءَ واري پڇاڙي. پڇاڙيءَ جو وقت ايمان جي سلامتيءَ سان گذرڻ جي دُعا. مرڻ وقت شهادت جو ڪلمو نصيب ٿيڻ جي حالت. خير سان گذاري وڃڻ يا مرڻ.

– **خَاتِمو ٿِيَڻُ:** پڇاڙي ٿيڻ. مري وڃڻ. فوت ٿيڻ. انجام کي پهچڻ. گذر ڪري وڃڻ.

• **خَاتُو بَنْدُ ج خَاتُوبَنْدَ:** ذ. صفت. [ع. خَتَم + ف. بند = مُهر هڻندڙ] سازگر – ساز ٺاهيندڙ. ڪاٺ جو سامان ٺاهيندڙ – واڍو – سُوٽهَڙُ. عاج تي اُڪر جو ڪم ڪندڙ. آرسين جا فريم ۽ ڪٻٽ ٺاهيندڙ. عينڪن جا ڪوڪا ٺاهيندڙ.

– **خَاتُوبَنْدِيْ ج خَاتُوبَنْدِيُوْنْ:** ث. سازن ٺاهڻ جو ڪم. سازگري. ڪاٺ ۽ عاج تي گلڪاري وغيره جو ڪم. ڪاٺ مان سامان ٺاهڻ جو ڪم.

• **خَاتُوْنْ:** ث. [تُرڪي] نيڪ عورت. امير گهراڻي جي عورت جو لقب. اميرزادي – شهزادي – بيگم – راڻي. شريف عورت. گهر جي مالڪياڻي – زال – گهرواري – عورت – بيبي – ليڊِي.

– **خَاتُون جَنَّتِ:** ث. جنّت جي شهزادي. حضرت بيبي فاطِمه(ع) جو لقب (جا بيبي صاحبہ حضور ڪريم جن جي پياري صاحبزادي حضرت بيبي خديجة الڪبريٰ جي بطن مان تولد ٿي، حضرت علي ڪرم الله وَجْهُ جن جي ڳهرواري ۽ اِمَامَيْنِ حضرت حسن ۽ حضرت حسين(ع) جي والده ماجده هئي).

– **خَاتُون عَـرَبُ:** ث. خاتون جنت. حضرت فاطمه(ع) جو لقب.

• **خَاتُون فَلَڪُ:** ث. آسمان جي راڻي. چنڊ. زُهْـرَهْ – ناهِيدُ (حُسن ۽ محبت جي ديوي).

Gul Hayat Institute

• **خَارِش:** کَنهڻ جي هڪ بيماري – ڪاڄي – ڪاڄ – ڪاڏ – ڪَنَهِڙو – کُجلي – کَهِ – ڪارِس، کِرنُهِن – تِرتِر – سُر سُر. چمڙيءَ جي هڪ بيماريءَ جو نالو – خارش.

– **خَارِش مارَڻُ (ت):** عادت پوري ڪرڻ.

– **خَارِشِي ج خَارِشِيُ:** ذ. صفت. خارش وارو. کُجليءَ وارو. خارش جو مريض.

• **خَارِشُ:** اسم خاص. تعلقي ناري ضلعي خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **خَارقُ ج خَارِق:** ذ. صفت. [ع. خَرَقَ = هن ڦاڙيو – هن ڏاريو] ڦاڙيندڙ – ڀڃيندڙ. عادت کي ٽوڙيندڙ. عادت جي خلاف ڪم ڪندڙ. ڪرامت – معجزو.

– **خَارِقُ عَاداتِ:** ذ. عادتي ۽ قدرتي قاعدي کي ڀڃڻ وارو. نبين جا معجزا. اوليائن جون ڪرامتون.

• **خَازِنُ ج خَازِن:** ذ. صفت. [ع. خَزَنَ = هن گَنو ڪيو] گَنو ڪندڙ. خزانو سنڀاليندڙ – خزانچي. محافظ – نگهبان.

– **خَازِنِ بهشت:** بهشت جو داروغو.

• **خَاشَ ج خَاشُونْ:** ث. [ف. خواهش جي بگڙيل صورت] خواهش – گهُر – مرضي (پنهنجي خاش خوشيءَ سان).

• **خَاشَاڪُ:** ذ. [ف] ڪِنُ ڪِچرو – ڪَکَ پَن – گَند – گند گوچر. اڪثر مرڪب صورت ۾ "خَسْ" سان گڏ ڪم ايندڙ. جيئن: "خَسْ وخاشاڪ = ڪَکَ پَنَ".

• **خَاشِعُ.** ذ. صفت. [ع. خَشَعَ = هو مطيع ٿيو – هن عاجزي ڪئي] عاجزي ڪندڙ – مِنت ڪندڙ. نِوڙت وارو. خُشوع ڪندڙ.

• **خاشِڪيلي ج خَاشِڪيلِي:** ذ. [ع. خاصخيلي جي بگڙيل صورت] نوڪر – ٻيلي – خادم. سنڌ ۾ هڪ ذات جو نالو.

• **خَاشو ج خَاشَا:** ذ. [ف. خَاشَاڪَ] سُلفِيءَ جي مٿان رکڻ لاءِ نوڙيءَ جو ٻريل مُڇو.

• **خَاشو ج خَاشا:** ذ. صفت. [ع. خاصَة جي بگڙيل صورت] چڱو – سٺو. سهڻو – ملوڪ. عمدو. (ث. خَاشِي ج خَاشِيُونْ).

• **خَاصُ:** صفت. [ع] نِج – اصل – شُڌ. جيئن: "هيءَ خالص گيهه مان ٺهيل مٺائي آهي." مخصوص ڪيل – ذاتي – خانگي – شخصي – پنهنجو. "هيءَ خاص منهنجو گهوڙو آهي". سنو – چڱو – چوکو. چونڊيل – ڏُٺيل – تمام سنو – عمدو – اُتم – اعليٰ – اُچو – مکيه – فائق – چيدو. نهايت عمدو – سڀني ۾ سنو – اُچي ۾ اُچو – شاندار – ڀلارو – افضل – پاڪ. مرغوب – وڻندڙ – پيارو – مقبول. صرف – فقط رڳو. جيئن: "هيءَ خاص اوهان لاءِ آندل آهي". گرامر موجب اهو اسم، جيڪو ڪنهن خاص ماڻهو جاءِ يا شيءِ جو نالو ٻڌائي.

– **خَاصَائِي ج خَاصَائِيُون:** ث. چڱائي – ڀلائي – بهتري. سهڻائي – عمدائي – سنائي – پاڪائي – صفائي. نيڪي. خاصيت.

– **خاصُ ڪَري:** ظرف. نراليءَ طرح – رڳو هن لاءِ تہ خُصُوصاً – خُصوصيت سان – خاص طرح.

– **خَاصُ عَامُ:** ذ. امير غريب. ننڍا وڏا – سڀ. ساري خلقت – رعيت.

– **خَاصو ج خَاصَا:** ذ. صفت. [ع. خَاصَّةْ جي بگڙيل صورت] سنو – چڱو – موچارو – ڀلو – عمدو – سهڻو – ملوڪ – ناهوڪو – بهتر. موچارو – وچولو – موافق. درميانو – پورو پُنو. نيڪ – ڀلو.

– **خَاصُ وَعَامُ:** ذ. ڏسو "خاص عام".

– **خَاصِي ڪَرَڻُ:** قبول ڪرڻ – منظور ڪرڻ.

• **خاصُخيلِي:** اسم خاص. [ع. خاص + خيلي = گهوڙي سوار] گهوڙي سوار فوج جو سپاهي. هڪ قبيلي جو نالو.

– **خَاصڪيلِي:** "خاصخيلي" جي بگڙيل صورت – ڏسو "خاصخيلي".

• **خَاصو ج خَاصَا:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (سنڌ ۾ اڳئين سمي ۾ ٺهندو هو). ڪاڙي جي مڇيءَ جو هڪ قسم (ڇلرن سان. رنگ اڇو ۽ قد هڪ انچ. مدراس جا ماڻهو گهڻو ڪري واپرائيندا آهن). اسم خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **خَاصِئَتَ ج خَاصِئَتُونْ:** ث. [ع. "خاصيّت" جي بگڙيل صورت] ڏسو "خاصيَت".

• **خَاصِيَّتَ ج خَاصِيَّتُونْ:** ث. [ع] اثر – تاثيرُ. وصف. صفت – گڻ – لَڇڻ – عادت – خصلت – سيرت. لياقت – هوشياري – مزاج – طبيعت. چڱائي – نيڪي. خاصِئَت.

• **خَاطِرُ:** ث. [ع. خَطَرَ = دل ۾ آيو] جيڪي دل ۾ گذري – دل – من – هانءُ – جگرُ. چِتُ – ڌيانُ – خيال – ويچار. ارادو –

Gul Hayat Institute

قصد – مرضي – خوشي. آدرڀاءُ – خاطر تواضع – ڪينڪار – مرحبا – تعظيم – عزّت – حُرمت – شانُ – مانُ. خدمت – چاڪري – ٽهل. طرفداري – پاسخاطري – لحاظ – رياءُ – مُروّت. (ظرف). لاءِ ـ واسطي – جي ڪري – ڪري – جي لاءِ ـ باري ۾ ـ ڪارڻ – بابت.

– **خاطر آزاري:** رنجيدگي – ناراضپو – صدمو پهچائڻ – دل ڏکائڻ.

– **خاطرِ آزُرْدَه:** [ف. آزرده = رنجايل] رنجيده ـ ناراض دل وارو – رنجايل – ڏکويل – ملول.

– **خاطرِ جَمع:** ذ. دل جي تسليٰ ـ دلجاءِ ـ پڪ – يقين – دلداري – تسڪين – اطمينان – خاطري. پروسو – آسرو – اعتماد – دل جمعي.

– **خاطرجمعي:** اطمينان – تسلي – تسڪين.

– **خاطرِ خواهَ:** ذ. ظرف. مرضي موجب – حسب منشا. دل جي چاهت موجب. مرضيءَ سان. دلچسپيءَ سان. گهرج موجب. دل جي يقين سان. دل جَمعي سان. پڪي پرُوسي سان. دل جان سان. موزون – ٺيڪ – مناسب.

– **خاطرِداري:** ث. خاطر جمعي – دلداري – خاطري – پڪ – يقين – دلجاءِ. آدرڀاءُ – ڪينڪارَ – ڀليڪارَ – تواضع – خدمت – مهمان نوازي – مهماني.

– **خاطرِ ڪرڻ:** خدمت ڪرڻ. آدر ڀاءُ ڪرڻ. طرفداري ڪرڻ. خوشامد ڪرڻ. دلجوئي ڪرڻ.

– **خاطرِ مُدارات:** آدر ڀاءُ – مهمان نوازي – لحاظ لياقت – نياز نوڙت.

– **خاطرِ ۾ نه آڻڻ:** خيال ۾ ئي نه آڻڻ.

– **خاطرِ نَشين:** ذ. صفت. اها ڳالهه جا ياد ٿي وڃي. دل ۾ جاءِ ڪرڻ واري. دلپسند – پياري.

– **خاطري:** ث. پڪ – يقين – دلجاءِ ـ خاطر جمعي. دلداري – همّت افزائي – ڏَڍُ – تسليٰ ـ دلاسو – خدمت – آدرڀاءُ – خوش مرحبا – خوشي – سُک – راحت.

– **خاطريءَ جهڙو:** ذ. صفت. پسنديءَ جهڙو – دلپسند – وڻندڙ – خواهش موجب – دل گهُريو – دل جاءِ جهڙو – خاطرخواهه.

– **خاطريءَ سان:** دل سان. دل و جان سان. يقين سان. لحاظ سان.

مروّت سان.

– **خاطريُون ڪرڻ:** تمام گهڻي مرحبا ڪرڻ. تمام سٺي مهماني ڪرڻ. تمام گهڻي خدمت ڪرڻ.

– **خاطِفُ ج خاطِفَ:** ذ. صفت. [ع. خَطَفَ = هن ڪسيو] ڪسيندڙ. اوچتو ڪسي کڻي ويندڙ. هيءُ لفظ برق (وڄ) سان گهڻو ڪري استعمال ٿيندو آهي.

• **خاطُوْ ج خاطئُو:** ذ. صفت. [ع. خَطَ = هن لکيو] خط لکندڙ. خط پهچائيندڙ. پيغام رسائيندڙ. خط رسان – قاصد. اخبارن ڪي خبرون پهچائيندڙ. خابرُو. مُخبر.

• **خاطو بند:** تعميرجي هڪ هنرجو ڄاڻو.

• **خاطِيُ ج خاطِئِ:** ذ. صفت. [ع. خَطِيَ = هن ڏوهه ڪيو] خطا ڪندڙ – خطاڪار – خطا وارو – گنهگار – ڏوهاري – پاپي. خط آڻيندڙ.

• **خاقانُ ج خوَاقِين:** ذ. [ترڪي. خاخان = وڏو خان] وڏو بادشاهه – شهنشاهه – سلطان. اسم خاص. چين ۽ ترڪستان جي آڳاٽي بادشاهه جو لقب. (اهو لقب چنگيزخان اختيار ڪيو هو ۽ پوءِ چين جي بادشاهه ڪي چوڻ لڳا پر هاڻي. هر بادشاهه ڪي سڏيو ويندو آهي).

• **خاقاني:** اسم خاص. فارسيءَ جي هڪ وڏي قصيده گو شاعر جو تخلص.

• **خاڪ:** ث. [ف. خاڪ = مٽي] مٽي – لَٽَ – ڌُسڙ – ڌُڌڙ – ڌرَ – رَتي. ڦلهيار – ڦلهير – چار – ڪيري – رَڪ. زمين – ڌرتي. بزرگن جي مزارتان آندل مٽي يا خاڪ. ڪِنايَته: ڪجهه به نه. بلڪل نه. ذرو به نه. سنڌي ادب جي مشهور شاعر مولانا درمحمد جو لقب.

– **خاڪ آلُودَه:** ذ. صفت. مٽيءَ سان ڀريل. مٽيءَ ۾ لٿوڙيل. مٽيءَ هاڻو.

– **خاڪ اُڏامڻ:** مٽي اُڏامڻ – ڌوڙ اُڏامڻ. تباهه ٿيڻ – برباد ٿيڻ. رسوا ٿيڻ – مٽي پليد ٿيڻ – ڪجهه به باقي نه رهڻ.

– **خاڪ اُڏائڻ:** مٽي اُڏائڻ – آهه زاري ڪرڻ – ماتم ڪرڻ – پٽڻ – روڄ ڪرڻ – بدنام ڪرڻ – آواره ڦرڻ – ڀٽڪندو رهڻ.

– **خاڪ بازي:** ث. مٽيءَ سان راند. راند روند. هَوس پرستي – هڪبئي تي خوشي ملهائڻ لاءِ گَپَ اُڇلڻ.

Gul Hayat Institute

— **خاڪ وَسڻُ:** مِٽي پوڻ. واري وَسڻُ. ويراني ٿيڻ — بي رونق ٿيڻ.

— **خاڪِي ج خاڪِيُ:** ذ. صفت. خاڪ جو — خاڪ جي پيدائش. مِٽيءَ هاڻو — مِٽيءَ وارو. مِٽيءَ جي رنگ جهڙو. هڪ رنگ جو قسم. ڪپڙي جو هڪ قسم. هندو فقيرن جو هڪ قسم. (بُت تي ڀڀوت يا مِٽي مَليندڙ) — ڀڀوتيو. مجازاً: آدمي — انسان — ماڻهو. مسلمان فقيرن جو هڪ ٽولو.

— **خاڪِي وَرْدِيُ:** پوليس يا فوج جو سپاهي.

• **خاڳاهو ج خاڳاها (ت):** ذ. سارين ڪان سواءِ خريف جي ٻئي فصل کي پوکڻ کان پوءِ پهريون پيرو پاڻي ڏيڻ.

• **خاڪسِيُ:** ث. خوب ڪلان — هڪ پسارڪو وکر جنهن کي خاڪشير بہ چئجي (بخار لاءِ دوا طور ڪم اچي).

• **خاڪ شِيرُ:** ث. خاڪسِيُ (ڳاڙهاڻ ۽ هيڊاڻ تي مائل سنهو ٻج) — خُوب ڪلان.

• **خاڪو ج خاڪا:** ذ. [ف] اهو نقشو جيڪو صرف حَدن جون ليڪون ڪڍي ٺاهيو وڃي — ڍانچو — مِٽيءَ — مِٽيءَ تي يا مِٽيءَ سان ناهيل نقشو — نقشو — چِٽ — اُتارو — بوتو — فوٽو — شڪل — تصوير جو ٻاهريون ليڪو — ڪچو نقشو — مُسوِدو. ڪورَ — ويٽ — ڪَچ — وَڏ. مَسخريءَ جي تصوير (ٽوڪبازيءَ طور). سفيد پنو (جنهن تي فقط ڪچا نشان ڪري بند ڪيو وڃي، اُن لاءِ تہ وندر جي وقت يا موقعي تي ڪجهہ لکيو وڃي). ڪنهن قيمتي پٿر جهڙوڪ: موتين، مرجان وغيره جو پِيسَل ڪُٽيو يا پائوڊر.

— **خاڪو ڪڍَڻُ:** ڪچو نقشو ڪڍڻ — مُسودو تيار ڪرڻ. ليڪن سان ڪنهن تصوير جا نشان ڪڍڻ — ليڪڻ — انگارڻ.

• **خالُ ج خالَ:** ذ. [ع] خالي ٻيل جڳهہ — وِٿي — وِڇوٽِي — ڇيرُ — ڦوڙُ — سيرَ — ٽُنگَ — ڏرڙُ — ٻَرگهَلُ — ٻَهَلُ — گهَٽ. نَڪُ. مُنهن يا جسم تي ڪنهن بہ هنڌ قدرتي طور نڪتل ڪارو ٽڪو — تِرُ. تاسَ راند جي پَتن ۾ هر هڪ جي پنيان چوڻ جو لفظ (هڪ خال — ٻہ خال — ٽي خال — چارخال — پنج خال — ڇهہ خال — ست خال — اٺ خال — نَو خال — ڏهہ خال).

— **خالِ سِياهُ:** ذ. صفت. [ف. سِياهُ = ڪارو] ڪارو تِرُ.

• **خالِدُ:** ذ. صفت. [ع. خَلَدَ = هو هميشه لاءِ رهيو] هميشه رهندڙ. اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهہ جو نالو.

• **خالدِيُ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **خالِصُ ج خالِصَ:** ذ. صفت. [ع. خَلَصَ = هو نِجو يا صاف ٿيو] ملاوت کان سواءِ _ بنا ملاوت — بنا کوٽ — سچو — شُدُ — نِبار — چوکو — ٺَٺُ — صاف — نِجُ — اصل — کَرو — صحيح. سچي ۽ پڪي اعتقاد وارو.

• **خالِصو:** اسم خاص. تعلقي ٺٽي باگي، تعلقي موري ۽ تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **خالِصو ج خالِصا:** ذ. صفت. نانڪ جا پوئلڳ. گروپنٿي — سِک — سِنگهُ. ٻنيءَ جي ڏلَ جو هڪ قِسم. ڏلَ ڀريندڙ زمين. سرڪاري زمين جنهن ۾ ٻئي ڪنهن جو حق نہ هجي. بادشاهي ملڪيت. سرڪاري خزانو.

— **خالِصِي ڪَرڻُ:** ضبط ڪرڻ — ڪَسَڻُ. ظلم ڪرڻ — ڏاڍُ ڪرڻ. ايڪانت ۾ رهڻ. گوشہ نشيني ۾ رهڻ.

• **خالِقُ ج خالِقَ:** ذ. صفت. [ع. خَلَقَ = هن پيدا ڪيو] پيدا ڪندڙ — ڪرتار — سرجڻهار — خلقڻهار — خلقيندڙ — پروردگار — خداتعاليٰ. اللہ تعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

• **خالُو ج خالُو:** ذ. [ع] ماسيءَ جو مڙس — ماسڙُ. (ث) خالَہ.

• **خالِي ج خالِيُ:** ذ. صفت. [ع. خَلاَ = هو خالي ٿيو] اڻ ڀريل — کوکلو — ٻُوڙو — سکڻو — پالهو. ڪم ۾ نہ ايندڙ — بي ڪار — نِڪمو — واندو. اڪيلو — تنها — صرف — فقط — ڇڙو.

— **خالِي ٻِيلِيُ:** ظرف. بناسبب — هَرو ڀَرو — بي سبب — خواهہ مخواهہ — اجايو — ناحق — بي فائدي — ري گناهہ — بنا ڏوهہ جي.

— **خالِي ڪَرڻُ:** سکڻو ڪرڻ — ٺلهو ڪرڻ — پالهو ڪرڻ — واندو ڪرڻ. ڇڏي وڃڻ. برطرف ڪرڻ. چونڪارو ڪرڻ.

— **خالِي وَڃڻُ:** ٺلهو وڃڻ — سکڻو وڃڻ — بيڪار وڃڻ.

— **خالِي هَٿين:** ظرف. بنا سمر جي. ٺلهين هٿين — سکڻو. مفلس — غريب — نادار — پالهو.

• **خامُ ج خامَ:** ذ. صفت. [ف] ڪچو — اڻ پڪل — اڻ رسيل — ناپختو. ردي — خراب. ناقص — عيبدار — وِڏ وارو. ناتجربيڪار — اناڙي — نادان — جِٽ — جاهل — نالائق _ اڻ لائق — ڪُڏنگو. ڪاٺ جي مٿان لڳل چمڙو (ت). ڪچو يا اڻ رڱيل (ڪپڙو). اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

Gul Hayat Institute

– **خامُ خو**: ذ. صفت. بي وقوفي – ناداني.
– **خامُ خيالُ ج خامُ خيالَ**: ذ. اجايو خيال. غلط خيال. وهم.
– **خامُ خيالي**: ٿ. ڪوڙو خيال. غلط شڪُ. وهم – گمان.
– **خامُ طبعُ**: ذ. صفت. ڪم ذهن – اڻوڄهه – موڳو – بيوقوف – مُنجهيل – ناتجربہ ڪار.
– **خامُ عقلي**: ٿ. بي عقلي – بي وقوفي – چريائي. ڀُل – چُڪ – غلطي.
– **خامُ ڪاري ج خام ڪاري**: ذ. صفت. بي هُنر – اناڙي – اڻ آزمودگار – اڻ واقف – ناتجربيڪار.
– **خامي ج خاميُون**: ٿ. ڪچائي – اڻ پڪائي – اڻ پورائي – ڪمي – گهٽتائي – نُقص – وڏ – اوڻائي – غلطي – ڀُل – ڀُڪ – سهْوَ.
• **خامو**: اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **خاموشُ ج خاموشَ**: ذ. صفت. [ف] ماٺ چُپ. ساڪِت – صبر – چپ چاپ. گهوڙي جي مٿين چَپ جي بيماريءَ جو قسم. سارين جي ٻيجي لاءِ تيار ڪيل زمين.
– **خاموشُ ڪرائڻُ**: ماٺ ڪرائڻ – صبر ڪرائڻ – بس ڪرائڻ – چُپ ڪرائڻ.
– **خاموشي ج خاموشيُون**: ٿ. ماٺ ـ چُپ ـ چپڙي – چپ چاپ – گنگ ٻوڙ – سانت ـ سُڪوت – صبر.
• **خانُ ج خانَ**: ذ. [ترڪي. خاقان] سردارُ – رئيس – مسلمان اميرن جو هڪ لقب (اڳي فقط تاتار جي بادشاهن جو لقب هو پر هاڻي هرهڪ رئيس، امير يا سردار جو لقب آهي. جيئن. پٺاڻ قوم جو لقب ۽ سنڌ ۾ بلوچ قوم جو لقب). بزرگ – اصيل – ڀلو – اُتم. امير (ٿ. خانَم).
– **خانبهادُرُ**: ذ. سرڪاري يا گورنمينٽ طرفان ڪنهن عهدي يا خدمت جي صلي ۾ مليل عزت جو خطاب.
– **خانُ خانانُ**: اسم خاص. سردارن جو سردارُ. اميرن جو امير. رئيسن جو رئيس. (بيرم خان ۽ سندس پٽ عبدالرّحيم کي مغل بادشاهن کان مليل لقب).
– **خانُ دانُ ج خانُ دانَ**: ذ. صفت. اعليٰ گهراڻو – اعليٰ ڪُٽنب – گهراڻو – پُري – پيڙهي – ڪُٽنب – قبيلو. اشراف – اصل.
– **خانداني ج خاندانيُون**: ٿ. وڏ ماڻهپي – اميري – شرافت – عمده نسلي – قديم شريف گهراڻي جو.
– **خانداني ڏيکارڻُ**: وڏ ماڻهپي ڏيکارڻ – سيٺ ڪرڻ – وڏائي ڪرڻ – اجايا خرچ ڪرڻ.
– **خانُ سالارُ**: ذ. صفت. لشڪر جو ڪاڌو تياسيندڙ. شاهي آفيسر.
– **خانُ سامان**: ذ. [ف] بادشاهه جي محل جو منتظم. انگريزن جو بورچي. ڀنڊاري – ناظر – مودي. بورچي خاني جو عام مختار – بٽلر. اردلي – نوڪر – خدمتگار.
– **خانُ صاحِبُ ج خانُ صاحِبَ**: ذ. صفت. عزت جو هڪ لقب.
– **خانَمُ**: ٿ. اعليٰ گهراڻي جي عورتن جو لقب – بيگم – اميرزادي.
– **خانوادو ج خانوادا**: ذ. صفت. وڏيرو – رئيس – امير.
– **خانوَتي ج خانوَتيون**: ٿ. خانوادي – وڏيري – گودي – گهرڏياڻي.
– **خاني ج خانيُون**: ٿ. رئيسي – اميري – وڏ ڀرپ. شانُ – مانُ – آب. اقبال – مرتبو – وڏائي – بزرگي – بَرتري. دٻدٻو – حشمت – رُعب – شان شوڪت. "خان جي خاني، مانيءَ مان معلوم ٿي" (پهاڪو).
• **خاناڻي**: اسم خاص. تعلقي گهوڙاٻاري ۽ تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **خانُ ٻيلو**: اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **خانپور**: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي، تعلقي ڳڙهي خيري، تعلقي ميرپور بٺوري، تعلقي ڪوٽڙي ۽ تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ هڪ ديهه جو نالو. شڪارپور جي اوير ۾ هڪ شهر جو نالو.
• **خانزئي**: اسم خاص. بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **خانُ سر**: اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **خانقاهَ ج خانقاهُون**: ٿ. [ف. خانگاه < خانہ = گهر + گاه = جاءِ] درويشن ۽ بزرگن جي رهڻ جي جاءِ. ڪنهن بزرگ جي مزار تي ٺهيل چوڪنڊي – خانگاهه.
• **خان ڪلهوڙو**: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **خانگاهَ ج خانگاهُون**: ٿ. [ف] ڏسو "خانقاهه".

Gul Hayat Institute

• **خانِگي ج خانِگيِ:** ذ. صفت. [ف] گهر جو – گهريلو. نِج – ذاتي – شخصي – پنهنجو. نويڪلو – خلاصو. خاص. پوشيدو – ڳجهو – مخفي. غيرسرڪاري.

– **خانِگي جهَڳڙو:** ذ. گهرو جهيڙو – ذاتي جهيڙو.

• **خان ڳڙهه:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **خانُمان:** ذ. [ف. خانہ = گهر + مان = سامان] گهر جو سامان – اسباب اثالو – مال – ملڪيت – گهر ٽڙ.

– **خانُمان خَرابُ:** ذ. صفت. سڀڪجهه تباهه – برباد – جهُڳوئي جهڻ.

• **خانو ج خانا:** ذ. [ف. خانَہ = گهر] گهر – مڪان – جاءِ – جهُڳو – ڪمرو – ڪوٺي – چونڪو. حصو – ٽُڪرو – پاڳو – وِيرِي. ڪنهن ڪٻٽ يا ميز جو دروازو. تلوار رکڻ جي مياڻ – ڪپُ.

– **خانو آبادُ ٿيڻُ:** گهر وسڻ – گهر آباد ٿيڻ.

– **خانو آبادُ هُئڻُ:** اولاد چڙهڻ – اولاد جو لائق هجڻ.

– **خانو خالي ڪري وڃڻُ:** اُت جو تمام تڪرو هلڻ.

– **خانو خرابُ ٿيڻُ:** گهر برباد ٿيڻ. ڇٽ ٿيڻ – جهڳو جهڻ ٿيڻ.

– **خانو خرابُ ڪرڻُ:** ڪنهن جو گهر تباهه ڪرڻ – نابود ڪرڻ – ناس ڪرڻ – ڇٽ ڪرڻ – نقصان ڪرڻ.

– **خاني ڪان باهر هُئڻُ:** چريو هئڻ – بي عقل هئڻ. ڏٺيون پاٺيون ويل هئڻ.

– **خاني مان نڪري وڃڻُ:** بدافعال ٿيڻ.

• **خانوادُهُ:** ذ. [ف. خانَہ = گهر + وادَہ = پيڙهه] هڪ گهر جا ماڻهو. هڪ خاندان جا ياتي هڪڙي بزرگ جو اولاد. خاندان – گهر – قبيلو – ڪٽنب – پيڙهي. مشائخ يا درويش سان تعلق رکندڙ خاندان. اشراف – اصيل – وڏيرو – سردار. فقيريءَ جو سِلسِلو.

• **خانواهه:** اسم خاص. جوهي، رتوديرو جيمس آباد. شڪارپور، ڳڙهي خيرو ۽ ڪنڊڪوٽ تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **خانواهڻ:** اسم خاص. تعلقي ڪنڌياري ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

• **خانوٽ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

• **خانوري:** اسم خاص. تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **خانَہ:** ذ. [ف] گهر – جاءِ – مڪان – حويلي. ڪبوترن يا ڪُڪڙن جي رهڻ جي ڪُڏي. آکيرو – واهيرو. پيتي. ميز يا تجوريءَ جو اندريون گهر – خانو. شطرنج يا چوپڙ راند ۾ ساريءَ رکڻ جو گهر. ڪنهن شيءِ رکڻ جي جاءِ. "دواخانہ وغيره".

– **خانَہ آبادُ:** ذ. صفت. ڀريل گهر – خوش – سُکيو – ستابو – شاهوڪار – وڏندڙ ويجهندڙ گهرُ.

– **خانَہ آبادِي:** ث. خوشحالي – خوشي – سکيائي – آسودگي. شادي.

– **خانَہ بدوشُ:** ذ. صفت. بي گهر. اهو ماڻهو جو هڪڙي هنڌ گهر ڪري نہ رهي. رولُ – رولُو – آواره – ڀٽڪندڙ – پريشان – دربدر – بي گهر. سانگي – پرديسي – رمتو – سدائين مسافري ڪندڙ. لڏو ڪٽي هلندڙ. جيئن قديم تاتاري، واگهڙي ۽ جبلي وغيره.

– **خانَہ بدوشِي:** ث. هيڏانهن هوڏانهن رُلڻ جي حالت. مُسافري – ڀٽڪ – رولاڪو.

– **خانَہ بَربادِي:** ث. گهر يا خاندان جي تباهي.

– **خانَہ تلاشِي:** ڪنهن چوري ٿيل شيءِ جي ڳولا لاءِ ڪنهن گهر جو سمورو سامان اُلٽ پُلٽ ڪري ڇڙڻ جي حالت. ڪنهن جي گهر کي جهاڙو ڏيڻ. تلاشي – جهاڙو – ڳولا.

– **خانَہ پَردازِي:** ث. گهرو خرچ ۾ ڪفايت. ڪم خرچي ڪفايت – قناعت.

– **خانَہ پُرِي:** ث. خالي گهر کي ڀرڻ جو ڪم. نقش ڀرڻ جو ڪم. سرڪاري مقرر ٿيل نقش کي ڀرڻ جو ڪم.

– **خانَہ جَنگِي:** گهرو لڙائي – گهرو جهڳڙو – گهرو فساد – پاڻ ۾ ويڙهه. ٽوري ڳهٽي ڳالهہ تان ويڙهه. دنگو – فساد – ساڳئي ملڪ وارن جو پاڻ ۾ دنگو فساد ڪرڻ.

– **خانَہ خُدا:** ذ. خدا جو گهر – ڪعبة الله – بيت الله – عبادت گاهه – مسجد.

– **خانَہ خَرابُ:** ذ. صفت. تباهه – برباد – ويران – خراب – ڏانوادول. بدعادت – بدڪار – بدوضع. آوارَہ – رولُ.

– **خانَہ خَرابِي:** ث. گهر جو ڦيناڙو – گهرو نقصان – بربادي – تباهي – ستيا ناس.

– **خانَہ دارُ:** ذ. صفت. گهر وارو – گهر بار وارو – ڪٽنب وارو.

Gul Hayat Institute

— **خانہ داري:** گهر ٻار جو ڪاروبار. گهر جا معاملات. گهر جو ڪم ڪار – گهر جو انتظام.

— **خانہ زاد:** ذ. صفت. گهر جو پيدا ٿيل غلام. گهر جو نپايل ٻانهو. گهرجي ٻانهيءَ جو ٻار، غلام زادو.

— **خانہ ساز:** ذ. صفت. گهر ناهيندڙ – رازو.

— **خانہ سوز:** ذ. صفت. خاندان کي بدنام ڪندڙ. گهر جلائيندڙ.

— **خانہ شماري:** گهرن جو شمار يا ڳڻپ. ماڻهن جي ڳڻپ. آدم شماري.

— **خانہ نشين ج خانہ نشين:** ذ. صفت. گهر ۾ ويهڻ وارو. گوشہ نشين. بي ڪار، واندو – نڪمو – نڪمٽو.

— **خاني:** صفت. ڪريز ڪاڌل باز ۽ ڪريزون ڪاڌل باز (عمر ۾ ٽن سالن جو).

• **خاور:** ذ. [ف]. هڪ طرف جو نالو ـ اوير – اڀرندو – مشرق – پورب. الهندو (بعضي الهندي طرف لاءِ ۽ استعمال ٿئي). اڀرندي طرف. وارو. سج – سورج – آفتاب.

• **خاوند ج خاوند:** ذ. [ف. خانہ وند. خانہ = گهر + وند = وارو] آقا – مالڪ – ڌڻي – سائين. گهر وارو – مڙس – پتار – شوهر – گهر ڌڻي – وارث – پتي.

— **خاوندي:** ث بنده نوازي – مهرباني – عنايت.

• **خائف ج خائف:** ذ. صفت. [ع. خاف = هو ڊنو] ڊڄندڙ – ڊپ ڪندڙ – ڊيڄو – ڊڄڻو. انديشو ڪندڙ.

• **خائن ج خائن:** ذ. صفت. [ع. خانَ = هن خيانت ڪئي] امانت ۾ خيانت ڪندڙ – بي ايمان – بد ديانت – ٺڳ – دغاباز – بدنيت.

• **خايو ج خايا:** ذ. [ف. خايہ = آنورو] پيلو – آنورو – خصيو. پکيءَ جو آنو – بيضو.

• **خباثت:** ث. [ع. خبث = هو خراب ٿيو] پليتي – ناپاڪائي – گندگي. اندر ڪارائي. لچائي – شرارت. بدڪاري – بڇڙائي.

• **خبازي:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر – گول پنن وارو پٽڪريا ڦٽر (خيري گل جو ٻج).

• **خبث:** ذ. [ع] خباثت – پليدي – ناپاڪائي.

— **خبث الحديد:** ذ. [ع] لوهہ ڳارڻ وقت ان مان نڪتل ڪن ڪچرو. لوهہ جي ڪشتہ جو هڪ قسم. 'خبث الحديد'.

• **خبر ج خبرون:** ث. [ع. خبر = هن ڄاتو] آگاهي – واقفيت – اطلاع – ڄاڻ. افواهہ – هل – هوائي. احوال – سماچار – سڌ سماءُ – سمڪ – پروڙ – ڪڙڪ – ڪل – سنديش – سنيهو – پيغام – پيام – نياپو. علم – گيان – ڄاڻ – پتو – حديث – نشان – سراغ. سمجهہ – عقل – سڌ ٻڌ – معلومات. اوساڻ – هوش. علم نحو موجب جملي جي ٻن ضروري جزن مان اهو ٻيو جزو جو پهرئين بابت ڪجهہ چوي يا بيان ڪري. مثلاً: "مير محمد هوشيار ڇوڪرو آهي." انهيءَ جملي ۾ "هوشيار ڇوڪرو آهي". کي گرامر ۾ "خبر" (Predicate) چئبو آهي.

— **خبر آڻڻ:** پتو ڪٽي اچڻ – سراغ معلوم ڪرڻ. احوال آڻڻ – سڌ آڻڻ. فوتيءَ جو اطلاع اچڻ.

— **خبر اڏائڻ:** ڪوڙي ڳالهہ مشهور ڪرڻ – افواهہ اٿارڻ.

— **خبر پوڻ:** معلوم ٿيڻ – سڌ پوڻ – سمجهہ ۾ اچڻ – ڄاڻ پوڻ – واقف ٿيڻ.

— **خبر پهچائڻ:** اطلاع ڪرڻ – احوال ڏيڻ. نياپو ڏيڻ. آگاهي ڪرڻ.

— **خبر چار ج خبرون چارون:** ث. حال احوال – سڌ سماءُ – سماچار – واءُ ساءُ. بيان.

— **خبردار:** [ف] حرف ندا. تنبيهہ جو لفظ – خبردار ٿيو! هوشيار ٿيو! هيڏي ڌيان ڌريو!

— **خبردار:** ذ. صفت. خبر رکندڙ – ڄاڻ رکندڙ – ڄاڻو – آگاهہ. هوشيار – سچيت – سجاڳ – ڦڙت – چالاڪ – سرتو – چوڪس.

— **خبردار ٿيڻ:** واقف ٿيڻ – هوشيار ٿيڻ.

— **خبردار خبردار پڪارڻ:** پهرو ڏيڻ.

— **خبردار رهڻ:** چوڪس رهڻ – تيار رهڻ – هوشيار رهڻ – هر وقت خيال رکڻ – حذر ڪرڻ.

— **خبردار ڪرڻ:** چتائڻ – ٻڌائڻ – هوشيار ڪرڻ.

— **خبرداري:** ث. خبرگيري – نگهباني. هوشياري – سجاڳي – سچيتائي – پرداخت – سنڀال – احتياط – چالاڪي – سياڻپ.

— **خبر ڏيڻ:** اطلاع ڏيڻ – آگاهہ ڪرڻ – آگاهي ڏيڻ – ڄاڻ ڏيڻ – چتائڻ – حال احوال ٻڌائڻ – احوال ٻڌائڻ.

Gul Hayat Institute

— **خَبَرَ رَسَانُ:** ذ. صفت. اطلاع پهچائيندڙ — قاصد — نامبر — پانڌيڙو.

— **خَبَرَ رَکَڻُ:** پتو رکڻ — واقفيت رکڻ — خيال رکڻ.

— **خَبَرُ گِيرُ ج خَبَرُگِيرَ:** ذ. صفت. خبر وٺندڙ — نگهبان — چوڪيدار — چاري. جاسُوسُ.

— **خَبَرُگِيرِي ج خَبَرُگِيرِيُونُ:** ث. خبر وٺڻ جي حالت. خبرداري — معلومات — جاسوسي.

— **خَبَرَ لَهَڻُ:** خبر وٺڻ. چڱيءَ طرح سان تپاس ڪرڻ. سيڪت ڏيڻ.

— **خَبَرَ نَہ هُجَڻُ:** واقفيت نہ هجڻ. اطلاع نہ هجڻ.

— **خَبَرَ وَٺَڻُ:** حال وٺڻ — پُڇڻ — دريافت ڪرڻ. معلومات ڪرڻ — سُڌ وٺڻ — سماءُ وٺڻ — واقفيت وٺڻ. جاچ ڪرڻ — ڏسڻ — نظر رکڻ — سنڀال ڪرڻ — مارڻ — ڪُٽڻ — سزا ڏيڻ — بدلو وٺڻ — مزو چکائڻ — ٺيڪ ڪرڻ — دُرست ڪرڻ.

— **خَبَرَ وَڃَڻُ:** اطلاع وڃڻ — نياپو وڃڻ — قاصد وڃڻ.

— **خَبَرُونُ پَکِيءَ تي پَوَڻُ:** دير ۾ نتيجو ظاهر ٿيڻ. دير ۾ سزا پوڻ.

• **خَبْطُ ج خَبْطَ:** ذ. [ع] عقل جو جنون سان گڏ هجڻ جي حالت. چريائي — ديوانگي — سوداءُ — مستي.

• **خَبْطُ سَوَارُ ٿِيَڻُ:** اجايو ۽ بيهودو خيال ۽ وهم دل ۾ ويهڻ.

— **خَبْطِي ج خَبْطِيَ:** ذ. صفت. ديوانو — چريو — وهمي — پاڳل — مست — سودائي — بيوقوف — بدحواس — وهمي ڳالهين ۾ مشغول.

• **خَبِيْثُ ج خَبِيْثَ:** ذ. [ع. خَبُثَ = هو پليت ٿيو] پليت — پليد — ناپاڪ — نجس — گندو — بڇڙو — خراب — ڪِنو. شرير — بدڪار — لُچ — بدظن. پاپي — دُشٽُ — شيطان.

• **خَبِيْرُ:** ذ. صفت. [ع. خَبَرَ = هن ڄاتو] چڱيءَ طرح خبر رکندڙ. سيڪجهہ ڄاڻندڙ. خوب واقف — داناءُ. اسم خاص. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. ڄاڻُٺهار — ڏسڻ پسڻ وارو.

• **خُتَابُ ج خُتَابَ:** ذ. علم پڙهڻ جي جاءِ. اسڪول — مڪتب — درسگاهہ — مدرسو — پاٺشالا — ودياليہ — ڪُتابُ.

— **خُتَابِي:** ذ. "ڪُتابي" جي بگڙيل صورت. ڪُتاب (مڪتب) ۾ تعليم وٺندڙ ڪُتابي. پڙهندڙ — شاگرد.

• **خَتَمُ ج خَتَمَ:** ذ. [ع. خَتَمَ = هن پورو ڪيو] اَنْتُ — آخر — پڇاڙي — پُڄاڻي — انتها — ڏنگ — ڇيهُ — پڇڙي. صفت. پُورو — مُڪمَّلُ — تمام. پويون — آخرين. قران شريف جا ٽيهہ پارا پڙهي پورا ڪرڻ.

— **خَتَمُ ٿِيَڻُ:** پڇاڙي ٿيڻ — بند ٿيڻ — پورو ٿيڻ.

— **خَتَمُ ڪَرَڻُ:** پُورو ڪرڻ — پُڄاڻي ڪرڻ — ڇيهہ ڪرڻ — آخر ڪرڻ — انت ڪرڻ — ماري ڇڏڻ. قرآن شريف جا ٽيهہ پارا پڙهي پورا ڪرڻ.

• **خَتِمُو ج خَتِمَا:** ذ. [ع. خَتَمَ = هن پورو ڪيو] مري ويَلَنَ جي رُوحن کي بخشش واسطي پڙهايل قرآن شريف. پُوري قرآن شريف جي تِلاوت. مُئي جي حق ۾ دُعا. مُئي ماڻهوءَ جي ماني يا خيرات. فاتح خواني.

— **خَتِمُو ڏِيَڻُ:** مماتيءَ وارن جي حق ۾ ثواب خاطر دعا گهُرڻ. قرآن شريف پڙهي بخشڻ.

• **خُتَنُ:** اسم خاص. تاتار جي هڪ علائقي جو نالو. (هتان جو مُشڪ مشهور آهي).

• **خَتَنْگُ ج خَتَنْگَ:** ذ. [ف] "خَدَنگَ" جي بگڙيل صورت. گَزُ — تيرُ — ٻاڻُ — سيلو — تُڪو — تُڪِڙي. صفت. تکو — تيز — هوشيار — چالاڪ — پهلوان — جوڌو — بهادر — سورهيہ — سُورمو. جيتَ جو هڪ قسم (اڇي رنگ جي هڪ پکري جا روشنائيءَ تي ڪنب ڪولي چوگرد ڦرندي نچندي آهي).

• **خَتْنُو ج خَتْنَا:** ذ. [ع. ختنه > خَتَنَ = وڍڻ (ڪنهن شيءِ کي)] مسلمانن جي هڪ رسم جنهن ۾ عضوِ تناسل جو ڪولو (زياده چمڙو) وڍيو وڃي. طُهر — طهور — مسلماني — سُنت ابراهيمي.

— **خَتْنُو ڪَرَائِڻُ:** طهر ڪرائڻ. سُنت ويهارڻ. سنت ابراهيمي ادا ڪرڻ — مسلماني ڪرڻ.

— **خَجَالَتُ:** ث. [ع. خَجِلَ = هو شرمندو ٿيو] شرمساري — شرمندي — حياءُ — لڄ — شرم — ڦڪائي — ندامت — پشيماني — پڇتاءُ.

• **خَجَسْتَهُ:** ذ صفت. [ف] سعيد — سڀُورو — مبارڪ سڀاڳو — خوش قسمت هڪ گل جو قسم (جنهن جو رنگ زردو ۽ ٻج ڪارو ٿئي.

• **خَجِلُ:** ذ. صفت. [ع. خَجِلَ = هو شرمندو ٿيو] ڦڪو — شرمندو — پشيمان.

Gul Hayat Institute

- **خَچَر:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **خَچَرُ ج خَچَرَ:** ذ. [سن. کيچَر ف. اَسْتَر] جانور جو هڪ قسم (جو نر گڏهه ۽ مادي گهوڙيءَ يا مادي گڏهه ۽ نر گهوڙي جي ميلاپ مان پيدا ٿئي) — اَستر — گاڏَڙ. (ث. خَچَرِ ج خچريون) ف. استرماديہ]. اسم خاص. دادو ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

— **خَچْرائُـو ج خَچْرائا:** ذ. صفت. خچر جو — خچر جهڙو — خچر وارو.

— **خَچَرپائِي:** ث. گڏهه پائي — بيوقوفي — مَجهُولِي — بدتميزي — اڏنگائي.

— **خَچَرخانو ج خَچَرخانا:** اها جاءِ جتي هميشه مانڌاڻ متل هجي. هُل بکيڙي وارو هنڌ.

— **خَچَر کلو ج خَچَر کلا:** ذ. صفت. گوڙ — بکيڙو — هل — فساد — دَمْچَرُ — دَمْچَکَـرُ — خچر خلو.

— **خَچَرِي ج خَچَرِيُون:** ث. [ف. استرماديہ] مادي خَچَرِ.

- **خُدا:** [ف. خود = پاڻ + آ > آمدن = اچڻ] پاڻهي ايندڙ — خود ايندڙ ۽ موجود رهندڙ. واجب الوجود — ربّ ـ پروردگار — معبود ـ الله ـ خداوند — مالڪ — صاحب — آقا.

— **خُدا بَخْشي!:** خدا شل معاف ڪري! مغفرت جي هڪ دعا.

— **خُداتَـرسُ ج خُدا تَـرَسَ:** ذ. صفت. الله تعاليٰ کان ڊڄندڙ. رحمدل — قياس وارو — ٻاجهارو — بزرگ — مُؤمن.

— **خُداتَـرسِي:** ث. خدا جو خوف. الله جو ڊپ. ڪَهل — ٻاجه — نيڪي. بزرگي — تقويٰ — پرهيزگاري.

— **خُدا تَعاليٰ:** ذ. الله سائين سيني کان بلند آهي. قادر مطلق آهي.

— **خُدا تي ڇَڏڻُ:** خدا تي ڀروسو ڪرڻ. توڪل ڪرڻ. خدا تعاليٰ جي مرضيءَ تي ڇڏي ڏيڻ. خدا تعاليٰ جي حوالي ڪرڻ.

— **خُدا تَعاليٰ تي ٻارڻ:** توڪل تي رهڻ. خدا تي ڀروسو ڪرڻ.

— **خدا پرسْتُ ج خُداپَرَسْتَ:** ذ. صفت. خدا کي پوڄيندڙ — عبادت ڪندڙ — عابد — مُوحّدُ — زاهد — پوڄاري — ديانتدار — نيڪ نيّت — بزرگ. حق پرست. خداتعاليٰ کي يڳانو ۽ لاشريڪ سمجهڻ وارو.

— **خُداپَرسْتِي:** ث. رڳو خدا جي عبادت. مالڪ جي پوڄا. ڌڻيءَ جي بندگي. رحمدلي — ديانتداري — نيڪ نيتي — بزرگي.

— **خُدا جو شانُ!:** خدا جي قدرت! خدا جي حڪمت! (حيرت جي وقت استعمال ٿيندڙ جملو).

— **خُدا جو قَهَـرُ نَازِل ٿِيَڻُ:** آسماني آفت جو اچڻ. مصيبت ظاهر ٿيڻ.

— **خُدا جو ڪارخانو:** دنيا جو انتظام. ساري ڪائنات.

— **خُدا جو گهَـرُ:** ذ. مسجد — عبادتگاهه — ڪعبةُ الله ـ بيتُ الله.

— **خُدا جو نالو وٺڻُ:** خدا کي ياد ڪرڻ. ذڪر ڪرڻ. نماز ادا ڪرڻ. انصاف ڪرڻ. سچ ڳالهائڻ.

— **خُدا جي پَناهَ!:** ث. خدا شل پناهه ڏئي! مالڪ سائين جو سهارو! الله شل بچائي! مَعَاذَ الله! خدا تعاليٰ شل رکي وٺي!

— **خُدا جي قُـدْرَتَ:** ث. خدا جي سگهه يا طاقت. خداتعاليٰ جي وڏائي. خدا تعاليٰ جي بزرگي.

— **خدا جي لٺ کي آواز نہ هُئڻُ:** ڌڻي تعاليٰ جو غضب اوچتو اچي ڪڙڪڻ. ڳجهين يا نامعلوم مصيبتون نازل ٿيڻ.

— **خدا جي مارَ:** ث. خدا جو غضب. خدا جو ڌَمَـرُ.

— **خُدا جي مَارَ پَوڻُ:** خدا جو غضب نازل ٿيڻ. اوچتي مصيبت اچڻ.

— **خدا جي واسطي ڪُوئو بہ نہ مارڻُ:** هميشه رڳو خود مطلبي جو ڪم ڪرڻ.

— **خدا ڄاڻي:** (هڪ ڪلمو). ڪجهه بہ نہ آهي. خدا کي خبر. مون کي ڪو پتو ڪونهي. مون کي ڪا خبر ڪانهي.

— **خُدا چاهي:** (هڪ ڪلمو). اِنشاءَ اللهُ تَعاليٰ. خدا جي مرضي تي ته! جيڪڏهن خدا تعاليٰ گهريو ته!

— **خُدا حافظ:** موڪلائڻ وقت دعا جو هڪ ڪلمو. خدا جي حفاظت ۾ توکي ڇڏيم. ربّ توکي بچائي ـ الله توهار — الوداع — في امانِ الله ـ آسرو الله جو.

— **خُدا خُدا ڪَـرڻُ:** خدا جو نالو وٺڻ. عبادت ڪرڻ — ذِڪرُ ڪرڻ ـ الله الله ڪرڻ — توبهه ڪرڻ — خدا جو خوف ڪرڻ — حذر ڪرڻ. "خدا خدا ڪر مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟".

— **خُدا خُدا ڪَري:** ظرف. مشڪل سان. وڏي تڪليف سان. تمام ڏکيائيءَ سان. مس مس. حيلن سان. وڏي انتظار کان پوءِ.

— **خُداداد:** ذ. صفت. خدا جو ڏنل. الـهي نعمت. خدا جي ڏات.

— **خدارا:** ظرف. خدا جي نالي. خدا جي واسطي. خدا ڪارڻ.

— **خُدا رَسِيدَهُ:** ذ. صفت. الله کي پهتل يا ويجهو. الله وارو — پرهيزگار — ولي — پهتل — نيڪ — درويش.

Gul Hayat Institute

— **خُدا رَکي:** خدا تعاليٰ شل پناهه ڏئي! ڏڻي تعاليٰ بچائي "خُدا رکي ته ڪير چکي."

— **خُدا سان ڪمُ پوڻ:** خدا تعاليٰ وٽ حساب ڪتاب ٿيڻ. خدا تعاليٰ جي قبضه قدرت ۾ اچڻ يعني مرڻ کان پوءِ ضرور ان جي اڳيان حاضر ٿيڻ. ڪنايةً پاسو ڪرڻ. زيادتي نه ڪرڻ. سچ چوڻ.

— **خُدا سان لَنئُون لَڳڻ:** خدا سان ڌيان لڳڻ. خدا ڏانهن مُتوجه ٿيڻ. هر وقت خداتعاليٰ کي ياد ڪندو رهڻ.

— **خُدا سان مِلڻ:** فوت ٿيڻ. مري وڃڻ.

— **خُدا سمجهي:** خدا انهيءَ جو بدلو ونئي (مون کي بدلي وٺڻ جي طاقت ڪانهي).

— **خُداشَناس:** ذ. صفت. خدا کي ڄاڻڻ وارو. الله وارو — معرفت وارو — ڄاڻ سڃاڻ وارو ـ الله لوڪ — بزرگ — درويش — نيڪ — پارسا — عارفُ باللهِ

— **خُدا ڪَري:** شل ائين ٿئي!

— **خُدا کان ڏِڄڻ:** خدا جو خوف ڪرڻ. ڪِناياتاً: ڪوڙ نه ڳالهائڻ. ظلم نه ڪرڻ.

— **خُدا کي مَڃڻ:** خدا کي برحق سمجهڻ.

— **خُدا کي ياد ڪرڻ:** هر وقت خدا کي سوال ڪرڻ. خدا کان مدد گهُرڻ. خدا جي مدد ۽ رحمت ۾ اميدوار هجڻ. خدا کي حاضر ناظر ڄاڻڻ.

— **خُدا لَڳي چَوڻ:** انصاف جي ڳالهه ڪرڻ. سچ چوڻ. ڪنهن جو پاسو نه وٺڻ.

— **خُدا نَه خواستہ:** ظرف. خدا نه ڪري! ائين نه ٿئي! شل خدا ائين نه ڪري!

— **خُدا وَٽ وَڃڻ:** مرڻ — وفات ڪرڻ — انتقال ڪرڻ.

— **خُدا وَنْدُ:** [ف. خُدا + وند = جهڙو] صاحب — مالڪ — آقا — آڳو — ڏڻي — سائين.

— **خُداوَنْد عالَمُ:** ذ. جهان جو مالڪ. دنيا جو بادشاهه.

— **خُداوَنْد نعمَت:** ذ. نعمتن جو مالڪ — نعمتون بخشيندڙ — مهر ڪندڙ — خدا — ٻاجهارو — مهربان.

— **خُدائي:** خدا جي حڪومت — خدا جي صاحبي — اُلوهِيَت — خداوندي — خَلقَت — دنيا — جهان — سنسار — شانُ — عَظمت. ذ. صفت. خدا تعاليٰ جو. خدا تعاليٰ جي طرف کان.

— **خُدائيءَ جي دَعوٰي ڪَرڻ:** پاڻ کي خدا سڏائڻ — غرور ڪرڻ — تڪبّر ڪرڻ — وڏائي ڪرڻ.

— **خُدائي ڇِڪ:** قهر الاهي ـ الله جو غضب.

— **خُدايا:** حرف ندا. اي خدا! يا الاهي! يا الله!

— **خُدا ياد اَچڻ:** مصيبت ۾ گرفتار ٿيڻ وقت خدا کي ياد ڪرڻ ۽ ٻاڏائڻ.

• **خُدا آباد:** اسم خاص. دادو ضلعي ۾ هڪ جهوني شهر جو نالو (جو ميان نور محمد ڪلهوڙي جو تختگاهه هو ۽ سنه ١٧٥٩ع ۾ ميان محمد مراد ياب خان جي ڏينهن ۾ ڪوسن ڏاڙيلن جي ٻاهه ڏيڻ ڪري ويران ٿي ويو). تعلقي دادو ۽ تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **خُدا آبادُ (نَئُون):** اسم خاص. هالانوان کان ڪوهه پنڌ تي اتر — اولهه اصل ۾ ميرن جو ڪوٽ جنهن ۾ ميان سرفراز خان ڪلهوڙي کي رهايائون سندس گاديءَ هڻڻ جي ڪري خداآباد سڏيو ويو.

• **خُدادائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو).

• **خُدائِڻ ج خُدائِڻون (ت):** ث. ڪجيءَ جو هڪ قسم جيڪو ڪارڪ منجهان ازخود پيدا ٿي پوي. اُها ٻوٽي جيڪا جهنگ ۾ ازخود پيدا ٿئي. خودرَو (پاڻهين اُپرندڙ). ڪٽڪ جو هڪ قسم (داڻو ننڍو ۽ تلهو ٿئي).

• **خَدْشو ج خَدْشا:** ذ. صفت. [ف. خَدْشَہ = خطرو] انديشو — فڪر — ڏپ — ڊاءُ — ڀؤ — ڊپ — خوف — خطرو. ويچار — خيال — چنتا — ڳڻتي. شڪ — گمان — ڪتڪو — شبهه — انومان — الڪو — اُڌڪو. ڏقيڙ — فساد — لُڙ — جهيڙو.

• **خِدمَت ج خِدمَتُون:** ث. [ع. خَدَمَ = هن ڪم ڪيو] نوڪري — ملازمت — پورهيو — ڪم — ڪار — ڪاج — چاڪري — ٽهل — سيوا — شيوا — ٻيلپ — نفري — ڪمائي — مشغولي — خدمت.

— **خِدمَات:** ث. خدمت جو جمع. ڪارناما — نُمايان ڪَمَ — وڏي اهميت وارا ڪم — اَهمُ ڪارگذاريون — تعريف جوڳا ڪم.

— **خِدمَت ڪَرڻ:** ٽهل ڪرڻ — چاڪري ڪرڻ — شيوا ڪرڻ — نوڪري ڪرڻ يا ڏيڻ.

Gul Hayat Institute

– **خدمتگارُ ج خدمتگارَ:** ذ. صفت. ملازم – نوڪر – چاڪر – ٽھليو – سيوڪُ – شيوڪُ – ٻانھو يا ٻيلي ٽي گذارڻ وارو.

– **خدمتگاري ج خدمتگاريُون:** ث. خدمت – پورهيو – ٽھل – شيوا.

– **خدمتگذارُ ج خدمتگذارَ:** ذ. صفت. خدمت چاڪري ڪرڻ وارو – خادم – نوڪر – ٽھليو – سيوڪُ – چاڪرُ.

– **خدمتي ج خدمتيَ:** ذ. صفت. خدمت ڪندڙ ٽھليو – شيوڪ – نوڪر – چاڪرُ.

• **خدمتي ج خدمتيَ:** ذ. صفت. خدمت ڪندڙ ٽھليو – شيوڪ – نوڪر – چاڪرُ.

• **خدمتگار:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد سنڌ ۾).

• **خدنگ ج خدنگَ:** ذ. [ف] هڪ وڻ جو نالو (جنھن جي ڪاٺي مضبوط ٿئي ۽ اڪثر انھيءَ مان تير ٺھن). مجازي معنيٰ: تير – ننڍوتير – خدنگ.

• **خدو (کدو):** ذ. [خدابخش جي بگڙيل صورت] تاس جي پتن جي هڪ رنگ جو نالو – ڪارو. زمين کوٽڻ جو هڪ اوزار – ڪوڏر.

• **خديجة:** اسم خاص. [ع] نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي پھرين بيبي – خديجة الڪبريٰ (جنھن هجرت کان ٽي سال اڳ ۾ وفات ڪئي).

• **خديو:** اسم خاص. [ف] بادشاھ – حاڪم. مالڪ – آقا. مصر جي بادشاھ جو لقب.

• **خلمت:** "خدمت" جي بگڙيل صورت.

• **خر ج خرَ:** ذ. [سن. کر. ف. خر = گڏھ] جانور جو هڪ قسم – گڏھُ – کرُ. صفت. بيوقوف. احمق – نادان – جاهل. خراب ماڻھو – لُچ – بدمعاش – حرامي. ڪريل – ڪمينو. دشمن – رقيب. وڏو جيئن: خرسنگ = وڏو پٿر. خرمگسِ = وڏي مک وغيره."

– **خرُ بنجڻُ:** بيوقوف ٿيڻ. بي عقل ٿيڻ.

– **خرِ دجالُ:** ذ. دجال جي سواريءَ جو گڏھ. روايت آهي تہ آخر زماني ۾ دجال نالي هڪ شخص گڏھ تي سوار ٿي ايندو. ماڻھن کي گمراھ ڪرڻ لاءِ ايندو.

– **خرِدماغ ج خرِدماغ:** ذ. صفت. بد دماغ – ڪند ذهن – بي وقوف – جاهل – مغرور – گھمنڊي – هٺيلو – ضدي – جاهل.

– **خردماغي:** ث. بي عقلي – بد دماغي – ڪند ذهني. هٺُ – ذاتي – تڪبر.

– **خرڪار:** خرڪار ڪئمپ.

– **خرمستُ ج خرمستَ:** ذ. صفت. نٽر – هوڏي – ضدي – ڪند ذهن – ڏڏ. بدمست – بي پرواھ – بي عقل – بي وقوف.

– **خرمستي:** ث. گڏھ جھڙي مستي – بدچالي – ڪُلڇٽائي – شرارت بدمعاشي.

– **خرمغزُ ج خرمغزَ:** ذ. صفت. گڏھ جي مغز جھڙو – احمق – ڪند فھم – ڏڏ – توائي – ديوانو. فسادي – نٽرُ – بي وقوف.

• **خر:** ذ. (آواز) گڏھ کي هڪلڻ جو آواز.

• **خرابُ ج خرابَ:** ذ. صفت. [ع. خَرِبَ = هو تباھ ٿيو] ڪِنو – بڇڙو – گندو – بد – برو – مدو – عيبدار – بدزيب – ردي – وِيلُ – نِڪمو – ڪوجھو – ناپاڪ – اپوتر – پليت – پليد – قبيح – ويران – تباھ – برباد – ڦِٽل – ڏُف – ڊنلُ – خستہ – ضايع – چٽ – ناسُ – اجڙ.

– **خرابات:** "خرابُ" جو جمع. خرابيون – بڇڙائيون – بدعادتون – خراب ڪم. شراب خانو – گتو – ڪلال خانو. فاحش ڪاريءَ جو اڏو. جُوا خانو.

– **خراباتي ج خراباتيَ:** ذ. صفت. شرابي – ڀنگي (ڀنگ پيئڻ وارو). نشئي – موالي – جُواري – بدچال.

– **خرابُ ٿيڻُ:** بڇڙو ٿيڻ. ڪنو ٿيڻ. گندو ٿيڻ. برباد ٿيڻ. اجڙ ٿيڻ. بگڙڻ. آواره ٿيڻ. بدچال ٿيڻ. ڪري پوڻ.

– **خرابُ حالُ ج خراب حالَ:** ذ. صفت. بڇڙيءَ حالت ۾. ابتر حال – پريشان حال – بدحال.

– **خرابُ خستہ:** ذ. صفت. [ف. خستہ = اجڙيل] سُڃو – برباد – اجڙيل – ناسُ – ويران – اُداس – پريشان.

– **خرابُ ڪرڻُ:** ڪِنو ڪرڻ – بڇڙو ڪرڻ – گندو ڪرڻ – بگاڙڻ – نڪمو ڪرڻ – برباد ڪرڻ – تباھ ڪرڻ – ڦِٽائڻ – ڪارڻ. حيران ڪرڻ – پريشان ڪرڻ – زنا ڪرڻ – حرام ڪرڻ – بدفعلي ڪرڻ.

– **خرابو ج خرابا:** ذ. ڪَنڊُ – ڪِنُ – ڪچرو – بگاڙو – ڦِٽاءُ – ڪوٽ – ڪوڙُ – ويرانو – اجڙيل گھر – ٻَچَتِ – اوبر – جُوٽ.

Gul Hayat Institute

— **خرابُ ھُجڻُ:** بڇڙو ھجڻ — گندو ھجڻ. برباد ھجڻ. نڪمو ھجڻ. حيران ھجڻ. پريشان ھجڻ. ڪنھن ؞سان بدفعل ھجڻ. بدچال ھجڻ. آواره ھجڻ. ويران ھجڻ.

— **خرابي ج خرابيون:** ث. بڇڙائي — گندائي — گندگي — قباحت. ڪنائي — ميرائي — برائي — بدي. اوگڻ — بربادي — تباھي — نابودي — بگيڙو — نقصان — زيان — وڃاءُ — بدنامي — فنا — پائيمالي — گھاٽ — بيھودگي — ڪميٽپ.

— **خرابيءَ ۾ پوڻ:** بڇڙائيءَ ۾ منھن وجھڻ. مصيبت ۾ پوڻ. تڪليف ۾ پوڻ.

— **خرابيءَ ۾ وجھڻ:** بڇڙائيءَ ۾ وجھڻ. مصيبت ۾ وجھڻ. تڪليف ۾ وجھڻ.

• **خراج:** ذ. [ع. خَرَجَ = ھو نڪتو] ملڪ جي آمدني — ڏنُ — ڍَلَ — محصول — ناڪو — چُنگي — مالگذاري — ٽئڪس — ديوٽي — رائرُ — سُنگ — رڪبُ — نُول — ڏاڻ.

— **خراجُ گذارُ:** ذ. ڍل ڀريندڙ — ڏن ڀَرو.

— **خراجي:** ذ. صفت. ڏن ڀريندڙ. ڍل ڀريندڙ. محصول ڏيندڙ.

• **خرارُ ج خرار:** ذ. [ف. خَروار = گڏھ جي کڻڻ جيترو بارُ] اناج جو ھڪ ماپو. سٺ ڪاسن جو ھڪ ماڻ (جوئر جو ٢٢ مٽو باجھريءَ جو ٢٠ مٽو ۽ ڪڻڪ جو ٢٠ مٽو ماپو) — خرارُ.

— **خرارُ ج خرارَ:** ذ. خرار.

• **خراسانُ:** اسم خاص. ملڪ جو نالو (ايران جي اپرندي).

— **خراساني ج خراساني:** ذ. صفت. خراسان جو. خراسان وارو. گڏھ جو ھڪ قسم.

• **خراش ج خراشون:** ث. [ع. خَرَش = ھن رھڙ ڏني] ننھن يا ڪندي جي رھڙ جو نشان. رھڙ — رَھنڊ — چِلَ — ڪُنجلي — چلڪو.

• **خرافات:** ث. [ع. خرفَ = ھن بَڪَ ڪئي] جمع 'خُرافت' جون واھيات ڳالھيون — بڪواس. ڪِلڻ جھڙيون ڳالھيون — ڪِل مسخري — ٺَٺول — گارگند.

— **خرافات بَڪڻ:** واھيات ڳالھيون ڪرڻ. بڪواس ڪرڻ. ڪِل جھڙيون ڳالھيون ڪرڻ. مسخري ڪرڻ.

• **خرامُ:** ذ. ف. ناز نخري واري نازڪ ھلٽي. ڍار سان ھلٽي. لوڏ سان ھلت. نازڪ چال — تور — لوڏ — ڏنڪ — ٽيلارو.

— **خرامانُ:** ذ. صفت. ناز نخري سان ھلندڙ. خوش رفتار.

— **خرامان خرامان ھلڻ:** ناز نخري سان ھلڻ ٽلندو ٽلندو ھلڻ.

— **خرانٽ ج خرانٽ:** ذ. صفت. [ھندي. ڪرانت = پوڙھو] پوڙھو — جھونو — آزمودگار — عاقل — داناءُ — رُونٽڙو — رُونٽو.

• **خربوزو ج خربوزا:** ذ. [ف. خَربُزه. خَر = وڏو + بُزه = مِٺو ۽ سُرھو ميوو] ھڪ ڦل جو قسم. گدرو — خَربُزه _ خربوزه. گھوڙي جي وارن مان ٺھيل چاري.

• **خرچ ج خرچون:** ث. [ھندي. ڪرچ = آواز جي پاڙ يعني آواز جي نڪرڻ جو ھنڌ] مخرج.

• **خرچين ج خرچينون:** ث. [ف. خرزِين] گھوڙي جي پٺيءَ تي بار کڻڻ جو ٻه مُنھون ڳوٿرو — ڪڙيو — ڪرسڻ — ڪرچين — زنبيلُ.

• **خرچنگ ج خرچنگ:** ذ. [ف. خرچنگ = سيانتو] پاڻيءَ جي ھڪ جيت جو قسم. پاڻيءَ واتڙو (ت). ڪيڪڙو — ڪيڪڙو — سيانتو — سَرطان. ٻوٽيءَ جو ھڪ قسم. آسماني ٻارھن برجن مان ھڪ برج جو نالو.

• **خرچڻ:** مصدر. خرچ ڪرڻ. صرف ڪرڻ. کپائڻ — کاپو ڪرڻ. استعمال ڪرڻ. ڪتب آڻڻ. ڪم آڻڻ. واپرائڻ.

— **خرچ ج خرچ:** ذ. روانگي (پئسي وغيره جي). خرچ ڪيل رقم — کاپو — کاپارو — لاڳت _ کپت _ واصل — ڀوتو. ھرج — نقصان — جوکم. پئسا — ڏوڪڙ.

— **خرچائو ج خرچائو:** ذ. صفت. اجايو خرچ ڪندڙ — گھڻو خرچ ڪندڙ — گھڻ خرچائو — اڏائيندڙ (پئسو). درياه دل — سخي — ھٿ ڦاڙ.

— **خرچ ٿيڻ:** کپڻ صرف ٿيڻ — ڪم اچڻ — واپرائجڻ.

— **خرچ پکو ج خرچ پکا:** ذ. روزمره جي ڏيتي ليتي. خرچ ٿيل رقم. کاڌي پيتي لاءِ مُوڙي. گھر جي کاپي لاءِ گھربيل رقم. گذران جي پورت. سيڌو — سامان — سمرُ — توشو — رَسد.

— **خرچ ڏيڻ:** گھر جي خرچ پکي لاءِ پئسا ڏيڻ. مزوري ڏيڻ. خرچ ڪيل رقم ادا ڪرڻ.

— **خرچ ڪرڻ:** ڪنھن شيءِ جي خريداري ڪري ان جي عوض پئسا ڏيڻ. کاپو ڪرڻ. کپائڻ — ڪم آڻڻ — ڪتب آڻڻ.

— **خرچ ڪاھارُ ج خرچ ڪاھار:** ذ. گھرو جانورن جي کاڌي جو خرچ — خرچ پکو.

Gul Hayat Institute

– **خَـرچَ ۾ وجهَڻُ:** وڏي ضرورت جي پورائيءَ لاءِ پئسا خرچ ڪرائڻ. وڌيڪ خرچ ڪرائڻ.

– **خَـرچـِٽُـو ج خَـرچـِٽا (ٿ):** ذ. گهوٽيتن طرفان ڪنواريتن کي مَهر طور ڏنل رقم.

– **خَـرچِي ج خَـرچـِيُونَ:** ٿ. ٿورڙي خرچ لاءِ ڏنل پئسا. ڪنهن ٻار کي (خرچڻ لاءِ) ڏنل ٿورا پئسا. انعام – عطيو. محنت مزوري ڪرڻ کان سواءِ مليل رقم.

• **خَـرخَـرُ:** ذ. (آواز) گڏهه کي هڪلڻ جو آواز ٻليءَ جو ننڊ ۾ آواز.

• **خُـرخُـرُ:** ذ. (آواز) کونگهرو – گهوگهرو.

• **خَـرخرو ج خَـرخرا:** ذ. [ف. خرخره] گهوڙي جي بدن صاف ڪرڻ جو اوزار. ڪَـرڪَـرو. سنڌي سڪل تور مان ٺاهيو آهي.

• **خَـرخسو ج خَـرخسا:** ذ. [ف. خَـرخَشۡ = دنگو – فساد] جهيڙو – جهگڙو – فساد – وڳوڙ – مانڌاڻ – هنبس – لـُٽ – ماچانگ – هُل – گوڙ – راماٽو – مَمڻ – دَمُچر – بکيڙو – هنگامو – حشر – هُلڙ – غلغلو – ڪِٽ پِٽ – خرخشو.

– **خرخشو:** خَـرخَسو.

• **خِرَدُ:** ٿ. [ف] عقل – دانائي – سياڻپ – ڏاهپ – فهم – شعور – سمجهه – ذهن – دماغ.

– **خِردمَند:** سياڻو – داناءُ – ڏاهو – عقلمند – دانشور – سمجهدار.

– **خِردمَنْدِي:** ٿ. دانائي – دانشمندي – ڏاهپ – سياڻپ – عقلمندي – هوشياري.

• **خُـرۡدُ:** ذ. صفت. [ف] ننڍو – ڇوٽو – ذرو – گهٽ – ٿورو. ڪم عمر.

– **خُرۡدُ بِيۡنُ ج خُرۡدُبِيۡنَ:** ذ. صفت. ننڍي شيءِ کي وڏو ڪري ڏيکاريندڙ اوزار – خرد بِيۡنِي.

– **خُـرۡدُ بِيۡنِي ج خُرۡدُبِيۡنِيُونَ:** ڏسو "خردبين".

– **خُرۡدُ سَالُ:** ذ. صفت. ننڍي عمر جو. ڪم عمر – طفل – ٻارُ – ٻچو.

– **خُـرۡدُسَالِي:** ننڍپڻ – ٻالپڻ – ڪم سِني.

– **خُـرۡدَمُ ج خُـرۡدَمَ:** ذ. [ف] تارُن جو مڙهيل. لوهه يا چم جو چيلهه ۾ ٻَڌڻ جو پٽو. چمڙي جو لڪڻ – دُرو – هَنٽر – ڪـُڙدم.

• **خُـرۡدو ج خُـرۡدا:** ذ. [ف. خَـرۡدَهٗ = ڪاٻهه ننڍڙي شيءِ] ننڍو سِڪو – ريزو – ريجو – ڪـِچرو – مـَـٽ.

• **خُـرۡدَهٗ:** ذ. [ف] ڪاٻهه ننڍي شيءِ ـ ٽڪرو – ريجو – ريزو – ريزگاري. نڪتو – عيب – وڏ.

– **خُـرۡدَه بِيۡنُ:** ذ. صفت. بُرائي ڏسندڙ ۽ ڪيندڙ. عيب جُو.

– **خُـرۡدَهٗ فَروۡشُ ج خـُرۡدَهٗ فَروۡشَ:** ذ. صفت. ريزڪي وڪڻندڙ – گهوررڙيو.

– **خُـرۡدَهٗ گِيۡرِي ج خُـرۡدَهٗ گِيۡرِيُوۡنَ:** ٿ. عيب گيري – عيب جوئي – نڪته چيني.

• **خُـرۡزِيۡنَ ج خُـرۡزِيۡنُوۡنَ:** [ف. خُـرۡزِيۡنَ = گڏهه جو سنج] چمڙي يا ڏاس مان ٺهيل ٻه مُنهين ڳوٿري (جا ڪنهن به وهٽ جي پٺيءَ تي سامان ڪڻڻ لاءِ استعمال ڪجي). ڪڙيو – هَـرۡتِيۡرُ – ڪرسڻ – ڪـُرجِيۡنَ.

• **خُـرسَنۡدُ:** ذ. [ف] خوش – راضي – شادمان. ڪفايت ڪندڙ – ڪفايتي.

– **خُـرسَنۡدِي:** خوشي – رضامندو – قناعت.

• **خَـرسڻُ ج خَـرسڻَ (ٿ):** ذ. ڪَنڊن واري ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (جو خارش سبب پاڻيءَ ۾ ٽهڪائي وِهنججي).

• **خُـرۡشِيۡدُ (خورشيد):** ذ. [ف] سج – سوريه – سورج – آفتاب.

• **خَرصُ:** ذ. [ع. خَـرَصَ = هن ڪوڙ ڳالهايو] ڪوڙ – بدوڙ – جوٽ – دروغ. ڪوڙي راءِ ـ ڪوڙو قياس – ڪوڙو خيال – ڪوڙي رٿَ – اٽڪل – ٽڪَ – ڏڪو. شڪُ – انومان – ٺَلَ – ڳپوڙو.

• **خُـرطُومَ ج خَـرَاطِيمُ:** ذ. [ع] هاٿيءَ جي سُونڊ.

• **خَـرۡقُ:** ذ. [ع. خَـرَقَ = هُن ڦاڙيو] ڦاڙُ – چير – ڏارُ.

– **خَـرۡقِ عَادَتَ:** قدرت ۽ عادت جي قانون جي خلاف عجيب ڳالهه. ڪنهن وليءَ جي ڪرامت. معجزو.

– **خَـرۡقو ج خَـرۡقَا:** ذ. [ع. خَـرۡقِيَۃ > خَرقَ = هن ڦاڙيو] ٽڳڙي – ڇِتي – پيوند – پراڻو – ڇتين ڀيل چولو – گودڙي. فقيرن جو لباس. مرشد کان مريد کي تبرّڪ طور مليل جُبو.

– **خَـرۡقَہ پوۡش:** ذ. صفت. ڦاٽل يا ڇتيون لڳل ڪپڙن وارو – درويش – فقير. الله لوڪ. صوفي.

• **خَـرۡڪِي ج خَـرۡڪِيُونَ:** ٿ. (آواز) اها ڪنگهه جنهن ۾ ڪانگهارو ٻاهر نه نڪري پر رڳو نڙيءَ مان رُوڪٽ نڪرن. نِڙيءَ جو آواز. نڙيءَ ۾ ڪرڪو. گهُرڪي (موت جي). گهُرٽو – ڪرڙاٽ (نِڙيءَ جو).

Gul Hayat Institute

• **خَرگَاهُ:** ذ. [ف. خَر = وڏو + گاهه = هنڌ] تمام وڏو تنبو. شاهي خيمو. تمام وڏو مڪان يا جاءِ ـ محل. هلڪڙو تنبو – راﺋُٽِي.

• **خَرگوشُ ج خَرگوشَ:** ذ. [ف. خَر = وڏو گَڏهه + گوشُ = ڪَن] وڏن ڪنن واري (جانور) جو هڪ قسم – گڏهه جي ڪنن جهڙو (جانور) – سهو – سيهڙ (سهڙ).

• **خُرمُ:** ذ. صفت. [ف] خوش – سرهو – شاد – نهال – راضي – پرسن – شادمان. طبيعت ۾ خوش يا نيڪ – نِمرو – جوڙ – توانو – تندرست. اسودو – بختاور – بخت وارو – سڀاڳو – سرسبز – شاداب – تازو – آباد.

– **خُرَّمِي:** ٿ. خوشي – سراهي – سرهائي – شادماني.

• **خرمَن:** ذ. صفت. [ف. خَر = وڏو + من = ڍڳ].

• **خِرمَنِ ماهُ:** ذ. چنڊ جو گهيرو – پڙُ – حلقو – هالو.

• **خُرمو ج خُرما:** . [ف] ڪارڪ جو هڪ قسم – ڪجي – ڇوهارو – ڪارڪ – ڪجور – پاڻ ۾ مليل سُڪل ڪارڪون – ڪَتَلَ – ڪَرمو – ڪجيءَ جو هڪ قسم (ٽ) مٺائيءَ جو هڪ قسم.

• **خَرموشُ ج خَرموشَ (ٽ):** ذ. تمام پوڙهو اُٺ.

• **خَرمُهرَه:** ٿ. [ف. خَر = وڏو + مهره = ڪوڏي] وڏي ڪوڏي – وڏو ڪوڏ – سنکُ – ناقوس.

• **خَرنَ:** ٿ. رازن جو اصطلاح. اوساريءَ جو هڪ قسم.

• **خَروارُ ج خَروارَ:** ذ. صفت. [ف. خَر = گڏهه + وار = بار] گڏهه جي مس کڻڻ جيترو بار. انّ ماپڻ جو هڪ قسم – سَٽِ ڪاسا – خَرار – ويهه مڻ توران. ڏسو ”خَرار“.

• **خَروَٽِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو افغانن جو هڪ قبيلو).

• **خُروجُ:** ذ. [ع. خَرَجَ = هو نڪتو] نيڪال – ٻاهر نڪرڻ – نڪري نروار ٿيڻ. حملو – بغاوت – شورش – فتنه – باغي ٿيڻ جي حالت. علم عروض موجب اهو لفظ جو نظم ۾ وصل کان پوءِ اچي.

• **خُروسُ:** ذ. [ف] پالتو پکيءَ جو هڪ قسم – ڪُڪڙُ.

– **خُروسِ عَرشُ:** ذ. صبح ٿيڻ کان اڳ آواز ڪندڙ پکي.

• **خَروشُ:** ذ. [ف] آواز – شور – غل – هَنبَس – لَڙُ – هُل – راماٽو – ڏمچر – حشر – هنگامو – هلڙ – ماچانگ – ممڻ – غلغلو. دنگو – فساد – بکيڙو – دانهن – فرياد – پُڪار.

مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ جيئن: ”جوش و خروش“ وغيره.

• **خريبُ ج خريبَ:** ذ. [’فريب‘ جي بگڙيل صورت] فريب – ٺڳي – دولاب – دغا – ترڪٽ – گهات – دوڪو. ڪُڏت ـ رمز. لَبُ. دوهه.

– **خريبي ج خريبِي:** ذ. صفت. فريب ڪندڙ – ٺڳ – ترڻاڪ. ڏوڪي باز. بدمعاش.

– **خَريدَڻُ:** مصدر. [ف] خريد ڪرڻ – ناٽي وٺڻ – مُلهه وٺڻ – سودڻ – ڳِنهڻ – وٺڻ – وهائڻ.

– **خَريدَ ج خَريدُون:** ٿ. مُلهه ڏيئي ڪا شيءِ وٺڻ جي حالت – ڳِنهپ – خريدي – سودو – وڻج. اگهه – مُلهه.

– **خَريدارُ ج خَريدارَ:** ذ. صفت. خريداري ڪندڙ – ڳنهندڙ – وٺندڙ – مُلهه وٺندڙ – گراڪ – گراهڪ. واپاري – وڻجارو – تجارتي – سوداگر. خواهان – چاهيندڙ – طالبو.

– **خَريداري ج خَريداريُون:** ٿ. وٺڻ جي حالت – خريد ڪرڻ جي حالت – گراڪي. وڪرو.

– **خَريدِ فروخَتُ:** ٿ. مال جي ڏي وٺ. وڪرو ۽ خريداري – ڏيتي ليتي (مال جي) – واپار. سودو – ڏنڊو – تجارت – وڻج – سوداگري.

– **خَريدِ فروخَتُ ڪرڻ:** ٿ. واپار جي شين مان ڪي وڪڻڻ ۽ وٺڻ.

**خَريدُ ڪَرڻُ:** مُلهه ڳِنهڻ – خريدڻ – سودڻ.

– **خَريدِ وفروخَتُ:** ٿ. خريد فروخت – ڏيتي ليتي.

– **خَريدِي:** ٿ. خريد – خريداري. مُلهه – اگهه – نِرخ. قيمت – ناٽو. صفت. واپار ڪيل – ورتل – ڳِنهيل – ڳِڌل.

• **خَريطو ج خَريطا:** ذ. [ع] ننڍو ڳوٿرو – ٻُجڪي – ٿيلهي – ڳوٿري. زمين جو نقشو.

• **خَريفُ ج خَريفَ:** ذ. [ع. خَرَفَ = هُن سرءُ جي موسم ۾ وڻ مان ميوو ڪٺو ڪيو] هڪ موسم جو نالو – خزان – سَرءُ. سانوڻيءَ جي فصل جي مُند – سرءُ جو فصل – خزان جو فصل – سانوڻيءَ جو فصل. ڪَتِي.

• **خزانُ:** ٿ – ذ. [ف] سرءُ – هڪ موسم جو نالو – وڻن مان پنن ڇڻڻ جي موسم (آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر مهينا). بي رونقي – زوال – تباهي – بربادي.

– **خزانُ اچڻُ:** بربادي ٿيڻ – بهاريءَ جو ختم ٿيڻ – ويراني اچڻ.

Gul Hayat Institute

— **خزانُ ٿي وڃڻ:** خراب ٿيڻ – تباهه ٿيڻ – ويران ٿي وڃڻ.

• **خزانو ج خزانا:** ذ. [ع. خَزَنَ = هُن ڪنو ڪيو] سون. چاندي وغيره گڏ ڪري رکڻ جو هنڌ – گنج. ناڻو – ملڪيت – ڌن. دنيا – مايا – سرمايو – ڏوڪڙ – دولت – ذخيرو. گودام – انبار – توشاخانو. سرڪاري پئسا حفاظت سان رکڻ جي جاءِ – بئنڪ – خزاني آفيس. ڦُلُ يا تويي (چلم يا حقي جي) ۾ تماڪ ۽ چِغل رکڻ جي جاءِ (ت). اسم خاص تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

— **خزانچي ج خزانچي:** ذ. صفت. خزاني جو ڪُنجي دار – خزانو رکندڙ – خزاني جي سنڀال ڪندڙ – خزاني وارو – پئنداري – اڪائونٽنٽ – خازِنُ.

— **خزاني دارُ ج خزاني دارَ:** ذ. صفت. خزانچي.

• **خزانہ بند:** اسم خاص. بلوچستان ۾ "بارشو" وٽ هڪ جهونو ڏڙو. (۱۹۱۳ع ۾ راءِ صاحب ديوان جميعت راءِ کي، جو رياست قلات جو بالا عملدار هو، جتان هڪڙي تصوير هٿ لڳي. جنهن تي هڪڙي هاٿيءَ جي پالڪي ۽ فِيل بان سميت شڪل نڪتل هئي).

• **خزرج:** اسم خاص. [ع] عربستان جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **خزيمہ:** اسم خاص. بلوچستان جي جهلاوان علائقي جو هڪ ڳوٺ (جتان غزنوي تاجدارن جي زماني جا ڪي سِڪا هٿ لڳا آهن).

• **خزينو ج خزينا:** ذ. [ع. خزانہ] خزانو.

• **خَس:** ذ. [ف] سُڪل گاهه – ڪَکَ – ڪانا.

— **خَس ٿيڻُ (ت):** جُوئر جو انُ (جو مرض سبب سنگ ۾ مارجي وڃي).

— **خَس و خاشاڪ:** ذ. ڪک ڪانا – گاهه گند – ڪِن ڪچرو. ٻهر. اجائي سجائي ڳالهه.

• **خسارو ج خسارا:** ذ. [ع. خَسِرَ = هن گهاٽو پاتو] نقصان – گهاٽو – ٽوٽو – ڇيهو – زيان – ضرر.

— **خسارو پوڻ:** ٽوٽو پوڻ – نقصان پوڻ – حرج پوڻ – گهاٽو پوڻ.

• **خستو (خستہ):** ذ. صفت. [ف. خَسْتَن = زخمي ڪرڻ] ڏکويل – ستايل – رنجور – رنجايل – عاجز. مايُوس – نااُميد – بيزار – ڪڪ ـ خَفي – ڪاوڙايل – چيڙايل – ڏمرايل. هيٺو – ايرو – ڏبرو – زخمي – گهايل – عاشق – بيمار – مُفلس – تنگدست.

— **خستائي ج خستائيُون:** ث. ڏک – رنج. ڳُٽتي – ڪپت – ڪَجائي. ڪاوڙ – ڏَمرُ – چڙ – خرابي – بيماري – مُفلسي.

— **خستگي ج خستگيُون:** ث. زخمي ٿيڻ جي حالت – گهائلي. دلگيري – مايوسي – رنجيدگي – اُداسي – پريشاني – ڏک – ارمان – غم. ناراضپو. مُفلسي – تنگدستي.

• **خستوري ج خستوريُون:** ث. خوشبودار وکرجو هڪ قسم (جو چيو وڃي ٿو ته هرڻ جي ڌُن مان نڪري ٿو) – ڪستوري – ڪٿوري – مُشڪَ.

• **خستہ:** ذ. صفت. [ف. خَسْتَن = زخمي ٿيڻ – زخمي ڪرڻ] زخمي – گهايل – دلگير – ڏکويل. رنجيده ـ رنجور – ٽاڪئون – پُرٽو – پُرڪت. بدحال – پريشان – تنگدست – ذليل – خاموش – بيمار – نادار – مُفلس.

— **خستہ حالُ ج خستہ حالَ:** ذ. صفت. خراب حال – بدحال – پريشان حال. ڏکويل – رنجايل – پيڙيل – دل شڪستہ – ناخوش – رنجيده خاطر – آزرده دل.

— **خستہ دل:** ذ. صفت. رنجيده دل – دل شڪستہ – پريشان حال وارو – بُري حال وارو.

• **خَسْ خَسْ:** ث. [سن. ڪَسْ ڪَسْ. ف. خشخاش] پسارڪي وکرجو هڪ قسم – پُسْتَ جي ڏوڏيءَ جي ڪڻ يا ٻج – ڪس ڪس – پُسْت ڪڻ. ڪجهيءَ جي ڪاهر جهڙيون سنهيون تندون (جن مان جاءِ کي ٺڏي رکڻ لاءِ پترون ٺهن ۽ انهن تي ڦوهارا ڪجن).

• **خُسر:** ذ. [ف] سهرو.

• **خسرو ج خسرا:** ذ. زميينداري خرچ پکي جو ڪتاب – تپيدارن وٽ زميندارن جو رکيل حساب ڪتاب. مسواڙ جو ڪتاب. واهن جي ڪاٽيءَ وغيره. جي ڪم جو رکيل حساب ڪتاب. ڪرڙو – ڪسرو – سوڙهه – اُرڙيءَ جي بيماري (جنهن ۾ ٻارن جي بدن تي داڻا نڪرن).

— **خسرو تيارُ ڪرڻ:** وصولي يا ماپ جو ڪتاب تيار ڪرڻ – ٻاهراڙيءَ ۾ گهرن ۽ گهرن جي مالڪن جي نالن جو رجسٽر.

• **خُسْرَوْ:** ذ. صفت. [ف] خُوبرو – خوبصورت – سهڻو – حَسين. مشهور – نالي وارو – نامور – هاڪارو. اسم خاص. خواجہ ابوالحسن بن اميرالدين محمود لاچين عرف امير خسرو هندي

Gul Hayat Institute

۽ فارسي جي مشهور شاعر جو تخلص. ايران جي بادشاهہ جو لقب – خسرو پرويز هرمز جو پُٽ ۽ نوشيروان جو پوٽو. جيڪو شيرين جو عاشق هو.

• **خُسروانہ:** ذ. صفت. بادشاهاڻو – شاهاڻو.

• **خُسروِي:** ث. شاهي بادشاهي – شاهاڻو.

• **خَسُرو ج خَسُرا:** ذ. صفت. جنهن ماڻهوءَ کي قدرتي طرح ڏاڙهيءَ جا ۽ ٻيا ساري بدن جا وار نہ هجن.

• **خسُوف:** ذ. [ع. خَسَفَ = هو ٻڏو] چنڊ گرهڻ.

• **خَسِيِ ج خَسِيِ (ت):** ذ. صفت. [ع. "خَصِي" = ڪُتيل جي بگڙيل صورت] _ نامرد – خصِيِ. ڪارڪن جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڪڪڙي ڪانہ ٿئي).

– **خسِيِ ٿيڻ:** نامرد ٿيڻ – خَصِي ٿيڻ. ڪارڪن جو ڪڪڙي نہ ڪرڻ (ت).

– **خسِيِ ڪَرڻ:** ڪُٽ ڪرڻ – جانورن جا خصيا ڪٽڻ، اُنهن جي جنسيت ختم ڪرڻ. نامرد بنائڻ – بي اثر ڪرڻ – خالي ڪرڻ.

• **خَسِيس:** صفت. [ع. خَسَّ = هو رذيل ٿيو هن گهٽايو] گهٽ درجي جو – معمولي – نيچ – رواجي – ٿورڙو – گهٽ – ادنيٰ – خفيف – سفلو – غير ضروري. ٿوري مُلهہ وارو – ڪِينَ جهڙو – غريباڻو. ڪميڻو – بخيل – ڪنجوس – هلڪڙو – ٽرڙو – هلڪڙي طبيعت وارو.

– **خَشت خام:** ث. ڪَچي سِر.

– **خَشخاش:** ث. [ف. خَس خَش. سن. ڪس ڪس] پسارڪي وکر جو هڪ قسم – پوست جي ڪَڻ _ ڪَش ڪَش – خَش خَش.

• **خَش خَش:** ث. [ف] خشخاش.

• **خُشڪ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **خُشڪُ ج خُشڪَ:** ذ. صفت. [سن. اُچشڪ = سُڪل] سُڪل – سُڪو – ٺوٺ – اُساٽيل. لُوساٽيل – اُڃايل – ڪوماڻل. اڻيو – اپوڳو – رُڪو. خالي – ٺلهو – پالهو – سڪڻو. بي مُروّت – رُک مُنهون – بي لطف – بي مزه _ بي سمجهہ. پرت جو هڪ قسم.

– **خُشڪُ ٿيڻ:** سُڪڻ. رُڪو ٿيڻ. ڪُوماڄڻ.

• **خُشڪُ پوڪ ج خُشڪُ پوڪُون:** ث. سُڪل پوڪ – ڪُوماڻل پوڪ – اُساٽيل پوڪ (جنهن کي پاڻي پورو آيل نہ هجي).

– **خُشڪُ دماغ ج خُشڪُ دماغ:** ذ. صفت. بي مغز – بي عقل. چريو – پاڳل – چِرٻِٽُ – ديوانو. سودائي – خفقاني – پورالو. بي مُروّت.

– **خُشڪُ دماغِي:** ث. ديوانگي – چريائي. سودا – خفقان.

– **خُشڪُ سالُ:** ذ. سوڪ وارو سال – ڏڪار وارو سال – اڻاٺ وارو سال – ڪميءَ وارو سال. جنهن سال مينهن نہ پوي يا درياءَ جو پاڻي نہ اچي – ڏڪار – قحط.

– **خُشڪُ سالِي:** ث. ڏڪارُ – قَحطُ – سوڪَ – ڪالُ.

– **خُشڪُ ٺُنڊِڻِي:** ث. ٺُنهَنْ ٺَچڻو – ٺنڊي – ٺُوٺ – ٺـٺو ٺٺون – هلڪڙو – ٽَرڙو – ٺونٺو. ٺِنڊڻي – ماڪوڙي. ڪَج ڪُلاهہ.

– **خُشڪُ مِزاجُ ج خُشڪُ مِزاجَ:** ذ. صفت. رُکو رُوحُ – تُرش رُو – بدمزاج دنيا ڪان ڪَٽ.

– **خُشڪو ج خُشڪا:** ذ. (هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ). ٻيٽ جو هڪ قسم – داغ ڪان سواءِ رذل چانور – اُٻاريل چانور – فقط پاڻيءَ ۾ ٽهڪيل چانور – ٿوري گيهہ سان رذل چانور. سُڪل اٽو جيڪو پچائڻ مهل چاڻي کي لڳايو وڃي – پَليٿڻُ.

– **خُشڪِي ج خُشڪِيُون:** ث. سوڪ هجڻ جي حالت – سُڪل زمين – سُڪي. وات ۽ نڪ سُڪي وڃڻ جي حالت – اُڃ – ٽونس – پياس. چڙ _ غُصو. قحط – ڏڪر – ڪالُ. مٽي جي خُشڪي (جنهن ۾ تيل نہ ملائڻ ڪري مٽي جمي وڃي).

– **خُشڪيُون پچائڻ:** اجايا خيال ڪرڻ – بيسود اڳڪٿيون ڪرڻ – ٻِهَ پَچائڻ – پُور جاڳڻ.

– **خُشڪيُون جاڳڻ:** اجايا خيال ڪرڻ – ٻِهہ پچائڻ – بي سود اڳڪٿيون ڪرڻ.

– **خُشڪيُون چاڙهڻ:** ٽونس ڪرڻ – اُڃ لڳائڻ. حواس گم ڪرڻ. حيران ڪرڻ – پريشان ڪرڻ. زبان خشڪ ڪرڻ – ڳهٽو ڳالهائڻ نہ ڏيڻ.

– **خُشڪيُون چڙهڻ (خُشڪيُون وڃڻ):** ڳالهائي نہ سگهڻ – حواس باختہ ٿيڻ – وائڙو ٿي وڃڻ.

– **خُشڪيُون هڻڻ:** خيال هڻڻ – پُور هڻڻ.

• **خَشَمُ:** ذ. [ف] چڙ – ڪاوڙ – غُصو – غَضَبُ – طيشُ – عتابُ.

– **خَشَم آلودہ:** ذ. ڪاوڙ سان ڀريل – ڪاوڙيل – چڙيل – غُصي ۾ _ رنج.

Gul Hayat Institute

۾ وڏي ويڪرائي ڦاڪ – پُوچَڪَر – اها لِيڪَ جا زمين کي اُتر ۽ ڏکڻ وارن ٻن پُورن حصن ۾ ورهائي ٿي – دنيا جو تمام گرم حصو.

– **خَط اُفق:** ذ. ڌرتي ۽ آسمان جي ملڻ واري حد جو ليڪو. حد نگاه.

– **خَط ٺاهڻ:** حجامت ٺاهڻ – حَجامت ڪرڻ.

– **خَط ٺَهڻ:** مُنهن ۾ ڪنڌ جا وارَ ٺاهڻ.

– **خَط پَٽ ج خَط پَٽَ:** ذ. چِٺِي چَپاٽي – حال احوال – سُڌ سَماءُ.

– **خَط جَدِيْ:** ذ. سياري ۾ سج جي هلڻ لاءِ خَط اِسْتوا کان ساڍا ٽيويهه درجا ڏکڻ واري هڪ خيالي لِيڪَ – لڪير ريکا – جدي گهيرو (جنهن تي سج پهچي ته ڌرتيءَ جي اُترئين اڌ گول ۾ ڏينهن ننڍي ۾ ننڍو ۽ موسم سرد ٿئي).

– **خَط خُطُوطَ:** خَط پَٽ – چِٺيون چَپاٽيون.

– **خَط سَرْطَانْ:** ذ. سج جي اونهاري ۾ هلڻ لاءِ خط استوا کان ساڍا ٽيويهه درجا اُتر واري خيالي لِيڪ – ڪَرْڪ ريکا – سرطان گهيرو (جنهن تي سج پهچي ته ڌرتيءَ جي ڏاکڻي اڌ ۾ ڏينهن ننڍي ۾ ننڍو ۽ موسم سرد ٿئي).

– **خَط طُغْرا:** ذ. بادشاهي فرمان جو نمونو.

– **خَط عُمُودْ:** ذ. اُتر کان ڏکڻ تائين اُڀي خيالي لِيڪ – پايو – اها ليڪ. جيڪا ٻي سنئين لِيڪ تي پوي ۽ ٻه گونيون ڪُندِون ٺاهي.

– **خَطْ ڪِتَابَتْ:** ث. چِٺي چپاٽي – خط پٽ – حال احوال – سُڌ سماءُ.

– **خَطْ ڪَشْ:** ذ. مقرر ماپ جي ليڪن ڪڍڻ لاءِ هڪ واڍڪو اوزار.

– **خَطُ مُتْوازِي:** ذ. ٻي لِيڪ سان لڳوتار برابر مفاصلي تي هلندڙ لِيڪ – پور وچوٽ لِيڪ.

– **خَطُ مِحْوَرُ:** ذ. اها خيالي لِيڪ. جا زمين جي هڪ قطب کان ٻئي قطب تائين مقرر ڪيل آهي ۽ جنهن تي زمين ڦرندي رهي ٿي.

– **خَطُ مُسْتَقِيْم:** ذ. سِڌي لِيڪ – سنئين لِيڪ – اها لِيڪ جنهن ۾ هڪڙي چوٽيءَ کان ٻيءَ چوٽيءَ تائين ڪا ڪَجِي يا ڪو گهُٻ نه هجي.

– **خَطُ مُلاقِيْ:** ذ. جاميٽريءَ موجب گهيرو هڪ ۽ فقط هڪ هنڌ ڇُهندڙ لِيڪ.

– **خَطَ مَمَاسْ:** ذ. خَط مُلاقي.

– **خَطُ نِڪرڻ:** ڏاڙهي اچڻ – ڏاڙهيءَ جي ريهه لَهڻ.

– **خَطَ وٺائِڻُ:** حجام کان ڏاڙهيءَ جي وارن جا خط ٺهرائڻ – سَنوارت ٺهرائڻ.

– **خَط وڪِتابَتْ:** ث. خط پٽ – لکپڙهه.

• **خَطَا ج خَطَـائُونْ:** ث. [ع. خَطِيءَ = هن غلطي ڪئي] چُڪَ – ڀُل – غلطي – ڏوهه – سَهْوَ – قُصُور – تقصير ـ جُرم – پاپُ – گُناهه – دوش – اسم خاص. اُترچين ۾ مشڪ کان مشهور هڪ شهر جو نالو.

– **خَطا آموزگار:** ذ. صفت. گناهه بخشڻ وارو – خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

– **خَطَابَخش:** ذ. صفت. ڏوهه معاف ڪندڙ – خطا بخشيندڙ.

– **خَطَا ٿِيَڻُ:** ڀُل ٿيڻ – چُڪ ٿيڻ – سَهْوَ پوڻ – ڏوهه ٿيڻ – گناهه ٿيڻ. گُسڻ – نه لڳڻ (تير وغيره). نِڪرڻ – وَهڻ (پيشاب وغيره).

– **خَطَاپوشُ ج خَطَاپوش:** ذ. صفت. خَطا ڍڪيندڙ – عيب پوش – عيب ڍڪيندڙ.

– **خَطا رَضا پوڻُ (ت):** ڏوهه گناهه تي پوڻ.

– **خَطَاڪَارُ ج خَطَاڪَارَ:** ذ. صفت. خَطا ڪندڙ – گُنهگار. ڏوهي – اپراڌي.

– **خَطا ڪَرڻُ:** چُڪ ڪرڻ – غلطي ڪرڻ. ڏوهه ڪرڻ – گناهه ڪرڻ.

– **خَطا ڪائِڻُ:** چُڪ ڪرڻ – ڀُل ڪرڻ – ڀُلجڻ – غلطي ڪرڻ – ڏوهه ڪرڻ – گناهه ڪرڻ – سَهْوَ ڪرڻ – ڪيل گناهن جي سزا ڀوڳڻ – سزا ملڻ – ڪيتو لوڙڻ.

– **خَطا کي اِصْلاحَ ڏيڻُ:** غلطي درست ڪرڻ. گناهه بخشڻ – ڏوهه معاف ڪرڻ. چشم پوشي ڪرڻ – ڀُل چُڪَ کي نه ڏسڻ.

– **خَطاوارُ ج خَطاوارَ:** ذ. صفت. قصوروار – ڏوهي – گنهگار – مُجرم.

– **خَطَائُون ڪَٽَڻُ:** گُناهه بخشڻ – ڏوهه معاف ڪرڻ.

• **خِطابُ ج خِطابَ:** ذ. [ع. خَطَبَ = هن وعظ ۽ نصيحت

Gul Hayat Institute

كٿي] ڪنهن جي روبرو ٿي ڳالهائڻ جي حالت — ڳالهه ٻولهه — گفتگو — ڪلام — روءِ سخن — ليڪچر — تقرير — ياشن — سرنامو. تعريفي لقب — عزت جو نالو. جو حڪومت جي طرفان ملي — لقب — اسم نالو. غصو — ڪاوڙ — چڙ — عتاب.

— **خطابت:** تقرير جو فن.

— **خطابُ ڏيڻ:** لقب ڏيڻ.

— **خطابُ ڪرڻ:** تقرير ڪرڻ — ڳالهائڻ.

— **خطابي ج خطابيِ:** ذ. صفت. خطاب مليل — خطاب ڪيل.

• **خُطابُ ج خُطابَ:** ذ. مڪتب — ڪتاب.

— **خُطابي ج خُطابيِ:** ذ. صفت. طالب علم — شاگرد — ڪتابي.

— **خُطبو ج خُطبا:** ذ. [ع. خُطبَة = تقرير] اهو ڪلام، جنهن ۾ خدا تعاليٰ جو حمد، تعريف، ثنا، ساراهه ۽ واکاڻ ڪئي وڃي — جمعہ نماز يا عيد نماز سان گڏ خدا تعاليٰ ۽ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جي ثنا، نعت ۽ عام نصيحتون ڪرڻ. وعظ — ليڪچر — واکاڻ — تقرير. سمجهاڻي — نصيحت — اپديش. مهاڳ — مُقدمہ.

— **خطيبُ ج خطيبَ:** ذ. صفت. [ع. خَطَبَ = هن تقرير ڪئي] خطبو پڙهندڙ — وعظ ٻڌائيندڙ — تقرير ڪندڙ. واعظ — ليڪچرار — مُقرّر.

• **خطرو ج خطرا:** ذ. [ع. خَطَرَ = دل ۾ خيال آيو — حادثو ٿيو] خوف — ڊپ ڀؤ — ڏرَ — ڏج — انديشو — جوکو — آفت — دُشواري — سختي — وَسوسو — هراس.

— **خطرناڪُ ج خطرناڪَ:** ذ. صفت. خطري وارو — ڊپ وارو — ڀوائتو — خوفناڪ — خوفائتو — ڀيانڪ.

— **خطري ۾ وجهڻ:** جوکي ۾ وجهڻ — مصيبت ۾ ڦاسائڻ.

• **خطمي:** ث. [ع] پسارڪي وکر جو هڪ قسم — گل خيرو. پتنر (ٽڪين وانگر، ڳاڙهي رنگ جي ستارن جهڙو ميراڻ تي مائل ٻج).

• **خطڻ:** مصدر. (خط منجهان نڪتل) ليڪڻ — ليڪو ڪڍڻ — حد مقرر ڪرڻ.

• **خطو:** ذ. [ع] زمين جو ٽڪر — سر زمين — پلاٽ. حصو — ٽڪر (مُلڪ جو). ننڍو شهر. مُلڪ.

• **خطيرُ:** ذ. صفت. [ع] ڪثير — جهجهو — وڏو — گهڻو — نهايت.

• **خفا ج خفا:** ذ. صفت. [ف] ناراض — رنج — آزرده ـ ناخوش. بيزار — ڪَڪ — ورچيل — خفي.

— **خفا ٿيڻ:** ناراض ٿيڻ — رنج ٿيڻ — بيزار ٿيڻ.

— **خفي ڪرڻ:** رنج ڪرڻ — ناراض ڪرڻ — بيزار ڪرڻ.

• **خفتُ ج خفتَ:** ذ. ("خفق" يا "خفقان" جي بگڙيل صورت) خيال — ڌيان — لوري — تات — يادگيري — جهوري — ڳڻتي — فڪر — ٻور. مرضي — خواهش — تمنا — اِڇا — ڪامنا — منشا — سَڌ — دل رُچي. دماغ ۾ خلل — چريائي — سوداءُ — جنون. (ڪ) شوق.

— **خفتي ج خفتيِ:** ذ. صفت. خفت ڪندڙ — خيال وارو — فڪرمند — ٻورالو — اِڇاوان — سڌائتو — خواهشمند — خواهان. شوق مند — شوقين — سرگرم — اُتساهي — اُڇاهئتو. نيهي — غورشي — حرصي. سودائي — خفقاني — خللي — جنوني. جانور (شڪار لاءِ) يا پکي (ڪڪڙ، تتر وغيره ويڙهائڻ لاءِ) ڌاريندڙ، سانڍيندڙ يا پاليندڙ.

• **خِفت:** ث. [ع. خَف = هو هلڪو ٿيو] هلڪائي — ڦڪائي — شرم — خجالت. ذلت — بي عزتي — هَتڪ. نماڻائي — عاجزي — مسڪيني.

• **خُفتہ:** ذ. صفت. [ف. خُفتَن = سُمهڻ] سُتل — غافل — اڻ واقف — جاهل.

• **خفخان:** ذ. خفقان. ڪم طاقتي.

— **خفخاني ج خفخانيِ:** ذ. صفت. خفخان جي بيماريءَ ۾ ورتل — سودائي — ٻورالو — خفقاني. ڏيجو. اعصابي ڪمزوريءَ ۾ ورتل — بدني طاقت جي گهٽتائيءَ وارو.

• **خفقانُ ج خفقانَ:** ذ. [ع. خَفَقَ = اضطراب ۾ ٿيو] دِل جي ڌڙڪ — گهبراهٽ — بي قراري. هڪ بيماريءَ جو نالو (جنهن ۾ دل جي حرڪت وڌي وڃي) — دل هَول — سوداءُ — ماليخوليا — چريائي — جنون — خفخان — اعصابي ڪمزوري — بدني طاقت جي گهٽتائي — ڊپ — هراس — خوف.

— **خفقانُ ٿيڻ:** سوداءُ ٿيڻ — جُنون ٿيڻ.

— **خفقانُ پچائڻ:** اجاين خيالن ۾ پاڻ کي خوش ڪرڻ — اجايا ٻورَ پچائڻ.

— **خفقاني ج خفقانيِ:** ذ. صفت. ڏيجو — اعصابي ڪمزوريءَ ۾

Gul Hayat Institute

ورتل – بدني طاقت جي گهٽتائي وارو. چريو – سودائي – جُنوني – پاڳل – خفقاني.

• **خفڪِي ج خفڪِيُون:** ث. [ف] ناراضگي – رنجش – بيزاري – پريشاني – ناخوشي. رنج – ڪاوڙ – چِڙ – جوش – غُصو – ڏمر – غَضَبُ.

• **خفو ج خفَا:** ذ. [ف] دماغي وڳوڙ – خَلَلُ – خَفتُ – سوداءُ – ويچارُ – ڳَٽتي – ڪجاٽي – ڪَپَتِ _ اُلڪو – اُڌڪو. دل جي ڌڙڪ – آنڌ مانڌ – ولوڙ – وِرِچَ – بيزاري – دِقت. ناراضگي – رنجش. ڪم جي گهٽائي – گـهَلَ – تڪليف – ڏوجهرو – مَرحلُ – مصيبت. چِڙ – تيسو – ڪِجَ – ڪاوڙ.

– **خَفو ٿيڻُ:** سوداءُ ٿيڻ. آنڌ مانڌ ٿيڻ. ويچار ٿيڻ.

– **خَفو پچائڻُ:** خيال ڪرڻ – ويچار ڪرڻ – سوداءُ پچائڻ.

– **خَفي:** ذ. صفت. ناراض – رنج. ڪَڪِ _ بيزار – وِرچايل – آتو – هلاڪ.

– **خَفي ٿيڻُ:** ڪاوڙجڻ – ناراض ٿيڻ – چِڙڻ – رنج ٿيڻ – پريشان ٿيڻ.

– **خَفي ڪَرڻُ:** بيزار ڪرڻ – ڪَڪِ ڪرڻ. رنج ڪرڻ.

• **خُفيَہ:** صفت. [ع. خَفيٰ = هن لڪايو] لِڪل – ڳجهو – پوشيده _ الوپ – مخفي – باطني – ڇُپيل – گپت – اولاٽتو. دلي ذِڪر – ڳـُجهہ – اندر – باطن (ل).

– **خُفيہ پُولِيس:** ث. پوشيده پوليس – جاچ ڪندڙ پوليس – جاسوسي پوليس – سي – آءِ _ ڊي (C.I.D).

• **خَفِيفُ:** صفت. [ع. خَفَّ = هو هلڪو ٿيو] هلڪو – گهٽ ٿورو – رسوا – بي عزت – نيچ. هڪ بحر يا وزن جو نالو. سومرن جو هڪ قبيلو.

• **خَلا:** ذ. [ع. خَلا = هو خالي ٿيو] خالي جاءِ _ خالي هنڌ – خال – زمين ۽ آسمان جي وچ وارو خال – پورُ – پولارُ – وايو منڊل.

• **خَلاصُ ج خلاصَ:** ذ. صفت. [ع. خَلَصَ = هو آزاد ٿيو] آزاد – ڇٽل – رِها – ڇيڪ – ڇُوٽ. فارغ – واندو – آجو – خَتَمَ – پورو – ڪَتَلَ – ڪم آيل.

– **خَلاصِيْ ج خَلاصِيُونْ:** ث. آزادي – رهائي – نجات – مُڪتي – ڇوٽڪارو – موڪ.

• **خَلاص پاپڙِيْ:** ث. پسارڪي وَکَرَ جو هڪ قسم (ڳاڙهي، ميري، زردي ۽ اڇي رنگ جون ٽڪيون ٿين).

• **خُلاصو ج خُلاصَا:** ذ. صفت. [ع. خَلَصَ – پنهنجو – ذاتي – شخصي – نِويڪلو – اڪيلو – علحده _ خانگي – غير سرڪاري. هَڙَ – موڙي – سڄوئي – بلڪل – پوشيدو – بي اونو. اختصار – تت – نچوڙ – حاصل ڪلام. سَتُ – جوهر – عرق.

– **خُلاصائِيْ ج خُلاصائِيُونْ:** ث. ويڪرائي – ڪشادگي – موڪرائي – فراغت – چوڙائي. نِويڪلائي – اڪيلائي – لڪ – پوشيدگي.

– **خَلاصِڪائِيْ ج خُلاصِڪائِيُونْ:** ث. واندڪائي – اڪيلائي – خلاصائي – خَلوَت.

– **خُلاصو ٿِيڻُ:** ويڪرو ٿيڻ – وڏو ٿيڻ – ڪُشادو ٿيڻ. ڍلو ٿيڻ. ڪُلڻ. اڪيلو ٿيڻ – نِويڪلو ٿيڻ.

– **خُلاصو ڪَرڻُ:** ويڪرو ڪرڻ – ڪشادو ڪرڻ – وڏو ڪرڻ – کولڻ. ڍلو ڪرڻ. اختصار ڪرڻ – تَتُ ڪرڻ.

• **خَلاصِيْ ج خَلاصي:** ذ. صفت. ناڪُئو – ملاح. توبخاني يا جهاز تي ڪم ڪندڙ. تَنبُن جو رکپال.

• **خِلافُ ج خِلافَ:** ذ. صفت. [ع. خَلَفَ = هن مخالفت ڪئي] پٺتي هٽي بيهڻ جي حالت – برخلاف – برعڪس – اُبتڙ – ضِد – ناموافق – ڪُوڙ – جوٽ – ڪوٽ – حريف – دشمن – مقابل – سامهون.

– **خِلافُ بَيانِيْ ج خِلافُ بَيانِيُونْ:** ث. ڪوڙي ڳالهہ – ڪوڙو بيان.

– **خِلاف چوڻُ:** ڪوڙ ڳالهائڻ. طبيعت جي ناموافق ڳالهہ ڪرڻ.

– **خِلاف دَسْتُورُ:** صفت. رواج جي خلاف – قانون کان ابتڙ – بي قاعده _ بي قانون.

– **خِلافِ راءِ:** مرضيءَ جي خلاف – ڪنهن جي خيال جي اُبتڙ.

– **خِلافُ سَمْجهَڻُ:** اُبتڙ سمجهڻ – ڪوڙ سمجهڻ.

– **خِلافِ شَرع:** شريعت محمديءَ جي اُبتڙ – شريعت جي برعڪس – ناجائز.

– **خِلافِ طَبْع:** طبيعت جي برخلاف – مزاج جي برعڪس.

– **خِلافِ عَقْلُ:** عقل جي اُبتڙ – سمجهہ کان ٻاهر.

– **خِلافِ قياسُ:** ناممڪن – عقل جي خلاف.

– **خِلافُ ڳالهائِڻُ:** اُبتڙ ڳالهائڻ – فائدي ۾ نہ ڳالهائڻ.

Gul Hayat Institute

– **خِلافُ وَرزِي:** ث. قاعدي جي ڀڃڪڙي – برخلاف ڪم ڪرڻ.

– **خِلافِ وَضع:** طريقي ۽ عادت جي برخلاف – رسم ۽ رواج جي اُبتڙ – عام دستور جي خلاف.

– **خِلافُ هُجڻُ:** برخلاف ٿيڻ – مخالف هجڻ – اُبتڙ هجڻ – دشمن هجڻ.

• **خِلافَتَ ج خِلافَتُون:** ث. [ع. خَلَفَ = هو پوءِ آيو] ڪنهن جي وفات ڪان پوءِ ان جي جاءِ تي ويهڻ جي حالت – نائبي – نيابت – وليعهدي – مسلمانن جي بادشاهت – مسلمان خليفي جو عهدو – نبي يا ولي جي جاءِ نشيني.

– **خِلافَت تَحرِيڪَ:** ترڪيءَ ۾ خلافت کي وري قائم ڪرڻ لاءِ هندستان ۾ ١٩٢٠ع ۾ هلايل هلچل.

– **خِلا فَتِ راشِدَهُ:** ث. حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني ۽ حضرت علي رضوان الله تعاليٰ عليهم جي حڪومت ۽ حڪومت جو زمانو.

– **خِلافَتِي ج خِلافَتِي:** ذ. صفت. خلافت ڪندڙ – خلافت جو – خلافت تحريڪ ۾ بهرو وٺندڙ.

• **خَلاقُ:** ذ. [ع. خَلَقَ = هن پيدا ڪيو] پيدا ڪرڻ وارو – گهڻو پيدا ڪندڙ.

• **خَلالُ:** ذ. [ع. خَلَ = هن وِڌي ڪئي] ٻن شين جي وچ ۾ مفاصلو. ڏندن ڪوٽڻ جو اوزار. فقهه موجب ڏاڙهيءَ جي ٻاڙن يا هٿن ۽ پيرن کي پاڻي پهچائڻ لاءِ وارن ۽ آڱرين کي جدا ڪرڻ جي حالت.

– **خَلالُ ڪَرڻُ:** ڏند ڪوٽڻ – ڏاڙهيءَ جي وارن جي ٻاڙن کي پُسائڻ لاءِ وارن کي هٿن جي آڱرين سان کولڻ ۽ بار بار جدا ڪرڻ.

• **خُلَتُ:** ث. [ع. خاله = هن انکي دوست ڪري ورتو] دوستي – ياراني – ياراڻو – سنگت – ياري – اخلاص – آشنائي. محبت – سچو عشق ۽ مستي، جيئن ته: "دوئي ڏار ڏري، جُه خُلت خنجر آيو" (شاهه).

– **خُلَتُ خَنجَرُ:** ذ. محبت جي ترار (ل).

• **خَلجانُ:** ذ. [ع. خَلَجَ = هن چوريو يا هلايو] ڏڪ – تَردد – انديشو – فڪر – گهبراهٽ – چِنتا.

• **خَلجِي:** اسم خاص. ترڪ نسل مان دهلي جي بادشاهن جو هڪ گهراڻو (جنهن جو پهريون بادشاهه جلال الدين فيروزشاهه خلجي، عيسوي سنه ١٢٨١ع کان ١٣٢١ تائين). هڪ ذات جو نالو (ت).

• **خَلخالُ:** ذ. [ع] ڳَهَه جو هڪ قسم – پازيب – آواز ڪرڻ وارو ڳَهَه.

• **خُلدُ ج خُلدَ:** ذ. [ع. خَلَدَ = هو هميشه لاءِ رهيو] هميشگي – هميشه رهڻ جي حالت – بهشت – جنت – فردوس – سرڳُ – هميشه رهڻ واري شيءِ.

– **خُلدُ آشيانُ:** ذ. صفت. [آشيان = آکيرو] جنتي – بهشتي – جنهن جو بهشت ۾ مڪان هجي.

– **خُلد بَرِين:** ذ. سڀ کان اعليٰ بهشت – فردوس اعليٰ.

– **خُلدُ مَڪانِي:** ذ. صفت. بهشتي – جنتي – خلد آشيان.

• **خَلِش:** ث. [ف]. ڇيڪار – ڪنڊي جو جسم ۾ چُڀڪو. ڪُٽڪو. خُصومت – جهڳڙو – رنڊڪ – ڀڃڪڙي. بي آرامي – بي قراري – چوراڪورا.

– **خَلِش وَڃڻُ (ت):** خار لڳڻ – ڪنڊو لڳڻ. ڪاوڙ لڳڻ.

• **خَلطُ:** ذ. [ع. خَلَطَ = هن ملايو] ڳُڏجي وڃڻ جي حالت – ملاوٽ – ميل – ميل جول – مونجهارو – گڙٻڙ – رولو. صفت. گڏيل – مليل – ڳاڙڻ. هميشه مرڪب ۾ ڪم ايندڙ لفظ. جيئن: "خَلطُ مَلطُ وغيره.

– **خَلط مَلط:** صفت. مليل جُليل – ملاوٽ ڪيل – ڳاڙڻ ساڙڻ.

• **خِلطُ ج خِلطَ:** ذ. [ع] آندن ۾ پيدا ٿيل گندگي. انساني طبيعتن مان هڪ مواد جهڙوڪ: صفرا، بلغم، خون ۽ سودا. طبع – مزاج. پاڻي – رطوبت. مذاق – خوش طبعي – ڪِل – پوڳ – چرچو – موج – لهر – پُور – خيال – ريجَڪُ.

• **خِلعَتَ ج خِلعَتُون:** ث. [ع. خَلَعَ = هن عزت سان چوغو پهرايو] ڀئي کي بخشش طور ڏنل لباس – وڳو – جامو – لبادو. ڪنهن بادشاهه جي امير يا سردار کي عزت طور پهرايل پوشاڪ – جُبو – فَرغَلُ – سروپا _ پاڪر. تحفو – عطيه.

– **خِلعَتُ پهرائڻُ:** پوشاڪ عطا ڪرڻ – انعام ڏيڻ.

– **خِلعَتُ فاخِرَهُ:** ث. اهڙي سروپا جنهن تي فخر ڪجي – نازڪ ۽ نفيس لباس – نهايت عمدي پوشاڪ.

– **خِلعَتُ مِلڻُ:** پوشاڪ يا لباس جو انعام ملڻ.

Gul Hayat Institute

– **خِلعَتي ج خِلعَتيون:** ذ. صفت. خِلعت ڏنل – سروپا وارو – عزت جي وڳي وارو. پهريل – ڏنل – انعامات حاصل ڪيل.

• **خَلَفُ:** ذ. [ع. خَلَفَ = هو پوئلڳ ٿيو] نيڪ فرزند – صالح فرزند – سياڻو پٽ – فرزند – پٽ. جاءِ نشين – مستحق – حقدار – وارث.

– **خُلفاءُ:** ذ. [ع] "خَليفو" جو جمع. خليفا – نائب – جاءِ نشين – پوئلڳ.

– **خُلفاءِ راشِدين:** رشد ۽ هدايت وارا خليفا – اسلامي سلطنت جا پهريان چار خليفا (حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني ۽ حضرت علي رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين).

• **خُلقُ ج خُلقَ:** ذ. [ع. خَلَقَ = هن پيدا ڪيو] پيدائشي سڀاءُ – لڇڻ – عادت – سيرت – مزاج – گُڻ. اُٺڻ ويهڻ ۽ ملڻ جُلڻ جو اخلاق – پيش اچڻ جو سهڻو نمونو – آدرڀاءُ – تعظيم – آب – عزت – مانُ – لياقت – مروّت – فضيلت – خوش اخلاقي – خوش مزاجي – ڪِلمُڪائي.

– **خُلق ڏيڻ:** سهڻي نموني پيش اچڻ – محبت سان هلڻ.

• **خُلقَ وارو ج خُلقَ وارا:** ذ. صفت. بااخلاق – مروت وارو – فضيلت وارو – سُلڇڻو.

– **خَلقَ:** صفت. پيدا ٿيل – پيدا ڪيل – پيدائش – اُپايل. ث. انسان ذات – بني نوع انسان – بني آدم – عام ماڻهو – لوڪ – عالم – آدمي – رعايا – رعيت – جنتا.

– **خَلقَ آزارُ ج خَلقَ آزار:** ذ. صفت. عام ماڻهن کي آزاريندڙ – ظالم.

– **خَلقَتَ ج خَلقَتون:** ث. خلق – مخلوقات.

– **خِلقَتُ ج خِلقَتون:** ث. پيدائشي حالت – سرشتي – فطرت – خميرو.

– **خَلق کلائڻ:** بدنام ٿيڻ – خوار ٿيڻ – ماڻهو کلائڻ.

– **خَلقَٺهارُ:** ذ. صفت. پيدا ڪندڙ – اُپائيندڙ – خالق. الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

– **خَلقيلُ:** ذ. صفت. پيدا ڪيل – اُپايل. ث. ڪائنات – خلقَتَ.

– **خَلقيندڙُ:** ذ. صفت. پيدا ڪندڙ – اُپائيندڙ – خالقُ – خلقٺهار.

• **خَلَلُ ج خَلَلَ:** ذ. [ع. خَلَّ = هو لاغر ٿيو – هن وٿي ڪئي] رُخنو – سوراخ – تَنگُ – ٻرگهلُ – دَرزَ – وِٿي. رَنڊڪ – پيچڪڙي – رُڪاوٽ – روڪَ – اٽڪَ – دَخلُ. وِگوڙ – ٽِنگ – پڪيڙو – جهيڙو – جنگ – جهڳڙو – فتنو – فتور – اٿوٿت – اٿٻٿت – اختلاف – ابتري – ڦيٽارو – ڏڦيڙ – بلوو – فتنه انگيزي – بغاوت – رولو – گڙٻڙ – مونجهارو – بي انتظامي – تڪرار – نقصان – خسارو – ٽوٽو – حرج – دشمني – وروڌ. بيماري – روڳ. ڏک – تڪليف.

– **خَلَلُ اندازُ ج خَلَلَ انداز:** ذ. صفت. فسادي – جهيڙاڪُ – فتنائي.

– **خَلَلُ جاڳائڻ:** رولو مچائڻ – فساد مچائڻ – رنڊڪ وجهڻ – رُڪاوٽ وجهڻ.

– **خَلَلُ دماغ:** ذ. صفت. دماغ جو فتورُ – چريائي – ماليخوليا – سوداءُ – جُنون.

– **خَلَلُ ڪرڻ:** نقصان ڪرڻ.

– **خَلَلي ج خَلَلي:** ذ. صفت. جهيڙائي – فسادي – تڪراري – معاملائي – فتنه انگيز – بغاوتي – مونجهارو وجهندڙ – جهيڙاڪار – وڙهڻو – جنگير – ٻچاپڙو – لوتڙو – ڪَنهَرُ – چيٽا پورُ – شرير – حرڪتي.

• **خُلَمُ ج خُلَمَ:** ذ. حرڪت – چترائي – لُچائي – ڪئونس – ڪيچَل. نقصان – حرج – چيهو – ٽوٽ – مونجهارو – وِگوڙ – ڏڦيڙ – خَلل – رولو – ڦيٽارو – مانڌاڻ – ٻائيتال – گوڙ.

– **خُلَمُ ٻارڻ:** گهڻي حرڪت ڪرڻ – زياده نقصان ڪرڻ.

• **خَلوَتَ ج خَلوَتون:** ث. [ع. خَلا = هو خالي ٿيو] ڪنهن جاءِ جي خالي ٿيڻ جي حالت – خالي جاءِ – اڪيلائي – خلاصگائي – ايڪانت – گوشو – گوشهٔ نشيني – نِويڪلائي – اڪيلاٽپ. جيئن: "جن کي عشق عميق جو، سي خَلوت خيالي" (شاهه).

– **خَلوَتَ پسندُ:** ذ. صفت. اڪيلائي پسند ڪندڙ – نِويڪلو گذاريندڙ.

– **خَلوَتَ خانو ج خَلوَتَ خانا:** اڪيلائيءَ واري جاءِ – نِويڪلي جاءِ. سمهڻ جو ڪمرو.

– **خَلوَتَ سراءِ:** ث. اڪيلائيءَ واري جاءِ.

– **خَلوَتَ ڪرڻ:** اڪيلو ٿيڻ.

– **خَلوَتَ گاهه:** ث. اڪيلائيءَ واري جاءِ – ايڪانت واري جاءِ – نِويڪلي جاءِ – خلاصو – ڪمرو.

Gul Hayat Institute

— **خَلْوَتْ نَشِيْن:** ذ. صفت. اڪيلو ويهندڙ — اڪيلائيءَ ۾ ويهندڙ. دنيا کان تياڳ ڪيل. سنياسي. رشي. لاطمع — تارڪُ دنيا.

— **خَلْوَتِيْ ج خَلْوَتِيْ:** ذ. صفت. اڪيلائيءَ ۾ گذاريندڙ — اڪيلائپ پسند ڪندڙ — ايڪانتي. لوڪ تياڳي — سنياسي — رشي. گـهرو دوست — گهاٽو دوست — حال محرم — خاص ملاقاتي.

• **خُـلُـوْص:** ذ. [ع. خَلَص = هو پاڪ صاف ٿيو] سادو ۽ پاڪ ٿيڻ جي حالت — سادگي — صفائي — پاڪائي. نج دوستي — سچي دوستي — اخلاص — محبت — صداقت — سچائي — وفاداري.

— **خُلُوْص نِيَتْ:** ث. سچائي — نيڪ ارادو.

• **خَلِيْطو ج خَلِيْطَا:** ذ. [ع. "خَرِيْطُ" = ڪيسو" جي بگڙيل صورت] اها ڳوٿري، جنهنجو منهن ڌاڳي سان ائين سِبيَلُ هجي جو ان ڪي کولي يا بند ڪري سگهجي. ڳوٿري — پوٽڙي — ڦوٽڙي — ٿيلهو.

• **خَلِيْج:** ذ. [ع] اُپسمنڊ — پاڻيءَ جو هڪ ڀاڱو. جنهن جي ٽن پاسن کان خشڪي ۽ چوٿين پاسي کان سمنڊ مليل هجي. جيئن: خليج بنگال، خليج فارس وغيره. درياء — نهر.

• **خَلِيْفو ج خَلِيْفَا:** ذ. صفت. [ع. خَلِيْفَه < خَلَفَ = هو پوءِ آيو] ڪنهن ڪانپوءِ ايندڙ — ولي عهد — قائم مقام — جاءِ نشين (بادشاهه وغيره جو) بدران آيل يا بدران موڪليل — عيوضي — نائب. الله تعاليٰ جي طرفان ملڪ جي حڪومت هلائيندڙ — خدا جو نائب. پريٽ ڪم ڪندڙ — مددگار — واهرو — سهايڪ. سيد يا پير جو خاص نوڪر. حجام — نائي. درزي وغيره. خادم — نوڪر — ٻيلي.

• **خَلِيْفَة الله:** ذ. صفت. الله جو نائب. اسم خاص. حضرت آدم عليه السلام جو لقب.

— **خَلِيْفَة الْمُسْلِمِيْن:** ذ. صفت. مسلمانن جو بادشاهه يا خليفو.

• **خَلِيْفَة:** ذ. ڏسو "خليفو"

• **خَلِيْقُ ج خَلِيْق:** ذ. صفت. [ع. خَلَقَ = هُن پيدا ڪيو] پيدائشي نيڪ سُڀاءَ وارو — خَلق وارو — سهٺي هلت چلت وارو — مُروت وارو — لحاظي — ڪلمڪ — سلڇڻو — خوش مزاج — نرم دل — رحم دل — ٻاجهارو — مهربان.

• **خَلِيْلُ ج خَلِيْلُوْن:** ث. تاس راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ رڳو ٽي ڄڻا راند ڪري سگهن ٿا).

• **خَلِيْلُ ج خَلِيْل:** ذ. [ع. خُلَة = دوستي] سچو دوست — مخلص دوست — سنگتي — ساٿي — يارُ — سڄڻ — همراهه. سنڌ جي هڪ شاعر جو تخلص.

— **خَلِيْل الله:** ذ. صفت. الله جو دوست. اسم خاص. حضرت ابراهيم عليه السلام جو لقب.

• **خَلِيْلانِيْ:** اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **خَمُ ج خَمْ:** ذ. [ف. خَمُ = ڏِنگُ] ڏِنگائي — وَنگُ — ٽيڙ — آڏائي — ور — وڪڙ — موڙ — پيچ — وَٽُ — ٻَجُ.

— **خَمْ ابْرُوْ:** ذ. ڀِرن جي ڏِنگائي.

— **خَمْ دارُ ج خَمْ دارَ:** ذ. صفت. وَر وَڪڙ وارو — وَنگ وارو — ڏِنگو — ٽيڙو — آڏو — ترڇو — پيچدارُ — پيچيدو.

• **خُمْ:** ذ. [ف]. شراب جو مَٽُ — دُنگُ — پيپُ.

• **خُمْ خانَهْ:** ذ. شراب خانو — ڪُٽو — شراب پيئڻ جي جاءِ ـ ٻَنِي.

• **خُمارڻُ:** مصدر. [فارسي مان ورتل] شراب پيارڻ — نَشَئِي ڪرڻ.

— **خُمارُ ج خُمارَ:** ذ. نَشو. نشي جي مستي — نشي جا پُورَ — مدهوشي. نشي لهڻ کان پوءِ سُستي — پڇاڙيءَ جو نشو. ننڊ جو زورُ — اونگهه — ڪِـمُ — ڪِـهَـرَ — ننڊاڪڙائي — خُماري — پنڪي. اکين جي ڪِـرَاڻِ — اکين جي ڳاڙهاڻ. متوالي نظر.

— **خُمارَ آلُودَهْ ج خُمارُ آلُودَهْ:** ذ. صفت. نشي ۾ چُورُ — مخمور — مست — متوالو.

— **خُمارجڻُ:** مصدر. نشي ۾ پرجڻ — نشو ٿيڻ — هلڪي بيهوشي طاري ٿيڻ. ننڊ ۾ پرجڻ — ڪِـهرجڻ.

— **خُمارِيْ ج خُمارِيْ:** ذ.صفت. خمار وارو — خمار جو — نَشَئِي — پنڪيل.

— **خُمارِيْ:** ث. خمار — نشو — پنڪي.

• **خُمَاسِي ج خُمَاسِيْ:** ذ. صفت. [ع. خَمْسَة = پَنجَ] علم نحو جي اصطلاح موجب پنجن اکرن وارو لفظ. جهڙوڪ: سَفَرجَل وغيره.

• **خَمِيْرو:** ذ. [ع. خمير] بن ڏينهن جو ڳوهيل ڪَـتو اٽو.

• **خُمْچو ج خُمْچَا:** ذ. [ف. خُمْچَة = ڪومچو] ڪاٺ يا لوهه جو وڏو ٿالهه (جنهن ۾ ڪاڏي جا گهڻا ٿانوَ رکجن) ڪومچو — خوانچو. نازُ — نَخرو — انگَـلُ (ڪ).

– **خمچا ڪرڻ (ڪ):** ناز نخرا ڪرڻ.

• **خَمرُ ج خَمرَ:** ذ. [ع. خَمرُ = شراب – نشو] انگورن جو رَسُ (پچايل) – شراب – مَئي – مَد. مَستي (محبت جي) – عشق.

• **خُمرو ج خُمرا (ت):** ذ. [ف]. ٺڪر جي ٿانوَ جو هڪ قسم (جو گدري جي ڦاڪن وانگر ٺهيل هجي) – ٺپو.

• **خَمس:** صفت. پنج – پنجن جي نسبت ڏيکاريندڙ. "حواس خمسه" – پنج حَواس (ڏسڻ، سنگهڻ، چکڻ، ٻڌڻ ۽ ڇُهڻ جا حواس).

• **خَموشُ:** صفت. [ف]. ماٺ ڪيل – چُپ – سانت – خاموش.

• **خَمْيازَهُ:** ذ. [ف]. آرس – اوٻاسي – لَڳَ – ڳَر. بدلو – عوض – تاوان. رنج – تڪليف. پشيماني – افسوس.

• **خميده:** صفت. [ف] ڏنگو – ڦڏو – خَمَ وارو – مُڙيَلُ – ڪُبو – ڇٻو – جهُڪيلُ.

• **خَميرُ ج خَميرَ:** ذ. ڳوهيل پاروٿو اٽو (جو گهڻو وقت اڳي ڳوهي رکجي ۽ کٽو ٿي پوي) – کٽو اٽو – ڳوهيل اٽو. ڪنهن به ڳوهيل شيءِ جو ڇاٽو – پنوڙو. ماڻهوءَ جي اصلي بناوت جو موادُ – سرشتي – خلقت – فطرت – پيدائش – ترڪيب – ملاوت. سَتُ – جوهر – عرق – مغز – عطر. دفن ڪرڻ جي جاءِ (ڪنهن مُردي ڪي) – لحد – قبر. مني (جسم جي). صفت. بالغ – رَسيلُ – سامايل. پڪو – پَڪلُ. مزاج – طبيعت – سُڀاءُ.

– **خميرو ج خَميرا:** ذ. ڳوهيل اٽو جو کٽو ٿي ويو هجي – کنڊ ۾ چاش ڪيل دوا. جيئن: "خميرو گازبان وغيره".

• **خَميسَ ج خَميسُون:** ث. [ع] هفتي جي ستن ڏينهن مان هڪ ڏينهن. هفتي جو پنجون ڏينهن – وسپت. قميص مان بگڙيل شڪل – چولو – پهراڻ.

• **خَميصَ ج خَميصُون:** ث. قميص – چولو – پهراڻ.

• **خَنّاسَ ج خَنّاسَ:** ذ. [ع. خَنَسَ = هو پوئتي هٽي ويو] سرڪش ديوُ – شيطان رجيم – خبيث روح – بدروح. شيطان – بڇڙو – پاپي – بدڪارُ. صفت. وسواسن ۾ وجهندڙ. مردود – شرير – جيڪو بڇڙائيءَ جو ڏس ڏيئي پاڻ هٽي وڃي.

• **خَنّاقُ ج خُنّاقَ:** ذ. صفت. [ع. خَنَقَ = هن ڳلو گهُٽيو] ڳلي گهُٽڻ جي حالت. بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڳلو يعني نڙي سُڄي پوندي آهي ۽ ماڻهو ساهه نه کڻي سگهڻ ڪري عموماً مري ويندو آهي).

• **خُنّامُ ج خُنّامَ (ل):** ذ. ڦڏو – فساد – مانداڻ – ڀائيتال. نقصان – حرج – ڇيهو – ٽوٽو.

• **خَنبيرَ (ل):** ذ. ["خمير" جي بگڙيل صورت] ڏسو "خَميرُ".

• **خَنجَرُ ج خَنجَرَ:** ذ. [ف] هڪ مشهور هٿيار جو نالو. ننڍي تلوار – ڪٽار – ڇُرو – وڏو چاقو.

• **خَنجريِ ج خَنجريُون:** ث. دُهلڙي – ڊيڪي – ڪنجري.

• **خَندانُ:** ذ. صفت. [ف. خنديدن = ڪِلڻ] ڪِلَ – ٺَهَ ٺَهَ – ٺهڪڙو – هاسِي – هَسي – ڪِلڪو – ٺٺول – مسخري – چٿر. ڊونگل – ڊيڪُ.

– **خَندو ڪرڻ:** ڪِل ڪرڻ – ٺهڪڙو ڪرڻ – ٺهه ٺهه ڪرڻ – چٿر ڪرڻ – ٺٺول ڪرڻ – ڊونگل هڻڻ.

– **خَندَهُ:** صفت. [ف] ڪِلندڙ.

– **خَندَهُ پيشاني:** ذ. صفت. ڪِلمُک – خوش طبع – ڪِلڻو.

– **خَندَهُ روءِ:** ذ. صفت. ڪِلمُک – خنده پيشاني.

– **خَندَهُ رُوئي:** ث. خوشي – خوش مزاجي – ڪلمُکائي.

– **خَندَهُ زَن:** ذ. صفت. ڪلندڙُ.

• **خنزيرُ ج خِنزيرَ:** ذ. [ع] هڪ جانور جو نالو – سُوئرُ – مِرون.

• **خَنساءَ:** اسم خاص. [ع] عرب جي هڪ بهترين شاعر عورت جو نالو (ان جو ديوان به هو. قادسيه واري لڙائيءَ ۾ هوءَ پنهنجن چئن پٽن سان شامل هئي ۽ اُتي سندس چارئي پٽ شهيد ٿيا).

• **خُنَڪ:** صفت. [ف] ٺريل – ٿڌو – سردُ – يخ – برف – چڱو – سٺو – خوش – ڪڙو تڙو.

– **خُنڪارَ ج خُنڪارُون:** ث. ٿڌ – ٿڌڪار – سردي. خوشي – موج – فرحت. خوشبوءِ – سُڳنڌ. مستي – نشو – مئُ – خمار. شهنشاهه – قيصر – مهاراجا. خُنڪِي.

– **خُنڪِي ج خُنڪيُون:** ث. ٿڌائي – ٺارُ – سردي. خُنڪار. وڏائي – آڪر. بي پرواهي. ڪڙائي.

– **خُنڪِي ڏيکارڻ:** بي پروائي ڏيکارڻ – وڏائي ڏيکارڻ. آڪڙ ڏيکارڻ. ڪڙائي ڏيکارڻ.

• **خُوُ:** ث. [ف] سڀاءُ – عادت – خصلت – سيرت.

– **خُوگَرُ:** ذ. صفت. عادي – علتي – هيراڪ – ٻانڌاڻي.

• **خوابُ ج خوابَ:** ذ. [ف] ننڊ ۾ ڏٺل نظارو – سپنو – رُؤيا. ننڊ – انگهه – آرام. خيال – تصوّر – ويچار – وهم – گمان. بشارت.

Gul Hayat Institute

— **خوابُ آلُودَهُ:** ذ. صفت. [ف. آلودن = رَل مِل ڪرڻ] ننڊا ڪڙو — ننڊائتو — خُماريل — پنڪيل — ننڊ جا جهوٽا ڪائيندڙ.

— **خوابِ پريشانُ:** ذ. ڊيڄاريندڙ خواب — بڇرو خواب — بگڙيل خواب — مُنجهيل خواب.

— **خواب جُون ڳالهيُونُ:** ث. خيالي ڳالهيون — اجايون ڳالهيون.

— **خوابُ خيالُ ج خوابَ خيالَ:** ذ. وهم گمان — ويچار. اجايو ڏيک. گذريل ڳالھ جي آڪاٽي — درگذر — فنا — ختم ٿيل.

— **خوابُ خيالُ نَہ هُئڻُ:** ڪوبہ خيال نہ ٿيڻ — ڳالھ ويچار هيٺ نہ هجڻ — ارادو نہ رکڻ.

— **خوابُ ڏسڻُ:** ننڊ ۾ ڪجھ ڏسڻ — سَپنو لهڻ.

— **خوابِ غفلتُ:** ذ. غفلت جي ننڊ — بي پرواهيءَ جي ننڊ — لاغرضيءَ جي ننڊ — ويسلائي — اگوندرائي.

— **خوابُ گاھ ج خوابُ گاهُون:** ث. سمهڻ جو ڪمرو — آرام ڪرڻ جي ڪوٺي يا جاءِ.

— **خوابُ لهڻُ:** ننڊ ۾ ڪا ڳالھ ڏسڻ — سپنو ڏسڻ. شڪ پوڻ — وهم اچڻ — گمان پوڻ.

— **خواب ۾ بَرڪَڻُ:** ٻڦلڻ — ورقلڻ.

— **خوابُ وَخيالُ:** ذ. وسريل ڳالھ. ڪوڙي ڳالھ يا خيال.

— **خوابُ هُجڻُ:** ڪجھ بہ نہ هجڻ — خالي وَهمُ هجڻ.

— **خوابيدگِيُ ج خوابيدگيُونُ:** ث. غفلت — سُستِي — ننڊ جي حالت — ڪاهلي — بي پرواهي.

• **خواجا:** اسم خاص. مسلمانن جي اسماعيلي ۽ اثناعشري فرقن جا پوئلڳ.

• **خواجو ج خواجا:** ذ. [ف. خواجه = سردار] مالڪ — ڌڻي — گهر ڌڻي. سردار — آقا. (توران ۾ سيد کي "خواجو" چيو ويندو آهي).

— **خواجہ تاشُ:** ذ. صفت. هڪ مالڪ جي سيني نوڪرن مان هرهڪ.

— **خواجہ سَرا:** ذ. بادشاهن ۽ اميرن جي محلن جو داروغو — گهر ۾ ايندڙ ويندڙ يا ڪم ڪار ڪندڙ ڪدڙو غلام.

• **خواجہ خِضرِ:** اسم خاص. هڪ نبيءَ جو نالو. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ان کي حيات حاصل ٿيو. ان ڪري هن کي "پاڻيءَ جو بادشاھ" سڏيو وڃي ٿو ۽ زنده آهي) — زنده پير — زنده ولي.

• **خوارُ:** صفت. [ف. خوردن = کائڻ] کائيندڙ — کائڪ — کائُو. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ. جيئن تہ: شيرخوار وغيره. پيئندڙ — پياڪُ. جيئن تہ: شراب خور. خونخوار وغيره.

• **خُوارُ ج خُوارَ:** ذ. صفت. [ف]. بدنام — بي عزت — بي مانُ — رُسوا — گِلارو — ڏٺو — ذليل. آواره ـ ڪميڻو — تُڇ — ڪِريل — اوڇو — رول — دربدر — ردي — بُڇڙو — خراب — پريشان — تنگ — دُکي.

— **خُوارزيلُ:** ذ. صفت. ["خارجي" جي بگڙيل صورت] خُوارُ — تڙيل — بدنام — رُسوا — گِلارو. بدچال — ڪميڻو — ڪِريل.

— **خُوارُ ڪرڻُ:** ذليل ۽ رُسوا ڪرڻ — بُڇڙو ڪرڻ. حيران ۽ پريشان ڪرڻ. گِلارو ڪرڻ.

— **خُوارِيُ ج خُوارِيُونُ:** ث. بدنامي — گِلا — بي عزتي — بي مانِي — ذِلت — رُسوائي — ننڊائي — بدناموسي. بڇڙائي — نيچپڻ — ڪميڻائي — ڏاميچائي.

— **خُوارِيُ ڪرڻُ:** بي عزتي ڪرڻ — بدنامي ڪرڻ.

— **خُوارِيءَ ڪاڏو ج خُوارِيءَ ڪاڏا:** ذ. صفت. بدنام ٿيل — بڇڙو ٿيل — گِلارو.

— **خُوارِيءَ ڪاڏو هُئڻُ:** بدنام هئڻ — گلارو هئڻ — بي عزت هئڻ.

• **خَوارَزمُ:** اسم خاص. [ف]. جيحون نديءَ جي ڪناري تي هڪ شهر جو نالو.

• **خَواسٽُ:** ذ. [ف. خواستن = گهُرڻ] گهُر — طلب — چاھ. مرضي — خواهش. آسَ — اُميد. عرض.

— **خَواسٽہ:** گهر بيل (خدانخواسته = خدا نہ گهُري يا خدا نہ ڪري).

— **خَواستگارُ ج خَواستگارَ:** ذ. صفت. چاهيندڙ — گهُرندڙ — طلبگارُ — طالبو — طالب — آسائُو — اُميدوار — خواهشمند — درخواست ڪندڙ — عرضدار.

— **خَواستگارِيُ ج خَواستگارِيُونُ:** ث. طلب — خواهش — گهُر — چاهنا.

• **خَواصُ ج خَواصَ:** ذ. [ع. "خاص" جو جمع] اميرَ — رَئِيسَ — نَوابَ — اعليٰ درجي جا ماڻهو — خاندانَ — وڏا ماڻهو (مگر سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندڙ). اعليٰ درجي جو نوڪرُ — خاص — وڏو نوڪر. خدمتگارُ — ممتاز نوڪر. خاصيتون — اَثَرَ.

— **خَواصِيُ ج خَواصِيُونُ:** ث. خدمتگاري — خدمت — نوڪري — چاڪري. هم نشيني — شاهي سواريءَ ۾ پنيان ويهڻ جي حالت.

Gul Hayat Institute

• **خَوانُ:** ذ. [ف] ماني يا طعام کٽي وڃڻ جو ٿانءُ – ڪاڏي رکڻ جو ٿالهه – طباقُ – طشت – دسترخوان.

– **خَوانُ پوشُ ج خَوانُ پوشَ:** ذ. صفت. خونچي ڍڪڻ جو ڪپڙو – طعام ڍڪڻ جو ڪپڙو.

– **خَوانچو (خونچو):** ذ. خوان – ننڍڙو دسترخوان. گهورڙين جي شين رکڻ لاءِ ٿالهه – ڪاٺ جو وڏو ويڪرو ٿالهه.

– **خَوانُ سَالارُ ج خَوانُ سَالارَ:** ذ. صفت. طعام ٺاهيندڙ – ڪاڏي تي نظرداري ڪندڙ – داروغو.

– **خَوانُ سَامَانُ ج خَوانُ سَامَانَ:** ذ. صفت. خان سامان – بورچي خاني جو نوڪر – ڪارائڻ پيارڻ جو سامان ڪٺندڙ. پنڊاري. عام مختيار. بورچين جي مٿان آفيسر.

– **خَوانِ نِعْمَتْ:** ث. لذيذ قسمن جي ڪاڌي جو خونچو – طرح طرح جي قسمن جي ڪاڌن وارو ٿانءُ.

• **خَوانْ:** صفت. [ف. خواندن = پڙهڻ] پڙهندڙ. ڳائيندڙ. مرڪبات جي آخر ۾ ٿو اچي؛ جيئن: ثناخوان، مدح خوان، نوحه خوان وغيره.

– **خَوانْدگِي:** ث. [ف]. پڙهائي – پڙهڻ جو ڪم.

– **خَوانْدَنْ:** مصدر. [ف]. پڙهڻ – علم سکڻ – لکڻ پڙهڻ جو هنر سکڻ. پروڙڻ – پُرجهڻ – ڄاڻڻ.

– **خَوانْدو:** ذ. صفت. [ف. خوانده = پڙهيل] تعليم يافته – عالم – ڄاڻندڙ. هوشيار – سمجهدار – چاتو – چتر – ڏاهو – عاقل – سنوڀرو – عقلمند – داناءُ – سياڻو.

– **خَوانِي ج خَوانِيُونْ:** ث. پڙهڻ جو ڪم – پڙهائي. هيءُ لفظ مرڪبات جي آخر ۾ ٿو ڪم اچي؛ جيئن: "قرآن خواني، مرثيه خواني وغيره".

• **خَواهْ:** صفت. [ف. خواستن = گهرڻ] گهرندڙ – گهورو – چاهيندڙ – طلبگار – طالبو – خواهشمند. مرڪبات جي آخر ۾ ڪم ايندڙ لفظ؛ جيئن: "خيرخواهه، بدخواهه وغيره". (حرف جملو) يا – يا ته – توڙي – توڻي. پڻ. چاهي – ڀيءُ حالت ۾ – نه ته – ڀنهي مان هڪڙو؛ جيئن: "فلاڻو خواهه فلاڻو".

– **خَواهَانْ:** صفت. چاهيندڙ – گهرندڙ – طالبو – طلبگار.

– **خَواهْ مَخَواهْ:** ظرف. هرويرو – اجايو – ريءَ گناهه – بنا ڏوهه – بي سبب – بي ڏوهه – بي واجبي – بنا ڪنهن سبب جي – خالي پيلي – لاچار – ناچار – بي وس – زوري – زبردستي – مجبوراً.

• **خَواهِشْ ج خَواهِشُونْ:** ث. [ف. خواستن = گهرڻ] گهُر – طَلَبَ – چاهُه – سَڌَ – اِڇا – مَنْشا – مرضي – ڪامنا – دل – چاهنا – گهُرَجَ – آرزو – تمَنّا. خيال – ارادو – نيّت – راءِ – اُڪير – شوق – حُبّ – اُڪند. مطلب – مقصد – مُراد.

– **خَواهِشْمَنْدُ ج خَواهِشْمَنْدَ:** ذ. صفت. گهُرندڙ – چاهيندڙ – طالبو – گهورو – خواهان – سَڌائتو – اِڇاوان – آسائتو. گهُرجائو – ضرورتمند.

• **خَواهَرُ:** ث. [ف]. ڀيڻ – همشيره – ڀيڻُر.

• **خُوبُ ج خُوبَ:** ذ. صفت. [ف]. چڱو – سٺو – ڀلو – بهترين – تمام سٺو – عمدو – سهڻو. ڀلارو – اُچو – اُتم – اعليٰ – نيڪ – لائق – وڻندڙ – پيارو – زيبا.

– **خُوب ڀلهارو ڪرڻُ (ت):** خوب ڪشمڪش ڪرڻ.

– **خُوبْ تَرْ:** صفت. وڌيڪ چڱو – وڌيڪ سٺو.

– **خُوبرُو ج خُوبرُوَ:** ذ. صفت. سهڻي شڪل وارو – سهڻو – خوبصورت – حَسين – مَلوڪُ – سُنْدر.

– **خُوبرُوئِي:** ث. شڪل جي سهڻائي – سونهن – حُسن سُندرتا – خوبصورتي.

– **خُوب سِيرَتُ:** ث. صفت. نيڪ سيرت – سٺن لڇڻن وارو – نيڪ اعمالن وارو – چڱن افعالن وارو – سٺين عادتن وارو – فضيلت وارو.

– **خُوبْ صُورَتُ:** ذ. صفت. سهڻي شڪل وارو – سهڻو – سُندر – حَسين – حُسن وَنْدُ – سوڀيا وان – ٺاهوڪو – وينگس – شڪيل.

– **خُوب صُورَتِي ج خُوب صُورَتِيُونْ:** ث. شڪل جي سهڻائي – سُونهن – حُسن – سُندرتا – سوڀيا.

– **خُوب نُمَا:** ذ. صفت. چڱو ڏسڻ ۾ ايندڙ – سهڻي ڏيک وارو. سٺي ڳالهه – سُنائي – عُمدائي.

– **خُوبِي ج خُوبِيُونْ:** ث. چڱائي – ڀلائي – بهتري – فائدو – نيڪي – لاڀُ – نفعو – ٿورو. سُندرتا – سُهڻائي – سُونهن – مَلوڪائي – سُياءُ – خصلت – خاصيت – گڻ. نيڪي – ناموس – ساراهه – واکاڻ.

• **خُوبَانِي ج خُوبَانِيُونْ:** ث. ميوي جو هڪ قسم – زَرْدالو.

• **خوجو ج خوجا:** ذ. صفت. ڪدڙو – مُخَنَّثُ.

Gul Hayat Institute

• **خُود:** ضمير. [ف]. پاڻ – پنڊ – پنهنجي سر – ذات – نَفس.

– **خُود آرائِيءَ:** ث. پاڻ کي سينگارڻ جي حالت – ناهه نوهه – هار سينگار. خود نُمائي – فخر – تڪبر.

– **خُود اِختيارُ:** ذ. صفت. خودمختار – پنهنجي وَس ـ روءِ سُوءِ ـ آزاد – ڇڙواڳ.

– **خُود اِختياري ج خُد اِختياريُون:** ث. خودمختاري – آزادي – ڇڙواڳي.

– **خُودْ بَخُودْ:** ظرف. پنهنجو پاڻ – ازخود – پاڻمرادو – پاڻهي – بنا چوڻ جي.

• **خُود بِينُ ج خُود بِينَ:** ذ. صفت. پاڻ کي ڏسندڙ – پاڻ کي پسند ڪندڙ – وڏائي خور – پاڻ کي وڏو سمجهندڙ – خود پسند – ايمانُ – هٺيلو – مغرور – پاڻ کي پڏائيندڙ.

– **خُودبِينِيءَ:** ث. پاڻ کي ڏسڻ جي حالت – خودپسندي – مغروري – غرور – تڪبر – هَٺُ – وڏائي – ايماني.

– **خُودنَما:** ذ. صفت. پنهنجي پاڻ واکاڻ ڪندڙ – پاڻ کي ساراهيندڙ – ٻٽاڪي. مغرور.

– **خُودنُمائِيءَ:** ث. پاڻ ساراهڻ جي حالت – آپ وڏائي – پنهنجي ساراهه – پنهنجي ساک.

– **خُودْ پَرَسْت:** ذ. صفت. پنهنجو پاڻ کي پوڄيندڙ – پنهنجي نفس جو پوڄاري. خودپسند – هٺيلو – مغرور – وڏائي ڪندڙ – ايماني – پڏڻو – ترڙو – ٻٽاڪي – هلڪي طبيعت وارو. خود مطلب.

– **خُودْ پَرسْتِيءَ:** ث. پنهنجو پاڻ پوڄڻ جي حالت. خودثنائي – خود پسندي. مغروري – وڏائي – هَٺُ – تڪبر. خودمطلبي.

– **خُودْ پَسَنْدُ:** ذ. صفت. پاڻ کي پسند ڪندڙ – پنهنجو پاڻ وڻندڙ. پنهنجو پاڻ کي هرويرو ٻين کان بهتر سمجهندڙ. پنهنجي مرضي مطابق هلندڙ. خودبين – خودنما – خودپرست.

– **خُودپَسَنْدِيءَ:** ث. پنهنجو پاڻ کي بهتر سمجهڻ جي حالت. خودرائي – خودبيني – خودثنائي – خودپرستي.

– **خُودارُ ج خُودْدارَ:** ذ. صفت. پنهنجو پاڻ رکندڙ – پنهنجي آبرو جو پاڻ خيال رکندڙ – غيور – غيرتمند – غيرت وارو. ٻين جي اڳيان پنهنجي گهٽتائي نه ڏيکاريندڙ – ٻئي جي محتاجي نه قبوليندڙ. گنڀير – سنجيده ـ صابر – بردبار.

– **خُودْداريءَ:** ث. پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ جي حالت – پنهنجي عزت – شخصيت – مان – شان – عزتِ نفس – غيرت. بي پرواهي – لاغرضي.

– **خود راءِ:** ذ. صفت. پنهنجي راءِ تي هلڻ وارو – پنهنجي مرضيءَ موجب هلندڙ – خودخيال – هٺيلو.

– **خُودْ رَفْتگِي ج خُودرَفْتگيُون:** ث. آپي کان ٻاهر نڪرڻ جي حالت – بي خودي – مدهوشي – بي خبري.

– **خُودْ رَفْتَه:** ذ. صفت. آپي کان نڪتل – آپي کان ٻاهر – مدهوش – بي خبر – بي خود – جنهن کي پنهنجي خبر نه پوي – هوش کان ٻاهر.

– **خُودْ رُوْ:** ذ. صفت. پاڻهي اُپرندڙ (جهنگلي ٻوٽا).

– **خُودْ سَاخْتَه:** ذ. صفت. پنهنجو جوڙيل – ناهيل – هٿ جو ناهيل – بنايل – پنهنجي مَنهن نهيل – پنهنجو پاڻ نهيل.

– **خُودْ سَتَائِيءَ:** ث. پنهنجي تعريف پاڻ ڪرڻ جي حالت – خودثنائي – ٻٽاڪ – ڏاڙ ـ پاڻ کي ڦُندائڻ.

– **خُودْ سَرُ:** ذ. صفت. سرڪش – ضدي – هٺيلو – هوڏي – خودراءِ ـ پنهنجي مرضيءَ موجب هلندڙ.

– **خُودسَرِيءَ:** ث. سرڪشي – ضِديت – هٺيلائي – تڪبر – خودرائي.

– **خُودْ غَرضُ ج خُودْ غَرضَ:** ذ. صفت. پنهنجي مطلب وارو – پنهنجي غرض وارو – پنهنجي ڪم وارو – غرضائتو – مطلبي – خود مطلبي. فقط پنهنجو فائدو ڳوليندڙ – لالچي.

– **خُودْ غَرضِيءَ:** ث. پنهنجو ڪم – پنهنجو مطلب – پنهنجو غرض – خود مطلبي – لالچ – پنهنجو فائدو سوچڻ واري حالت.

– **خُود فَراموشُ ج خُودْ فَراموشَ:** ذ. صفت. پاڻ کي وساريندڙ – غافل.

– **خُودْ فَراموشِيءَ:** ث. پاڻ کي وسارڻ واري حالت – غفلت.

– **خُودْ ڪامِيءَ:** ث. خود غرضي – خود مطلبي – فقط پنهنجي بهتري چاهڻ واري حالت.

– **خُود ڪشيِدُو ج خود ڪشيِدا:** ذ. صفت. پنهنجو پاڻ ڇڪيندڙ – موهيندڙ – تمام سٺو – بهترين.

– **خُود ڪُشِيءَ:** ث. پاڻ کي مارڻ جي حالت – آپ گهات – آتم هَتيا.

Gul Hayat Institute

– **خُود ڪُشِي ڪَرڻ:** پنهنجو پاڻ کي مارڻ _ آپ گهات ڪرڻ – آتم هتيا ڪرڻ.

– **خُود مُختيارُ ج خُود مُختيارَ:** ذ. صفت. پنهنجي مرضيءَ تي هلندڙ – خودخيال – خود راءِ. (مختار عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جو سنڌيءَ ۾ ڦري "مختيار" ٿيو آهي). اختيار وارو – ڇڙواڳ – آزاد – سُوتنتر – پابنديءَ کان آجو – بي پرواهه – بي ڪاٽيو. پنهنجي پيرن تي – پاڻ پرو – روءِ سُوءِ _ پنهنجيءَ وارو – هوند وارو – بي احتياج.

– **خُود مُختياري:** ث. آزادي – خودخيالي – بي پرواهي – لاپرواهي – ڇڙواڳي – شخصي حڪومت.

– **خُود مَطلَبُ ج خُود مَطلَبَ:** ذ.صفت. خود غرض – رڳو پنهنجو فائدو چاهيندڙ.

– **خُود مَطلَبِي:** ذ.صفت. خود غرضي – فقط پنهنجي شخصي ڀلائي چاهڻ جي حالت.

– **خُود نُما ج خُود نُمَا:** ذ. صفت. پنهنجو پاڻ ڏيکاريندڙ – ڏيکاٽو – ڏيکر – ڏيکي – آڏمبري. ضدي – مغرور – هنيلو – ترڙو – هلڪڙو.

– **خُود نُمائِي** ث. پنهنجي ڏيکائي ڏيڻ واري حالت – ڏيکاءُ – ڏيک – ڏيکر – اڏمبري. مغروري – شيخي – وڏائي – ضديت.

– **خُودِي ج خُودِيُون:** ث. پاڻ پڻو – آپو – شخصيت – انانيّت. وڏائي – ڪبريائِي. خود مختياري – خودسري. خود پسندي – خودبيني. خود داري. غرور – هَٺ. گهمنڊ – ايمان – تانءُ _ تنٻ. احساس برتري.

– **خُود يَاوَرِي:** ث. پنهنجي مدد – پنهنجي همت – پنهنجي مُڙسي.

– **خُوديُون وَرنِديُون ڏيڻ:** (ت) سامهون ٿيڻ – اجايا سجايا لفظ ڪڍڻ – لحاظ نه رکڻ.

• **خُودُ ج خُودَ:** ذ. [ف]. لڙائيءَ ۾ مٿي جي بچاءَ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ قسم جي لوهي ٽوپي يا ٽوپ – لوهه جو هول – مٿي جي زرهه – ڪَلنگِي – لوهو ٽوپلو (ت).

• **خُودبافُ:** ذ. [ف] گل جو هڪ قسم. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن ۾ گل اُڻيل هجن).

• **خُورُ:** ذ. [ف. 'خورشيد' مان تخفيف ٿيل] سج – آفتاب – سورج – مِهر – شمس.

• **خورُ ج خورَ:** صفت. [ف. 'خوردن' منجهان امر جو صيغو] کائيندڙ. مرڪبات ۾ استعمال ٿئي ٿو جيئن: "گوشت خور، رشوت خور، حرام خور وغيره."

– **خُوردُ:** ذ. کاڌو – چُوڻُو – قُوتُ.

– **خُوردونوشُ:** کاڌو پيتو – داڻو پاڻي.

• **خُورَاڪ ج خُورَاڪُون:** ث. [ف. خوردن = کائڻ] کائڻ جي شيءِ _ کاڌو – کانو – ماني – طعام – راشن – کاڄ – غذا – ڀوڄن – آهار. روزينه – راتبُ – چُوڻو – رسَدُ. اَڏقو – توشو – قُوت – گذران. جانورن جو کاڌو – چارو. عمدو کاڌو – مغزيات ڀيل کاڌو – طاقتور غذا – طاقتور شيءِ _ ڀوڳهڙو. (ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جو اصطلاح) هڪ وزن (دوا وغيره جو).

– **خُوراڪِي ج خُورَاڪِي:** ذ. صفت. خوراڪ وارو. سٺا ۽ طاقت وارا کاڌا کائيندڙ. طاقت واريون شيون (کاڌو ۽ دوائون وغيره) کائيندڙ. سُٺي کاڌي جو شوقين.

– **خُورِد:** ذ. صفت. ننڍو.

– **خُورِد بِيني ج خُورِد بِينِيُون:** ث. ننڍين شين کي وڏائي وڏو ڪري ڏيکاريندڙ اوزار.

– **خُوردوڪَلاَن:** ذ. صفت. [ف. ڪَلاَن = وڏو] ننڍا وڏا.

• **خُورِد بُردُ:** ذ. [ف. خوردن + بُردن = کڻي وڃڻ] هضم ڪرڻ جي حالت (پئسا، کاڌو وغيره) خيانت – بي ايماني ٺڳي – هڙپ – هضم – غبن – تَغَلّبُ. بي جا ڪاپو – فضول خرچ – بي جا تَصَرفُ (پئسن وغيره جو).

– **خُورد بردُ ڪَرڻ:** کائي ناس ڪرڻ. ڪنهن جا پئسا کائي وڃڻ – هضم ڪرڻ. بي ايماني ڪرڻ. خيانت ڪرڻ. ڪنهن سان ٺڳي ڪرڻ. بي جا ڪاپو ڪرڻ.

• **خُوردو ج خُوردَا:** ذ. [ف. خورد = ننڍو] ننڍو سِڪو – ننڍا سِڪا – ريجو – ريزو – ريزگاري.

• **خُورزِينَ ج خُورزِينُون:** ث. [ف] خُرجِين – ڪُرجِينَ – ڪرسَڻ.

• **خُورسَندُ:** ذ. صفت. [ف] خوش – سرهو. سُکي – آسودو – خُرمُ.

• **خُورِش ج خُورِشُون:** ث. [ف. خوردن منجهان] کائڻ جي شيءِ _ کاڌو – خوراڪ – غِذا – ڀوڄن – طعام – آهار – کاڄ –

Gul Hayat Institute

قوتَ – چارو – چوڳو – چُوڻو – داڻو – پالنا.

• **خُورْشِيدُ:** ذ. [ف] سج – سُورج – سوريہ – سج – مِهر – آفتاب – شمس – خاور – اِندرُ.

• **خُور کائِڻ:** کوڙ کائڻ – سَنَل ڪرڻ (پيس کوٽ راند ۾).

• **خُورْماڪِيُ:** اسم خاص. بلوچستان جو هڪ علائقو.

• **خُوش:** صفت. [ف. خُش = سرهو] سرهو – راضي – مگن – مَستُ – شاد – شادان – مسرورُ – خُرّم – نهال – پرسن – سُکي – سُکيو – آسودو – توانو – چاق – پڙُ – نوبنو – چڱو ڀلو – تندرست – آباد – سائو – سرسبز – تازو – شاداب. بخت وارو – بختاور – ڀاڳوان – سڀاڳو. وڻندڙ – چڱو – اُڇڪ – سُنو – عمدو.

– **خُوشَا:** حرف ندا. اي خوش! مبارڪ!

– **خُوش آبُ:** ذ. صفت. پاڻيءَ وارو – تازو. صاف – چمڪيدار – خوشابُ. مرڪبات ۾ هيءَ لفظ "دُرُ يا گوهَر" سان ڪم اچي. جيئن: "دُرِخوشاب" چمڪندڙ موتي."

– **خُوش آمَدَ:** حرف ندا. ڀلي ڪري آيا! مرحبا جو لفظ. ث. خُوشامد.

– **خُوش آمَدِيُ:** حرف ندا. استقبال جا لفظ. ڀلي ڪري آيا.

– **خُوش آوازُ ج خُوش آوازَ:** ذ. صفت. سُني آواز وارو. مِني آواز وارو. سُريلو.

– **خُوش آهَنگُ:** ذ. صفت. خوش آواز. مِني سُر وارو. سُريلو. ڪِل خوشيءَ سان ڪم ڪرڻ وارو.

– **خُوش آيَندُ:** صفت. خوش ڪندڙ – وڻندڙ – دلپسند – سنو – عمدو.

– **خُوش اَخلاقُ:** ذ. صفت. سُهڻن لڇڻن وارو – سُلڇڻو.

– **خُوش اُسلُوبُ:** ذ. صفت. سُني نموني وارو – خوش وضع. خوبصورت – عمدي طريقي وارو.

– **خُوش اُسلُوبِيُ:** ث. چڱو نمونو – سهڻي طرز – سُنيءَ طرح – عمدو طريقو.

– **خُوش اَطوارُ:** ذ. صفت. سُنين عادتن وارو – سُلڇڻو – سَليقہ مَندُ – سُگهڙُ – هٽن سچو – فضيلت وارو – تهذيب وارو.

– **خُوش اِقبالُ:** ذ. صفت. سڀاڳو – نصيب وارو – خوش نصيب – بخت وارو – بختاور – بامُراد – وڏي اقبال وارو.

– **خُوش اِلْحَانُ:** ذ. صفت. سهڻي آواز وارو – سُريلو – خوش آواز – خوش آهنگ – مِني آواز وارو.

– **خُوش اِلْحَانِيُ:** ث. خوش آوازي – مِنوآواز – سُريلائپ – سُريلائي.

– **خُوش اِنْتِظَامِيُ:** ث. عمدو بندوبست – سنو انتظام.

– **خُوش اَندامُ:** ذ. صفت. سهڻين وصفن وارو – سهڻي شڪل وارو – شڪيل – خوبصورت – ڊولائتو – سَڊول.

– **خُوش بَاشُ:** صفت. پنهنجي خوشيءَ سان رهندڙ – سهنجو – سُکيو – آسودو. راضي. تندرست – نوبنو. بي پرواهہ – بي فڪر.

– **خُوشبُوءِ ج خُوشبُوْيُونْ:** ث. سُني بانس – وڻندڙ بوءِ – سُني بوءِ – سُڳنڌ – سُرهاڻ – سُرهائي – هَڳاءُ – هُبڪار – مَهڪَ. عطر – خوشبوءِ.

– **خُوشبُودارُ ج خُوشبُودارَ:** ذ. صفت. سُني بوءِ وارو – سُرهو – سُڳنڌُ – مُعطر. خوشبوءِ دار.

– **خُوشبُوءِ ج خُوشبُوئِيُونْ:** ث. خُوشبُو.

– **خُوش بَيَانُ:** ذ. صفت. سُني نموني ۾ ڳالهہ ڪندڙ – خوش ڪلام – شيرين گفتار. عمدي تقرير ڪندڙ – ڳالهائڻ جو فصيح ۽ بليغ.

– **خُوش بَيَانِيُ:** ث. تقرير جي عمدگي – خوشگفتاري – فصاحت – بلاغت.

– **خُوش تَقرِيرُ:** ذ. صفت. عمدي تقرير ڪندڙ – خوش بيان – خوش گفتار – خوش آواز – فَصِيحُ.

– **خُوش ٿيڻُ:** راضي ٿيڻ – سَرهو ٿيڻ – شاد ٿيڻ – ڪِلڻ.

– **خُوش پوشاڪُ:** ذ. صفت. سُنو لباس پهريندڙ – سفيد پوش. سُنن ڪپڙن وارو – سکيو ستابو – آسودو.

– **خُوش جِيئرُو ج خُوش جِيئرا:** ذ. صفت. خوش باش – خوش – شاد – سَرهو. خوش خلق – خوش مزاج. ڪِلڻو – ڪِلمُک – ڪِل مُنهُون – ڪلائيندڙ – فرحتي – سهجو. مزيدار – وڻندڙ.

– **خُوش حَالُ ج خُوش حَالَ:** ذ. صفت. سُني حال وارو – سُني حالت وارو – آسودو – سکيو – خوش – سرهو. امير – تونگر.

– **خُوش حَالِيُ ج خُوش حَالِيُونْ:** ث. آسودگي – سُکيائي – خوش – سرهائي – هوند – مُسرتُ – ثَروتُ.

– **خُوش خَبَرُ:** ث. سُني خبر – وڻندڙ – ڳالهہ – بَشارتُ.

Gul Hayat Institute

— **خُوش خَبْرِي:** ث. سُني ڳالھ — خوشيءَ واري ڳالھ — وڻندڙ خبر — بشارت — نَويد.

— **خُوش خَبْرِي ڏيڻ:** بشارت ڏيڻ — مبارڪ ڏيڻ.

— **خُوش خَرامُ:** ذ. صفت. سھڻو هلندڙ — ناز سان آهستي هلندڙ — خوش رفتار. ٺِلَندڙ.

— **خُوش خَرامِي:** ث. سھڻي هلت — آهستگيءَ سان هلڻ جي حالت — ناز وارو هلڻ — ٺيلارو.

— **خُوش خِصَالُ:** ذ. صفت. خُوش اَطوار — سھڻين عادتن وارو — سھڻين خصلتين وارو.

— **خُوش خَطُ:** ذ. سنو لِکڻ — عمدي تحرير — سھڻا اکر. صفت. سھڻا اکر لکندڙ — سُنو لکندڙ. عمدا اکر لکڻ وارو.

— **خُوشخَطِي ج خُوشخَطِيُون:** ث. ڪِتابَت — سھڻي لکڻي. عمدي تحرير. سھڻا اکر.

— **خُوش خُلقُ:** ذ. صفت. سُني سَڀاءَ وارو. خوش اَخلاق. صاحب اخلاق. سُنين عادتن وارو. سُلڇڻو — ڪِلمُڪ — خوش طبع — رلڻو ملڻو — لحاظ وارو. مروّت وارو.

— **خُوش خُوَ:** ذ. صفت. سُني سَڀاءَ وارو. سني خصلت وارو.

— **خُوش خوراڪُ ج خُوش خوراڪَ:** صفت. عمدو ۽ لذيذ کاڌو کائيندڙ. سنو کاڌو کائيندڙ — خوش غذا. خوش گذران. مڇي مانيءَ وارو. ڇَشڪن تي هِريل. پيٽَ لَٽُ.

— **خُوش خيالُ:** ذ. صفت. عمدن خيالن وارو. خوش فِڪر — شاعر — مُصَنِّفُ.

— **خُوش دِلُ:** ذ. صفت. خوش — شادان — مگن — مَستُ — بشاش — رَلڻو ملڻو — ڪِلمُڪ — چرچائي — گهَبائي — خوش ڪندڙ — وڻندڙ. خوش جيئڙو — زنده دل — مذاقي.

— **خُوش دِلِي:** ث. خوشي — مزو — فرحت — لذّت — ذوق — لطف — وندر — دلپسندي — خاطري — راضپو — زنده دلي — چرچا گهَبا.

— **خُوش دِماغُ ج خُوش دِماغَ:** ذ. صفت. خوش خيال — هوشمند — سمجهدار — عقل وارو.

— **خُوش ذائِقَه:** ذ. صفت. سُني سواد وارو. لذّت وارو — ذائقي وارو — لذيذ — سوادي — مزيدار.

— **خُوش رَفتارُ:** ذ. صفت. سني چال هلندڙ.

— **خُوش رَنگُ:** ذ. صفت. سنو ۽ چِهرو رنگ. وڻندڙ رنگ وارو. شوخ رنگ.

— **خُوش زَباني:** ث. خوش بياني — چترائي — مِٺو ڳالهاءُ.

— **خُوش طَبْعُ ج خُوش طَبْعَ:** ذ. صفت. سُني طبيعت وارو. چرچائي — مذاقي — ڪِلمُڪ — زنده دِل — پوڳائي — ظريف — مسخرو — کلائيندڙ.

— **خُوش طَبْعِي:** ث. چرچو گهبو — کِل مسخري — ڪِلمُڪائي — خوش مزاجي — ظرافت — مسخري — چرچا مسخري — روح رهاڻ.

— **خُوش طِينَتُ:** ذ. صفت. نيڪ خصلت — خوش اطوار — نيڪ طبيعت.

— **خُوش عِنانُ:** ذ. صفت. [عَنان = واڳ] سهڻي خصلت وارو — مُطيع — فرمانبردار. گهوڙو — اشاري سان هلندڙ گهوڙو — اصيل گهوڙو.

— **خُوش قِسمَتُ:** ذ. صفت. سُني بخت وارو. سڀاڳو — بختاوَر — خوش نصيب.

— **خُوش قِسمَتِي:** نيڪ بختي — سَڀاڳ — خوش نصيبي.

— **خُوش قَلَمُ ج خُوش قَلَمَ:** ذ. صفت. سھڻو لکندڙ — خوش خط.

— **خُوش ڪَرڻُ:** راضي ڪرڻ — سَرهو ڪرڻ — نِهال ڪرڻ — مسرور ڪرڻ — فرحت ڏيڻ. تَسڪين ڏيڻ.

— **خُوش گُذرانُ ج خُوش گُذرانَ:** ذ. صفت. سني گذران وارو — خوش خوراڪ.

— **خُوش گُفتارُ ج خُوش گُفتارَ:** ذ. صفت. سُنيءَ طرح ڳالهائيندڙ — خوش بيان.

— **خُوش گُلُو:** ذ. صفت. [ف. گُلو = گِلو — نڙي] خوش الحان — سُريلو.

— **خُوش گوارُ:** صفت. مزيدار_ مفيد — نِرويو — لذيذ — وڻندڙ — دلپسند — صحت بخش — فائدي وارو — هضم ٿيڻ جهڙو — زُود هضم. اُها شي جنهن جي کائڻ سان طبيعت خوش ٿئي.

— **خُوش لِباسُ ج خُوش لِباسَ:** ذ. صفت. سني پوشاڪ وارو — خُوش پوشاڪ — سفيد پوشاڪ.

— **خُوش مِزاجُ ج خُوش مِزاجَ:** ذ. خوش طبع — سهڻي سڀاءَ وارو.

— **خُوش مُعامِلُ:** ذ. صفت. سٺن ڪمن وارو. ڪمن ۾ چڱو هلڻ وارو. چڱي هلت وارو. ڏيتي ليتيءَ جو صاف.

— **خُوش نَصِيبُ ج خُوش نَصِيبَ:** ذ. صفت. سني ڀاڳ وارو.

Gul Hayat Institute

نصيب وارو. خوش قسمت. ڀاڳوان. نيڪ بخت.

– **خُوشْ نَصِيْبِيْ:** ث. خوش قسمتي – نيڪ بختي.

– **خُوشْ نُمَا:** ذ. صفت. سٺو ڏسڻ ۾ ايندڙ – خوبصورت – دلچسپ – وڻندڙ – سهڻو – زيبائتو.

– **خُوشْ نُمَائِيْ:** ث. زيبائش – ڏيک ويک. دلچسپي.

– **خُوشْنُوْدُ:** ذ. صفت. خُوشْ – خُـرّم – راضي – نهال – سُکي – آسودو. خوش باش – خوش خُرّم – سَهجو – هوند وارو.

– **خُوشْنُودِيْ:** ث. خوشي – آنند – فرحت – راضپو – رضامندو. مرضي.

– **خُوشْ نَوِيْسُ ج خُوشْ نَوِيْسَ:** ذ. صفت. عمدو لکندڙ – خوش خط – عمدو ڪاتب – سٺا اکر لکندڙ.

– **خُوشْ نِيَّتْ:** ذ. صفت. سٺي نيّت وارو – نيڪ نيّت – ايماندارُ. ديانتدارُ – خيرخواه.

– **خُوشْ نِيتِيْ:** ث. ايمانداري – نيڪ نيّتي – خير خواهي.

– **خُوشْ وَخُرّمُ:** صفت. شادان و فرحان – خوش باش – چڱو ڀلو – شاد – آنند – سَرهو – تندرست.

– **خُوشْ وَقْتُ:** ذ. ظرف. خوشحال – آسان زندگي – آسودگي.

– **خُوشِيْ ج خُوشِيُوْنْ:** ث. سُک – ڪلياڻ – آنند – پرسنتا – آسودگي – سُرور – مُسَرّت – سَرهائي – منگل. راحت – بهاري – مزو – اُمنگ – لذت – فرحت – وندر – لطف – ذوقُ – مؤج. عيش پسندي – ڀوڳ بِلاسُ – شادماني. مرضي – رضامندو – راضپو. بي فڪري. (ميانوال طريقي ۾) ڏنڊُ.

– **خُوشِيْ جِيْئـَڙو ج خُوشِيْ جِيئـَڙا:** ذ. صفت. خُوش جِيْئـَڙو – ڪلمُکْ.

– **خُوشِيءَ سَانْ:** ظرف. ڏاڍي اُمنگ ۽ چاهه سان – مرضيءَ سان – رضامندي سان.

– **خُوشِيْ مَلهَائِڻُ:** خوشي ڪرڻ.

• **خُوشَامَدِ:** ث. [ف] چاپلوسي – چَٽَ – ڏاڍر. اجائي ساراهَ – ڪوڙي تعريف. مرحبا – آدرڀاءُ – خاطرداري. نازبرداري.

– **خُوشَامَدْڙِيو ج خُوشَامَدڙِيا:** ذ. صفت. خوشامد ڪندڙ – چَٽَ ڏيندڙ – چاپلوسُ – خوشامدي.

– **خُوشَامَدْ ڪَرَڻُ:** چاپلوسي ڪرڻ – چَٽَ ٻَڌَڻُ. مرحبا ڪرڻ – آدر ڀاءُ ڪرڻ.

– **خُوشَامَدِيْ ج خُوشَامَدِيْ:** ذ. صفت. خوشامدڙيو.

• **خُوْشَہْ:** ذ. [ف]. سَنگُ (ڪنهن ٻوڪ جو). ڇڳو (انگورن، ڊاک وغيره جو). پکيءَ جو هڪ قسم. اِنْدَلَٽ.

– **خُوشَہْ چِيْنُ:** ذ. صفت. [ف. چين = چونڊيندڙ] ٻين کان فيض حاصل ڪندڙ. ٻين جي ڪلام وغيره مان ڪجهه ڪٽندڙ يا چونڊيندڙ. رهيل کهيل ڪٽڻ وارو.

• **خُوشِيْ ج خُوشِيُوْنْ (ڪ):** ث. ٻڪريءَ جي رنگ جو هڪ قسم – ڪَنن ڪڙي ٻڪري.

• **خُوشِيْرُوْ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **خَوضُ:** ذ. [ع. خَوضَ > خَاضَ = هُن ٽٻي هنئي] پاڻيءَ ۾ ٽُٻي هڻڻ جي حالت – غوطو – ٽٻي. ڪنهن ڳالهه جي ڳُٽي – ڳوڙهو ويچار – فڪر – ويچار – غور – سوچ – ڌيان – ڳَـڻَ ڳوت.

• **خَوْفُ ج خَوْفَ:** ذ. [ع. خَافَ = هو ڊڄي ويو] ڊپ – ڀَو – ڊاءُ – هول – ڊِڄُ – هيبت – ڏَرُ – خطرو – انديشو – دهشت – هِراس – اُڌڪو – اُلڪو.

– **خَوْفَائِتوْ ج خَوفَائِتَا:** ذ. صفت. ڊپ وارو – ڀَوْ وارو – ڀوائتو – خوفناڪ – هيبت ناڪ – خطرناڪ – ڀيانڪ.

– **خَوفُ زَدَہْ:** ذ.صفت. ڊپ ۾ پيل – هِراسيل – ڊِنَل.

– **خَوفُ ڪَرَڻُ:** ڊڄڻ – ڊپ ڪرڻ. انديشو ڪرڻ. رحم ڪرڻ – ترس کائڻ.

– **خَوْفـَنَاڪُ ج خَوْفَنَاڪَ:** ذ. صفت. ڊپ وارو – ڀوائتو – ڊپائتو – ڊيڄاريندڙ – هيبت وارو – ڀَيانڪ – خوفائتو.

• **خُوْڪُ:** ذ. [ف] هڪ جانور جو قسم – سُوئَرُ – مِرونْ – خنزِيْرُ.

• **خَوْلُ ج خَولَ:** ذ. [ف] مٿيون غلاف (تلوار وغيره جو). مياڻ – ڪوپو.

• **خَوْلِسَرُ:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. چوٽيءَ وارو هڪ پکي.

• **خُوْمَاڻُ ج خُوْمَاڻَ (ت):** ذ. [ف. خَوانْ = دسترخوان] گهڻو ۽ سٺو کاڌو.

– **خُومَاڻُ کائِڻُ:** سٺو کاڌو کائڻ.

• **خُوْمِچوْ ج خُوْمِچَا:** ذ. [ف. خَوانْچَہْ = خونچو – خومچو] کاڌي رکڻ جو وڏو ٿالهه. طَبَقُ – ٿاٽِ _ لـغَنُ – خوانچو.

• **خُوْنُ ج خُوْنَ:** ذ. [ف] ساهه واري جي بدن جي پاڻيٺ ـ رتُ — لـَهُو — لوهُوْ. ڪنهن ساهه واري کي مارڻ جي حالت. جيئن هتيا — مَردُم ڪُشي — موت — ڪوس — خونريزي. اولاد — عزيز — عزازت — مائٽيءَ جو ناتو — نسل — پيڙهي — ذات.

• **خُوْنُ آشَامُ:** ذ. صفت. رت جو پياسي — خونخوار.

— **خُوْنَ آلُـوْدُ:** ذ. صفت. رت ۾ ٻريل — رتورت — رت ٿيل. رت لڳل — رت سان گڏيل. اسم خاص. گل جو هڪ قسم (جو رات جو سُرهاڻ ڏيندو آهي).

— **خُوْنَابُ:** ذ. رت وارو پاڻي. رت جا ڳوڙها. ڳاڙهو رنگ.

— **خُوْنُ اَفْشَانُ:** ذ. صفت. خون وهائيندڙ.

— **خُوْنُ اَفْشَانِيُ:** ث. رت وَهائڻ جي حالت. رتو ڇاڻ — خونريزي.

— **خُوْنُ بَارُ:** ذ. صفت. (ف) رت وَهائيندڙ (هيءُ لفظ اڪ سان گڏ گهڻو ڪري استعمال ٿيندو آهي. جيئن: "چشمِ خونبار" وغيره). رت روئڻ.

— **خُوْنُ بِگـَڙڻُ:** رت خراب ٿيڻ — ڪوڙهه يا جذام ٿيڻ.

— **خُوْنُ بَهَا ج خُوْنُ بَهَائُوْنُ:** ث. خون جي قيمت. رت جو عيوضو. مقتول جي وارثن کي خون جي عيوض مليل نقدي. مقتول جي عيوضي جي رقم.

— **خُوْنُ ٿـِيڻُ:** قتل ٿيڻ — مارجڻ — زخمي ٿيڻ.

— **خُوْنُ پَاڻِيُ هِڪُ ڪـَرڻُ:** گهڻا خون ڪرڻ. رت کي پاڻيءَ وانگر وهائڻ. گهڻي خونريزي ڪرڻ. سخت محنت ڪرڻ.

— **خُوْنُ پِيئَڻُ:** رت پيئڻ — خون چوسڻ — قتل ڪرڻ — ستائڻ — تنگ ڪرڻ — ڪڪ ڪرڻ.

— **خُوْنُ پِيئِـڻُ:** جوش يا ڳُتيءَ ۾ ڳرندو رهڻ.

— **خُوْن جَامُ:** ذ. ڳاڙهو شراب.

— **خُوْن جِگـَرُ:** ذ. صفت. جگر جو رت.

— **خُوْن جِگـَرُ پِيئَڻُ:** غصو کائڻ. غم کائڻ. رنج کڻڻ. سخت محنت ڪرڻ.

— **خُوْن جو پِيَاسِيُ:** ذ. صفت. جاني دشمن.

— **خُوْن جو پياسي هُئَڻُ:** سخت دشمن هئڻ.

— **خُوْن جو جَوْشُ:** ذ. مائٽيءَ جو جوش. رشتہ داريءَ جو جوش. خانداني محنت.

— **خُوْنَ جو دَوْرُو:** ذ. رت جو جسم جي اندر ڦيرو. رت جو دَورو.

— **خُوْنَ جو عِيوَضُ:** ذ. قصاص (جان جي عيوض جان). خون جو بدلو.

— **خُوْنَ جِيُ بُوْ اَچڻُ:** دشمنيءَ جا اهڃاڻ اچڻ.

— **خُوْنُ چِڪَانُ:** ذ. صفت. رت وَهائيندڙ — رت ٽمائيندڙ — رَت ۾ ٻڏل — خونريز.

— **خُوْنُ چِڪـَانُ:** ذ. صفت. ڏسو "خُون چڪان".

— **خُوْنُ خَـرَابُو ج خُوْنُ خَـرَابَا:** ذ. خونريزي — رتوڇاڻ — مارَڪُٽَ — جنگ — فساد.

— **خُوْن خَرُوسُ:** ذ. ڪُڪڙ جو رت. ڳاڙهو. شراب.

— **خُوْنُ خُشْڪُ ٿيَڻُ:** هراسجي وڃڻ. ساهه سُڪي وڃڻ. خوف ڇانئجي وڃڻ. خوف طاري ٿيڻ.

— **خُوْنُ خُوارُ:** ذ. صفت. رت پيئندڙ — رت پياڪ — رت جو پياسي. ظالم — وَحشي — هتيارو — قاتل — ڪِيس ڪندڙ — خوني — جَلاد — سناڪ — بي رحم — رهزن. وڏو دشمن.

— **خُوْن فِشَانُ:** ذ. صفت. رت وَهائيندڙ — رت ٽمائيندڙ.

— **خُوْن ڪَبُوتـَرُ:** ذ. صفت. ڳاڙهو شراب.

— **خُوْنُ ڪَرڻُ:** قتل ڪرڻ — هتيا ڪرڻ — ڪِيس ڪرڻ — ڪُهڻ — مارڻ.

— **خُوْنُ نَابُ:** ذ. رت جا ڳوڙها — خالص رت — نج رت. پاڻيءَ ۾ مليل رت. صفت. ڳاڙهو — لال — سُرخ.

— **خُوْنُ وَهائڻُ:** رت وهائڻ — رت ڳاڙڻ — رتوڇاڻ ڪرڻ — گهڻا خون ڪرڻ.

— **خُوْنُ وَهڻُ:** رَتُ وهڻ — قتل ٿيڻ.

— **خُوْنِيُ ج خُوْنِيَ:** ذ. صفت. اُهو شخص جنهن ڪنهن کي ماريو هجي — قاتل — قتل ڪندڙ — ماريندڙ. ظالم — هتيارو — بي رحم — جَلاد — هڇارو — رَهْزن.

— **خُوْنِيُ دَسْتُ:** ذ. رت جو دست — پيچش.

— **خُوْنِيـنُ:** ذ.صفت. خون وارو — رت وارو — رت جو. رت سان نسبت رکندڙ. خون آلوده ـ رت ۾ ٻريل. صفت. ڳاڙهو — لال — سُرخ.

• **خُوْنچُوْ ج خُوْنچَا:** ذ. [ف. خوانچہ = ننڍڙو ٿالهہ] مانيءَ جي ننڍن ٿاوَن کڻڻ لاءِ ٿالهہ يا مستطيل نموني تي ٺهيل ڪاٺ جو تختو — دسترخوان — خُومچو — ڪُومچو — خوانچو. (ڪڇي محاوري ۾) ڪِيسو — جيب — ڪَوندو (ڪ).

Gul Hayat Institute

– **خَيْرِي ج خَيْرِيَ:** ذ. صفت. خير جو. سلامتيءَ جو – چڱو – نيڪيءَ وارو – امن وارو. مفت جو.

– **خَيْرِيَتْ:** ث. نيڪي – ڀلائي – چڱائي. امن. سلامتي. تندرستي – عافيت.

• **خَيْرات ج خَيْراتُوْنْ:** ث. [ع. 'خير' جو جمع] نيڪيءَ جا ڪم – نيڪيون – ڀلايون – چڱو ڪم. دانُ – پُڄ. امداد – بخشش – بکيا – بيک. پِنَ – خير. صدقو – لنگر – زڪوات.

– **خَيْراتِ خَانُو ج خَيْراتِ خانا:** ذ" صفت. دان ڪرڻ جي جاءِ – محتاج خانو – لنگر خانو.

– **خَيْراتِ ڏِيڻُ:** خدا ڪارڻ ڏيڻ – دان ڏيڻ. مفت ڏيڻ. صدقو ڏيڻ.

– **خَيْراتِي ج خَيْراتِيَ:** ذ. صفت. خدا ڪارڻ جو – دان جو – صدقي جو. مفت جو. جيئن "خَيراتِي مال. خَيراتي اسپتال" وغيره.

• **خَيْرو:** ذ. [ع] گل جو هڪ قسم – خَطمِي.

• **خِيْرِهْ:** ذ. صفت. [ف] اونداهيءَ وارو – اونداهو. ڪيني وارو – ويري – بدخواهه – مغرور – شوخ – گستاخ. پريشان – حيران.

– **خِيرگِي:** ث. اکين اڳيان انڌاري – اونداهه – ڪاراڻ – پريشاني – عداوت ويرُ.

• **خَيْرِيُ:** ذ. [ع] ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.

• **خَيرِيجَات:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **خِيْزْ:** ذ. امر [ف. مصدر: برخاستن = اُٿڻ] اُٿ – ڪڙو ٿيءُ. صفت. اُٿاريندڙ – پيدا ڪندڙ. (مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ. جيئن "زرخيز. مردم خيز وغيره") – اُٿڪ – ٽپو – چال – ٻِڏُ – چلا نگ – ٻُل. جيئن: "ڏِيان خيزُ خِزان ۾. بي تومَنجهه بَهار" (شاهه).

• **خيزران:** ذ. [ف] وڻ جو هڪ قسم. بيدُ – نيٽُ.

• **خَيْل:** ذ. [ف. ع] گهوڙو – گهوڙيسوار – سُوار. سُوارن جو جنگي رسالو. فوجي سُوار. جماعت – پارٽي – ميڙ – انبوهه – ٽولو.

• **خِيْمو ج خِيمَا:** ذ. [ع. خَيمَهٗ] تنبو – وڏو تنبو – ڪيمو – شاميانو – سائبان. ڪپڙي جو ٺهيل گهَرُ.

• **خِيمَا ڪوڙڻ:** تنبو ڪوڙڻ – منزل ڪرڻ – رهائش اختيار ڪرڻ.

– **خَيْمَهٗ:** ذ. [ع] خيمو – تنبو.

– **خَيمَهٗ دوزُ ج خَيمَهٗ دوزَ:** ذ. صفت. تنبو سِبَندڙ يا تيار ڪندڙ – خَيّامُ.

– **خَيمَهٗ گاهُ ج خِيمَهٗ گاهَ:** ذ. منزل ڪرڻ جي حد. تنبن واري جاءِ. تنبن ڪوڙڻ واري جاءِ.

Gul Hayat Institute

• **ڏاهيڄا (ت):** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڏاهيچي:** اسم خاص. ضلعي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏات ج ڏاتون:** ث. [سن. ڏا = ڏيڻ] ڏات.

• **ڏاتا ج ڏاتا:** ذ. صفت. [سن. داتا > دان ڏيڻ] ڏيندڙ – ڏيڻ وارو – ڏاتا – ڏاتار. خيرات ڪندڙ. بخشش ڏيندڙ – داني. سخاوت ڪندڙ – سخي. درياءَ دِل – اُدارَ چِتُ – فراخ دِل – فَيّاض. جيئن "ڏاتا ونان نہ دان ڪي، ونئُن ڦيرائي فيل" (شاهہ). روزي ڏيندڙ – رَزّاق – رازِقُ. خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو. ڏتي – خدا _ الله. درويش – فقير _ گـُرو – مرشد.

– **ڏاتارُ ج ڏاتارَ:** ذ. صفت. ڏاتا – ڏاتار.

– **ڏاتو ج ڏاتو:** ذ. صفت. ڏاتا.

• **ڏاڄ ج ڏاڄون:** ث. [ع. دُجة = سخت اونداهي] اُنڌاهي – ڪاراڻ – پِنَيَ – اُونداهي رات.

• **ڏاڇو ج ڏاڇا:** ذ. صفت. ميرو – غَلِيظ – گَدلو (ل. ق).

• **ڏاڇو ج ڏاڇا:** ذ. صفت. گيڙوءَ رَتو – ڏاءَ ڏنل – ڪَڪو ڳاڙهو رنگ ڏنل. اوني رنگ جو سادو ڪپڙو. ڪَڪو ڳاڙهو صوف. پڳنُون. ميرو – غَلِيظ – گـَدلو (ل. ق).

• **ڏاخـرُ ج ڏاخـرَ:** ذ. صفت. ڳائيندڙ – راڳيندڙ.

• **ڏاخِل. داخِلُ:** ذ. صفت. [ع. داخِل] اندر ايندڙ – پهچندڙ – گهڙندڙ – حاضر ٿيندڙ. گهڙيل – شامِلُ – وِڌل – پيل – اندر ڪيل. ظرف. اندر – وِچ ۾ _ منجهہ. صفت. لکيل – نُونڌيل – درج ڪيلُ (بل وغيره).

– **ڏاخلا ج ڏاخلائُون:** ث. اندر پهچڻ جي حالت. اندر اچڻ جي حالت. رَسائي – پُهچ – سُپردگي – حوالِگي. (ليکي جي ڪتاب ۾) داخل ڪرڻ جي حالت – لکيت – نُوڌ. اسڪول ۾ تعليم لاءِ نالي شامل ٿيڻ جي حالت.

– **ڏاخلا فِيءَ:** (في = fee) ث. ڪنهن بہ اداري ۾ نالي داخل ڪرائڻ جي فِي.

– **ڏاخِلُ ٿيڻُ:** اندر اَچڻ – اندر پوڻ – منجهہ ٿيڻ – گهڙڻ – پوڻ. شامل ٿيڻ – شريڪ ٿيڻ – جمع ٿيڻ (پئسن وغيره جو حساب ڪتاب ۾). رجسٽر ۾ لکجڻ. پهچڻ.

– **ڏاخِلُ دفتر ٿيڻُ:** آفيس ۾ لکپڙهہ ڪي بنان ڪارروائي جي رکي ڇڏڻ. رفع دفع ٿيڻ. ڪنهن ڳالهہ جو دبجي وڃڻ. درخواست تي ڪو بہ تدارڪ نہ ٿيڻ.

– **ڏاخِلُ دفتر ڪـرڻُ:** ڪنهن ڪاغذ کي بنان ڪاروائي جي رکي ڇڏڻ. درخواست وغيره تي غور نہ ڪرڻ.

– **ڏاخِلُ ڪـرڻُ:** اندر ڪرڻ – گهيڙڻ – گهيڙائڻ – وجهڻ – اُماڻڻ – لنگهائڻ. شامل ڪرڻ – ملائڻ – گڏڻ – جمع ڪرڻ – گڏ ڪرڻ. رجسٽر تي نالو وغيره لکڻ – درج ڪرڻ – لکڻ.

– **ڏاخِلو:** ذ. اندر گهڙڻ جي حالت – ڏاخلا – اندراج – شموليت. ڏسو "داخلا".

– **داخِليُ ج ڏاخِليُ:** صفت. اندريون – اندروني – گهريلو – خانگي – گهر جو (معاملو). داخل.

• **ڏاد (ڪ):** ذ. پکيءَ جو قسم. گـُونهہُ خورُ.

• **ڏادُ ج ڏادَ:** ذ. ف. انصاف – عدل – نياءُ آچار – فيصلو – نِبيرو. تدارڪُ – بِلو – پيٽِي. فرياد – بدلو – عيوضو. سچائي – دريافت – ڪوجنا – پُڇا ڳاڇا _ عطا – بخشش – سوکڙي. آفرين – واهہ واهہ _ تَحسِين – مرحبا – شاباس.

– **ڏادُ ٿيڻُ:** انصاف ٿيڻ. عدل ٿيڻ.

– **ڏادُ خواهُ:** ذ. صفت. انصاف گهرندڙ – فيصلي لاءِ سُوالي – فريادي – دعويدار – مُدعي – دانهين.

– **ڏادُخواهِيُ ج ڏادُخواهِيُون:** ث. فرياد – دعويٰ – دانهن – پُڪار. انصاف لاءِ فرياد.

– **ڏادُ دَورُ:** ذ. عدل ۽ انصاف وارو زمانو – سُکيو وقت – آوَج وارو وقت – فتح منديءَ جو وقت.

– **ڏادُدَهِش (ف):** ث. سخا و ڪرم – مهرباني ۽ بخشش – خير و خيرات – سخاوت – دان پُڄ – عَطيہ.

– **ڏاد ڏيڻُ:** انصاف ڏيڻ – انصاف ڪرڻ – عدل ڪرڻ – تَحسِين ۽ آفرين ڪرڻ – آفرين ڏيڻ – شاباس ڏيڻ – هِمّت افزائي ڪرڻ – قابليت جو اعتراف ڪرڻ.

– **ڏاد رسِي ج ڏادَ رسِيُون:** ث. انصاف – فيصلو – نياءُ – آچار – نِبيرو – تدارڪ – بِلو – پيٽِي – دريافت – ڪوجنا – حقَ رَسِي.

– **ڏاد فَرياد:** ذ. عدل انصاف. واويلا – دانهَن ڪُوڪَ – فرياد ٻُڌي انصاف ڪرڻ جي حالت.

– **ڏاد فَرياد ڪـرڻُ:** ظلم جي بي انصافي کان دانهون ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– **دارُ الاَرشَادِ**: ذ. حڪم جو گهر – فرمان ملڻ جي جاءِ ـ حڪم جاري ٿيڻ جي جاءِ.

– **دارُ الاِقامه**: ذ. رهڻ جي جاءِ ـ بورڊنگ هائوس.

– **دارُ الاَمارَتِ**: ذ. تخت گاهه. ڪنهن بادشاهه يا امير جي رهڻ جي جاءِ.

– **دارُ الاَمانِ**: ذ. سلامتيءَ جي جاءِ (جتي لڙائي يا فساد نہ هجي).

– **دارُالاَمْنِ**: ذ. امن جو گهر – چَيْنَ ۽ آرام سان گذارڻ – سلامتيءَ وارو هنڌ – اُهو ملڪ جتي مذهب ۾ دست اندازي نہ ٿئي.

– **دارُالْبَقَا**: ذ. قائم رهندڙ گهر – هميشگي وارو هنڌ. عالم بالا – بيو جهان – هُوءَ دنيا – اڳيون جهان. پرلوڪ.

– **دارُالْبَوارِ**: ذ. تباهيءَ جي جاءِ ـ موت جو گهر يعني دوزخ.

– **دارُالْجَزاءِ**: ذ. بَدلي جو گهر – عالَمِ آخرت – نيڪ يا بَد ڪمن جي عيوضي ملڻ واري جاءِ.

– **دارُالْحَـرْبِ**: ذ. لڙائي جو گهر – جنگ جو هنڌ – اهڙو گهر جتي لڙائي جائز هجي – اُها جاءِ جتي مذهبي فرض ادا ڪرڻ ڏوهہ هجي – ڪافرن جو مُلڪ – انهن ماڻهن جو مُلڪ جن اسلام تي ايمان نہ آندو هجي.

– **دارُالْحُڪُومَة**: ذ. گاديءَ جو هنڌ – تخت گاهہ – مرڪزِ حڪومت – پايہ ٔ تخت – صدر مقامُ – دارالسّلْطَنَتْ.

– **دارُالْخِلا فَہْ**: ذ. گاديءَ جو هنڌ – تختگاهہ – راڄڌاني. دارالحڪومة.

– **دارُالسُّرُوْرِ**: ذ. خوشيءَ جو گهر – بهشت – جَنَت.

– **دارُالسَّلامِ**: ذ. صُلح جي جاءِ ـ سلامتيءَ جو گهر – بهشت.

– **دارُالسَّلْطَنَت**: ذ. گاديءَ جو هنڌ – تخت گاهہ – پايہ ٔ تخت.

– **دارُالشَّـرعِ**: ذ. قاعدي قانون جي دربار. ڪورٽ – ڪچهري.

– **دارُالشِّفَا**: ذ. اسپتال – صحت حاصل ڪرڻ جو هنڌ – تندرستي ملڻ جو گهر – شِفا خانو – دواخانو.

– **دارُالضَّرْبِ**: ذ. ضرب خانو – سِڪَن ناهڻ جو ڪارخانو – ٽڪسال.

– **دارُالْعِبَادَة**: ذ. عبادت جو گهر. مسجد.

– **دارُالْعَدَالَة**: ذ. انصاف جو گهر – ڪچهري – ڪورٽ.

– **دارُالْعُلُومِ**: ذ. علمن جو گهر – مدرسو – اسڪول.

– **دارُالْعَمَلِ**: ذ. عمل ڪرڻ جي جاءِ ـ دنيا.

– **دارُ الْعَيَارِ**: ذ. ڪسوٽيءَ جي جاءِ ـ اُها جاءِ جتي ڪوٽي ڪري جي پرک ڪجي.

– **دارُالْفَنا**: ذ. بي بقا گهر – ناپائدار گهر – فاني گهر – دنيا – زمين.

– **دارُالْقَرارِ**: ذ. هميشه آباد رهندڙ دنيا – نہ فنا ٿيڻي دنيا – آرام ۽ راحت واري دنيا يعني دنيا – جنّت – بهشت.

– **دارُالْقَضَا**: ذ. عدالت خانو – ڪچهري – انصاف ٿيڻ جي جاءِ. ڪورٽ.

– **دارُالْڪُتبِ**: ذ. اخبارون ۽ ڪتاب پڙهڻ وغيره جي جاءِ ـ لائبريري.

– **دارُالْمَرَضِ**: مريضن جي علاج ٿيڻ جو هنڌ – اسپتال – دواخانو – شفاخانو.

– **دارُالْمُڪَافَاتِ**: ذ. جزا ۽ سزا جي جاءِ ـ بدلي ملڻ جو گهر – آخرت.

– **دارُالْمُلْڪِ**: ذ. گاديءَ جو هنڌ – تخت گاهہ – پايہ تخت.

– **دَارُالْمُومِنِيْنَ**: ذ. مومنن (ايماندارن) جي جاءِ ـ بهشت.

– **دَارُالنَّعِيمِ**: ذ. نعمتن جو گهرُ. بهشت – جنّت.

– **دَارُشْ**: ذ. دنيا – جهان – سنسار.

– **دَارَيْنِ**: (عدد تثنيه) ذ. ٻہ گهَر – ٻئي گهَر – ٻَئِي جهانَ – دنيا ۽ آخرت – هِي جَڳُ ۽ هُو جَڳُ – دنيا ۽ قيامت.

• **دَارِ ج دَارُون (ت)**: ث. ننڍي مڇي.

• **دَارُ ج دَارَ**: ذ. قوتِ ـ ڇيرُ – ڪِنِ – ڏَڪاءِ – ڪَبو – سِپَـرَ – قاڙ (ل.ق).

• **دَارَا**: اسم خاص. (ف) ايران جي هڪ قديم بادشاهه جو نالو (جو سڪندر جي وقت ۾ ماريو.

– **دَارَائِي ج دَارَائِيُوْن**: ث. بادشاهت – حڪومت – سلطنت.

• **دَارَاپُور**: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **دَارچِيْنِي ج دَارچِيْنِيُوْن**: ث. (ف) گرم مصالح جو هڪ قسم. هڪ خوشبوءِ دار وڻ ۽ ان جي ڇوڏي جو نالو. دال چِيْنِي بہ چون.

• **دَارسِيْ**: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **دَارُو ج دَارُوَ**: ذ. (ف) دوا – علاج – سُتي – شراب – مَئي. بارُود. دارُون.

Gul Hayat Institute

— **ڏارو درمان:** ذ. علاج — معالجو — دَوا دارُوَ.

— **ڏارو ڏرمَن:** ذ. علاج — معالجو — دوا دارو.

— **ڏارو فَروشُ ج ڏارُو فَروش:** ذ. صفت. دوائون وڪڻندڙ — شراب وڪڻندڙ.

— **ڏارُئين:** ذ. صفت. دارُون سان — دوائن سان "ڏَردَ نہ لَهي دارُوئين، زُلف زورُ ڏ نومر." (شاهہ).

● **ڏارُو بِجُ:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ ٻج جو هڪ قسم.

● **ڏاروغو ج ڏاروغا:** ذ. (ف. داروغۃ) ڪنهن ڪم جو سنڀاليندڙ — مُحافِظ — نِگران — رَکوال. ڪنهن جماعت جو سردار. نظر ڪندڙ — چوڪيدار — رَکوالُ. انجنيري کاتي ۾ هڪ ملازمت — واهن جو ڪم سنڀاليندڙ — واهن جو سپروائيزر — آبدار.

— **ڏاروغائِي ج ڏارو غائِيُون:** ث. داروغي جو ڪم — مُحافَظَت — نگهَباني — انتظام — اِهتِمامُ — حڪومت — آفيسري — عملداري — بالادستي.

— **ڏاروغِي ج ڏاروغِيُون:** ث. ڏاروغائِي.

● **ڏارُون ج ڏارُون:** ذ. [دارو. سن. درؤيہ] دوا — علاج — طِب — ٻِڪي — ڦَڪِي — ڏَپ — ڏَرمَلُ. باروت — بارود. بندوق جو تيل. طاقت وارو ڏاتو — تيزاب. ڏيهي شراب — سونفي (سونفن وارو) شراب.

● **ڏارِيسِي:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● **ڏاڙَ ج ڏاڙُون (ت):** ث. مٿاهون هنڌ — مٿاهين زمين — اُتاهين زمين — پَڊرو. ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو. اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص. هڪ ديهہ جو نالو.

— **ڏاڙَٻانِي:** ث. ٻيڙيءَ وغيره جو هڪ عضوو جنهن تي ڪاٺيون وغيره يا سامان رکجي.

● **ڏاڙ:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● **ڏاڙَ ج ڏاڙَ (ل):** ظرف. صفا صاف — ٻنہ جڻين: "تون تہ ڪو وڏو ڏاڙَ حرامي آهين صفت. وڏولُچ — بدمعاش.

● **ڏاڙا ڦاڙا ڪَرڻ:** خراب ڪرڻ — اَجايو وڃائڻ. پوري ورهاست نہ ڪرڻ. رقم اُڏاري ڇڏڻ.

● **ڏاڙو ج ڏاڙُو:** ذ. شفيع — ڇڏائيندڙ — وڪيل — سفارش ڪندڙ — وچوارو خيال ڪندڙ — پاسو وٺندڙ — پاران ڳالهائيندڙ — بدران ڳالهائيندڙ — ثالثُ — ٽِياڪُڙُ — وِچو. حمايتي. مددگار.

● **داڙهہ ج داڙهُون (ت):** ث. گوڙ — هُل — دوڙ — دَٻاءُ — خالي رُعبُ — ٻاهريون دٻاءُ.

● **داڙهہ ٻَڌڻُ:** دٻاءُ رکڻ — وڏي رقم ٻَڌڻ.

● **داڙهہ هڻڻُ:** خالي دٻاءُ رکڻ — هيسائڻ لاءِ رعب ويهارڻ — گوڙ ڪرڻ — هُلُ مچائڻ — دوڙ ٻَڌڻ.

● **داڙِي ج داڙِيُون:** ث. ونجهوٽِي راند ۾ هڪ هاري — ڏَري (ت). ڏڙهي راند ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺ جي پٽي — ٻيٽ (ت).

● **داسُ ج داسَ:** ذ. صفت. [پرا. داس. سن. داس = ٻانهو] غلام — نوڪر — ٻانهو — گولو — خدمتگار — چاڪر — چوڪر — پڳهاردار — ٽَهليو — خادم. چيلو — مريد — شاگرد — ڏن ٻرو. (ث. داسي ج داسِيُون) صفت. اُپاريل — دَمِيَلُ — دم پُخت — رَنڌِيل.

— **داسُ ڪَرڻ:** غلام ڪرڻ — ٻانهو ڪرڻ — خادم ڪرڻ. اُپارڻ — دمڻ — رنڌڻ. ڏانديون ڪرڻ. ٻلو يا مڇي سيڻڻ (ت).

— **داسِي ج داسِيُون:** ث. ٻانهي — نوڪرياڻي — گولي.

● **داستَانُ ج داستَانَ:** ذ. (ف). آکاڻي — قصو — ڪهاڻي. ڳالهہ — ڪَٿا — وارتا — بيان — حڪايت — افسانو — فسانو — داستانو — روايت — ذڪرُ — نَقل — نَظير. وڏو قصو — سرگذشت — احوال.

— **داستَان گـو ج داستَان گو:** ذ. صفت. آکاڻي ٻڌائيندڙ — قِصا، ڪهاڻيون. نقل ٻڌائيندڙ — قِصہ خوان.

● **داستَانو ج داستَانَا:** ذ. داستان — بيان — آکاڻي — ڳالهہ — وارتا.

● **داستَانو (دستانو) ج داستَانَا:** ذ. (ف). هٿ جو جوراب — داستانو (شڪارين جو هٿ چاڙهڻ جو چمڙي يا ڪپڙي جو جوراب. پکيءَ جي چنبن کان بچاءَ لاءِ).

● **داسڙڪِي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊو محمد خان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● **داسڙا:** اسم خاص. سومرن جي هڪ ذات جو نالو.

● **داسڙو:** اسم خاص. شاهہ جي رسالي ۾ منسوب ڪيل چنيسر لاءِ _ چنيسر جو ڪناية نالو (سُر ليلا چنيسر. گر). "مُون ڪي ڇَڏِ مَرِ داسڙا! وَڃان نہ وٽوانڌ" (شاهہ).

● **داسڻُ ج داسڻَ (ڪ):** ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ رَسو — داماڻُ. (سڙهہ

Gul Hayat Institute

ڏادوَرُ > ڏاوَرُ] انصاف ڪندڙ – عادل. مُنصف. بادشاهه – سلطان – شاهه – راجا – عظيم – اعليٰ – سڀ کان مٿي. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

– **ڏاوَرِ مَحشَر:** قيامت جي ڏينهن سڀني جو فيصلو ڪرڻ وارو – خدا تعاليٰ.

• **ڏاوَڻُ ج ڏاوَڻَ:** ث. دامَنُ – پلاند – پلئو – پوتيءَ جي ڪُنڊَ – ڪپڙي جي ڪنارِ _ پاندُ.

– **ڏاوَڻُ وَٺَڻُ:** دامن وٺڻ – سامر پوڻ – پڪو آسرو ڪرڻ.

• **ڏاوِڻ ج ڏاوِڻيُون (ڪ):** ث. ڏَڄ – ڇاتي.

• **ڏاوَڻ ج ڏاوَڻُون:** ث. ڪاٺ جي پيتيءَ جو هڪ قسم – پَڃَرُ – ڪايو. لَڙهو – چَڙهو – چَڙهي – داسو.

• **ڏاهَڙ ج ڏاهَڙيُون (ت):** ث. دباءَ – آڪَڙ.

• **ڏاهُ ج ڏاهَ:** ذ. [سن. داهه: دهه = سڙڻ] مڙدي کي جلائڻ لاءِ ڪاٺين جو مَڇُ – چِڪيا – آڙاهه – ڏاگهه. اگنِي سنسڪار – مڙدي کي ساڙڻ جي ڪِريا.

• **ڏاءُ ج ڏاءَ:** ذ. [سن. درَوَيَه = ناڻو: ٻالِي دَوَ: پرا. دوا] شرط ۾ ٻڌل رقمَ – جوا جي پِڙ ۾ رکيل رقم – جُڳَ ۾ رکيل رقم – شرط يا جُوا جي جڳَ کي هيٺوڪرڻ جي حالت. ڏاري جو وارو – گهُمرو – وَجههُ – موقعو – چالبازي – فريب – موقعو – گهاتُ – سمجهه – ڦيرو – وڪڙ – وَرُ – ساڄي – ٽِڪُ – ڪُٽو – ٻُلُ – ٽِڻِ. ڏاڻُ – اٽڪل – تجويز. پٽرجو هڪ قسم – ڪنيارن کي رنگ طور ڪم ايندڙ ڳاڙهو پٽر.

– **ڏاءُ اچَڻُ:** وجهه ملڻ – موقعو ملڻ – ڪُٽو پوڻ.

– **ڏاءُ ڏيَڻُ:** وجهه ڏيڻ – ٻُل ڏيڻ – موقعو ڏيڻ. ڪنيار جو ڪچن ٿانوَن کي مٿان مِٽيءَ جو راڳو ڏيڻ.

– **ڏائـِرُ ج ڏائـِرَ:** ذ. صفت. ڏاءُ وارو – ڏاءُ ڪٽندڙ. ڏاءُ هٽندڙ.

– **ڏاءُ رکَڻُ:** جوارين جي اصطلاح ۾ _ بازي رکڻ – شرط رکڻ.

– **ڏاءُ گَسائِڻُ:** وارو گسائڻ – وجهه وڃائڻ – موقعو ناري ڇڏڻ.

– **ڏاءُ لڳَڻُ:** وجهه لڳڻ. ڪمائيءَ يا پيدائش ۾ گهٽ اضافو ٿيڻ.

– **ڏاءُ هَٽڻُ:** چوپڙ راند ۾ ڏارو اُڇلڻ – وارو وٺڻ. نصيب آزمائڻ – بخت آزمائڻ.

• **ڏائِڊُ (ڪ):** اسم خاص. هڪ نئين جو نالو.

• **دائِرُ:** صفت. [ع. دارَ = هو ڦريو – هن چڪر ڪاڏو] دوره ڪندڙ – ڦرندڙ. زير تجويز–درپيش. اڳيان آيل قاعدو.

– **دائِرُ ڪَرَڻُ:** رجوع ڪرڻ – اڳيان ڪرڻ – هلائڻ (مقدمو) – سلسلو شروع ڪرڻ – حڪم جاري ڪرڻ.

– **دائِرو:** ذ. گهيرو – چَڪَرُ – گول – ڦيرو – چيڪلي – پڙُ – حَلقو – مَدارُ. دوستن جو ميڙ – زُمرو – گروهه. جاءِ _ جڳهه – اوطاق. مسلمان فقيرن جي ويهڻ جي جاءِ _ آستانو – مڪان – اوتارو. "هَڙَ ۾ تماڪ ته جهنگ مڙوئي دائرو" – ڏِيبڪي – هڪ باجي جو نالو جيڪو هڪ پاسي کان کليل هوندو آهي ڪَنجري.

• **دائِري ج دائِريُون (ت):** ث. مسخري – کل – يوڳ.

– **دائِري وِجهَڻُ:** چرچا ڪرڻ – مسخري ڪرڻ.

• **دائِريو:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دائِم:** ظرف. [ع. دام = هن ڄَتاءَ ڪيو] هميشه _ سدائين – مُدام – سدا – نِتُ – ٻارهوئي – دائما – دائمي. پڪي طرح.

– **دائِمًا:** ظرف. دائم – هميشه _ سدائين – دائمي – لڳو تار.

– **دائِمُ المَرِيض:** ذ. صفت. هميشه بيمار رهندڙ – سدائين بيمار.

– **دائِمي:** ظرف. هميشه جو – سدائين جو – مُدامي.

– **دائِمي تاڪِيدُ:** ذ. هميشه جو حڪم نامو يا منع نامو – پڪو حڪم يا فرمانُ.

• **دائِڻُ (ت):** مصدر. وهنجڻ. ماءَ جي ڏَڄ پيئڻ. ڌائڻ.

• **دائُو:** اسم خاص. نئي بارڻ جي الهندي طرف هڪ جبل جو نالو.

• **دائُود:** اسم خاص. (عبراني) هڪ پيغمبر جو نالو. جو بادشاهه ۽ نبي هو. هن تي زبُور جو آسماني ڪتاب نازل ٿيو هو.

– **دائُودِي:** ث. صفت. دائود جو – دائود وارو (آڙاهه جيڪو لوهه کي ڳاري ڇڏي) "دائودي ڏيون ڪري، رَڪَن ڪونهي رنگُ" (شاهه). هڪڙو زردي مائل اڇو گـُلُ – دائودي گـُلُ – ڪٽڪ (سفيدي مائل ڪٽڪ جو قسم).

• **دائُود پوٽا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **دائِي ج دائِيُون:** [ف. دايَه. گ. دائي. پرا. ڌَتي] وِيَم ڪرائيندڙ – ٻار ڄڻائيندڙ عورت – ٻَچ پياريندڙ عورت – ڏَڄ ڌارائيندڙ عورت – ننڍي ٻار کي پاليندڙ – نپائيندڙ – سنڀاليندڙ – ٽهل ٽڪور ڪندڙ – خدمت ڪندڙ – ٽَهلِي – ٻانهي – نوڪرياڻي – خدمتگار.

Gul Hayat Institute

سب گهرجا پاتي ختم تي وڃڻ – سارو خاندان ختم تي وڃڻ.

– **دَرْبَانُ ج دَرْبَانَ:** ذ. صفت. دَر تي بيهندڙ – سَنتري – حاجِبُ – دَروانُ – درواڻُ – پهريدار – چوڪيدار. پٽيوالو – چِپراسي.

– **دَربَدَر:** ظرف. هڪ دروازي کان ٻئي دروازي تائين – رولڙي ۾ صفت. ڀٽڪندڙ – رُلندڙ – رولُـو – آواره – حيران – پريشان. بي گهر.

– **دَرْبَدَرْ ٿيڻُ:** دَر دَر رُلڻ – رولـُو ٿيڻ – ڀٽڪڻ – رُلڻ – رُلي وڃڻ. بيگانو ٿيڻ – بُڇڙو ٿيڻ – تباهه ٿيڻ. حيران ٿيڻ – پريشان ٿيڻ – ڪٿي بہ ٺڪاڻو نہ هجڻ.

– **دَرْبَدَرْ ڪَـرَڻُ:** حيران يا پريشان ڪرڻ. تباهه ڪرڻ.

– **دَر تي وَجِي پَوَڻُ:** پناهه وٺڻ – سامَ پوڻ.

– **دَرْبَـرَڻُ:** (ت) دربند ڪرڻ.

– **دَرْڪَارُ ج دَرْڪَارُوْنَ:** ث. ضرورت – گهرج. ضروري – گهربل.

– **دَرْڪِنَارْ:** ظرف. هڪ پاسي – علحده ـ الڳ – جُدا – علاوه. [ف] بغل ۾ پاڪر ۾.

– **دَرگـُذَرْ:** ظرف. معافي – چشم پوشي – ٽاري ڇڏڻ جي حالت.

– **دَرْگُذَرْ ڪَـرَڻُ:** ٽارڻ – چشم پوشي ڪرڻ – ڇڏڻ – معاف ڪري ڇڏڻ – معاف ڪرڻ – ٻلائي ڇڏڻ – وسارڻ – ڇڏي ڏيڻ – نٽائي ڇڏڻ.

– **دَرْماهُ:** ظرف. هر مهيني – ماهوار – ماهيانہ.

– **دَرْماهو:** ذ. ماهيانو پگهار – ماهوار پگهار – مهيني جو عيوض.

– **دَرْمِيَانَ:** ظرف. وچُ – جي وچ ۾ ـ منجهه – وچ ۾ ـ اندر – دوران ۾.

– **دَرْمِيَانو ج دَرْمِيَانَا:** ذ. وچ جو وچولو – پورو – موافق – پورو پٽو.

– **دَرْمِيَانِي ج دَرْمِيَانِيُوْنَ:** ظرف. وچون – وچ وارو – مُتوسط – اندروني.

– **دَرْوَاسُ (ت):** ث. گهرج – احتياج – ضرورت.

– **دَرْوَاقِعُ:** ظرف. حقيقت ۾ ـ درحقيقت – اصل ۾.

– **دَرُونُ:** ظرف. اندر – منجهه – وچ – منجهان.

– **دَرُون پَرْدَهُ:** پردي ۾ ـ پردي اندر – ڳجهيءَ طرح – لِڪ ۾.

– **دَر هَجَڻُ:** بي انداز هجڻ – ڪافي هجڻ – گهڻو هجڻ.

– **دَرْتي پَهچِي اَچَڻُ:** پناهه وٺڻ لاءِ اچڻ – لطف ۽ احسان جي اُميد رکي اچڻ – پاڻمرادو اچي پيش پوڻ.

– **دَرْتي دِيرو وِجهَڻُ:** دونهون دُکائي ويهڻ – دروازي تي نوڪر ٿي ويهڻ – ڪنهن ڪم لاءِ چنبڙي پوڻ – پَچَر نہ ڇڏڻ.

– **دَرْڦِٽَڻُ:** اولاد ٿيڻ – نصيب جا دروازا کُلڻ. "هڪ دَرُ لَتي، سو دَرَ ڦِٽي".

– **دَرْدَرْ (ت):** ظرف. دربدر.

– **دَرْپَـرو ج دَرْپَـرا:** ذ. دَر جو پڙدو – چِڪ.

– **دَرْپَـرْدَهُ** پردي اندر – لِڪ ۾ ـ لِڪي ڇپي – مخفي طرح.

– **دَرْدَرْ:** ظرف. گهر گهر – هڪ هڪ دروازي تي – دربدر.

– **دَرْدَرْ گهُـرَڻُ:** هر هڪ دروازي تي سوال ڪرڻ – پِنڻ.

– **دَرْلَهِي وَڃَڻُ (ت):** خوار ٿيڻ – گُلاهاب ٿيڻ.

– **دَر ۾ مُنهُن وِجهَڻُ (ت):** لِيو پائڻ – جهاتي پائڻ – ڪناية. نہ مڃڻ – انڪار ڪرڻ.

– **دَرْوَازو ج دَرْوَازا:** ذ. دَرُ.

– **دَرْوَانُ ج دَرْوَانَ:** ذ. صفت. دَرَ جو پهريدار – چوڪيدارُ – حاجب – دربان. نوڪر – چوبدار – پٽيوالو – چپراسي.

– **دَرْواڻُ ج دَرْوَاڻَ:** ذ. صفت. دروان – دربان.

– **دِرَايَتَ:** ث. دانائي – عقل – سمجهه – اونهو خيال – غور فڪر – ڏاهپ – سياڻپ.

– **دُرْجَنُ:** ذ. صفت. بڇڙو – بدڪار. دشمن – بدخواهه ـ ويري.

– **دُرْڪامِي:** بدچال – بدڪار – بڇڙو.

– **دُرْگَتَ:** ث. خراب حالت – بڇڙو حال. جوڳي جُٽ – درگتي – مصيبت – بدحالي.

– **دُرْگَتِ بَنائَڻُ:** بڇڙي حالت ڪرڻ – بُري گَتِ بڻائڻ – ذليل ڪرڻ – خراب خوار ڪرڻ.

– **دُرْگَنْدُ:** ث. ڪِني بانس – بدبوءِ ـ بونءِ ـ بانس – ڌَپ – عُفونَتَ.

– **دُرْلَڀُ ج دُرْلَڀَ:** ذ. صفت. ملڻ ۾ مشڪل – ڏکيو هٿ ايندڙ – اڻ لڀ – ناياب – ڪمياب.

• **دُرُ ج دُرَ:** ذ. [ع] موتي – پاڻيٺ – گوهَرُ – مٽيو – رَتَنُ – جوهر. ڪنن ۾ پائڻ جي ڳَـهَہ جو هڪ قسم.

– **دُرّ افشاني** [ف. افشاندن = ڇَٽڻُ]: ث. موتي پکيڙڻ – موتي

Gul Hayat Institute

ڇَنڻ — موتين جهڙا لفظ ڪم آڻڻ. خوش ڪلامي — خوش بياني — گوهر فِشاني — فَصاحت — بَلاغت.

— دُرِ يچو: ذ. ڪنن ۾ پائڻ جي ڳهه جو هڪ قسم. (ٻُندي جي نموني تي ڪجهه ويڪرو ٿئي).

— دُرُوج دُرڙا: ذ. دُر جو اسم تصغير — ڪَنَن ۾ پائڻ جا دُر.

— دُرِ شهوار: ذ. بادشاهن جي لائق موتي — تمام وڏو موتي — بي بها موتي.

— دُرِ مَڪنُونْ: ذ. [ع. مَڪنُونْ: = بند ٿيل] اڻ لپ موتي — بيش قيمت موتي — تمام مهانگو موتي. سِپ ۾ لڪل يا بند ٿيل موتي.

— دُرِّ ناسُفتہ: ذ. [ف. سُفتَنْ = سوراخ ڪرڻ] اڻ وِنڌيل موتي — بغير سوراخ موتي — ڪنواري عورت — دوشيزه.

— دُرِ نَجَف ذ. موتيءَ جو هڪ قسم (جو بلور وانگر سفيد ۽ شفاف ٿئي. منجهس ڪجهه ليڪا ڪارن وارن وانگر ڏسبا آهن، جي حضرت علي عليہ السلام ڏانهن منسوب ڪري، انهن جي تعظيم ڪندا آهن) هڪ قسم جو سفيد پٿر — شريف — نَجيب — اصلي نَسلي سيّد (فرهنگ آصفيہ).

— دُرِّيتيمُ: ذ. موتيءَ جو اهو داڻو، جو سِپَ مان اڪيلو نڪري — وڏو موتي — قيمتي موتي — پڪو موتي — لاثاني موتي — بي مثل موتي.

— دُرِيڪتا: ذ. دُريتيم — بي مثال موتي — لاثاني موتي.

• دَرا: ذ. (ف) گهِندُ — جَرَس — گهِنٽي. هڪ مڇيءَ جو قسم — ننڍڙا ڪرڙيءَ جا ٻچا (ت).

• دَراج (ٺ): ٺ. ڪاٺي سڌي ڪرڻ لاءِ لوهه جو اوزار.

• دُراج: ز. پکيءَ جو هڪ قسم — تتر.

• دَراڙ (ت): ٺ. اُهي ساريون، جن ۾ انُ نہ هجي — پاپَڙُ — درهاڙ. مڇيءَ جو هڪ قسم.

• دَراز: اسم خاص. تعلقي گمبٽ (رياست خيرپور ۾) ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ شهر جو نالو (جتي سنڌ جي مشهور صوفي شاعر سچل سرمست جي درگاه آهي) هڪ ذات جو نالو.

• دَرازُ: ذ. صفت. [ف. دراز = ڊگهو] ڊگهو — وڏو — لمبو — الماڙي يا ميز جو خانو. (ف) ڪاٺيءَ کي چلي سڌو ڪرڻ جو هڪ واڍڪو اوزار.

— دَرازُ ٿيڻُ: ڊگهو ٿيڻ — لمبو ٿيڻ — سنئون سڌو ٿي ليٽي پوڻ — جنگهون ڊگهيون ڪرڻ.

— دَرازُ دَسْتُ: ذ. صفت. ظالم — زوراور — زبردست.

— دَرازُ دَسْتِي: ٺ. ظلم — بي انصافي. زوراوري — ڏاڍائي.

— دَرازُ قَدُ: ذ. صفت. ڊگهي قد وارو — قداور — ڊگهو — جانگهڙيل.

— دَرازُ گوش: ذ. صفت. ڊگهن ڪنن وارو — وڏن ڪنن وارو.

• دَرازو ج دَرازا: ذ. سانچو.

• دُراعُ (ل): ذ. ڏاريو — ڏورانهون سَنگُ.

• دُراڪَت ج دُراڪَتُونْ: ظرف. ٻہ دفعا — ٻہ ڀيرا — ٻيٽو — ٻيَو — ٻيهر — دوباره ٻيٽي — وڌيڪ — زياده — ڏوڙو ـ ڏهرو — اُتوتنگ.

• دَرامُ ج دَرامَ: ذ. سونارن جو هڪ اوزار — ڪنگڻ جي ڦَلن نيپڻ لاءِ لوهه جو گول ٽڪر.

• دُراني: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. پٺاڻن جو هڪ فرقو — احمد شاهه دُراني جي قوم. ڪَنن ۾ موتي پائيندڙ پٺاڻن جو گروه.

• دَراوڙ: اسم خاص. قديم هندستان جي هڪ قوم جو نالو.

• دَراهِمُ: [ع] ”دِرهَمُ يا دِرَم“ جو جمع — چانديءَ جا قديم سڪا، چئن آنن جي برابر — ٻہ ماسا ۽ ڏيڍ رتي جو وزن — روپيو.

• دُراهو ج دُراها: ذ. [ف. دو = ٻہ + راهہ] ٻن معنائن وارو شعر جو هڪ قسم — ڳجهارت جو هڪ قسم. صفت. ٻن رستن وارو — ٻواٽو.

• دُراهي: حڪومت — اميري.

• دَرَبُ (ڪ): ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• دَرْبُ: [ع] وڏو دروازو — ڦاٽڪ — ڪوچہ — ڳلي — گهِٽِي — محل.

• دَرْبُ ج دَرْبَ: ذ. [سن. درويہ = ڌن] ڌن — ناڻو — مال ملڪيت.

• دَرْبَارُ ج دَرْبَارُونْ: ذ. [دربَاريُونْ: ٺ. [ف] بادشاهي ڪچهري — دربار — درگاهه — بارگاهه ـ آستانو. اميرن ۽ بادشاهن جي مجلس — شاهي عدالت. عدالت خانو. جشن — اجلاس.

— دَرْبارِ بَرخَواسْتُ ٿيڻُ: ڪچهري ختم ٿيڻ — حاضر مجلس جو اٿي وڃڻ.

— دَرْبارِ خَاصُ: ٺ. اُها دربار جنهن ۾ عام ماڻهن کي اجازت نہ هجي — اجلاس خاص — خصوصي ڪچهري.

Gul Hayat Institute

• **دَرْخَوَاسْتَ ج دَرْخَواسْتُون** : ث. [ف. دَرْ = ۾ + خواستن = گهرڻ] ڪيل گهُر – خواهش – عرض – عَـرْضداشت – عَرِيضِي – سُوال. التماس – گذارش – آرزو – تمنّا لکيل عرض – عرض نامو – گذارش نامو – وينتِي پَتّر.

– **دَرْخَوَاسْتَ ڏِيَڻُ**: عريضي ڏيڻ – ڪنهن شيءِ حاصل ڪرڻ جي تمنا ظاهر ڪرڻ.

• **دَرْخَواسْتَ ڪَرَڻُ**: درخواست ڏيڻ – ڪنهن تي پُڪارڻ.

• **دَرْدُ ج دَرْدَ**: ذ. [ف] گَشْتُ – ڏنجهو – ڏکُ – سُورُ – اَهنجُ – دُکُ – پِيڙا – تڪليف. اَفسوس – رنج – شُوڪَ – غم. اَهنج – اوکائي – سختي – مصيبت – مشڪلات. ڪشالو – جاکوڙَ.

– **دَرْدَالُـودَه**: ذ. [ف. الـودَن = رِلڻ – تَقَڙِ] صفت. ڏُکويل – درد پريو.

– **دَرْدُ آمِيْز**: ذ. [ف. آميختن = رَلِڻ] صفت. ڏک سان پريل – ڏکارو – رنجيده ـ دردناڪ.

– **دَرْد اَنْگِيـزُ**: ذ. صفت. دُکُ پيدا ڪندڙ (دل تي) – ڏک جهڙو – ڏکارو – رنجيده ـ ڏُکَ پريو.

– **دَرْدَبانـِيْ**: ث. درد واري – سورن واري.

– **دَرْدجَاڳَڻُ**: سور ٿيڻ. ڏک ٿيڻ. ايذاءُ ٿيڻ.

– **دَردجي دَوا هُئَڻُ**: فائدو پهچائڻ. ڪم جي شيءِ هُئَڻُ.

– **دَرْد دُف ٿِيَڻُ**: درد دفع ٿيڻ – ڏک سُور لهي وڃڻ – خوشي حاصل ٿيڻ – آرام ۽ اطمينان نصيب ٿيڻ – خوش گذارڻ.

– **دَرْدِ دِلِ**: ذ. دل جو رنج – دلي صدمو.

– **دَرْدَ ڪَٽَڻُ**: درد دفع ڪرڻ – ڏُکَ سُورُ وِڃائڻ.

– **دَرْدلَڳَـڻُ**: سور ٿيڻ – ڏک ٿيڻ. بيماري ٿيڻ. اهنج ٿيڻ.

– **دَرْدمَنْدُ ج دَرْدِ مَنْدَ**: ذ. صفت. درد وارو – ڏکارو – ڏکيو. غمزده. غمخوار – رحم دل – همدرد – تَرس وارو.

– **دَرْدِ مَنْدِيْ**: ث. همدردي – غمگساري – رحم دلي – تَرس.

– **دَرْدنَاڪُ ج دَرْدنَاڪَ**: ذ. صفت. ڏک وارو – تڪليف وارو – سُورائتو.

– **دَرْدَن جا داستَانَ ڪولَڻُ**: ڏُک پريون ڳالهيون ڪرڻ.

– **دَرْدُ وَنْدُ ج دَرْدُوَنْدَ**: ذ. صفت. درد وارو – ڏک وارو – رنج وارو – درديلو – ڏکويل – رَنْجُور – سور وارو – غم پائي – ڏک پائي – همدرد – غمخوار.

– **دَرْدُ وَنْدِيْ**: ث. درد واري – ڏک واري – رنج واري – سوريتي – ڏکايل – سُوريل.

– **دَرْدِيْ ج دَرْدِيْ**: ذ. صفت. ڏک وارو – سور وارو.

– **دَرْدِ پَاٽِيْ**: ث. ڏک واري – دک واري.

• **دُرِدُنْبَارِ (ل)**: ذ. وڏو پَنڪو – پَکِـڙُ.

– **دُرِ دُنْبَال**: ذ. دُرِدُنْبَارُ.

• **دِرْدُ ج دِرْدَ**: صفت. [سن. دِرْدِ = پڪو] پڪو – مضبوط – پُختو. ڏاڍو – قابو – سوگهو. برقرار – اَڃلُ – اَڃلُ – ڪَپ ڪوڙُ – اِستر.

• **دِرْدِتَا ج دِرْدِتَائُونْ**: ث. ڏِيرجُ – پُخْتائي – آچلتا – پَڪائي – ثابت قدمي.

• **دَرِڙا (ٽ)**: اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **دَرْڙو ج دَرْڙا (ت)**: ذ. ننڍي مڇي.

• **دُرِڙو ج دُرِڙا**: ذ. صفت. بيوقوف – احمق. نَڳُ – ڏوِيِيْ – ڪُپتي – مڪريلو. لچو – هرتال – شودو – ڇيڳرو – حرامزادو. رولو – آواره. (ث. دُرڙي ج دُرڙيُون).

– **دُرْڙائِيْ ج دُرْڙائِيُونْ**: ث. منافقي. بيوقوفي – لـُچائي – شودپائي.

• **دُ رْڙِي ج دَ رْڙِيُونْ**: (ل. ت): ث. مروٽو – سُوٽَ – وَڍُ. حرڪتبازي – نڳي. ”پوءِ ڪرين دُرڙي دغا اي دل ۾ تي تون بيوقوف“ (قاسم). سِسِراٽي – ڇِرڪُ.

– **دُرْڙِي پَـوَڻُ (ت) اُٻِرڻ**: ڇِرڪُ پَرڻ. حيران ٿيڻ. ڊڄڻ – ڊڄي وڃڻ.

– **دُرْڙِيْ ڪَائَڻُ**: ڇرڪ پرڻ – بدن لڏي وڃڻ. سيسراٽي پوڻ.

– **دُرْڙِيْ مَٽَائِڻُ (ت)**: ڪاوڙ ڪرڻ الِي وڃڻ – انڪار ڪرڻ – تورو غصو ڪرڻ.

– **دُرْڙِيْ نہ پَـوَڻُ**: ذرو بہ خوف نہ ٿيڻ.

• **دَرِزَ ج دَرِزُوْنْ**: ث. [ع. دَرِزَ = هن نوپو ڏنو] ٻن سرن جي وچ ۾ وِٿي يا جاءِ ـ خالُ – ڦُوٽ ِـ ڇِيرُ – ڏارُ – ڦوڙُ – اڌو اڌ سَنْدُ. شِگافُ. [ف. دَرْزَن = سُئي] سِيْرَ. اوِڻي ڪپڙي جي نوپو – سيبو.

– **دَرَزَ پَـوَڻُ**: خالُ پرڻ – ڦوٽ پرڻ.

– **دَرِزُوْنْ وَنَڻُ**: جاءِ جي سرن جون وچ واريون وِٿيون پرڻ – ڇِير

Gul Hayat Institute

بند ڪرڻ – وِٽي بند ڪرڻ – ڏارِ لنبڻ.

• **دَرزادَه:** اسم خاص. مڪران ۾ رهندڙ هڪ قبيلي جو نالو.

– **دَرزِيُ ج دَرزِيَ:** ذ. [ف. دَرزن = سُئِي. درز = ٽوپو + زن. زدن = هڻڻ] ڪپڙا سبندڙ – خَيّاطُ. (ٿ. درزِڻ ج دَرزِڻيونُ).

– **درزِي جي سُئِي هُئڻ:** هميشه هڪ حال ۾ نه هُئڻ.

– **دَرِ زِڪو ج دَرزِڪا:** ذ.صفت. ڪپڙن سِبڻ جو – درزيءَ جو – دَرزيءَ وارو.

– **دَرزِڪو ڪم:** ذ. ڪپڻ سبڻ جو ڪم.

– **دَرزِياڻِي:** ٿ. "درزيءَ" جو مؤنث. درزڪو ڪم ڪندڙ عورت.

• **دَرَس:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **دَرسُ ج دَرسَ:** ذ. [ع] سبق مذهبي وعظ – نصيحت (اسم خاص) تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **دَرس خانَهُ:** ذ. مڪتب – اسڪول – مَدرِسَہ – پاٺشالا.

– **دَرسُ ڏيڻُ:** سبق ڏيڻ – پڙهائڻ – وَعظ نصيحت ڪرڻ.

– **دَرسگاهُ ج دَرسگاهُونَ:** ٿ. پڙهڻ جي جاءِ _ مَڪتَبُ – اسڪول – مَدرَسو – پاٺشالا.

– **دَرس وَتَدرِيس:** ذ. پڙهڻ پڙهائڻ جي حالت.

– **دَرسُ وٺَڻُ:** سبق وٺڻ – پڙهڻ – نصيحت پرائڻ.

– **دَرسِي ڪتابُ ج دَرسِي ڪتابَ:** ذ. سبقن وارو ڪتاب. پڙهڻ وارو ڪتاب. لازمي ڪتاب. ڪتاب جيڪو اسڪول ۾ پڙهايو وڃي.

• **دَرسُ ج دَرسَ:** ذ. [ن. دَرشَن = ڏسڻ] ديدار – نظارو – ڏيکاءُ.

• **دُرَسُ:** صفت. [ف. "دُرُسْتُ" جي بگڙيل صورت] درست – برابر – صحيح – سچ پچ – ٺيڪ – پورو – سچ – حَقِي.

• **دَرسانُو چَنُو:** اسم خاص. ڪراچي جي آسپاس هڪ ديهه جو نالو.

• **دُرُسْتُ ج دُرُسْتَ:** ذ. صفت. [ف] صحيح – پورو – برابر – ٺيڪ – دُرس – موزون – لائق.

– **دُرُسْتُ ڪَرڻُ:** ٺيڪ ڪرڻ – ناهڻ – سڌارڻ – سنئون ڪرڻ – برابر ڪرڻ – صحيح ڪرڻ.

– **دُرُسْتِي ج دُرُسْتِيُونَ:** ٿ. سڌائي – برابري – سچائي – راستبازي – صحت – تصحيح – اِصلاح – سَنوار – ڪاٽ ڪُوٽ – سڌارو – ترتيب – ترمير – مَرمت – شايستگي – گوشمالي.

• **دَرسَڪِي:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دَرَسَ:** اسم [سن. دَرْشَ] ديدار – نظر.

• **دَرسَنُ ج دَرسَنَ:** ذ. [سن. دَرْشَنُ = ڏسڻ] ڏسڻ جي حالت – ديدار – مُشاهدو – ڏيک. تماشو – نظارو – ڏيکاءُ. زيارت – ملاقات – مُڪاميلو – گڏجاڻي – ميلاپ – دَرشَن.

– **دَرسَنُ ڏيڻُ:** ديدار ڏيڻ – درشن ڏيڻ – ملاقاتي ٿيڻ – حاضر ٿيڻ – گڏجاڻي ڪرڻ.

– **دَرسَنُ ڪرائِڻُ:** ديدار ڪرائڻ – جهلڪ ڏيکارڻ. گڏجاڻي.

– **دَرسَنُ ڪَرڻُ:** ملاقات ڪرڻ – گڏجڻ – مِلڻ – مُڪاميلو ڪرڻ. زيارت ڪرڻ.

– **دَرسَنِي ج دَرسَنِي:** ذ. صفت. ڏسڻ جهڙو – ڏسڻ لائق – سهڻو – ناهوڪو – مٺوڪ.

• **دَرسَنِي ج دَرسَنِيُونَ:** ٿ. [سن. دَرْشَنِيَہ. دَرْشَن = ڏسڻ] منهن ڏسڻ جو شيشو – آئينو – آهينو – آرسي – ٽڪ. هُنديءَ جو هڪ قسم (اُها هُندِي جنهن جي ڏيکارڻ شرط پئسا ملن). صفت. گل جو هڪ قسم. "داغل، جنگي، درسني، ڪيا هزارين هبڪار" (سگهڙ).

– **دَرسَنِي هُندِي:** ٿ. هُنديءَ جو هڪ قسم. اُها هندي جنهن جي ڏيکارڻ سان پئسا يڪدم ملن.

• **دُرُشْتُ:** صفت. (ف) سخت – ڪَهرو – شوخ – ڪَرڙو – دُرُشْتُ مِزاج – تُندمزاج – ڪَرڙي طبيعت وارو.

– **دُرُشْتِي:** ٿ. سختي – ڏاڍائي – ڪهرائي. ڪنورائي – بي رحمي. بدخُلقي – ڪَرڙائي.

• **دِرِشْتِ:** ٿ. [سن. دَرْشَ = ڏسڻ] نظر – نگاهه – ڏسٽي – نِرت – بصارت – جوت _ دِيْدَ. ڏيکاءُ – نظارو. تماشو.

– **دِرِشْتِي:** ٿ. نظر – نگاهه – نِرت – جوت – دِيْدَ.

– **دِرِشْتِيءَ مَانُ ڪَڍَڻُ:** نظر مان ڪڍڻ – متاڃرو ڏسڻ. سَرسَري طور ڏسڻ.

• **دَرشَنُ ج دَرشَنَ:** ذ. [سن. دَرْشَن = ڏسڻ] ڏسڻ جي حالت – ديدار – مشاهدو – ڏيک. تماشو – نظارو – ڏيکاءُ. زيارت – ملاقات – مُڪاميلو – گڏجاڻي – ميلاپ. دَرسَنُ.

– **دَرشَنُ ڏيڻُ:** ديدار ڏيڻ – ملڻ – ملاقات ڪرائڻ – سامهون

Gul Hayat Institute

وچترو – ساڌارڻ – مذير – مُتوسط.

– ڏرميانو ڏرجو: وچولو درجو.

– ڏرمياني ج ڏرمياني: ظرف. درميانو.

• ڏرندو ج ڏرندا: ذ. [ف. دريدن = چيرڻ] ڦاڙيندڙ – چيريندڙ – خون خوار – وحشي. چيري ڪائيندڙ جانور (رڇ، شينهن، بگهڙ وغيره). شڪاري جانور. جيئن، ”درندا درياهه ۾، واڪا ڪيو ورن“ (شاهه).

• دَرنَـرُ ج دُرنَـرَ (ت): ذ. پکيءَ جوهڪ قسم (ميرانجهڙي رنگ جو ۽ ڊانڊي).

• دِرنگُ ج دِرنگَ (ت): [ف. دِرَنگَ = دير] هَبڪَ – هَنڪَ. خَوفُ – ڀَو – ڊِ جُ – ڊپ – خطرو. ويچار – ڌيان – خيال – ڊيرج – تامَلُ – دِرَ – تاخير – وقفو.

• دِرنگ نَہ ٿيڻُ: خوف نہ ٿيڻ – خيال نہ ٿيڻ.

• دُرنگو ج دُرنگا: ذ. صفت. [ف. دُ = ٻہ + رنگ] ٻن رنگن وارو. ٻِٽي چال هلندڙ. بي وفا. (ث. دُرنگِي ج دُرنگِيُونَ) مَڪارُ – مُنافِق – اندر هڪڙو ٻاهر ٻيو – اندر پليت.

• دَرو ج دَرا: ذ. [ف. دَرَهْ = ماٿري] ٻن جبلن جي وچان رستو – لنگهہ – لاڪو – گهٽ. مِني پاٽيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم (ننڍڙي مڇي جا ڳاڙهين چِلرن سان ست پر ۽ ٿد هڪ انچ ڪن) – ننڍي مڇي.

• درو ڏيڻُ (ڪ): آرو ڏيڻ – ولو ڏيڻ – وڪڙ وجهڻ.

• دِرو ج دِرا (ڪ): ذ. صفت. اڪ ڦريل – ٽِرڙو – ٽيڏو.

• دُرو ج دُرا: ذ. [ع. دره = چابُڪ] چمر جو پَٽو. چمڙي جو نهيل چهبڪ (جو سزائن ڏيڻ ۾ ڪم اچي) – ڦَٽڪو – ڏرو – تازيانو – ڪوڙو.

– دُرا لڳڻ: شرعي يا فوجي سزا جا ڪوڙا يا تازيانہ لڳڻ – جسماني سزا ملڻ.

– دُرا هڻڻ: ڪوڙا يا تازيانہ هڻڻ. شرعي سزا ڏيڻ – جسماني سزا ڏيڻ.

• دَراوت: اسم خاص. جبل جو هڪ لَڪُ جو نالو (جنهن مان نئين بارڻ لنگهي).

• دَروازو ج دَروازا: ذ. [ف. دَروازه = دَرُ] جاءِ ۾ اندر يا ٻاهر وڃڻ جو لنگهہ – دَرُ – ڪَوارُ – ڦاٽڪُ – لَڪُ – ڏيڍي – ٻٽيو. موريءَ جو دروازو.

– دَروازو بَند ڪَرڻُ: در بند ڪرڻ – در پورڻ – اندر اچڻ نہ ڏيڻ – منع ڪرڻ.

– دَروازو پُورڻُ: دربند ڪرڻ – در پُورڻ.

– دَروازو ڦائـر ڪَـرڻُ: در بند ڪرڻ.

– دروازو ڦائـر هُئڻُ: دربند هئڻ.

• دِرواش (ت): ث. [ف. درخواست جي بگڙيل صورت] گهرج – صورت – ڪَپُ – حاجت.

• درواٽي: ذ. ت. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو. رستماڻين جي شاخ.

• دُرو: ذ. هڪ تاري جو نالو – قطب تارو – ڌُرو.

• دُرودُ ج دُرودَ: ذ. [ف] رحمت – تحسين – آفرين – تعريف – دُعا – تسبيح – صلواة (جيڪڏهن خدا جي طرفان هجي رحمت ۽ برڪت جي معنيٰ. ملائڪن طرفان هجي تہ اِستغفار ۽ مسلمانن طرفان هجي تہ دعا سلام، ۽ جانورن ۽ پکين طرفان تہ تسبيح) ڏٺيءَ جي مهر لاءِ دعا – اها دعا ۽ سلام جيڪو حضور نبي ڪريم محمّد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم تي پڙهيو وڃي.

– دُرودَ پـڙهڻُ: سلام پڙهڻ – دعا پڙهڻ.

• دُرُوغُ ج دُرُوغَ: ذ. (ف) ڪُوڙ – ڄُوٽ – ڪِذبُ – بُهْتانُ.

– دُرُوغ زَن: ذ. صفت. ڪوڙو – ڄوٽو – ڪوڙ ڳالهائيندڙ.

– دُرُوغ گوئِي ج دُرُوغ گوئِيُونَ: ث. ڪُوڙ – ڪِذب – ڄُوٽ.

• دَروغو ج دَروغا: ذ. [ف. داروغَهْ] واهن جي سنڀال لاءِ رکيل سرڪاري عملدار – داروغو.

• دَرُونَجُ: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻسارڪو وڪر (ٻاڙ وچونءَ جي ڏنگ وانگر ڳنڍيون ڳنڍيون. ان ڪري هن کي درونج عقربي (وچون واري) سڏين. ڪل خاڪي رنگ تي، ڪوڙي ۽ خوشبوءِ واري).

• دَرُونِي: [ف]. ظرف. اندروني – اندريون – مخفي – ڳُجهو – لڪل.

• دروهُ ج دروهَ (ث): ذ. سن. دوهہ – ٺڳي – مَڪَرُ – ويساهہ گهاتي.

– دروهِي ج دروهِي: ذ. صفت. ٺڳي ڪندڙ – ٺَڳُ – دوهِي.

• دَرويشُ ج دَرويشَ: ذ. صفت. [ف. دَرُ = در. آويختن = لڙڪائڻ]

Gul Hayat Institute

— **دَسْت بَسْته:** [ف. بَستَنْ = ٻَڌڻ] ظرف. هٿ ٻَڌي – هٿ جوڙي.

— **دَسْت بُوس ٿِيَڻُ:** [ف. بوسيدن = چمڻ] هٿ چمڻ – نياز ۽ نوڙت ڪرڻ.

— **دَسْت بيعَتْ ڪَرڻُ:** مريد ٿيڻ – ڪنهن جي هٿ تي بيعت ڪرڻ.

— **دَسْت پَنَاهُ:** ذ. ٽانڊن ڪڍڻ جو چِمٽو.

— **دَسْت خَطُ ج دَسْت خَطَ:** ذ. هٿ جو لکيل – هٿ جي لکيت – لکت – لکٽي – هٿ اکر – پنهنجي هٿ جي علامت يا نشاني – قلمي نسخو.

— **دَسْت خَطِي:** ذ. صفت. هٿ جو لکيل – قلمي – دَستي.

— **دَسْت دَرَازُ:** ذ. صفت. چالاڪ. هٿ ڊگهيرينڌڙ. چور – ظالم – زيادتي ڪندڙ.

— **دَسْت دَرَازِي:** ث. هٿ جي چالاڪي. رُڪاوٽ – رنڊڪ. خلل – ظلم – زيادتي.

— **دَسْت دَرَازِي ڪَرڻُ:** زيادتي ڪرڻ – ڪم ۾ اٽڪاءُ وجهڻ.

— **دَسْت راسْت:** ذ. ساڄو هٿ – مُعتبر – اعتماد وارو – سچو مددگار.

— **دَسْتَ رَسْ:** [ف. دست = هٿ + رسيدن = پهچڻ] ث. پهچ – پُڄت – پُڄندي – رَسائي – طاقت – هَلندي – هٿ پُهچ – هٿ ڊگهيڙ – ٽونگري – حيثيت – اُپَرَ – هٿ وَسُ. اُپاءُ – وسِيلو.

— **دَسْتَرسِي:** ث. دَسترس – پُهچ – رَسائي – هَلندي.

— **دَسْت شِفَا:** ذ. صحت بخشيندڙ هَٿُ – حڪيم يا طبيب. جنهن جو علاج هميشه ڪامياب وڃي.

— **دَسْت غَيْب:** ذ. ظاهري وسيلي کان سواءِ آمدني – غيبي مدد – ڪناية. مفت جو مال – رشوت جو مال.

— **دَسْت قُدْرَتْ:** ذ. طاقت – قدرت – سَگهه – قدرت جو هٿ – شڪتي – سمرٿي. قابو – اختيار – وَسُ.

— **دَسْتَڪَ:** ث. هٿ جو ڌَڪُ – دروازي تي هٿ سان ڌَڪُ – آواز – کَڙڪو – کڙڪاٽ – ٺڪاءُ – تاڙي.

— **دَسْتڪَارُ:** ذ. صفت. هٿ جو ڪاريگر – هنرمند – اُهو شخص جنهن جي هٿ ۾ ڪونه ڪو هنر هجي – هنر وارو.

— **دَسْتڪَارِي ج دَسْتڪَارِيُونْ:** ث. هٿ جي ڪاريگري – هٿ جو هُنر – هٿ جو ڪم – ڪاريگري. هنرمندي.

— **دَسْتڪُ ڏيڻُ:** دَرُ کڙڪائڻ – تاڙي وڄائڻ – کَڙو کڙڪائڻ – سڏڻ.

— **دَسْت ڪَرڻُ:** هٿ ڪرڻ – حال ڪرڻ – لهڻ – قبضي ۾ ڪرڻ.

— **دَسْت گَاهُ:** ث. مال ۽ اسباب. طاقت – زور – مدد – اُپاءُ – وسيلو – رسد – پُڄندي – قدرت – پُڄت – مَقْدُور – مَهارت – مَشْق.

— **دَسْتگِيرُ ج دَسْتگِيرَ:** ذ. [ف. دست = هٿ. گرفتن = وٺڻ]. صفت. هٿ وٺندڙ – ٻانهن ٻيلي – مدد ڪندڙ – واهرو – مددگار – سهائتا ڪندڙ – حامي – حمائتي – پٺ ڀَرو – مُعاوِنُ. بادشاهه پير حضرت عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه جو لقب.

— **دَسْتگِيرِي ج دَسْتگِيرِيُونْ:** ث. هٿ وَٺڻ – مدد ڪرڻ – پهچ – رسائي – مدد – سهائتا – بچاءُ.

— **دَسْت لَگڻُ:** ٿورو لڳڻ – هر هر پائخانو اچڻ – اِسْهال ٿيڻ.

— **دَسْت مَال:** ذ. هٿ صاف ڪرڻ جو رومال. ننڍڙو ٽُوال.

— **دَسْت نگَرُ:** ذ. صفت. ٻئي جا هٿ تڪيندڙ – مُحتاج – حاجتمند – مفلس – تنگدست.

— **دَسْت وَٺڻُ:** هٿ وٺڻ – دستگيري ڪرڻ – رهبري ڪرڻ – مدد ڪرڻ – حمايت ڪرڻ – حامي ٿيڻ – ڏک درد دفع ڪرڻ.

— **دَسْتِي ج دَسْتِيُ:** ذ. صفت. هٿ جو – هٿ وارو – هٿوهٿ.

— **دَسْتِيَابُ ج دَسْتِيَابَ:** ذ. صفت. هٿ اچڻ جهڙو – هٿ آيل – مُيَسر – موجود – حاصل. پيدا ڪرڻ جهڙو – ملي سگهڻ جهڙو.

— **دَسْتِيَابُ ٿِيَڻُ:** حاصل ٿيڻ – هٿ لڳڻ – ملڻ.

• **دَسْتَارُ ج دَسْتَارُونْ:** ث. پڳڙي – پَڳَ – عَمامو – پٽڪو – لُونگي – پاڳَ – مولِهاتو – مولهيو – ڦَهَڙَ.

— **دَسْتَارْبَنْدُ:** ذ. صفت. پٽڪو ٻڌندڙ – پٽڪو ٻڌل.

— **دَسْتَاربندي:** وڏن ماڻهن جي هڪ رسم جنهن ۾ فوتي جي وڏي پٽ يا وارث کي پڳ ٻڌرائي وڃي. يا ديني علم مان فراغت لهڻ مهل شاگرد کي پڳ ٻڌائجي.

— **دَسْتَارِ فَضِيلَتَ:** ث. ديني علم ۾ فاضل ٿيڻ جو پٽڪو – عَمامهٔ فضيلت.

• **دَسْتَانُ ج دَسْتَانَ:** ذ. (ف) نَغمَه – آواز – ڪهاڻي – آکاڻي – تواريخ – داستان – قصو – ساز جي چاٻي – ڌوڪو – دغا – فريب. رستم جي پيءُ جو نالو.

• **دَسْتَاوِيزُ ج دَسْتَاوِيزَ:** ذ. (ف) هٿ سان لکيل قبُوليت جو ڪاغذ – قبُوليت نامو – اقرار نامو – قَبْضُ – ضَمانت نامو – لکيت

Gul Hayat Institute

– لکيو. حڪومت جي مهر سان لکيل ڪاغذ – تمَسُڪ.

– **دَسْتاويزِيُ:** صفت. دستاويز جو – دستاويز موافق – نبض پٽاندر.

• **دَسْتَرُ:** ذ. [ف] دسترخوانو – ماني رکڻ جو ڪپڙو.

– **دَسْترخانُو ج دَسْترخانَا:** ذ. مانيءَ رکڻ جو ڪپڙو – دسترخوان.

• **دَسْترخَوَانُ ج دَسْترخَوَانَ:** ذ. [ف. دَستارخوان. دستار = پٽڪو، ڪپڙو + خوان = خونچو] ڪاڏي جو ڪپڙو جنهن تي ماني رکي کائجي – چادر – سُفرو – دسترخانو.

– **دَسْترخَوان جي ٻِلِي يا مَکِ هُئَڻُ:** ڪاڏي ۾ زوري شريڪ ٿيڻ.

– **دَسْترخَوانُو ج دَسْترخَوانَا:** ذ. ميزپوش – ميز جو ڪپڙو – ماني ڪارائڻ لاءِ وڇايل ڪپڙو – ڍاڪون ڍڪي کٽي وجهڻ وارو ڪپڙو.

• **دَسْتو ج دَسْتَا:** ذ. [ف. دَسْتَهٔ = هٿيو] هٿيو – هَٿُ – مُنيو – مُٺ – ڳَـنَ – هَتو. چنگل – ڄرُون. لَپَ. مصالح وغيره ڪُٽڻ لاءِ ڏاتُو يا پٿر جو مُهرو – ڏندو. جيئن "هاون دستو". فوج جو هڪ حصو. ننڍي پلٽڻ – جٿو. ماڻهن جي ٽولي – جماعت – گروهه. ڪاغذن جو ڪجهه انداز – ۲۴ پنن جو بندل – ٿهو – ڊِڳَ – سَنو. بدن جو هڪ حصو.

• **دَسْتُورُ ج دَسْتُورَ:** ذ. [ف. دست = زور، ور = هڪ صفتي پڇاڙي] طرز – رَوِش – رسم – رواج – ريت – پَرِ – اُصول. ڍنگ – ڍَبَ – نمونو – وتيرو – طور – طريقو – عادت – چال – هلت – وَجهه – اَٽ ويهه – ڍول – پرڪارُ – افعال – عادت – لڇڻ –لَلُ. قاعدو – قانون – نيم – آئين (ظرف). جان – وانگيان – وانگر – طرح.

• **دَسْتُورُ العَمَلِ:** ذ. رواج – قاعدو قانون – ريت رواج – هلت چلت جو طريقو – اُٿڻ ويهڻ جو ڍنگ. حڪومت جو سرشتو – سرڪاري حڪمن جو ڪتاب – هدايت نامو. ناهه نوهه – سنوار – ضابطو.

– **دَسْتُورُ ٻَڌَڻُ:** قاعدو مقرر ڪرڻ – عادت وجهڻ – معمول ناهڻ.

– **دَسْتُورُ جَارِي ڪَرَڻُ:** قاعدو ڪڍڻ – رواج وِجهڻ.

– **دَسْتُورِيُ ج دَستُورِيُ:** ذ. صفت. دستور موجب – رواج موجب – نموني مطابق – رواجي – هالو چالو. (ث) دلالي – لاٽ _ هنديائو – لاڳ – لاپو – ابواب – پانت. بالائي اُپت – رشوت.

• **دَسْتِي ج دَسْتِيُونَ:** ث. [ف. دَسْت = هٿ] هٿ جو – هٿ ۾ کٽي وجهڻ جهڙو. زيور جو هڪ قسم. ٻانهن ۾ پائڻ جو هڪ زيور. هٿ ۾ جهلي ٻيهڻ جو حقو. چرِ جو دستانو جنهن تي باز وهارجي. ترار جو مُنيو – پالي جو هٿيو – مُٺ. ڪپڙي ۾ ٻڌل ڪاغذن جي هَـڙَ – ٿهي – سَٿي – بندلي. وَهَٽَ ڪي اڳين ٻن ٽنگن ۾ پيل ڏاوڻُ – (ت). ڪُلهي وارو گوشت جو ٽُڪر.

• **دَشْتِي:** اسم خاص. (بلوچن جو هڪ قبيلو دشتِ مڪران جو دشتي). تعلقي شڪارپور، تعلقي جيڪب آباد، تعلقي بدين ۽ تعلقي ماتلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دَسْرو:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **دُسرِيُ ج دُسرِيُونَ:** ث. ڳَـهَہ جو هڪ قسم – ٻن سَرن جي ڏُهري (لس).

• **دُسِرُ(ٿ):** ث. ڏِسرَ – گهٽي مِٽي. خراب رستو.

• **دَسَ قَسَ:** ث. دهڙ دُونس – دَبالَت – دب قس – زورا زوري – حڪمان حڪمي.

– **دَسَ قَسَ ڪَرَڻُ:** دب قس ڪرڻ – زوري ڪرڻ – دَبالت ڪرڻ.

• **دَسَ ڪَرڻُ (ڪ):** ڪيٽِ جو پنجهو تورو تورو ڪري هارڻ.

• **دُسْڪِنُو ج دُسْڪِنَا (ت):** ذ. صفت. ٿلهو – دونسو. (ث. دُسْڪِنِي ج دُسْڪِنِيُون).

• **دَسَ لَهَڻُ (ت):** ڪورين جي اصطلاح ۾. پاڻ ۾ ڪندي سُواري تانيءَ مٿان آهستي آهستي گهمائيندو وڃڻ ۽ خيال ڪري ڏسڻ (ته تندون هڪ ٻئي کان ڌار ٿين ٿيون).

• **دَسْمَرُ ج دَسْمَرَ:** ذ. سڙيل جاءِ تي رکڻ لاءِ گيهه ۾ رڌل اٽي جي پوٽيس. ڦُرڙي تي رکڻ لاءِ ڳوهيل اٽو.

• **دَسْمَلُ ج دَسْمَلَ (ت):** ذ. ڪنوار کي اُپٽڻ هڻڻ جو ڪم.

• **دَسَڻُ:** مصدر: [سن. دَسَن = دسڻ] ٻيٺل ماڻهو يا جانور کي هيٺ ڪيرائڻ – ڪيرائڻ – ڍاهڻ – ليٽائڻ. هيٺان آڻڻ. جيتڻ – غالب پوڻ "دشمن دسڻ، مَلهه دسڻ وغيره."

• **دُسَڻُ:** مصدر. ڳپ ۾ ڦاسڻ – ڦَـپڻ – ڦَـڇَڻُ. داخل ٿيڻ – گهڙڻ.

• **دَسو:** اوني ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **دُسو ج دُسَا:** ذ. [ف. دُشاله.سن. دوشَاٽَ]. اوڇڻ جو هڪ قسم – دُشالو – دُشو. ڪمبل. جيئن: "دُسا ٻهرن ديس تي، مارُو ريٽا ڪَن." (هنر).

Gul Hayat Institute

• دَسوَانُ ج دِسوانَ (ت): ذ. [سن. دشن = ڏهه] ڏهون – بدن جي ڏهن عضون (جهڙوڪ ٻن اکين، ٻن ناسن، ٻن ڪَنَنِ، وات، گديا، آلت ۽ تارون) مان هر هڪ عضوو. دَسوون در – ڏهون در.

• دَسهرو ج دَسهرا: ذ. [سن. دَشرا: دشن = ڏهه + هَر = مارڻ، ڪٽڻ، ١_ ٽي ڏوهَ جسم جا: خون، چوري، زنا، ٢_ چار ڏوهه زبان جا: گندي گفتگو، شوخ پوڻ، گلا ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ. ٣_ ٽي ڏوهه مَنَ جا: پَرائو مال تَڪڻ، دل ۾ خراب خيال ڪرڻ، ويساهه نه ڌارڻ. هندن جو هڪ وڏو ڏينهن (جيٺ مهني جي ١٠ تاريخ جنهن ۾ هندو عقيدي موجب گنگا اشنان ڪري گناهه ڌوتا وڃن. انهيءَ ڏينهن تي رامچندر شري، راوڻ کي شڪست ڏني ان ڪري ملهايو پيو وڃي).

• دَسِي ج دَسِيُون (ت – ل): ث. چِڙهت رِشڪ. خارَ – چِڙَ – ڪاوڙ. ناٽي جي چوٽَ – ڪوٽ – راند ۾ ڏوڪي ڏيڻ لاءِ وڏي رقم جو داءُ.

– دَسِي ڏيڻُ: جيتڻ – ڪٽڻ – سوپ ڪرڻ – بازي ڪـٽـڻ. خار ڏيڻ – ساڙڻ – ڏوڪي لاءِ وڏي رقم داءُ ۾ وجهڻ.

• دَسِي هَڻُ (ت): جوارين جي اصطلاح ۾ راند ۾ اوٽ تي وڌيڪ پئسا وجهڻ – راند ۾ اڳلي کي گهٽا پئسا وجهي پچائڻ – راند چڏائڻ لاءِ رواجي چال کان وڌيڪ چال ڪرڻ لاءِ پئسا وجهڻ.

• دَسِيُونُ (ل): ذ. ڏاس جو اوچيدار ڏاڳو جو گهوٽ جي گهر ۾ ٻڌبو آهي – نانگ جيان وٽيل تنگيو پيو هوندو آهي.

• دَشَا ج دَشَائُونُ: ث. (سن) حالت. "وِرشَا."

– دَشَا مَٽائڻُ: پائخاني وڃڻ – رفع حاجت لاءِ وڃڻ.

• دِشا ج دِشائُون: ث. [سن. دِش = طرف] طرف – ڏس – پاسو.

• دُشَالو ج دُشَالا: ذ. [سن. دوُ = ٻه + سالور = شال] ٻٽي شال – ٻيٽي شال گَدَ اَٽيل.

• دَشتُ: ذ. [ف] صحرا – بيابان – رڻ پٽ – رَڄ – ميدان. جهنگل. اسم خاص. بلوچستان ۾ هڪ برساتي نديءَ جو نالو. رياست مڪرانجو هڪ ضلعو.

• دَشت بي دولَت: اسم خاص. رياست قلات ۾ بولان دَري جي منهن وٽ هڪ ميدان (جو ڪرد قوم جي ملڪيت آهي).

– دَشت پيَما: ذ. جهنگل، بيابان ۾ ڦرندڙ – آواره _ پريشان – وانڊرو.

– دَشت پيَمائي: بيابانن ۾ رُلڻ جي حالت – جهنگل جهاڳڻ جي حالت.

– دَشت خَاني: اسم خاص. ايران ۽ مڪران ۾ رهندڙ هڪ قوم جو نالو.

– دَشت نَوَرد: صفت. جهنگل ۾ رُلندڙ – بيابان جهاڳيندڙ.

– دَشت نَوَردِي: ث. جهنگل بيابان ۾ رلڻ ۽ دربدر ٿيڻ جي حالت.

• دَشتِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. بلوچستان جو هڪ قبيلو.

• دِشتِ: ث. [سن. درِش = ڏسڻ] نظر – نگاهه – درشت.

• دُشتُ ج دُشتَ: ذ. [سن. دُشت = نياڳو. دُش = دشمني ڪرڻ] خراب – ڪنو – بڇڙو. نياڳو – چنڊول – نحس. ظالم – بي رحم – پاپي. ڪوٽو – ڪُوڙو. بدڪار – بد ذات – بدچال.

– دُشتَائي: ث. خرابي. بڇڙائي – بدڪاري. بُرائي – گناهه – پاپ.

• دُشڪَارِي ج دُشڪَارِيُون (ت): ث. اُلٽي – قيءِ _ اوڪارو.

• دُشڪَارِي اَچڻُ: قيءِ اچڻ – اُلٽي اَچڻ.

• دُشمَنُ ج دُشمَنَ: ذ. صفت. [ف. دُشمن: سن. دُشت = خراب + من = ويچار جي شِڪتي] خراب نيت وارو – بدخواه _ ويري – مخالف – دشمن – شَترو – غنيم – رِپَ – عَدُو – وِروڌِي. پٽيان پيل – مَنگهُرو – حريف – رقيب.

– دُشمَنَاٽُو: ذ. دشمني – دشمنو.

– دُشمَنُ جَانِي: ذ. صفت. جان جو دشمن – وڏي ۾ وڏو دشمن – قاتل دشمن – موتمار دشمن.

– دُشمَنُ مَرِنئي: جملو. بار کي پاراتو ڏيئي دعا ڪرڻ.

– دُشمَنو: ذ. وير – عَداوَت – بدخواهي – وِروڌ – دشمني.

– دُشمَنُ هيٺ ڪَرڻُ: دشمن کي زيربار ڪرڻ. دشمن کي فتح ڪرڻ.

• دُشمَني ج دُشمَنِيُون: ث. ويرُ – عداوت – وروڌ – ضدَ _ خُصُومت. بُغضُ – دُشمِڻي – زَنگُ – ڪُلفت.

– دُشمَنُ ج دُشمَنَ: ذ. دشمن.

– دُشمِڻَاٽُو ج دُشمِڻَاٽَا: ذ. صفت. دشمن جو – ويرين جو – دُشمني وارو – دشمڻڪو.

– دُشمِڻڪو ج دُشمِڻڪَا: ذ. صفت. دشمني وارو – دُشمني جو – دشمڻاٽو.

Gul Hayat Institute

– **دُشمني ج دُشمنيُون:** ث. دشمني.

• **دُشنَا:** ذ. [ف] خنجر – تلوار – ڪٽاري.

• **دُشنَامُ:** ث. [ف] گار – گار گند – خراب لفظ.

• **دُشو ج دُشَا:** ذ. [سن. دُشَا] اوني چادر جو هڪ قسم – دُشالو – مَلِيرُ – بوجڻ. ديسي اُٽيل ڪپڙو – اڻ گهڙيو ڪپڙو. ٿلهو، کهرو جاڏو سادو (ڪپڙو). (هه دُشا).

• **دُشوَارُ ج دُشوَارَ:** ذ. صفت. [ف. دُش = خراب + "وار" نسبت جي نشاني] ڏکيو – اَهنجو – مُشڪِل – سخت – ڪَٺَنُ.

• **دُشوَارِيُ ج دُشوَارِيُون:** ث. مشڪلات – ڏکيائي – اهنجائي – سختي – تڪليف.

• **دُعَا ج دُعَائُون:** ث. [ع. دَعَا = هن سڏيو] گهُر – سَڏُ – خواهش – آرزو. گهُرج – مِنٿَ – اَرْداسُ – سوال. خيرعافيت جي چاهنا – مُناجات – مَغفِرَت.

– **دُعَا دَفعا ڪَرائڻُ:** ڦيڻو وجهائڻ – تعويذ وٺڻ – تندرستي ۽ بخت جي بلندي لاءِ دعا گهرائڻ.

– **دُعَا دِلِ سَانُ نہ لَڳَڻُ:** پڪ نہ ٿيڻ. اعتبار نہ اچڻ.

– **دُعَا ڪَرَڻُ:** ڀلائي چاهڻ – نيڪي گهرڻ – خدا کي التجا ڪرڻ – آسيس ۽ عافيت گهرڻ.

– **دُعَاگـو ج دُعَاگـو:** ذ. صفت. ٻئي جي لاءِ دعا گهرندڙ – دعا ڪندڙ – خيريت گهرندڙ – خير گهرندڙ – ڀلو گهرندڙ – آسيس ڏيندڙ. خير خواه عرضدار – نيازمند.

– **دُعَاگو:** ذ. صفت. دعاگو.

– **دُعَاگهرڻُ:** خداتعاليٰ کان ڀلائي گهرڻ – مراد گهرڻ – ڀلو گهرڻ – عافيت گهرڻ – حاجت روائي چاهڻ.

– **دُعَالَڳَڻُ:** دُعا جو اثر ڪرڻ – مراد پوري ٿيڻ.

– **دُعَائي خير:** ث. درگاهه باريءَ ۾ نيڪ دُعا – سٺي التجا برڪت – آسيس. نڪاح. فاتحہ.

• **دَعوا ج دَعوائُون:** ث. [ع. دَعَا = هُن گهُر ڪئي] گهُر – طلب – تقاضا – چِڪ – طلبي – خواهش – مطالبو. مُعاملو – تڪرار – بحث – حقُ. مقدمو – ديواني ڪيس – فرياد – دانهن – ڪُوڪَ – پوڪار – پُڪار – قاعدي جي ڪارروائي.

– **دَعوا ٻڌڻُ:** مقدمو ناهڻ – مقدمو ڪرڻ. ڪنهن ڪم جو شرطيہ اعلان ڪرڻ.

– **دَعوا جَمائِڻُ:** مقدمہ جمائڻ – قبضو جمائڻ – حق جمائڻ.

– **دَعوا داخل ڪَرَڻُ:** ڪورٽ ۾ ڪيس ڪرڻ – مقدمو ڪرڻ – گهُر داخل ڪرڻ.

– **دَعوا دارُ ج دَعوا دارَ:** ذ. صفت. دعوا ڪندڙ – فريادي – پُڪاريندڙ – مقدمہ ڪندڙ – حق گهرندڙ – عرضدار – دانهين – مُدعي – چِڪيندڙ – تقاضا ڪندڙ. دشمن – رقيب.

– **دَعوا گِيرُ ج دَعوا گِيرَ:** ذ. صفت. گهڻيون دعوائون ڪندڙ – جهڳڙالو – تڪراري.

– **دَعويدارُ ج دَعويدارَ:** ذ. صفت. مُدعي – فريادي. رقيب. مُخالف – تقاضا ڪندڙ.

– **دعوا ڪَرَڻُ:** مُطالبو ڪرڻ – گهُر ڪرڻ – فرياد ڪرڻ – مقدمہ ڪرڻ – درخواست ڪرڻ.

• **دَعوَتَ ج دَعوَتون:** ث. [ع. دَعَا = هن سَڏُ ڏنو] ڪوٺَ – نيندِ – نوتو – سَڏُ. ڪاڄي جي ڪانڊ. شاديءَ جي ڪوٺ – مجلس ۾ شريڪ ٿيڻ جو سَڏُ – نِينهَنڊ. ضِيافَت.

– **دَعوَتِ اِسلام:** ث. اسلام ۾ اچڻ يا مسلمان ٿيڻ جي دعوت ڏيڻ. نصيحت وسيلي مسلمان ٿيڻ جو چوڻ.

– **دَعوَتَ تي وَڃَڻُ:** ڪاڄي جي ڪوٺ تي وڃڻ.

– **دَعوتُ ڏِيڻُ:** ڪاڄي يا مجلس لاءِ سڏڻ.

– **دَعوتِ شيراز ڪَرَڻُ:** دال ماني کارائڻ – تڪليف نہ ڪرڻ – جيڪي هجي سو کارائڻ – حال پريان نال ڪرڻ.

– **دَعوَتَ قَبول ڪَرَڻُ:** ڪاڄي ڪائڻ جي استدعا منظور ڪرڻ – ڪوٺ وَرنائڻ.

– **دَعوت ڪَرَڻُ:** ڪاڄي ڪائڻ لاءِ نِيند ڏيڻ – مجلس ڪرڻ.

– **دَعوَت نامُو ج دَعوَتَ نامَا:** ذ. دعوت جو خط يا سَڏُ.

– **دَعوَتِ وَليمَہ:** ث. شاديءَ جي موقعي جي دعوت – نڪاح جي موقعي تي کاني جي ڪوٺ.

• **دَعِيُ مُدعِيُ:** ذ. صفت. فريادي ۽ جوابدار ٻئي – ڪيس جون ٻئي ڌريون – مخالف ڌريون. ظرف. آمهون سامهون – منهن مقابل – هڪٻئي جي روبرو.

• **دَغَا ج دَغَائُون:** ث. (ف. ع) ٺڳي – دلبو – دولاب – ڊوڀو – ڊوکو – دوکو – دم – مڪر – فريب – ڪوٽ – ڪپٽ – ڪُڌت – ڇَلُ – دوهہ – ويساهہ گهاتي – بي ايماني.

Gul Hayat Institute

• **دلَ:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ ديهن جو نالو. هڪ ذات جو نالو.

• **دَلُ ج دَلَ:** صفت. [سن. دَلَ = ڊِڳُ] گهڻو – جهجهو – جام – مَڙو – زياده ـ ٻهُون – وافر – تمام گهڻو – تمام جهجهو – اَڪيچار – بي شمار – بي اَنتُ – بي انداز – آيلَ ڇيلَ. (ذ). ڪوڙ – ڊِڳ – انبار – ميڙُ. ڪڪرن جو جهڳٽو – جيتن جو ميڙ – ساهه وارن جو انبوهه. گهڻو لشڪر – وڏي فوج – لشڪر – فوج – ڪَٽَڪُ – اُڙدُ – سِپُنا – هشام. (چون ٿا ته دنيا ۾ ڪل اڍائي دل آهن. جن مان هڪ دَلُ مَڪڙن جو، ٻيو دَلُ ماڪوڙينجو ۽ اڌ دَل آهي باقي سمورن ساهوارن جو). تُلسيءَ جو پَنُ. ڪورين جي هڪ اوزار جو نالو (پنج فوٽ کن ڊگهو رسو جو پيڻ ڪندي تاڃيءَ جي مُنڍ ۾ مُنيءَ سان ٻڌبو آهي). اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **دَلُ:** ذ. [سن. ڊيلا = اک جو تارو] اک – تارو.

• **دَلُ:** اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دِلِ ج دِليُونَ:** ث. (ف) بدن جي هڪ رئيس عضوي جو نالو (جنهن جو ڪم آهي سڄي بدن ۾ رت پهچائڻ). قلب – هردو – مَنُ – هيانءُ – هيُونَ – جگر – سِينو – چِتُ – باطِنُ – اندرُ – منجههُ. هَانوَ. هِمّت – شُجاعت – دليري – طاقت – بهادري – جرئت. مرضي. خيال – راضپو – خواهش – سَڌِ – ارادو – مطلب – مَنْشيا – نيّت. جيئن "منهنجي هينئر هلڻ تي دل ڪانهي". ڌيان – حوصلو – تَوجّهَ – رُخُ.

– **دلِ آب ٿيڻُ:** پِتو پاڻي ٿيڻ. دل نرم ٿيڻ – ارمان ٿيڻ – تمام گهڻو ڏ ک ٿيڻ.

– **دلِ آرا:** ذ. صفت. [ف. آراستن = سينگارڻ] دل کي وڻندڙ – دلبر. پريتم – پيارو – جانِي – معشوق – محبوب – دلِ گهُريو – دلپسند.

– **دلِ آرامُ ج دلِ آرامَ:** ذ. صفت. دل کي آرام ڏيندڙ – دل کي راحت ڏيندڙ. پيارو – محبوب – مَنٺارُ – دلِ ٺاريندڙُ.

– **دلِ آزارُ ج دلِ آزارَ:** ذ. صفت. دل دکائيندڙ – تڪليف ڏيندڙ – ڏک پهچائيندڙ ظالم.

– **دلِ آزارڻُ:** ڏکوئڻ – ستائڻ – تڪليف ڏيڻ.

– **دلِ آزاريُ:** ث. ظلم – ستم – ايذاءَ – رنجُ.

– **دل آزارُ:** ذ. صفت. ناراض – ڪاوڙيل – رنجيده ـ ناخوش.

– **دل آويز:** ذ.صفت. دل کي وڻندڙ – دلپسند.

– **دل اٿڻُ:** موج ۾ اچڻ – وَجدَ جي حالت ۾ اچڻ – سُڌِ هئڻ – چاهَتَ هئڻ. ڪنهن ڪم لاءِ هڪدم تيار ٿي وڃڻ. چريو ٿيڻ.

– **دل اُٿڻ يا اُٿِي وَڃڻُ:** بيزار ٿيڻ – محبت يا پيار نه رهڻ.

– **دل اٽڪائڻُ:** دل ڦاسائڻ – عشق ڳنڍڻ – دل لڳائڻ.

– **دل اٽڪڻُ:** عشق ٿيڻ. محبت ٿيڻ – پيچ پوڻ.

– **دل اُچاٽ ٿيڻُ:** جِيءَ گهبرائڻ. بيزار ٿيڻ – دل کڄي وڃڻ.

– **دل اُفتادَهُ:** ذ.صفت. دل شڪسته – بد دل – بيدليو.

– **دل افروز:** ذ. صفت. دل کي روشن ڪندڙ.

– **دل اَفگـارُ:** ذ. صفت. زخمي دل وارو – غمگين – رنجيده.

– **دلبازُ ج دلبازَ:** ذ. صفت. جرئت وارو – همّت وارو – دلير. بي شرمو. چالاڪ. هوشيار.

– **دل باغ باغ ٿيڻ:** نهايت خوش ٿيڻ – سرهو ٿيڻ – مُسرّت حاصل ٿيڻ – گهڻي خوشي ٿيڻ.

– **دلِبرُ ج دلِبرَ:** ذ. صفت. دل کڻي ويندڙ – دل وارو – دل گهُريو. وڻندڙ – موهيندڙ – موهڻو – سُندَر – خاصو – سهڻو – حَسِينُ. پيارو – محبوب – معشوق – مُوهَنُ – سُپرين – ساڄَنُ – مُحبُ ـ پرين.

– **دلِبَري ج دلِبَريُونَ:** ث. دل کڻي وڃڻ جي حالت – معشوقپڻو – پيار – محبت. دلي آٿت. دلداري – تَسَلِي. خاطر تواضع – مهمان داري – آدرڀاءَ – آجيان – مَرحبا – خوش آمديد.

– **دل بَسْتهَ:** ذ. صفت. عاشق – موهتُ – اَڪَنَ ڇڪَنُ. ڏکويل – رنجايل – پيڙيل.

– **دلِ بَندُ ج دلِ بَندَ:** ذ. صفت. جگر – فرزند – اولاد. دوست. دل جي برابر پنيون پاڳو يعني پُني چيلهه کان مٿي ڪُلهن جو وچ. پُنيءَ جي ڪرنگهي جا ٻئي پاسا (ڪ).

– **دلِ بَهار:** ذ. صفت. دل کي بَهاريُ ڏيندڙ – دل کي فرحت ڏيندڙ.

– **دلِ بَهار بَهار ٿيڻُ:** خوشي ٿيڻ – مسرّت ٿيڻ.

– **دل بهار ٿيڻُ:** خوش ٿيڻ – مسرت ٿيڻ.

– **دل بَهلائڻ:** دل کي سير تماشي ۾ مَصرُوف ڪرڻ يا رُڌائڻ – ٻئي طرف دل لائڻ – دل وندرائڻ.

Gul Hayat Institute

— **دل پڪي ڪرڻ:** دل مضبوط ڪرڻ — دل قابو ڪرڻ — دل کي ضابطي هيٺ رکڻ.

— **دل پلڻ:** آسرو پلڻ — اُميد لاهڻ. ڇڪَ يا سڌَ نہ هئڻ — دلجاءِ ڪرڻ — خيال ئي ڇڏي ڏيڻ.

— **دل جا اُنڪُور (ت):** ذ. دل جا ڏُکَ — دل جا سُور.

— **دلجاءِ:** ث. آسرو — اميد — خاطري — پڪَ — تسلي — دلاسو — ويساهه — خاطر جمعي — آٿتُ — ڀروسو. همٿ — ٽيڪَ — مدد. پرچاڻي.

— **دلجاءِ ڪرُ:** جملو. هوش سنڀال — مغز تڪاڻي ڪر — هوشيار ٿي. پرواهه نہ ڪر — دل نہ لاهہ — ماندو نہ ٿي — تسلي ڪر — ڌيرج ڪر — فرحت ڪر — آرام ڪر — تازو ٿي — دم پٽ — خاطري ڪر — سُکَ سان رَهہ.

— **دلجاءِ ڪرڻ:** پڪ ڪرڻ — يقين ڄاڻڻ — يقين محڪم ڪرڻ — ڇيتو جاءِ ڪرڻ — ڀروسو ڪرڻ — اعتبار ڪرڻ.

— **دل جلڻ:** دل سڙڻ — ساڙ لڳڻ — خار لڳڻ — ڪاوڙ لڳڻ. حسد ٿيڻ — رَشڪُ ٿيڻ — ڪِروڌ ٿيڻ — خراب لڳڻ.

— **دلِ جليو ج دلِ جليا:** ذ. صفت. دل سڙيل — مظلوم.

— **دلِ جمعُ رکڻ:** آرام ۾ ويهڻ يا رهڻ سک ۾ رهڻ.

— **دلِ جمعي:** ث. بي فڪري — تسڪين — آٿتُ — اِطمينان — تسلي — خاطري — پڪ — دلاسو — ڏَڍُ.

— **دلِ جمعُ رکڻ:** آرام ۾ ويهڻ يا رهڻ — سک ۾ رهڻ.

— **دلِ جمعي:** ث. بي فڪري — تسڪين — آٿتُ — اِطمينان — تسلي — خاطري — پڪ — دلاسو — ڏَڍُ.

— **دل جمعي ڪرڻ:** خاطري ڪرڻ — تسلي ڪرڻ — پڪ ڪرڻ.

— **دلِ جوج دلِ جو:** ذ. صفت. گهڻو خوش ڪندڙ. دل کي وڻندڙ — محبوب — پيارو.

— **دلِ جو اڇو هئڻ:** اندر جو صاف هئڻ — ايماندار هئڻ — نيڪ نيت هئڻ — خيرخواهه هئڻ.

— **دل جو آرمانُ ڪڍڻ:** دل مان ڏک ڪڍڻ — ساڙ ڪڍڻ. جيڪي ڇوٽو هجي سو چئي ڏيڻ — دل ۾ حسرت باقي نہ رهڻ.

— **دلِ جو بادشاهُ:** ذ. صفت. مرضيءَ جو مالڪ — خود مختيار. آزاد.

— **دلِ جو بخار ڪڍڻ:** دل مان لِڪلَ ڪاوڙ ڪڍڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ. جيڪي ڇوٽو هجي سو چئي ڏيڻ.

— **دل جو دَريا:** ذ. صفت. سخي. وڏي دل وارو. فياض — فراخ دل.

— **دل جو غُبار نڪرڻ:** دل مان ٻَغا يا ڪُدورت نڪرڻ — دل منجهان غم غصو نڪري وڃڻ.

— **دل جو قاضي ڪرڻ:** ويچار ڪرڻ — خيال ڪرڻ — دل مَنُ ڀُڇڻ.

— **دلَ جو ڪارو هئڻ:** دل جو پليت هئڻ — ڪوڙو هئڻ — دغاباز هئڻ.

— **دل جو گسُ لاهڻ (ڪ):** دل جو ارمان دور ڪرڻ.

— **دل جو ڪهاءُ ڄاڻڻ:** ڳجهي صدمي کان واقف هئڻ.

— **دل جو مُلڪ لٽائڻ:** عشق ۾ گرفتار ٿيڻ — حُسن تي حيران ٿيڻ — محبت ۾ مبتلا ٿيڻ — قرب ۾ قاسي پوڻ — دل قاسائي ڇڏڻ — دل ڦرائي ڇڏڻ.

— **دلِ جُون تَندُون وَڄڻ:** تمام گهڻو خوش ٿيڻ — رڳ رڳ ٺرڻ — گَدِ گَدِ ٿيڻ.

— **دلِ جُون مُڪُون دلِ کي لَڳڻُ (ت):** پنهنجن عزيزن مان ئي نقصان رَسڻ.

— **دل جو هَلڪو هُجڻ:** هلڪي طبيعت جوهجڻ. گنڀير نہ هجڻ — بردبار نہ هجڻ — راز جون ڳالهيون کولي ڏيڻ.

— **دلِ جوئي:** ث. دِلداري — تسلي — ڏَڍُ — دلاسو — آسرو — تسڪين.

— **دلِ جُوئي ڪرڻ:** دلداري ڏيڻ — تسڪين ڏيڻ.

— **دلِ جي اَک ۾ جاءِ ڪرڻ:** تمام گهڻو وڻڻ — پيارو لڳڻ — محبوب بنجڻ — منظورِ نظر ٿيڻ.

— **دلِ جي اَک ۾ سُرمُو پائڻ:** من جي ميرائي لاهڻ — اندر اُجارڻ — دل جي دري کولڻ — قلب روشن ڪرڻ — حقيقت حاصل ڪرڻ — خدا کي سڃاڻڻ.

— **دلِ جي دلِ ۾ رَهجي وڃڻ:** اُميد پوري نہ ٿيڻ — حسرت رهڻ.

— **دلِ جي ڪُنجي:** همراز — صلاحڪار — مُشير — همدم.

— **دلِ جي لَڳي:** عشقُ — محبّت — پريت.

— **دلَ جمڻ:** دل لڳڻ — جيءُ لڳڻ. ڪنهن ڪم ۾ توجه ڏيڻ. خيال هڪ هنڌ ڪرڻ.

— **دل جهلڻ:** همت ٻڌڻ — جرائت ڪرڻ — دل کي مضبوط ڪرڻ — مَڙسي ڪرڻ — بهادري ڏيکارڻ.

Gul Hayat Institute

— **دل شادُ ج دل شادَ:** ذ. صفت. دل کي خوش ڪندڙ. خوش — سرهو — مگنُ — خورمُ.
— **دل شاد ڪرڻُ:** خوش ڪرڻ — مسرور ڪرڻ.
— **دل شاهدي نه ڏيڻُ:** اعتبار نه اچڻ — ڀروسو نه اچڻ.
— **دلِ شڪستُ ج دلِ شڪستَ:** ذ. صفت. دل ٽٽلُ — ڀڳل دل — بي وس — لاچار — مرضيءِ خلاف. نا اُميد — مايوس. ناراض — رنج — غمگين.
— **دل شڪستو ج دل شڪستا:** ذ. صفت. ڀڳيءِ دل وارو — نااُميد — بي دل. ناراض رنجيده. اُداس.
— **دل شڪستي:** نا اُميدي — دل شڪني — بي وسي — لاچاري.
— **دل شڪني:** ث. دل ڀڄڻ جي حالت — نامرادي — نااُميدي.
— **دلِ شگفته:** ذ. صفت. وڏيءِ دل وارو — کليل دل وارو — ٽڙندڙ دل ـ خوشيءِ سان ڀريل دل.
— **دل فروز:** ذ. صفت. روشن دل وارو.
— **دل فريبُ ج دلِ فريبَ:** ذ. صفت. دل کي ٺڳيندڙ موهيندڙ ڀائيندڙ — رِيجهائيندڙ.
— **دل فريبي ج دلِ فريبيون:** ث. دل لڀائڻ جي حالت — عاشقي — پريت — چاهنا.
— **دل فگارُ ج دل فگارَ:** ذ. صفت. ٽٽل دل وارو — اُداس — غمگين — اُپاٽڪو — عاشق.
— **دل ڦاٽڻُ:** ڪنهن ڏک واري ڳالهه ٻڌڻ سبب دل جو قابو ۾ نه رهڻ.
— **دل ڦاسڻ:** عاشق ٿيڻ — مائل ٿيڻ.
— **دلِ ڦٽجڻ:** ڏکارو ٿيڻ — غمزده ٿيڻ — دکدائڪ ٿيڻ — عاشق ٿيڻ.
— **دلِ ڦرڻُ:** بيزار ٿيڻ — ڪوَ سبب توجهَ نه هجڻ. اُلٽي جو خيال ٿيڻ — دل ڦري وڃڻ — دل ماندي ٿيڻ — دل ڪچي ٿيڻ.
— **دل ڦيرائڻُ:** بيزار ڪرڻ. بي رخ ڪرڻ — برغلائڻ.
— **دل ڪباب ٿيڻ:** دل کي تمام گهڻو رنج پهچڻ — دل سڙڻ — دل ٻڇڻ — اندر جلڻ.
— **دل ڪٽجڻُ:** دل ڪاري ٿيڻ — دل ۾ بيائي ٿيڻ — دل ۾ ڪدورت اچڻ.
— **دل ڪچي ٿيڻُ:** ڪَنِي اچڻ — اُلٽي اچڻ — اُبتو ٿيڻ — اوڪارو ڏيڻ — ڪراهت ڏيڻ — طبيعت خراب ٿيڻ — ارچ ٿيڻ. اُبڙڪا اچڻ — ٻُڇان لڳڻ.
— **دل ڪڍڻُ:** خواهش ڪرڻ — سڪ ٿيڻ — بي چين ٿيڻ — دل ڀرجي اچڻ — روح جو ريلو ٿيڻ — سڪڻ — ڇڪيون ڏيڻ. اُڪنڊجڻ — آندا اُٿلڻ — دل هُرجڻ ـ آسڪائڻ — تڙڦڻ. وياڪل ٿيڻ.
— **دل ڪرڻُ:** همت ڪرڻ — جرائت ڪرڻ — بهادري ڪرڻ. سخاوت ڪرڻ — دل گهُرڻ.
— **دل ڪشُ ج دلِ ڪشَ:** ذ. صفت. دل کي ڇڪيندڙ — موهيندڙ — نپائيندڙ — سهڻو — خوشنما — دلپسند — حسينُ.
— **دل ڪُڙهڻُ:** غم ڪرڻ — افسوس ڪرڻ — رنج ڪرڻ. جلڻ — ٻچڻ — سڙڻ (دل).
— **دلِ ڪُشا:** ذ. صفت. دل کي کوليندڙ — فرحت ڏيندڙ — دل روشن ڪندڙ.
— **دل ڪشيده ٿيڻُ:** بيزار ٿيڻ — رنجيده ٿيڻ.
— **دل ڪرسي ٿيڻُ:** ڏک ٿيڻ — ارمان ٿيڻ.
— **دل ڪوسي ڪرڻُ:** ناخوش ڪرڻ — ناراض ڪرڻ — بدگمان ڪرڻ.
— **دل ڪومائجڻُ:** سُست ٿيڻ — بي همت ٿيڻ. ارمان ٿيڻ.
— **دل ڪٽني ٿيڻُ:** ڪک ٿيڻ — نااُميد ٿيڻ. بيزار ٿيڻ — خفي ٿيڻ — آتو ٿيڻ. مزو نه اچڻ.
— **دل کلڻُ:** دل جو حجاب لهڻ. سمجهه ٿيڻ.
— **دلِ کليلُ ج دلِ کليلَ:** ذ. صفت. وڏيءِ دل وارو — ڪشاده دل — فراخ دل. سخي — داتا — ڏاتار — فيّاض.
— **دل کليلَ يا ڪشادي هئڻُ:** داتا يا ڏولهه هئڻ.
— **دل کولڻُ:** ڳجهه ظاهر ڪرڻ — حال ٻڌائڻ — اندر جو احوال ڏيڻ.
— **دل کولي:** ظرف. چڱيءِ طرح — بخوبي — بي ڌڙڪ.
— **دل کي آوڙڻُ:** دل کي لڳڻ — دل سان لڳڻ. ساءُ اچڻ.
— **دل کي دل جي ڪشش ٿيڻ:** پيار ڪرڻ واري کي پيار ڪرڻ.
— **دل کي ڏکو اچڻُ:** ارمان ٿيڻ. دل جو ڳانڍاپو ٽٽي پوڻ.
— **دل کي لڳڻُ:** ياد اچڻ — ياد پوڻ — دل تي اثر ٿيڻ — يقين ٿيڻ — پڪ ٿيڻ — دل سان لڳڻ.
— **دل کي هٿ هڻڻُ:** دل کي مضبوط ڪرڻ — ڏک جي وقت صبر ڪرڻ — رضا تي راضي رهڻ.

Gul Hayat Institute

— **دِليُونْ بَجَانيُونْ:** ظرف. وڏيءَ خوشيءَ سان — دل جان سان — دل جي صدقي ۽ سچائي سان.

— **دِليُونْ جَانيُونْ:** ظرف. دليون — رضاخوشيءَ سان — مرضيءَ سان — خود خيال — دل جان سان — وڏي حب سان — قرب سان — جاڻي واڻي — سمجهي ٻُجهي.

— **دِليُونْ هَڻَڻُ:** ٻهه ٻچائڻ — خيال ڪرڻ — ڳڻتيون ڪائڻ.

• **دُلارو ج دُلارا:** ذ. صفت. [سن. دُرلالَن] پيارو — لاڏو — معشوق. [ث. دُلاري ج دُلاريُونْ].

— **دِلاسو ج دِلاسا:** ذ. ڏَڍُ — آسرو — دلجاءِ — تَسلي — تسڪين — آٿَتُ — دلداري. هِمَت — فرحت — آرام.

— **دِلاسائي ج دِلاسائيُونْ:** ذ. صفت. فقط دلاسا ڏيندڙ.

— **دِلاسو ڏيڻ:** تَسلي ڏيڻ — تَشفي ڏيڻ — هِمّت ٻڌائڻ — آٿت ڏيڻ — دلداري ڏيڻ — خاطري ڏيڻ — دل وڌائڻ — هوشياري ڏيڻ — ڪم ڪرڻ جو وعدو ڪرڻ.

• **دِلاسي جي ٻَڪ نہ هَڻَڻُ:** رڳو هائو هائو ڪرڻ پر ڪجهه نہ ڪرڻ — ڪوڙا وعدا ڪرڻ — ٽال مٽول ڪرڻ — ڪوڙا دلاسا ڏيڻ.

• **دَلالُ ج دَلال:** ذ. [ع. دَلّ = هن اڳواڻي ڪئي] رستو ڏيکاريندڙ — واٽ لائيندڙ — خريدار ۽ وڪڻندڙ جي وچ ۾ سودو ڪرائيندڙ — سودو ناهيندڙ — گماشتو — آڙهيتو — پلاوٽو. ٻن جي وچ ۾ ڳالهائيندڙ. ٿياڪر — وڪيل — ٽالثُ ڳراڪ ڦاسائيندڙ — سؤدي باز — اَصيل — ڪُٽڻ — ويچوئو — پڙوو — دَلو.

— **دَلالِي ج دَلاليُونْ:** ث. دلال جو ڪم — پلاوٽي. ٿياڪري — ٽالثي. سؤدي ڪرائڻ جي عيوض وڪڻندڙ ۽ خريدار کان مليل معاوضو — ڪجهه سيڪڙو، جو خريد فروخت جي عيوض ڏبو آهي — دستوري اُجورو — ڪميشن — پلاوڻ ڪنايتہ. حرام جي ڪمائي — پڙوت.

— **دَلالِي ڪَرَڻُ:** ڪميشن وٺڻ — اُجورو وٺڻ. پڙوت جي ڪميشن وٺڻ.

• **دَلالَتْ ج دَلالَتُونْ:** ث. [ع. دلّ. هن سونهون ڪيو] هدايت — راهنمائي. نشان — علامت — پتو — آثار — اُهڃاڻ. دليل — ثابتي — شاهدي.

— **دَلالَتْ ڪَرَڻُ:** دليل هجڻ — ثابتي هجڻ.

• **دَلان:** اسم خاص. ڏاڙهياڙي جبلن مان وهندڙ هڪ نئين جو نالو.

• **دِلاوَرُ ج دِلاوَرَ:** ذ. صفت. [ف. دِلْ + آوردن = آڻڻ] دل وارو — ڇاتيءَ وارو — همت وارو — دلير — بهادر — شُجاع — سُورمو — جوانمرد — سُورهُيہ.

— **دلاوَرِي ج دِلاوَرِيُونْ:** ث. شُجاعت — بهادري. جوانمردي. جُرائت — دليري.

• **دِلاوَرپُور:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دِلبَرُ ج دِلبَرَ:** ذ. [ف. دل + بُردن = کڻڻ جو امر] دل کڻي ويندڙ — دل کسي ويندڙ — محبوب — معشوق.

• **دلبرلڪُ (ٿ):** اسم خاص. چاچري پرسان سرڪاري ناڪو يا حد بندي لاءِ ڪوڙيل نشان.

• **دَلبَڻُ:** مصدر. [سن. ـ ي = دلبو] فريبڻ — ٺڳڻ — دغا ڏيڻ — دلبو ڏيڻ.

• **دَلبو ج دَلبا:** ذ. [سن. دَلْپ] دولاب — دغا — ٺڳي — ڇَلُ — تَرڪَٽُ — گهات — ڪوٽ — ڪَپَٽ — مَڪر — ڏَٽو — فريب — ڏَنبُ — ڏوڪو — ويساهہ گهاتي. اَڪَپَنڊِي — بازِي — پيچ. پکين ڦاسائڻ لاءِ ڪکن مان جڙيل پکي. باز کي شڪار تي هيرائڻ لاءِ ڏور ۾ ٻڌل ڪانوَ يا ڪکڙ جا کنڀ (جن تي بازُ سٽون ڏيندو آهي). بلبل کي ڏنل ڪاڏو — پيتِي. ٻتو.

— **دَلبائي ج دَلبائِي:** ذ. صفت. دلبو ڏيندڙ — فريب ڏيندڙ — ٺڳي ڪندڙ — دغاباز — ڏوڪيباز — ڏٽائي — ڪَپٽيو — دغاخور — ڇل باز — تَرڪَٽي — گهاتو — ڪوٽو — فريبي — ڪوڙو — لُچو — ٺَلُ — ٺپٽائي.

— **دَلبو ڏيڻ:** ٺڳي ڪرڻ — دغا ڪرڻ — ڇَلُ ڪرڻ — ترڪٽ ڪرڻ — فريب ڪرڻ — دوکو ڏيڻ.

• **دِلپاڪُ ج دِلپاڪ:** ذ. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ زيوَر. پٽر جو هڪ قسم (جو سوراخ ڪري ڌاڳي ۾ پوئي ڳچيءَ ۾ ٻڌبو آهي).

• **دِلپُري:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دل پيچُ:** ذ. گُل جو هڪ قسم.

• **دَلجيءَ وارو:** اسم خاص. جبل جو نالو.

• **دلچَندُ:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دُلْدُل:** اسم خاص. (ع) اسڪندريہ جي حاڪم کان حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن کي تحفہ طور مليل هڪ خچر جو نالو (جا وري حضرت علي ڪرم الله وجهُ جن کي ملي) — ذوالجناح.

Gul Hayat Institute

— **دَمُ مکڻُ:** کورين جي اصطلاح ۾ اُٺڻُ شروع ڪرڻ لاءِ ڪپڙي جي مُنڍ تي آلو نڙو گھمائڻ سان تندُن کي آلو ڪرڻ.

— **دَمُ نپاهڻ:** وقت ٽپائڻ يا وقت لنگھائڻ. هرحال ۾ ساٿ ڏيڻ — آخر تائين وفاداري ڪرڻ — دوستيءَ جا حقّ پورا ڪرڻ.

— **دَمُ نہ ڏميندا:** جملو. پَلَڪ بہ نہ ترسندا.

— **دَمُ نہ ڪرڻ:** ساهہ نکرڻ — مرڻ "دَمُ نہ ڪري يا غَمُ نہ ڪري".

— **دَمُ نہ هڻڻ:** عاجزي ڏيکارڻ — هرگز نہ ڪُڇڻ — بالڪل خوش رهڻ — پنهنجي طاقت جو اظهار نہ ڪرڻ — پاڻ کي ڪجھ بہ نہ سمجھڻ.

— **دَمُ واپسين:** ظرف. آخري دَمُ — مرڻ واري گھڙي — پويون پساهہ.

— **دَمُ واندو نہ هُئڻ:** هڪ گھڙيءَ جي فرصت نہ هئڻ — هر وقت ڪم ۾ رُڌل رهڻ — عديم الفُرصت هئڻ — فارغ نہ هئڻ — فرصت نہ هئڻ — تمام گھڻي ڪم ۾ مشغول رهڻ. صوفين جي اصطلاح ۾ هرهڪ دَمَ سان ذڪر ڪندو رهڻ.

— **دَمُ وٺڻ:** ساهہ کڻڻ يا آرام ڪرڻ — ساهي پٽڻ — فرحت وٺڻ — ٽڪ پڇڻ — ترسڻ — ٽِڪڻ — دم پٽڻ — سهڙڻ — نهرڻ — تازو توانو ٿيڻ.

— **دَمُوي:** صفت. رت جو — رت وارو — خوني. خوني مزاج وارو ماڻهو — قهرجهڙو — ڪنور — خونخوار.

— **دَمُوي مزاج:** وڌيل خون جي خطا وارو ماڻهو.

— **دَمَهڙو(ت):** ظرف. ڪجھ دم — ٿورو وقت.

— **دَمُ هلائڻُ (ت):** خفِيَ ذڪر ڪرڻ.

— **دَمُ هڻڻ:** چرس يا حقو ڇڪڻ. ٻٽاڪ هڻڻ — پاڻ ساراهڻ — خود ثنائي ڪرڻ — لافِ هڻڻ — وڏائي ڪرڻ — پڌڻ — مرڪڻ — ڦونڊجڻ — ڏاڙ هڻڻ — دعويٰ ڪرڻ. همت ٻڌڻ.

— **دَمِي ج دَميِ:** ذ. صفت. هنيلو — تڪبر ڪندڙ — هوڏ ڪندڙ.

• **دمر:** اسم خاص. تعلقي سانگھڙ ءِ تعلقي موري ۾ ديهن جو نالو. ضلعي سانگھڙ ۾ واهہ جو نالو.

• **دُمُ ج دُمَ:** ذ. (ف) پڇ — دُنبُ — ڇيڙو — پُڇڙ — پوڇڙي — پُڇڙي — پڇاڙي.

— **دُمدارُ ج دُمدارَ:** ذ. صفت. پُڇَ وارو — پڇڙيءَ وارو — دنبدار — هڪ تاري جو قسم.

• **دَماچ (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو — ڏَماچ.

• **دِماغُ ج دِماغَ:** ذ. (ع) مغز — ميجالو. مٿو — سِرُ — سِيسُ. سمجھ — عقل — فهم — ادراڪ — دانائي. اوسان — هوش — گھمنڊُ — تڪبر — وڏائي — بانورُ — مغروري — آڪڙ — سيٺ — غرور — بيهودگي. نشو.

— **دماغ آسمان تي هئڻ:** پاڻ کي وڏو سمجھڻ — تڪبرُ ڪرڻ — ڪنهن تي اک نہ پڌڻ — هيٺ نظر نہ هئڻ.

— **دماغ چٽڻ:** ڪنهن جو مٿو کائڻ — بڪواس ڪرڻ.

— **دماغ چڙهي وڃڻ:** دولت جي نشي ۾ پاڻ پڏائڻ — مغرور ٿيڻ.

— **دماغ جاءِ اچڻ:** دماغ صحيح ٿيڻ — غرور ختم ٿيڻ — ٺاڻ وڏائي نہ رهڻ — هوش ۾ اچڻ.

— **دماغ خالي ڪرڻ:** اجايو مٿو هڻڻ — بڪ بڪ ڪري پريشان ڪرڻ — ڪنهن ڳالهہ سمجھائڻ لاءِ پوري پوري ڪوشش ڪرڻ.

— **دماغ رکڻُ:** وڏ ماڻهپائي ڏيکارڻ — مغرور ٿيڻ.

— **دماغ سوزي ڪرڻ:** وڏي دماغي محنت ڪرڻ — وڏي سمجھ ويڙهائڻ.

— **دماغ ڪرڻ:** وڏائي ڪرڻ.

— **دماغ کائڻ:** ڏسو "دماغ چٽڻ".

— **دماغ ۾ خلل هئڻ:** حواس درست نہ هئڻ — چريو هئڻ — ماليخوليا هجڻ — جُنون هجڻ.

— **دماغي ج دماغيِ:** ذ. صفت. مغز وارو — مٿي وارو — دماغ وارو — دماغ جو. فهم وارو — عقل وارو — سمجھہ وارو. هلڪو — هنيلو — مغرور — فخر ڪندڙ. پاڻ کي ڪجھ سمجھندڙ.

• **دَمامو ج دَماما:** ذ. [ف. دَمامَة = نقارو] ڏهل جو هڪ قسم — نغارو — نقارو — پير. ڏُڪڙُ — طَبلو — رونق — ڇهڇٽو — وڏو نٽ (خوشيءَ جي موقعي تي).

— **دَمامون:** ذ. هڪ ساز جو قسم — دهل جي وڄت. دمامہ. خوشي.

— **دَمامِ (لس):** ذ. واڄا — آواز — دهل جو ڪڙڪات — ٺاهو.

• **دَماموُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **دَمانُ:** (ف) طاقت وارو — سخت — ڪرڙو — خون خوار — تڪو. تيز هلڻ وارو — تڪڙو — شوخ. (پيلِ دَمانُ = تيز هلندڙ هاٿي).

• **دَماوند:** اسم خاص. (ف) هڪ جبل جو نالو.

• **دُمبارڻُ (ت):** مصدر. ذرا ذرا ڪرڻ — ڪپهہ پڃڻ — ڦُنبڻُ: — لَتاڙڻ — چيتاڙڻ. مار ڏيڻ.

Gul Hayat Institute

• **دُمْبچِيْ دُمْبچِيُونْ:** ث. (ف. دُمچي = پوڇڙي). گهوڙي جي سنجن مان هڪ سنج – پُڇي – دُنبچي – پڇڙنگ. اُهو ڪپڙو جو هَني يا پاکڙي جي ٻنهي پاسن کان ٻڌي وَهٽ جي پُڇ هيٺان لنگهائي ڇڏجي.

• **دَمْدَمو ج دَمْدَمَا:** ذ. [ف. دَمْدمهْ] مِٽي يا واريءَ جي ڳوٿين مان ٺهيل قلعو – مورچو. مٿي چڙهيل رستو – مٿيرو – ٻَنْڌ – ٻَنْڌُ. ريلوي يا پچاءَ بند تان آمدرفت جي جاءِ. درياءَ جي مٿان لنگهه لاءِ گهيڙوٽ – وڏي ٻَندَ تي ناموس – هاڪَ – شُهرت – گوڙ – هُل – غوغاءُ – بکيڙو – هنگامو.

– **دَمْدَمو ٻڌَڻُ:** ڪنهن جي برخلاف خراب صلح ڪرڻ – مورچو ٻڌڻ – ٻَندُ ٻڌڻ – حملي لاءِ تياري ڪرڻ.

• **دَمَرُ دَمَرَ:** ذ. [سن. ڍَمَـرُ] ڍُهل جو هڪ قسم – ڪنجري – ڪنجري. ناچ جو هڪ قسم – ڌَمالَ – ناچ – جهُمِرِ – همبوڇي (لس) – هَمْبوشي – ٻَغْلِيُونْ هٽي ناچ ڪرڻ جو قسم.

• **دَمِڙا (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **دَمِڙو ج دَمِڙا (ت):** ذ. ننڍڙو پٿر. ڪُڪرو – ڪرڪِڙو.

• **دَمْڙِي ج دَمْڙِيُون:** ث. [ف. سن دِرَمِ] اڳيئين وقت جي سڪي جو هڪ قسم – پئسي جو اٺون حصو _ تولي جو اَٺون حصو. جوارين جي اصطلاح ۾ هڪ رپيو (ت). پرت جو هڪ قسم.

– **دَمْڙِيءَ جِيْ ڏَال تي وقت ڇاڙهڻ:** وَڏِيْ قناعت ڪرڻ.

– **دَمڙِيءَ جي دال ڇِڊي نہ ڪرڻ:** اجائي ڀَڪَائي ڪَـرَڻُ.

– **دَمِڙي نَہ وِڃڻ:** سخت ڀڪائي ڪرڻ – ڪنجوسائي ڪرڻ "چمڙي وڃي تہ وڃي پر دمڙي نہ وڃي." چوڻي.

• **دَمَشَق:** اسم خاص. شام ملڪ ۾ هڪ شهر جو نالو.

• **دَمَڪَ:** ث. (دهہ. ڇَمَڪَ. سن. ڇَمَتْرڪُ) چمڪ. شويا رونق سونَ يا ڇَهْري جي.

• **دَمَل:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهہ ۾).

• **دَمِڻُ:** مصدر. [ف. دَمِيْدَنْ = ڦوڪڻ منجهان ورتل] ساهہ کڻڻ – دَم کڻڻ. ترسڻ – صبر ڪرڻ – دم دلاسو ڏيڻ. (سن. دَمن) طعام کي ٿوري تَوءَ تي رڌڻ – اُٻارڻ – جوش تي چانور رڌڻ – اُٻ تي چانور رڌڻ – ڪاڏو يا ڀاڄي ٻاڦ تي رڌڻ – دَم ڏيڻ – پچائڻ رسوئي ڪرڻ.

• **دَمِهيَا (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **دِمِيْ ج دِمِيُونْ:** ث. ڇوٽي موٽي شيءِ _ ڳُـڙَ جو وڏو ڇَڪو (اٽڪل ٥ سير ڪن). دِمِٽِيْ – ڇوٽو موٽو – ڇوٽڙي قد وارو ٿلهڙو ماڻهو. هڪ هندائي جو قسم – تراڪڙو – ويڪرو – گِدرو. گول هندائو. ڪَدُو (جو تنبي لاءِ ڪم اچي). ڳڙ جي ٿيلهِيْ (ت). ٻِـٽن ڏاڳن وارو ڦورو (ت).

• **دَنِ ج دَنِيُونْ:** ث. [سن. ڌَنَ] اناج جو ڍير يا گُـنڊِي جنهن ۾ اَنَ جمع ڪري رکجي. گاهہ يا ڪانن جو وڏو ڍيرُ – ڍِڳُ – سَٿِيْ.

– **دَن ڪَـرَڻُ:** ڍِڳَ ڪرڻ – گدام ڪرڻ – ڍير ڪرڻ. ڪارڪن جو ڍِڳ ڪرڻ (ت).

• **دِنُ:** ذ. [سن. دِن. پرا. دِڻ] ڏينهن روز – وارُ. ڏهاڙو – موسم – رُتَ _ مُنْدَ.

• **دِنْ بَدِنْ:** ظرف. روزبروز – ڏهاڙي – ڏِينهون ڏِينهن – هر روز – رفتہ رفتہ – ٿيندي ٿيندي – هلندي هلندي.

• **دُنُ ج دُنَ:** ذ. (سن. تُنْب) هڪ عضوو پيٽ جي وچواري ڪَڏَ – ناف – ناڙي واري جاءِ. ڪنهن ٿانوَ جي وچ ۾ مٿي اپريل ٻُونب _ ڏَندي. ڪنهن بہ شيءِ جو پورو وچ. ظرف. وچ ۾ _ وِچَ – گهٽو – انبار. جيئن "مال گاهن جي دُن ۾ پيو چري".

– **دُنِرُ ج دُنِـرَ:** ذ. صفت. وڏي دُنَ وارو – وڏي نافَ وارو. وچ مٿي ٿيل ڪوبہ ٿانءُ.

• **دُنَابُ ج دُنَابَ:** ذ. ٿولهِہ – سوڄ. جيئن "گهوڙي تي دُناب لڳا پيا آهن".

– **دُنَابُ ٿِـيَڻُ:** جانور جو ٿلهو ٿيڻ.

– **دُنَابِيْ ج دُنَابِيْ:** ذ. صفت. ٿولهہ وارو – متارو – سُوٽل.

• **دُنَاڙُ ج دُنَاڙَ:** ذ. نڪ جو هيٺيون ڀاڱو – ڏُون – دُناڙ.

– **دُناڙَ ڀڃي وجهڻ:** نَڪُ ڇِٽي وجهڻ – مُنهَن تي ڏَڪ هڻڻ – سخت سزا ڏيڻ.

• **دُنْبُ ج دُنْبُونْ (ڪ ڪ):** ث. دُنبَنِ کي پيرَنِ ۾ ٿيندڙ هڪ بيماريءَ جو نالو.

• **دُنْبِ ج دُنْبَ:** ذ. [ف. دُمْ = پُڇ] دُم – پڇ – پُٺِ _ پٺِيْ. پول – ڇيڙو – پڇڙي. گهوڙي جي پول وارو حصو. گهوڙي جي هڪ سنج جو نالو (ٿ).

– **دُنْبِرُ ج دُنْبِـرَ:** ذ. صفت. وڏي پڇ وارو – پُڇَـڙُ – دُمِرُ. وڏن ٻَـدَٿَنِ وارو.

• **دُنْبا:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دُنْبار (ڪ):** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **دُنْبارڻُ:** مصدر. پيرن هينان چِٿڻ يا لَتاڙڻ – جهڳورڻ. ٻيو پيرو ڪپهه صاف ڪرڻ – دوباره تُنْبڻُ. _ چانورن کي ٻيو دفعو ڇڙڻُ. زور سان سَٽڻ. ڪُٽڻ. ڏاڍي مار ڏيڻ – پڇَ ڪيڏڻ يا ڏيڻ.

– **دُنْبارَ ج دُنْبارُوْن:** ث. ڪپهه کي ٻيو دفعو پڇ – سَٽَ. چانورن جي ٻيو دفعو ڇـڙ. زور سان سَٽَ ڪُٽَ – مارَ – دُنباڙَ.

• **دُنْبارِيُ ج دُنْبارِيُوْن:** ث. پڳَ – لـُونگي – پٽڪو.

– **دُنبارِيُ ٻڌائڻُ:** پڳ ٻڌائڻ.

– **دُنْباڙَ ج دُنباڙُوْن:** ث. ڏسو "دُنْبار".

• **دُنْبالُ:** ذ. [ف] چوپائي جانور جو پُڇُ – دُنْب.

• **دُنْبالو ج دُنْبالا:** ذ. [ف. دُنبالَۃ] پڇ – دُنْب. ٻيڙِيُ يا جهاز جو پٺيون حصو يا ڇيڙو.

• **دُنْبالوڪاڪيرُ:** اسم خاص. تعلقي ماتلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دُنْبُ ٿِيڻُ (ت):** غرق ٿيڻ – شهر جو ويران ٿي ٻُورجي وڃڻ – عمارت ڪري پوڻ – محل ويران ٿيڻ – دُفُ ٿيڻ.

• **دُنْبِچِيُ ج دُنْبِچِيُوْن:** ث. (ف). ڏسو "دُمچي".

• **دُنْبَرُ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **دُنْبرِي ج دُنْبرِيُوْن:** ث. [ف. دُنْبَل = ڦَرڙي] ڦَرڙي – پِت _ رت ڳـڙي.

• **دُنْبو ج دُنْبا:** ذ. صفت. [هہ. دُنّاب = ٿُلهو. اکرن جي مَٽ سَٽ ٿيل. دُناب = دُنبا = دُنْبو] ٿُلهو – موٽو – سوٽُلُ – سُجيل – سَبَر – متارو. (ف). گهيٽي جو هڪ قسم. جنهن جو پُڇ ٿُلهو ٿئي – ٿُلهي پُڇ وارو – دُنب وارو. (ذ). گهيٽو. (ث. دُنْبِيُ ج دُنْبِيُوْن).

– **دُنْبو بَڻائڻُ:** ٿُلهو ڪرڻ – سُجائڻ – متارو ڪرڻ. ماري ماري سُجائي ڇڏڻ – ڏاڍي ڪُٽَ ڪيڻ.

– **دُنْبو ٿيڻُ:** ٿلهو ٿيڻ – متارو ٿيڻ.

• **دُنْبُورو ج دُنْبُورا:** ذ. [ع. طُنْبُورو جي بگڙيل صورت] وڄائڻ جو هڪ ساز – پنجن تندن سان هڪ ستارَ – سُرندو – طُنبورو – هڪ تارو – تنبورو – جنبورو.

• **دُنْبُوق:** "بندوق" جي بگڙيل صورت.

• **دُنْبُ ج دُنْبَ:** ذ. رياءُ – ڏيکاءُ.

• **دُنْجُ ج دُنْجُوْنَ (ت):** ث. دَزَ – ڏوڙِ. [دز > دج > دَنْج].

• **دُنْجهـِ (ل):** ث. دَنْجَ – دَزَ. ڏوڙ – ڪنگهه. (ڪنگهه جو نمونو. جنهن ۾ ڪانگهارو نہ اُٿڙي رڳي ڇڙي سُڪي ڪنگهه هجي).

• **دَنْدُ ج دَنْدَ:** (هہ) وڏو نقاره. شور. ظلم.

– **دَنْدُ دَرَڻُ:** شور ڪرڻ. ظلم ڪرڻ.

• **دَنْداگيرُ ج دَنْداگيرَ:** ذ. تمام ڏاهو – سياڻو – عقلمند – اڪابر – چالاڪ – ذهين – هوشيار – عاقل – سياڻپ وارو – تجربيڪار – آزمودگار – جهان ديدو. اُستاد – گوهر – ڪاريگر – ماهر. جيئن "ڪاڪ ٻڌيو ڪنبندا وڃن. دانهن دنداگير".

– **دَنْداگيرِيُ حَلوو:** ذ. [ف. دندان = جو ڏندن ۾ چنبڙي پوي – چاٻو حلوو – چِـٻـڙُ حلوو.

• **دَنْدانُ:** ذ. (ف) ڏندُ – ڏَچُنُ.

– **دَنْدان سازُ ج دَنْدان سازَ:** ذ. صفت. ڏند ٺاهيندڙ – ڏندن جو علاج ڪندڙ – ڏندن جو ڊاڪٽر يا طبيب.

– **دَنْدان سازِيُ:** ث. ڏندن ٺاهڻ جو ڪم.

– **دَنْدانْ شِڪَنُ:** مُنهن ٽوڙ – ڏَندَن ٽوڙ – بس ڪرائي ڇڏڻ وارو – زبان بند ڪرائڻ وارو.

– **دَنْدانو ج دَنْدانا:** ذ. ڏَندو (ڪارائي وغيره جو). خط يا چِنيءَ جي مٿان لِيڪو يا گـهـڪو.

• **دَنْدَڻُ:** ج دَنْدَڻَ: ذ. [سن. دنڊڻ = ڊراڙ] لَٺ رکندڙ – لَٺَ ڪـٽندڙ – لَٺ وارو. مال وندي – پاڳيو. عملدار – عملي وارو – چوبدار – پهريدار "تُنهنجي مُنهنجي تَڪ تَڪ دَڻُ مِڙئي دَنڌڻ جو" چوٽي.

• **دَنْتو ج دَنْتا:** ذ. ڏنتو – هنر – واپار – ڪِرت – ڪم. رهڻي ڪرڻي – رهايش.

• **دَنْدولڻُ (ت):** مصدر. ڏوڏارڻ – لوڏڻ – ڏوٽڻ – جهَنْجهولِڻُ – ڏانڊولِڻ.

• **دَنْڪڻُ:** مصدر. [سن. دا = چمڪڻ] ٻـرڻ – پَرڪڻ. چمڪڻ – ڊونڪڻ.

• **دَنْگُ ج دَنْگَ:** ذ. حد – سنڌو – سرحد – ڇيهه – ڇيڙو – پڇاڙي – انتها. ميعاد – مُدو – عرصو. رستو – دڳ. (ف) حيران – وائڙو – ديوانو – چريو – احمق – پريشان – ششدر – موڳو.

– **دَنْگ دَرَڻُ:** ڪاوڙ ۾ پير ڌرتيءَ تي هڻڻ – ڌڙها هڻڻ. مِـٽِـي اُٿارڻ.

Gul Hayat Institute

آفيم (موالين جي ترِي تي تماڪ جو ذرو ۽ پاڻي ملائي ڪائڻ لاءِ تيار ڪيل). مَس جو ڦـُڙو — ڏِبو — چُٽو.

• **دوٽ ج دوٽُون (ڪ):** ث. ڪوڙي تُهمت ـ بُهتان — الزام — دوڏ.

• **دوٿَـرُ ج دوٿَـرَ:** ذ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (ڇلرن سان ٽورا ڪنڊا ٿينس. ڏيگهه فوٽ ڪان ڏيڍ فوٽ ٿائين) — ڪاري جو پَلو. صفت. ٿُلهو ماڻهو — مونو ڦيڦو.

• **دوٿَرِيو ج دوٿَريا:** ذ. دوٿَـرَ جو ننڍو ٻچو.

• **دوٿَانِيْ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو — افغانن جو هڪ قبيلو.

• **دوٿِهْرِيْ:** ذ. گـُل جو هڪ قسم.

• **دوپيْرُ ج دُوپيـْرَ:** ذ. وَهٽَن جي اڳين يا پُٺين ٽَنگـَن ۾ ٻَڌَڻ جو زنجير.

• **دُوڄَ:** ث. [سن. دو = ٻه] پَکَ جي ٻي تِٿِ ـ ٻي تاريخ — ٻيجُ.

• **دُوڄُ ج دُوڄَ:** ذ. هندن جي پهرين ٽِن ذاتين (برهمڻ، ڪتري، وئش) مان ڪنهن بہ ذات جو ماڻهو.

• **دُودُ ج دُودَ:** ذ. (ف). دونهون — ٻاڦ — بخار. وَزَم — چلم جي ڦوڪ — سُوٽو — دَمُ — ڪَشُ.

— **دُودا:** ذ. دنهان — غبار — ٻاڦ.

— **دُودَ ۾ اَچِلَڻُ (ت):** دونهين ۾ اچلڻ. تڪليف ۾ وجهڻ.

• **دوداپُور:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيرو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دودالَ وَل:** اسم خاص. ڪِرڙين ۽ ڪبڙن ۾ ٿيندڙ وَل جو هڪ قسم.

• **دوداڻِيْ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (گورچاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو).

• **دوداڻيڪو:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دودائِيْ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دُودِڙيو ج دُودڙيا:** ذ. اجايا گوڙَ — لـُڙهه — گوڙ — شور — هُل — ڳالهوڙو — ڪَترِاڳُ — ڏانڏِلِ ـ ڪيٽو — راڳ — ٻِڪيڙو — ابُو بَحْـرَ.

• **دُودَسْتِيْ ج دُودَسْتِيُونْ:** ث. [ف. دُ = ٻہ + دست = هٿ] ٻنهي هٿن ۾ جهليل. وهٽ جي اڳين يا پوين ٽنگن ۾ ٻڌڻ جو زنجير — ٻَگهياڙي. جيئن، ”دُودَستِي، دُوپيرَ، سيني سَنگهَـرَ رُڪَ جِي“ (شاهه).

• **دودَ ڦـَلَ:** ل: ث. ول جو قسم (سانوڻيءَ ۾ سيلابي زمين تي هڪ وَل جا ڪِرڙِن تي چڙهي جنهن ۾ اڇيون ڦـُلڙيُون ٿين جي ڪائجن).

— **دودِ ڦـُلو ج دودِ ڦـُلا:** ذ. دود ڦل وَل جون ڦـُلڙِيُون.

• **دودَڪ ڦـُلو:** اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.

• **دودِنو ج دودِنا (ل):** ذ. نندين ٽَنگـُن وارو ڪُڪڙ — تمام ڇوٽين ٽَنگن ۽ ٿلهن بُڪين وارو مرد. (ث. دودِنِيْ ج دودِنـِيُونْ).

• **دودارِيْ:** اسم خاص. تعلقي ناري (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دوديڄا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **دوڏ ج دوڏَ (ت):** ذ. ڪوڙ — دغا — ٺڳي — دولاب — ترڪٽ — ڪوٽُ — دغابازي.

— **دوڏ ٻڌَڻُ:** ڪوڙي مالڪي ڏيکارڻ — ڪوڙ ٻڌڻ — دولاب ڪرڻ.

• **دُوڏَٽُ ج دُوڏَٽَ:** ذ. گهُوگهَٽ — گهُوگهاٽ. پاڻيءَ جو زور سان وَهَڻُ جو آواز (ل).

• **دوڏو ج دُوڏا (لس):** ذ. دِڳُ. ظرف. زبردست — ڏَم ڏَمان — گهُم گهُمان.

• **دُوڏَ ڦـَلِيْ:** ث. [هہ. دوڏَ + ڦلي. ڪير واري ڦُلي] ٻوٽي جو هڪ قسم — ڪِيْرول.

• **دوڏَ ج دوڏُونْ (ل):** ث. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار — ڪوڏار جي پاهي مان اسِيُون وغيره ڪڍڻ جو اوزار.

• **دوڏو ج دوڏا:** ذ. [ف. دِيْد > ديدو = دوڏو] ڇپرن اندر ڍڪيل اک جو گولو — اک جو وڏو تارو — وڏي اک — ڏيلهو. نَـرُ ڪُڪڙ جي ننڍي مُڏي ڪڙهه. ٽُڪو — ڏَڪو. پکيءَ جو هڪ قسم — وڏو ڪانءُ (ت).

— **دوڏا ڦـُوٽارڻُ:** وڏيون اکيون ڏيکارڻ — اکيون ڦوٽارِڻ — ڏيلها ڏيکارڻ ـ ڊيڄارڻ — اکيون ڏيکاري هِيسائڻ.

• **دوْرُ ج دَوْرَ:** ذ. [ع] ڦيرو — گردش — چَڪـَرُ — گهمرو — وارو — ڦيرُ — ڦيرو. درياءُ جو ڦيرُ — پاڻيءَ جو چَڪـَرُ — درياءُ جو زور. جيئن ”دِلو دَوْرَ دَرِياهَ جي، ڪيو اَرادي اڏ“ (شاهه). ڪتاب يا سبق جي ٻي پڙهڻي — سبق جي اُٿلائي — سبق ڪي ڦيرو.

Gul Hayat Institute

اوساريءَ جو هڪ ڦيرو – پت جي هاري. قرآن شريف جي وري پڙهڻي – تلاوت. ڪنهن محل ۾ شراب جي پيالي جو ڦيرو. چال – رفتار – روش – هلت – هلڻي. جيئن ”زماني جا عجيب دَوَر آهن“ وغيره. حڪومت جو وقت – زمانو – عرصو – مهل – نوبت – وارو – مدّت. انقلاب – تغيّر. دَليل – خيال – پُور – بُدبُدو – مَن مؤج – رِيجَڪ – لَهر – رتا – بُودڪِي. خيال – قياس – فهم – سمجهه. درد – غم – ڏک – رنج – سُور. جيئن ”جي ويهين ڳڌ ڳوڏي ته دؤر سٺائين دل جا“ (شاهه). وڏائي – هٺ _ تڪبر – مغروري.

– **دَوَرَانُ**: ذ. صف. گردش ڪندڙ – ڦرندڙ. وقت – زمانو – جُڳُ – عُمر – آوَسٿا. چڪر – ڦيرو – دورو – انقلاب.

– **دَوَرُ جَهڻُ**: مصدر. ڏِڪرجَهڻُ _ دوَري جي بيماريءَ جو اثر ڪرڻ.

– **دَوَرجِي وَجَهڻُ**: بي هوش ٿي وڃڻ – گمراهه ٿي وڃڻ.

– **دَوَردرس جو**: ذ. ديدار جي خوشِي – درشن جي خوشي.

– **دَوَر دُورو**: ذ. زمانو – وقت – عرصو – مدت. حڪومت – اقبال – اختيار – راڄ – عمل.

– **دَور دَورو هئڻ**: پورو قبضو هئڻ – اوج ۾ هئڻ.

– **دَوَرُ ڪرڻُ**: وري وري پڙهڻ – ياد ڪرڻ – پيرو ڏيڻ – اورڻ. ٻن ماڻهن جو ويهي هڪٻئي کي قرآن شريف ٻڌائڻ – تلاوت ڪرڻ. حڪم هلائڻ.

– **دَوَرو ج دَوَرا**: ڦيرو – وَرُ – چڪر – گهمرو – گَشتُ – سفر – سَير – شيل _ گهُمتارِي – گردش – وارو. پُورُ – خيال. نوبَتُ.

– **دَوَرو اَچڻُ**: دوري جي بيماريءَ سبب بيهوشي اچڻ.

– **دَوَرو ڪرڻُ**: چڪر لڳائڻ – گشت ڪرڻ – چڪر لڳائي معائنو ڪري اچڻ.

– **دَوَرِي ج دَوَرِيُون**: ذ. صفت. ڳڌ دؤرو ڪندڙ. ڪلاسي – هر سبق – ساڳئي درجي ۾ پڙهندڙ – ساڳئي سبق وارو.

• **دَوَرُ (ڪ)**: ذ. ڪاري جي وڏي ٻيڙي (واڻ) جو هڪ اوزار – لنگر ڪٽڻ واسطي هڪ وڏو ڪاٺ جو چڪرو.

• **دُورُ**: ظرف. [ف. دُور: سن. دور = ڏُورُ] پري – ڏور – ڏورانهون – بعيد. علحده _ جدا – الڳ – ويڇِي.

– **دُورُ اُفتَادَه**: ذ. صفت. تمام پري ويل – پري رهندڙ – پري اُڇلايَلُ.

– **دُور اَنديشُ ج دُورُ انديشَ**: ذ. صفت. اڳ پوءِ جو خيال ڪندڙ – ڏِگهي نظر رکندڙ – اڳو پيڇو سنڀاليندڙ – ڳٽڳوپ وارو – اڳ ويچارِي – سياڻو – داناءَ – سُڄيت – چَترُ – چالاڪ.

– **دُور اَنديشِي ج دُورانديشِيُون**: ث. اڳ ڳٽتي – ڏِگهي نظر – سوچ ويچار – ڳٽڳوت – اڳ پوءِ جو خيال. دانائي – عقلمندي.

– **دُور بَاشُ**: ندا. پري رهه – پري ٿي – خبردار. پري ٿي وَڃ!

– **دُوربِيِ**: ث. [دوربيني جي بگڙيل صورت] پري ڏسڻ جو هڪ اوزار. جيئن ”دائما دُوربِيءَ ۾، پَسين وِ لاٽن وِت“. (شاهه).

– **دُوربِين ج دُوربِينُون**: ث. پرانهين شيءِ کي ويجهي ڏسڻ جو اوزار – ڊريگهه درسي.

– **دُوربِينِي ج دُوربِينِيُون**: ث. دُوربين.

– **دُور ٿِيڻُ**: الڳ رهڻ – پري رهڻ. نفرت ڪرڻ.

– **دُور ٿيڻُ**: علحده ٿيڻ – جُدا ٿيڻ – پري ٿيڻ. هٽڻ – سُرڪڻ – رڙهڻ.

– **دُور دَرَازُ**: ظَرف. تمام گهڻي مفاصلي تي – تمام پري – گهڻو پري.

– **دور دَسْت**: ظرف. تمام پري – اُها جاءِ جتي پهچڻ مشڪل هجي يا پهچي نه سگهجي.

– **دُورُ ديرو ڪرڻُ**: جدا ٿيڻ – پرديس ۾ رهڻ – لاڳاپا لاهي ڇڏڻ – تعلقات ٽوڙي ڇڏڻ – بي وفائي اختيار ڪرڻ.

– **دُور رَهڻُ**: الڳ ڪرڻ – پري رهڻ – جدا رهڻ.

– **دُور ڪرڻُ**: پري ڪرڻ – جدا ڪرڻ – الڳ ڪرڻ – هٽائڻ. موقوف ڪرڻ – نوڪري کان برطرف ڪرڻ. غائب ڪرڻ – پوشيده ڪرڻ.

– **دُورگو**: ذ. [ف. دُور + گو (گفتن منجهان) ڳالهائيندڙ] پري کان آواز ٻڌڻ جو اوزار – ٽيليفون.

– **دُورِي ج دُورِيُون**: ث. پرانهين – پري پنڌ – وڏو مفاصلو – پريرائي. جدائي – وڇوڙو.

• **دُوران (ل)**: صفت. تمام وڏو – شاهي. جيئن ”مُڙس ته دُوران لَڳو پيو آهين“.

• **دُوراني**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (پٺاڻ).

• **دُوربِينِي ج دُوربِينِيُون**: ث. [ف. دور = پري + ديدن = ڏسڻ]

Gul Hayat Institute

پري ڏسڻ جو هڪ اوزار — دُورَ دَرِ شَڪ.

• **دُورِ گيْلَ (ڪ)**: ذ. ٻيڙيءَ جي چوٽيءَ وارو ٽَنگ (جنهن مان وڏي سڙھ جي چوٽيءَ وارو رسو ڪٽي هاڪارڻ وقت (گوس) لنگهائي ٻڌي ڇڏبو آهي).

• **دَورَنگ**: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **دَورَو (ڪ)**: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **دَورَڻُ**: مصدر. [ع. دَورَہْ = ڦيرو] دَورُ يا گهمري ۾ آڻڻ (ل. ق) چارڻ لاءِ ڪاهڻ — پهرائڻ (مال وغيره). (ڪ).

• **دُورو ج دُورا**: ذ. صفت. پيارو — وڻندڙ — دادِلو. مَلُوڪُ — سُهڻو.

• **دُورِيلو ج دُورِيلا (ٿ)**: ذ. صفت. ڪم عقل — بيوقوف — اناڙي — ڄَٽُ.

• **دوڙَ ج دوڙُون**: ذ. صفت. خسيس — نِيچ — گهٽ — ادنيٰ — دُونْ. (ٿ). ٻانهي — گولي — خادم. تمام ٿلهي — متاري (ل).

• **دَوڙدَنگُ ج دَوڙدَنگَ**: ذ. صفت. جانٺو — جبرو — قَوي — سگهارو — هيڪل — زبردست — طاقت ور — مضبوط — ڏٺو مُنو — بهادر — پهلوان — جامَرِدُ — ٿُلهو.

— **دَوڙُ دنگوڙُ (ت)**: ذ. صفت. بڪل ٿُلهو.

• **دوڙِ**: اسم خاص. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **دُوڙِ ڪيُونْ**: اسم خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **دوڙ موڙُ**: ذ. صفت. ٻول مول — بي ٻولو. خراب حصو — خراب ڀاڱو.

— **دَوڙَ ج دوڙُونْ**: ٿ. ڀَڄ ڊُڪَ — ٻوڙ — ٽاپي (ٽـُراپِيْ).

— **دَوڙائِڻُ**: مصدر. ٻوڙائڻ — ڀَڄائڻ — ٽاپي ڪٽائڻ. موڪلڻ — روانو ڪرڻ.

• **دَوڙَڻُ**: مصدر. [پرا. ڌاوَڻَ. سن. ڌاوَنَ] ڊُڪڻ — ٻوڙڻ.

• **دَوڙو ج دَوڙا**: ذ. [ف. دَورَہْ = دورو] ڦيرو — وارو — چَڪر — گهمرو — گهمتاري. شَـُلُ — سفر — سَيرُ. ذ. صفت. دوڙو ڪندڙ — قاصد — پانڌي. پيامبر. گهوڙي جي پنڌ جي چوٽ. غنيم جو گهوڙن سان حملو ڪرڻ جي حالت. نڳي = دلبو (ل. ق). ضدَ — اڙِي — حسد (ت).

— **دَوڙو مارَڻُ (ت)**: ضدَ ڪرڻ — دباءُ ڪرڻ — ڪنبائڻ. ضدَ ڪري ويهي رهڻ.

• **دُوڙِهيو ج دُوڙِهيا (ل)**: ذ. ڏُوڙيو — ڏوڙ جو وَسڪارو — لَٽَ — ڏُوڙِ ـ رَئِي — مٽيءَ جو طوفان — انڌارِي.

• **دوز**: صفت. [ف. دوختن = سبڻ] سبندڙ — سبڻ وارو. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ جيئن "ڪفش دوز ڪفن دوز وغيره".

• **دَوْزَانِ**: اسم خاص. ڪراچي ضلعي ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **دَوْزَخُ ج دَوْزَخَ**: ذ. (ف) گنهگارن کي سزا ڏيڻ لاءِ خدا تعاليٰ جو پيدا ڪيل عذابن جو گهَرُ — جَهنَمُ — نَرڪُ — نُرڳ — پاتال — سَقَر — سِجِيَنْ: نار — باھ جو مَچُ — اوڙاھ (گنهگارن کي سزا ڏيڻ لاءِ پيدا ڪيل ست طبقا).

• **دَوْزَخِيْ ج دَوْزخِيِ**: ذ. صفت. دوزخ جو لائق. سخت گنهگار — جَهنَمي — نـُرڳي. پاپي — اَپراڌي — ڏوهاري — بدڪار.

• **دوسُ ج دوسَ**: ذ. [سن. دوش = ڏوھ] ڏوھ — گناھ — اپراڌ — قصور — دوش. خطا — ڀُل.

— **دوسِيْ ج دوسِيِ**: ذ. صفت. ڏوهي — گنهگار — اپراڌي.

• **دوسُ ج دوسَ**: ذ. [ف. دوست جو مخفف] دوست — سنگتي — يار — سڄڻ — گهٽگهرو — محبوب — ڌيان — خيال. پيار — چاھ.

— **دَوسَانْ**: ذ. صفت. دوستان — دوستن جو.

— **دوسَاڻُو ج دَوسَاڻَا**: ذ. دوستانو — دوستي — ياراڻي — سنگت. مِٺي — ناتو — لاڳاپو. ٻڌي. ايڪو — اِتِحَادُ — اتفاق.

— **دوسَاڻِيْ ج دوساڻِيُون**: ٿ. دوستاڻي — دوستي — سنگت — ياراڻي.

— **دُوساھُ**: نِدا. اي دوست! اي دوس1

— **دوسِدَارُ ج دوسِدَارَ**: ذ. دوستدار — محبُ — سڄڻ — محبوب.

— **دوس ڏِيڻُ**: ڌيان ڏيڻ — توَجّھ ڏيڻ — خيال — ڪرڻ — غور ڪرڻ. پيار ڪرڻ.

• **دُوْسَائِي ج دُوْسائِيُونْ (ڪ)**: ٿ. رلين سبڻ جي وڏي سُئِيْ.

• **دوْستُ ج دوْستَ**: ذ. (ف) لغوي معْنيٰ، ڳنڍيل — لاڳاپيل. [ف. دُوْ = ٻہ + دَسْت = هٿ] ٻہ هَٿ — ٻن ڄڻن جو هٿ سان — هٿ هٿ ۾ ڏيندڙ. سنگتي — يار ـ مِتر — ساٿي — سڄڻ — حبيب خيرخواھ — غمخوار پيار ڪندڙ — چاهيندڙ — مُحِبْ — محبوب — صَنم — پرِيتم — معشوق. آشنا.

— **دوْستَاڻـُو ج دوستَاڻَا**: ذ دوستي — ياري — ياراني — سنگت — آشنائي.

— **دوستَاڻـُو ج دوستاڻَا**: ذ. صفت. دوست جو — سنگتيءَ جو — يار جو — سڄڻ جو — دوساڻو — دوستن وارو (ذ). دوستانو — ياري — دوستي — آشنائي.

• **دوڳَ ج دوڳَ:** ذ. [ف. دوغَ] اَٽ جو ڇمايل کير – اُست – دوغ – دوڳ – ڏڳَلُ – ڏؤنرو ـ ڇاڻو – ڳنڊو – پنوڙو. گوشت جو تـُکر – ڪاٺ جو ٿلهو ٽڪر – ٻُنڍُ – دوڳِي. ڳَـڄ جي پرت جو هڪ ڪَڻ.

– **دوڳِي ج دوڳِيُون:** ٿ. ڪاٺ جو هڪ ٿُلهو ٽڪرو – ڪاٺ جو ڳٽرو – وڏيل ٿلهي ڪاٺي – ٻُنڍُ. نار جي ڏينگي جي ڪاٺي – اَٽ يا ڦِيٽي جو ٽنيو.

• **دوڳلو ج دوڳلا(ت):** پکيءَ جو هڪ قسم.

• **دوڳـڻُ:** مصدر. سونو پاڻي چاڙهڻ – مُلَمّعو ڪرڻ – سونا وَرق لڳائڻ. چلڪائڻ – زينت ڏيڻ. چِتي رکڻ – ڇِتيُون هڻڻ – اِڳڙيون لڳائڻ. لوهار جو ڪوڏر ٺاهڻ وقت پٽيءَ کي اڏورو تيار ڪرڻ. واهه وغيره کي پيل ڪنڌ کي ڇيڪي مِٽيءَ سان سخت بند ڪرڻ (ت).

– **دوڳُ ج دوڳَ (ت):** ذ. ڪوڏر سان ڪنيل آلي مِٽيءَ جو لِپو.

• **دولابُ ج دولابَ:** ذ. ٺڳي – ٺوڪو – دوکو – فريب – ٺڳيو – دغا – ڪوٽ – ترڪٽ – ڇَل – ڊوهه – گهات – ڪُپَٽ. مِڪرُ – مَڪـرُ – ڪُوڙ.

– **دولابِي ج دولابِي:** ذ. صفت. ٺَڳُ – مَڪريلُ – ٺوڪيباز – دوکيباز – دوکائي – ٺڳيائي – ڪُوڙو – ڪاذِبُ – دغاباز – ڪوٽو – فريبي – دغاخور – ترڪَٽِي – ويساهه گهات ڪُپٽيو – ڪپٽيو – ڊوهي – ڇَلـبازُ.

• **دولاڏکو(ٿ):** ذ. صفت. ٻئي جي مت تي هلندڙ – پَرمَتـڙيو.

• **دولاڙِي ج دولاڙِي:** ذ. جهنگلي گاهه کائيندڙ هڪ پکي.

• **دولاڻِي:** اسم خاص. بازيگرن جو هڪ قبيلو.

• **دُولانَ ج دُولانَ (ل):** ذ. صفت. ڏِنو مُنو – ٿُلهو متارو – دونسون – ڏيڙدلو.

• **دولَتَ:** ٿ. بخت – اِقبال – نصيب – ڀاڳ. فتح – سوڀ. ملڪيت – زر – ناڻو – ڌن – مايا – مال – متاع – مُوڙي – لڇمي – نقدي – خزانو – دُرنگي – پئسا – ڏوڪڙ – ٽَڪا. زرخريد ٻانهي. ملڪ سلطنت راڄ. ”دولت ايران. دولت خداداد وغيره.“

– **دولتِ اُڏائڻُ:** اجايا خرچ ڪرڻ – فضول خرچي ڪرڻ – اِسراف ڪرڻ – حد کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ.

– **دولتِ پَناهُ:** ذ. حڪومت جو اجهو يا پناهه – آسري جي جاءِ ـ اُميد جي جاءِ ـ بادشاهن جو هڪ لقب.

– **دولت جو دامَن هَٿ اَچڻُ:** پئسي وارو ٿيڻ – امير ٿيڻ – شاهوڪار ٿيڻ – ڪنهن آسودي ماڻهو سان رشتو قائم ٿيڻ.

– **دولت خانو ج دولت خانا:** ذ. ڌن رکڻ جي جاءِ ـ شاهوڪار جو گهر. بادشاهن يا اميرن جي رهڻ جو هنڌ. محلات – عاليشان عمارت.

– **دولت خُداداد:** ٿ. خدائي نعمت – اِلاهي ذات – خدائي انعام – خدا جي ذات.

– **دولت سَرا ج دولت سرائُون:** ٿ. تعظيماً بادشاهن يا اُميرن جي رهڻ جي جاءِ ـ دولت خانو.

– **دولت عُظميٰ:** ٿ. وڏي ۽ وڏي حڪومت – سلطنت – شهنشاهت.

– **دولت مَنڊُ ج دولت مَنڊَ:** ذ. صفت. نصيب وارو – بخت وارو – بختاور. ملڪيت وارو – ٽَڪن وارو – پئسي وارو – ماياوَندُ – شاهوڪار – ڏَنوندي – ڏَنوان – دولت وند – مالدار – لکاپتي – تونگر.

– **دولَتوندُ ج دولَتوندَ:** ذ. صفت. دنيادار – تونگر – شاهوڪار – ڏنوان – ملڪيت وارو – ٽَڪن وارو – ڏَنوندي – دولتمند.

– **دولَتِي ج دولَتِي:** ذ. صفت. شاهوڪار – ڏنوان – دولتمند.

• **دولَتپُور:** اسم خاص. تعلقي موري، تعلقي ڪنڊڪوٽ، تعلقي ميرپور خاص، تعلقي اُٻاوڙي، تعلقي ٽنڊو محمد خان، تعلقي گهوڙاٻاريءَ ۾ ديهن جا نالا. سيوهڻ جي پر ۾ هڪ شهر جو نالو.

• **دولڪاڻِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (درڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو. تاريخ بلوچستان).

• **دُولَهُ ج دُولَهَ:** ذ. صفت. سهڻو – سُنو – عمدو – ڀلُ ڀلورُ – ٺاهوڪو – سوڙو – ڏسڻ جهڙو ـ لطيف – نازڪ ـ فراخ دل – دريادل – سخي – فيّاض – مردانو – بهادر – مڙس ماڻهو – همت وارو – همٿ پريو – پهلوان. ٻنو – ٻنرو – گهوٽ. اسم خاص. هندن جو هڪ ديوتا – ڄَلُ ديوتا دريا – لال. نَوَن گرهن مان هڪ گـرَهُ – نيپچون. صفت. پيٽ وڏو – پيٽـرُ – پيٽوڙي (ت).

– **دُولَهُ ٻَنجڻُ:** گهوٽ ٿيڻ. سخي ٿيڻ.

– **دُولَهه لعل:** قلندر شهباز رحه جو هڪ لقب.

• **دولِي ج دوليُون:** ٿ. [سن. دولاَ] ننڍي ديگ – اڌ ديگ.

• **دُولِي ج دُوليُون:** ٿ. پٽن راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ هڪ

Gul Hayat Institute

— **ڏُونهيارو ج ڏُونهيارا:** ذ. صفت. دونهن وارو — دونهاٽيل — دونهارو.

— **ڏُونهيرو ج ڏُونهيرا:** ذ. صفت. ڏُونهارو — ڏُونهيارو.

• **ڏُونهائڻ:** مصدر. ڏُونهين جي اثر ڪري ڪارو ٿيڻ — دونهاٽجڻ.

— **ڏُونهاٽ:** ذ. ڏُونهون — ڪاراڻ. دونهين جي اثر واري شيءِ. صفت. دونهين جي ڏپ وارو — دونهين وارو. (ذ) دونهين تي رڌل ڪاڙهو. ڪوهه مان نڪتل بخار — اَٻ. دونهين واري فضا — دونهاڙ.

— **ڏُونهاٽجڻ:** مصدر. دونهين ۾ خراب ٿيڻ — دونهين جو اثر لڳڻ — ڪاراٽجڻ. دونهين سان ڀرجڻ.

• **ڏُونهارو:** اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏُونهون:** ج ڏُونهان. ذ. [سن. دوم = ڏونهون] دکندڙ — باهه مان نڪتل ڪاري هوا — ڏُونهون — دونهه — ڏُوڏ. ڪاراڻ — ڪارڻ. ٻخار — ٻاڦ — اَٻ. واسُ — ڏُوپ. ڪک — ڪَهَجَرُ ۽ سُڪَلَ ڇيڻي جو باهه ڏنل ڏِڳُ. اسم خاص. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه ۽ شهر جو نالو.

— **ڏُونهان ڏکائڻ:** مچ مچائڻ — باهيون ٻچڻ — ڪُورا ٻارڻ — دل ۾ درد پيدا ڪرڻ — عشق ۽ محبت ۾ گرفتار ڪرڻ.

— **ڏُونهان ڪڍي ڇڏڻ:** ڪم يڪدم پورو ڪرڻ. حيرت ۾ وجهي ڇڏڻ. عبرت جهڙي ڳالهه ٻڌائي، ڪَنَ مان دونهان ڪڍي ڇڏڻ.

— **ڏُونهائڻ:** مصدر. دونهاڻ — دونهين وارو ڪرڻ.

— **ڏُونهائجڻ:** مصدر. دونهين ۾ خراب ٿيڻ — ڪاراٽجڻ.

— **ڏُونهائڻ:** ڪاراٽجڻ — دونهين ۾ ڪارو ٿيڻ.

— **ڏُونهون ڏکائڻ:** حرڪت سٽڻ — مَمَڻ مچائڻ — شروعات ڪرڻ.

— **ڏُونهون ڏکڻ:** باهه مچڻ. جهيڙو ٿيڻ — شرارت شروع ڪرڻ. محبت جو مچ ٻرڻ.

— **ڏُونهي ج ڏُونهيُون:** ث. دونهين واري ٿوري باهه. ڪک ڪهجر ۽ ڇيڻن وغيره جو باهه ڏنل ڏِڳُ دونهين. جهيڻي باهه (جا ڪِن مَندرن ۾ سدائين ٻرندي رهي آهي. سنڌ ۾ ٺٽي ۾ دونهين وارو مندر مشهور آهي).

— **ڏُونهي ڏکائڻ:** باهه ٻارڻ. باهه جو مچ مچائڻ. آستانو ڪري ويهڻ. شروع ڪرڻ — راس ڪرڻ. ڏرٽو ڏيڻ. جهيڙو ڪرائڻ — فتنو وجهڻ — ڪُپُ ڪوڙي ويهڻ.

— **ڏُونهي ڏکائي ويهڻ:** ڪُپ ڪوڙي ويهي رهڻ — فقير ٿي ويهي رهڻ — ڏرٽو ماري ويهڻ.

— **ڏُونهي ڏکڻ:** پٽ جي پڌرائي ٿيڻ — اولاد وارو هجڻ — وارثن وارو هجڻ — خاندان آباد هجڻ.

— **ڏُونهي واسڻ:** ڏونهي جاڳائڻ — باهه ٻارڻ.

— **ڏُونهين ج ڏُونهيُون:** ث. ڏُونهي.

— **ڏُونهين جا ڪَڪَرَ اڏارڻ:** بي بنياد ڳالهيون ڪرڻ — بيسُود مَنصُوبا رٿڻ.

— **دونهين دڦو (ت):** ذ. دونهين.

• **دونهياري ج ڏُونهياريون:** ث. ڪاڻ ڪَٽڇِڻي — پکيءَ جو هڪ قسم.

• **دوهاري (ڪ):** اسم خاص. پکيءَ جو هڪ قسم — دوئاري.

• **دوهائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو).

• **ڏُوهَرُ ج ڏُوهَرَ (ل):** ذ. ڪَڙِيُ جَنڊي اڏيل پکو (جنهن جا پاسا زمين کي ويجها هجن).

• **دوهرو ج دوهرا:** ذ. [سن. دو + هَرا = پڇاڙي] ٻن مصرعن جو شعر. ٻن سٽن وارو بيت — دوهو — دوهيڙو — ڏوهيڙو — دُراهو.

• **ڏوهري ج ڏوهريون:** ث. ڳهه جو هڪ قسم — ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڳهه — دُهري. صفت. ٻيٽي — ڏوڙي. ٽلهي (ت).

• **ڏُوهَرُو ج ڏُوهَرا (ٽ):** ذ. صفت. اڍنگو — بي ڍنگو — بي ڍبو.

• **دوهڙو ج دوهڙا:** ذ. [سن. دُو = ٻه + "هرا" پڇاڙي] ٻن سٽن جو شعر.

• **دوهو ج دوها:** ذ. جوڙو — جُٽ — ٻن مصرعن جو شعر — ٻه ٽُڪو بيت. ڏوهيڙو — دوهيڙو.

• **ڏوءِ ج ڏوئيُون:** ث. ننڍي مڇيءَ جو هڪ قسم. سنهي مڇي — ڪُرڙي.

• **ڏوئو ج ڏوئا:** ذ. [سن. دِوُ = ٻه] ٻ. ٻه داڻا — ڪوڏين جي ڇلهر ۽ ستالي راند ۾ ڏاري اڇليل يا داءِ وڌل ۾ ٻه اُبتيُون پيئل ڪوڏيُون. راند جو هڪ داءُ.

• **دوئي ج دوئيون:** ث. [سن. دِوُ = ڏوَن] دُوئو جو مونث — ٻه. ٻيائي — نِفاقُ — اَڻ ٻڻَت. علحدگي — جُدائي — فرق. ڦيري — چڪر — مٽي جي ڦيري (ڪ). ڏاري راند ۾ هڪ داءُ.

Gul Hayat Institute

• **دُوِيتَ ج دُوِيتُونْ:** ث. دِوْ = ٻُونْ] ٻيڻ – دُئائي – ٻيڻائي – ڏُهرائي – ٻِٽائي. ٻيائي – دئائي – ڪوٽائي.

• **دَهْ:** صفت. [ف. دَهْ] هڪ عدد جو نالو – ڏهہ. مرڪبات ۾ تعداد ظاهر ڪندڙ. جيئن دَهْ هزار، دهہ لک، دَهَ ڪروڙ، دهہ ارب، دهہ پدم، دهہ نيل وغيره.

– **دَهدار(لس):** صفت. ڏهن رنگن وارو – گهڻن رنگن وارو.

– **دَهْ دِسَ ج دَهَ دِسُونْ:** ث. ڏهہ پاسا – ڏهہ ڏِسائون – ڏهہ طرف. ظرفَ. چوگرد – چوڌاري – آسپاس.

– **دَهْ دُور (ڪ):** صفت. ڏَهوڻو پَري – سؤ ڪوهہ پري. تمام پري – ڏيهان ڏور.

– **دَهْ دُورِيْ (ڪ):** ث. پري پنڌ – پرانهين ڏورائِي.

– **دَهْلو ج دَهْلا:** ذ. تاش جو ڏهن نشانن وارو پتو – ڏهلو – ڏهو – ڏهہ خال – دَهو – ڏهِيْ.

• **دَهْم:** صفت. ڏهون (عدد قطاري).

• **دِهَ ج دِهُونْ:** ث. [ف] زمين جو ٽُڪر – ڳوٺ. بَستي. جاگرافيءَ موجب ٻہ – چار سؤ نمبرن جي ايراضي. سن. جسم – بدن – ت. [ف. دادن = ڏيڻ جو امر] ڏيندڙ. مُرَڪبات جي آخر ۾ ڪم ايندڙ. جيئن "آرام دِهْ = آرام ڏيندڙ. تڪليف دِهْ = تڪليف ڏيندڙ. وغيره.

– **دِهْ بَنْدِيْ:** ث حلقي بندي – تفصيل بندي. دِهہ جي حد مقرر ڪرڻ.

– **دِهِدارُ ج دِهِدارَ (ت):** ذ. صفت. ديهہ جو مالڪ. زميندار – جاگيردار – وڏو ماڻهو – امير.

– **دِهِوارُ ج دِهِوارَ:** ذ. صفت. دِهہ دِهہ جو جدا تفصيل.

• **دِهَاتُ ج دِهَاتَ:** ث. [ف. دِهْ جو جمع] گهڻا ڳوٺ. ٻهراڙي – واهڻُ – ڳام. ديهہ – قَصبو.

– **دِهَاتِيْ ج دِهَاتِيْ:** ذ. صفت. ڳوٺاڻو – ڳامڙيو – ٻهراڙيءَ جو – دَقيانوسي – پراڻن خيالن وارو – سادگي پسند – شهريءَ جو ضد.

• **دَهَانُ:** ذ. [ف] وات – مُنهُن – مُک – سوراخ – خالُ. زخم – ٽُنگ – وِٿِي.

– **دَهَان بَنْدُ ج دَهَان بَنْدَ:** ذ. صفت. منهن بند ٿيل – جنهن ٿانءَ جو مُنهُن بند هجي.

– **دَهَانـو ج دَهَانَا:** ذ. منهن – وات – مُک. (درياءَ، مَشڪ، ناليءَ وغيره جو). شروعات – ابتدا – مُنڍُ. لَغام جو هڪ حصو. لَغام – واڳَ.

• **دُهَائِيْ ج دُهَائِيُونْ:** ث. [هہ. دُهَائي] قَسَمُ – دوهِي – سُنهُن. فرياد – دانهن – پُڪار.

• **دَهْرِ:** ذ. زمانو – جُڳ – وقت – عرصو – مدت – سمو. دُنيا – سنسار – جهان.

– **دَهْرِيْ:** صفت. دنيوي – سنساري – جهان جو. نفساني رواني.

– **دَهْرِيہ (دَهْرِيو):** زماني پرست – مادي پرست – رڳو هن جَهان جو قائِلُ – خدا تعاليٰ جي وجود ۽ ان جي حڪمن جو مُنڪر – لامذهب – بي دين – مُلْحِدُ.

• **دُهُـرُ ج دُهُـرَ:** ذ. [سن. دِوْ = ٻُونْ] ٻيٽي چادر جا سياري ۾ بُت جي چوگرد ويڙهجي. صفت. ڏوڙو – ٻيٽو – ٽُلهو – ٻِٽو.

• **دُهْرائِڻُ:** مصدر. [سن. دِوْ = ٻُون] ٻيڻو ڪرڻ – ٻِٽو ڪرڻ – ٻہ تَهو ڪرڻ. ڦيرائڻ – گهمرو ڏيڻ. دور ڪرڻ – وري چوڻ – وري بيان ڪرڻ.

• **دُهِرَڻُ (ل):** هڪلڻ. اُٺ جڏهين اوٺي هڪليندا آهن، تڏهين اُنن کي دُهريندا آهن.

• **دُهْرو ج دُهْرا:** ذ. صت. [سن. دِوْ = ٻُونْ] ٻيڻو – ٻِٽو – ٻہ تَهو – ڏوڙو. ٿلهو – ٿوٿانگ – ڏَٽو مُٽو – سَٽَر وَٽَر – مُٽڪو – دونسو – سخت – مضبوط. ڳورو – ثقيل – وزندار. گهٽو – جهجهو.

– **دُهْرا دامَ پَوَڻُ:** چوڪنيو ڦاسڻ – مضبوط زنجير پوڻ. "زُهْري زُلْف زوردارَ تو کي دُهردامَ پيا" (بيدل).

– **دُهْرو دُوشَالو ٻَڌَڻُ:** ٻيڻي ڪوشش ڪرڻ. ٻيڻي محبت ڪرڻ – ٻيڻو عشق ۾ گرفتار ٿيڻ. ٻيڻيون مصيبتون سِر تي سهڻ.

• **دَهْـرَمُ:** ذ. بيقراري – اِضْطرابُ – ڳِٽتي – گهبراهٽ. نقصان. اِيذاءُ. سنديهہ ۾ رهڻ ڪري ٿيل تڪليف.

– **دَهْرَمُ ڏِيڻُ:** سيڪت ڏيڻ – دٻائڻ – هيسائڻ.

• **دُهِرَڻُ (ل):** مصدر. وني وڃڻ – ڪاهڻ (ڪنهن وهٽ کي).

– **دُهْـرَ ج دُهْرُوَن:** ث. اُٺن ڪاهڻ جو آواز.

• **دُهْرِيْ ج دُهْـرِيُونْ:** ث. [سن. دِوْ = ٻہ + سَرِيْ = ٻن سرن واري – فَ. دُر = موتِي] ڳَـهُ جو هڪ قَسم – ڳچيءَ ۾ پائڻ جو.

• **دُهـرِيارو:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **دَهڙوُ ج دَهـڙَا (ل):** ذ. صفت. ٿلهو – متارو. جيئن "تو جهڙو دَهڙو تہ اسان کي الله ڏياري".

Gul Hayat Institute

صادق – اَمين – سُپتيو – اعتبار وارو – پَتِ وارو. وفادار – خداترس – ڌرمي.

– **ديانتداري ج ديانتدارِيُون:** ث. ايمانداري – سچائي – سُپتيائي – ويساھ – اعتبار – پَتِڪار – معتبري – يقين – پَتِ _ پروسو.

• **ڊِيباچو ج ڊِيباچا:** ذ. ديباچه. ديبا = پَٽ جو ڪپڙو + "چہ" اسم تصغير جي نشاني. ٢. ديباج [ف. ديباه = ريشمي چوغو. اڳي ڪتابن جي پهرئين صفحي تي ڇِٽ ڪيندا هُئا] ڪتاب جو مُنڍ – ڪتاب جو مقدّمو – ڪتاب جي شروعات جي لکيت – مُنڍُ – شروعات – تَمْهِيد – پُومڪا – مُهاڳ – مُقَدّمہ – مَهَنْدُ – اُپاسَ – آڳُسَرَ.

• **ڊِيبَ ج ڊِيبُونْ (ل):** ث. ڏاڍي مُڪ – ڊِبَ – مُٺ _ مُڪَ.

• **ڏَيتُ ج ڏَيتَ:** ذ. صفت. [سن. دئيتيہ = راڪاس] وڏي جسم وارو – راڪاس. دَئيت – دُئِتُ.

– **ڏَيتُ پَرِيتُ:** ذ. جنَّ ۽ پَريون.

• **دِيَتَ:** ث. [ع] خون بها – خون جي عيوض قيمت – قصاصُ – خونَ جو بدلو. جيئن "دِيَتَ آهي دوسُ مارڳَ ۾ مُينِ جِي" (شاھ).

• **ڊِيپُ ج ڊِيپَ:** ذ. [سن. دَوِيپُ = پيٽُ، مُلڪُ، ڪَنْڌُ] اقْلِيمُ – زمين جو ستون حصو – پيٽُ – جَزِيرو – ٽاپُونْ جيئن "مالدِيپ – سنگلديپ وغيره". [سن. ڊِيپ = ڏِيو] روشني – چمڪو – ڏِيو (ڏِيئو).

– **ڊِيپ مَالا ج ڊِيپ مَالائُونْ:** ث. ڏِيَن (ڏيئن) جي قطار.

• **ڊِيپَڪُ ج ڊِيپَڪَ:** ذ. [سن. ديپڪ = ڏيو (ڏيئو)] روشنائي – سوجهرو – تجلو – جوت _ شعاع – پَرڪاش – سُجهَندو – اُجالو – سُهائو. ڏيئو – ڏِيو – شَمْع – بَتِي – چَراغُ. ڇهن راڳن مان هڪ راڳ جو نالو (پيرو، مالڪوس، هِندول، سِري، ميگهُ، ڊِيپَڪُ). ديپڪ راڳ، هندستاني موسيقيءَ جي تمثيلي تصوير مطابق. باھ وانگر چمڪاٽ ڪندڙ ڪپڙا پيل، پيشانيءَ مان آڳ جا اُلا نڪرندڙ، مست هاٿيءَ تي سُوار آهي، هي راڳ گرم مند ۾ ٻن پهرن يا شام جو ڳائجي، هن جي ڳائڻ سان باھ پيدا ٿئي ٿي. هن راڳ جون ڇھ راڳڻيون (١. ڇايانَٽُ ٢. هَمِير ٣. ڪَلياڻ ٤. ٻهاڳ ٥. ڪيدار ٦. ايمن) آهن. آتشبازي جو هڪ قسم.

• **ڏَيجُور:** اُونداهِي رات – خاڪي رنگ جي ڪاراڻ مائل مِٽي – اونداهي – تاريڪي – اَڻ ڇِتَائي – گمنامي.

• **ديجو ڪَارائِيْ:** ذ. گَڏھ جو قسم.

• **ڊِيْد ج ڊِيْدُون:** ث. ذ. [ف. دِيدَنْ = ڏسڻ] اک.ڏسڻ جي حالت – ڏِسٽي. نظر – نگاھ – نرت. جوت – سوجهرو – روشني – ڌؤ – ڌهو – ڌئو. جيئن "فلاڻي جي اکين جي ديد گهٽجي ويئي آهي." ڏيک – ڏيکاءُ – نظارو – نماءُ – جهلڪ – لقاءُ – ديدار – درشن. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ جيئن "قابل ديد، چشم ديد وغيره" لڄ – حيا – شرم – حجاب – سنڪوچ. محابو – مرجاتا – لحاظ – مَرَمُ – پاسخاطري – ساڃهِ _ سجاڻپ – مَرُوَت. ڏِڪا _ ڏَڪ _ سُور – ڪشٽ (ڪ).

– **ڊِيْدَ جو اُنْڌو ٿِيَڻُ:** نظر نہ پوڻ – بي حيا ٿيڻ – بي شرم ٿيڻ – بي شناس ٿيڻ – حيا شرم نہ ڪرڻ.

– **ڊِيْدَ ڇَهاڪُ:** ذ. صفت. بي حيا – بي شرم – بي مُحابو.

– **ڊِيْدو (دِيْدَه):** ذ. ف. اک – اک جو تارو – دوڏو – ڏيلهو. نظر – نگاھ. چشمو نيڻَ.

– **ڊِيْدُون وِجهَڻُ (ت):** نظر ڪرڻ. خيال ڪرڻ. ديدار ڪرڻ – گهُورَ پائي ڏسڻ – عشق محبت جي نظر ڪرڻ.

• **ڊِيْدا:** اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديھ جو نالو. هڪ ذات جو نالو.

• **ڊِيْدارُ ج ڊِيْدارَ:** ذ. (ف). نظر – نگاھ – نِرت – ڏسڻ جي حالت – ڏسٽي – ڏيکاءُ – ڏيک – ڏيکارو. درشن – درسَنُ – جلوو – شڪل – صورت – ڊول – رُوپُ – مُنهَن – مُهاندو – مُکڙو. گڏجاڻي – مقابلو – ملاقات – ميلاپ. لَقاءُ – تَماشو – جَلْوو.

– **ڊِيْدارَبَازِيْ ج ڊِيْدارَبَازِيُونْ:** ث. ديدار ڪرڻ جي حالت – نظاره بازي – ڏيک ويک – ديڪا ديکي. دَرشن. سرسري نظر. عشق بازي – اک جو اشارو. نگاھ عشق محبت واري.

– **ڊِيْدار ڪَرڻُ:** درشن ڪرڻ – درسن ڪرڻ. جلوو پَسَڻ. مُنهَن ڏسڻ – صورت ڏسڻ. تماشو ڏسڻ – زيارت ڪرڻ.

– **ڊِيْدارِيْ ج ڊِيْدارِيْ:** صفت. ديدار جهڙو – ڏسڻ جهڙو – ڏيک وارو – مَلُوڪُ – سُهڻو – خاصو – ٺاهُوڪو.

• **ديدَڙ:** اسم خاص. جت بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڊِيْدِڪِيْ:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديھ جو نالو.

ديڳڙِي ج ديڳڙيُونْ).

• **ديڳڙِيءَ چاڙهڻ:** رڌي ڪائڻ – پنهنجي محنت ڪرڻ.

• **ديڳِ باسڻ:** چانورن جي ديڳ تيار ڪرائي خيرات ڪرڻ. طعام جي خيرات باسڻ.

– **ديڳ جي ڪرڙِئي ڪافي هئڻ:** گهڻي مال منجهان ٿورو حصو به ڪافي هجڻ.

• **ديڳيين:** ظرف. ديڳين ۾.

• **ديڳـُوڙوْ ج ديڳـوڙا (لس):** ذ. گيدوڙو – ليسوُڙو.

• **ديڳين وارو:** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **دِيمَ ج دِيميُونْ:** ث. فوج – لشڪر – سپاهه. ڳَهٽ – ميڙ – اَنْبوُهه (ل – ق).

– **دِيمَ ڪَرڻُ:** گهڻي تعداد ۾ گڏ ٿيڻ. بدبوءِ ڪرڻ (ت).

– **دِيمِي ج دِيميُونْ:** ث. هڪ وڏي فوج – لشڪر جو ڪَٽَڪُ – اَڻ ڪٽ خزانو.

• **دِيمَاڪُ ج دِيمَاڪَ (ت):** ذ. [ع. دماغ جي بگڙيل صورت] دماغ – مغز – مٿو.

• **دِيمَڪُ ج دِيمَڪَ:** ذ. اُٺ جي هڪ سَنْج جو عضوو – پلاڻ جي پوئين حصي کي مضبوط ڪري جهلڻ وارو رَسو – اُڏهِيْ.

• **ڏَينُ ج ڏَينَ:** ذ. [ع] قرض – اُڌار – ڪَٽَتِ _ لَهڻو – ڏيتي. بخشش – عطيہ – احسان – ڪرم.

• **دِينُ ج دِينَ:** ذ. [ع] اختيار ڪيو – مَذهَب – مِلَت – ڌرم – پَنْٿُ. ايمان – عَقِيدو – ويساهه – يقين – ڀروسو – نشچو – اعتبار. انجام – وچن – قول. عاقبت – آخرت.

– **دِينُ اِيمَان مان ڪڍڻُ:** مرضيءَ جي ابتڙ ڳالهه ڪرائڻ. مذهب جي خلاف ڪم ڪرائڻ.

– **دِينُ ڀائِي ج دِينُ ڀائِي:** ذ. صفت. ساڳئي مذهب وارو – هَمْ مَذهَبُ.

– **دِينُ پَناهُ:** ذ. صفت. دين جو مُعاوِنُ – دين جو مُحافِظُ – مذهب جو اَجهو – دين جو حامي.

– **دِيندَارُ ج دِيندَارَ:** ذ. صفت. دين وارو – ايماندار – دين جو پابند – نيڪ – دِيناٺو. مذهبي – ديني – ڌرمي. مُتَقِيْ – پرهيزگار – شَرْعَ جو پابند – جيڪو مذهب تي پورو هجي. اَمين – نيڪ – سچار – راستبَازُ.

– **دِيندَارِيْ:** ث. دين واري حالت – دين جي پابندي – ايمانداري – امانتداري. سچائي – پرهيزگارِيْ – شريعت جي پابندي – پاڪائي – پارسائي – خداترسِي – ديني.

– **دِين دُنيَا کَان وَڃڻُ:** ٻنهي جهانن کان رڌ ٿيڻ.

– **دِيْن مَلـُوْڪِيْ رَکَڻُ:** ڀائِپِيْ پيٽِپِي رکڻ – دوستي رکڻ.

– **دِينُ وَدُنيَا:** ٿ. مذهب ۽ ملڪ. ديني حالت ۽ دنيوي حالت – دين جون ڳالهيون ۽ معاشري جون ڳالهيون. هوءَ دنيا – هِئي جهان.

– **دِيْنِيْ ج دِيْنِيْ:** صفت. دين وارو – دين جو – مذهب جو – ڌرم وارو – ڌرمي – مذهبي – روحاني – آتمڪُ.

– **دِيْنِيَات:** ث. دين سان تعلق رکندڙ ڳالهيون – دين جي اصولن جو علم – فِقْهَ جا مسئلا.

• **دِيْنُ ج دِيْنَ:** ذ. [سن. دِيْنَ = غريب] غريب – مسڪين – ڪنگال – مُفلس – محتاج – گهرجائو – ويچارو – ڪـَنل – حاجتمند – سُڄو – سڪٽو. مانيٽو. حليم – نِهَٺو.

– **دِيْنُ دَيالُ [سن. دين = غريب دَيالُ = مهر ڪرڻ وارو]:** ذ. صفت. غريبن تي رحم ڪندڙ – غريب نواز – غريبن لاءِ رحمدل – مهربان – ٻاجهارو – نرم دِل – دينناٿ – دَيالو – رَحمانُ – رحيم – غريب پرور.

• **دِيْنَاپُور:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيرو تعلقي ڪنڌ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **دِيْنَادَاستِيْ:** ظرف. [ف. دِيْدَهْ دَانِسْتَهْ] ڏسي وائسِيْ – ڏٺو وائٺو – ڄاڻي واڻي – ڄاڻي ٻجهي – سوچي ويچاري. ڏٺو وائٺو – ظاهر ظهور – اکين اڳيان – پڌري پٽ – ڏينهن ڏٺي – کـُلي طرح – کـُليو کـُلايو – اَچين ڪَچين – سڀڪنهن جي ڏسندي – زبردستي – زورِ مَس ڪري.

– **دِيْنَا دَاستِيْ ڇوڙڻُ:** ظاهر ظُهُور يا کـُليو کـُلايو ڇوڙڻ.

– **دِيْنَادَسْتِيْ ڪَرڻُ:** ظاهر ظهور ڪرڻ – کليو کلايو ڪرڻ. زوري زبردستي ڪرڻ – ڏاڍ ڪرڻ.

– **دِيْنَارُ ج دِيْنَارَ:** ذ. عربستان ۾ رائج ٿيل سونَ جي سِڪيَّ جو هڪ قسم.

– **دِيْنَارِيْ ج دِيْنَارِيْ:** ذ. گهوڙي جو هڪ رنگ. (جنهن جي پُٺيءَ تي دينار جيترا ٽِڪا هجن).

• **دِيْنَارِيْ:** اسم خاص. بگٽي بلوچن جو هڪ پاڙو.

Gul Hayat Institute

• **دِيْنَبَارِيْ:** اسم خاص. تعلقي ماتلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **دِيْنَ پَنَاهُ:** اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **دِيْنَ پُورِ:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهہ جو نالو. تعلقي اباوڙي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو. جتان جو هڪ بزرگ حافظ محمد صديق رحہ سنڌ جو مشهور اهل الله ٿي گذريو آهي.

• **دِينُدَارِ (ل):** ث. ٻار کي مڇرن يا مکين کان بچاءَ لاءِ سمهڻ وقت مٿان رکيل ڪاٺ جي گهوڙي (جنهن تي ڪپڙو وجهي ڇڏبو آهي). ننڍي مَڇردانِي – مُنهَن رَکِي.

• **دِيْنگُ ج دِينگَ:** ذ. طعام رڌڻ لاءِ ٽڪر جو ديگڙو – ڪُنو.

• **دِيْنگَـرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهہ ۽ اتر سرحد سنڌ ۾).

• **دِيْنِ ڪـَـرَهُ:** اسم خاص. تعلقي ٺٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **دِيْنُورُ:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ديوُ ج ديوَ:** ذ. صفت. [ف. ديو. پرا. ديوَ. سن. ديوَ. دْو: چمڪڻ]. ديوتا. پريت جيڏو – ڀوائتو. شيطان – اِبليسُ – خَنّاس. ڀُوتُ. پَرِيُنِ جو مڙس.

– **ديوزادُ:** ذ. صفت. ديوَ جو اولاد – وڏي قَدَ ۽ جُثي وارو.

– **ديوَسْتَانُ:** ذ. صفت. ديوَنِ جي رهڻ جي جاءِ _ واسو ڪيَلَ جاءِ _ ڳـَرِي جاءِ (جنهن تي ديوَ يا جنَ جو اثر هجي).

• **ديوُ ج ديوَ:** ذ. [سن. ديوَ: دِوْ = چمڪڻ] چمڪندڙ – تَجَلِيَّ وارو. هندو ڌرم موجب پوڄا جي لائق – ايشور جي حڪم سان سَنْسَار کي هلائيندڙ خيالي جيوُ (جنهن لاءِ سمجهيو ويندو آهي تہ هو هن جهان جي جدا جدا ڪمن يا جدا جدا لوڪن جي نگهبانِي ۽ سنڀال ڪن ٿا. خراب ڪمن تي ناراض ۽ ڀڳيہ. پرارٿنا تي خوش ٿيندا آهن). اوتار. ديوِتا – مُقَدسَ _ پاڪ.

– **ديوَبَانِيْ:** ث. ديوتائن جي مُقَدّس زبان – سنسڪرت.

– **ديوُتا ج ديوُتا، ديوُتَائُونْ:** ذ. اوتار – ڀڳوان. پرميشر. بزرگ – مُقَدّس. اهو مضمون جنهن جو ڪنهن ويد جي منتر ۾ بيان ٿيل هجي.

– **ديوِرَشِيْ:** ذ. صفت. ديوتا سروپ – گِياني رَشِي. نيڪ ٻانهو – ساڌو – سَنْتُ – مَهاتِما.

– **ديورُوْ ج ديوُرَا:** ذ. ديوَ جي رهڻ جي جاءِ _ ٺاڪـرُ دُئارو – ڏيُورو – ٺِڪاڻو.

– **ديوْلُوڪْ ج ديوُلوْڪَ:** ذ. ديوتائن جي رهڻ جي جاءِ _ هندن جو بهشت – سَرڳُ. اُپُ – آڪاس – آسمان.

– **ديومَاتَا:** ث. هندن جي عقيدي موجب ڀڳوان جي ماءُ.

– **ديوُمَالاَ ج ديوُمَالاَئُونْ:** ث. ديوتائن جو احوال – ديو ڪٿا – ديوتائن جي وارِتا. هندن جو ڌرمي ڪتاب – پراڻ.

– **ديوُوِاڻِيْ ج ديوُواڻِيُونْ:** ث. آڪاس واڻي – اِلْهَام –خوشخبري.

– **ديوِيْ ج ديوِيُون:** ث. ديوتا جي زال – ديبي. ”ڪالڪا، ڀوانِي، دُرگا، ڪالي وغيره. مَاتا. هندڪي عقيدي موجب سنسار ۾ ايشور پاران ڪم سنڀاليندڙ خيالي عورت. عورت – زال – ناري – ڪَنْيا – ڪُنواري – دوشِيزّه. راڻي – مَلِڪَ.

– **ديوِيْ جو دَرْشَنُ ڏِيڻُ:** ماتا جي بيماري جو ٿيڻ. ڇيڇَڪ يا وڏي مائَي نڪرڻ.

• **دِيْوَارَ ج ديوا رُونْ، دِيوار يُونْ:** ث. (ف) ڀِت – ديوال. ڀَلْوِيڙو – پناهہ – اوٽَ – پرده.

– **دِيْوارِ چِينْ:** اسم خاص. تاتار جي سرحد تي ٨٠٠ سؤ ڪوهہ ڊگهي ٺاهيل ديوار (جا عيسوي سن کان ٢۴٠ ورهيہ اڳ تاتارين جي حملي کان بچاءُ لاءِ ختاين ٺاهي هئي).

– **ديوَار ڪَڻُ:** ڀت ٺاهڻ – ديوال ٺاهڻ – ڀِت اوسارِڻ.

– **ديوَار قَهْقَهْ:** اسم خاص. سڪندر ذوالقرنين جي ٺهرايل ديوار جا ياجوج ماجوج قوم جي روڪ لاءِ ٺاهي وئي هئي – سَدَّ سَڪندري. چيو وڃي ٿو تہ اُن مان هميشه کِلَڻ جو آواز ايندڙ آهي ۽ جو بہ ماڻهو انهيءَ تي چڙهندو سو کلندو اندر ويندو.

• **دِيْوَالَ ج دِيْوَالـُونْ:** ث. [ف. دِيْوار = ڀت] ديوار – ڀت.

• **ديوالِيْ ج ديوالِيُونْ:** ث. صفت. [سن. ديپاوَلِيْ. دِيپَ = ڏِيئو + اَوَلِيْ = قطار] ڏِيارِيْ – ڏِياريءَ جو ڏڻ – ڏِياريءَ جا ڏِيا.

• **دِيْوَانُ دِيْوَانَ:** ذ. (ع) شاهي دربار – ڪچهري – درٻار – عدالت – انصاف جي جاءِ _ عدالت گاه _ عدالت خانو. نياءُ سڀا – عدالتي مَحڪَمو – دفتر – آفيس – دفتر جو مالڪ – دفتر سنڀاليندڙ. آفيس جو وڏو عملدار – آفيسر – وڏو منشي – هيڊمنشي – مِير مُنشي – رُڪن سلطنت – وزير – منتري. سَڪـرُ يا شريف ماڻهو. خزاني جَو وڏو آفيسر – ڀنداري. ڪارخاني جو مهندار (ل.ق). غزلن جو ڪتاب (جنهن ۾ غزل، قافيہ وار ٺاهي رکيل هجن). جيئن ”ديوان حافظ وغيره“. هندن

Gul Hayat Institute

- **ڏارينٺو ج ڏارِينٺا (ت):** ذ. هٿيار جو هڪ قسم — ڀالو — نيزو.
- **ڌاڙَ ج ڌاڙُون:** ث. رَهزنَنِ يا ڌاڙيلن جي ٽولي — ڦورُن جي ٽولي — چورَن جي ٽولي، ڌاڙيلن جي ڪاهَ — ڌاڪو — ڦـُر — لـُٽ — ڌاڙو. حملو — ڪاهه — جُلهَ — هلان. وڏو هُل — بغاغو — دانهن — هنگامو — گهوڙا گهوڙا (ت). منڇر وارن جي اصطلاح ۾ مڇيءَ ڦاسائڻ لاءِ ڀن وجهڻ وقت زور سان ڀٽل جون ٺالهيون وڄائڻ جي حالت.
- **ڌاڙِ ڌاڙِ (ت):** ث. گهوڙا گهوڙا. دانهون — رڙيون — واڪا — ڪُوڪُون.
- **ڌاڙِ ـ ڌاڙِ ڪَرَڻُ:** رڙيون ڪرڻ. دانهون ڪرڻ — ڦـُريا ڦـُريا ڪرڻ — ٻاڪارڻ — مدد لاءِ پڪارڻ — وڏو شور مچائڻ.
- **ڌاڙِ وَائِي ج ڌاڙِوَائِي:** ذ.صفت. ڦورُو — لـُٽيرو — چور — رهزن — ڌاڙيل.
- **ڌاڙويس:** حرف ندا. گهوڙا گهوڙا — واڪو — واڪاڻ — واويلا.
- **ڌاڙِڪِي ج ڌاڙِڪِيُون:** گودڙي — بکري.
- **ڌاڙو ج ڌاڙا:** ذ. جماعت — گروهه — ٽولي — جٿو. چورن جو ٽولو — چورن جو حملو — چورن جي ڦـُرمار — ڌاڙ — لـُٽَ — لوٽ — ڌاڪو — رهزني — چوري — اوچتي ڦـُرلٽ.
- **ڌاڙَا ڌاڙَا ڪَرَڻُ (ت):** نقصان ڪرڻ — اجايو زيان ڪري ڇڏڻ — خرابي ڪرڻ — خرچي کپائي ڇڏڻ.
- **ڌاڙائِي ج ڌاڙائِي** ذ. صفت. ڌاڙو هڻندڙ — ڌاڙيل — ڌاڙيلو — رهزن — ڦورُو.
- **ڌاڙولڳڻ:** ڦُر ٿيڻ — لـُٽ ٿيڻ — اوچتو ڦـُرلـُٽ ٿي وڃڻ.
- **ڌاڙو هڻَڻُ:** زوري ڦـُر ڪرڻ — زوري چوري ڪرڻ — ڦـُر ڪرڻ.
- **ڌاڙيچو ج ڌاڙيچا:** ذ. صفت. ڌاڙائي — ڌاڙيل — ڌاڙيلو — ڌاڙيوال. ڌاڙي ۾ ڪنيل ملڪيت — ڦـُرلـُٽ جو مال — مالِ غنيمت
- **ڌاڙيلُ ج ڌاڙيل:** ذ. صفت. ڌاڙو هڻندڙ — ڌاڙائي. ڌاڪو — ڪاٽڪو — رهزن — ڦورُو.
- **ڌاڙي ۾:** ظرف. ارزان — سستو — تمام ٿوري قيمت ۾ ـ مفت ۾ ـ سهانگو.
- **ڌاڙيوَالُ ج ڌاڙيوالَ:** ذ. صفت. ڌاڙيلُ — ڌاڙيچو.
- **ڌاڙِي (ت):** ث. ڪاٺ جي سِپَر (جا راند ۾ ڪينهون جهلڻ واسطي ڪٽجي) — بچاءُ — جهلاءُ.

- **ڏاڪَ ج ڏاڪُون:** ث. نالو — نانءُ — ناماچار. ڏاڪو — هاڪَ — ناموس — شهرت — نيڪي — مشهوري — وڏائي — ٻڌَ — ساراهه — واڪاڻ — ٻڌرائي — ڌُوم. رِٽَ — افواهه — هل — هلاچو. هيبت — هڪل — ڌَيا — ڌَڪو — دٻاءُ — ڌهڪاءُ. رعب — خوف — دٻ — حشمت. عزت — شانُ.
- **ڏاڪو ج ڏاڪا:** ذ. ڏاڪَ. نالو. هيبت — رعب — هُلُ — هُلاچو. دٻُ — ڌَرُ — ناموس — شُهرت — ڌهڪاءُ.
- **ڏاڪو وِجهَڻُ:** مشهور ٿيڻ — ناليرو ٿيڻ — رعب ڄمائڻ — سِڪَو ڄمائڻ — نامي ٿيڻ — نالو ڪڍائڻ.
- **ڏاڪوڙو ج ڏاڪوڙا (ل):** ذ. چوپائي مال جي رڙ — ڪنهن ڍڳي يا مينهن جي ڦَرَ لاءِ ڪيل رَڙِ.
- **ڏاڳَا:** ذ. ڪپڙا — پوشاڪ — متبرڪ لباس — ڪنهن بزرگ يا ولي جا پاٽل ڪپڙا.
- **ڏاڳا پائڻ:** پوشاڪ پائڻ — ڪنهن بزرگ جا ڪپڙا ان جي وفات کان پوءِ، ورسيءَ تي سندس جانشين جي پائڻ جي حالت — ڏاڳا ڏِڪڻ — ڏاڳا ڪرڻ.
- **ڏاڳَا ڌوئَڻُ:** ڪپڙا ڌوئڻ — جسماني صفائي ڪرڻ — ٻاهرين پاڪائي رکڻ. "اندر اڇو نہ ڪري، ڌوئي ٿو ڏاڳا" (شاهه).
- **ڏاڳا ڏِڪَڻُ:** ڏسو "ڏاڳا پائڻ".
- **ڏاڳا ڪَڍَڻُ:** اُڌيڙڻ — اُکيلڻ — تباهه ڪرڻ.
- **ڏاڳا ڪَرَڻُ:** ڏسو "ڏاڳا پائڻ".
- **ڏاڳَا لاهِڻُ:** ڪپڙا لاهڻ — بزرگ جو لباس لاهي سانڍي رکڻ — پردو لاهڻ — عيب اُگهاڙڻ — خوار ڪرڻ.
- **ڏاڳو ج ڏاڳَا:** ذ. [سن. تارڪو. گ. ڏاڳو. هيم. ڏروگُ] سُٽ جي تندُ — سڳو — سُٽُ — تندُ — تندو — ٽڳو — تارَ. سُوٽلي — ڌورِ ـ ڌورو — ڌوري. پيچ — ورُ — وَڪَڙُ — سلسلو — لِيڙَ — رِيڙَ — لينگهَ (ت). سَڳي — چوٽي (ت). فقير ڪي مٽي تي ويڙهيل سڳو — بيماريءَ کان ڇوٽڪاري لاءِ پڙهيل سَڳو.
- **ڏاڳو ٻڌَڻُ:** نشاني ٻڌَڻ (يادگيريءَ لاءِ).
- **ڏاڳو ڪَڍَڻُ:** (ڪورين جو اصطلاح) اڏي تي تاڃي لاهڻ. تندو ڪڍڻ. اڃائي اڄ وڄ ڪرڻ.
- **ڏاڳو ڪَرَڻُ:** تعويذ ڦـُل ڪرڻ. دعا ڪرڻ — سڳو وٽڻ — ڦيٽو پڙهڻ — جهاڙ رکڻ — جادو ڪرڻ — منتر ڪرڻ — فال وجهڻ.

Gul Hayat Institute

– **ڌرتي ڌي تَکڻُ:** زمين ڏانهن ڏسڻ – سوچ ويچار ۾ پئجي وڃڻ – خيال ڪرڻ – ڌيان ڪرڻ – حيرت ۾ پئجي وڃڻ.

– **ڌرتي ڌِکڻُ:** زمين سنئين ڪرڻ – هيٺ مٿانهين زمين کي هموار ڪرڻ.

– **ڌرتي ڪاغَذُ ڪَرڻُ:** تمام گهڻي تعريف ڪرڻ. جيئن، ”ڌرتي سڀ ڪاغذ ڪرون، ليکڻ ڪرون وڻراهه“. (شاهه).

– **ڌرتي ماتا:** ذ. ث. هندن جي عقيدي موجب سڄي جڳت جي ماءُ.

– **ڌرتي نِـرْوارُ:** ذ. [سن. ڌر = ڌرتي + نروار = بيان] ڌرتيءَ جو علم – ڀون وِديا – جاگرافي – جُغرافي.

– **ڌرتي ڪرِي نه ڪوڙڻُ:** لڳاتار ڊوڙندو رهڻ – ڪٿي به نه ويهڻ – ڪٿي به ٽِڪُ نه پَچڻُ – ساندهه مُسافري ڪرڻ – تمام تکڙو ڊوڙڻ – منزل جي پرواهه نه ڪرڻ.

● **ڌُرپَتَ:** ث. [هه] راڳ جو هڪ قسم. ڳائڻ جو هڪ ڍنگ – ڌُرپَدُ. هندي شعر جو هڪ قسم (جنهن ۾ ۳۲ پَد ٿين).

– **ڌُرپَتَ ٻڌائِڻُ:** ڪُتو جواب ڏيڻ – آڏو اُبتو جواب ڏيڻ – سِڌي ٻڌائڻ – ڪري ڪري ڳالهه ڪرڻ.

– **ڌُرپتِي ج ڌُرپتِيُونْ:** ث. [سن. ڌُرپَدَ] دوهي جو هڪ قسم. ست سُري – نِپِٽِي (ڪاوڙ ۾ چئبو آهي).

● **ڌُرپَتُ ج ڌُرپَتَ:** ذ. آئينو – آرسي – درسني – ٽِڪَ. جيئن ”ڪوتل قابل وٽ، ويهي ڪر وصالُ، چڏ ميا جو مامرو مَست ٿِئو ڪر مالُ، ڌوئي ڌرپت جان ڪري، ساهه سينگارڻ سالُ“. (جلال).

● **ڌُرپَدُ ج ڌُرپَدَ:** ذ. [هه] راڳ جو هڪ قسم (جنهن جي هر هڪ مصرع ۾ ۳۲ رڪن ٿين) – ڌُرپَتْ. ڳالهه جو هڪ ڍنگ (جنهن ۾ پهرينءَ مصرع کي بار بار ڳائجي).

● **ڌرِ ڌپ(ل):** ث. ماٺ ــ گهُٽ – ٿَهر – سانت.

● **ڌُرِڙِي ج ڌُرِڙِيُونْ(ت):** ث خوف – هراس – ڊپ ڀؤ – ٿڌو ساهُ – سيسڙاٽ.

● **ڌرسرِ:** ذ. [ڌهسنامي جو لفظ] ڌرتي مٿان – زمين تي.

● **ڌرْمُ ج ڌرْمَ:** ذ. [پرا. ڌمَّ. سن. ڌرْمَا. ڌرْ = جهلڻ، پڪڙڻ] ويساهه – پَنٿُ – مَتُ. انصاف – ريت – رسم – پَرِ. وڙُ – ٿورو – دانُ پُنُ.

– **ڌرْما ڌرْمِي:** صفت. قَسماقسمي – قَسم سان. بلڪل سچ – انصاف موجب.

– **ڌرمُ اَوْتارُ ج ڌرمُ اَوْتارَ:** ذ. [سن. ڌرم + اوتار = پرچار ڪندڙ] ڌرم جو پرچارڪ.

– **ڌرْمائِتو ج ڌرْمائِتا:** ذ. صفت. ڌرمي – مذهبي. خداپرستيءَ وارن اخلاقن ۾ ــ پاڪائيءَ واري نموني ۾.

– **ڌرْمائُو ج ڌرْمائُو:** ذ. صفت. ڌرم وارو – ڌرم جو – دان ۾ ڏنل. بنا پئسي – مفت.

– **ڌرمُ بِگاڙڻُ:** ويساهه وڃائڻ – بڇڙا ڪم ڪرڻ.

– **ڌرمُ پالُ:** ذ. صفت. خيرات ڪندڙ – داني پُرشُ – سخي.

– **ڌرمُ پَتْنِيُ ج ڌرمُ پَتْنِيُون:** ث. [سن. ڌرم + پتني = زال] زال – جوءِ ــ گهرواري.

– **ڌرمَ جا ڌِڪا کائِڻُ:** ڀٽڪڻ – رُلڻ – دربدر ٿيڻ. لِڪيو لوڙڻ.

– **ڌرمَ جو پُٽُ:** ذ. گود جو پُٽْ پُٽيلو.

– **ڌرمُ جو پيءُ:** ذ. دين جو پيءُ.

– **ڌرمُ چارِي:** ذ. صفت. ڌرمي – نيڪ.

– **ڌرمُ ڏَنَڻُ:** ضمير جي سڏ تي مرڻ – اندر واري جي حڪم تي جان ڏيڻ. ڪنهن جي سچي نصيحت يا هدايت پويان مرڻ.

– **ڌرمُ ٻوهو ج ڌرمُ ٻوها:** ذ. صفت. ڌرم جو دشمن.

– **ڌرمُ راجُ:** ذ. عادل ۽ منصف بادشاهه – عدل ۽ انصاف واري حڪومت.

– **ڌرمْ رِيت:** ث. مذهبي رسم.

– **ڌرمْسالُ:** ث. [سن. ڌرم + شال = جاءِ] خيراتي گهَرُ – ڌرمشالا – مسافرخانو – سراءِ ــ گرونانڪ جي فقيرن جي رهڻ جي نهيل جاءِ ــ آشرمُ – آستانو.

– **ڌرمْ سِيا ج ڌرمْ سَيائُونْ:** ث. ڌرمي ادارو.

– **ڌرمْ شَاستِرُ ج ڌرمْ شَاستِرَ:** ذ. [سن. ڌرم +شاستر> شاس = سيکارڻ] هندن جي مذهبي اصولن جا ڪتاب.

– **ڌرمْ شَالا ج ڌرمْ شَالائُونْ:** ث. [سن. ڌرم + شالا = جاءِ] خيراتي گهر – مسافرخانو – خيراتي سراءِ ــ ڌرم سالا.

– **ڌرمْ ڪَرڻُ:** نيڪي ڪرڻ. خيرات ڪرڻ – ثواب جهڙو ڪم ڪرڻ.

– **ڌرمْ گيانِي ج ڌرمْ گيانِي:** ذ.صفت. ڌرم جو عالم – پَنڊِتُ.

– **ڌرمِي ج ڌرمِي:** ذ. صفت. ڌرمائتو – ڌرم جو – ڌرم سان واسطو رکندڙ. ڌرم ڪندڙ. عادل – سچار – سخي – داني.

Gul Hayat Institute

تيل يا اڻ صاف) ڍِڳُ – ڪوڙُ – انبارُ.

– **ڏڙا تورڻُ:** مقرر تيل ڏڙي موجب تور ڪرڻ.

– **ڏڙو ٻڌِيْ ٻيهَڻْ:** وارو وار ڪرڻ – وارا لائڻ – سَنْبرِيْ بيهڻ – مقابلو ڪرڻ.

– **ڏڙو ڍڪِڻُ (ت):** اَنَ جي ڍِڳ مٿان گاھ يا ٽـوئو وجهڻ.

– **ڏڙو ڪَـرَڻُ:** ساهميءَ جي ٻنهي پُڙن ۾ ڪو وزن وجهي پورو ڪرڻ. ڳاهيل اَنَ ڳڏ ڪري رکڻ.

– **ڏڙِيْ ج ڏڙِيُونْ:** ث. پنجن سيرن جو وزن (اڍائي سيري ۽ ٽـِ سيري بہ ٿئي).

• **ڏُڙو ج ڏُڙا:** ذ. صفت. وڏو ماڻهو – اڳواڻ – شاهوڪار – امير – مُکي – رئيس – وڏيرو – سردار – نواب – حاڪم – خاص. معتبر. مکيہ – وڏو – خاص. هڪجهڙو – مَٽُ – ثاني – ٻرو – ڏِنگو – معاملائي – ڦَڏائِي.

• **ڏڙْوائِي ج ڏڙْوائِيْ:** ذ. صفت. [سن. ڌَٽْ] ڏڙي وارو – ڏڙو ڪندڙ. (اَنَ جي) تور ڪندڙ – تور وارو – تورارو. وزن ڪندڙ – مَئِيندڙ – ماڻ ڪندڙ – ماپيندڙ. ٻٽئي ڪندڙ – ٽوپي سان اَنَ مَئِڻ وارو.

• **ڏڙْهَـڙَ:** ث. درياءَ جي ڀِـڪنِ ڪـرَڻ جو آواز. جيئن. ”ڏڙهڙ ڏونس درياءَ ۾، جت موج ڪري مهراڻ“ (ٻيلا).

• **ڏڙْهيـرَ (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڏڙِيْ ج ڏڙِيُونْ:** ث. [سن. ڌَٽڪا] ڪپڙي جي رنگين ڪنار – ڪناري – ٻاهريون رنگين پٽو – ڪورَ. [سن. ڌَٽِ = ڏَڙِيْ] پنجن سيرن يا اڍائي سيرن جو وَٽُ – تورو – ماڻ – وَزْنْ. زور واري لت – زورائتو ڏَڪُ. ڏَڙَ – هُل. بکيڙو – گجگاٽ – گوڙ. جيئن ”سارنگ سنبهي آيو، ڏو ڏو ڏمر ڏڙيون“ (اشرف شاهہ). ڳاهيل اناج جي ڍِڳي (ت).

– **ڏڙِيْ ٻڌَڻُ:** گوڙ ڪرڻ – هل بکيڙو ڪرڻ. گوڙيون ۽ گجگاٽ ڪرڻ. جيئن ”اصل ٻيدل ڪي دم دم دل تي، درد ٻڌي آهي ڏڙي“ (ٻيدل).

– **ڏڙِيْ ڏَمَالَ ٻڌَڻُ:** هر هر اچڻ. وري وري چوڻ – بڪ بڪ لائي ڏيڻ – مٿو کائي وڃڻ – وڏا واڪا ڪرڻ.

– **ڏڙِيُون لائـڻُ:** زورائتا ڏڪ هڻڻ.

• **ڏُڙِيْ ج ڏُڙِيُونْ (ت):** ث. وسڪارو – ڏوڙِيو – وِرڪا.

– **ڏُڙِيْ مَچائـِڻُ:** وسڪارو لائڻ. جيئن ”گارين جي ڏُڙي مچائي ڏنائين.“

• **ڏڙِيلُ ج ڏُڙِيلَ (ت):** صفت. ٿُلهو – متارو – اَڏيڪُ.

– **ڏُسِڙِ ج ڏُسِڙِيُونْ:** ث. [سن. ڌوسَر] ڏوڙِ – ڌُڌ ڙِ – مِٽي – دَزَ – ڊِسَ – غُبار.

– **ڏُسِڙِ ۾ پير هڻَڻُ:** ٽٽائڻ – بهانا ڪرڻ – انڪار ڪرڻ.

• **ڏُسو ج ڏُسا:** ذ. [سن. دورْش = اُن جو ڪپڙو] اوني ٻرت سان ٻريل ڪپڙو (جو ڪلهن تي رکجي) شالَ – چادر – اوڍڻي – دُشالو – بوڇڻ – بوڇڻي – ٽـوال – دُشو.

• **ڏڪُ ج ڏڪَ:** ذ. [سن. ڌڪ] مُڪَ – مُٺِ – ٻڌي هٿَ جو ڌَڪُ. ٽونشو ڦهڪو – سَٽِڪو. ٽوڪر – ٽينس – چِپيٽَ – ڀچاڙَ ٽوڪَ – ٽَڪَـرُ. زخم – ڦَٽُ – رَهْڙَ – گهاءُ. صدمو – نقصان – ڇيهو – زيان – تاوان. قسمت جو موچڙو – بربادي – نااميدي.

– **ڏڪُ اَچَڻُ:** صدمو پهچڻ – نقصان پوڻ.

– **ڏڪُ جهلائـِڻُ:** ٻيڙيءَ وارن جي اصطلاح ۾ ٽارڻ – پري ڪرڻ – باز رکڻ – دور ڪرڻ.

– **ڏڪُ جهَلَڻُ:** وارُ جهلڻ – مارَ يا چپيٽ جهلڻ. پاڻ ٻرو ٿيڻ. نقصان برداشت ڪري وڃڻ.

– **ڏڪِرُ ج ڏَڪـِرَ:** ذ. صفت. ڏڪُ هڻندڙ – ويڙهاڪُ.

– **ڏڪُ کائِڻُ:** ڌِڪو کائڻ. سيکت ملڻ. نقصان ۾ پوڻ – ٽوٽي ۾ اچڻ.

– **ڏڪْ لَڳَڻُ:** هرج پوڻ – نقصان پوڻ. بي عزتي ٿيڻ – صدمو پهچڻ.

– **ڏڪْ مُٺْ:** ث. ڌَڪُ مُڪَ – ڇَنبو ٻُجو – ٺُڪ ٺَنْبَـڙُ – هٿو پائي مارڪُٽ. چِڪري – ماراماري – لڙائي – ٽيهو ٽونْشو. ڇِڪَتاڻ.

– **ڏڪُ نہ جهَلـَڻُ:** جٽاءُ نہ ڪرڻ – پُورائو نہ ڪرڻ – مقابلو نہ ڪرڻ – برابري نہ ڪري سگهڻ.

– **ڏڪُ هڻَڻُ:** مُڪَ هڻڻ. مارڻ – ڪُٽڻ. ڳجهارت يا بيت جي ڀڃڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ چوڻ.

• **ڏِ ڪَ ج ڏِ ڪُونْ:** ث. اڳتي زور – دَٻَ – اُڇِلَ – ڏَمَ – لوڌ – تَڙَ – تيلهو – ٽيلهو.

– **ڏِڪ ڏِ ڪَانْ:** ث. دَٻ دَٻان – ٽيلهہ ٽيلهان – ڪُلهي گَسَ – ڌَنَ – ڌُمانْ.

• **ڏِڪُ ج ڏِڪَ:** ذ. ڌِڪو – تيلهو – لوڏو – اڏيڙو – اُڇِلَ – تاٻو – ڦهڪو. [سن. ڌشهہ = زخم] ڦَٽُ – چوٽَ – زخم.

Gul Hayat Institute

• **ڏُوْٽرِ:** ٿ. ڏُوٽي — دَلي — پَڙوي — بدڪار عورت.

• **ڏُوْٽرِ(ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڌوتَلُ ج ڌوتَلَ:** ذ. [سن. ڌوت = ڌوتل] ڌوئي صاف ڪيل — ڌوپي ويل — ڌوئي چِڏيل — آگهاريل.

• **ڌوتو ج ڌوتا (ڪ):** ذ. ٺڳي — فريب — دغا — دولابُ — ڪوٽ — ويسا گهاتي. ٿاپو — ڏِڪو — ٺيلهو — رولڙو — آڏيڙو. بدنظر — بدنظر ڪرڻ وارو. عيب جاچڻ وارو. ٺڳ — دغاباز.

— **ڌوتا ڪائِڻُ:** ڏِڪا ڪائڻ — ٿاپا ڪائڻ — رُلڻ.

— **ڌوتائِي ج ڌوتائِي:** ذ. صفت. ٺڳي ڪندڙ — ٺڳ — دغاباز. رولاڪ — رولو. گشائي — ٻڻاڪي.

• **ڌوتو چورِينْدَڙُ:** ذ. صفت. فريب ڪندڙ — ٺڳي پڪيڙيندڙ.

• **ڌوتو ڏِيڻُ:** برغلائي وجڻ — ٺڳي وجڻ.

• **ڏُوتو ج ڏُوْتا:** ذ. صفت. [سن. ڏُوْتَڪَ = قاصد] نياپو ڏيندڙ — خابرو — پانڌي — ايلچي. ٺياڪڙ — ويچوئو — ثالث — دلال — ڪُٽڻ — وچ ڪٽيو — ڪٽڻپو ڪندڙ — پڙوو — ياڙيو — پيٽو — دلبو ڏيندڙ — دغاباز — ٺڳ — عيار — مڪّار.

• **ڏُوتِي ج ڏُوْتِيُونْ:** ٿ. ڏائِڻ — بدنظر عورت — عيب جاچيندڙ عورت — ڪُٽڻپو ڪندڙ عورت — پڙوي.

• **ڌوْتِي ج ڌوْتِيُونْ:** ٿ. [سن. ڌوتر] گوڏِ ٻڌڻ جو ڪپڙو — گوڏِ. اهو ڪپڙو جو هندو قوم جا ماڻهو سُٿڻ جي بدران گوڏ وانگر ڪم آڻين (اهو ڪپڙو جنهن جو هڪ ڇيڙو چيلهه سان ۽ ٻيو ڇيڙو ٽنگن جي وچان لنگهائي پٺيان چيلهه ۾ ٻڌي ڇڏيندا آهن). لاڳَ — منجهلو — تهبند (تهمد) — ڌوتِ.

— **ڌوتِ ج ڌوتِيُونْ:** ٿ. ڏسو "ڌوتِي".

— **ڌوتِرُ ج ڌوتِر:** ڌوتي پائڻ وارو — ڌوتي ٻڌڻ وارو — واڻيو — ڪراڙو — مهتو — هِندو.

— **ڌوتِي ٻَنْدُ ج ڌوتِي ٻَنْدَ:** ذ. صفت. ڌوتي ٻڌندڙ — هندو — واڻيو — مَهتو.

— **ڌوتِي چوڙڻُ:** همّت هارڻ — بزدل ٿيڻ — ڊِڄڻ — گيدي ٿيڻ.

— **ڌوتِيءَ ۾ هَٽُ پيرهُئڻُ:** ڍِلو هئڻ — سُست هئڻ.

— **ڌوتِيو ج ڌوتِيا:** ذ. گوڏ ٻڌڻ جو ڪپڙو — ڌوتي. انگوڇو — انگوشو — ننڍڙي گوڏِ ــ انگرڪو.

• **ڌوتَرُ:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **ڏُوْپَ ج ڏُوْپُونْ:** ٿ. [سن. ڌوپ = چمڪڻ] سج جي روشني. اُس — ڪاڙهو — ڏُپ — تپت.

• **ڏُوْپَ چانْوَ:** ٿ. اُس ڇانْوَ. بَدل سَدل — مَٽ سَٽَ. ٿڌي ڪوسي.

— **ڏُوْپَ ڇَٽِي ج ڏُوْپَ ڇَٽِيُونْ:** ٿ. اُس ڪان بچاءَ جو ڍَڪُ — ڇَٽي — ڇتري.

— **ڏُوْپَ ڏِيڻُ:** اُس ڏيڻ — تِڙڪو ڪائڻ — اُس تي ٿورو گرم ڪرڻ.

• **ڌوپُ ج ڌوپَ (ٿ):** ذ. ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ ڪاٺ يا پٿر جو تختو — ڦرهو — داٻِڙو.

• **ڌوْپَڻُ:** مصدر. [سن. ڌوپَ = صاف ٿيڻ] پاڻيءَ سان صاف ٿيڻ — ڌوپجڻ. "ڌوپي منجهه درياهه، تہ بہ اوجهہ نہ ڇڏي اوجهري"

— **ڌوْپُ ج ڌوْپَ:** ذ. ڌوئڻ جو ڪم. ڌوئڻ واري حالت — ڌوئٽي — ڌوئِپ — ڌوپيءَ جي ڪيپ. اشنان — غسل. ڪنهن شيءِ ڪي ڌوئڻ منجهان بچيل پاڻي — پچ. اُبٽڻ — پوچي — سفيدي. چونو. ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ پٿر يا ڪاٺ جو تختو (ٿ).

— **ڌوپِجَڻُ:** مصدر. ڌوپَڻُ.

— **ڌوپُ ڪَرَڻُ:** ڪپڙا ڌوئڻ.

• **ڏُوْپَڻُ:** مصدر. [سن. ڏُوپ] لوبان وغيره جو دونهون ڪرڻ — واس ڏيڻ — واسڻ. خوشبُوءِ ــ سُرهاڻ ڪرڻ.

— **ڏُوْپ ج ڏُوْپَ:** ذ. واس — لوبان. سُڳنڌ — سرهاڻِ ــ عطر — ڦُليلُ. ڇِڙ جو هڪ قسم (جو جواهري يا سونارا زيور جي خالي ٽُنگن ڪي پرڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن).

— **ڏُوْپَ دانِي ج ڏُوْپَ دانِيُونْ:** ٿ. ڌوپ ڪي ساڙڻ جي ڪَٽِڇِي.

— **ڏُوْپُ واسُ:** ذ. ڏُوپ ڏيڻ جي حالت — لوبان ٻارڻ جي رسم.

— **ڏُوْپُ واسِڙو:** ذ. 'ڌوپ واس' جو اسم تصغير. مختصر طور ڌوپ ٻارڻ جي رسم.

• **ڌوپو ج ڌوپا:** ذ. ٺڳي — گِدي — دغا — ڌوڪو — فريب — ڊوهہ — دولاب. اٽڪل — نمونو — ٽَلَ — وجهہ — پيچُ. شاهو — ڳِلٽو — جَڙهو — ڇَٽَ — داڌر. پَٽُ — گشو — ڪُوڙ — ٻڻاڪ.

— **ڌوْپائِي ج ڌوْپائِي:** ذ. صفت. ڌوپو ڏيندڙ — ٺڳي ڪندڙ — دغاباز — ڊوهي — دولابي — گِديخور. ڳِلٽائي — چڙهيباز — ڇَٽباز — ڌاڌرائي — گَشائي — ٻڻاڪي — ڪُوڙو (ڪ).

• **ڌوڄ:** اڳراڻ. اختيار وارو.

• **ڌوڄُ ج ڌوڄَ:** ذ. [سن. ڌوَڄا = جهنڊو] ڌوڄ — ڌاڄ — ڌڄا —

Gul Hayat Institute

ڪري اُن مان سون جا ذرڙا هٿ ڪندڙ.

– **ڏُوڙِ ڏَنُو ج ڏُوڙِ ڏَنا:** ذ. صفت. ڏسو "ڏوڙ ڏوبو".

– **ڏُوڙِ ڏِکِيَ ڪَرَڻُ (ت):** معاملو اُجهائڻ – خلل مٿائڻ.

– **ڏُوڙَڪ ج ڏُوڙَڪُون:** ث. مٽي – ڏسڙَ – ڏوڙ.

– **ڏُوڙِ ڪمائِڻُ:** ڪجهه بہ فائدو نہ ٿيڻ – ڪجهه بہ نہ حاصل ٿيڻ.

– **ڏُوڙِ ڪِرِو ج ڏُوڙِ ڪِرا (ت):** ذ. صفت. مِٽيءَ هاٺو – ڏوڙ ڪڌيل – مِٽيءَ مليل.

– **ڏُوڙو ج ڏُوڙا:** ذ. ڏوڙ سان ڀريل – لَٽيَلُ – مِٽيءَ هاٺو. جيئن "ڏَرِيائي ڏوڙا ٿيا. وَرَ رِيءَ وِهاٽا" (شاه). صفت. سفيد – اڇو (ت).

– **ڏُوڙِيالو ج ڏُوڙِيالا:** ذ. ڏُوڙِيو – مٽي – مٽيءَ جو طوفان.

– **ڏوڙيو ج ڏوڙيا:** ذ. مٽيءَ جو طوفان – ڏوڙيالو – جهَڪَ. صفت. چنڊو – نياڳو. ڪنهن نہ ڪم جو – بيڪار.

– **ڏُوڙِ ڏِيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

– **ڏُوڙِيو ج ڏُوڙِيا:** ذ. [سن. ڏُوڙلِيْ = مِٽي] ڏُوڙِ – مِٽي – ڏِسڙِ – مِٽيءَ جو طوفان – ڏوڙيالو – جهَڪَ – آنڌي. مٽيءَ جو وسڪارو – دَسُ – وَرْڪا – آرانيو (گارين جو). اسم خاص. هندن جي هوليءَ جو آخرين ٽيون ڏينهن.

– **ڏُوڙِيا لائي ڏِيڻُ:** حدّ کان وڌي وڃڻ – گهٽي اندازِ ۾ يا وڏي زور سان ڪم ڪرڻ.

– **ڏُوڙِيو ڪَرَڻُ:** مِٽيءَ جو وسڪارو ڪرڻ – ڪاهي پوڻ – مٽي اُڏائڻ – ڦهڪو ڪرڻ – هيٺ ڪرڻ.

– **ڏُوڙِيو وَسائِڻُ:** ڏُوڙِ وسائڻ – گهٽي دَزَ اُڏائڻ. گاريون ڏيڻ وسڪارو ڪرڻ.

• **ڏُوڙِيْ ج ڏُوڙِيْ:** صفت. [سن. ڏُرْيَہ] سَنُ – جيْسُ – جيڏو – ثاني – برابر – سَرتو – ميلُ – اڙو – تُلُ – شريڪ – جوٽِياڪ – مَٽُ – مثل – هَمْ سَرْ – پيچي – سريڪو – هموزن – سمان – مساوي.

• **ڏُوڙِيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڏُوسَ ج ڏُوسَونْ:** ث. گهٽي تڪڙ – اُبهرائي – جلدي – تيزي.

• **ڏُوسُ ج ڏُوسَ:** ذ. ڏُوڪ ڏُوڪانْ. مَٽي پَرِ ڪرِڻ. آسمان ۾ مينهن، ڳڙن جو نهڻ.

• **ڏوڪَ (ل):** صفت. مضبوط – جهالٽو – جٽادار – هنڊائڻ ۾ گهڻو وقت هلندڙ (ڪپڙو). ڏِ ڪَ (ڏِ ڪڻ مان) – ٺيلهَ (ٺيلهڻ مان) – مٿان کان هيٺ زور ڏيڻ جي حالت.

• **ڏُوڪَرْ:** اسم خاص. ذات جو هڪ قسم.

• **ڏُوڪَرُ ج ڏُوڪَرَ (ت):** ذ. (آواز) ڪنهن شيءِ جي مٿان ڪرِڻ جو آواز – ڦهڪو. منهن تي چٽي ڏيڻ جي حالت.

• **ڏوڪڙِيْ ج ڏوڪڙِيْ:** ذ. صفت. ڏُڪڙ وڄائيندڙ – دهلاري – نغارچي – طَبْلائي – طَبَلْچِيْ.

• **ڏوڪَڻُ:** مصدر. [سن. ڏَوَڪ] مٿان کان هيٺ زور ڏيڻ – دَٻِڻُ – دَٻ مُٽَ ڪري ٺيلهي اندر وجهڻ يا اندر ڪرڻ. ڏوَڻِ ڪي ٺُوڪڻ.

• **ڏُوڪَڻُ:** مصدر. گهوچڻ – جهوڪڻ – زور ڏيئي اندر ڪرڻ – ٺوڪڻ – دٻي وجهڻ – ڦُسڻ – ڏٽڻ – گپائڻ. ڪاهي پوڻ – اڳتي زور سان وڌندو وڃڻ – ڪاهه ڪرڻ – زور سان اندر وڃڻ – ڏَوڻِ ڪي ٺُوڪڻ.

– **ڏُوڪَ:** ث. اڳتي ڌِڪڻ جي حالت – گهُوچَ – دَٻ – ڦُسَ. ڪاهَ – حملو – هلان – رُوْم (رُمّ) – رُومَڙُ.

– **ڏُوڪارَڻُ:** مصدر. ڏڪا ڏيڻ – زور ڀرڻ. زوري ڪاهي پوڻ.

– **ڏُوڪ ڏُوڪانْ:** ث. دَٻ – ڌِڪَ – ڦُسَ. جلدائي – اُبهرو. رُومَڙُ – هلان – ڪاهَ. انڌ ڌنڌ. پيهه – گڙدي – رُومَ (رُمَ سان).

– **ڏُوڪِينْدو وَڃڻُ:** ڪاهيندو وڃڻ – تمام تڪڙو هلڻ – زور شور سان وڃڻ – اُبهرائيءَ ۾ وڃڻ – زوم سان وڃڻ – رومڙ ڪري وڃڻ.

• **ڏوڪو ج ڏوڪا:** ذ. فِريبُ – مَڪَرُ – دولابُ – دغا – ٺڳي – ويساگهاتي.

• **ڏوڪو کائِڻُ:** ٺڳجڻ – ويساگهاتي تي وڃڻ – ٻئي جي فريب ۾ اچڻ. نقصان هيٺ اچڻ.

• **ڏوڪِيْ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاه. سکرءَ لاڙڪاڻي ۾).

• **ڏُوْلِ ج ڏُولُونْ:** ث. ڏُوڙِ – مِٽي – دَزَ – ڌَسَ.

• **ڏُوْمِ ج ڏُوْمُونْ:** [سن. ڏوَنِ = آواز] هُل – شور – گوڙ – آواز – لُڙ – ٻڪيڙو – گهمسان – هائيتال – غوغاءُ – ڪڙڪو – ماچانگ – هَنْبَسُ – غلغلو – هنگامو – هَلَڙْ – ڏَمْچر – ڏمچڪر – مَمَڻُ – خرخسو. چؤٻول – افواه. شهرت – ناماچار

Gul Hayat Institute

- **ڏِيرِيْ ج ڏِيرِيُونْ:** ث. وڏو نغارو – پيرِ.
- **ڏِيۡرُ ج ڏيۡرَ (ل):** وڏو – مکيه.
- **ڏيکٽِيْ ميکٽِيْ:** ذ. اولاد – ٻارٻچا.
- **ڏِيمو ج ڏِيمَا:** ظرف. [سن. ڏِيمون، مَڏِيمَ =هَرين] هرين – آهستي – ڏِيري – دِرو – دِلو. سست. تڏي سُياءَ وارو. سستُ.
– **ڏِيمو ڪَرڻُ:** آهستي ڪرڻ – ڏيري ڪرڻ.
– **ڏِيمي ڏِيمي:** ظرف. ڏيري ڏيري – هَرين هَرين – آهستي آهستي. ورلي – اڻ لپ – ايڪڙ ٻيڪڙ (ت).
- **ڏِينَ:** ث. يادگيري – ڏُنَ.
- **ڏينگاٽُو ج ڏَينگاٽا (ڪ):** ذ. مقابلو – دنگو – زور آزمائي. ڏِڱاٽو.
- **ڏيڻ ج ڏِيڻُون:** ث. [سن. ڏِينَ = ڳُئُون] ڍِڳي – ڳئُون – ڳانءِ. سُوئا مينهن يا ڳئُون. ڪِيرُ (ل).
– **ڏيڻو ج ڏِيڻا:** ذ. صفت. ڪير ڏيندڙ ڍور – ڏُڌِيْ ڏائي – ميڙانگ مال – ولوڙو. ذ. جهجهو ڪِيرُ.

- **ڏِيوَڙِ (ت):** ث. اَڌوڙِ ـ اڌوڙِي.
- **ڏِيْءَ ج ڏِيئُون:** ث. [پرا. ڌِيئَا، سن. دُهَتا > دُهْتر = ڌيءَ، دُهْ = دُهڻ. اڳي ڌيئن تي ڪير ڏُهڻ جو ڪم هوندو هو] مؤنث. اولاد – نياڻي – ڇوڪري – دُختر.
– **ڌِيئاڻو ج ڌِيئاڻا:** ذ صفت. ڌيءَ جو – ڌيءَ جي پاسي وارو. ڇوڪرين جهڙو.
– **ڌِيئڙِيْ ج ڌِيئڙِيُونْ:** ث. "ڌيءَ" جو اسم تصغير. ڇوڪرِڙي ـ ٻارِڙي – ننڍڙي نياڻي.
– **ڌِيْءَ جهڙو پُٽُ:** ذ. نياڻيءَ جهڙو پُٽ – غريب پُٽ ـ لڄارو پُٽ – اشراف پُٽ – شريف ڇوڪرو.
– **ڌِيئُتو ج ڌِيئُتا:** ذ. صفت. ڌيءَ وارو – جنهن کي ڌيءَ هجي – ڌيءَ جو پيءُ.

Gul Hayat Institute

– خوش نصيبُ. ”جنهن جي ناني نياڳي، تنهن جو ڏهٽو کيئن ڏاتار ٿئي“ خريد ڪندڙ – گراهڪُ. خدا جو هڪ صفاتي نالو. جهونا ڳڙهه ۾ جبل جي هڪ واديءَ جو نالو.

– **ڏاتاري ج ڏاتاريون:** ث. سَخاوت – اُدارتا – فراخ دلي – درياه دلي – مَروّتْ – فرخُ.

• **ڏاتَرُ ج ڏاتَرِ:** ذ. صفت. [سن. داتَرُ > دا = ڏيڻ] داتا – ڏاتا – ڏاتارُ.

• **ڏاترو:** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **ڏاترو ج ڏاترا (ٿ):** ذ. [سن. داتر] گاهه لڻڻ يا لاباري ڪرڻ جو هڪ اوزار – ڏاٽو.

– **ڏاتِ ج ڏاتيُونْ:** ث. [سن. دَاتْرَ] گاهه لڻڻ يا لاباري ڪرڻ جو هڪ اوزار – ڏاٽو – ڏانٽو.

• **ڏاتوجمالي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏاتڙي (ت):** ث. گاهه جو هڪ قسم.

• **ڏَاٽو ج ڏاٽا:** ذ. [سن. دَاتْر. پرا. دتّ] گاهه لڻڻ جو هڪ اوزار – ڏاٽ – ڏاترو – ڏانٽو.

– **ڏاٽو ڏَنْڊائڻُ:** ذ. ڏاٽن کي تکو ڪرڻ – ڏاٽي جا ڏَندا تکا ڪرائڻ.

– **ڏاٽو وجهڻُ:** وَڍَ وجهڻ – سخت ڳالهائڻ. سڌو ڪرڻ – پاڙون پٽڻ – خاتمو ڪرڻ.

– **ڏاٽي ج ڏاٽيونْ:** ڏاٽي جو مُؤنث. ننڍڙو ڏاٽو.

– **ڏَاٽي ڏِيڻُ (ڪ):** دَٻائڻ – ڪَهْرو ڳالهائڻ – تَڙِي ڏيڻ.

• **ڏاڻَ ج ڏاڻُونْ:** ث. [سن. دَنْشٽرا = ڏاڻَ. دَنْش = چَڪ وجهڻ]. ڏند جو هڪ قسم – وڏو ٿلهو ڏند – چاڙهن جي پاسي وارو ڏند – ڏوڙهو ڏند – ٻيٺو ڏند – ڪاڏو پيهندڙ ڏند – ڏاڙهه _ هوڙَ – هنُوڙَ – نيشُ – سُنگهو. چاڙي.

– **ڏاڻَ چورَڻُ:** رشوت کائڻ شروع ڪرڻ – ناجائز فائدو وٺڻ شروع ڪرڻ.

– **ڏاڻَ ڏِيڻُ:** زبان درازي ڪرڻ – وڙهڻ – جهيڙو ڪرڻ – چَپُ پوڻ – گستاخُ ٿيڻ – چَباڙِڻ – هِرڻُ.

– **ڏاڻَ ٿِي نہ ڏيڻ:** بنا چٻاڙڻ جي ڳهي ڇڏڻ – هَڙَپ ڪرڻ – هضَم ڪري وڃڻ – ڦَٻائي وڃڻ – کائي وڃڻ.

– **ڏاڻرُ ج ڏاڻرِ:** ذ. صفت. ڏاڻين وارو – وڏن ڏندن وارو – ڏاڻيل – سُنگهارو – سُنگهَرُ. پوڙهو. جهيڙاڪ – چَڪُ پائيندڙ.

– **ڏاڻَ رسُ:** ذ. صفت. مِٺِيُن شَيُن جو شوقِيْنُ.

– **ڏاڻَ ڦوڙُ ج ڏاڻَ ڦوڙَ (ت):** ذ. صفت. شڪارين جي اصطلاح ۾ هڪ سال جي عمر وارو سوئر.

– **ڏاڻَ گرم ڪَرَڻُ:** رشوت کائڻ – رشوت کائڻ تي هِرڻُ.

– **ڏاڻُونْ ڏِيڻُ:** سخت ڳالهائڻ – چِٽو ڳالهائڻ – کائِڻَ کي اچڻ – يَشُون ڏيڻ.

– **ڏاڻَ هِرَڻُ:** ڪنهن سواد سان چاهه ٿيڻ – هري پوڻ – مٺائجي پوڻ – سوادُ اچڻ – چَشڪو اَچڻ – عادت پئجي وڃڻ – هيرَ پئجي وڃڻ.

• **ڏانو ج ڏانا:** ذ. [سن. تَنْتو= ڌاڳو، ريشو] تماڪ جي پَنَ جي وچواري سُڪَلَ ڏانڊي – گاهہَ يا ڪاني جو سخت چوپو – ڪمند جي ڳَرِيءَ وارو سخت ٽڪر. ڪانو – ڳنو – ڪاني – ڏانڊو – تندورو. گاهه جو هڪ قسم.

• **ڏاڻِيَلُ ج ڏاڻِيَلَ:** ذ. صفت. [سن. دَنْشٽرا = ڏاڻ]. ڏاڻِرُ. نالي وارو – نالي چڙهيو – ناميو – نام ڪِنيو – نامي گرامي.

• **ڏاپَ ج ڏاپُونْ:** ث. چادر جا پَلوَ ٻڌڻ يا ڳَنڍِ ڏيڻ جي حالت. (ل.ق).

• **ڏاپڻ:** مصدر. چادر جا پَلَوَ ٻَڌڻ.

• **ڏاجُ ج ڏاجَ:** ذ. [سن. دايہ. دا = ڏيڻ] عورت کي شادي وقت مائٽن کان ڏنل سامان – ڏاجو – ڏيُج – ڏيپُ. ورثو – حصو – ڀاڳو – قسمت – نصيب. ڪنهن جو نجُ يا ذاتي ڪمالُ – خوبي – ڪابينو – مَهَرُ – نڪاح جي موقعي تي مليل شيون (ڪپڙا – ڳَهہَ – گهر جو سامان – جائداد وغيره).

– **ڏاجُ ڏِيڻُ:** نياڻِيءَ جي شادِيءَ ۾ سامان ڏيڻ.

– **ڏاجَ ۾ ملِڻُ:** ڏاج طور ملڻ – ورثي طور ملڻ – پنهنجي ذاتي يا نجي شيءِ هئڻ.

– **ڏاجو ج ڏاجا:** ذ. ڪنوار کي گهوٽيتن توڙي ڪنواريتن طرفان مليل سامان – ڏاجُ – ڏيپُ – ڪابينو – مَهَرُ.

– **ڏاجيلو ج ڏاجيلا:** ذ. صفت. ڏاج ۾ مليل ڪابہ شيءِ _ حصي ۾ ڏنل – ورچ ۾ آيل – شاديءَ ۾ ڏنل – ڪابِيْنو – ڏاجُ.

– **ڏاجهہَ ج ڏاجهونْ:** ث. [سن. دهہ = ساڙڻ] ساڙُ – جَلُ – پَچُ – ڪامَ – پَچَر. حسد – چاوت – ٻيائي – بدخواهي – بُغْضُ – ڪينو. ويرُ – دشمني – ايرڪا – عَڪْسُ – خَصُومَتَ – رَنْجُ – ڏ ک – ڏنجهُ – تڪليف – اهنج – ايذاءُ – مصيبت – وِيْلو

Gul Hayat Institute

ڏالِ ـ چيرُ – ڦوٽ ـ شڪافُ – سيِرَ.

• **ڏارُ ج ڏارَ:** ذ. وڻ جو هڪ حصو – وڻ جي وڏي ٽاري – ٽارُ. جبل جي چوٽي. پرت جو هڪ قسم (ڪ). ڊپ.

• **ڏاراڙُ ج ڏاراڙَ:** ذ. اَپرو انسان يا چوپايو مال. ڏٻرو – ضعيف – هيٺو.

• **ڏاراڙپي ج ڏاراڙپيون (ٿ):** ٿ. چوپائي مال جي ڦرڪڻ جي حالت.

• **ڏارَتِ ج ڏارَتون:** ٿ. ٻُکَ – خواهش – سَڌَ – اِڇا – ڏالَتِ ـ سختي، تنگي، ڏڪار.

• **ڏاردَرِ (ٿ):** ٿ. مصيبت – آرسُ. ڪجهه به نه هجڻ واري حالت.

– **ڏارَدري ج ڏارَدَرِي:** ذ. صفت. نياڳو – وڏي مصيبت وارو.

• **ڏارڳُ (ڪ):** ٿ. ٻڪريءَ جو هڪ قسم – ڪَنَنِ چيٖرِيَلَ ٻڪري.

• **ڏارَڻُ:** مصدر. [سن. دَرَ = ڏَرَڻُ] ٻيڃڻ جو سَنڌو وجهڻ – چيرڻ – ڦاڙڻ – ڦوڙڻ – ڦوٽ وجهڻ – سيِرَ وجهڻ – ٽوڙڻ. ٻه اَڌ ڪرڻ – جدا جدا ڪرڻ.

– **ڏارُ ج ڏارَ:** ذ. چيِرُ – ڇَنُ – ڦوٽِ ـ ڦاڙُ – وِڍُ – ڪنهن ديوار جو چير – شڪاف – وِٿي – ڦاڪُ – سِيرُ – ڪَڙڪاٽُ – سَرڙاٽُ – ڏارَ.

- **ڏارائي ج ڏارائيون:** ٿ. ڏارِڻ جي اُجرت – ڦوڙائي – چيرائي.

- **ڏارَ ڦاڙَ:** ٿ. پائڻ جي پوشاڪ لاءِ ڪپڙي جي وِهَٽَ – چير ڦاڙ – ڪَتَر سَتَر – ريد ڦيد – ٻَٽَ ڪوهَ – ڇِنَ ڦاڙَ.

**ڏارو ج ڏارا:** ذ. [سن. دَلَ ـ دَرَ = ڏرڻ] ٿُلهو پِيٺَل يا ڪُٽيِل اناج – اَڌَ ڏَرِيَل اَنَ (جهڙوڪ. ڇَٽا. مَٽر ڪٽڪ. چانور وغيره). چانورن يا ڪٽڪ جو ٿُلهو پيٺل اٽو. سنهين داڻ – ڏَڏَر – ٻاٽَ. ڏريل ڪٽڪ ۾ ڳُڙ وجهي رَڌَل ٻَتُ. ونجهه وٽي يا دَرِيَنِ راند ۾ شروع ٿيڻ وقت ٻنهي ڏُوڙيِنِ يا هارِيُن جي هٿن جو هلائڻ يا تاڙِي. جنگ جو سڏُ. ٻاتو ڳالهاءُ. ڪرِڪرِ ـ ڪرِسڙِي – واري. هڪ جهونو سِڪو (صفت). ڳالهائڻ جو اڍنگو – اوباش. لُچو – لانگ چوٽو – جنس (ان ڪپڙي وغيره) جو چور جنهن کي پرکي سڃاڻي نه سگهجي ]مال جي چور کي مال جهلي سڃاڻبو، پر جنس جو چور ڪائي ڪپائي ڇڏيندو).

- **ڏارو ڏيڻُ:** وِهِٽَن کي اَنَ ڏيڻ. دُرِيَن راند شروع ٿيڻ وقت وڏن ٻيچِيَن جو پاڻ ۾ هٿ ملائڻ – تاڙِي هڻڻ. ٻجي وجڻ – تڪو پنڌ ڪرڻ (ت). خوشيءَ مان هٿ هٿ تي هڻڻ.

• **ڏارِي ج ڏاريون:** ٿ. [سن. دالَ = ڏارَ. گ: ڊاري. هم. ڊن. ڊاليِ] ڏارُ جو مؤنث – ٽاري – شاخ – ڊالي. جنهن کي پرکي نه سگهجي.
"ڏينهان ڏاريءَ ويس، راتيان روئي رت ڦڙا. لنڊيءَ جي لبيس، ڪانڌ ڪميٽي ڪٽيو".

• **ڏاريا (ٿ):** ذ. [سن. دَلْ = ڏرڻ] ڇٽا – ٻڪيِڙا.

• **ڏاڙَ دَرِي ج ڏاڙَ دَرِي (ٿ):** ذ. [سن. دَرِندَرُ = بي حال]. ڪُتَلُ – مسڪين – ڪنگالُ – مفلس – غريب.

– **ڏاڙَهه ج ڏاڙهون (ل):** ٿ. [سن. دنشٽرا = ڏاٽَ] ڏند جو هڪ قسم – وات جي پاسي وارو ڏند – ڄاڙيءَ وارو ڏند – ٻيٺو ڏند – ڏاٽَ – هوڙَ – ڏاڙَ – ڏانت. سُنگهو – نيشُ – ڪٽلِي – ڏَنگُ (ڪنهن جانور جو). رَنج – سُور – اهنج – ڏک – تڪليف – مشڪلات. لاچاري حالت – سوڙهه – تنگي – پريشاني.

– **ڏاڙهه رَسُ ج ڏاڙهه رَسَ:** ذ. ڪنهن به شئي جو مزو – چشڪو – لذت – ميناج – سَواد.

• **ڏاڙهُ ج ڏاڙهَ:** ذ. [سن. دَنشٽرڪا = ڏاڙهي] وڏي ڏاڙهي.

– **ڏاڙهُرُ ج ڏاڙهَرَ:** ذ. (صفت) وڏي ڏاڙهي وارو.

• **ڏاڙهڻُ:** مصدر. [سن. ڊَنش = ڏَنگڻ]. ڪائڻ – چڪ پائڻ (ڪتي وغيره جو) – ٻونڪڻ. ڦَٽِڻ – زخم رسائڻ – ڪاوڙ مان چَڪَ پائڻ. وڙهڻ – تکو ڳالهائڻ – بڇڙو ڳالهائڻ – ڇڙٻون ڏيڻ.

– **ڏاڙهه ج ڏاڙهون:** ٿ. ڪتي جو چڪ – ٻونڪَ.

– **ڏاڙهائڻ:** چَڪُ پارائڻ – ٻَچَ ڪرائڻ (ڪتي کان).

– **ڏاڙهه ڏيڻُ:** ايذاءُ رسائڻ – چڪُ هڻڻ – ڪاوڙ ۾ ڳالهائڻ.

• **ڏاڙهون ج ڏاڙهون:** ذ. [سن. دادِم: پرا. دالِم = ڏاڙهون] ميوي جو هڪ قسم – انار. سوپاري. آتشبازي جو هڪ قسم. تارُنءَ چوٽيءَ جي وچ وارا وار يا چوٽيءَ جي اڳ وارا وار. پرت جو هڪ قسم (ت). (اسم خاص) تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **ڏاڙهون ڇڏائڻُ:** تارُونءَ مٿان وارَ ڇڏائڻ يا رکائڻ.

• **ڏاڙهِي ج ڏاڙهيون:** ٿ. [سن. دنشٽرڪا = ڏاڙهي] سُونهارِي – رِيشَ – ٻلارِي. ناريل ڪوپي تي وارن جو بيٺل مُڇو – ٻَڪَرَ جي ڪاڏيءَ هيٺان ڊگهن وارن جو مُڇو.

– **ڏاڙهي ٻئي جي هٿَ ۾ ڏيڻُ:** پرائي ڀروسي تي رهڻ – پاڻ ۾ همت نه سمجهي ڪم ٻئي جي حوالي ڪرڻ – ٻئي جو محتاج ٿيڻ. پنهنجي اختياري ٻئي کي سونپڻ.

Gul Hayat Institute

• **ڏاڪڻي ج ڏاڪڻيون (ت)**: ٿ. طاعون – ويا. موت.

• **ڏاڪڻي ڏهر**: اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ آباد ٽيل ميدان جو نالو.

• **ڏاڪ ج ڏاڪون**: ٿ. ڪَڪَ – ڪَهْجَرُ.

– **ڏاڪر ج ڏاڪرون**: ٿ. ڏسو "ڏاڪَ".

• **ڏاڪڙو ج ڏاڪڙا**: ذ. [سن. دُهْڪَ = ڏ ُکُ]. سخت تڪليف – جاکوڙو – محنت کشالو – مشڪلات – ڏوجهڙو – هلاڪي – دِقت – پورهيو – جدّو جُهْد. اهنج – ڏ ُک – دُک – ايذاءِ – سور – درد.

• **ڏاڪڙا ڪَڍَڻُ**: سخت جاکوڙا ڪَرَڻُ – وڏيون تڪليفون سَهَڻُ.

• **ڏاڪڻاهُ**: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏاڪڻُو ج ڏاڪڻا**: ذ. صفت. [سن. داڪشڻ، دَڪْشڻ = ڏکڻ] ڏکڻ جو – ڏکڻ وارو – ڏاکڻيون – ڏکڻ طرف جو – دَکني – دَکڻي.

• **ڏاڪرو ج ڏاڪرا**: ذ. جُتيَن ناهڻ جي ڪارَبَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جو ٽُڪر.

• **ڏاڳو ج ڏاڳا (ت)**: ذ. ڏاڳهو – اُٺُ – ڪَرَهو.

• **ڏاڳوري**: اسم خاص. هڪ گهٽ ذات جو نالو. (ڇهڙو – مِهتَرِ – ڀنگي – ڀاليشاهي – جهاڙُ وال – ڏَڦيرُ – شڪاري).

• **ڏاڳهَ ج ڏاڳهُون**: ٿ. [سن. دَاْهْ، دَهْ = ساڙڻ – پرا. داگهه. ف. داغ] باهه جو وڏو مَچُ – چِکيا. (هندن ۾) مُردي کي ساڙڻ جي باهه. مَچُ – داهه – باهه – آگَ. سوزُ – ساڙو – ڀَچُ – جَلُ – ڪامُ – داغ – ڏنڀُ. ڪِلنڪ – ڪارَنهِن – ٽِڪو. جيئن: "آءُ اوراهُون، سُپِرين! ڏکيءَ ڏيج مَ ڏاڳهه" (شاهه). سُورِي – سُولِي – ڦاهو – ڦاسِي – ڦاهي (ل – ق).

– **ڏاڳهَ چڙهَڻُ**: چکيا تي چڙهڻ – باهه ۾ سڙڻ – هندڪي رسم موجب سَتِي ٿيڻ. ڦاهي چڙهڻ. مصيبت ۾ پوڻ – آزار ۾ پوڻ.

• **ڏاڳهُ ج ڏاڳهَ**: ذ. صفت. وِڪَ – وِرانگهه – ٻِرانگهه – ٻيلانگهه – قدم. ڊگهن ٽنگهن وارو جانور يا انسان. ڪُونجَ پکي. بندرگاهه تي جهازن ۾ مال لاهڻ يا چاڙهڻ جي مشين يا ڪَلَ. [هه. ڊِيْنڪا، ڊِينڪَ > ڊِيڱ > ڊِگ > ڊاگ > ڏاگهه = ڊگهو].

– **ڏاڳهڙُ ج ڏاڳهڙ**: ذ. صفت. ڊگهو ماڻهو – ڄانگهڙيل.

• **ڏاڳهَڻُ**: مصدر. اڃائجڻ – پياسَ لڳڻ – ڏوڳهڻ – وڏا وڏا ڊُڪَ ڀرڻ. اُڃَ لڳڻ.

– **ڏاڳهَ ج ڏاڳهُونْ**: ٿ. اُڃَ – پياس – ڏوڳهو.

– **ڏاڳهو لڳڻُ**: ڏاڍي اُڃَ لڳڻ.

• **ڏاڳهو ج ڏاڳها**: ذ. قد جو وڏو – ڊگهو. ڊگهو اُٺ. اُٺ – ڪَرَهو – لِيڙو – ڄانگو – مَيو – توڏو – موڏو – روڏو – ٻوتو – متارو. جوان اُٺُ.

• **ڏاڳرو ج ڏاڳرا**: ذ. ڪاٺ جو وڏو ٽُڪر – ڏسو "ڏانگورو".

– **ڏاڳورَڻُ**: مصدر. سخت مار ڪيڏڻ – هَڏُ ڳُڏُ ڀڃَڻ – مارَ ڏيڻ – سَٽَڻُ – ڪُٽڻ – سَڙهڻ – سَٽِڪائڻ. ٽڪر ٽڪر ڪرڻ.

– **ڏاڳورَ ج ڏاڳورُونْ**: ٿ. ڏاڍي مار – سَٽَ – ڪُٽَ – ڀِڃَ.

– **ڏاڳورو ج ڏاڳورا**: ذ. آلِي ڪاٺ جو وڏيل ٽُڪر.

• **ڏالَٽِ ج ڏالَٽُونْ > ڏالَٽيُونْ**: ٿ. [سن. دَرِ درَتا = ڪنگالِپٽو] هَٻَڇ – ٻانْٺَٽ – اُلي – ڏاجهه – وِيلو – هائُو هائُو. لالچ – لوڀ – ڏَڻْ ترِشْنا. ٻُک – اڻَ هُونْدَ – ڪِنالائي – محتاجي – سُڃَ – غريبي – ڪنگالپٽو – اِفلاس – ويهائي – ڪمي – گهٽتائي – مفلسي – ڪوتاهي – پوٺائي – اٿاتِ ـ اوٺائي – اَيرائي. تمام وَڏِي شئي – نِڪمي – بيڪار – بيڪمي نڪار – ڪنهن نہ ڪم جي – ڏاندِ.

– **ڏالِٽِيّ ج ڏالِٽِي**: ذ. صفت. هٻڇي – لالچِي – لوڀي – ٻُکيو – ٻوکِڙو – ڏُرو – پيٽو – پيٽَ لٽُ – مانِيُنِ ٽوڙُ – پيٽوڙِي – پيٽِرُ ـ غريب – مسڪين – محتاج – ڪنگال – ڪُنَل – سَکٽو – سُڃو – ڏالَدي.

• **ڏالد ج ڏالَدُونْ**: ٿ. [سن. دَرِ دْرَتا = ڪنگالپٽو] ڏالَٽِ.

• **ڏالَدِيْ ج ڏالَدِيْ**: ذ. صفت. ڏالدِيْ.

• **ڏالِوَتنُ ج ڏالِوَتنَ (ت)**: ذ. ڀَنَنِ واري ڀاڄيءَ جو هڪ قسم – ڀَنِرو ساڳ.

• **ڏالِهِيْ ج ڏالهِيُونْ (ل)**: ڏسو "ڏالي".

• **ڏالِيْ ج ڏالِيُونْ**: ٿ. [سن. ڊِلڪَ] تحفو – سوکڙي پاکڙي – ڏيپ – سوغات. سوغات طور ڏنل ميوو مٺائي وغيره. وکرو ڪيل انبن مان (يا ٻي ڪنهن ڀاڄيءَ مان) مقرر ڪيل انداز يا وزن جيڪو تحفي طور ورتو يا ڏنو وڃي.

• **ڏامَ ج ڏامُونْ (ت)**: ٿ. داغداري – ڪُلَنْڪُ – ٽِڪو – ڪارَنهِن – داغُ – ڇُٽو.

– **ڏامائڻ**: مصدر. داغدار ڪرڻ – ٽڪو لڳائڻ.

Gul Hayat Institute

هڪ ڳهه جو نالو – نَڪ کي سوڳهي جهلڻ جو ڏاڳو يا زنجير – ڏاوِٽي.

– **ڏانُ ڏيڻ:** دانُ ڏيڻ – سخا ڪرڻ – احسان ڪرڻ – عنايت ڪرڻ – ٿورو ڪرڻ – مهرباني ڪرڻ – لائق ڪرڻ – وڏا پالَ پرڻ. اوت وجهڻ – ڏاند وغيره کي تيل، گيهه يا ڪا پِنِڙي شئي وجهڻ.

– **ڏاڻي ج ڏاڻي:** ذ. صفت. محصول وٺندڙ – ڏاني.

• **ڏاڻايو ج ڏاڻايا:** ذ. [سن. دا = ڏيڻ] ڏاڻ جي رقم. سامان جو گهٽو اندازو – سامان سِرُو. مُڏِي. اَٽالو – سواري – لَدُو.

• **ڏاڻڻُ:** مصدر. ڏانڻڻ.

• **ڏاڻو ج ڏاڻا (ڪ – ٿ):** ذ. [ف. دانَہ = داڻو] – داڻو – ڪڻو – ڪاڏو – قُوت.

• **ڏاڻِي ج ڏاڻِيُون:** ٿ. [سن. دامَنُ = ڏاوِڻ]. زيور جو هڪ قسم – نڪ جي بار جهلڻ لاءِ سوني زنجيري ڏاوِٽي.

• **ڏاوارو ج ڏاوَارا (ڪ):** ذ. ڏاڪڙو – ڪشالو. جيئن: "سونهٽي گهڙِي سِير ۾، جنهن ڪيو ڏاڍو ڏاوارو" (صاحبڏنو). بيلاين جا ٻول.

• **ڏاوَچ:** اسم خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏاوَچ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڏاوَرُ ج ڏاوَرَ:** ذ. ڏنوارُ – جيت جو هڪ قسم – ڪوريئڙو.

• **ڏاوَڙُ ج ڏاوَڙ:** ذ. صفت. ڏائي هٿ سان ڪم ڪندڙ – ڏاٻَڙُ – ڪابَڙُ. (ضدّ: سَاڄڙُ ج ساڄَڙ).

• **ڏاوَڻُ ج ڏاوَڻِيُون:** ٿ. (سن. دامَنُ = رَسِي). ڏاڻُ – ڏاٽِي – ڏاوِٽِي.

• **ڏاوَڻُ ج ڏاوَڻ:** ذ. [سن. دامَنُ = رسي]. چوپائي مال کي اڳين ٽنگن ۾ ٻيل رسو – ڏاڻ – نِيِرُ – واڳهه ٻيڙيُون – اَشڪول – پنئند. نٿ سوڳهي ڪرڻ لاءِ ڪلابات جي ڪارن ڏاڳن جو ٿهيل پٽو – ڏاڻُ – ڏاٽي. شاديءَ جو هڪ سات ڏانوڻ.

– **ڏاوَڻُ ڏائڻ:** شاديءَ جي رسم ۾ ڳهوٽ جو سرگس تان لهڻ وقت پير جو آڱوٺوءَ هٿ جو آڱوٺو ڏاڳي سان ٻڌڻ. وري شروع ڪرڻ – نئين طرح شروع ڪرڻ.

– **ڏاوَڻُ ڪپڻ:** نندي بار جي پهرين هلڻ وقت مامي هٿان ٻنهي ٽنگن ۾ رسمي طور ڪچو ڏاڳو ٻڌي، وري وڍائڻ جي رسم ادا ڪرڻ.

– **ڏاوَڻُ وڍڻ:** ڏاوَڻُ ڪَپڻُ.

• **ڏاوِٽِي ج ڏاوِٽِيُون:** ٿ. [سن. دامَن رسي] ڏانوِٽِي – ڏاڻُ – ڏاٽِي – ڏاوَڻ.

• **ڏاوِٽِي ٽِڪِي:** ٿ. [پرا. دامِڻي. سن. دامني] ڏاٽِيءَ سان گڏ پيشاني تي ٻڌڻ جو هڪ زيور – پِٽلو – آلِڻي.

– **ڏاھُنُ:** ظرف. اُن طرف – اُنهيءَ طرف – انهيءَ پاسي.

• **ڏاھَ ج ڏاھُون:** ٿ. [سن. دَشَ = ڏسڻ] ڏَسُ – پتو اهڃاڻ – اهڃ – پرو. خبر – خبرچار – سُڌِ – سَماءُ – احوال. سُڻس – ڪَنڙڪ. "ڪتو ڇهڪي م اُٿِيئِي، ڏجهڻ پئي مَ ڏاھَ" (خليفو نبي بخش). چتاءُ – آگاهي – اطلاع – ڄاڻ – واقفيت. ڳجهارت – پرولي – مامَ. [سن. دَڪشَ = سمجهه]. سمجهه – عقل – هوش – فهم – ٻڌي – ڏاھپُ – سياڻپ – سُچيتائي – دانائي – چالاڪي – هوشياري. [ف. داهٔ: سن. داسَ = ٻانهو] زرخريد عورت – ٻانهي – گولي – نوڪرياڻي. "ڏيرياڻي ۽ ڏاھ وجهه وني وڙهن. ڏنَ ۾ ڏنل عورت. جيئن: "جني سان مون ڏاھ جي پلِي لڳي لَڄَ" (خانزئي). ساڙو – تپش.

– **ڏاھَ پهچائڻ:** ڪنهن جي مرڻ جي اوچتي خبر وجهي سنڌس عزيزن ۽ مائٽن کي پهچائڻ – ڄاڻ ڪرڻ – موت جو پيغام پهچائڻ. اطلاع ڪرڻ. خبر ڏيڻ – سڌ ڏيڻ.

– **ڏاھَ ڏورڻ:** ڏَسُ پڇائڻ – ڏَس تي هلڻ – ڏسُ ڪي ڪاهڻ.

– **ڏاھَ وجهڻ:** ڄاڻ ڏيڻ – هوڪو ڏيڻ – مشهور ڪرڻ.

**ڏاھِي ج ڏاھِيَ:** ذ. صفت. ڏاھَ ڏيندڙ – اطلاع ڪندڙ – چتاءُ ڪندڙ – سڌ سماءُ ڏيندڙ – خبرچار ڏيندڙ – آگاهه ڪندڙ – خابرو. عقل مند – هوش وارو – ٻڌيوان. سَمجهُو – فهميدو.

• **ڏاھَ ج ڏاھَ:** ذ. [سن. داسَ = ٻانهو]. ٻانهو – غلام – گولو. ڳونڌَرُ – ڏُڪُ – وڏو مَچُ – گهٽي باهه – آڙاهه (ل). پَچُ – ساڙُ سوز – حسد. وير – دشمني – بغض. (صفت) وڏو – ڪُشادو – ويڪرو – چوڙو. ڄجهو – گهٽو. اوچو – اُتاهون – بُلند. هَنيلو.

• **ڏاھاڻِي:** اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **ڏاھپ ج ڏاھپُون:** ٿ. سياڻپ – عقلمندي – هوشياري – چالاڪي – چترائي – زيرڪي – دانائي – سمجهه – فهم – گيانُ – ٻڌِي – دورانديشي.

Gul Hayat Institute

• **ڏتَ ج ڏَتَ:** ذ. [سن. دَتهَ = بخشش: دا = ڏيڻ] مهرباني — احسان — ٿورو — وَڙ — عنايت — بخشش.

• **ڏِت ج ڏِتُون:** ث. ڏيت ـ عادَت — طريقو — هير — رسم — راه ـ ريت — صورت — شڪل. سٽاءُ — بيهڪ. جيئن: ”سونهن موتي صِفَ ۾، آهي تهڙي ڏِت ڏندن“ (ملاں).

• **ڏِتَ ج ڏِتَ (ٺ):** ذ. سٽپ وارو ڪاٺو.

— **ڏِتَر سَنوانُ هڻڻُ:** ناهه يا سُلوڪ هڻڻ — صلح هڻڻ.

— **ڏِتَر هڻڻُ:** شاديءَ جي هڪ رسم ۾ گهوٽ ۽ ڪُنوار جو لائَن وقت اناج جا ٻُڪَ پِريِ هڪٻئي کي ڏيڻ — تِر مٺڻ — تِر پِرڻ. وڙهڻ — جهڳڙو ڪرڻ.

• **ڏترجڻ:** مصدر. پلجي وڃڻ — گمراه ٿيڻ — اوجهڙجڻ — رولُ ٿيڻ. غريب ٿيڻ — مسڪين ٿيڻ — ڪنگال ٿيڻ. حالتن ۾ خراب ٿيڻ — تڪليف ۾ اچڻ — ڏترِجڻ.

• **ڏتُرُ ج ڏتَرَ:** ذ. [سن. دُر = خراب + تَٽ = گهيڙ. پرا. دُترِي. سن. دُسْتَٽي، دُس: دُش = خراب. تٽي: تٽُ = ڪنارو]. ڏکيو گهيرو — خراب تَرُ — خراب جاءِ ـ خراب هنڌ — ڪنو ماڳُ — ڏجهڙُ — اوجهڙ — برباد — تباهه — ويران — قِتَلُ. (ضد. سُتَرُ). (اسم خاص). سنڌو نديءَ جي هڪ قديم بندر جو نالو (پارينگر تعلقي منيءَ جي پاسي ۾).

• **ڏترڻُ:** مصدر. [سن. دُرُ = خراب + تَٽُ = گهيڙ]. گمراهه ٿيڻ — اوجهڙُ ٿيڻ — دربدر ٿيڻ — رُلڻ — ٿلڪڻ غريب ٿيڻ — بي حال ٿيڻ — بدحال ٿيڻ.

— **ڏترِجڻ:** مصدر. ڏترجڻ — ڏاڍو غريب ٿي وڃڻ — صفا نادار ٿيڻ.

• **ڏِتَل واهه:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏتيڪُ ج ڏتيڪَ:** ذ. [سن. دِو = ٻه. ڏُونُ]. قمري سَنبت ۾ ٽئين سال ۾ (شمسي سال سان پوري ڪرڻ لاءِ) ڳنڍيل وڌيڪ مهينو (چاڪاڻ جو قمري سال، شمسي سال کان هر سال ڏهه ڏينهن اڳ ۾ پورو ٿئي ٿو). لَندُ (مهينو) اَڌڪُ — اَڌيڪ — پرشوتم. (ع) ڪَبِيسه.

• **ڏتُ ج ڏتَ:** ذ. جهنگ جي گاهه ٻوڙن، ٻوٽن، وڻن مان پيدا ٿيل اَنَ ـ ڪاڏو (ڏونئرا، تُوهَ جو ٻج، سانئُون ٻُسي — مانڌاٽو — مڪٽي، پِرَتُ — ڪُوري، ڪِرنگهُ، منگها، مرت، پٽ ٻص، ڪودرِ گولاڙو لَيار وغيره) ڪڪ.

— **ڏتُ ڪرڻُ:** ڏتُ (جهنگلي اَنَ) گڏ ڪرڻ — ڏتَ تي گذران ڪرڻ — جهنگ جي ڪاڌي تي گذران ڪرڻ.

— **ڏتُ هلڻُ:** ڏتُ چونڊڻ يا ڳولڻ واسطي هلڻ.

• **ڏِتڪارُ ج ڏِتڪارُون:** (آواز) ث. ٻڪرين ۽ رِڍن وغيره کي هَڪلڻ، ڀڄائڻ يا اٿارڻ جو.

• **ڏتڻُ:** مصدر. ڏٻي پرڻ — زور سان پرڻُ — مُنهان تار ڪرڻ — پرڻ — ڏٻاڙڻ — ڦسڻ. ڪنهن بہ شيءِ جو ٻُوٽُ يا وات بند ڪرڻ — ٻَنجو ڏيڻ — ٻَنجڻُ — ٻُوج ڏيڻ — لِيڙو ڏيڻ — ڏتو ڏيڻ. ڪَڏ ڪوٺي منجهس بند ڪرڻ — زمين ۾ پورڻ — دفن ڪرڻ. (هہ. ڏاٽنا).

• **ڏتجڻُ:** مصدر. ڏاڍو پرجڻ — ڪَنَنِ ڪَر ٿيڻ — چڱيءَ طرح پرجڻ.

• **ڏتو ج ڏتا (ل):** ذ. [سن. دانت]. گيهه يا تيل سان پريل دٻي جي تنگ کي بند ڪرڻ جي ترڪيب (نوڙي جو چلو ٺاهي، سوراخ مٿان رکي مٿائنس ڪپڙي تڪر ڏيئي، ڪپڙي جي مٿان سوراخ کي ڪٽڪ جي اٽي يا گپ سان پرڻ) — ڪاٺ جو ٻُوجُ — اِڳڙين جو ٻُوجُ — ٻَنجو — ٻَتو — لِيڙو. مردنگ (پکواز) جي ڪشن چڪڻ يا سخت ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جو گول ڏگهو ڳُترو. نر ۽ ڳوءِ کي هڪٻئي سان گڏ ٻڌڻ واري هنڌ تي اڳڙين جو ڳُتو (ت). ڪوڙو انجام — گُسو — دِلاسو — فريبُ — ڀَتُ — رَتُ — ڪوڙُ — ڦُرَدُ — ٻتاڪَ. (آواز) جانورن کي هَڪلڻ مهل وات جو آواز (ت). (صفت) ٿلهو — موٽو — ٿُوٿنو — هِمَت پريو — سگهارو — جَبرو — جانٺو — قَوِي — جُنگُ.

— **ڏتائي ج ڏتائي:** ذ. صفت. ڏتو ڏيندڙ — گُسائي — ٻتاڪي — زَٽلي، ڪوڙو — ٺڳُ.

— **ڏتو ٻوزِي ج ڏتا ٻوزِيُون (ت):** ث. ٻتاڪَ — ٺڳي — ڏاڙ. چالاڪي — ڪوڙو دلاسو — فريب.

— **ڏتو ڏيڻُ:** گُسو هڻڻ — ڪوڙو دلاسو ڏيڻ. دغا ڪرڻ — فريب ڪرڻ — ٺڳي ڪرڻ. گهوڙي کي هڪلڻ لاءِ زبان سان ٺڪاءُ ڪرڻ — ڏاند يا ڪتن کي هڪلڻ — ڪتي کي هوشيار ڪرڻ (ت).

— **ڏتومُتو ج ڏتامُتا:** ذ. صفت. ٿلهو متارو — وڳوڙو — جاڪُسٽو —

Gul Hayat Institute

بَرجُستو – هِمَت پَريو – زور پَريو – سگهارو – ڏونسو – جانئو.

– **ڏنو مِلائِڻُ:** ڪوڙ ڳالهائڻ – ڪوڙو دِلاسو ڏيڻ – گشو ڏيڻ. ٺڳي ڪرڻ.

– **ڏنئِي ج ڏنئِي:** ذ. صفت. ڏسو "ڏنائي".

– **ڏني تي طَروَجَڻ (ت):** اجائي وڏائي ڪرڻ – ٺيڙي ڪرڻ.

– **ڏني پوزيءَ تي ڪم هلائَڻُ:** دَم دِلاسا ڏيئي ڪم ڪڍڻ.

– **ڏنورِڪِي ج ڏنورِڪِيُونْ (ل):** ث. صفت. ٺُلهي مَتاري – وَڳر وَٽي – جاڪستِي – دؤنسِي.

• **ڏنِي ج ڏنِيُونْ (ت):** ث. ڪورين جو هڪ اوزار. ڪاٺَ جي ٺڪري (جنهن ۾ تاجيءَ کي سڳي سان ٻڌجي).

– **ڏنيُونْ ڏِيڻُ:** ڦيرِيُون ڪائڻ – چڪر هڻڻ.

• **ڏِٺَ ج ڏِٺُونْ:** ث. [سن. دَرْش = ڏسڻ]. نظر – ڏيکاءُ – جهلڪو – نظارو – چمڪو – نگاهه – جاچ – غور – لقاءُ – مَنْظَرُ – ڏيکُ. راءِ – سمجهه – مَتِ – ويچار – مُلاحِظو – خيال. مطلب – مُراد – مَنْشا. ڳجهارت جو هڪ قسم (جا. سگهڙ ڪا شئي ڏسي ٺاهيندو آهي؛ مثلاً: لوهه – گهندي، عضوو – ڪٽرِي" گهندي لڳي هٿي ته ڪٽي ڪري وجي گاڏيءَ کي رسين ها. ڳجهارت – پرولي – مَعمّہ.

– **ڏِٺپروليِ ج ڏِٺپروليُون:** ث. ڳجهارت جو هڪ قسم – ڏِٺَ.

• **ڏٺَ ج ڏٺَ (ڪ):** ذ. ڦَرڙيءَ جو سخت ڳوڙهو يا ڳَنديو – ڏبڙُ.

• **ڏٺُ وُٺُ ج ڏٺَ وُٺَ:** ذ. شڪ – گمان – شُبهه – اَنومان.

• **ڏِٺُڻُ:** مصدر. [سن. دَرْشَن = ڏسڻ] ڏسڻ – پسڻ – ڏيکڻ – نهارڻ – نظرڻ.

• **ڏِٺو ج ڏِٺا:** "ڏسڻ" مان "زمان ماضي مطلق". پَسيو – نِهاريو – ڏيکيو – نظريو – تڪيو.

– **ڏِٺو ٿِيَڻُ:** پڌرو ٿيڻ – ظاهر ٿيڻ. بدنام ٿيڻ. لڄي ٿيڻ – شرمندو ٿيڻ – ڦِڪو ٿيڻ.

– **ڏِٺوڙو ج ڏِٺوڙا (ٿ):** ذ. صفت. واقِفُ – ڏِٺلُ – وانِٺَلُ – پَسْيَلُ.

– **ڏِٺو ڪَرڻُ:** ظاهر ڪرڻ – پڌرو ڪرڻ. (ٻين جي اڳيان) بي عِزّتو ڪرڻ – بدنام ڪرڻ – نِرسِڪارُ ڪرڻ – خراب خوار ڪرڻ – بي مانو ڪرڻ – بڇڙو ڪرڻ. شرمندو ڪرڻ – لڄي ڪرڻ – ڦِڪو ڪرڻ.

– **ڏِٺو نَه وڻَڻُ:** ڪراهت اچڻ – نفرت ٿيڻ – ڏِڏُڪار اچڻ.

– **ڏِٺو وائِٺلو ج ڏِٺا وائِٺلا:** ذ. صفت. ڏِٺل وائِٺَلُ. ظاهِر ظُهُور – پڌري پَٽ – کُليو کلايو – عَلَي الْاَعْلاَن. سُڃاڻو ماڻهو – واقِف ڪار.

– **ڏِٺِي مکِ ڳِيْهڻُ:** ڏسي وائسي هرج سهڻ – عيب جهڙو ڪم برداشت ڪرڻ.

• **ڏٺِي ج ڏٺِيُونْ:** ث. اَڳرين جي هڪ بيماري – اَڳر يا اَڳونئي ۾ ٽيل ڦَرڙي.

• **ڏَپُ ج ڏَپَ:** ذ. زور – طاقت – سَتُ – جوهَرُ – ٻَلُ – قوّت. جيئن: "تاهه طاقت تاب تنهن جي ڏئي بينا ڏَپَ" سُونهَن – ڏيا. چَمڪو – چِلڪو – مِنانُ – مِناسُ – ميناجُ.

• **ڏِپُ ج ڏِپَ (ت):** ذ. ڪنهن ضَربَ يا ڌَڪَ سبب سُڄيل ماس جو ڳوڙهو – ڳنديو – ڏِپو – ڏبڙ.

• **ڏَبڻُ:** مصدر. مٿان هيٺ زور ڏيڻ – دَٻڻ.

• **ڏِپو ج ڏِپا:** ذ. ڪنهن ڌڪ سبب بدن ۾ سُڄيل ماس جو ڳنديو – سوڄ – دِ ڳُ – دِ ڳَلُ. ڪنهن بہ شئي جو ڳَڙڪايل ڳنديو – پِنُ – پِنوڙو – چاٺو – تيرِيْ.

• **ڏُپهْرو ج ڏُپهْرا:** ذ. [سن. دؤ = ٻ. ڏون + پَرهَر = پَهَرُ] ٻن پهرن جو وقت – ڏُپهَرو – ٻپهرو ـ ٻن پهرن وارو آرام ۾ ڪاٽو – مانجهاندو.

– **ڏُپهْرو ڪَرڻُ:** منجهند (ٻنپهرن) جي ماني ڪائڻ ۾ آرام ڪرڻ – ٻپَهرو ڪرڻ.

• **ڏُجارِي ج ڏُجارِيْ (ٿ):** ظرف. ڏکيو – اهنجو – ڏجهاري – تڪليف ۾.

• **ڏُجارَ ج ڏُجارُونْ (ل):** ث. خراب زمين – پَوائِتو هنڌ.

• **ڏجڻُ:** مصدر. ڏيڻ ۾ اچڻ – ڏنو وڃڻ – ڏيئي ڇڏجڻ – ڏيڻ. ڏِنو – ڏِنل.

• **ڏُجَڻَ ج ڏُجَڻَ:** ذ. صفت. [سن. دُرْجَنْ = خراب ماڻهو] ويري – دشمن. "سجڻ ڏُجَڻُ نہ ٿئي جي رُسي سَؤوارُ" (شاهه ڪريم). (ضدّ. سَجَڻُ ج سَجَڻَ).

• **ڏُجَڻُ ج ڏُجَڻَ:** ذ. صفت. [سن. در = خراب + جن = ڇٽڻ، ڇٽيل، ماڻهو) خراب ماڻهو. جهيڙو پيدا ڪندڙ – جهڳڙو جاڳائيندڙ – ڏُقيڙُ وجهندڙ – ڇيٽاپورُ – نِفاقِي – بغاوتي – دشمن – ويرِي. نياڳو – ڪمبخت. ڏُجڻ.

Gul Hayat Institute

• **ڏَس:** ٿ. پتو – نشان – ٻڌائڻ جي حالت.

– **ڏَس ڪرڻ:** ٻڌائڻ – اشارو ڪرڻ.

• **ڏَسُ ج ڏَس:** ذ. (سن دَش = ڏَسڻُ). نشان – پارُ – پتو – نشاني – اشارو. خبر – اطلاع. سُونهَپ – سُڌ ـ سُهڃاڻ – سُهڃاڻي – هدايت – ڏَهنائي – سُرُ – مامَر – اُهڃُ.

– **ڏَسُ ٻڌائڻ:** نشان ٻڌائڻ – پتو ڏيڻ.

– **ڏَسُ پتو ج ڏَس پتا:** ذ. پار پتو – خبرچار – سُڌ سماءُ – سُڌِ ـ چاڻُ – نشان.

– **ڏَسُ پتو ڏيڻ:** خبر ڏيڻ – نشان ٻڌائڻ.

– **ڏَس ڪَـرُ ڪيائڻ:** پار پتو ڪيائڻ – خبرچار وٺڻ – سُڌ سماءُ لهڻ – حال احوال وٺڻ – نشان پُڇڻ.

• **ڏِس ج ڏِسُون:** ڏِسيُون: ٿ. [سن. دِش > دِشا = طرف] طرف – پاسو – جِهت – دِس – سُوءِ ـ پَهلو – ڏِسا – سِمت. (چار ڏِسيُون: اُتر، ڏکڻ، اوڀر، اولهه). ڏُر – پار. حاشيو. قطب نما جي طرف ڏيکاريندڙ سُئي. ڏيهُ – مُلڪ.

• **ڏِسا ج ڏِسائُون:** ٿ. ڏِس.

– **ڏِس ڪاري ڪرڻ:** ڏيهه يا مُلڪ کي بدنام ڪرڻ.

– **ڏِس ڪاٽِي ڪرڻ:** ڪارِيت وڃائڻ – اعتبار وڃائڻ – قرض کٽي پَچڻ – پاڻ کي گِلارو ڪرڻ – بدنام ڪرڻ.

• **ڏسا ج ڏسائُون:** ٿ. [سن. دَشا = حالت]. حالُ – حالت ـ صورت – سبب – نمونو. درجو. قسمت – نصيب – ڀاڳُ – طالِعُ – تارو – نِڪَتُ.

• **ڏسارئو (ٿ):** اسم خاص. هڪ ڏهر جو نالو.

• **ڏسا سُولُ ج ڏسا سُولَ:** ذ. [هـ. دساسُولَ]. هڪ خيالي طورجيڪو (وهم طور) جنهن طرف هجي ان طرف سفر نہ ڪجي. (نجوم وارن جي چوڻ موجب هن جو اثر روزانو نَوَ گهڙيون ٽي ڪلاڪ ۽ ٽيهه منٽ سج لهڻ وقت رهي ٿو. انهيءَ حالت ۾ اهو جنهن طرف هجي، انهيءَ طرف سفر ڪرڻ باعث نقصان آهي. جيڪڏهن ڪابي طرف هجي تہ پرواهه نہ آهي. پٺيان هجڻ نهايت مناسب آهي. ليڪن سامهون ۽ ساڄي هٿ تي منحوس آهي).

• **ڏَسائڻُ:** مصدر. [سن. دَش = ڏَسڻُ] ٻڌائڻ – پار پتا ڏيڻ – سڌ سماءُ ڏيڻ – ڏَسُ پچڻ – ٻڌائڻ. "اڳڻ اسان جي سيئي آيا، جن تي ڏور ڏسائيو" (سچل). [سن. دَنش = ڏَنگڻ] ڏنگڻ – ڏنگ هڻڻ.

• **ڏَسائو ج ڏَسائا:** ذ. [سن. دَش = ڏَهَ] قضيي کان پوءِ ڏهون ڏينهُن – ڏَهو – ڏهين ڏينهن تائين ڪيل خيرات وغيره.

• **ڏِسجڻُ:** مصدر. [سن. دَرش = ڏِسڻُ] ڏسڻ ۾ اچڻ – پَسجڻ – ظاهر ٿيڻ – حاضر ٿيڻ – معلوم ٿيڻ – پائنجڻ.

• **ڏسراڙو ج ڏَسراڙا (ٿ):** ذ. هندن جو هڪ وڏو ڏينهن – دَسهرو.

• **ڏسڪڻُ:** مصدر. (آواز). سُڏڪا ڀرڻ – سُڏِڪڻ. جهلي جهلي رئڻ. جيئن: ڏکويون ڏسڪن، ڏسڪي ڪانہ ڏک رئيءَ، و لاٽو وٺين چڙهي ڏسڪيو جهلي ڏار. (شاهه).

– **ڏسڪو ج ڏسڪا:** ذ. رئڻ جو هڪ نمونو – هِڇڪو – سُڏڪو.

• **ڏَسليو (ٿ):** ذ. ڏسو "ڏَچليو".

• **ڏَسمِي:** ٿ. [سن. دَشن = ڏهه] پَکُ (اونداهي يا سهائي) جو ڏهون ڏينهن – ڏَسنئَن.

• **ڏِسندو ج ڏِسندا:** ظرف. [سن. درشن = ڏسڻ] هن کان پويون – ايندڙ – اَئينده ـ ڏِسبو. هلندڙ مهيني کان پوءِ اچڻ وارو مهينو – مٿيون مهينو – ايندڙ (سال يا مهينو) ٻيو – پرواروُ (مهينو وغيره).

• **ڏَسنئَن:** ٿ. [سن. دَشن + ڏهَ] قمري مهيني جي ڏهين تاريخ – چند جي ڏهين تاريخ – ڏَسمِي.

• **ڏَسڻُ:** مصدر. [سن. دُرش. دَش = ڏسڻ. پرا. ديک] ڏيکارڻ – ڏيان چڪائڻ. پتو ڏيڻ – ڏَسُ ڏيڻ – نشان ڏسڻ – پارُ ٻڌائڻ – اشارو ڪرڻ – سونهپ ڪرڻ. ٻڌائڻ – اطلاع ڪرڻ. رستو ڏيکارڻ – ڏکُ لائڻ – طرف ڏيکارڻ. ظاهر ڪرڻ – پڌرو ڪرڻ – ٻڌائڻ – چوڻ – سڄي ڪرڻ. هدايت ڪرڻ.

– **ڏَسڻي ج ڏَسڻيون:** ٿ. ڏَسُ ڏيندڙ ـ ڏيکاريندڙ – نشان ڏاڻهن اشارو ڪندڙ. هٿ جي آڱرين مان آڱوٺي جي پرسان پهريون نمبر آڱر – شهادت واري آڱر ـ شاهد آڱر ـ ٻنوٽري آڱر.

• **ڏِسڻُ:** مصدر. [سن. دَرش = ڏسڻ] نهارڻ – نظر ڪرڻ – پَسڻ – جاچڻ – تپاسڻ – ويکڻ – وائسڻ – تَڪڻ – پاسڻ – واچڻ – جُوچڻ. ديدار ڪرڻ. سمجهڻ. مِلڻ – ملاقات ڪرڻ. معلوم ڪرڻ. آزمائڻ.

Gul Hayat Institute

– **ڏنڊارُ ج ڏنڊارَ:** ذ. صفت. ڏندن وارو – ڏندائون. (ذ). ڪاٺ جو ڏندن سان هڪ اوزار (جنهن سان ڪِڻ ڪچرو ميڙجي) – ڏاندارُ.

– **ڏنداري ج ڏنداريون:** ث. ڏسو ”ڏنڊارُ“.

– **ڏنڊالُ ج ڏنڊالَ (ت):** ذ. ڏاندار – ڏندار – ڏانداري.

– **ڏنڊاوِيٽي ج ڏنڊا وِيٽيون:** ث. ڪاٺ چيرٽي.

– **ڏنڊائتو ج ڏنڊائتا:** ذ. صفت. ڏندن وارو – ڏندرُ. ڏندن جو. اهو بارُ جنهن کي ڏند نڪرڻ شروع ٿين (ڪ).

– **ڏنڊائجڻ:** مصدر. ڏندجڻ – ڏندَ ٿيڻ – ڏندَ اچڻ – ڏندَ نڪرڻ – ڏندائتو ٿيڻ.

• **ڏنڊائڻُ:** مصدر. ڪنهن اوزار (جهڙوڪ: ڏاٽي وغيره) جي ڏندن کي سِراڻِ تي تيز ڪرائڻ.

– **ڏنڊَ ٻجڻُ:** ڏند ڪڍڻ – مار ڏيڻ – سزا ڏيڻ – عاجز ڪرڻ.

– **ڏنڊَ ٻڪوڙڻُ:** ڏندَ پيڙڻُ.

– **ڏنڊَ ٻيڙڻُ:** ڏندَ پِچائڻ. چُپ ڪرڻ – ماٺ ڪرڻ – خاموش رهڻ.

– **ڏنڊَ تي رَکڻُ:** چَکَڻُ – سَوادُ وٺڻ.

– **ڏنڊَ ٽيڙڻُ:** ڏاڍي کِلڻُ – وڏا ٽَهَڪَ ڏيڻ – اجايو کِلَڻ. واهيات ٿيڻ.

– **ڏنڊُ ٽڙِڪو ج ڏنڊَ ٽڙِڪا:** چرڙاٽُ – ٽُڪ ٽُڪ. ٻَڪْ ٻَڪْ – سَگهو رعب تاب – ٿورو ڏڙڪو (ت).

– **ڏنڊَ ٽڙِڪو ڪرڻُ:** ڪجهه نه ڪجهه ڪائڻ – وات چورڻ – وات هلائڻ – چَٻَڻُ – سَگهو رُعب تاب رکڻ (ت).

– **ڏنڊَ ٽهڪائڻُ (ت):** ڏند ڪڙڪائڻ – تکو ڳالهائڻ – ڏند ڏيڻ. چڙٻِيون ڏيڻ.

– **ڏنڊَ ٻِهَڻُ:** ڪاوڙ ۾ ڏند ڪرِٽِڻ – ڪاوڙ ڏيکارڻ – ڏند پِيهَڻ – ڏند ڪَرِٽِڻ. خار ڪائڻ.

– **ڏنڊَ ٻِيهَڻُ:** ڏند پِهَڻُ – ڏند ڪَرِٽِڻ – خارَ ڪائڻ.

– **ڏنڊَ ڇِهَن سان لَڳَڻُ:** حيرت ۾ پوڻ – عجب ۾ پوڻ – وِسِمي ۾ پوڻ – هائس ۾ پوڻ.

– **ڏنڊَ ڇرچو ج ڏنڊَ ڇرچا:** ذ. خبرچار – واءُ سُڌُ – حال احوال – ڳالهه ٻولهه. گَپْ شَپْ – کِلَ ڇرچو – يَٽَ شَٽَ.

– **ڏنڊَ ڇڪ ڪرڻُ:** وِڙهڻ جهِڙڻ – واتورڇڻ – وات ڏيڻ – گهٽ وڌ ڳالهائڻ – جانيوتجڻ.

– **ڏنڊَ ڇِيڪَ ج ڏنڊَ ڇيڪُون (ت):** ث. ڏند شِيڪَ – محبت – سڪَ – قُربُ – ڪاڏو – ڇِڪَ. کِلَ – يوڳُ – مَسخري.

– **ڏنڊَ ڇِيڪَ ڪرڻُ:** اجايو کِلڻ – ڏندَ ڪڍڻ. ڪِيڪارڻ – آڏر ڀاءُ ڪرڻ.

– **ڏنڊ ڏِسڻُ:** ڄمار ڏسڻ – عمر جاچڻ (جانورن جي) ”ڄمَرَ جي واقف جا ڏند کهڙا ڏسجن“.

– **ڏنڊَ ڏنڊَنْ سان مِڙڻُ:** بيهوش ٿيڻ – ڏَنْڏَڻَ پوڻ.

– **ڏنڊَ ڏيکارڻُ:** ڏند ظاهر ڪرڻ. علاج لاءِ ڊاڪٽر کي ڏند ڏيکارڻ. ڪاوڙ ڪرڻ – رنج ظاهر ڪرڻ. ڊيڄارڻ. کِلڻ.

– **ڏنڊَ ڏيڻُ:** وات سان ٽُڪو ڏيڻ (ڏاڳي وغيره کي) – چَڪُ پائڻ – چٻاڙڻ. ايذاءُ رسائڻ. مُنهن ڏيڻ – مهاڏو اٽڪائڻ – تڪرار ڪرڻ – رَدُ ڏيڻ – گهٽ وڌ ڳالهائڻ – وات ڪرڻ – جهيڙو ڪرڻ – فساد ڪرڻ – هوڏجڻ – وڙهڻ.

– **ڏنڊِرُ ج ڏنڊِرَ:** ذ. صفت. ڏندن وارو – وڏن ڏندن وارو – ڏندن سان – ڏندن اُپريل – ڏند ٻاهر نڪتل – ڏَندوُ – ڏَندِ رو.

– **ڏنڊِ رو ج ڏنڊِ را:** ذ. صفت. ڏندِرُ – ڏندو.

– **ڏنڊرو ڇَڪِرو ج ڏندِرا ڇَڪرا (ت):** ذ. ڏند ڇَڪُ ڪنڌڙ – وٺ پڪڙ ڪنڌڙ – محنتي – چالاڪ – هوشيار – هر طرح ڪم ڪرڻ وارو – سڀ طريقا اختيار ڪرڻ وارو.

– **ڏنڊَڙُ ج ڏنڊَڙَ:** ذ. ڏندن صاف ڪرڻ جي ڪهڙيل ڪاٺي – ڏَندڻُ.

– **ڏنڊ شِيڪَ ج ڏنڊَ شِيڪُونْ:** ث. ٿورا ڏند ڪڍي کِلڻ جي حالت – ٿوري کِلَ. ڏند ٽيڙ – ناراضگي – مخالفت – دُشمني. مٺاڄري دوستي – چَل چَلا ئو ياري – خوشامَدَ واري سنگت (ت).

– **ڏنڊ شيڪَ ڪرڻُ:** تکو ڳالهائڻ – ناراض ٿيڻ – ڪاوڙجڻ.

– **ڏنڊَ شِيڪڻُ:** کِلَڻ. ڏاوڙجڻ. لَڄي ٿيڻ – ڦِڪو ٿيڻ – شرمندو ٿيڻ. ڏند ڏيکارڻ.

– **ڏنڊ ڪَٿا ج ڏنڊَ ڪَٿائُونْ:** ث. بي بنياد ڳالهه – خيالي قِصّو – بناوتي ڳالهه – مَن گهڙَت ڳالهه – قياس آرائي – ڪوڙو قصو. ٽونڪو – پراڻي ڳالهه – وارتا – حڪايت – آکاڻي – ڪهاڻي – روايت – سمرتي – اِتهاسُ.

– **ڏنڊَ ڪَڍَڻُ:** ڏند ظاهر ڪرڻ – بنا مطلب جي ڏند ڪڍي کِلَڻ –

Gul Hayat Institute

مصيبت – آزارُ – هَلاڪِي. دُرگـَي – ڳَـرو ڏُکُ – بُرو حالُ – پريشاني – ڪَمْبَخْتِي – ڏولو – ڏوکڙو.

• **ڏوکِڙانٺُونْ ج ڏوکِڙانٺَـان:** ذ. صفت. ڏُکائيندو – اهنجائيندو – هلاڪ ڪندڙ – ڪپائيندڙ – تڪليف ڏيندڙ – ڪَهُ – ٽڪائُو – ٽَڪائيندو. محنت طلب – ڏکيو – اوکو – اڙانگو – اَڻ کائيو.

• **ڏوکـو ج ڏوکا (ت – ٽ):** ذ. [سن. دُهَکَ = ڏُکُ] اِيذاءُ. بيماري – اگهائِي.

• **ڏوکِـڙو ج ڏوکِـڙا:** ذ. [سن. دهک = ڏُکُ] غم – شوڪ – ڏُکُ – گوندر – ڏنج – سوسُ – افسوس – ارمان – رنـُج. سورُ – درد – ڪَليش – ويڏن – تڪليف – مصيبت – ڏُکُ. ماتم – روڏَن. ڏُکيو.

• **ڏوکِيْ ج ڏوکِيْ:** ذ. صفت. [سن. دُهُک = ڏُکُ] ٻئي کي ڏک ڏيندڙ. ٻئي جو ڏک معلوم ڪندڙ – ٻئي جو ڏک پاڻ تي هموارُ ڪندڙ – ڏُکَ وارو – ڏُکُ سهندڙ – تڪليف برداشت ڪندڙ – دُکي. سخت محنت ڪندڙ. جيئن تہ: ”هڏ ڏوکي“ وغيره.

• **ڏوگَـرُ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (خاص ڪري نوابشاهہ ۽ لاڙڪاڻي ۾).

• **ڏُوگَـرُ:** اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ڏوڳَاهو ج ڏوڳَاها:** ذ. ڏولاهو – ڏَنْجهُ – ڏُکُ – تڪليف – ڏولائو. جيئن تہ: ”ڏور ڏوڳاها پَـجُ جو مينهن مُندائيو آيو“ (خليفو نبي بخش).

• **ڏوگِهَـرُ:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ڏوگهِلو ج ڏوگهِلا (ل):** ذ. نـِڙي – نـڙگهوٽو.

• **ڏوگـَهڻُ:** مصدر. هَـرَ هَر پاڻي پيئـَڻُ – گهڙي گهڙي پاڻي واپرائڻ – گهڻو پاڻي پيئڻ – مُسَلْسِل پاڻي پيئڻ – ڏوگـَڻُ. يَڪْ ساهي پاڻي پي وڃڻ. گهڻي اُڃَ لڳڻ – سخت اُڃائجڻ.

– **ڏوگهَـہ ج ڏوگهونْ:** ث. پاڻي پيئڻ جي اوتَ اوتانْ – گهڙي گهڙي پاڻي پيئڻ واري حالت – ڏوگَ – گهڻي اُڃَ – اُساٽَ – اُلـِيْ – ڏوگهو.

– **ڏوگهَـہ ڏوگهانْ ڪرڻ:** گهڻي اُڃَ ڪري گهڻو پاڻي پيئڻ – ڏوگَ ڏوڪانْ ڪَـرَڻُ – پاڻيءَ جي اوتَ اوتانْ ڪَـرَڻُ.

– **ڏوگـَهـرُ ج ڏوگـَهـرَ:** ذ. صفت. يَڪْساهِيْ پاڻي پيئندڙ – گهڻي اُڃَ وارو – جهجهو پاڻي پيئندڙ – اُلـِيْ وارو – اُڃايَلُ – ڏوڪِرُ.

– **ڏوگهو ج ڏوگها:** ذ. گهَٽِيْ اُڃَ – اُلـِيْ – ڏاڍِيْ اُڃَ – پياسَ – ڏوگَ – ٽِرهہ – ٽِهَہ.

– **ڏوگهِيْ ج ڏوگهِيُونْ:** ث. اُڃَ – پِياسَ – خشڪي – ٽِهَہ.

• **ڏوگهو ج ڏوگها (ٽ):** ذ. وَڏِيْ اَڪ – دوڏو – ڏيلهو – دِيْدو. ٽوٽارِيلُ.

– **ڏوگها ٽاڻَڻُ:** نظر تيز ڪري هَر هَر نِهارڻ – گهورڻ – تڪڻ – جوهِڻُ.

– **ڏوگهَرُ ج ڏوگهَرَ:** ذ. صفت. اکين ٽوٽاريل – دوڏِرُ – دِيْدَرُ.

• **ڏولُ ج ڏولَ:** ذ. [سن. دول = لـُڏَڻ. سن ڏُلْ < مَتي ڪرڻ. ع. دلو] جهولو لڏڻ جو – پينگهَہ – پينگهو. (کوهہ وغيره مان) پاڻي ڀري ڪڍڻ جو برتن – باڙدي – باردي – بالٽي. لوهہَ جو ٽانءُ – دَٻو – ڏٻو – ٽِينُ – ٻوڪو. خوف – ڊَپُ – ڀَؤ (ت). فساد – بدامني – جهيڙو – فتنہ انگيزِيْ (ت). ڏولو – ڏولائو – ڏنجهہ – ڏکَ. مصيبت – آپدا. ڏوڪار – ڏڪارُ – قَحَطُ (ت).

– **ڏولُ وِجهَڻُ:** فساد مچائڻ – هِراسُ وجهڻ – خوف پيدا ڪرڻ. ڏڪارو وِجهَڻ.

• **ڏُولُ ج ڏُولَ (ل، ٽ):** ذ. [سن. دُل = لَڏَڻُ] ناسُ – برباد – تباهُ – چَٽُ – سُڃَ. جيئن تہ: ڪهڙي هيسيَلْ ڪندو هَولُ، ڏاوڙ رن تہ ڏيرو ڏُولُ، مڙس مُنِيءَ تي هَر هَر هولُ. (جام خان).

– **ڏولُ ڪَـرَڻُ:** برباد ڪرڻ – ناسَ ڪرڻ – چَٽْ ڪَـرَڻُ.

• **ڏولاڪو ج ڏولاڪا (ل):** [سن. دُلْ = لـُڏَڻْ] ڏولو – ڏولائو – رولو – مصيبت – پريشاني.

• **ڏولائو ج ڏولائا (ل):** ذ. [سن. دولا. دُل = لـُڏَڻُ] ڏُکُ – ڏاڪڙو – ڏوجهرو – رولڙو – ٽلڪو – تڪليف – اهنج – دربدرائي – ڏُکُ – رَنجُ – درد – مصيبت. ٽرٽلو – هِراسُ – ٽاڪوڙو – ٿڙٿوٽ – هاهاڪارُ – هائيدوس – ڏهڪاءُ – ڊپ – ٿڙٿڙ – ولوڙو – واڄٽ – گوڙشور – هَلچَل – ٻَکيڙو – وڳوڙ – تڪرارُ – بَحثُ – ڏُکُ ٻُکَ – ڏڪار – قحط – ڏُڪِر – ڏلاڪو.

• **ڏولائي مانُ ج ڏولائي مان:** ذ. صفت. ڏِڪَاٽِلُ – ٽَرين پَـرُ.

• **ڏولِچِي ج ڏولچِيُون (ل،ت):** ث. چمڙي جو ٽانءُ – پاڻي ڀرڻ لاءِ چمر جو دٻو يا بالٽي – دَلـُوچو – ٻوڪو – چڙهي – ڪوس. بندوق رکڻ لاءِ چمڙي جي ڍِڳهي ڳوٿري.

Gul Hayat Institute

• **ڏونگهيءَ جو تيل:** سُڪل ناريل جو رَس يا سَٽُ – ڪوپري جو تيلُ.

• **ڏونٽُ ج ڏونٽُوڻ (ڪ):** ٺ. ڪُتن جي گهاٽي پونڪ.

• **ڏونٽڪ ج ڏونٽڪون (ت):** ٺ. زنجير – نيئَـُرَ – ڏاڻُ.

– **ڏونٽڪ پوڻُ:** زنجير پوڻ. قابو ٿيڻ – سوگهو ٿيڻ.

• **ڏونهن:** ظرف. ڏانهن.

• **ڏونهون ج ڏونهَا (ت):** ظرف. اونهو – ڏونگهو – عميق – اٿاهُ. پري – ڏُور.

– **ڏونهو ڏيهُ ج ڏونهَا ڏيهَ:** ذ. پري وارو ملڪ – پرانهون مُلڪ – ڏور ڏيسُ.

• **ڏوڻ:** صفت. [سن. ڏو = ڏوڻ. ٻه] ٻيڻ – ٻيڻو – ڏوڻو – ڏهرو – ڏوڙو – ڏٻلُ – ڊبلُ – ٻنو.

– **ڏوڻا:** صفت. ٻيڻا – ٻنا – ڏُهرا – گهڻا – جهجها.

– **ڏوڻائڻُ:** مصدر. ٻيڻائڻُ – ٻيڻو ڪرڻ – ٻنو ڪرڻ – ٻيڻو ڪندو وڃڻ – ڏوڻو ڪرڻ – ڏُهرو ڪرڻ.

– **ڏوڻائي ج ڏوڻائيون:** ٺ. ٻيڻائي – ٻنائي – ڏوڻائي – ڏُهرائي.

– **ڏوڻو ج ڏوڻا:** صفت. ٻيڻو – ٻنو – ڏُهرو – ڏوڙو – ڏٻلُ. گهڻو – جهجهو.

• **ڏوهَ (ت):** صفت. [سن. دَشَنَ = ڏهَ] هڪ عدد جو نالو – ڏَهَ – ڏهَ.

• **ڏوهُ ج ڏوهَ:** ذ. [سن. دوش، دُش = خطا ڪرڻ. ڏوهُ] گُناهه – پاپ – تقصير – اپراڌ – قصور – جُرم – دوش – الزام. خطا – ڀُل – چُڪَ – غلطي – عيبُ – سُقم. عِتاب – ميار – حرف.

– **ڏوهاري ج ڏوهاري:** ذ. صفت. ڏوهي – ڏوهه جوڳو – تقصير وارو – پاپي – عاصي – بدڪارُ – ڪُڪرمي – اپراڌي – قصور وارو – گنهگار. خطاوار – مُجرم. حرفي – عتاب جوڳو – ميَاري.

– **ڏوهائتو ج ڏوهائتا:** ذ. صفت. ڏوهَ وارو – ڏوهَ جو – ڏوهي – ڏوهاري – گنهگار – عيبدار – حرفي – ميَاري – عتاب جوڳو.

– **ڏوهُ ٻاسَ ج ڏوهَ ٻاسون:** ٺ. قبوليت – مڃتا – اقرار نامو – سچي (ڪنهن ڏوهه جي).

– **ڏوهُ ٻاسڻُ:** قبولدار ٿيڻ – (قصور) قبول ڪرڻ – (خطا) مڃڻ – هائوڪار ڪرڻ.

– **ڏوهُ ٻاسڻو ج ڏوهُ ٻاسڻا:** ذ. صفت. ڏوهه ٻاسيندڙ – قصور مڃيندڙ – قبولدار – اقراري.

– **ڏوهُ ڏيڻُ:** الزام لڳائڻ – خطاوار ڪرڻ. عيب لڳائڻ.

– **ڏوهُ ڍڪڻُ:** عيب ڍڪڻُ – خطا پوشي ڪرڻ – گناهن کي ظاهر نه ڪرڻ.

– **ڏوهُ مڙهڻُ:** (ٻئي کي) خطاوار ٺهرائڻ – ڏوهه ڏيڻ (ٻئي تي گناهه ٺڦڻ).

– **ڏوهي ج ڏوهي:** ذ. صفت. ڏوهَ وارو – ڏوهُ ڪندڙ – ڏوهاري – گنهگار – پاپي – مجرم – اپراڌي – تقصير وارو. مياري – حرفي – عتاب جوڳو.

– **ڏوهاڳُ ج ڏوهاڳَ:** ذ. مڙس جو زال تي رنج يا ناراضپو – ڏهاڳُ.

• **ڏوهٽ (ٺ):** اسم خاص. ترڪ ٺڪرن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ڏوهٽو ج ڏوهٽا:** ذ. [پرا. دوهِتَ. سن دؤهِترَ = ڌيءَ جو پٽ] ڌيءَ جو پٽُ – ڌيءَ جو مذڪر اولادُ.

– **ڏوهٽاڻ:** ذ. ڌيءَ جو اولاد – ڌيءَ جي ٻهائي – جيئن ته: "ڏوهٽاڻ نه پيٽاڻ، جيئن وڌي تيئن ويري" (چوڻي).

– **ڏوهٽاڻو ج ڏوهٽاڻا:** ذ. صفت. – ڏهٽن جو – ڏهٽن وارو – ڏوهٽاڻ.

• **ڏوهٽي ج ڏوهٽيون (ٺ):** ٺ. مِنائيءَ جي هڪ چڪي – ٽڪي.

• **ڏوهٽ (ٺ):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ڏوهڻُ (ٺ):** مصدر. پسند نه ڪرڻ.

• **ڏوهر ج ڏوهرون (ٺ):** اوڇڻ جو هڪ قسم – ڪيسُ – ڪَٿو – لوئي.

• **ڏوهري ج ڏوهريون (ٺ):** ٺ. هيٺائين زمين – ڏَهرِ.

• **ڏوهڙو ج ڏوهڙا:** ذ. ٻه سِٽو بيتُ – دوهو – دوهيڙو – ڏوهيڙو.

• **ڏوهلو ج ڏوهلا (ٺ):** ذ. گهر جو وڏو صفحو – وڏي ڪوٺي.

• **ڏوهو ج ڏوها:** ذ. صفت. [سن. دوهِيَ = ڏهندڙ] ڪير ڏهندڙ – ڏوٺ ڪندڙ – ڏهائي ڪندڙ – ڏهندڙ. ڪير ڏهڻ جو ٿانءُ – وڏي دَڪي – چونٽري (ت). [سن. دوها = ڏوهيرو]. ٻن سِٽن جو بيتُ – ڏوهيڙو – دوهو.

• **ڏوهورُ ج ڏوهورَ (ٺ):** ذ. ٻن دڙن جي وچ وارو ميدان ڏَهَرُ.

Gul Hayat Institute

هيو ويري تنهن سين شامل آ شيطان، ٽيون ويري ويرو محبت زال زبان، چوٿون ويري ٿا چون بيٽو (پٽ) بي فرمان، پنجون ويري پيٽ آ جو نت نت گهري نان، ڇهون ويري آ اڄ جو لئي پاٿي پريشان، ستون ويري شهوت آ جنهن ڪيا هزارين حيران، اٺون ويري آڪرو تڪبر تولان، نائون ويري ننڊ آ غلفت جو گذران، ڏهون ويري ڏمر آ جهَل وڏو جولان، انهن ڏهن ويرين وچ مان جو ڪٽي جنگ جوان، آءُ سر ڪريان قربان، تنهن سورهيه تان ساهو چوي. (ساهو)

– **ڏهين:** صفت. ڪيترا ڀيرا ڏهه. بيشمار – بي انداز. جيئن: "ساهڙ مٿاءِ صدقو ڏهين ڏمَ ڏيانءِ" (شاھ).

• **ڏهُه:** ظرف. ڏانهن – طرف ڏي.

• **ڏهُ ج ڏهِ:** ذ. [سن. ديشُ = ڏيهُ] ڏيهُ – وطن – ملڪ – ديش.

– **ڏِها ڏِهُ:** ذ. ڏيهان ڏيهه – ملڪان ملڪ – هر هنڌَ.

– **ڏِهائِيُ ج ڏِهائِيَ:** ذ. صفت. ڏيهي – ملڪي – ديسي.

– **ڏِهْڙاڳُ ج ڏِهْڙاڳَ (ت):** ذ. صفت. ديس نيڪالي ڏنل – بدنام.

• **ڏهاجَ ج ڏهاجُونْ:** ث. ڦلاَٽْتِيْ عورت هيون دفعو پرڻيل – هڪ مڙس تان ٻيو دفعو مڙس ڪندڙ عورت (هہ. دُهاجو).

• **ڏهارِيْ ج ڏهارِيْ:** ذ. صفت. [سن. دَوشُ = ڏوهہ] ڏوهہ ڪندڙ – ڏوهي – مجرم – گنهگار – پاپي – خاطي – ڏوهاري.

• **ڏِهاڙو ج ڏِهاڙا:** ذ. [سن. دِوْ = چمڪڻ + "ڙو" اسمَ تصغير جي علامت. دِوَس = ڏينهن] ڏينهن ۽ رات جو عرصو – هڪ ڏينهن يوم – زور – وار – تِٿِ. زمانو – سَمون – وقت. اولياءَ جي ختمي جو ڏينهن.

– **ڏِهاڙِيْ ج ڏِهاڙيون:** ث. هر روز – روزانو – روزمره _ نت نئُون – هميشه _ سدائين. هڪ ڏينهن جي مزوري. هڪ ڏينهن جي ڪير مان نڪتل مکڻ. مٽي تي ٻڌڻ جو بوچڻ.

• **ڏَهاڪو ج ڏَهاڪا:** ذ. صفت. [سن. دَشَنُ = ڏهہ] ڏهن ايڪن جو جوڙ – ڏهن جو مجموعو – ڏهن جي لڳ ڀڳ – اٽڪل ڏَهَ – ڏَهَ ڪن. قضئيي (موت) ڪانپوءِ ڏهون ڏينهن ۽ ان تي ڪريا ڪَرمُ.

• **ڏهاڳَ (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

– **ڏهاڳُ ج ڏهاڳَ:** ذ. [سن. دُرُ ڀاڳيہ = بڇڙو + ڀاڳيہ = ڀاڳ] بد بختي – نياڳائي – ڪم نصيبي – اڀاڳ – زحمت. وڇوڙو – جدائي – فراق – ڦوڙائو – ڏکُ – مصيبت – تڪليف. مڙس جو وڇوڙو. ڪنهن زال کي طلاق ملڻ واري حالت يا مڙس جي مري وڃڻ جي حالت – رنوڙ پڻي – رَناپو – رنپڻ – طلاق. مڙس جو زال تي رنج يا ناراضپو يا اٺوٺت. (ضد. سُهاڳُ ج سُهَاڳَ).

– **ڏهاڳجڻ:** مصدر. ڏهاڳ ڏسڻ. رنڙ ٿيڻ – بيوهَ ٿيڻ.

– **ڏهاڳُ ڏِيڻُ:** رنڙ ڪرڻ – اڪيلو ڪرڻ يا ڇڏڻ – ڏک ڏيڻ.

– **ڏهاڳَ ڏور ٿِيَڻُ:** سهاڳ سَرڻ – نياڳ هليو وڃڻ – مِهر وارو مڙس ملڻ – گهر جو سکُ نصيب ٿيڻ – عيش و آرام حاصل ٿيڻ.

– **ڏهاڳِڻِ ج ڏهاڳڻِيُونْ:** ث. مڙس مري ويلَ عورت – مڙس جي ڏڪاريل عورت. بيوه. رَنـڙَ – رَنْڊڙُ – وِڌوا – ڏنيل – ڏَنـِيْ – ڦـلاونَتـِيْ. نياڳي – ڪمبخت.

– **ڏهاڳِيْ ج ڏهاڳِيْ:** صفت. ڏهاڳ وارو – ڏهاڳ هيٺ آيل – جدا ڪيل – ڏِڪارِيَلُ – ترِيَلُ. حُرفي – عتابي – مَياري.

• **ڏَهانْ:** ظرف. ڏانهن – ڏي – ان طرف ڏي – ايڏانهن – ايڏانهين – ڏهُونْ.

• **ڏَهائِيْ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڏِهائِيْ:** ظرف. ڏِهَاڙِيْ.

• **ڏهائڻُ:** مصدر. [سن. دُهْ = ڏهَڻُ] ڏهڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ.

– **ڏهائُو ج ڏهائَا:** ذ. کير ڏهڻ جو ٿانءُ. ڪاٺ جو ٿانءُ جنهن ۾ ڏاچِيْءَ جو کير ڏهجي – ساڙهو – گهاگهر. ڏوپ – ڏهائي – ڏودِ (ل). (صفت). ڏهندڙ – ڏوهو. جيئن ت: "ڪي ڏهائي ۾ ڏوهہ. ڪي ساڙهي سانگيڙي" (چوٿي). ڏکيو – ڏهليو – ڏوليو. (ضد – سُهائو).

– **ڏهائِيْ ج ڏهائِيُونْ:** ث. ڏودِ _ ڏوپُ. کير ڏهڻ جو ٿانءُ. کير ڏهڻ جي اُجرت.

– **ڏهائِيْ ڪَرڻُ:** کير ڏهڻ – ڏوپ ڪَرڻُ.

– **ڏَهائِيْ ج ڏَهائِيُونْ:** ث. [سن. دشَنْ = ڏَهَ] ڏَهُونْ حصو – ڏَهَانسُ. علم رياضي موجب ڪنهن بہ عدد جي ڏهين پتي.

– **ڏَهائِيْ جي نِشَانِيْ:** ث. ڊيسِيمَل.

– **ڏهيٽرو ج ڏهيٽرا (ت):** ذ. [سن. دُوُهِتَرُ = ڏهِٽو] ڌيءَ جو مذڪر اولادُ – ڌِيءَ جو پٽ يا فرزند – ڏهِٽو. (ث. ڏهْٽڙِيْ ج ڏهْٽڙِيُونْ).

Gul Hayat Institute

• **ڏھٽو ج ڏھٽا:** ذ. [سن. دُؤهَترُ = ڏهِٽو] ڌِيءَ جو مذڪر اولاد — ڌيءَ جو پُٽُ — ڏهٽرو.

— **ڏھٽاڻِ ج ڏھِٽاڻِيُونْ:** ث. ڌِيءَ جو اولاد.

• **ڏہ ڏِيڻُ:** ڳجهه بيان ڪرڻ — ڀيد کولڻ — راز ظاهر ڪرڻ.

• **ڏَھَرُ:** اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏَھَرَ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. روايت موجب پاڙن ۾ ورهايل ١ـ برهماڻي ٢ـ پنّي ٣ـ دوداڻي ۴ـ جنگاڻي ۵ـ ڪانجا ٦ـ ڪاپڙي ٧ـ راجڙي.

• **ڏَھَرُ ج ڏَھَرَ:** ذ. شاهه جي راڳ جو هڪ سُر ۽ راڳ. تعريف جا بيت — سُريلا بيت جيڪو دعا يا ذڪر طور ملتان جي غوث بهاءُالدين ۽ مخدوم نوح جا مريد وڏي آواز سان پڙهن. ڪوَتا — شعر — نظم — ڇَنُ. ٻن واريءَ جي دڙن ۾ ٺهيل ماٿري يا ميدان (جتي زمين پڪي هجي ۽ سال بسال برسات پوڻ تي آبادي ٿئي، جيئن هيڪل ڪوريءَ جو ڏَهَرُ). هيناهون ميدان جتي پاڻي گڏ ٿئي. (هه. ڍَهرُ = ڍَهَر). ڪيسَ جو هڪ قسم (ت).

• **ڏَھراجَ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڏَھرڪيْ:** اسم خاص. (ڏهر قبيلي جي) ضلعي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ شهر ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو.

• **ڏَھرنگُ:** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **ڏَھرو ج ڏَھرا:** ذ. بُتخانو — بُتڪده ـ ڏيرو — مندر — ديرو — دير (رسالو عام راءِ).

• **ڏھري:** اسم خاص. ڏاهري. (صفت). ٻوڪ — بيوقوف — جاهل — اناڙي.

• **ڏَھرجا (ت):** اسم خاص. راجڙ قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **ڏَھَسْ نَامُونْ ج ڏَھَسْ نَامَانْ:** ذ. [سن. دَشَنْ = ڏَهَ + نام = نالو] سنڌي شاعري ۾ سگهڙ پائي جو هڪ نمونو — شاعرانہ فَن — اهڙو بيت، جنهن ۾ ڏهن مختلف ٻولين جا يا ڏَهَ هم معنيٰ مختلف ڏکيا لفظ استعمال ڪيل هجن — اهڙو بيت، جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻين ٻولين جا انوکا لفظ استعمال ڪيل هجن. جيئن رات جي ڏهن نالن لاءِ ڏَهَسْنامون: تُڳي، توهياري، تامني، تَمْهَر، تامس، مس، شب، رين، رجني، ليل هَي. (نم شاعر).

• **ڏَھِسَئو ج ڏَھِسَئا:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن جي پيٽي ۾ هڪ هزار تندون هجن).

• **ڏَھڪَارُ ج ڏَھڪَارَ:** ڏَهڪَارُونْ: ذ. ث. [سن. دُسْيہ] هراس — ڊپ — ڊيڄو — ڌاءُ ـ ڀيانڪ حالت — ڀوءُ — ڏَرُ — ڏَڪِٽِي — خوف — ڊِڄُ. ٽاڪوڙو. ٽرٽلو — ٿڙٿوٽ — هاهاڪارُ — دهشت — هائيدُوسُ — ڏَهڪو — ڏاڪو — دَهڪو — دَهمانُ — ڏهڪاءُ — ڇِرڪو — ڇِرڪ — ٽاهُ.

• **ڏَھڪَاءُ ج ڏَھڪَاءَ:** ذ. ڏاڪو — ڏاڪ — هِراس — وسوسو — دهشت — رعب — تاب — ڌَپُ. خوف. حشمت — دٻدٻو — اقبالُ. نالو — ناموس — پڌرائي — وڏائي.

— **ڏَھڪَاءُ پوَڻُ:** ڏاڪو وِهَڻ — رعب وِهَڻ. ڊپ وِهڻ.

— **ڏَھڪَائِجَڻُ:** ڏهڪڻ — ڏهڪجڻ.

• **ڏَھڪَڻُ:** مصدر. ڊڄڻ — ڀؤ ڪرڻ — ڊپُ ڪرڻ — خوف ۾ اچڻ — ڏڪڻ — رَڦڻ — ڪَنْبڻ — ڏرڻ — هراسجڻ — دَهِلجڻ — خوف کائڻ — ڪؤڪرڻ.

• **ڏَھڪِجَڻُ:** مصدر. ڊڄڻ — هراسجڻ — ڌَپُ ڪرڻ — خوف ۾ اچڻ — ڏهڪڻ.

• **ڏھڪَاڄُ ج ڏھڪَاڄَ (ڪ):** ذ. جيت جو هڪ قسم (سائي رنگ جو جيت، جنهن کي جيڪڏهن مال کائي تہ مال هڪدم مري وڃي) — ڪاروواءُ.

• **ڏھُڳُ ج ڏھُڳَ:** ذ. [سن. دُرْ = خراب + ڀاڳيہ = ڀاڳُ] ڏهاڳُ.

• **ڏَھَلُ ج ڏَھَلَ:** ذ. وڏو ٿانءُ — وڏو ٿالهہ — وڏي ٿالهي. ڪاڏي سان خوب ڀريل برتن — پاٽوڙو — ڇَهْبَرُ. (صفت) گهڻ ڪاياڪ. وڏو ڏَرَڙُ — ٻِرگهَلُ. ڏلهي جيڏي پيٽ سان (ل).

• **ڏھِلَ (ڪ):** ث. گاهه جو هڪ قسم.

• **ڏھَلَ ج ڏھَلُون (ڪ):** ث. صفت. [سن. دُهْ = ڏَهَڻُ] ڏوڏ وغيره تي ڏنل يا ورتل چوپايو مالُ.

• **ڏھِلُو ج ڏھِلا:** ذ. [سن. دَشَنْ = ڏهہ] پتن يا تاس راند ڪيڏڻ ۾ ڏهن داڻن وارو پتو — ڏهو — ڏهيلو — ڏهہ خال — دَهلو — دَهيلو — دَهلِي — دَهيلِي — دَهو.

• **ڏِھْلو ج ڏِھْلا (ل):** ذ. ديرو — ڏيرو — ڏِهرو. جيئن تہ: "اسين فلاڻي جي ڏِهلي تي وياسين".

• **ڏھُلو ج ڏھِلا (ل):** ذ. [پرا. دُهِئہ: سن. دُهْڪَتَ + دُهّلِيْ + دَهْڪ = ڏَڪ] ڏَڪ وارو — ڏَڪيو — تڪليف وارو — سُورائتو — ايذايَلُ ڏَهيلو — ڏهيرو. ڏکيو — مُشڪل — اهنجو. جيئن تہ:

Gul Hayat Institute

• **ڏيبُ ج ڏيبَ:** ذ. [سن. دا = ڏيڻ] ڏاجُ – ڏاجو – ڏيجُ. انعام – ڏاڻ – بخشش. ڏيکاءُ (ت). وارو – گهمرو. جيئن ته: "مليو قسمت ۾ جڏهن، ڏکنجو ڏيبُ" (نجفي).

– **ڏيبُو ج ڏيبُو (ت):** ذ. صفت. ڏيکاءُ وارو – ڏيکاءُ جو.

• **ڏيبَائِيُ ج ڏيبَائِيُونِ (ٺ):** ث. ڪنهن ديوتا جي نالي ڪيل ٻڪري – باسيل ٻڪري – ڏيبَٺِيُ.

• **ڏيبَٺِيُ ج ڏيبَٺِيُونِ (ٺ):** ث. صفت. ڏيبَائِيُ.

• **ڏيبَڪَ ج ڏيبَڪُونِ:** ث. ڪمر پٽي ٻڌڻ جو هڪ نمونو. وَرُ – ڪُنجهُ – ٽبَڪَ.

• **ڏَيٽُ ج ڏَيٽَ:** ذ. [سن. دَئِيٽيِيَہ] دَيٽُ – دَئِيٽُ – ڏِئِيٽُ – ڏَئوٽُ.

• **ڏِيٽڪِيُ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏيتِيُ ج ڏيتِيُونِ:** ث. [سن. دا = ڏيڻ] ڏيڻ واري – ڏيڻ جهڙي (رقم – شئي وغيره) – ڏيڻ لائق – ڏيٽي.

– **ڏيتِيُ ليتِيُ ج ڏيتِيُونِ ليتِيُونِ:** ث. ڏيڻ وٺڻ جي حالت – ڏي وَٺُ – وهنوارُ – ليکو – حسابُ ڪتابُ – خريد فروخت – ڪاروبارُ – سؤدو واپار – لَهه وِچڙُ – واهپو – وهي واٽَ. هندن ۾ ڪنواريتن جو گهوٽيتن کي روڪڙ يا زيور، ڪپڙا ڏيڻ واري هڪ رسم.

• **ڏيڻَا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي نوشهري ۽ تعلقي حيدرآباد ۽ تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ريلوي اسٽيشن جو نالو.

• **ڏيڻِيُ:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏِيٽِيُ ج ڏِيٽِيُونِ (ت):** ث. اَنَ، سُٺُ، ٻٽَ وغيره ويڙهڻ لاءِ ڪاٺيءَ جو ٽڪر. اِٽي ڏڪرانڊ ۾ ڪم ايندڙ اِٽِيُ – گِلِيُ.

– **ڏِيٽِيُ ڏڪرُ ج ڏِيٽِيُونِ ڏڪرَ (ت):** ذ. اِٽِيُ ڏڪرُ – گِلِي ڏڪرُ.

– **ڏِيٽِيُ ڏڪرُ ڪيڏڻُ (ت):** پاڻ ۾ سخت وڙهڻ.

– **ڏِيٽِيُونِ ڪيڏڻُ (ت):** (وڙهڻ وقت) وار پٽڻ.

• **ڏيٺِ ج ڏيٺُونِ:** ث. [سن. درشنا. پرا. دِٺِيُ = ڏسڻ] ڏسڻ جي حالت – ڏيکاءُ – نظر – نگاهه. ملاقات – مڪاميلو – مُهاڪڙو – گڏجاڻي. واقفيت – سُڃاڻ – سُڃاڻپ – ڄاڻ سڃاڻ – پڇاڻ – واقفي – پرچو – سهيپو – لڳ لاڳاپو. سار سنڀالَ. مجلس – ڪچهري – رهاڻ – مارڪو. سَهِيُ. دوستي.

– **ڏيٺاپي (ت):** ظرف. تخمِيُني – اٽڪل موجب – ڏسڻ موجب – ٽڪل روءِ.

– **ڏيٺارو ج ڏيٺارا:** ذ. صفت. ڏيکارو – ڏيکاءُ – ڏيٺ – واقفيت – ملاقات. (ظرف) ڏٺو وائٺو – کليو کلايو – ظاهر ظهور.

– **ڏيٺارِيو ج ڏيٺارِياي ذ.** صفت. ڏيٺ وارو – واقف – ملاقاتي – دوست. ڏِٺَل – وائٺل.

– **ڏيٺاٺِيُ ڏيٺ:** صفت. نظاري ڏسندڙ – حسن ڏسندڙ.

– **ڏيٺِ ويٺِ ج ڏيٺُونِ ويٺُونِ:** ث. ڄاڻ سڃاڻ – واقفڪار – منهن لڳائي.

– **ڏيٺِ ويٺِ هُئڻُ:** واقفيت هئڻ – سڃاڻپ هئڻ.

– **ڏيٺِيُ ج ڏيٺِيُونِ:** ڏيٺِ ڄاڻ – سڃاڻ – واقفيت – ڏيٺ ويٺِ – ملاقات. جيئن ته: "آهي عنايت الله چئي ڏکن سان ڏيٺي".

– **ڏيٺِيُ ج ڏيٺِيُ:** ذ. صفت. ملاقي – ملاقاتي – واقف – سڃاڻو. (ظرف) مقابل روبرو – منهن سَامهُون.

• **ڏيٺارو ج ڏيٺارا:** ذ. [سن. دَرْشَنا: پرا. دِٺِيُ = ڏِسَڻ] چمڪات – سوجهرو – رِوشنائي – جهلڪو – تجَلو – اوجل – جرڪو – ڀهڪو. ڏيکارو [جِن يا غيبات وغيره جو] جن جو اثر – جن – ڀوتُ – ٻائُو – جُوڄائُو. ڊپُ – خوف – ڊاءُ – ڇرڪُ – حراسُ.

• **ڏيٺارو ڏِيڻُ (ٺ):** رات جو ڪنهن جن ڀوت وغيره جي ڀيانڪ شڪل ننڊ ۾ ڏسڻ.

• **ڏيٺاري جو حِسابُ:** ذ. لڳت جو حسابُ – جن ڀوتُ جو اثر.

• **ڏيپارچا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو – ڏيپارڇا. تعلقي ميرواه ۾ هڪ ديهه ۽ هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **ڏيپارڇا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو – ڏيپارچا.

• **ڏيپارچا جاڳِيرَ:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏيپالجِيُ ج ڏيپالجِيُ (ڪ):** ذ. شاگرد – ٻالڪو – چيلو. مريد.

• **ڏيپر:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڏِيپَرَ ج ڏيپَرُونِ:** ث. جوئر جو هڪ قسم.

• **ڏِيپِلو:** اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏِيپَڻُ (ٺ):** مصدر. ٽانڊي تي گهه وغيره وجهڻ سان لاٽ نڪرڻ.

• **ڏيجُ ج ڏيجَ:** ذ. [سن. دايہ < دا = ڏيڻ] عورت کي شاديءَ وقت مائٽن کان مليل سامان – ڏاجُ – ڏاجو – ڏيجو –

Gul Hayat Institute

• **ڏيکرُ ج ڏيکرَ (ل):** ذ. دَهْڪاءُ – ڌهڪاءُ – ڏَپُ – خوف. جيئن: "ڏَڏو ڏيکرَ" وغيره.

• **ڏيکرو ج ڏيکرا:** ذ. ڇوڪر – نينگرُ – ڏوڪرو.

• **ڏيکو ج ڏيڳا:** ذ. پکي جو وچ وارو ٽَنبُ – توٽي – ضامن.

• **ڏيکارڻُ:** مصدر. نظر ڪرائڻ – جاچڻ – معائنو ڪرائڻ. ڏَسَڻُ – اشارو ڪرڻ. ٻڌائڻ – آگاهه ڪرڻ – ٻتائڻ – سمجهائڻ. ظاهر ڪرڻ – پڌرو ڪرڻ. پيش ڪرڻ – روبرو ڪرڻ.

– **ڏيکُ ج ڏيکَ:** ذ. نظارو – لقاءُ – ڏيک ويک – ديدارُ. ٻاهرين يا ظاهري شڪل و صورت. ٺَٺُ – ٺپيڪو – ٺاهه ٺوهه – ٺڙڪو ڦڙڪو – ٽيپ ٽاپُ – ادمبر – ٺاسُ – ٺاٺُ. نماءُ جنسار – بناوٽ – سينگار. ويسُ – لِباسُ.

– **ڏيکارو ج ڏيکارا:** ذ. نظر – نِگاهه – نرت – ڏسٽي – ٻهارت – دِرِشٽ ـ جوتُ – دِيدُ. نظارو – نِماءُ – تماشو – لقاءُ – دِيدارُ. پڌرائي – ظاهرائي – پرڪاش – ظهور – ويڪني – ڏيکاري – ڏيکائي – اگهٽ. رَوش – هلت ڍنگُ – ورتاءُ. شڪل – صورت. ڏيٺارو.

– **ڏيکارا ڏِيڻُ:** ڏيکائي ڏيڻ – ڏيکاري ڏيڻ – آڏو اچڻ – ظاهر ٿيڻ – درپيش اچڻ.

– **ڏيکاريْ ج ڏيکارِيُونْ:** ث. ڏيکارو – ڏيکاءُ – ديدارُ – ڏيٺارو.

– **ڏيکارِيْ ڏِيڻُ:** پر گهٽ ٿيڻ – نازل ٿيڻ – ظاهر ٿيڻ – ڏسڻ ۾ اچڻ – نظر تي چڙهڻ – حاضر ٿيڻ.

– **ڏيکاءُ ج ڏيکاءَ:** ذ. ديدارُ – نظارو – نمائش – بناوٽ – ٺاهه ٺوهه. ظاهري ٺَٺُ – ڏيکارو.

– **ڏيکائِتو ج ڏيکائِتا:** ذ. صفت. ڏيک وارو – ڏسڻ جهڙو. موچارو – سُنو. مهانڊي وارو – ڊولائتو – شڪيل – مهانڊي ڀريو – سهڻو. سينگاريل – آراسته – رنگين – زينت ڀريو. وڙائتو ـ لائق ـ اُچت – ڏِسڻو.

– **ڏيکائِڻُ:** مصدر. ظاهر ٿيڻ – پڌرو ٿيڻ.

– **ڏيکائِيْ ج ڏيکائِيُونْ:** ث. ڏسڻ ۾ اچڻ جي حالت. نمائش – نظارو. ٺاٺ – تجمل.

– **ڏيکائِيْ ڏِيڻُ:** نظر اچڻ – ظاهر ٿيڻ – پڌرو ٿيڻ.

– **ڏيکُ پسَنْدُ ج ڏيکُ پسَنْدَ:** ذ. صفت. نمائش بين – شوقين – ڏيکرُ.

– **ڏيکدارُ ج ڏيکدارَ:** ذ. صفت. ڏسڻ جهڙو – ڏيکائتو. ديداري. چمڪيدارُ – چمڪيلو – رونقدارُ – طلسِمي. ٺاسِي – ادمبري – لباسي – ڏيکَرُ ـ ڏيکِيْ.

– **ڏيکَرُ ج ڏيکَرَ:** ذ. صفت. ڏيک وارو – ڏيکائو – ڏيکُ پسند – ادمبري – ٺاٺ پسند – ڏيکِي ڏيکدارُ.

– **ڏيکِڙو ج ڏيکِڙا (ڪ):** ذ. سنو ڏيکُ ويکُ – ٺپيڪو ٺاٺُ – ٺاهه ٺوهه.

– **ڏيکَڻُ:** مصدر. ڏسڻ.

– **ڏيکُ ويکُ ج ڏيکُ ويکَ:** ذ. ظاهري ڏيکاءُ – ڏيکُ – ٻاهريون ٺَٺُ – ٺاسُ – ادمبر – ٺپيڪو – ٺڙڪو ڦڙڪو – ويسَ – ٺاهَ ٺُوهَ. لقاءُ – نمائش – تماشو – نماءُ – ڏيکاءُ.

– **ڏيک ويکُ رَکڻُ:** ٻاهريون ٺَٺُ رکڻ.

– **ڏيکُ ويکِيو ج ڏيکُ ويکِيا:** ذ.صفت. ڏيکائتو – ڏيکِي – ادمبري – چمڪيلو – نمودارُ – ديداري – ڏيکَر.

– **ڏيکِيْ ج ڏيکِيْ:** صفت. ڏيکائتو – ادمبري – چمڪيلو – نمودارُ – ديداري – طُلسِمِيْ – ٺپيڪيدارُ.

• **ڏِيلُ ج ڏِيلَ:** ذ. [هه. ڊيل.] بدن – جسم – ديهَ – ٻيري – جثو – ڏيهي – ديهي – بت – تن – سَرِيْرُ – ڪايا – دِڌِ – پيٽُ. بدن جي بيهڪ – هائي – قد – ڪائي – قدَ بُت – قدقامت. اندر – من – دِل. اندازُ – ڪاڇو – ماپَ – ڪَٿَ – تَڪَ – آڪارُ – مقدارُ. ٻاهرين بناوت – تجمل (ت). ڏَپُ – خوف هراسُ. (ت) گاهه جو هڪ قسم – ڏِيرُ (ت).

– **ڏِيلُ ڏَرَڻُ:** گهڻو ڀَوُ ٿيڻ ـ ڏپ ٿيڻ – بدن ڪنبڻ – ٿڙڪڻ (ڏپ سبب).

– **ڏِيلُ ڏَڪڻُ:** هِينيُونْ ڪنبڻ – دِلُ ڌڙڪڻ – تمام گهڻو ڏڄڻ – حد کان زياده خوف طاري ٿيڻ – ڏيلُ ڏرڻ.

• **ڏيلو ج ڏيلا (ٺ – ت):** ذ. [ف. ديرَهْ: ع. دائِرهْ = ڏيرو] ڏيرو (ث. ڏيلِيْ ج ڏيلِيُونْ).

• **ڏيلِهو ج ڏيلِهَا:** ذ. ڪرڙ جو ڪچو ڦَرُ – ڏونٺرو – پَڪو – ڏينو – ڏينهو.

• **ڏيلهه ڏُڪِيْ ج ڏيلهه ڏُڪِيُونْ (ت):** ث. سن بلوغت کي پهتل ڇوڪري – بوراڪ. نَنڍڙن ٻَبن واري ڇوڪري.

• **ڏيلهُون ڏِسڻَ (ت):** ڏک ڏسڻ – تڪليف ڏسڻ – تڪليف اچڻ.

Gul Hayat Institute

– **ڏيهي حِسابُ ج ڏيهي حِسابَ:** ذ. ملڪي حِساب.

• **ڏِيهُ ج ڏِيهَ:** ذ. [سن. دوَسَ: پرا. ڏِئهو = ڏينهن] ڏينهن. وقت – زمانو – دؤر. قسمت – بخت – نصيبُ.

– **ڏِيهَاڙو ج ڏيهَاڙا:** ذ. ڏينهن – ڏينهاڙو.

– **ڏِيهاڙي ج ڏيهاڙيون:** ث. روزانو – روزمره ـ هميشه. اُهو مکڻ جو مقدار جو روزانو لهي.

– **ڏِيهاڙِيَ:** ظرف. ڏيهاڙي – روزانو – روزمره ـ هر روز – ڏهاڙي.

• **ڏِيهَر(لس):** ذ. گاهه جو هڪ قسم – ڏِيرُ گاهُ.

• **ڏيهرو ج ڏيهرا (ٺ):** ذ. ڏيرو.

• **ڏيهي ج ڏيهِيُونَ:** ث. ڏِيلُ – بدن – جسم – تن – ديهِي. جيئن: "جا ڳائج جانعلي چوي، ڏيهِي منجهه ڏيئو" (جانعلي لغاري).

– **ڏيهي ۾ سُورلَڳَڻُ:** جسم ۾ خرابي پيدا ٿيڻ.

• **ڏِيئا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڏِيئَـرو ج ڏِيئَـرا (ٺ):** ذ. ساندارو – پَخال. (ٺ ڏِيئَري ج ڏِيئَريُونَ).

• **ڏِيئُڙا:** اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

– **ڏِيئَـڻُ:** مصدر. [سن. دا = ڏيڻ] ڏيڻ. (ڏنو – ڏئيندو – ڏنل).

• **ڏيئي ٻَجهائڻُ:** بحث ۾ لاجواب ڪرڻ.

– **ڏيئي وَئي بيهڻ:** زور لڳائي ٽڪجڻ – سخت ڪوشش ۾ ناڪام ٿيڻ – ڪڪ ٿيڻ. همت هارڻ.

– **ڏيئي وَئي وِڃڻُ:** هٿ ڌوئي وهڻ – آسرو لاهي ڇڏڻ – بي آبرو ٿيڻ – خالي ٿي وڃڻ – دل واري يا قيمتي شئي گم ڪرڻ – سخت بيمار ٿيڻ.

• **ڏِيئَـو ج ڏِيئا:** ذ. [سن. دِيپ: پرا. دِيو = ڏيئو] ننڍي چمني جنهن ۾ تيل ۽ ڪپهه جي وٽ وجهي ٻارجي – ڏيو – ڏئو.

– **ڏ يئي ٻرئي:** ظرف. رات جو – سانجهيءَ جو وقت – مُنهن اونداهي.

Gul Hayat Institute

- **ٻڙڪارڻُ (ل):** مصدر. وات سان ٺٺول طور ٻر ٻر جو آواز ڪرڻ.
- **ٻُڙڪو ج ٻُڙڪا:** ذ. (آواز) وات سان "ڏَڙ ڏَڙ" جو ڪيل آواز. ريڊار جو رڊ کي سڏ ڪرڻ جو آواز.
- **ڊِڙگ روڊ:** اسم خاص. فيڊرل ايريا ڪراچي ۾ هڪ ديهه ۽ شهر جو نالو.
- **ڊِرِلَ ج ڊِرِلُون:** ث. [انگ] فوجي قواعد – صف آرائي – قواعد – پريٽ – پريڊ.
- **ڊرَمُ ج ڊرَمَ (ت):** ذ. [انگ. Durm] ڪورين جو تاجي ڪڍڻ جو هڪ اوزار (جنهن تي تندون ٻه ويڙهيون ونديون آهن ۽ پيڻ ٻه چڙهندو ويندو آهي).
- **ڊِرِيائِي (ڊيائي):** ذ. صفت. [ڊرنءَ = واري > ڊرن + پائي = واريءَ جي طرف جا] سنڌ جي اُٺن جو هڪ قسم – اچڙي ٿرجي پاسي جا اُٺ.
- **ڊڙَ ج ڊڙُون:** ث. مٿاهين زمين. ڏاڍي مارَ – ڦيهه – سَٽ ڪُٽ. مينهن جو زور سان وسڪارو. ٻڪرين ۽ رڍن جو برساتن ۾ گهٽي انداز ۾ ڦرڻ جي حالت.
- **ڊِڙُ:** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڊِڙُ ج ڊڙَ (ل):** ذ. گهوڙن جو طبيلو – ڪڙهه – ٿانُ.
- **ڊڙا ٻاشِي هڻڻُ (ت):** ٻَناڪون هڻڻ – ڪچهري ڪرڻ – رهاڻ ڪرڻ.
- **ڊڙاشُ ج ڊڙاشُون (ت):** ذ. ڊِڳ – گهٽو – جهجهو.
- **ڊڙامُون ج ڊڙامان:** ذ. ڊوڙندڙن جي پيرن جو آواز – آواز – دهڪو. ٺاهه ٺوهه – بندوسبت.
- **ڊڙَڻُ:** مصدر. ڪِرڻ – ڊهڻ. گهايل ٿيڻ – زخمي ٿيڻ – ڦٽجي پوڻ (جهڳڙي وغيره ۾). موچڙا کائڻ – ڪُٽجڻ – سٽجڻ. وٽجڻ – قابو ٿيڻ (بيماري وغيره ۾).
- **ڊڙِجِي پوڻُ:** سٽجي پوڻ – وٽجي پوڻ (بيماريءَ ۾). مري وڃڻ.
- **ڊڙَڻُ:** مصدر. سٽڻ – ڪُٽڻ – ڳاهڻ – ڏاگوڙڻ – سڙهڻ – جهڳوڙڻ. سخت مار ڏيڻ – ڏڪ مٽ ڪرڻ – ڏڪ هڻڻ – پڃ ڏيڻ – پڃ ڪڍڻ – مار ڏيڻ. ڳڏڻ. ڪپهه، ڏاس يا پشم کي سنهن لَڪڻن سان سَٽي ڪُٽي صاف ڪرڻ – ٽپڻ – پڃڻ (ڪ). چانهين يا ڳڊرن جي واڙيءَ مان گاهه يا ڪانڊيرا ڪڍي صاف ڪرڻ (ل). ڊاهڻ – ڪيرائڻ – ڦٽائڻ – ناس ڪرڻ (ت).

– **ڊڙِي رَکَڻُ:** سَٽي رکڻ – ڪُٽي ڇڏڻ. سخت مار ڪيڻ – جهڳور ڪيڻ.
- **ڊِڙو ج ڊِڙا (ل):** ذ. مِٽيءَ جو دڙو – ڊَبَ – دَڙو.
- **ڊڙُهه ج ڊِڙُهو:** ذ. صفت. مضبوط – پڪو – اچلُ – اِسْتِرُ – اٽلُ – پُختو – ڏاڍو – قابُو – سوگهو – قائم – ڪپ ڪوڙ – ثابت قدم.
- **ڊِڙهتا ج ڊِڙهتائُون:** ث. مضبوطي – پختائي – پڪائي – ڏاڍائي. سوگهائي – برقراري – ثابت قدمي.
- **ڊِزائِنْ ج ڊِزائِنُون:** ث. [انگ]. نقشو – خاڪو – نمونو – بيهڪ – اڏاوت.
- **ڊسَ ج ڊسُون:** ث. مِٽيءَ جو غبار – ڌوڙ – دَزَ – رئِي (ت). بَد دعا – پِٽَ – پاراتو – اولاٽيو (ڪ).
- **ڊُسَ ج ڊُسُون (ل):** ث. ڊاسڙ زمين – وارياسي زمين – ڊَسُڙُ – ڌُوڙ واري زمين – ڊُسُڙُ.
- **ڊسْٽَرُ ج ڊسْٽَرَ:** ذ. [انگ] بورڊ صاف ڪرڻ جو ڪپڙو.
- **ڊسٽرِڪٽ:** ذ. [انگ. District] علائقي جو حصو – ضلعو.
- **ڊسَڙَ ج ڊسَڙُون:** ث. ڪجهه واري گڏيل چيڪي يا کهري مِٽِي. ٻُيڙ – ڌُڌِڙ – ٻُسڙ – ڌوڙ. وارياسي زمين.
- **ڊُسڙِ ج ڊُسڙُون:** ث. وارياسي زمين – ڊَسَڙِ.
- **ڊسْڪَڻُ (ت):** مصدر. گهلجڻ – گِهرڪڻ – ڪِري پوڻ. ڌِڪو کائڻ – ٿاٻو کائڻ.
- **ڊسْڪو ج ڊسْڪا:** ذ. ڪِرڻ جو آواز. ڌَڪ هڻڻ جو آواز – ٿاٻو کائڻ.

– **ڊسْڪو ج ڊسْڪا:** ذ. ڪِرڻ جو آواز. ڌَڪ هڻڻ جو آواز – ڦَهڪو.
– **ڊسْڪو مَچائِڻُ:** گوڙ ڪرڻ – هُل ڪرڻ – جهيڙو ڪرڻ.
- **ڊسْمِسْ:** ذ. [انگ. Dismiss] خارج – معزول – برطرف – نيڪالي – رخصت – جواب (نوڪريءَ کان).
- **ڊِسْمِسْ ڪَرَڻُ:** خارج ڪرڻ – نوڪريءَ مان ڪيڻ.
- **ڊِسْمبَرُ:** اسم خاص. [انگ. December] عيسوي سال جو ٻارهون مهينو.
- **ڊُسَڻُ (ڪ):** مصدر. ڊاهڻ – ڦٽائڻ – نابود ڪرڻ.
- **ڊُسِي ج ڊُسِيُون (ٿ):** ث. ڊِڳيءَ جو سڱن سان ڏنل ٺيلهو –

Gul Hayat Institute

— پڄائڻ — هلائڻ — هڪلڻ — ڏيکائڻ — تورڻ.

• **ڏِگـَرُ ج ڏِگـَرَ:** ذ. وڏو ڇڙو — سانئيڙ.

• **ڏِگـَرِ ج ڏِگـَرُوْن (ت):** ث. وڏائي — مغروري — تيزي.

• **ڏِگـِرو ج ڏِگـِرا (ل):** ذ. اڻ وڻندڙ آواز وارو مَترُ — پڳل ڇڙو — بي سُرو ڇڙو مَترُ.

• **ڏِگـِري ج ڏِگـِريُوْن:** [انگ] حڪم — فيصلو. فتح — سوڀ — جيت. قرض ثابت ٿيڻ جو سرڪاري فيصلو — ڏڪري — ضبطي — درجو — منزل. ڪاميابيءَ جي سَنَد.

— **ڏِگـِري وَٺَڻُ:** درجو حاصل ڪرڻ — سَنَد وٺڻ.

• **ڏِگـِلو ج ڏِگـِلا:** ذ. [هه. ڏگلا] ڪپهه وارو پهراڻ — گدلو.

• **ڏِگـَڻُ (ل):** مصدر. ڏگ هلڻ — ڊوڙڻ — ڏُڪڻ — ٽِپڻ.

• **ڏِگوشُ ج ڏِگوشَ:** ذ. ڏانديءَ پڪيءَ جو هڪ قسم.

• **ڏِگوشِي ج ڏِگوشِيُوْن (ٿ):** ث. ڏگوش.

• **ڏِگِي ج ڏِگِيُوْن:** ث. صفت. بدچال عورت.

• **ڏِگِڙَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڏِگِڙُ ج ڏِگِڙَ:** ذ. ڪٽڪ جي اٽي مان ٿلهي پڪل ماني — روڍلو — روٽلو — ڍوڍو — بنا گيهه ماني. پڪل مانيءَ جو هيٺيون پاگو يا ڪل (ت).

— **ڏِگِڙِي ج ڏِگِڙِيُوْن:** ث. ڪٽڪ جي سنهي پڪل ماني — ڦلڪو — چپاتي.

• **ڏِگهه:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو تعلقي سڪرنڊ. تعلقي ٽنڊي باگي ۽ تعلقي ماتلي ۾ ديهه جو نالو.

• **ڏِگهه ج ڏِگهون:** ث. [سن ديرگهه = ديگهه] ڇڏ ـ واڌ ـ پاڌ ـ ڊيگهه.

— **ڏِگهه رس:** ث. رَسي ڏگهي ڇڏڻ جي حالت — ڇڙواڳي — آزادي. اختياريءَ جي پهچ. پاڌ — واڳ.

— **ڏِگهڙ ج ڏِگهڙَ:** ذ. صفت. ڏگهو — جانگهڙيل — جانگهو.

— **ڏِگهه ڪَرَڻُ (ت):** شڪارين جو هڪ اصطلاح — سُوئر کي واڌ سان ٻڌڻ.

• **ڏِگهه ج ڏِگهه:** ذ. صفت. [سن. ديرگهه = ديگهه] ڏگهو.

• **ڏِگهارَڻُ:** مصدر. [سن. ديرگهه = ديگهه] ڏگهو ڪرڻ.

• **ڏِگهائي ج ڏِگهائيُوْن:** ث. [سن. ديرگهه = ديگهه] ڊيگهه — ڏگهارڻ — ڏگهائي — لمبائي — طول. اوچائي — متاهين — بلندي — لام.

— **ڏِگهائي ڦاڪ ج ڏِگهائي ڦاڪُون:** ث. ڌرتيءَ تي اُتر قطب کان ڏکڻ قطب تائين ٻيل خيالي ليڪ (جا ڌرتيءَ کي پورا ٻه اڌ ڪري ٿي ۽ ڏگهائي ڦاڪون ڪُل ٣٦٠ آهن).

• **ڏِگهرائين:** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏِگهڙي:** اسم خاص. تعلقي ڏگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏِگهل:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏِگهو ج ڏِگها:** ذ. صفت. [سن. ديرگهه = ديگهه] پانڌ ۾ وڏو — لمبو — لامبو — ٽينگ — ٽينگو — ڏگهه — طولُ — مٿي اُتاهون — اُچو — اُتم — اعليٰ — وڏو — صدر.

— **ڏِگهاڻ ج ڏِگهاڻيُوْن:** ث. ڊيگهه.

— **ڏِگها هٿ هُئڻ:** پڄندي گهڻي هئڻ. پري جي پهچ هجڻ — طاقت هئڻ — اثر رسوخ هئڻ. پري جي دوستي هئڻ.

— **ڏِگهو ٿيڻُ (ت):** پاڻ کي معتبر سمجهڻ — وڏو ٿيڻ.

— **ڏِگهو رَسو ڏيڻُ:** ير ڏيڻ — آزادي ڏيڻ — ڇڙواڳي ڏيڻ. هر هڪ ڪم ۾ پوري اختياري ڏيڻ.

— **ڏِگهو منڊرو ڇوڙڻُ:** بدشد ڳالهائڻ — ڦٽڪارڻ — ڄٽ ڪرڻ. گهٽ وڌ ڇوڻ — ننڌڻ.

— **ڏِگهو گول ج ڏگها گول:** ذ. آني جهڙي شڪل جو بيضوي گول.

— **ڏِگهي ج ڏِگهيُوْن:** ث. صفت. "ڏگهو" جو مؤنث.

— **ڏِگهي جهل (ت):** ث. لڪل عيب.

— **ڏِگهي واڳ هُئڻ:** مرضيءَ جو مالڪ هئڻ (ٿوري وقت لاءِ) — آزاد هئڻ — خود مختيار هئڻ.

• **ڏِگهوشُ ج ڏِگهوشَ:** ذ. ڏسو "ڏِگوشُ".

• **ڏِگهيرَڻُ:** مصدر. [سن. ديرگهه = ديگهه] ڏگهو ڪرڻ — ديگهه ڏيڻ — اينگهائڻ — ڏگهارڻ — وڌائڻ — لمبو ڪرڻ — طول ڏيڻ. پکيڙڻ — ڦهلاءُ ڪرڻ — پسارڻ — وستار ڪرڻ. کولڻ — اُکولڻ — اُکوڙڻ — اُکيڙڻ — وڇائڻ — پٽڻ.

— **ڏِگهير ج ڏِگهيرُوْن:** ث. ڊيگهه — اينگهه — طول — وڌاءُ — پکيڙ — ڦلاءُ — وستارُ.

— **ڏِگهير ڪَرَڻُ:** اينگهه ڪرڻ — وڌاءُ ڪرڻ. ڊيگهه ڪرڻ. گهٽڻ سان ناتو رکڻ — مائٽي وڌائڻ.

— **ڏِگهيرڙو ج ڏِگهيرڙا:** اسم تصغير. ڪجهه وڌيرڙو — اوچيرڙو.

— **ڏِگهيرو ج ڏِگهيرا:** ذ. صفت. ڪجهه ڏگهو — ڪجهه وڏو ٿورو

Gul Hayat Institute

موڪلڻ. روانو ڪرڻ. ٿَڪائڻ – محنت ڪرائڻ. حيران ڪرڻ – تنگ ڪرڻ – تِيڪائڻ.

• **ٻوڙَ ٻُڪَ ج ٻوڙُون ٻُڪُونْ:** ٿ. ڀڄ ڊوڙ – ڀڄ ڊُڪ – وٺ پڪڙ – هڻ وٺ – وٺ ڀڄ – اڄ وڃ. ميڙ منٿ. ڪوشش – سعيو – حيلو حوالو. بندوبست – انتظام.

– **ٻوڙ ٻُڪ ڪَرَڻُ:** ڀڄ ڊوڙ ڪرڻ – ڪوشش ڪرڻ – تکڙ ڪرڻ.

– **ٻوڙَڻُ ٻُڪڻُ:** ڪوشش ڪرڻ – ڀڄڻ.

• **ٻوسِڪو ج ٻوسِڪا (ت):** ذ. پِٽَ – روڄ – راڙو – ماتم – واءِ ويلا.

• **ٻُوسَڻُ ج ٻُوسَڻَ (ل):** ذ. صفت. تمام ٿُلهو.

• **ٻُوشُ ج ٻوشَ (ڪ):** ذ. [سن. دروھ = دغا] بڪواس – واهيات گفتگو. ڊوھ – دشمني. (ت) مهاندو – صورت – شڪل.

– **ٻوش ڏيِڻُ (ڪ):** بڪ بڪ ڪرڻ – واهيات ڳالهه ڪرڻ.

• **ٻوشڪَـرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه ۾).

• **ٻوڪَ ج ٻوڪُونْ (ت):** ٿ. صفت. گهٽو پٽڙو – ڇڊو – پاڪو – پاهو (ٻيٽ يا ٻوڙ وغيره).

• **ٻُوڳا (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻوڳانْ:** ٿ. منگر مڇيءَ جو هڪ قسم (منهن آڌو ڏيڍ فوٽ جو سگ، جنهن جي ٻنهي پاسي چوٽين ۾ اڪيون، قد ٽن کان پنج فوٽ ۽ سندس ٻچي جو نالو ائٽڙي).

• **ٻوڳانڊ:** اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻُوڪارَڻُ (ل):** مصدر. آواز ڪرڻ – پڪارڻ – سڏڻ.

– **ٻُوڪارَ (ل) ج ٻُوڪارَڻُ:** ٿ. وات سان ڪيل آواز – سَڏُ – پُڪارَ.

• **ٻوڪَڻُ:** مصدر. [هہ. دوڙنا: سن. دَرَوَڻَ = ڊوڙڻ] تکو ڀڄڻ – ڊُڪڻ – ڊوڙڻ.

– **ٻوڪَ ج ٻوڪُونْ:** ٿ. ڊوڙ ـ ڊُڪ – ڀاڄ – ڇهي – هڙي (ٿ).

– **ٻوڪائِڻُ:** مصدر. ڊوڙائڻ – ڀڄائڻ – ڊُڪائڻ – تکو هڪلڻ.

– **ٻوڪَ پائِڻُ:** ڊوڙ پائڻ – تکو ڊوڪڻ – ڊڪڻ – ڀڄڻ.

– **ٻوڪِٽُو ج ٻوڪِٽَا:** ذ. صفت. ڊوڙٽو – ڊُڪٽو – ڀڄٽو. تکو – ڇهو.

– **ٻوڪو ج ٻوڳا:** ذ. صفت. ڊوڙٽو – ڊڪٽو – ڀڄٽو – تکو ڊوڙندڙ – تکو – تکڙو – تيز – جلد باز – چوٽ – ڊوڪٽو.

• **ٻوڪِيْ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻوڪِيَا:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ واهه جو نالو.

• **ٻوڪرُ ج ٻوڪَرُ (ت):** ذ. صفت. بيڪار – نڪمو. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

• **ٻوڪَڻُ (ڪ – ل):** مصدر. ڏسڻ – لڪڻ – جاچڻ – نظر ڪرڻ.

– **ٻوڪَ ج ٻوڪُون:** ٿ. سماءُ – سڌ – خبر – نظر – نگاهه.

– **ٻوڪَا ج ٻوڪَائُونْ:** ٿ. نگاهه – نظر – نهار. جاچ – خبر. پتو – نشان.

– **ٻوڪَا ڪَـرَڻُ:** نظر ڪرڻ – جاچ ڪرڻ.

– **ٻوڪَاءُ ج ٻوڪَاءَ:** ذ. ٻوڪا.

• **ٻُولَ:** اسم خاص. تعلقي ٽُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻولْ ج ٻولَ:** ذ. [سن. درورِي = سينگار] ڍنگ – نمونو – وجهه – ڍب – ريت – طرح – قسم – وانگر. طور – طريقو – رستو – طرز – گهاٽ گهاڙ. شڪل – صورت – ڏانءُ – روپ – ويس – حالت – دستور. رواج – چالو – روش – پرويز – وتيرو – ٻَـرَ. نقشو – خاڪو – اڏاوت – بيهڪ – ڏيک – ويک – سجاوٽ.

– **ٻولائِتو ج ٻولائِتَا:** ذ. صفت. ٻول جو – طور وارو – طريقي وارو – نموني وارو. دستور وارو – ٻَرِ وارو – ڍنگ وارو – ريتائتو. سُٺي بيهڪ وارو – سهڻي نموني وارو – ڏيک ويک وارو – زيبائتو – مورتوند – ٺاهوڪو – سجائتو. سهڻو – موچارو – شڪيل – خاصو.

– **ٻولِبَازُ ج ٻولِبَازَ:** ذ. صفت. نمونو ڪندڙ – ڍنگباز – هنري – ٺڳ – دولابي – دوکيباز – چالباز. حرفتي – هوشيار – چالاڪ.

– **ٻولِبَازِيْ ج ٻولِبَازِيُونْ:** ٿ. نموني بازي – ڍنگبازي – چالبازي – دوکيبازي – ٺڳي – مڪر – فريب – چالاڪي – حرفت – اٽڪل – هوشياري.

• **ٻُولْ ج ٻُولَ (ل – ت):** ذ. چلم يا حقي جي ڦل يا ٽوپيءَ کي ڍڪڻ لاءِ لوهه جو مخروطي نموني جو ڍڪ. سڄيل ٻوٿ – سُوٽل مُنهن – شڪل – مُهاندو.

– **ٻُولُ ٻِلاڙو ج ٻُولُ ٻِلاڙا (ٻُولُ ٻِلاڙو ج ٻُولُ ٻِلاڙا):** ذ. صفت. ڪوجهو – بدزيبو – بدصورت – بدشڪل – بدنما – روپ هيڻ – ڏَرَڙُ – مَرَڙُ – ڪُروپ. بڇڙو – خراب – ڪِنو – مڪروهه – نفرت انگيز.

Gul Hayat Institute

– **ٻولُ شڪلِ**: ذ. صفت. ڏول جهڙو – مخروطي – گانءِ پڇو.
– **ٻولو ج ٻولا**: ذ. صفت. مُنهن سُوٽل – ٻوت سُوٽل – چپن ٿلهو – چپن لڙيل – بدشڪل.
– **ٻولا ڪرڻُ (چپ)**: چَپ سُجائڻ – منهن ٻُچڙو ڪرڻ – مُنهن سُجائڻ.
• **ٻولا، ٻوليا (ت)**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ٻوليرُ ج ٻوليـرَ (ل)**: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.
• **ٻوِمرُ ج ٻوِمرَ**: ذ. پکيءَجو هڪ قسم – لِڪٽو – لڪندڙ – دوم. (اسم خاص) ميراسي – وڄت وارو – گهٽ ذات وارو ماڻهو.
• **ٻومبري**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه ضلعي ۾).
• **ٻومبڪي**: اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (ڏهه پاڙا: ١. ميرازئي ٢. آدماڻي ٣. ٻيٽاڻي ۴. بوزدار ۵. گشڪوري ٦. گولاٽا ٧. گدواڻي ٨. گبول ٩. گجاڻي ١٠. لُنڊ. جي اتر سرحد سنڌ ۽ سکر ضلعي ۾ رهن ٿا).
• **ٻومِڪي**: اسم خاص. ڊومبڪي.
• **ٻومڻُ ج ٻومڻَ (ڪ)**: ذ. برتن – ٿانءُ.
• **ٻومڻُ واهُ**: اسم خاص. حيدرآباد شهر ۾ هڪ گندي پاڻيءَ جو واهه. جو شهر جي ننڍين ڪسين ۽ نالين جو گندو پاڻي ڪٺي ڪري ڦليليءَ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو.
• **ٻومڻُ (ڪ)**: ذ. وڻ جو هڪ قسم.
• **ٻونبُ ج ٻونبَ (ت)**: ذ. صفت. تمام وڏو – ڊگهو – لمبو.
• **ٻونبڪُ ج ٻونبڪَ**: ذ. صفت. 'ڊونبُ' جو اسم تصغير. ڪجهه وڏو – وڏيرڙو.
– **ٻونبڙُ ج ٻونبڙَ**: ذ. صفت. ڊونبُ.
• **ٻونبڪي ج ٻونبڪيون (ت)**: ث. خوشيءَ مان ٽپ يا ڇال – ٺينگ.
– **ٻونبڪيون هڻڻُ**: خوشيون ڪرڻ – ڇال هڻڻ – ٺينگ ڏيڻ.
• **ٻونڊُ ج ٻونڊَ**: ذ. [مر. ڊوئي. سن. دروئي = ٻيڙي] دريائي ٻيڙيءَ جو هڪ قسم – وڏو ٻيڙو – ڊونڊو. وڏو ٻيٽ – ڊِڊُ (ل).
• **ٻونڊا (ت)**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ٻونڊڙو ج ٻونڊڙا**: ذ. صفت. ڇيلهه ڪُٻو – ڪُبڙو – ڏنگو – نميل.
• **ٻونڊڙو ٿي چڙهڻُ**: ڪُبڙو ٿي چڙهڻ – ريڙهيون پائي چڙهڻ – گسري چڙهڻ – لڪي چڙهڻ.
• **ٻونڊڪي ج ٻونڊڪيون (ڪ)**: ث. پيري يا ڪمزوريءَ سبب ڪُٻائي – ڪُبڙائي – ڏنگائي – ڊونڊڙائي.
– **ٻونڊڪين ڀر هلڻُ**: هٿن پيرن ٿي رڙهڻ – مس مس رڙهڻ. تمام پيرسن ٿيڻ – هڏُ لاچار ٿيڻ.
• **ٻونڊڻ**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ٻونڊو ج ٻونڊا (ل)**: ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم – ننڍڙي ۾ ننڍڙو مڇوئو (جنهن ۾ ٻه ماڻهو ويهي سگهن). مڇي مارڻ جي ٻيڙي. وڏو ٻيڙو – ڊونڊُ. (صفت) وڏي پيٽ وارو ماڻهو. ٿُلهو ماڻهو. وڏو – قداور – پهلوان. ڏنگو – ڪُبڙو – ڊونڊڙو (ت). ٻگل سگن وارو ڏگو – موڏو ڍگو. [هه. ڊُوندو = موڏو].
• **ٻونڊي ج ٻونڊيون (ڪ – ت)**: ث. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم – ننڍڙي ٻيڙي – زورق. بار ڪڻڻ واري ننڍي ٻيڙي – ننڍي ٻيڙي (واڻ) – ماڻهن لاهڻ لاءِ مددگار ٻيڙي. جيئن: "ٻيڙيءَ" لاءِ هوڙي ۽ واڻ جي "ڊونڊي". ڪٽار – ننڍي ڪونتل.
– **ٻونڊيارو ج ٻونڊيارا**: ذ. صفت. ڊونڊي هلائيندڙ – ناڪئو.
• **ٻونڊي**: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ٻونڊُ ج ٻونڊَ**: ذ. ڪِنُ – گند – ڪچرو. مُئل جانور.
– **ٻونڊي ج ٻونڊيون (ت)**: ث. ڊونڊ.
• **ٻونڊڻُ**: مصدر. ڳولڻ – ڦولڻ – ووڙڻ – وائڻ – جاچڻ – کوجڻ – سوجهڻ – ڏورڻ – تلاش ڪرڻ.
• **ٻونڦو ج ٻونڦا (ت)**: ذ. صفت. جنگهن ڦريل – ڦڏو. قد جو ننڍو ۽ ٿلهو – گهمٽي – ڊمٽي.
• **ٻونگُ ج ٻونگ**: ذ. ٻٽاڪ – لٻاڙ – ڊاڙ.
– **ٻونگي ج ٻونگي**: ذ. صفت. ٻٽاڪي – ڊاڙي – لٻاڙي.
• **ٻونگا**: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (هندن جي تاريخ ص. ٢١١).
• **ٻونگرُ ج ٻونگرَ**: ذ. ٻُند – دوڳي.
• **ٻونگلُ ج ٻونگلَ**: ذ. اجايو ڳالهاءُ – بڪواس – واهيات ڳالهه – ڊونگل.
– **ٻونگلُ اُچلڻُ**: اجايا لفظ ڳالهائڻ – ڊيڪ ڏيڻ.

Gul Hayat Institute

– **ڊيرو ج ڊيرا:** ذ. ديرو – ڏيرو.

• **ڊيرانبو ج ڊيرانبا:** بيزاري – ڪاپارو – ورچ -- ڪپت – ڪاسارو – خفو – ڪرڪسو – ڪِتپِت. پتوڙ – پچاڙ – گينداڙ – دقت – گِهَلَ – پريشاني – ڳٽتي – فڪر.

• **ڊيرڙو ج ڊيرِڙا (ت):** ذ. طبيعت جو هلڪو – هلڪڙو – ٽرڙو. ڪميٽو – نالائق.

– **ڊيرڙائِي ج ڊيرڙائِيُونْ:** ث. هلڪائي – ٽرڙائي – نالائقي – ڪميٽپ.

• **ڊِيزَ ڏِيڻُ (ڪ):** ٻٽاڪ هڻڻ – ڊاڙ هڻڻ – لاف هڻڻ – ٽِٽ ڏيڻ – وڏائيءَ جو ڳالهائڻ. پنهنجي ناموس ڪرڻ.

• **ڊيسڪَ ج ڊيسڪُونْ:** ث. [انگ. Desk] ننڍڙي ميز.

• **ڊِيْشَ ج ڊِيْشُونْ:** ث. [سن. دِسِ = ڳالهائڻ] ٻٽاڪ – ڊاڙَ – لباڙَ – لافَ – ڦُوندَ. ڊونگل – ٽِٽ – زٽ – گَشو. ٿانءَ جو هڪ قسم – ٿام چيني واري ننڍي تاسري – پيالي.

– **ڊيْشِرُ ج ڊِيْشِرَ:** ذ. صفت. ٻٽاڪي – ڊاڙي – لباڙي – ڦوندٽو. گشائي – زٽائي.

– **ڊِيشُ هَڻَڻُ:** ٻٽاڪ هڻڻ – ڊاڙ هڻڻ – لباڙ هڻڻ – لاف هڻڻ.

• **ڊِيْشَڪَ:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڊِيْڪَارو:** اسم خاص. تعلقي ماتلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڊِيْڪَامَالِيْ:** ذ. ريال جو ڌوپ (جو گرڊينيا – ليوسيڊا ۾ ٿيا پيدا ڪن).

• **ڊِيْڪَڻُ:** مصدر. [سن. ڍِئُوڪْ = ڍُڪڻ] ڊوڙڻ – ڍُڪڻ – ڀڄڻ. هلاڪ ٿيڻ – تڪليف ۾ اچڻ. راند ۾ گهٽو وقت آگَ ڏيڻ – ٽيڪڻ – ٿڪجي پوڻ – روڄي پوڻ. ٽِٽ ڏيڻ – ڪوڙ ڳالهائڻ.

– **ڊِيْڪَ ڊيْڪ:** ث. ڀڄ ڊوڙ – اُٿ ويهه – هل هلان.

– **ڊِيْڪ ڊِيْڪ ڪَرَڻُ:** هيڏانهن هوڏانهن رُلڻ – اجايو رُلڻ.

– **ڊِيْڪِ ڊِيْڪَانْ:** ث. ڊوڙ ڍڪ – هل هلان – اڄ وڃ. سخت محنت.

• **ڊِيْڪوڙو ج ڊيْڪوڙا:** ذ. ڀاڄ – ڊوڙ.

• **ڊيڪو ج ڊيڪا (ڪ):** ذ. ڇت جي ڪام ڪي وري هيٺان ڏنل ڪاٺي – ضامن.

• **ڊِيْڪَلُ:** اسم خاص. ٿر ۾ رهندڙ هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ڊيڪِهه ج ڊيڪِهيُونْ:** ث. [سن. ڏيرگهه = ڊيگهه] ڊگهاڻ – ڊگهائي – لمبائي – واڌ – وڌاءُ – اينگهه – طول. وڏائي. اوچائي.

– **ڊيگِهه ٿِيَڻُ:** واڌ ٿيڻ – وڌاءُ ٿيڻ – اينگهه ٿيڻ.

– **ڊيگِهه ڏِيڻُ:** واڌ ڏيڻ – ڊگهو ڪرڻ – اينگهه ڏيڻ. رعايت ڪرڻ – ڇوٽ ڏيڻ.

– **ڊيگِهه ڪَرَڻُ:** وڌاءُ ڪرڻ – اينگهه ڪرڻ.

– **ڊيگِهِيْ:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڊيلَ ج ڊيلُونْ:** ث. پکيءَ جو هڪ قسم – مور جي مادي. تاس جا ٽئي ساڳيا پتا (ت).

• **ڊيلڻْ (ڪ):** مصدر. ڇڏڻ.

• **ڊيلِي:** ظرف. [انگ] روزانو – ڏهاڙي – هر روز – روز – روز روز.

• **ڊِيْمَاڪُ ج ڊِيْمَاڪَ:** ذ. دماغ – هٺ – غرور – وڏائي – سرڪشي (ڪتاب مومل ميندرو. صفحو ۸۴).

• **ڊِيْمِڪِڙو ج ڊِيْمِڪِڙا:** ذ. صفت. قد جو ننڍو ۽ بدن ۾ ڀريل – ٿلهو ۽ ٻندرو. گهگهٽو – ڊينبو – ڦوسو – ڇگهٽو.

• **ڊِيْن:** ث. اندلٺ – ڏَنڪ – قوس قزح.

• **ڊينْبَ ج ڊينْبُونْ:** ث. چِنبي – طعنو – ڌمڪي – چِنبَ – دَٻَ – ڳالهاءُ. ڏاڍي مارَ – ڦيهَ – جهڳورَ – ڀڄَ.

• **ڊينْبَارَ ج ڊينْبَارُونْ:** ث. سزا – مارَ – سيڪت – ڦيهَ.

– **ڊينْبَ ڏِيڻُ:** مار ڏيڻ – ڦيهَ ڏيڻ – ڏاڍي مارَ ڏيڻ.

– **ڊينْبُ ڪَڍَڻُ:** چِنبڻ – چِڙٻڻ – جهٽڪڻ – چِنب ڪڍڻ – دٻ ڪڍڻ – ڌمڪائڻ. مارَ ڪڍڻ – ڊينب ڏيڻ.

• **ڊينْبُ ج ڊينْبَ (ت):** ذ. صفت. ٿلهو – ٿلهڙ – ڊمٽي – ڊينبو. تمام وڏو.

– **ڊينْبَارُ ج ڊينْبَارَ:** ذ. صفت. ڊينبُ – ڊمٽي – تمام ٿلهو.

• **ڊينْبِٽو ج ڊينْبِٽا:** ذ. صفت. ٻندرو – ڊينبو.

– **ڊينْبَڙُ ج ڊينْبَڙَ:** ذ. صفت. تمام ٿلهو – ٻندرو – ڊينبو.

– **ڊينْبِڙو ج ڊينْبِڙا:** ذ. صفت. ٻندرو – ڊينبو – ٿلهڙو.

– **ڊينْبَڻُ ج ڊينْبَڻَ:** ذ. صفت. ٿُلهڙ – ٿُلهو – ڊِينبُ.

– **ڊينْبو ج ڊينْبَا:** ذ. ننڍي قد ۽ ٿلهي بدن وارو – ٻندرو – ٿُلهڙ – ٿُلهو.

• **ڊينْبو ج ڊينْبَا:** ذ. ڪيڙيل زمين جي وچ ۾ هر ڪان رهجي ويل زمين جو ٽڪر (ت).

Gul Hayat Institute

• **ڍِيَرُ ج ڍِيَرَ:** ذ. بدن جو سرُ ۽ ٽنگن جي وچ وارو حصو – ڌَڙ. ڪنهن شي جو وچُ. ڪنهن ٿانوَ جو ٻاهرِ نڪتل پيٽ. ڪاٺ يا وڻ جو اندريون پورُ. نَٽ جو وِچوارو پورُ (جنهن ۾ جوءِ پرجي). تلوار جو پورو ڳَنُ. پاڻيءَ جي جهاز جو ڍانچو.

– **ڍِيَرَ ڍِرا ٿِيَڻُ:** سُسْت ٿيڻ – همت هارڻ – ٻُتَ جو ساهه ڇڏڻ – بيِ همت ٿيڻ – ڪجي نه سگهڻ – هيسجيْ وَڃڻ – بزدِل ٿيڻ – سَتُ ڇڏي ڏيڻ – تنگ دل ٿيڻ – نااميد ٿيڻ – ساه سڪي وڃڻ – اُباٽڪو ٿيڻ – حيران و پريشان ٿيڻ.

• **ڍِڍِرا:** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڍِڍِرو:** اسم خاص. تعلقي عمر ڪوٽ ۾ تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڍِيوْ ج ڍِيا:** ذ. ڪنهن اناج جو ٻَنْدُ ٿيل سنگ – پوک ۾ ڪچي ان جي حالت.

• **ڏِڍِيْ ج ڏِڍِيُوْنِ:** ث. ننڍي ٻار جو پيٽ – ٻار جو نڪتل پيٽ. جوئر جو هڪ قِسم.

• **ڍِرَ ج ڍِرُوْنِ:** ث. ڍِلَ – ڇوٽَ. آزادِيْ – مُهلت. سُستِي – ڪاهلي – ڍِلائِيْ. ٿِلهڙائِيْ. نذرانو – سوکِڙِي – تحفو (ت). جهولَ – هيناهِين – نِوَڻِ – نِمَڻُ.

– **ڍِرَ ٻڌَڻُ:** ڪورين جي اصطلاح ۾ ڍِرين تندن کي ٿِلهڙو ٻڌڻ (جيئن اٽڻ ۾ پوري انداز ۾ ڇڪجن ۽ ڪپڙو خراب نه ٿئي).

– **ڍِرْ تاڻِ ج ڍِرْ تاڻُوْنِ(ت. ل):** ث. هيناٺين – جهِمَ – نِوَڻِ. سلامتيءَ واري لاهِيْ.

– **ڍِرَ ڏِيَڻُ:** ڍِلَ ڏيَڻُ. آزادي ڏيڻ – ڇوٽ ڇڏڻ. ڪجهه وقت مهلت ڏيڻ. زور نه ڀرڻ.

– **ڍِرَ ڍِرَڻُ (ت):** نذرانو ملڻ – بخشش عطا ٿيڻ – خدائي رحمت جو وَسَڻُ. مفت ۾ ملڻ.

– **ڍِرَ ڪَڍَڻُ:** ڪورين جي اصطلاح ۾ جهول واريون تندون اٽاوت ۾ برابر انداز ۾ ڪرڻ.

• **ڍِرَ ج ڍِرُوْنِ:** ث. ڍِرَ. ڍِلَ – ڍِلائِيْ – ڍِرائِيْ. سُسْتِيْ – غفلت. مَانائِيْ – آهستِگِيْ. ڍِيرُ – اويرَ – چِرڪ. مُهلت – ڇوٽِ – آزادِيْ.

– **ڍِرَ ڏِيَڻُ:** ڍِلو ڇڏڻ – ڍارَڻُ – ڍِرو ڪَرڻُ. سُسْتِي ڪرڻ – غافلائِيْ ڪرڻ. ٿڌو مانو ٿيڻ – تِڙِ پيڙ نه ڪرڻ – بي اونو ٿِيْ وِهڻُ. ڇڏي ڏيڻ. ڇيڪُ ڇَڏڻ. مهلت ڏيڻ – ويڇِي ڏيڻ.

– **ڍِرَوِجهَڻُ:** ڍِلَ وِجهَڻُ: دير ڪرڻ – ديرو وجهڻ.

• **ڍِراڻُ ج ڍِراڻُوْنِ:** ث. [سن. سِٿَلْ ٿڌائي] ڍِرَ – ڍِرائِيْ – ڍِلائِيْ. مانائِيْ – آهستِگِي. سُسْتِي – ڪاهِلي – غفلت. ڪمزورِيْ.

• **ڍِرائِڻُ:** مصدر. [سن. شَٿِلْ + ٿڌو] ڍِرو ڪرڻ – ڍِلو ڪرڻ. سُسْت ڪرڻ – ڪاهل ڪرڻ. غفلت ڪرڻ – ڍِلائِي ڪرڻ – ڪمزور ٿيڻ – طاقت ڇڏڻ. مانائِيْ ڪرڻ.

– **ڍِرائِتوْ ج ڍِرائِتا:** ذ. صفت. ڍِرَ وارو – ڍِرو – ڍِلو – گِهر گِهلو – ٿِلهِڙو. اُچاترو – آهستو – مانو. سُسْت – ڪاهِلُ – ٽوِٽِيْ. چرڪو – ڍارَ سان – وِستو. چُڙِيل – ڪُليل – الڳ. آزاد – ڇيڪُ.

– **ڍِرائِيْ ج ڍِرائِيُوْنِ:** ث. ڍِلائِيْ – ڍِلَ – ڍِرَ – ڍِراڻ. ڪاهِلِيْ – سُسْتِيْ – غفلت. ڪمزورِيْ – ضعيفائِيْ – ٿڌائِيْ – مَنائِيْ – هِلڙائِيْ. آهستگِيْ – دير – اويرائِيْ. چرڪائِيْ – ڇِلهائِيْ. گِرگِلائِيْ – موڪرائِيْ.

• **ڍِرْڙوْ ج ڍِرْڙا:** ذ. صفت. ڍِري جو اسم تصغير. ڍِلڙو – ٿِلهڙو. سُسْت – ڪاهل.

– **ڍِرْڙائِيْ ج ڍِرْڙائِيُوْنِ:** ث. ڍِلڙائِيِ – ڍِلائِيْ. ٿِلهڙائِيْ – گهر گهلائِيْ.

• **ڍِرْڙوْ ڍِينگ:** ذ. جانور جو هڪ قِسم – اُٺ پکي – شُتر مُرغ.

• **ڍِرْڪَڻُ:** مصدر. آهسته آهسته هيٺ ڪرڻ – هيٺ ڪري پَوَڻُ ۽ گِهلبو وڃڻ – هيٺ ڏي رِڙهڻ – کِسْڪڻ – گِهرڪڻ – ٿِسڪَڻ – گُسْڙڻ – سِرڪَڻ – ٻُڙڪَڻ. پوئتي سِرڻ – پوئتي رهجي وڃڻ – پوئتي پوڻ – پاهون پوڻ. ٽِڙڻ – گِهرَڻ. ڍِلو ٿِيْ پَوڻ (بدن جو) – لَڙڪَڻ. (مريض وانگي) – ڍِرو ٿيڻ – تمام گهٽو ڍِرو ٿيڻ. وينل ماڻهوءَ جي ٻُت جو هيٺ لڙڻ – ڪنڌ جو هيٺ لڙڻ. بيماريءَ سبب ضِعيفُ ٿي وڃڻ – بدن جو ساهه ڇڏي وڃڻ – نِستو ٿِيْ پوڻ – بي هوش ٿِي وڃڻ – ساڻو ٿِي ڪري پوڻ. طاقت ڇڏڻ – ڪمزور ٿيڻ – نِربَل ٿيڻ – ضعيف ٿيڻ. مرڻ – وفات ڪرڻ – رحلت ڪرڻ – چالاڻو ڪرڻ. تمام گهٽو تڪجي پوڻ – آهستي آهستي رفتار سان هلڻ – لوڏ سان هلڻ – جيئن: "هلڻ چلڻ حِبيب جو، جيئن ڍرڪڻ ڍيلُون ڍار".

Gul Hayat Institute

نہ هجڻ. ڪوبہ ڪم يا ڪاساري جهڙو ڪم نہ هئڻ – واندو هئڻ.

• **ڊڪڻي ج ڊڪڻيون**: ث. [سن. سْتَنگ = ڊَڪَڻُ] ڇپُ – لِڪُ – لڪڻ جي حالت. سِج جي روشنائِيْ ڪي ڊَڪُ آيل وقت – سج لٿي کان سج ايرڻي تائين وقت – پئسي پرڪ – منهن ميرُ – صبح صادق – پره ڦٽي – پنڀرڪو – پيچ پِنِيْ – صبح سوير – پرڀات – فَجر – صبح اَسرُ. (ث. صفت) بند ٿيل – لِڪل – ڇپيل.

• **ڏُڪڻي ج ڏُڪِيُونْ**: ث. صفت. پيٽ سان – حَامِلَهْ – ڳَرُ پٽِي – ڳريونتِيْ – ڳِيڻ – ڏويستِيْ – ڳَـرَ ڪـڙِيْ – ڳوڙهارِيْ – اميدواري – ٻِن جيئَـنْ سان. ڏُڪَيلَ – ڏُڪَائِي. ڦَرِيَلَ (جانورَ).

– **ڏُڪِيَائِيْ ج ڏُڪِيَائِيُونْ**: ث. ڏڪِيْ ٿيڻ وارِيْ حالت – پيٽ – ڳَـرْڀُ – ڳرِيتا – ڏُڪُلائي – اميدوارِي – ڳر ڪڙائِيْ.

• **ڊڪَرُ ج ڊڪَرَ (ت)**: ذ. وڏائي – آڪڙ – غُرور.

– **ڊگَرَ ڪَرڻُ**: وڏائي ڪرڻ – آڪڙ ڪرڻ.

• **ڊڪروْ ج ڊڪرا (ٿ)**: ٻَندَڙُ – ٻَدَڻُ.

• **ڊڪِلِيْ ج ڊِڪِلِيُونْ (ٿ)**: ث. ڊِڳڙ – ڊِڳِي. راند جو هڪ قسم.

• **ڊَڪلِيْ ٿِيڻُ**: ڊيري ٿيڻ. مري وڃڻ.

• **ڍِڳُ ج ڍِڳَ**: ذ. [سن. د ه. مر. ڍِيگَ] (ڪنهن بہ شيءِ جو) ڪَٽُ – ميڙُ – انبارُ – ڳَندُ – ٿَهو – ڪوڙُ – انبوهہ – ڍيرُ – ڍِڳِي – ڪوڙ ڪيا – سَٿو – ڳَدام. دڙو (اناج وغيره جو) – راهَ – ڪرو. ٽولو – جماعت. (ذ. صفت) گهڻو – بي انداز – جامُ.

– **ڍِڳَ جَهڙو ج ڍِڳَ جَهڙا**: ذ. صفت. ٿلهو – متارو (ماڻهو).

• **ڍِڳَرُ ج ڍِڳَرَ**: ذ. مانيءَ جو هڪ قسم – ڍَڳڙُ.

• **ڍِڳلو ج ڍِڳِلا (ٿ)**: ذ. ڪُتي جو هڪ قسم – ڪَهيُنْ وارو ڪُتو – ڍگلو – ڳدلو.

• **ڍُڳَٽوْ ج ڍُڳَٽا**: ذ. ڍانڊِي پکيءَ جو هڪ قسم.

• **ڍڳوْ ج ڍڳا**: ذ. چوپائي مال جو هڪ قسم – بيل – ڏاند – ڍاندو. (ذ. صفت) وائڙو – احمق. (ذ) ٻيڙيءَ جو هڪ قسم (نهايت مضبوط ۽ بنا سِڙهہ ۽ شيخلي جي، ڪالاباغ ۽ منڻ ڪوٽ طرف. جبل واري ڪناري لاءِ نهايت موزون).

– **ڍڳائِيْ ج ڍڳائِيْ**: ذ. صفت. ڍَڳن وارو – ڍڳن جو مالڪ – ڍڳا ڏاريندڙ – ڍڳا وهائيندڙ.

– **ڍڳَنِ وانگَرَ وَهڻُ**: سخت پورهيو ڪرڻ – گهڻي محنت ڪرڻ – رات ڏينهن وَهڻ – ڪم ۾ رڌو رهڻ – ڳَـهَڻُ. ٻانهيءَ وانگر ڪم ڪرڻ.

– **ڍڳِيْ ج ڍڳِيُونْ**: ث. ڳَـئُون – ڳانءِ ـ ڳَـئُو – ڍانڊي.

– **ڍڳي وانگي وَهڻُ**: رات ڏينهن ڪم ۾ رُڌو رهڻ – ڳهَڻُ.

• **ڍِڳِيْ ج ڍِڳِيُونْ**: ث. ڪنهن بہ شَيءِ جو ڪوڙ – سَٿِيْ – ڪوڙِيْ. ٿهِيْ – ڍيرُ – ڍِڳُ.

• **ڍُڳَٽوْ ج ڍُڳَٽا**: ذ. درياهي مڇيءَ جو هڪ قِسم (شڪل ۾ ڇَلِيْ، جهڙي بنا ڇِلرن جي، وات وڏو مُڇن سان، سنهڙا ڏَنْدَ، پولهہ سنهون، رنگ ڪارانْجهڙو ڊيگهہ اڌ فوٽ ڪن).

• **ڍَلَ ج ڍَلونْ**: ث. ڪنهن آبادِيْ واري زمين جو محصول – نـولُ – سُنگُ – رَڪَبُ – اُڳاڙِيْ. ڏاڻ – ٽئڪس – آنڪِي – ڏنُ – رائر – چوٽ – خِراج. مسواڙ – ڀاڙو – ڪرايو. جزيو – تاوان – ڏَنْڊُ.

– **ڍَلائِتوْ ج ڍَلائِتا**: ذ. صفت. ڍَلَ وارو – ڍَل جو – جنهن تي ڍَل هجي. ڍَل ڏيڻ جوڳو. ڀاڙي وارو – ڪرائيدارُ. ڏن ڀَرُوْ – خِراجِيْ.

– **ڍَلَ ڀرڻُ**: ڏن ڏيڻ – خراج ڏيڻ – رائِرو ڀَرڻ. سُنْگُ ڏيڻ – اُڳَاڙِي.

– **ڍَلَ وِجَهڻُ**: مسواڙ مقرر ڪرڻ – جزيہ جو اندازو مقرر ڪرڻ – محصول مقرر ڪرڻ.

• **ڍَلُ ج ڍَلَ، ڍَلُونْ (ت)**: ذ. ث. ڪيڙيل زمين ۾ ٻنن ٺاهڻ جو هڪ اوزار – ڪيڙيل زمين ڪي سِڌو ڪرڻ جو اوزار – ڪِيڻ – تَـرُ – سِينارَ.

• **ڍِلَ ج ڍِلُونْ**: ڍَرَ. ٽڏائي – مَٺائِيْ – نَرمائي. گيسَـرُ – سِيڙَپَ – اوسيڙو – انتظار – سِلِ وِلَ. گهِل – سُسْتِيْ – ڳَهر – غفلت. ڊيگهہ – ڇڙواڳِيْ – مهلت – فرصت – جهولَ.

– **ڍِلائِيْ ج ڍِلائِيُونْ**: ث. ڍِرائِيْ – ڍِرَ. سُسْتي – غفلت – ڪاهلي – گهَل – ڳَـهَـرَ. اويرائِيْ – دير. موڳائِيْ.

– **ڍِلَ ڏِيڻُ**: ڍِرَ ڏِيَڻُ – ڍِرائڻ – ڍرو ڇڏڻ – ڍَرڻ – جهَپائڻ – ڍَرو جهلَڻ (لغڙ ڪي اُڏائڻ وقت). ڊيگهہ ڏيڻ – ڇڙواڳِي ڏيڻ. مهلت ڏيڻ.

– **ڍِلَ ڪَرڻُ**: سُسْتِيْ ڪرڻ. دير ڪرڻ – چِرڪَ ڪرڻ.

– **ڍِلَ وِجهَڻُ**: ڍرو ڇڏڻ. ڇڏي ڏيڻ. دير ڪرڻ – اوير ڪرڻ

- **ڍولَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **ڍولُ ج ڍولَ:** ذ. صفت. [سن. ڌوَ + "ل" = پچاڙي] مِٺڙ – لَڏڻ – پَپڙُ – لالَن – ساجن – پرينْ – محبوب – ڍولڻ – دلبر – دوست – يارُ – مِترُ – سَڄڻ – ڍولو – ڍوليو – دوسُ – دلدار – منٺار – معشوق – دل گهريو – ساهه سيباڻو. مُڙس – پِتار. (ذ. صفت) دادلو – لاڏلو – چڄلو – ڪوڏ نپنو – انگلِي. مَلُوڪُ – موچارو – سُٺو – سهڻو – ٺاهوڪو – عاليشان – مَن ملوڪ. خدا تعاليٰ. [سن. ڍول = ڍُهل] وڄت جي هڪ ساز جو نالو – ڍُهلُ – ڍولَڪَ.
– **ڍولَ ڍِ لاٿيَڻُ:** همت ڇڏائڻ.
– **ڍولِي ج ڍولِيُ (ٿ):** ذ. صفت. ڍُهل وڄائيندڙ ڍول وارو – ڍُهلارِي.
– **ڍولِيو ج ڍولِيا:** ذ. ڍولُ – ڍولَڻُ – ڍولو – سڄڻ – دوست – پيارو – محبوب. رب تعاليٰ. جيئن: "ڍوليا ڍِڪڻ تي، ڏيئي پاند پناهه جو" (شاهه).
- **ڍُولُ ج ڍُولَ (ڪ):** ذ. حُقي يا چِلم جي ٽوپيءَ جو ڍَڪُ – مخروطي لوهي ٽوپ – ڍُولُ.
- **ڍولَرُ ج ڍولَرَ (ٿ):** ذ. پکيءَ جو هڪ قِسم.
- **ڍولِڙِي ج ڍولِڙِيُون (ٿ):** ٿ. پُوڄا پاٺ ۾ ڪم ايندڙ ٽڪر جو هڪ ٿانءُ (جنهن تي ٽاندا رکي گيهه وجهي ساڙجي).
- **ڍولَڪَ ج ڍولَڪُون:** ٿ. [سن. ڍولِڪا = ڍولَڪ. ف. ڍُهلڪ. سن. ڍول] وڄائڻ جو هڪ ساز – ننڍو ڍُهل (جو اڪثر زالون سَهرن ڳائڻ وقت وڄائين) – ڍُهلڪِي – ڍُهلڙي – پکواز – ڍِڀڪَ – ڍِڀڪڙي – ڍولڪي.
– **ڍولَڪَ وَڄائڻُ:** ڍُهلڙي يا ڍُهل وڄائڻ.
– **ڍولِڪُون وَڄائڻُ:** ڏکيو ڪم ٿي نه سگهڻ. سَولو ڪم ڪرڻ.
– **ڍولِڪِي ج ڍولِڪِيُون:** ٿ. ننڍو ڍُهل – ڍُهلڙي – ڍولَڪَ – ڍِڀڪَ – ڍِڀڪِي – پَکواز.
- **ڍولڪِيُون ج ڍولِڪِيا:** ذ. صفت. ڍولڪ وارو – ڍولڪ وڄائيندڙ – لنگهو – طبلائي – ڍُهلاري – ڌوڪڙي. مارواڙ ملڪ ۾ رائج، رپئي برابر هڪ سڪو.
- **ڍولَڻُ ج ڍولَڻَ:** ذ. صفت. ڍولُ – يارُ – محبُوب – دلدارُ – منٺارُ – دلرُبا – معشوق – ڍولو – ڍوليو – دوست – پرين – پيارو. ڳچيءَ ۾ پائڻ جي ڳَهَه جو هڪ قسم – ڍولڻو – ڪارڪ. ٿانءَ جو هڪ قسم.
- **ڍولِڻو ج ڍولِڻا:** ذ. ڳَهه جو هڪ قسم – ڳِچيءَ ۾ ٻڌل ۽ چانديءَ يا سون جي دٻليءَ ۾ بند ٿيل تعويذ – ڪارڪ. پيارو.
- **ڍولِڻِي ج ڍولِڻِيُون (ڪ – ٿ):** ٿ. (ڪڇ) کَٽَ – ڍولنِي – مَنجِي – چارپائِي.
- **ڍولو ج ڍولا:** ذ. پيارو – محبوب – دلبر – جانِي – دل گهريو – ڍول – دوست – ڍولڻ. ڪانڌ – گهوٽ (ٿ). (اسم خاص) ڍوليو – مومل جو عاشق. ٻار – ڇوڪَرُ – پُٽُ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. راڳ جو هڪ قسم.
- **ڍولِي ج ڍولِيُون:** ٿ. سنڌ جي مينهن جو هڪ ٻُڻُ يا وَڙُ – هَڏَ جي مضبوط ۽ سهڻي مينهن.
- **ڍولِيا (ٿ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **ڍُومَا ج ڍُوماٽُون:** [پرا. ڍُمَ. سن. ڍِرمْ] ناڪامياب ڳولا – اجايا ڌِڪا – ٿاٻا – رولڙو ڦولڙو – ڌوما. جاچ – ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ خالي رولڙو – ٽاڙ – جُستجُو – ٽوس – ڳولها.
– **ڍُومَانْ هَڻَڻُ (ٿ):** جاچ ڪرڻ – ڳولا ڪرڻ – بيڪار رُلڻ – ناسُون هڻڻ – ٽاڙ ڪرڻ – ڪوشش ڪرڻ.
- **ڍُوماٽُون کائِڻُ:** اجايو رُلَڻُ – ٿاٻا کائڻ – خواه مخواه ڌِڪا کائڻ – اجايو رولڙو ڪرڻ – ڌوما کائڻ – ڪنهن شيءِ جي ناڪام ڳولا ڪرڻ. ڪنهن شيءِ جي ڳولا ۾ ناڪامياب ٿيڻ – ٻاٽُون کائڻ – اجايو دربدر ٿيڻ.
- **ڍُومَڻُ ج ڍُومَڻَ (ڪ – ٿ):** ذ. ٿانءُ جو هڪ قِسم.
- **ڍُومِڻُ (ٿ):** مصدر. ڳولڻ – ڪوشش ڪرڻ.
– **ڍُومِينْ ڍُومِينْ:** ظرف. ورلي – ڪٿي ڪٿي.
– **ڍُونڊُ ج ڍُونڊَ:** ذ. ڪنهن مري ويل جانور جو ڪجهه عرصي کان پيل مَڙهه (جو ڌپ ڪري وڃي) – مردار جانور جو مڙدو – ڪنو گوشت – لوٿ. ڪرفتِي – گندگِي – ڪن ڪچرو – گند.
- **ڍُونڊَڻُ ج ڍُونڊَڻَ (ٿ):** ذ. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم. ٻوه وڻ جو ڏينهُونْ.
- **ڍُونڊَڻُ:** مصدر. [سن. ڍُونڊَنْ، ڍُونڊَنَ] تلاش ڪرڻ ڳولڻ – نِهارڻ – ڳولا ڪرڻ – پڇا ڪرڻ – ڏورڻ – جُستجُو ڪرڻ – ڦولهڻ – جاچڻ – کوج لڳائڻ – ڏسڻ.

Gul Hayat Institute

- **ڊِينْبَ ج ڊِينْبُون (ت)**: ث. پٽر – پِٽَر – ڪڙهو.
- **ڊِينڊُوْ ج ڊِينْڊَا (ت)**: ذ. صفت. قد جو ننڍو – بندرو – چوٽو – پِتڪُو.
- **ڊِينْڪُ ج ڊِينْڪَ (ت)**: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.
- **ڊِينگُ ج ڊِينْگَ**: ذ. صفت. [سن. دراڍِنگ. درد = مضبوط ٿيڻ + اَنْگَ = عُضْوو. دير گهَ = ڊگهو] وڏو – قداور – پربت – ڊگهو. مٿاهون – اُوچو. (ذ) ڪوٻ وڏو جِسم – ڪاٻ تمام وڏي شَيءِ. ديوَ جهڙو مڙس – راڪاسُ – ديوُ – تِسِينْگُ. وڏو يا سکر ماڻهو – معتبر ماڻهو – امير – شاهوڪار. پکيءَ جو هڪ قِسم – وڏو پکي – گڏهه پکي. وڏو جهاز – جهاز جو هڪ چڪرو جنهن تي رسا ويڙهجن. "جتي ڊِينگَ ڊِرن، تتي تاري تنهنجي".
- **ڊِينْگَ ڊَرَڻُ**: وڏا وڏا (ماڻهو) مارڻ جيئن: "هن ڪاڪ ڪڪوريا، ڪيترا، هت ڪيئي ڊِينْگَ ڊِڙيا" (بيدل).
- **ڊِينْگَ ڊَرِيا**: جملو. وڏا جهاز آيا – غوراب آيا (شاهه).
- **ڊِينْگَ رَڙڻُ**: وڏن پکين جون دانهون ڪرڻ – وڏيون رڙيون ڪرڻ. پڌر يا سُڃِيْ جاءِ ۾ گذارڻ – تڪليفون ڪاٽڻ – سختيون سهڻ. سُڃَ هُجڻ – بيابان هجڻ (ت).
- **ڊِينْگَ مَٽَرُ (ت)**: ذ. صفت. ڊگهو ۽ ٿلهو – گول مول – بي ڊولو – اڻ گهڙيل.
- **ڊِينْڪَلُ ج ڊِينْڪَلَ (ڪ)**: ذ. ٻتاڪ – شوغان. ڏوْ فَانُ – هُوگانُ. ڊِيْڪُ (ل).
- **ڊِينْگَرُ ج ڊِينْگَرَ**: ذ. [هـ. ڊِينگَرُ = ڪندن واري وڻ جو ٽارُ] (ٻير، ٻير، ڪنڊي، وغيره جو) ڇهو – ڊَنگَرُ. (صفت) ڪمزور – ڏٻرو – ضعيف – اٻرو.
- **ڊِينْگڙو مِينْگڙوْ (ت)**: ذ. صفت. تمام رَدِي – اجايو – سادو.
- **ڊِينْگَسُ ج ڊِينْگَسَ**: ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ قِسم.
- **ڊِينڪلوْ ج ڊِينڪلا**: ذ. ڪَڇَ مُلڪ جو سِڪو – ٻن پئسن جي قيمت وارو سِڪو – ٽَڪو – ٽَڪَڪُ. گهاٽ – چؤنڪِيْ. عهدو – نوڪري – جڳهه. ڊِيْچَڪُ.
- **ڊِينْڪِلِيْ ج ڊِينْڪِلِيُونْ (ڪ)**: ث. نار جو هڪ عضوو – چڪري کي جهلڻ لاءِ ڪاچڻ ۾ پيل ڪاٺيءَ جو ٽُڪرو.
- **ڊِينْگو ج ڊِينْگَا**: ذ. هُرلي يا نار جو ٽڙ وارو چَڪرو – ياندِي. ائٽ جو چڪرو. اَئٽِ ـ چَرخو (ت).
- **ڊِينْگوْ ڊيرِيْ ٿِيَڻُ**: برباد ٿيڻ – ناس ٿيڻ – تباه ٿيڻ – ويران ٿيڻ – چَٽ ٿيڻ – بَس ٿي وڃڻ – ڪُٽِي وڃڻ – ڏکن ۾ اچي وڃڻ – خانو خراب ٿيڻ – رقم ٿي گل ٿيڻ.
- **ڊِينْگوْ ڊيرِيْ ڪَرَڻُ**: خراب ڪم ڪرڻ – ڊينگو ڊاهڻ.
- **ڊِينْگَهرُ ج ڊِينْگَهرَ**: ذ. ڪنڊائين وڻ جو ٽار – ڊِينگرُ. اٻرو – ضعيف – ڏٻرو. (ث. ڊِينْگهِرِيْ ج ڊِينگهرِيُونْ).
- **ڊِينْگَهرُ ٿِي وَڃَڻُ**: ڏٻرو ٿِيْ وَڃڻُ – ڪمزور يا ضعيف ٿِي وَڃڻ – لاچار ٿِي وَڃڻُ – هيٺو ٿي وڃڻ.
- **ڊِينْگَهرَ جي ڍارْ رَهَڻُ**: ڊِنگهرن جي ڇانوَ هيٺ رهڻ. غريباڻي نموني رهڻ.
- **ڊِينْگهَرَنْ تي آنو هَارَڻُ**: اڻ لائق سان لائق ڪرڻ. اجايا ڪم ڪرڻ – بي فائدا ڪم ڪرڻ.
- **ڊِينْگهوْ ج ڊِينْگهَا (ت)**: ذ. نار – هُرلو – چرخو – ائٽ.
- **ڊِيوْ ج ڊِيا**: ذ. صفت. ڊائو – ڊاوَلَ ٿيو – ڊَئو ڏنو. جيئن تہ: "ڪوهُ نہ جُهارِئين جَڪِرو، جَهِن ڏيه ڊَيا ڏيئي" (شاهه).
- **ڊِيئِيْ ج ڊِيئِيُونْ**: ث. گڏجڻ جو واعدو – ملڻ جو انجام – ڊائِيِ. ڊائي.
- **ڊِيبَاٽَا (ت)**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

– **ذاتيُوْن صِفاتُوْن ڇڏڻُ:** وڏ ماڻهپو ڏيکارڻ. پاڻ کي گهٽ ذات وارو سڏائڻ. نيچ ڏنڍو اختيار ڪرڻ.

- **ذاتُ الْبُرُوْج:** ذ. ائون آسمان. عرش ڪرسي.
- **ذاتُ الْجَنَبْ:** ذ. (ع) بيماريءَ جو هڪ قسم – ڦڦڙن جي پردي جي سوج – ڦڦڙي – سرسام.
- **ذاتُ الرِّيَهَ:** ث. (ع) بيماريءَ جو هڪ قسم – ڦڦڙن جي سوج – ذات الجَنب.
- **ذاتُ الصَّدْر:** ذ. (ع) هڪ بيماريءَ جو قسم – ڇاتيءَ جو سُور. ڦڦڙن جي پردي جي سوج – ڦڦڙي – ذات الجنب.
- **ذاتَلُ ج ذاتَلَ:** ذ. (ع. ذاتُ الْجَنْب = پاسي جو سور) پاسي جو سور – ذات الجنب.
- **ذاڪِرُ ج ذاڪِرَ:** ذ. صفت. [ع. ذڪر = احوال ڪيو] ذڪر ڪندڙ – ياد ڪندڙ – خدا جي عبادت ڪندڙ – عابد.
- **ذالُ ج ذالَ:** ذ. ڪڪڙ جو موڙ – چوٽي – تاج.
- **ذائِقو ج ذائِقا:** ذ. [ع. ذائِقہ = سَواد] چکڻ جي حظ – سواد – مزو – لذّت – ساءُ – لاءُ لطف – سڦاءُ – رَسُ – رمنا – چٽ چکي – چشڪو – چش – چشي – چسڪو – چاٽي. شوق.

– **ذائِقو وَٺَڻُ:** مزو وٺڻ. سواد حاصل ڪرڻ.

– **ذائِقيْدارُ ج ذائِقيْدار:** ذ. صفت. سواد وارو – سوادي – مزيدار – لذيذ.

- **ذِبْحُ:** ذ. (ع) ڪنڌ ڪپڻ جي حالت – قتل – ڪوس – گهات. شرعي طرح ڪُهڻ جي حالت – حلال – تڪبير. قربان – ٻلدانُ – صدقو – مينڌ – ڳالهہ – خونريزي – خون.

– **ذِبْح ڪَرَڻُ:** حلال ڪرڻ – ڪنڌ ڪپڻ. قرباني ڪرڻ – صدقو ڪرڻ – ٻَلُ چاڙهڻ. گهات ڪرڻ – قتل ڪرڻ – ماري خون ڪرڻ. وِڍڻ – ڪُهڻ.

- **ذبِيْحُ ج ذبِيْحَ:** ذ. صفت. [ع. ذَبَحَ = ان ذبح ڪيو] ذبح ٿيل – ڪٺل – شرعي طور تي ذبح ڪيل جانور – حلال ڪيل. قربان ٿيل.
- **ذبِيْحُ اللہ:** ذ. خدا جي نالي تي قربان ٿيندڙ. حضرت اسمٰعيل عليه السلام جن جو لقب.
- **ذخِيْروُ ج ذخِيْرا:** ذ. [ع. ذخِيْرۃ: ذَخَرَ = هن گڏ ڪيو] خزانو – لڏي. گڏ ڪري رکيل مال – سرمايو – موڙي – پونجي. گدام. ڀنڊار – انبار – ڍير – سَٿ – گُنْڌ – سَرْتڻ – موجودات. سيڌو سامان – سمر – سامگري – ڪاڏو – توشو – رسد – مئُو مال. ڪيڄَ – ڏلَ. ڪنهن وقت لاءِ رکيل مال. بندوبست – بلو – تدبير.

– **ذخِيْروْ ڪَرَڻُ:** ڍير لڳائڻ – آئنده لاءِ سامان گڏ ڪرڻ – گدام ڀرڻ.

- **ذرا:** صفت. تمام ننڍڙو داڻو – ٿورو – ٿوري – "ذرا ڳالهہ تہ ٻڌجو".
- **ذرا رِيهہ:** ذ. جيت جو هڪ قسم. جو ڪٽڪ جي پوک ۾ رهي. رنگ ڪارو ۽ ڳاڙهاڻ تي مائل.
- **ذرڙوْ ج ذرڙا:** ذرو جو اسم تصغير. ڪنهن شيءِ جو ٿورو حصو. تمام ننڍڙو ٽڪڙو – پرزو – ذرو – ريزه – هَوَ جيترو. (ث. ذَرْڙِيْ ج ذَرْڙِيُوْنْ).
- **ذرو ج ذرا:** ذ. لغوي معنيٰ ۾ ماڪوڙي. اهي ذرا جي اُس ۾ ذرَ وانگر ڏسبا آهن. جَوَ جي سَوين ڀتي – تمام ٿورو حصو – ٿورو ذرڙو. هَوَ رَتي – جزو – پرماڻو – اَڻو – تِرُ – لِڪ (صفت) ٿورو – گهٽ – ننڍو – لاٿو – لاٿارو – ڇوٽو – قليل – ڪجهہ – جزوي – ڪُجِ ڪُجِ – ڪجهہ ڪجهہ.

– **ذروْذروْ ج ذرا ذرا:** ذ. ٿورو ٿورو – ڪجهہ ڪجهہ.

- **ذرّہ نَوازِيْ ڪَرَڻُ:** ناچيز کي چيز بنائڻ. نااهل کي اهل بنائڻ.
- **ذُرو ج ذُرا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم – هڪ شڪاري پکي. 'ذرو نر ۽ باز مادي آهي'.
- **ذُرِيَتْ ج ذُرِيَتُوْنْ:** ث. (ع) ماڻهوءَ يا جن جو نسل – پونئير – اولاد – سنتان – ٻار ٻچا. پڄندي – طاقت – پهچ – وسعت.
- **ذريْ ذري:** ظرف. هَرَ هَرَ – لحظي بہ لحظي. وقفي وقفي بعد – جلدي جلدي – ٿوري ٿوري – ورِي ورِي – گهڙي گهڙي – منٽ منٽ ۾.
- **ذرِيعو ج ذرِيْعَا:** ذ. [ع. ذرِيْعَہْ] وسيلو – واسطو. معرفت – ڏواران – طفيل – بدولت. باعث – ڪارڻ. اپاءُ – رستو. هوند – پڄندي. جميعت – وسعت.

– **ذرِيعو پَيْدا ڪَرَڻُ:** وسيلو پيدا ڪرڻ – ڪو سبب ڪڍڻ.

- **ذِقُ ج ذِقُوْنْ (ت):** ث. ڪلي – دٻي (جنهن ۾ گيهہ هجي).
- **ذَقَنُ:** ث. (ع) منهن جو هڪ حصو – ڪاڏي – ڄاڙي.
- **ذڪا:** ث. (ع) ذهن – فهم. طبيعت جي تيزي – دانائي – هوشياري.

Gul Hayat Institute

– **ذَڪاوَتَ ج ذَڪاوَتُون:** ث. ذهانت – هوشياري – دانائي.

• **ذَڪَرُ ج ذَڪَرَ:** ذ. (ع) مخصوص عضوو (مردانو) – آلت – لنگ.

• **ذِڪْرُ ج ذِڪْرَ:** ذ. [ع. ذَڪَرَ = هن ياد ڪيو] يادگيري – ياد. سارَ – سَمَڪَ – سنيارَ – ساروڻي – هُرَ. بيان – تات – تذڪرو – گفتگو – قرآن شريف جو ڏور. ياد – يادِ خدا. ثنا – صفت (خدا جي).

– **ذِڪْرُ اچڻُ:** ڪنهن شيء بابت ڪا ڳالهه ٿيڻ – تذڪره ٿيڻ.

– **ذِڪْرُ اَذڪارُ:** ڳالهه ٻولهه – خبرچار – گفتگو.

– **ذِڪْرَ جِي وادِيءَ وِڙهَڻُ:** گهڻي احوال کي ٿورن لفظن ۾ بيان ڪرڻ – درياءَ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ.

– **ذِڪْرُ ڇِڙڻُ:** ڳالهه ٻولهه شروع ٿيڻ – گفتگو ٿيڻ – ڳالهه ٿيڻ.

– **ذِڪْرُ ڇيڙڻُ:** ڳالهه شروع ڪرڻ – ڳالهه ڪرڻ.

– **ذِڪْرُ خَيرُ:** ذ. چڱائي يا نيڪي واري ڳالهه – ذڪر اذڪار – ڳالهه ٻولهه.

– **ذِڪْرَ ڪَرَڻُ:** بيان ڪرڻ – ڳالهه ڪرڻ. خدا جو نالو وٺڻ. وظيفو پڙهڻ. خدا جي يادگيري ڪرڻ.

– **ذِڪْرُ مَذڪُورُ:** ذ. ڳالهه ٻولهه – خبرچار – حال احوال – گفتگو.

– **ذِڪْرُ نِڪْرَڻُ:** ڪنهن شخص بابت ڪا ڳالهه هلڻ.

– **ذِڪْرُ هَلَڻُ:** ڪنهن شخص بابت ڳالهه ٻولهه ٿيڻ.

• **ذِڪْرِيُ:** صفت. ذڪر وارو. 'مهدي' کي مڃيندڙ هڪ پاڙو. جيڪو ذڪر ڪري.

• **ذَڪِيُ ج ذَڪِيءَ:** ذ. صفت. (ع) ذهين – هوشيار – تيزفهم – سمجهو – عقلمند – دانا.

• **ذڳو ج ذڳا (ت):** ذ. داڙَ – ٻناڪ.

– **ذڳا هڻڻُ:** داڙون هڻڻ – ٻناڪون هڻڻ.

• **ذِلُ (ت):** ث. ذلت – خواري. تڪليف. مصيبت.

• **ذِلَتَ ج ذِلَتُون:** ث. [ع. ذلّ = هو خوار ٿيو] خواري – رسوائي – بدنامي – بدناموسي. بي عزتي – هتڪ – فضيحت – توهين – بي مانائي – اپجس – اپمان. نفرت – حقارت. آزار – مصيبت – ڦڪڙي – ڦڪت. گلا – عيب – لڌا – ڪميڻائي – ٻڇڙائي – نيچپائي.

– **ذِلَتَ ٿيڻُ:** بدنامي ٿيڻ. بي عزتي ٿيڻ.

– **ذِلَتَ جي مَيدانَ ۾ سَرگردانُ ڪَرَڻُ:** خوار ڪَرڻُ. ذليل ڪرڻ.

– **ذِلَتَ ڪَڍَڻُ:** مصيبت ڪڍڻ. پريشاني سهڻ – آزار ڪڍڻ. بي عزتي سهڻ – خواري سهڻ.

• **ذَلَلُ ج ذَلَلَ (ت):** ذ. نقصان – هرج – جوکو – ٽوٽو – خسارو.

• **ذَليلُ ج ذَليلَ:** ذ. صفت. [ع. ذَلّ = هو ڪميڻو ٿيو] خوار – رُسوا – بدنام. نيچ – ڪمينو – ڏڪاريل – خراب. بي عزت – ڪين جهڙو – ڏڪار لائق. ڦيٽ پيل – منو – ڪوتو. ڪم ذات – گهٽ – حقير. نرلجو – بي غيرت – بي شرم. گنهگار. نماڻو – مسڪين.

– **ذَليل ٿيڻُ:** بدنام ٿيڻ – بي عزت ٿيڻ – حقير ٿيڻ.

– **ذَليل ڪَرَڻُ:** بدنام ڪرڻ. بي عزت ڪرڻ.

• **ذَمُ:** ذ. تکائي – تيزي – زور – ڇوٽَ.

• **ذَماتَ ج ذَماتُون:** ث. ڪٽنب – قبيلو – ڪڙم. (ممڪن آهي ته "ذ" "ج" مان تبديل ٿي هجي – جيئن "ذات ذمات".)

• **ذمڪاڻي:** اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ پاڙو.

• **ذِمو ج ذِمّا:** ذ. [ع. ذِمّہَ = هن ذوهي ڪيو] انجام – عهد – قول – ٻول. ضمانت – جوابداري – سپردگي – قبضو – حوالو – چارج – سونپ – سنڀال. پروسو – ويساهه – اعتبار – پرتيت – ساک پت. سوٽو – ابر – سئو. يقين – توڪل. ڪنڌو – اوزر – چٽو – حساب ڪتاب (ت).

– **ذِمو ڏيڻُ:** پنهنجي جوابداري تي ڪڻڻ – ضامن ڏيڻ. انجام ڏيڻ.

– **ذِمو ڪَرَڻُ:** پنهنجي جوابداري تي ڪڻڻ – نفعي نقصان جو بار کڻڻ. جوابداري کڻڻ.

– **ذِمو کَڻَڻُ:** جوابداري کڻڻ – پنهنجي جوابداري ڏيکارڻ – حامي ڀرڻ – اقرار ڪرڻ.

– **ذِمو وَٺَڻُ:** انجام وٺڻ. جوابداري وٺڻ – ضامن وٺڻ.

– **ذِمہ دارُ ج ذِمہ دارَ:** ذ. صفت. جوابدار – جوابده.

– **ذِمہ داري ج ذِمہ داريون:** ث. جوابداري – جوابدهي. ضمانت.

– **ذِمہ وارُ ج ذِمہ وارَ:** ذ. صفت. اعتبار وارو – جوابدار – منتظر – رکن. سنڀاليندڙ.

– **ذِمي بَردارُ ج ذِمي بَردارَ:** ذ. صفت. جوابدار – ضامن – پڌل.

Gul Hayat Institute

سپ بار کٽندڙ. ذميوارُ – ذِميدارُ.

– ذِميبَرداري ج ذِميبَرداريُون: ث. جوابداري – ضمانت – ذمہ داري – ذميواري.

– ذِميدارُ ذِميدارُ: ذ. ضامن – ڪولاٽذرُ – ڪَفِيلُ – ضامنگير – ذميبَردارُ.

– ذِميداري ج ذِمِيداريُون: ث. جوابداري – ذِمو – جوکو – سوٽو – جوکم – خطرو – بازپُرس – ذميبرداري.

– ذِمي ڪَرڻُ: حوالي ڪرڻ – سونپڻ – سپرد ڪرڻ. جوابداري هيٺ ڏيڻ.

– ذِميوارُ ج ذِميوارَ: ذ. صفت. جوابدار – ضامن – ڪَفِيلُ – ضمانت ڏيندڙ – ٽلهي – ڪولاٽدر – پلهي.

– ذِمي واري ج ذِميواريُون: ث. جوابداري – ضمانت – خبرداري. سونپ.

• ذِمي ج ذِمِيُون (ت): ث. ڪورين جي هڪ اوزار جو نالو.

• ذِمِّي ج ذِمِّي: ذ. صفت. [ع. ذِمہ] اسلامي حڪومت ۾ غير مسلم جذيہ ڏل ڀريندڙ.

• ذَنبُ ج ذَنبَ (ت): ذ. وڏو گُرهُ – گُرانهُ – ڳِتو – نِوالو. (ع) گناهُ.

• ذَنبُ ج ذَنَبَ. ذَنبُونُ (ل): ذ. ث. مِتيءَ جو وڏو ۽ تمام سخت ڳِنڍو – سَرَ جو ٽُڪر – جِنبَ.

• ذَنبَرُ ج ذَنبَرَ: ذ. ذَنبُ.

• ذُوْ: ذ. (ع) (صفت) وارو – جو. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ. جيئن: "ذُوالجَلال، ذُوالنورين" وغيره.

– ذُوالجَلالُ: ذ. صفت. صاحب جلال – شان شوڪت وارو عزت ۽ دٻدٻي وارو – جليل القدر – وڏي وڏائي وارو – معزز. (اسم خاص) الله تعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

– ذُوالجَناحُ: ذ. صفت. ٻن پرن وارو. (اسم خاص) حضرت امام حسين عليہ السلام جي گهوڙي جو نالو.

– ذُوالحَجُ: ذ. حَجَ وارو – حَجَ جو. هڪ مهيني جو نالو. هجري سال جو آخرين مهينو.

– ذُوالفِقارُ: ث. ٻن پاسن واري (تلوار) حضرت علي عليہ السلام جي تلوار جو نالو.

– ذُوالقَدرُ: ذ. صفت. زور وارو – زوردار – سگهارو – سگهائتو – ستائو – زبردست. قرارو – جبرو – بهادر – طاقتمند – پلوان – شهہ زور – همت ڀريو.

– ذُوالڪِرامُ: ذ. صفت. عزت وارو – معتبر – شريف.

– ذُوالمَنَنُ: احسان ڪندڙ. (ذ) ڏَتي تعاليٰ – خاوند.

– ذُوالنُورَيْن: ذ. ٻن نورن وارو. (ذ) حضرت عثمان رضہ جو لقب.

– ذُوالوقارُ: ذ. صفت. عزت وارو – قدر و منزلت وارو.

– ذُوفنُونُ: ذ. صفت. گهڻا فن ڄاڻندڙ – فن وارو – هُنرمند.

– ذُومَعنيُ: ذ. صفت. ٻن معنائن وارو – ٻہ ٽِبي (ڳالهہ).

• ذوالقَرنَيْن: ذ. (ع) ٻن سڱن وارو. سڪندر بادشاهہ جو لقب. (مختلف روايتن موجب، يا تہ ٻن چوٽين هئڻ سبب. يا تہ ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي طرفان بزرگ هئڻ. يا تہ مشرق کان مغرب تائين فتوحات سبب. يا تہ هن نور ۽ ظلمت ٻنهي جو سير ڪيو هو انهيءَ سبب. يا تہ هن کي تاج ۾ دنبي جا سڱ لڳل هئا. ان ڪري اهو نالو پيو).

• ذُوالقَعدُ: اسم خاص. (ع) هجري سن جي يارهين مهيني جو نالو.

• ذُوالنُونُ: ذ. [ع. نون = مڇي] مڇيءَ وارو. (ذ) لقب. حضرت يونس عليہ السلام جو (جنهن کي مڇي ڳيهي ويئي هئي ۽ ست ڏينهن مڇيءَ جي پيٽ ۾ هو).

• ذَوقُ ج ذَوقَ: ذ. (ع) چکڻ جي قوت. ذائقو – لذت – مزو – سواد – حظ – ساءُ – لاءُ. شوق. چاهنا – چاتي. خواهش – اُمنگ. لطف – خوشي – سرهائي – موج – آنند – فرحت. عيش – نشاط. اختيار – مرضي – پسندي. رَسُ – رسنا پت – چشڪو – چِش. وندر – وندنا. سِڪَ – چِڪَ.

– ذَوقِي ج ذَوقِي: ذ. ذوق وارو – شوقين – موجي. سکي – آسودو – خوش. عيشي جيئرو – سهجي پراڻي. راضي پرسن – نهال – سرهو. فئشنبل – ٺٺو – خوش مزاج – ڪلائيندڙ – ڪلڻو – اُڇڪ. بختاور – بخت وارو – ڀاڳ وارو.

• ذَوڪَڻُ: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• ذَهَبُ: ذ. (ع) سونُ – زَرُ – ڪُندن – طلا – ڪَنچَنُ. "چهرو چمڪيو، چيءَ چِپي، ڪيو زيبَ ذَهَبَ کي زد" (حمل).

• ذِهنُ ج ذِهنَ: ذ. (ع) ياد ڪرڻ جي قُوت – حافظو – سارَ – ياد – يادداشت – يادگيري – (چڱيءَ طرح) سنو حافظو – دماغُ.

Gul Hayat Institute

ڄاڻ – سمجهه – ادراڪ – فهم – عقل – ذڪاوت. استعداد – لياقت – قابليت – هوشياري – فراست – فهميدگي. دانائي – سياڻپ – ذڪاءُ.

– **ذِهنُ ڪُلڻُ:** سمجهه کلڻ – عقل جو تيز ٿيڻ – حافظو سُنو ٿيڻ.

– **ذِهنَ نشِينُ ڪَرڻُ:** سمجهڻ – چيتو ڪرڻ – ڄاڻ رکڻ – ياد ڪرڻ – ياد رکڻ – سمجهه ۾ آڻڻ. سمجهه ۾ وهارڻ – عقل ۾ وهارڻ – سمجهائڻ. ٻڌائي ڇڏڻ. يادگيري ڏيارڻ – ٻڌائڻ – ڄاڻ ڪرڻ.

– **ذِهنُ ويڙهائڻُ:** سوچڻ – سمجهڻ – ويچار ڪرڻ – خيال هلائڻ.

– **ذِهَنِي ج ذِهَنِي:** ذ. صفت. ذَهن وارو – هوشيار. ڪاوڙيل – چيڙاڪ – شوخ (ت).

• **ذهِينُ ج ذهِينَ:** ذ صفت [ع. ذِهن] سٺي حافظي وارو – ذهن وارو. سياڻو – سڄاڻ – عقلمند – ذڪي – تيزفهم – عقلي – سمجهو.

• **ذِي:** ذ. (ع) مالڪ – صاحب – ڌڻي. (صفت) جو – وارو. مرڪّبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ. جيئن: "ذِي اختيار، ذي وقار" وغيره.

– **ذِي اختِيارُ:** ذ. صفت. اختيار وارو – صاحبِ اختيار – مرضيءَ وارو – مختيار. حڪومت وارو – رتبي وارو.

– **ذِي الحَج:** ذ حج جو مهينو – هجري سال جو آخري مهينو – ذوالحج.

– **ذِي حَياتُ ج ذِي حَياتَ:** ذ. صفت. حياتيءَ وارو – زنده – ذِي رُوح.

– **ذِي رُوحُ ج ذِي رُوحَ:** ذ. صفت. روح وارو – ساهه وارو – جاندار – زندهه.

– **ذِي شانَ ج ذِي شانَ:** ذ. صفت. شان وارو – دٻدٻي وارو – رعبدار – پيڪي دار.

– **ذِي عِزّتُ:** ذ. صفت. عزت وارو – آبرو وارو – مانائتو. اشراف – سکر چڱو – خاصو – موچارو.

– **ذِي قَعدُ:** ذ. جنگ و جدل کان پاسو ڪري ويهڻ جو مهينو – هجري سال جو يارهون مهينو – ذُوالقعد.

– **ذِي وَقارُ ج ذِي وَقارَ:** ذ. صفت. عزت وارو – معزّز.

– **ذِي هَوشُ:** ذ. صفت. هوش وارو – هوشيار – سمجهو – فهيم – ذڪي – ذهين.

• **ذيابيِطَسُ:** ذ. (ع) بيماريءَ جو هڪ قسم – پيشاب ۾ کنڊ اچڻ جي بيماري – مِٺو پيشاب.

• **ذَيل:** ذ. [ع.] دامن – ڪِنارو – پاند – پلئُه. هيٺاهون حصو. (ظرف) هيٺ – هيٺان – هيٺئون – هيٺتي – هيٺ ڏنل.

Gul Hayat Institute

# ر

• **ر:** ث. [ع. ف] سنڌي 'الف ب' جو پنجويهون، عربيءَ جو ڏهون، فارسيءَ جو ٻارهون ۽ هندي 'الف ب' جو ستاويهون اکر آهي. ابجد جي حساب موجب عدد ٢٠٠.

• **رابطو ج رابطا:** ذ. [ع. رَبْطُ > رابطه] ڳانڍاپو — لاڳاپو — تعلق — واسطو.

• **رابعُ:** ذ. صفت. [ع. اربع = چار > رابع] چوٿون.

• **رابعَه:** اسم خاص. [ع] هڪ فقيه ۽ زاهده عورت جو نالو (جا بصره شهر جي ويٺل هئي، جنهن ڪري ڪيس "رابعه بصري" چون).

• **رابُونْ:** ذ. مينهن جو هڪ رنگ.

• **رابيلُ ج رابيلَ:** ذ. هڪ قسم جي وَل ۽ گل جو نالو.

• **راپٽو:** ذ. رب جهڙي گپ — تمام نرم گپ. راپڙو — رب — ربڙو — ربڙي — چڪ — راڦ — راڦو.

• **راپڙو:** ذ. رب جهڙو — پٽڙو — پترو — رب — نرم (پَٽ) هڪ قسم جي ڪڙهي جا اٽي ۽ ڏڌ مان ٺاهين (ث) — راپڙيو.

• **راپڙيو:** ذ. ڏسو "راپڙو".

• **راتِ ج راتيون:** ث. [سن. راتر، راتري = رات: پرا. رَت] سج لٿي کان سج اڀرڻ وارو عرصو — شب — ليل — سانجهي — سنجها. اونده — ڪاراڻ.

— **رات اکين ۾ گذارڻ:** سڄي رات جاڳڻ — اوجاڳو ڪرڻ — سڄي رات انتظار ڪرڻ — ساري رات ننڊ نه ڪرڻ.

— **راتاهو ج راتاها:** ذ. رات وارو — شب خون. رات جو حملو. رات جو حملو ۽ ڦُر.

— **راتاهو ڏيڻ:** شب خون هڻڻ — رات جو حملو ڪرڻ.

— **راتاهو ڏيئي وڃڻ:** رات جو ڦُري وڃڻ — الهو تلهو ڦري وڃڻ.

— **راتاهو هڻڻ:** رات جي وقت حملو ڪرڻ — شب خون هڻڻ.

— **راتِ پڳا جو گهڙڻ:** تريءَ تي بهشت گهڙڻ — ڪنهن ڪم جي ٿيهه پيهه تڪميل چاهڻ. اجائي تڪڙ ڪرڻ.

— **راتِ جو پيٽ وڏو هُئڻ:** رات جي اونداهيءَ ۾ گهڻيون ڳالهيون لڪي وڃڻ.

— **راتِ جو پڙهڻ:** رات جا پڇايل خيال لکڻ.

— **راتِ جي ماءُ (ت):** محاورو. اونداهي —اونده — انڌارو.

— **رات ڏينهن:** ظرف. اٺئي پهر — هر وقت — هر مهل — روزانو — هميشه _ سدائين.

— **راتِ رَهُو:** ذ. هندن جي هڪ رسم (جنهن ۾ مُردي جي رَکَ درياءَ ۾ اُڇلڻ کان اڳ هڪڙي رات رکندا آهن.)

— **راتِ ڳڏيل:** محاورو. صبح ٿيڻ کان اڳ وارو وقت — پوين اَسُر — ڏِکي — باک ڦٽي.

— **راتِ ڳڏيلَ هُئڻ:** اڃان رات جي اونده هئڻ — پنيرڪي جو وقت هئڻ.

— **راتوڏو:** ظرف. راتو واهه.

— **راتو راتِ:** ظرف. رات وچ ۾ _ رات جي عرصي ۾ _ رات گذرڻ کان اڳ ۾.

— **راتوڙو ج راتوڙا (ت):** ذ. صفت. رات جو چوري مال ڪاهيندڙ.

— **راتوڪو ج راتوڪا:** ذ. صفت. رات وارو — گذريل رات جو — راتوٽو. رات جو بچيل (ڪاڌو) — پاروٿو.

— **راتوڪِي راتِ:** ث. فقط هڪڙي رات — گذريل يا ايندڙ هڪڙي رات.

— **راتُوٽو ج راتُوٽا:** ذ. صفت. راتوڪو — رات وارو — گذريل رات جو. پاروٿو.

— **راتو واهَ:** راتو رات — رات جي وچ ۾ _ رات جي پيٽ ۾ _ اڌ رات جو.

• **راتِبُ:** ذ. [ع] هڪ ڏينهن جو ڪاڌو — روزينو. وِرو. روز جو مقرر

Gul Hayat Institute

تيل ڪاڻو – ہنڌاڻ. ڳوٺڻ (گھوڙن لاءِ) – گھوڙي جو مقرر داڻو. گاھ ۽ داڻو.

• **رائوڙ:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ مسلمان قبيلي جو نالو.

• **رائوڙُ ج رائوڙَ:** ذ. رائوڙ قوم جو هڪ فرد. (صفت). سگھارو – پهلوان – جانٺو – بهادر – ڏٽو مُٺو – جبرو. جنگجو.

• **راجُ ج راجَ:** ذ. [سن. راج > راجن = راجا] راجا – بادشاھ – حاڪم مُلڪ – ڏيهہ – راج. حڪومت – بادشاهي – بادشاهت – راجائي. حاڪمي – اختيارات.

– **راجَ اَسٿانُ ج راجَ اَسٿانَ:** ذ. [سن. راجن + استان = جاءِ] شاهي محل – قصر سُلطاني. دارالحڪومت – تخت گاھ – گاديءَ جو هنڌ – درالسلطنت.

– **راجپُوٽُ ج راجپُوٽَ:** ذ. [سن. راج + پُوٽ > پُتر = پٽ] راجا جو پٽ – راجا جو اولاد – راجڪمار – شهزادو. پنجاب جي هڪ مسلمان قبيلي جو نالو.

– **راجپُوٽانا:** اسم خاص. هندوستان جي هڪ علائقي جو نالو.

– **راجسٿانُ:** ذ. [سن. راج + اَستان = جاءِ] راجپوتن جي رهڻ جو هنڌ. هندوستان جو هڪ علائقو (جنهن ۾ راجپوتن جون ڪيترين ئي ذاتيون آباد آهن.)

– **راجڪُمارُ ج راجڪُمارَ:** ذ. [سن. راج + ڪُمار = شهزادو] راجا جو پٽ – شهزادو. (ث) راجڪماري ج راجڪماريون.

• **راجا ج راجا، راجائُون:** ذ. [سن. راج: هہ. راجا] راج يا راج ڪندڙ – بادشاھ – حاڪم – راءِ – سلطان.

– **راجا پرجا:** ث. ڏٽي ڏوٽي – ڏٽي سائين جا ڪم ۽ رعيت.

– **راجائُو ج راجائا:** ذ. صفت. شاهاڻو – شاهي – بادشاهي. خانداني – اميراڻو – وڏ گهراڻو.

– **راجائِي:** ث. بادشاهي – تاجداري. سلطنت – حڪومت. (صفت) راجا جو – راجائن وارو – بادشاهي – حاڪماڻو.

• **راجبيرِي:** ث. مصالحي جو هڪ قسم.

• **راجحُ:** ذ. صفت. (ع) بهتر – غالب – فائق.

• **راجسِي ج راجسِي:** ذ. صفت. [انگ. Rogers 'راجرس' ولايتي ڪارخاني جو نهيل چاقو (جو تمام اُجو ۽ سنو سمجهيو ويو).

• **راجعُ:** رجوع ڪندڙ. پيش ٿيندڙ. اڳيان حاضر ٿيندڙ.

• **راجڪرا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو (اڪثر ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾).

• **راجنيلي:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو (اڪثر جيڪب آباد ۾).

• **راج هَنسُ:** ذ. آبي پکيءَ جو هڪ قسم (اڇو هنج پکي. جنهن جون ٽنگون ۽ چهنب ڳاڙهي ٿئي).

• **راڄُ ج راڄَ:** ذ. [سن. راجن: پرا. راج] رعيت – رعايا – عام ماڻهو – پرجا. قوم. آبادي. بادشاهي – صاحبي – حڪومت. مُلڪ – علائقو.

– **راڄاڻُ ج راڄاڻَ:** ذ. راڄيو – راڄا. "تو جو پاڻيو پانهنجو سو ريساڻو راڄاڻ" (شاھ).

– **راڄاڻو ج راڄاڻا:** ذ. صفت. راجوٽو – راج جو.

– **راڄائتو ج راڄائتا:** ذ. صفت. راج وارو – راجائي – شاهي.

– **راجُ ڀاڳُ:** ذ. حڪومت – سلطنت – بادشاهي – راج.

– **راجُ ڀنگُ:** ذ. حڪومت جي بربادي – بادشاهيءَ جو خاتمو.

– **راجداري:** ث. [سن. راجن + ف. دار > داشتن = رکڻ] رعيتي راج – جمهوريت. راجوٽي – راجنيتي.

– **راجڌاني:** ث. گاديءَ جو هنڌ – تخت گاھ – دارالحڪومت.

– **راجَ ڊوهو ج راجَ ڊوهي:** ذ. صفت. [سن. راجن + دروهہ] حڪومت جو دشمن. غدار – باغي.

– **راجَ ڊوهي ج راجَ ڊوهي:** ذ. صفت. ڏسو "راج دوهو".

– **راجَ راڻي ج راجَ راڻيُون:** ث. ملڪ – پٽ راڻي.

– **راجَ راهو ج راجَ راهو:** ذ. صفت. راج سان رهائيندڙ – صلح پسند.

– **راج سڀا ج راج سڀائُون:** ث. شاهي دربار – شاهي مجلس – درٻار – ڪچهري.

– **راجُ ڪاجُ ج راجَ ڪاجَ:** ذ. شاهي معاملات – سرڪاري معاملات. پنچائتي فيصلو – راجوٽو فيصلو.

– **راجُ ڪرڻُ:** حڪومت ڪرڻ – صاحبي ڪرڻ – بادشاهي ڪرڻ. حڪم هلائڻ. عيش ڪرڻ. آسودو رهڻ. سکيو رهڻ.

– **راجڪو:** ذ. صفت. راج جو – حڪومت جو. راجوٽو – پنچاتي.

– **راجُ مهاجنُ:** ذ. مسلمانن ۽ هندن جي گڏيل جماعت.

– **راجنيت:** ث. ملڪي قانون.

– **راجنيتي:** ث. ملڪي قانون. حڪومت جو آئين. ملڪي جوڙجڪ.

Gul Hayat Institute

– **راج وارو ج راج وارا:** ذ. ھڪڙي راجا جي ھٽ ھيٺ ملڪ، ڳوٺ يا شھر. راڄ – قوم – عوام.

– **راجوٽو ج راجوٽا:** ذ. صفت. راجائي. راڄ جو – راڄ وارو. نيات جو. پنچائتي. قومي. خانگي.

– **راجوٽي:** ث. راڄ جو – نياتي – پنچائتي – راجوٽو – برادرانہ – برادريءَ جو. راجوٽي ھلت – پنچائتي فيصلو.

– **راجي:** ذ. صفت. راڄ جو – راجوٽو. راجوٽي. (اسم خاص) ھڪ عورت جو نالو.

– **راجيو ج راجيا:** ذ. راجا – حاڪم

• **راجاري پٽ:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **راجپر:** اسم خاص. مسلمانن جي ھڪ ذات جو نالو.

• **راجڙ ج راجڙ:** اسم خاص. مسلمانن جي ھڪ ذات جو نالو.

• **راجسين پوٽا:** ذ. اسم خاص. قبيلي جو نالو (ولي راجسين جو اولاد).

• **راجمھلي:** ث. ان جو ھڪ قسم.

• **راجواھ:** اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ ھڪ ديھ جو نالو. تالپورن جي دور جي گھٽن واھن جو نالو.

• **راجڻ (ت):** مصدر. رانڻ – مچڻ – قبولڻ – باسڻ.

• **راڄڻ:** مصدر. خوش ٿيڻ – محبت مان رچڻ.

• **راجڻ ج راجڻيون:** ث. ٻيڙي – ڏونڊي.

• **راجي ج راجيون (ت):** ذ. صفت. اسباب وارو.

• **راح:** ث. [ع] ھٿ جون ترِيون. شراب. خوشي – سرھائي.

• **راحت ج راحتون:** ث. [ع. روح] خوشي – سرھائي – فرحت – سُک – چين.

• **راحت جان:** صفت. [ع. راحت + ف. جان = ساھ] دل کي آرام ڏيندڙ – دل کي خوش ڪندڙ. پيارو – محبوب.

• **راحل ج راحل:** ذ. صفت. [ع. رَحَلَ = ھو روانو ٿيو] ڪُوچ ڪرڻ وارو – راھي ٿيندڙ – لڏيندڙ.

• **راحم ج راحم:** [ع. رَحِمَ: ھن مھرباني ڪئي] الله تعاليٰ جو ھڪ صفاتي نالو. رحم ڪندڙ – رحيم – ٻاجھارو.

• **راخال (ت):** ذ. اوڌر – رکت – قرض.

• **راڏارو ج راڏارا:** ذ. شاديءَ وغيره جي موقعي تي رڌ پچاءُ جو ڪم ڪندڙ.

• **راڏا ويڏ ج راڏا ويڏ:** ذ. دڙڪو داٻ. دلاسو. فيصلو – نبيرو – صلح.

– **راڏاويڏ. راڏاويڏي:** ث. (ڪنھن سودي ۾) واپاري ۽ خريدار جو پاڻ ۾ نبيرو. ڳالھين ذريعي آخري ناھ.

– **راڏا ويڏي ڪرڻ:** ناھ ڪرڻ. فيصلو ڪرڻ. پرچاءُ ڪرڻ.

• **راڌڻ:** اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو. ھڪ شھر ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو.

• **راڌڻ ج راڌڻون:** ث. رڌ پچاءُ _ رانڌڻ – سانجھڻ.

• **راڙڻ:** مصدر. پوکڻ – ٻج ڇٽڻ – تخم ريزي ڪرڻ.

– **راڙي (ت):** پوک.

• **راڙ ج راڙيون:** ث. رڙ _ دانھن – ڪُوڪ – ڪُوڪار (جھنگلي جانورن جي): "راڙيون رڙن جون ٿيون، ھاپا ھُل حشر" (حفيظ) رڙيون – روڄ – (اسم خاص) ڪپري جي اُتر ۾ ھڪ پِٽ جو نالو.

– **راڙ ڪرڻ:** رڙيون ڪرڻ – روئڻ – روڄ راڙو ڪرڻ.

• **راڙو:** ذ. روڄ – رودن. جنگ – ويڙھ – لڙائي: "عليءَ پٽ اميرَ، ڪندا راڙو رُڪ سين".

• **راڙھ:** ث. وڏي رڙ.

• **راڙھو:** ذ. وڏيون رڙيون ڪندڙ.

– **راڙھو ڪرڻ:** روڄ ڪرڻ – ماتم مچائڻ.

• **راز ج راز:** ذ. [ف. راز = ڳُجھ] لِڪل ڳالھ – ڳُجھ – ڀيد – اسرار. لِڪ. مَنجھ.

– **رازدار ج رازدار:** ذ. صفت. [ف. راز + دار. داشتن = رکڻ] راز وارو – راز کان واقف – ھمراز – حال محرم – حال پائي. دوست – ھمدرد.

– **رازداري:** راز جو لِڪ.

– **رازدان ج راز دان:** ذ. صفت. [ف. راز + دان دانستن = ڄاڻڻ] رازداري – ڀيدي.

– **راز فاش ڪرڻ:** ڳُجھ ظاھر ڪرڻ – لِڪل ڳالھ ظاھر ڪرڻ – راز کولڻ.

– **راز محرم ج راز محرم:** ذ. صفت. رازدار – رازدان – حال پائي.

– **راز نياز – راز و نياز:** ذ. [ف] محبت جون ڳُجھيون ڳالھيون – ڳجھي رھاڻ.

– **راز نياز جون ڳالھيون:** محاورو. پيار ۽ قرب جون ڳالھيون.

Gul Hayat Institute

• **رازِقُ:** ذ. [ع] اللہ تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. رزق رسائيندڙ – پالڻهار.

• **رازو ج رازا:** ذ. رازڪو ڪم ڪندڙ – جايون ٺاهيندڙ – معمار – اوساري ڪندڙ.

– **رازڪو ج رازڪا:** ذ. صفت. رازي جو (ڪم يا اوزار).

• **راس، راسِ:** صفت. [ف. راست = برابر] درست – برابر – پورو – مڪمل. صحيح. تيار.

– **راسِ پاس:** هر صلاح – راضي – ٺهيل. مڪمل.

– **راسِ ڪَرَڻُ:** پورو ڪرڻ – مڪمل ڪرڻ (ڪم). نبيرڻ. پڇائڻ.

– **راسِ هُجَڻُ:** موافق هجڻ – خوش هجڻ – راضي هجڻ. مڪمل هجڻ.

• **راسِ ج راسيُون:** ث. [ع] چوٽي. مٿو. چيڙو – پڇاڙي – بلندي – اوج. مُوڙي – پُونجي. گڏ ڪري رکيل مال – ملڪيت – ميراث. علم رياضي موجب مورِ ۽ وياج جي گڏيل رقم. هڪ گرهه جو نالو (جو هر هڪ برج ۾ تيرهن مهينا رهي ٿو). علم نجوم موجب تارن جي هڪ خاص شڪل – نکٽ – برج. جاگرافيءَ جي اصطلاح ۾ خشڪيءَ جو ڇهنبيارو حصو جو پاڻيءَ ۾ هجي. [ف] رستو – راهہ. گهوڙي جي واڳ. وهٽ جي مٿي ۾ پڌل رسي. اها رسي، جنهن سان ناڙيءَ کي هَرَ سان ٻڌجي [ث] اها روشنيءَ جي ليڪ جا سج اُڀرڻ وقت آسمان تي ڏسجي. پانجاريءَ کي ٻڌڻ جي رسي (ل).

– **راسِ الجَدِيُ:** ث. جدي گهيري جو اهو ٽپڪو، جتي سج پهچڻ سان سيارو شروع ٿئي ٿو – ڏکڻائڻ.

– **راسِ چَڪَرُ:** ذ. سج جو مدار – اهو دائرو جنهن تي ٻارهن برج آهن – طريق الشمس – سورج منڊل.

– **راس ڌاري:** ذ. ڪرشن مهراج جي گوپين جو کيل ڪندڙ.

– **راسُ السَّرطان:** ث. سرطان گهيري جي اها جاءِ، جتي سج پهچڻ سان گرمي شروع ٿئي – اُتراڻ.

– **راسُ المال:** ذ. تجارت جو سرمايو – واپار جي مُوڙي. مُلڪي قرض.

– **راس ليلا:** ث. ڪرشن مهراج جي گوپين سان رچايل راڳ ۽ ناچ جي محفل.

– **راس مَنڊَلُ:** ذ. راس چڪر – برجن جو ميڙ.

– **راس و ذنب:** ذ. اهي ٻہ تارا، جن سبب چنڊ گرهڻ ۽ سج گرهڻ ٿيندو آهي – راهو ۽ ڪيت.

• **راساڙو:** ذ. اجائي بڪواس – ڊيگهہ – جهاجهہ.

• **راسائُو ج راسائُو:** صفت. رُسائُو.

• **راستُ:** ذ. صفت. [ف] ساڄو – سڌو – سنئون. درست – صحيح – برابر. سچو – صادق. پورو – نيڪ. موافق – سازگار. (ذ) سچ – حق.

– **راست باز:** ذ. صفت. [ف. راست + باز > باختن = کيڏڻ] سچو – سچ چوندڙ – صادق. ايماندار. ديانتدار. بي رياءُ.

– **راست بازِيُ:** ث. سچائي – صداقت. ايمانداري. بي ريائي. ديانتداري.

– **راستُ بِينُ:** ذ. [ف. راست + بين > ديدن = ڏسڻ] حقيقت شناس. بي رياءُ. امين.

– **راستُ سُخَنُ:** ذ. صفت. [ف. راست + سخن = گفتگو] سچار – سچو. ايماندار. بي رياءُ.

– **راستُ گو:** ذ. [ف. راست + گو > گفتن = ڳالهائڻ] سچو – سچ ڳالهائيندڙ. حق گو.

– **راستُ گوئِيُ:** ث. سچ ڳالهائڻ. راستي – صداقت – سچ.

– **راستِيُ:** ث سچائي – راست بازي – صاف گوئي – سچ – صداقت. ايمانداري.

• **راسِخُ:** ذ. صفت. [ع] پڪو – پُختو – مضبوط – ثابت قدم.

• **راسُڙو ج راسُڙا:** ذ. هندن جي وِرن ۽ سورمن جي تعريف ۾ چيل هڪ ڊگهو نظم – راسوڙو.

• **راسَڻُ:** مصدر. راسيون ڪيڻ – سج يا چنڊ جي اُڀرڻ وقت اُفق مان روشنيءَ جون ڌارون نڪرڻ.

• **راسُو ج راسُو:** صفت. مڪمل – تيار پورو.

• **راسُوڙو ج راسُوڙا (ٿ):** ذ. هڪ قسم جو نظم (جو ڪولهي وغيره هندوڪيچ طور يا ناچ ۾ ڳائين. جنهن ۾ انهن جي وِرن ۽ سورمن جي تعريف هجي.

• **راسِيُ ج راسِيُون:** ث. سج لهڻ کان ٿورو اڳ سج جا ڳاڙها سڌا ڪرڻا. سج لهڻ کان ٿورو اڳ وڻن ٽڪرين مٿان ڳاڙهاڻ "ويو سج وڻن تان راسيون رتائين" (شاهہ).

• **راشِدُ ج راشِدَ:** ذ. [ع. رشد] سڌريل هدايت مجيندڙ – مذهب جو پابند – سنئين رستي تي هلندڙ. خدا پرست. نيڪ سچو.

• **راشِدِي:** اسم خاص. سنڌ ۾ ساداتن جو هڪ خاندان – پير صاحب پاڳاري جو خاندان.

Gul Hayat Institute

• **راشَنُ:** ذ. [انگ. Ration = کاڌو] رسد. راتب. کاڌي جو مقرر انداز – ورو. فوجي خوراڪ. گهوڙي لاءِ خاص کاڌو.
– **راشن بَنْدِ:** ث. راشن جو سرشتو – ملڪ ۾ ضرورت جي شين جي تقسيم.
• **راشو:** ذ. صفت. عام – سادو. معمولي. رواجي.
• **راشِي ج راشِي:** ذ. صفت. [ع] رشوت ڏيندڙ – عام معنيٰ ۾ رشوت وٺندڙ – رشوت خور – رشوتي.
• **راضُ:** ذ. [ع. رضا] خوشي مرضي – رضامندو. مهرباني – ٻاجهه.
– **راضپو:** ذ. رضامندو – خوشي – مرضي. پسندي. اختيار. راضپو.
– **راضِي:** ذ. صفت. [ع. رضا] خوش – سرهو. خواهان – خواهشمند. شاڪر. آماده. تيار. چڱو ڀلو. چاق.
– **راضِي بَرَضا:** صفت. رضا اِلاهي تي خوش – خدا جي حڪم تي خوش. تسليم ڪندڙ.
– **راضِي ٿيڻ:** رضامند ٿيڻ. خوش ٿيڻ – سرهو ٿيڻ.
– **راضِيپو:** رضامندو. خوشي. مرضي. آمادگي. قبوليت – مڃتا. راضپو.
– **راضِي ڪَرڻ:** خوش ڪرڻ. رضامند ڪرڻ. آماده ڪرڻ. مڃائڻ – قبول ڪرائڻ.
– **راضِي نامو ج راضِي ناما:** ذ. پاڻ ۾ ڪيل فيصلو – رضا نامو – ناهه – پرچاءُ – صلح نامو. اقرار نامو. قبوليت.
• **راعِيِ:** ذ. [ع] ڌنار – ڌراڙ. بادشاهه.
• **راغِبُ:** ذ. [ع. رَغَبَ = مائل ڪندڙ] رغبت ڏيارينڊڙ – چاهه ڏيارينڊڙ – لاڙو رکندڙ. خواهشمند.
– **راغِبُ ڪَرڻُ:** مائل ڪرڻ – متوجه ڪرڻ – رغبت ڏيارڻ.
• **رافِضِيِ:** اسم خاص. [ع] سپاهين جو اهو گروهه جو پنهنجي سردار کي ڇڏي ڏئي – جنگ جمل ۾ حضرت علي (ع) جو ساٿ ڇڏي ويندڙ جماعت.
• **رافِعُ:** ذ. صفت. [ع] بلند ڪندڙ – مٿانهون ڪندڙ – کڻندڙ.
• **راقُ:** ث. مينهن جو پٽڙو ڇيٽو.
• **راڪُ ج راڪَ:** ذ. راقو – ڪَپُ – ڇڪ – ڳارو.
• **راقُو ج راقا:** ذ. ڪپ – ڳارو – پٽڙو ڳارو. راهڙو. مينهن جو پٽڙو ڇيٽو.
• **راقِمُ ج راقِمَ:** ذ. [ع] لکندڙ – ڪاتب. مصنف.
– **راقِمُ الحُرُوفُ:** ذ. [ع] اکرن جو لکندڙ. خط لکندڙ.

• **راڪاسُ ج راڪاسَ:** ذ. [سن. راڪس] تمام وڏي قد بت ۽ تمام گهڻي طاقت وارو خيالي ڪردار (جو هميشه آڪاٽين ۾ اچي). ڀوت – ظالم – وحشي. خبيث – پليت. (ث) راڪاسياڻي ج راڪاسياڻيون.
– **راڪاسُ ڪُهِمي وڃڻُ:** ڪو به ماڻهو ڏسڻ ۾ نه اچڻ (شهر وغيره ۾) – ڪا ڀَهرَ نه هجڻ. سُڃ ٿي وڃڻ.
• **راڪاسِي ج راڪاسِي:** ذ. صفت. راڪاس جو – راڪاس وارو.
– **راڪسِي ج راڪسِي:** ذ. صفت. راڪاس جي – ديو جي.
• **راڪِبُ:** ذ. [ع. رڪِبَ = سوار ٿيو] سُوار – سواري ڪندڙ.
• **راکو ج راکا:** ذ. صفت. [رکڻ > راکو] رکوال – رکپال – محافظ – پهريدار – چوڪيدار – واهي. بچائيندڙ.
• **راڳُ ج راڳَ:** ذ. [هـ. راڳ] علم موسيقي. سنگيت. سُرن جي لاهه چاڙهه جو هڪ مقرر ماڻ. امروهي ڪان اَروهي تائين ۽ اَروهي ڪان امروهي تائين مقرر سُرن جي ميلاپ مان پيدا ٿيل خاص آلاپ. ڳائڻ. نغمو – سُرود. گانو. ذڪر – بيان – قصو. جذبو – پُور – ريجهڪ. مسخري. رڳڙو. ڪنراڳ.
– **راڳائِي ج راڳائِي:** ذ. صفت. راڳ ڳائيندڙ – راڳِي – راڳيندڙ – ڳَوَيو.
– **راڳ رنگ:** ذ. ڳائڻ وڄائڻ – راڳ روپ – ناچ گانو – کيل تماشو. عيش عشرت.
– **راڳُ روپُ:** ذ. ڳائڻ وڄائڻ. راڳ رنگ. عيش عشرت. جشن. محفل. خوشيون – مزا.
– **راڳ روپُ ڪَرڻُ:** ڳائڻ وڄائڻ ڪرڻ. خوشيءَ جي مجلس ڪرڻ. سازءِ سرود جي محفل مچائڻ. عيش ڪرڻ.
– **راڳ ڪَرڻُ:** ڪَسائڻ – نٽائڻ – بهانا ڪرڻ.
– **راڳ مالا. راڳ مالها:** ث. راڳ جي اصولن تي لکيل ڪتاب – راڳ بابت ڪتاب. ٻارن جي وندر جو هڪ ساز (ڏڪ هڻڻ سان مختلف آواز ڪيندڙ).
– **راڳِڻِي ج راڳِڻيُونَ:** ث. ڪنهن به وڏي راڳ جي هڪ شاخ.
– **راڳِڻِي ج راڳِڻِيُونَ:** ث. راڳڻي.
– **راڳَ وِيراڳَ:** ذ. ڳائڻ ۽ فڪر ۾ رهڻ.
– **راڳِي ج راڳِي:** ذ. صفت. راڳائي – راڳيندڙ – ڳائڻو – ڳَوَيو – ڪلونت.

Gul Hayat Institute

– **راڳيندڙ ج راڳيندڙ:** ذ. صفت. ڳائڻو – راڳي. ڳويو.

• **راڳڻ:** مصدر. راڳ ڏيڻ – لنبڻ – ليپڻ – ڳاري جو ليپو ڏيڻ.

• **راڳائي ج راڳائيون:** ذ. صفت. راڳو ڏيندڙ – ليپو ڏيندڙ. (ذ) رازو (ڪ).

– **راڳو ج راڳا:** ذ. ليپو – لنب – ڳاري جو استر.

• **راڳهه (ت):** ذ. ريهه – دانهن.

• **راڱڻ:** مصدر. رنگ ۾ پُسيل ڌور سان (ڪاٺ کي چيرڻ لاءِ) نشان ڪرڻ – رنگ سان ليڪا ڪڍڻ.

– **راڱي چڙهڻ:** رڱي ڇڏڻ. ليڪا ڪڍڻ. خراب ڪرڻ. ڳاڙهو ڪري ڇڏڻ.

• **راڱڻ ج راڱڻ:** ذ. شينهن جو هڪ قسم.

• **راڱو ج راڱا:** ذ. [هه. رانگا] رازڪي يا واڍڪي ڪم جو اوزار. اهو ڌاڳو يا ڌوري جو رنگ مان ٻوڙي پٽ يا ڪاٺ تي سنوت لاءِ ليڪن ڪڍڻ ۾ ڪم اچي. ڳاڙهي رنگ ۾ پُسيل ڌور سان (ڪاٺ چيرڻ لاءِ) ڪاٺ تي نڪتل ليڪو – داغ – ليڪو (رنگ جو). ڪتي جو هڪ قسم (ميرانجهڙن اڃن ۽ سليٽي ٽڪڙن وارو). شينهن جو قسم (ٻيلاڙي شينهن. جنهن جي بدن تي ڳاڙهي رنگ جهڙا پٽا ٿين): "ٻَرَ ۾ ٻلائون ٻيڙيون. راڱا ڪن رهاڙ" (حمل). جابلو وڻ جو هڪ قسم (جنهن جو ميوو ڳاڙهو ٿئي). (صفت) رڱيندڙ.

– **راڱا ڪرڻ:** ليڪا وجهڻ. رڱي ڇڏڻ (ڪُهڙي برسات ۾ وڻن تي ڳاڙها ليڪا پئجي ويندا آهن). تهر ڪرڻ – ظلم ڪرڻ – ويل وهائڻ. قُرلت ڪرڻ.

• **رال:** ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر (ڪوئر جو هڪ قسم. جو ٽانڊي تي رکي ڌوپ واس ڏيڻ جي ڪم اچي). ڌوپ – ريال.

• **رام:** اسم خاص. هندو ڌرم ۾ وڏو اوتار. ايوڌيا جي راجا 'دسترٿ' جو وڏو پٽ "شري رامچندر".

– **رامانندي:** ذ. هندو فقيرن جو هڪ گروهه.

– **رام ڀڄن:** ذ. رام جي تعريف ۾ چيل گيت.

– **رام رام:** ذ. هندن جو سلام.

– **رام ست:** ذ. رام رام.

– **رام رام تي هلڻ:** گذجي مان ڏيڻ.

– **رام ريجهائڻ:** رام کي راضي ڪرڻ.

– **رام ڪهاڻي:** ث. شري رامچندر جي ڪهاڻي. رامائڻ. وڏي آکاڻي – ڏکو قصو.

– **رام ڪهاڻي ٻڌائڻ:** پنهنجي باري ۾ ڪا ڏکي ڳالهه ٻڌائڻ.

– **رام ليلا:** ث. شري رامچندر جي فتحيابي ۽ لڙائيءَ جي نقل جو ناٽڪ. جو هميشه اسوءَ واري مهيني ۾ انهيءَ يادگيريءَ ۾ ڪيو ويندو آهي. دسهڙي جو ميلو.

• **راما نهو (ت):** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **راماڻ:** ذ. گوڙ – شور – هُل – هائيتال – واويلا. روج راڙو – ماتم. جهيڙو. جنگ – لڙائي. راماٽو. هنبس – هنگامو.

• **راماٽو ج راماٽا:** ذ. هُل – شور – گوڙ. هنبس – هنگامو. لڙائي – جنگ. روج – ماتم. "ترڀارت ترنگ، رڻ ۾ راماٽا ڪري" (خليفو نبي بخش). خوشي – مزو. ڏڻ. تماشو.

– **راماٽا ڪرڻ:** خوشيون ڪرڻ. مزا ماڻڻ. موجون ڪرڻ. لڙائي ڪرڻ.

• **رامائڻ:** اسم خاص. هندو ڌرم وارن جو پوتر ڪتاب. شري رامچندر جي احوال بابت ڪتاب (جو پهريائين سنسڪرت ٻوليءَ ۾ والمڪ رشي منظوم ڪيو ۽ ان کان پوءِ تلسيداس هندي ٻوليءَ ۾ لکيو).

• **رامبس:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (هٽ جيترو ٿئي. منجهس سنهي ڪُٽ ٿئي: ڪُوئن مارڻ لاءِ گهرن ۾ ساڙجي ته ڪُوئن کي خارش ٿيندي ۽ مري ويندا).

• **رامبس:** ذ. [انگ. Rhambus] جاميٽريءَ جي اصطلاح ۾ اهو پوروچوت چوڪنڊو جنهن جا آمهان سامهان پاسا ۽ آمهون سامهون ڪندون برابر هجن).

• **رامو ج راما (ڪ):** ذ. ڪاري جي رڄ جو هڪ عضوو (ڪاميٽ ۾ لڳل جهنڊو جو پري کان رڄ جو نشان ڏئي).

• **رامپوري ج رامپوريون:** ذ. (ڪُڪڙ جو هڪ قسم جو قد جو ننڍو ۽ سهڻو ٿئي).

• **رام جاڳو:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ مشهور مسلمان درويش "رام جاڳو" (رحمان جاڳو) جي درگاهه.

• **رامچندائي:** اسم خاص. سنڌ جي هندن جو هڪ پاڙو.

• **رام ڏيو:** اسم خاص. هندن جي هڪ پير جو نالو.

• **رامش:** ث. [ف] سرهائي – خوشي. راڳ. خوشيءَ ۾ ڳائڻ.

• **رامڪلي:** ث هڪ راڳڻيءَ جو نالو. 'شاهه جي رسالي' ۾ هڪ سُر ۽ راڳ جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **راموتِيو ج راموتِيا (ٿ)**: ذ. رانديڪو.
• **رانَ ج رانُونْ**: ث. [ف] ٽنگ جو گوڏي کان مٿيون حصو – ستر – جوٽَ.
• **رانْباھُ ج رانْباھَ**: ذ. ڏِڳِيءَ جي رَنيَ. سُوئر جي رنيِ.
• **رانباھڻ (ت)**: مصدر. سُوئر جو وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ – هُڙڪڻ.
• **رانياٽُ ج رانياٽَ**: ذ. وڏي رڙ – رنيِ – دانهن – ٻُوڪَرُ. چوپائي جانور جي رنيِ (ت).
– **رانياٽ ڪَرَڻُ**: وڏيون رڙيون ڪرڻ – رنيون ڪرڻ.
– **رانياٽ هڻَڻُ**: رانياٽ ڪرڻ.
• **رانْيَٽُ ج رانْيَٽَ**: ذ. رنيِ – ڍڪَ. رانياٽُ.
• **رانْيِڪو ج رانْيِڪا (ڪ)**: ذَ. رنيِ – دانهن.
• **رانْيُڻُ (ت)**: مصدر. رنيڻ – ڍِڪڻ.
– **رانيُوٽو ج رانيوٽا**: ذ. هٿ جي آگَرين سان جهپ هٽي روڙڻ جي حالت – جهانيوٽو. رهڙ – رهنب.
• **رانْيُوٽا هڻَڻُ**: راهڙون ڏيڻ. جهانيوٽا هڻڻ.
• **رانْيُوڙيو ج رانْيُوڙِيا (ڪ)**: ذ. رڙ – واڪو. ٻيڪاٽُ.
• **رانت ج رانتيون (ٿ)**: ث. راند.
• **رانتيو ج رانْتِيَا (ٿ)**: ذ. رانديڪو.
• **رانْٽَ**: اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديھ جو نالو.
• **رانجهاپُور**: اسم خاص. تعلقي ٺـُل ۾ هڪ ديھ جو نالو.
• **رانْجهَنُ**: ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (لاک مان ٺاهيندا، لاک جهڙو ٿئي ٿو ۽ اڪثر وينجهار ڪم آڻين). اسم خاص. مرد جو نالو. (صفت) پيارو – سهڻو.
• **رانْجهُو رانجها**: اسم خاص. پنجاب جي هڪ مشهور عشقيہ قصي جو هِيرو (جو تخت هزارا شهر جي رئيس جو پٽ هو ۽ جهنگ سيال ۾ هيرَ تي عاشق ٿيو. سنڌ ۾ مرد جو نالو.
• **رانْجهو باڪرانِي**: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديھ جو نالو.
• **رانْدِ ج رانْدِيُونْ**: ث. کيل – بازي – کيڏ. رونْشو – وندر. تماشو. ٺينگ ٽپو. پتي راند (جُوا). ملھ (ت). سولي ڳالھ.
– **رانْدِ جهلَڻُ**: راند روڪڻ. راند هارائڻ.
– **رانْدِ رهڻ**: راند ڪرڻ – راند کُڏڻ – کيڏڻ.
– **رانْدِ ڙيو ج رانْدِ ڙيا**: ذ. رانديگر. راند جو ماهر.
– **رانْدِ کُڏَڻُ**: راند رهڻ – راند کيڏڻ.
– **رانْدَ ڪَرَڻُ**: کيڏڻ. وندرڻ. رونشو ڪرڻ.
– **رانْدَ ڪٽَڻُ**: بازي کٽڻ. آگ ڏيڻ.
– **رانْدَ کٽَڻُ**: بازي جيتڻ – ميل مارڻ. راند کٽڻ.
– **رانْدَ کيڏڻ**: راند رهڻ – راند کُڏڻ.
– **رانْدِ لَڳائِڻُ (ت)**: راند ڪرڻ. مسخري مچائڻ. بهانو ڪرڻ.
– **رانْدِ وِجهَڻُ (ت)**: راند جي اصطلاح ۾ ڳيچن ڳائڻ جي خيال کان زناني محفل ڪوٺائڻ. مسخري وجهڻ. ڌمچر مچائڻ.
– **رانْدِ يْڪَرِ (ت)**: ث. صفت. ڳائڻ وڄائڻ ۾ برک عورت – راند وجهندڙ (زال).
– **رانْدِ يْڪَرُ ج رانْدِ يْڪَرَ**: ذ. صفت. رانديگر.
– **رانْدِ يڪو ج رانْدِيڪا**: ذ. راند رهڻ جي شيءِ (جنهن سان ٻار راند رهن يا وندرن) – کيڏَوٽو طوق پُٽلو.
– **رانْدِ يڪُوٽِي رَهَڻُ**: مڪمل تابعدار ٿي گذارڻ. حڪم جو بندو ٿي رهڻ – طوق پُٽلو ٿي رهڻ.
– **رانْديڪَرُ ج رانْدِ يڪَـرَ**: ذ. صفت. راند کيڏندڙ – کيڏاري – رانديڪر. بازيگر – مداري.
• **رانْدڙِيُونْ**: ث. عورتن جي ڳائڻ جو قسم.
• **رانْدهْ**: صفت. [ف] نڪتل – تڙيل – لوڌيل.
• **رانْدهْ دَرگاھ**: صفت. دربار مان تڙيل. درگاھ الاهي مان لوڌيل. ملعون.
• **رانْڌَ ج رانْڌُونْ**: ث. جهڳڙو – بکيڙو – ٽنٽو – فساد – ڦڏو.
• **رانْڌائُو ج رانْڌاوا، رانْڌائـُو (ت)**: ذ. صفت. [رڌڻ > رنڌڻ > رانڌائو] رڌيندڙ – راڌو – بورچي.
• **رانڌو ج رانْڌا (ت)**: ذ. بورچي – رڌيندڙ – راڌائو.
• **رانْڌي ج رانڌيون (ت)**: ث. صفت. ڪراڙي – پوڙهي.
• **رانڪَ ج رانڪُونْ**: ث. قبر جي مٿان اڏيل قبو – مقبرو.
• **رانْگ ج رانْگـُونْ (ٿ)**: ث. اها ٻني جا ڏکهي گهٽي هجي ۽ ويڪر ۾ سوڙهي هجي.
• **رانڱا ٽِينگا ڪرڻ (ل)**: گوٽنات ڪرڻ – نٽائڻ – هڪ جي ٻِي ڪرڻ.
• **رانڱـڙُ ج رانڱـڙَ (ٿ)**: ذ. صفت. پهلوان – بهادر – دلير.
• **رانْڱِڙِيْ (ت)**: ث. ڇِڌي پوکيل کٽڪ.
• **رانْڱِيْ**: ذ. ٿرپارڪر ضلعي ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

- **رانُوَ (ت):** ذ. مهاڻن جي اصطلاح ۾ ڄاريءَ جي هيٺين اَکَن ۾ ڦاسائڻ جي نوڙي – رانُءَ.
- **رانُوَتِيِ:** اسم خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **رانُوَس، رانُوَس چيري (ڪ):** ث. ساموندي مڇيءَ جو هڪ قسم.
- **رانُوڪَ:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **رانُوَلُ ج رانُوَلَ:** ذ. دوست – محبوب – پرين.
- – **رانُوَلَ ديس:** ذ. پرينءَ جو ملڪ.
- **رانُوَلِيِ:** اسم خاص. تعلقي ٻاوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **رانُهَانَ:** ذ. هڪ قسم جو اناج – چؤنرا.
- **رانءُ ج رانُئُونُ (ڪ):** ذ. [پرا. راءُ] رڇ جو هڪ عضوو – ڄاريءَ کي پاسن کان جهلي بيهڻ لاءِ اُن جي اکَن ۾ وڌل ٿُلهو رسو – رانُوَ.
- **رانُٽِيِ ج رانُٽِيُونُ:** ث. ننڍو تنبو.
- **رانُئِڻُ:** مصدر. ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي ماڻهن جي مٿان رنگ هاري ڏَڻ ملهائڻ. رڱڻ. ڳاڙهو ڪرڻ. خوشي ڪرڻ. خوش ڪرڻ – راضي ڪرڻ – ريجهائڻ. سينگارڻ. هار سينگار ڪرائڻ.
- **رانُئِينُ جهائِيِن (رانءِ جهانءِ) ڪَرِڻُ:** گهرو ڪم ڪار ڪرڻ.
- **رانُنِيُونُ لاهِڻُ (ڪ):** مورا وڃڻ – جهنگ هٽڻ – جهنگ ڪپڻ.
- **راڻُ ج راڻَ (ڪ):** ذ. راڻو – راجا – راءُ "مُئي راڻ کان جيئرو ڪانءُ ڀَلو" (چوڻي).
- **راڻا:** اسم خاص. سوڍا. نَڪر.
- **راڻارو:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **راڻاسَر (ٿ):** اسم خاص. ننگر پارڪر جي پرسان هڪ تلاءَ جو نالو.
- **راڻا واءُ:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **راڻاهُ:** اسم خاص. تعلقي ميرواهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **راڻاهو:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **راڻَڪ ڏَهرُ:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **راڻِڻُ:** مصدر. رانُئَڻ. ڏتارڻ. گمراهه ڪرڻ. "حق پاڪ امن ڏي هاڻي، شيطان شقي تو راڻي."
- **راڻو ج راڻا:** ذ. [پرا. راڻ؛ هه. رانا] ننڍو راجا. ننڍڙي علائقي جو والي. جاگيردار. (اسم خاص) سومرا گهراڻي جي پوئين حاڪم همير سومري جي وزير جو نالو ("سوڍو"، نکر، مومل – راڻي جي مشهور عشقيه قصي جو هيرو).
- **راڻو:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **راڻو بَنْدُ (ٿ):** ذ. ڀرت جو هڪ قسم.
- **راڻو راهُڙُ:** اسم خاص. تعلقي ٻاوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **راڻوٽا:** اسم خاص. ضلعي ٿرپارڪر ۾ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
- **راڻي:** ڇڪي، گهِلي.
- **راڻِي ج راڻِيُونُ:** ث. [هه. راني] بادشاهه جي زال – ملڪه. عورت جو نالو.
- **راڻِي جو ٿانُ:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **راڻِيدَترَ:** اسم خاص. ٿرپارڪر ۾ رهندڙ هڪ ذات جو نالو.
- **راڻِي هار:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **راوَ ج راوَ:** ذ. [هه] شهزادو. راءُ – راجا.
- **راوانُ:** ذ. صفت. [ف] موڪرو – ڪشادو – ويڪرو.
- **راوَتْ سَرُ:** اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ ديهه ڳوٺ جو نالو.
- **راوَتِيِ:** ث. رائنٽي.
- **راوِرُو ج راوِرا (ل):** ذ. صفت. بنا ڪنهن روڪ جي – ڇوٽ – ڇڙَواڳ.
- **راوَڙَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **راوِڙُو ج راوِڙا:** (ت) ذ. صفت. تيز – سخت. بهادر. چالاڪ.
- **راوَلُ ج راوَلَ:** ذ. [سن. راجن = راجا] شهزادو. حاڪم. سردار. راجا – راءُ. جوڌو – جهونجهار – بهادر. ساجن – پرين – دلبر – محبوب – معشوق. (اسم خاص). مرد جو نالو.
- – **راوَل ديسُ:** ذ. محبوب جو ملڪ. هندن جي عقيدي موجب عالم ارواح.
- **راوِليا:** ذ. هڪ ذات جو نالو.
- **راوَڻُ:** اسم خاص. [سن] آڳاٽي زماني ۾ سري لنڪا جو هڪ راجا.
- **راوِيُ ج راوِيِ:** [ع] ذ صفت. ڏنل يا ٻُڌل – بيان ڪندڙ – مقصد ٻڌائيندڙ.
- **راوِيُ:** اسم خاص. سنڌو نديءَ کي ڀرتي ڪندڙ هڪ ندي جو نالو.
- **راهَ ج راهُونُ:** ث. [ف] رستو – سڙڪ – واٽ – دڳ – لنگهه. ريِت – طريقو.

— **راهبَرُ:** ذ. صفت. [ف. راهہ + بر > بردن = کڻي وڃڻ] رستو ڏيکاريندڙ – واٽ ٻڌائيندڙ – سُونهُون – رهبر – رهنما.
— **راهبَرِيُ:** ٿ. رهبري – سونهپ – اڳواڻي.
— **راهہَ تَکَڻُ:** واٽ ڏسڻ – انتظار ڪرڻ.
— **راهہَ تي آڻڻُ:** گمراهہ کي صحيح واٽ تي آڻڻ – سُڌارڻ.
— **راهہَ تي اچڻُ:** سنئين رستي تي اچڻ – سڌرڻ.
— **راهہَ پيدا ڪرڻُ:** رستو ڳولي ڪڍڻ. طريقو ڳولي لهڻ.
— **راهہِ خُدا:** الله جي راهہ ۾ _ خدا جي واٽ ۾.
— **راهہَ خَرچُ:** ذ. رستي جو خرچ – مسافريءَ جو خرچ پکو. سفرخرچ.
— **راهدارُ ج راهدارَ:** ذ. [ف. راهہ + دار > داشتن = رکڻ] رستي جو نگهبان – رستي جو محصول وصول ڪندڙ. ڌاڙيل – رهزن (ت).
— **راهداري ج راهداريُون:** ٿ. رستي تان لنگهڻ جو پروانو. ڪنهن عملدار جو لکيل پروانو (جنهن جي آڌار تي رستي تان لنگهندڙ مال کي ڪوبہ بيو عملدار روڪ نہ ڪري).
— **راهہَ ڏسڻُ:** رستو ڏسڻ – واٽ نهارڻ – انتظار ڪرڻ.
— **راهہَ ڏيکارڻُ:** رستو ڏيکارڻ – سِڌيءَ راهہ تي آڻڻ. سونهپ ڪرڻ. رهبري ڪرڻ.
— **راهہَ رَدَ ڪرڻُ:** رستو بند ڪرڻ – واهہَ بند ڪرڻ.
— **راهہَ رَسمُ:** ٿ. [ف. راهہ + رسم] رسم رواج – هلي چلي. دعا سلام.
— **راهہِ رَسُولُ:** نبيءَ جي نالي – رسُول جي صدقي.
— **راهرَوُ:** ذ. صفت. [ف. راهہ + رو > رفتن = هلڻ] مسافر – راهي – پانڌي – راهگير – واٽهڙو.
— **راهہَ ريِتُ:** ٿ. [ف. راهہ + ريت = نمونو] رسم رواج – هلي چلي.
— **راهزنُ + راهزَنَ:** ذ. صفت. [ف. راهہ + زن > زدن = هڻڻ] رستي تي ڦُر ڪندڙ – ڦورو – ڌاڙيل.
— **راهزَني:** ٿ. رستي تان ڦُر – ڦُرلٽ.
— **راهہَ ڪَڍڻُ:** رستو ڳولي ڪڍڻ – تدبير ڪرڻ.
— **راهگذَرُ:** ذ. [ف. راهہ + گذر > گذشتن = لنگهڻ] لنگهہ – رستو – واٽ.
— **راهہ گناهہ:** ظرف. هرويرو – خواهہ مخواهہ – دادي نہ ايستادي – نہ ڏيٺي نہ وٺٺي – بي گناهہ – بنا سبب جي.
— **راهگيرُ:** ذ. صفت. [ف. راهہ + گير > گرفتن = وٺڻ] واٽهڙو – مسافر.

— **راهہَ لائڻُ:** ڏڳ لائڻ – رستو ٻڌائڻ – رهنمائي ڪرڻ.
— **راهہ ۾ رَسڻُ:** اوکيءَ ۾ مدد ڪرڻ – همراهہ ٿيڻ – مدد ڪرڻ.
— **راهمارُ:** ذ. صفت. ڦورو – رهزن.
— **راهماري:** ٿ. ڦُر – رهزني.
— **راهہ مُسافرُ:** ذ. صفت. [ف. راهہ + ع. مسافر] واٽ ويندڙ – واٽهڙو – مسافر – راهگير: "راهہ مسافر سيکو، ڪونہ ڏنوسين هٿ ڏيهي".
— **راهہَ مِلَڻُ:** رستو ملڻ – گس ملڻ – واٽ هٿ اچڻ.
— **راهہِ نِجات:** ٿ. [ف. راهہ + ع. نجات] بخشش جو رستو – ڇوٽڪاري جو ذريعو.
— **راهنُما:** ذ. [ف. راهہ + نما > نمودن = ڏيکارڻ] رستو ڏيکاريندڙ – رهبر – رهنما. اڳواڻ.
— **راهنُمائي:** ٿ. رهنمائي – رهبري – سونهپ. اڳواڻي.
— **راهوارُ:** ذ. [ف] گهوڙي جو هڪ قسم – تازي گهوڙو. جنگي گهوڙو.
— **راهواري:** ٿ. گهوڙي جو هڪ پنڌ.
— **راهہَ وَٺڻُ:** گس وٺڻ – رستو وٺڻ – روانو ٿيڻ.
— **راهوُن رَد:** صفت. سيني پاسن کان نا اُميد – جتان ڪٿان ترڙيل. نڪمو. نياڳو.
— **راهوُن رَد ٿيڻُ:** هر طرف کان نا اُميد ٿيڻ.
— **راهوُن رَد ڪرڻُ:** سڀ واهون بند ڪرڻ – هر طرف کان نا اُميد ڪرڻ.
— **راهہَ ويندُو ج راهہَ ويندا:** ذ. صفت. واٽ ويندڙ – مسافر – واٽهڙو. بي گناهہ – بي ڏوهي.
— **راهہَ ويندُو ڦاسڻُ:** بي گناهہ ڦاسڻ – بي ڏوهي جهلجڻ.
— **راهہَ ويندي:** ظرف. ناحق – بي ڏوهي – نہ ڏيٺي نہ وٺٺي – خواهہ مخواهہ – بي سبب.
— **راهي ج راهِيُ:** ذ. صفت. واٽهڙو – واٽ ويندڙ – مُسافر.
— **راهي ٿيڻُ:** روانو ٿيڻ – پنڌ پوڻ – اُسهڻ – وڃڻ.
— **راهہ:** ٿ. ڳاهيل انَ جو ڍِڳُ (جو اجا ڪري ۾ پيل هجي ۽ ٻنٽي ٿيل نہ هجي) – صاف ٿيل انَ _ ڪري ۾ پيل انَ. پوک – آبادي.
— **راهہ تان ڪَکَ لاهڻُ:** راز ظاهر ڪرڻ – ڳجهہ کولڻ.
• **راهِبُ ج راهِبَ:** ذ. صفت. [ع] دنيا کي ترڪ ڪري گوشہ

Gul Hayat Institute

نشين تي الله جي عبادت ۾ مشغول رهندڙ – گوشہ نشين – تارک الدنيا. زاهد. ديول (عيسائين جي عبادت گاهہ) ۾ ويهي عبادت ڪندڙ (جنهن پنهنجي سڄي عمر ديول جي خدمت ۾ وقف ڪري ڇڏي هجي).

- **راهــڙَ:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. پرت جو هڪ قسم.
- **راهــڙَ ج راهڙونْ (ت):** ث. وڏي رڙ – دانهن – ڪُوڪَ.
- **راهڪُ ج راهڪَ (ت):** ذ. صفت. [سن. راڌ = راهڻ، پوکڻ] راهي ڪندڙ – پوک ڪندڙ – هاري – ڪڙمي – آبادگار.

– **راهڪِيْ ج راهڪيُونْ:** ث پوک جو ڌنڌو – ڪُڙمت – هاريو – آبادي – کيتي.

– **راهڪِيْ ڪَرَڻُ (ت):** پوک ڪرڻ – ٻني ٻارو ڪرڻ – آبادي ڪرڻ – هاريو ڪرڻ.

– **راهِڪِيْ:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

- **راهُما:** اسم خاص. ٽرياڪر ۾ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
- **راهمورُ:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **راهِمُو ج راهُما:** اسم خاص. ٽرياڪر ۾ هڪ مسلمان قبيلي جو نالو.
- **راهِنُ، راهِنَ:** ذ. صفت. [ع. رَهَنَ = گروي رکڻ] ڪا مقرر رقم وياج طور وٺڻ جي شرط تي اُڌاري طور رقم ڏيندڙ – گروي رکندڙ. وياج خور. وياج تي پئسا وٺندڙ.
- **راهِڻُ:** مصدر. رهائڻ – نِباهڻ – وفا ڪرڻ. ترسائڻ – ٽِڪائڻ. ٻُنتي ڇڏڻ. پوکڻ – پوک ڪرڻ.
- **راهُوْ:** ذ. [پرا. راهُ: سن. راهہ] هندو فلسفي موجب اهو ديوتا جو سج ۽ چنڊ کي جهلي گرهڻ ڪرائي (هندن جو عقيدو آهي تہ اهو ديوتا سج يا چنڊ کي جڏهن ڳيهي ٿو تڏهن گرهڻ ٿئي ٿو). هڪ نکٽ جو نالو – ذَنْبُ [ع] هڪ تاري جو نالو. (اسم خاص) هالا ۽ سڪرنڊ تعلقن ۾ ديهن جو نالو. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
- **راهُو ج راها:** ذ. صفت. رهاڪو – رهواسي "تہ ڏسجي راهہ رائي ۾ _ هتا هو روهہ جا راها" (احمد ملاح).
- **راهُو ج راهُو:** ذ. صفت. رهائيءَ وارو – هلندي پڄنديءَ وارو – سڀ ڪنهن سان رس رهاڻ سان هلندڙ. راڄ سان رهائيندڙ (چڱو مڙس) رهاڪو – رهندڙ.
- **راهِواڻِي (ت):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
- **راهوٽ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **راهُوجا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. سکر، شڪارپور، خيرپور ناٿن شاهہ ۽ رتيديري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
- **راهُوڪڙا (ڪ):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
- **راهُوڪِي:** هالا ۽ حيدرآباد تعلقن ۾ ديهہ جو نالو. هڪ ريلوي اسٽيشن جو نالو.
- **راهُونْڊ:** اسم خاص. هالا شهر کان هڪ ميل اوير طرف هڪ تڪيو (جتي مخدوم امين محمد پڪا اڏي وڃي زهد ۽ عبادت ڪئي. انهيءَ تڪيي کي پڪا بہ سڏيندا آهن).
- **راهُونْڊِڙو:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **راهُوڻِي (ٿ):** ث. رهائي – رسائي – هلندي – رسوخ – پهچ. مهرباني – ٿورو – احسان.
- **راهيجا:** اسم خاص. بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
- **راهِيْر:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **راءِ:** ث. رايو – رٿ – تجويز. مشورو – صلاح. خيال – مرضي – خواهش. پٽرائين زمين.

– **راءِ ڏِيڻ:** صلاح ڏيڻ – مشورو ڏيڻ. تجويز ٻڌائڻ – اٽڪل ٻڌائڻ.

– **راءِ وَٺَڻُ:** صلاح وٺڻ – مشورو وٺڻ.

- **راءِ:** ذ. ڏسو "راءُ".
- **راءُ ج راءِ:** ذ. [پرا. رائا: سن. راجن، راجا] راجا – حاڪم. هندو حاڪمن جي نالي پٺيان ڪم ايندڙ لفظ – معزز هندو کي سرڪار طرفان مليل خطاب "راءِ بهادر".
- **رائِتو ج رائِتا:** ذ. [هہ] ڏڌ ۽ مصالحي مان ٺهيل هڪ قسم جي ڪَڙهي.
- **رائِٽ:** صفت. [انگ. Right] صحيح – درست – برابر.
- **رائِجْ:** صفت. [ع] هلندڙ – جاري – مروج – چالو. رسمي – دستوري. معمولي – عام.

– **رائِجُ الْوَقْت:** صفت. هلندڙ وقت جو – مروج – چالو – رواج ۾.

– **رائِج ٿيڻ:** رواج ۾ اچڻ – چالو ٿيڻ – مروج ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

— **رائجُ ڪرڻ:** رواج ۾ آڻڻ – عمل ۾ آڻڻ.

• **رائِرُ، رائِرَ:** ذ. ڏَنُ – ڍَلُ – سُنگ اهو محصول. جو بادشاهه پنهنجي تابع مُلڪن يا سردارن کان وٺي ”تڪا جهل نه ٻل، نڪو رائر ڏيهه ۾“ (شاهه). سمنڊ – بحر.

— **رائِرو رائِرو:** ذ. صفت. محصول جوڳو.

• **رائِفِلَ ج رائِفِلُون:** ث. [انگ. Rifle] بندوق جو هڪ قسم.

• **رائِڪَ:** پٽ شاهه ويجهو هڪ مڪان جو نالو.

• **رائِڪو (ٿ):** ذ. ٿرپارڪر ۾ چوپائي مال جي سڃاڻپ جو هڪ خاص نشان.

• **رائِگَان:** ذ. صفت. [ف. رايگان] رستي ۾ ڪري پيل (شي) – وِيل – اجايو – مفت ۾ _ ضايع.

— **رائگان ٿيڻ:** ضايع ٿيڻ: برباد ٿيڻ. اجايو وڃڻ – بي فائدو وڃڻ.

— **رائگان ڪَرڻُ:** برباد ڪرڻ – ضايع ڪرڻ.

• **رائِلَ ج رائِلُون:** ث. ڪُونج ”رائِلَ رهي نه روهه ري، توڙي هجي پرلوءِ“

• **رائِلو:** ذ. ٿر ۾ هڪ سخت مٽي جو قسم. (اسم خاص) تعلقي ڪوٽڙي ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **رائِلِي:** اسم خاص. ٿر ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **رائِنُ (ڪ):** ث. جارَ جي ڪنارين واري ٿلهي رسي.

• **رائِڻُ:** [سن. رَنجَن] پرچائڻ – ريجهائڻ – راضي ڪرڻ – خوش ڪرڻ. ڳائڻ (ت)؛ ”ويني رانول رائيان، جوڳي اندر جيءَ“ (دلپت).

• **رائُو:** ذ. [سن. ريتم = واري] تمام سنهي ريتي. ڪڪري. هوا ۾ اُڏامندڙ مِٽي ”رائي ٻچ مَ رَند، رڙهه روحاني سسئي“ (شاهه).

— **رائُو ڪَرڻُ:** خراب ڳالهائڻ – بد الفاظ چوڻ.

— **رائُو ڏيڻُ (ڪ. ڪڇ):** دانهن ڏيڻ. ڪنهن به ڳالهه جو روبرو مقابلو ڪرڻ – دويدو ٿيڻ.

• **رائُون (ل):** ذ. چوپائي مال جو هڪ رنگ – مينهن جو هڪ خاص رنگ. جو پورانجهڙو هجي.

• **رائِي:** ث. ٻوڙ وغيره (خاص ڪري دال) ۾ گيهه ۾ تهڪايل ٿُوم وغيره ڏنل داغ. ريتي يا واريءَ جو داڻو. تيلي ٻجَ جو هڪ قسم – آهُر.

— **رائِي ڏيڻُ:** گيهه يا تيل ۾ ٿُوم وغيره دال کي داغ ڏيڻ. مشهوري ڏيڻ – نالو ڪرڻ (ت). بدنام ڪرڻ. وڏاءِ ڪرڻ (ڳالهه ۾).

— **رائِي ڪَرڻُ (ت):** بي انصافي ڪرڻ. پاسو وٺڻ – رِياءُ ڪرڻ.

• **رائِيتو (ٿ):** ذ. صفت. جهڙ ۾ مصالحو وجهي، گيهه جو داغ ڏيئي ناهيل ڪڙهي.

• **رائِيٽ (ڪ):** ث. ريتيءَ واري زمين – ريتائين زمين.

• **رائِين (ڪ):** ث. گاهه جو هڪ قسم – پُوئاٽي – پُوئاڙي. (اسم خاص) شاهبندر. ماتلي ۽ ٽنڊي محمد خان تعلقن ۾ ديهه جو نالو.

• **راياسُ (ٿ):** ذ. صفت. وارياسو.

• **رايگان:** ذ. [ف] ڏسو ”رائگان“.

• **رايُ ج رايا:** ذ. [ف. راي > رائي = ويچار. نظريو رکڻ] راءِ _ خيال – مرضي – رٿ. فيصلو. صلاح.

— **رايُ رَکَڻُ:** لحاظ ڪَرڻ – پاسخاطري ڪرڻ – پاسو وٺڻ.

• **رَبُّ:** اسم صفاتي. [ع] پالڻهار – پروردگار – رزاق – ڏاتي تعاليٰ.

— **ربُّ العَالَمِيْنَ:** [ع] سڀني جهانن جو پالڻهار – ڪُل ڪائنات جو پروردگار _ الله تعاليٰ.

— **رَبَّانِي:** صفت. ربَّ تعاليٰ جو – اِلاهي – خُدائي. ربَّ ڏانهن مائل. (اسم خاص) سنڌ جي هڪ مشهور ديني عالم ”مولوي عبدالحق رباني“ جو لقب.

— **ربَّ کي پهچڻُ:** مري وڃڻ – وفات ڪرڻ.

— **ربَّنا:** ندا. اي اسان جا پروردگارا! اي اسان جا ڏاتا!.

— **رَبُوبِيَّتُ:** ث. ربَّ جي صفت. خدائي – الوهيت. خدا جي ڪل ڪائنات.

— **ربِّي اَمْرُ:** خدائي حڪم – خدائي فرض. موت جو سڏ – انتقال.

• **رُبَّه:** ث. [ع] رَسُ – شربت. ڪڙهيل عرق. ميوي وغيره خصوصاً ڏاڙهونءَ جو ڪڙهيل گهاٽو رَسُ – چاش. پٽ _ قوام. پڪو ٿيل شربت ”ربَّ سُوس، رُبَّ انار“ وغيره.

— **رُبَّ اَنارُ:** ذ. ڏاڙهونءَ جو شربت.

— **رُبَّ سُوسُ:** ذ. پسارڪي وَکَر جو هڪ قسم (جو مٺي ڪاٺيءَ جي عرق مان ٺهي) – مٺي ڪاٺيءَ جو عرق.

• **رُبا:** صفت. [ف. رُبودَن = ڦرڻ] ڦريندڙ – ڪسيندڙ. مرڪب لفظن جي آخر ۾ صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ ”آهن رُبا، دلرُبا“ وغيره.

• **رباب ج ربابَ:** ذ. [ع] هڪ قسم جو ساز (طنبوري جهڙو ۽

Gul Hayat Institute

– **رُبجَڻُ**: مصدر. "رُبڻ" مان فعل مجهول. ڪم ۾ مشغول ٿيڻ –جنبجڻ – لڳي وڃڻ.

• **رتِ**: ث. [سن. رتم] محبت – پيار – پريت.

• **رتُ**: ذ. [پرا. رتّ: سن. رَڪْتُ = رت] خُون – لَهُو. عزازت – مائٽي. نسل –اولاد. سَگهَ – سَتُ – زورُ. ٽولهه – ماچ. سُونهن – مُنهن جي رونق – تازگي. ڳاڙهاڻ – لالائي. ڪپڙا – حيض. (صفت) ڳاڙهو – رتو – سُرخ. ڪاوڙيل – غصي ۾ ورتل – بيزار.

– **رت اَچڻُ**: رت نڪرڻ – رت وهڻ. مُنهن ۾ رت وَرڻ – عورت کي ماهواري اچڻ.

– **رتا وِڇوڙڻ**: عزيزن قريبن يا ويجهي تعلق وارن جي وچ ۾ نفاق وجهڻ. سڳا مائٽ جدا ڪرڻ.

– **رتا وِڇوڙِي**: ذ. صفت. عزيز جدا ڪندڙ – وڇوڙو وجهندڙ.

– **رت بِگڙڻ**: ڦِٽڻ – رت خراب ٿيڻ. ڪاوڙ اچڻ – جوش اچڻ.

– **رت ٻوڙَ**: ث. سوري – پيچش (جنهن ۾ پيٽان رت اچي). خونريزي – رتو ڇاڻ – قتل عام.

– **رت ٻريو واتُ هُئڻ**: فوتيءَ جي ڏک ۾ هئڻ – سوگوار هئڻ.

– **رت ٿيڻ**: رت ۾ پرجڻ – رت ۾ ڳاڙهو ٿيڻ – زخمي ٿيڻ. سڱ ڪرڻ –مائٽي ڪرڻ –گڏجڻ. پرچڻ. ڪڪ ٿيڻ – بيزار ٿيڻ – ورچڻ.

– **رت ٿِي وڃڻ**: وڇڙيل عزيزن جو پاڻ ۾ ناهه ٿيڻ – پرچي وڃڻ. سڱاوتي ڪرڻ – مائٽي ڳنڍڻ.

– **رت ٽهڪڻ**: ڏاڍي ڪاوڙ اچڻ. ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿيڻ.

– **رت پِت**: ذ. رت ۽ بلغم – بدن مان نڪتل.

– **رت پُونْءِ**: ث. غلاظت ۽ روڳ – رت – پِتُ.

– **رت پُونْءِ جو پورهيو**: محاورو. سخت ڪمائيءَ جو اُجورو – پگهر جو پورهيو – حق حلال جي ڪمائي.

– **رت پوڻ**: بدن ۾ رت وڌڻ – سگهارو ٿيڻ. متارو ٿيڻ – ٿلهو ٿيڻ. منهن ۾ رونق اچڻ. رت نڪرڻ.

– **رت پوٽائِي**: ث. رت جي گهٽتائي. هيٺائي – ڏبرائي.

– **رت پِياڪُ**: ذ. صفت. رت پيئندڙ. ظالم – قاتل – خوني.

– **رت پِيئَڻُ**: رت چُوسڻ. خون ڪرڻ – قتل ڪرڻ. تباهه ڪرڻ – برباد ڪرڻ. بدلو وٺڻ – وير وٺڻ. آزارڻ – بيزار ڪرڻ.

– **رت جا ٻارا هُئڻ**: حسد سببان اندر ۾ ڦٽ هئڻ – ساڙ سببان اندر سڙڻ

– **رت جا دست ٿيڻ**: پيٽان رت اچڻ. ڏاڍو حسد ٿيڻ. سخت صدمو پهچڻ.

– **رت جا ڍُڪ پِرڻ**: صدما سهڻ. ڏک سهڻ – صبر ڪرڻ.

– **رت جو ٻهو**: محاورو. تازو چاول ٻارُ – ڪچڙو ٻارُ.

– **رت جون مانيون چمڻ**: صدما پهچڻ – پريشانيون ٿيڻ. ظلم ٿيڻ.

– **رَتَ جُونْ مانيُونْ، سُورَنْ جا ساڳَ هُئَڻُ**: پنهنجي ڪَئي تي پشيمان ٿيندي سُور سختيون سهندو رهڻ (ت) –- خراب هلت جي ڪري ذليل زندگي بسر ڪرڻ – ڏکيو وقت ڪاٽڻ. روزيءَ جي تنگي هئڻ. رت جون مانيون ڪارائڻ. سخت بيزار ڪرڻ – تنگ ڪرڻ. تڪليف ڏيڻ.

– **رَتَ جُونْ نَدِيُونْ وَهائِڻُ**: گهڻي رتوڇاڻ ڪرڻ – خونريزي ڪرڻ – قتل عام ڪرڻ.

– **رَتَ جِيْ اُلْٽِي**: ث. وات مان رت جي قئي – هڪ قسم جي بيماري.

– **رَتَ جِيْ ٻُوءِ اَچَڻُ**: صفا سُج تي وڃڻ – تباهي ٿيڻ – خونريزي ٿيڻ.

– **رَتَ چُوسُ**: صفت. رت چُوسيندڙ – رت پيئندڙ – ظالم. ڪنجوس.

– **رتُ چُوسَڻُ**: رت پيئڻ. ٿوري اُجوري تي گهڻي محنت ڪرائڻ – پيڙڻ. رشوت وٺڻ.

– **رَتَ ڇاڻ**: ث. خونريزي – قتل عام – رتوڇاڻ.

– **رتُ ڇاڻَڻُ**: رت وهائڻ – خونريزي ڪرڻ – رتو ڇاڻ ڪرڻ – قتل عام ڪرڻ – ڪوس ڪرڻ.

– **رتُ دانڪِيءَ تي وَرَڻُ**: مائٽيءَ جو احساس ٿيڻ – رت جي ڇڪي اچڻ.

– **رتَ ڏِسِيْ رُمِي هَلَڻُ**: سَوَڙ سارو پير ڊگهيرڻ – حال سارو هلڻ.

– **رتَ روْهِيُوْن ڪَرَڻُ** (ل): ڪاڏو ڪائڻ (عورتون چِڙ ۾ چونديون آهن، مثلاً: "ڇڏيو تہ رت روهِيون ڪري وٺان").

– **رتُ روئَڻُ**: رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ – تمام گهڻو روئڻ – زار زار روئڻ. سخت صدمو رسڻ. گهڻو ڏک ڪرڻ. هنجون هارڻ. سخت پشيمان ٿيڻ – شرمسار ٿيڻ.

– **رتُ ريلا ڏِيڻُ**: تمام گهڻو رت وَهڻ – خونريزي ٿيڻ.

– **رتُ سَتُ**: ذ. سگهه ۽ صحت – تندرستي ۽ طاقت.

– **رتُ سَتُ ڏِيڻُ**: سڀ ڪجهه ڏيڻ – سڄي عمر جي طاقت ڏيڻ – سموري زندگي خدمت ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– **رتُ سُڪَڻُ:** بيماري وغيره سبب رت گهٽجڻ. رت خشڪ ٿيڻ. ڪمزوري ٿيڻ. ڊپ يا ڇڪتيءَ ۾ همت نه رهڻ. اَيرو ٿيڻ – ڏبرو ٿيڻ. تمام گهڻو ڊڄڻ. ڇڪتيءَ ۾ پوڻ.

– **رتُ ڪَٽُوُرو ڏيڻُ:** گذران واسطي سخت پورهيو ڪرڻ. رت ولوڙڻ. ڪشالو ڪڍڻ. جفاڪشي ڪرڻ.

– **رتُ ڪَڍائِڻُ:** سِير ڇوڙائڻ. جورون هٽائي ڪِنو رت ڪڍائڻ. جهيڙي وغيره ۾ ڀاڻ کي زخمي ڪرائڻ.

– **رتُ ڪَڍَڻُ:** سِير ڇوڙڻ. زخمي ڪرڻ. چِتي وجهڻ. پيڙڻ – ناجائز نفعو وٺڻ.

– **رتُ ڪَـرَڻُ:** زخمي ڪرڻ (سخت پورهئي يا ڪنهن بئي ڪم ۾) ڏاڍي مار ڏيئي بدن رتو رت ڪرڻ. ٿَڪائڻ (سخت ڪم يا سزا ۾). ڏاڍي مار ڏيڻ. هلاڪ ڪرڻ – ڪڪ ڪرڻ. تڪليف ڏيڻ – آزارڻ. چيڙائڻ – ڪاوڙائڻ.

– **رتُ ڳَنڍائِڻُ (ت):** برادريءَ ۾ قوت وجهڻ – راڄ ڦٽائڻ. پنهنجن ۾ ويرو وجهڻ.

– **رتَ ڳَرُ ج رتَ ڳَرُ:** ذ. چمڙيءَ جي هڪ بيماري (بدن جي ڪنهن به حصي تي رت جي خرابيءَ ڪان سوج ٿئي جا رت سان ڀريل هجي) ڳَرُ.

– **رتَ ۾ رات ڪَـرَڻُ (ت):** سخت بيزار ڪرڻ – آزارڻ. جيئڻ حرام ڪرڻ.

– **رتَ ۾ رولُو پوَڻُ:** گهر ۾ دشمني ٿيڻ. پنهنجن ۾ نفاق پوڻ.

– **رتُ واتَ کي لَڳَڻُ (ت):** قضيو ٿيڻ. ڪنهن عزيز جي وفات سبب سُوءَ ۾ هجڻ.

– **رت واهڻُ ج رتَ واهَڻُ:** ذ. رت نَلي – شِريان.

– **رتوچاڻ:** ث. رت چاڻ – خونريزي – قتل عام – ڪوسُ.

– **رتوچاڻ ڪَـرَڻُ:** تمام گهڻو رت وهائڻ – خونريزي ڪرڻ – قتل ڪرڻ – ڪوس ڪرڻ. سخت زخمي ڪرڻ.

– **رتو رتُ:** صفت. رت ۾ ڳاڙهو – رت ۾ ٻڏل – رت سان ڀريل. سخت زخمي.

– **رتو رت ڪَـرَڻُ:** سخت زخمي ڪرڻ – رت ۾ وهنجارڻ – رت ۾ ڳاڙهو ڪرڻ.

– **رتَ وَرُنو ج رتَ وَرُنا:** ذ. صفت. رت جي رنگ جهڙو – ڳاڙهو رَتو.

– **رت وَرُنو ج رت وَرُنا:** ذ. صفت. رت ورنو. "سج اُلٿي سسئي، رت ورنو روءِ" (شاهه).

– **رتُ ولوڙڻ:** سخت محنت ڪرڻ – جفاڪشي ڪرڻ. ڪشالو ڪڍڻ.

– **رتُ ولوڙي پيٽ ڪَـرَڻُ:** محاورو. سخت پورهيو ڪرڻ – محنت سان روزي ڪمائڻ.

– **رتُ وهائِڻُ:** خُون وهائڻ – رت چاڻ ڪرڻ – ڦٽي ڇڏڻ.

– **رتَ وهنتو ڪَـرَڻُ:** رتو رت ڪرڻ – رت ۾ ڳاڙهو ڪرڻ – سخت زخمي ڪرڻ.

– **رتُ هَلَڻُ هُجَڻُ:** تندرستي هجڻ. سگهائي هجڻ. ويجهي عزازت هجڻ – سگهي مائٽي هجڻ.

• **رُتِ ج رُتيُون:** ث. [سن] مُند – موسم – فضائي تبديل جو عرصو (هر هڪ علائقي يا مُلڪ ۾ جدا جدا مندون ٿين ۽ انهن جو عرصو به مختلف ٿئي. سنڌ ۾ سال ۾ چار مندون ٿين: سيارو بهار، اونهارو ۽ سرءُ). ماهواري – حيض. نمونو (هلڻ جو) – رفتار. بيهڪ – بناوت – شڪل.

• **رُتِ بدلجڻ، ڦرڻ:** موسم ۾ ڦيرو اچڻ – موسم بدلجڻ – آب و هوا ڦرڻ.

• **رتا:** اسم خاص. ڪاري ۾ رهندڙ هڪ ذات جو نالو.

• **رتاتڻُ:** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم ڳاڙهي رنگ جي ڪاٺي جا دوا طور ڪم اچي.

• **رتالُو ج رتالُو:** ذ. ميوي جو هڪ قسم. پاڄيءَ جو هڪ قسم – چيني پٽاٽو.

• **رتامُ:** ذ. انبن جو هڪ قسم – ڳاڙهي رنگ وارو انب.

• **رتانجُ:** ڳاڙهي رنگ جو صندل جو ڪاٺ (جو سُرهو ٿئي ۽ دوائن ۾ ڪم اچي). هڪ قسم جو ڳاڙهو پٿر.

• **رتبَ ج رتَبَ:** ذ. ڏانديءِ پکيءَ جو هڪ قسم (جهنب ڳاڙهي لعل ۽ مٿو به ڳاڙهو ۽ بدڪ جهڙو پر انهيءَ ڪان ٿلهو ۽ ڳرو) – رَتبو. رتونبو.

• **رتبو ج رتبا:** ذ. ڏانديءِ پکيءَ جو هڪ قسم – رتب. رتُونبو.

• **رُتبو ج رُتبا:** ذ. [ع. رُتبه] درجو – مرتبو – عهدو. عزت – شانُ.

– **رُتبو حاصِلُ ٿيڻُ:** مٿاهين درجي کي رسڻ – اوج تي پهچڻ.

– **رُتبو مِلَڻُ:** وڏو درجو ملڻ. گهڻي عزت ٿيڻ.

• **رتڙُ (ت):** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو (اڪثر خيرپور ۾). تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

- **رِتُ ج رِتَ (ت):** ذ. صفت. ڪنهن ڪم ۾ نہ ايندڙ – نڪمو – بيڪار. دغاباز. اجايو – بي فائدو.
- **رِتُ مُتُ (ت):** ذ. صفت. بي فائدو – اجايو.
- **رُٽُ ج رُٽَ (ٽ):** ذ. ٿُلهو – متارو – ڏِگُ. ڪارو رُڏ.
- **رٽُ ج رٽَ (ٽ):** ذ. گهٽو سِيءَ – پارو.
- **رُٺُ:** ذ. صفت. [مصدر. "رُسڻ" > رُٺ] رُٺل – رُسيل – ڪاوڙيل.
- **رُٺ مُنهَونْ:** ذ. صفت. رُڪو روح – ناراض. مُنهن سُوٽل.
- **رُٺَلُ ج رُٺَلَ:** ذ. صفت. [مصدر. "رُسڻ" > رُٺل] ناراض ٿيل – رنج ٿيل – ڪاوڙيل. "پرتل" جو ضد.
- **رُٺل رُوح:** ذ. صفت. ڪاوڙيل – ناراض. رُڪ مُنهون – پوريءَ طرح مُنهن نہ ڏيندڙ.
- **رُٺو ج رُٺا:** ذ. صفت. [مصدر. "رُسڻ" > رُٺو] رُسيل – رنج ٿيل – ناراض – ڏڪويل – ڪاوڙيل.
- **رُٺا پرچائڻُ:** رُٺل پرچائڻ – وڙهيل پاڻ ۾ پرچائڻ – ڪن ٻہ ٻن ڌُرين جي وچان رنجش ختم ڪرڻ.
- **رُٺن جا پاڳا مِٺا هجڻ:** جيڪو رُسي وڃي، تنهن جو پاڳو ڪائي وڃڻ آسان هئڻ.
- **رپُ ج رپَ (ت):** ذ. جبل جي سخت ۽ هيٺاهين زمين (جنهن ۾ پوک نہ ٿئي).
- **رِپَ ج رِپُونْ:** صفت. [سن. رِپَ = دشمن] دشمن – ويري. آفت – مصيبت. چِپَ. ڳرو. ٿُلهو. چالاڪ – هوشيار. اسم خاص. سانگهڙ. دادو. خيرپور ناٿن شاهہ. شڪارپور. روهڙي. جيمس آباد ۽ ميرو خان تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
- **رِپَ هُجَڻُ:** وڏي چِپَ هجڻ. آفت هجڻ. تمام چالاڪ هجڻ.
- **رِپَ مٿان رِپَ:** محاورو. ڏاڍي ڪان ڏاڍو. چورن مٿان مورُ.
- **رپڙَ (ٽ):** ٿ. وَلِ جو هڪ قسم (گول پنَ ۽ زمين تي پکڙندڙ ٿئي).
- **رپڙُ ج رپڙَ:** ذ. ڳِٽڙُ – سڃيل ماس. ڪَرنڍُ. واهو. چٺو – داغُ – نشان (جانورن جي جسم تي) – وَڏُ – وڍو (وڍرو) – ڏنو – ڊِمُ (ڊِرمُ). ڏڙَٻُ – دڙڳُ – چِٽُ – چُٺو. (اسم خاص) تعلقي شاهہ بندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو (ميرپور بٺوري تعلقي ۾).
- **رپڙ:** اسم خاص. ٺٽي الهيار ۽ شاهہ بندر تعلقن ۾ ديهہ جو نالو.
- **رَپَ ڪيچِي:** اسم خاص. تعلقي خيرپور ناٿن شاهہ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **رِپَ ميرداد:** اسم خاص. تعلقي ٺَٽل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **رِپَ نارِيْ:** اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **رُپو ج رُپا:** ذ. [سن. رئو پيم = چاندي] هڪ قسم جو قيمتي ڌاتو – چاندي – روپ – سِيم. چانديءَ مان ٺهيل هڪ سِڪو – رُپيو.
- **رپوٽ، رپورٽَ ج رپوٽُونْ، رپورٽُونْ:** ٿ. [انگ. Report] اطلاع – ڄاڻ – لکيل ڪار گذاري. لکيت. خبر.
- **رپوٽَر رپورٽَر:** ذ. صفت. اطلاع ڏيندڙ – خبرون پهچائيندڙ – نامہ نگار.
- **رُپيوْ ج رُپيا:** ذ. [سن. رئوپيم > روپ > رُپيو] چانديءَ مان ٺهيل هڪ سِڪو – هڪ سؤ پيسن وارو سِڪو.
- **رُپيو ڀڃائِڻُ، ڪولائِڻُ، مٽائِڻُ:** رُپئي کي ننڍن سِڪن ۾ تبديل ڪرائڻ – رُپئي جو ريزو وٺڻ.
- **رُپِيئَڙوْ (ڪ ل):** ذ. پرت جو هڪ قسم.
- **رجُ:** ذ. [پرا. رَڄَ: سن. رَجسُ > رَجَ = مِٽي، اَٽو] گل جي وچ واري اچي يا ڦِڪي داڻ داڻ – گل جي ٻَڪر. گل جي وچ ۾ اٽي جهڙو مادو.
- **رجڪوشُ:** ذ. [هہ] اهو ڪوپو، جنهن ۾ گل جو "رَجُ" بند هجي.
- **رجا:** ٿ. [ع. رجا] اُميد – آسرو – ڀروسو. خوشي. (صفت) ڍاول – رَڄ. آسودو.
- **رجائِيَتَ:** ٿ. اُميد واري حالت. آسرو – اُميد.
- **رُجاتَ:** ٿ. [ع. رُجُوعاتِ > سنڌي. رُجات] لاڙو – مريدن جو مرشد ڏانهن لاڙو. مقبوليت. فيض. اعتقاد. رُجوع ٿيڻ وارو عمل – پوئلڳي – بندگي.
- **رِجال:** ذ. [ع. رَجل ج رِجال] مرد. ماڻهو – انسان – آدم.
- **رِجالُ الْغَيب:** ذ. غيب جا ماڻهو – غيبي انسان.
- **رِجائڻ:** زمين کي گهٽو پاڻي ڏيئي آلو ڪرڻ. ڳارڻ – وِگهارڻ. پاڻي ڏيڻ. ريج ڏيڻ.
- **رجبُ:** ذ. [ع. رَجِبُ] هجري سال جو ستون مهينو (جنهن کي زالون "لڪانو" چون). (اسم خاص) مرد جو نالو.
- **رجبُ الْمُرَجَّبْ:** هجري سال جو ستون مهينو – رجب.
- **رَجِبُوت:** ذ. راجپوت.
- **رُجحانُ:** ذ. [ع] لاڙو – ميلان – رغبت.
- **رجْزُ ج رجزَ:** ذ. [ع] علم عروض موجب هڪ بحر.

Gul Hayat Institute

• **رُچَڻُ:** مصدر. [پرا. رُچَ؛ سن. روچن. رُچ = چمڪڻ، پيار ڪرڻ] سُهائڻ – پسند پوڻ – وڻڻ – سنو لڳڻ: "تو دس ڏيان مگڻا، روح رُچندا دان" يعني دل وڻندا دان. موافق اچڻ – برابر اچڻ. رَچڻ – رڱجڻ – ڳاڙهو ٿيڻ. فرحت اچڻ. خوشي ٿيڻ.

• **رُچَ:** خواهش – منشا – مرضي – حب – شوق. اڪير. ڏِسُ – رَچُ.

– **رُچَ ٿيڻ:** دل ٿيڻ – مرضي ٿيڻ – شوق ٿيڻ.

• **رُچائِڻ:** مصدر. راضي ڪرڻ – خوش ڪرڻ. پسند ڪرائڻ – وڻائڻ. مچائڻ.

• **رِچو ج رِچا (ڪ):** ذ. ڪِن ڪچرو – ڪک ڪانا – ڦانگا – ڀانجها (ت). ڀانگا.

• **رِڄهَڙ:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **رُچِي ج رُچيُون:** ث. جبلت – لاڙو – رُجحان.

• **رَڇَ (ٿ):** ث. حجامڪي ڪم جو هڪ اوزار – پاڪي.

• **رڇاني ج رڇانيون (ل):** ث. سنوارت جي اوزارن وجهڻ جو بجڪو – پاني – ڪِسبَت (ت).

• **رُڇَ ج رڇَ:** ذ. [سن. رڇرا = زنجير] مچي ڦاسائڻ جو ڄار. ڪورِڪي ڪم جو هڪ اوزار – تندن کي هيٺ مٿي ڪرڻ جو فريم (تاڃي پهريائين رَڇ مان نڪري پوءِ ڦڻيءَ مان نڪري). ڪوڀ اوزار. نڪر جو ڪوڀ ٽانءُ. لچڻ – ڪِرُ – لَلُ.

– **رڇُ ڀَرڻُ:** ڪورين جي اصطلاح ۾ سڄي تاڃيءَ جي تندن ۾ سُٽ جا ڪڙا وجهڻ. ڪاٺِي پيٽ ڀرڻ – رڄ ڪرڻ. ڪو وڏو ڪم ڪرڻ (طنزاً) ڀوٽو ڀارڻ. تمام گهڻو روئڻ. ڪِن ڪرڻ.

– **رڇَ ۾ ڪِينَ هُجَڻُ:** ڪوڀ افعال نہ هجڻ – ڪوڀ لَلُ نہ هئڻ.

– **رڇُ نہ ڏسڻُ:** بي پرواهيءَ سان هلڻ. آڪڙ سان هلڻ.

– **رڇُ ويهارڻُ:** تاڃيءَ کي ڪُڙن ۾ وجهڻ کان پوءِ ڀڪوڙي سوگهو ڪرڻ.

• **رِڇُ ج رِڇَ:** ذ. [پرا. رِڇُ؛ سن. رِڪُش؛ ف. خرس = رِڇُ] جهنگلي جانور جو هڪ قسم (ڪاري رنگ جو ۽ وڏن وارن سان).

– **رِڇُ ڀولُو ٿيڻ (ت):** خراب ٿيڻ. آپي مان نڪرڻ. بڇڙو ٿيڻ – خوار ٿيڻ.

– **رِڇ ڪڍائِڻُ (ت):** لُچائي ڪرڻ. نئون ڪم شروع ڪرڻ. رُڌل رهڻ – مشغول رهڻ. پنهنجي مطلب جي ڳالهه ڪرڻ.

• **رُڇُ ج رُڇَ:** ذ. دم ڪٽڻ جو هڪ اوزار.

• **رڇوڙِ ج رڇوڙيُونْ (ٿ):** ث. واڍڪي ڪم جي اوزارن رکڻ جي پيتي.

• **رڇِيْ ج رڇِيُون (ٿ):** [پرا. رَسي؛ سن. وِرشٽِي] ڏاتوءَ ۾ سوراخ ڪڍڻ جو هڪ اوزار. جنديءَ جي ڪم جو هڪ اوزار. اُها ڪَڏَ جا نئين ڪوٽيل ڪُوهہ جي اوساريءَ کان پوءِ ٻاهرئين طرف ٿئي. بند يا واٽر ڪورس جي ڪپ واري ٻنيءَ جي ڪوٽائي. اُها رِڍِ يا گهيٽو جا ٻارهن مهينن بعد اَنَ ڏئي – ڇاتي (ڪ). رڍ. مسافري – لڏ پلاڻ. روانگي – ڪُوچ. اُٺ جو پاڪڙو يا ڪجائو.

• **رِحْلَ ج رِحْلُونْ:** ث. [ع] ڪاٺ جي ننڍي گهوڙي (جنهن تي قرآن شريف رکي پڙهڻ ۾ آساني ٿئي).

• **رَحَلُ ج رَحَلَ (ت):** ذ. ڏسو "رِحْلَ".

• **رِحْلَتَ:** ث. [ع. رَحَلَ = هن ڪوچ ڪيو] ڪوچ – روانگي – لاڏائو – چالاڻو – موت – وفات.

– **رِحْلَتَ ڪَرڻُ:** وفات ڪرڻ – مرڻ – گذاري وڃڻ.

• **رَحْمُ ج رَحْمَ:** ذ. [ع] ڪهل – ٻاجهہ – قياس. رحمت. مِهْرَ – وَڙُ.

– **رَحْمانُ:** [ع] الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. مهربان. اسم خاص. حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۽ ٿرپارڪر ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ذات.

– **رَحْمانِيْ:** ذ. صفت. اِلاهي – خدائي. قدرتي – ٻلارو.

– **رَحْمائِيْ:** ذ. صفت. رحم وارو – رحيم – ٻاجهارو.

• **رَحْمَتَ ج رَحْمَتُونْ:** ث. [ع] فضل – ٻاجهہ – ڪَهل. ٻلاٽي – مهرباني – بخشش. سُکَ. آرام. (ڪنايةً) مِينهن – برسات.

– **رَحْمَة لِلْعَالَمِينُ:** جملو. شل انهيءَ تي الله تعاليٰ جي ٻاجهہ هجي!

– **رَحْمْدل:** ذ. [ع. رحم + ف. دل] ٻاجهاري دل وارو – قياس وارو. ٻاجهارو – مهربان.

– **رَحمدِليْ:** ث. مهرباني – قياس – ڪهل – ٻاجهہ.

– **رَحْمْ ڪَرڻُ:** قياس ڪرڻ – ڪهل ڪرڻ – ٻاجهہ ڪرڻ.

– **رَحْمُ کائِڻُ:** ترس کائڻ – رحم ڪرڻ – قياس اَچڻ.

• **رحيْمُ:** صفت. [ع] الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو – بيحد رحم وارو – مهربان.

• **رِحْمُ ج رِحْمَ:** ذ. [ع] ٻچي داني – ڪُڙِهہ (عورت جي). عورت جي پيٽ ۾ اهو هنڌ جتي ٻارُ سِرجي.

• **رَحَمَڪاڻِيْ:** اسم خاص. مري بلوچن جو هڪ پاڙو.

Gul Hayat Institute

● **رحملاڻي:** اسم خاص. بگٽي بلوچن جو هڪ پاڙو.
● **رحِيل صفت** لڏيندڙ ڪوچ ڪندڙ – اُسهندڙ. قافلي جو اڳواڻ – سرواڻ.
● **رحِيمُ آباد:** اسم خاص. ٺل ۽ جيڪب آباد تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
● **رحِيمُ واهه:** اسم خاص. تعلقي گڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● **رُخ:** ذ. [ف] مُنهن – چهرو – صورت – شڪل. ڏس – طرف – جانب – پاسو. نمونو – ڍول – ڍنگ. شطرنج راند جو هڪ مُهرو – اُٺ – ٺِنگي.
— **رُخ بدلائڻ:** مُنهن ڦيرائڻ – مُنهن مٽائڻ. پاسو مٽائڻ – طرف ڦيرائڻ. مُنهن مٽڻ – رُسڻ. ارادو بدلائڻ.
— **رُخ تي چڙهڻ:** مُنهن سامهون ٿيڻ – روبرو ٿيڻ – گڏجڻ – ملڻ.
— **رُخ رکڻ:** مُنهن ڪرڻ – ڪنهن پاسي روانو ٿيڻ.
— **رُخ ڦيرائڻ:** مُنهن ڦيرائڻ – مُنهن مٽائڻ. پاسو بدلائڻ. طرف ڦيرائڻ. ناراض ٿيڻ – رنج ٿيڻ.
— **رُخ ڪرڻ:** ڌيان ڏيڻ – توجهه ڏيڻ. مائل ٿيڻ – راغب ٿيڻ – رُجوع ٿيڻ – لاڙو ڪرڻ.
● **رخت:** ذ. [ف] هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو. سُني پوشاڪ – خلعت. ريختو. اسباب – سامان – مڏي. لَٽو. ذخيرو – ڪاٺي جو سامان.
— **رخت سفر:** ذ. سفر جو سامان. سفر ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺو وغيره.
● **رختو ج رختا (ت):** [ف. ريخته] ڪپڙي جو هڪ قسم.
● **رُخسارُ ج رُخسار:** ذ. [ف] ڳِٽو – ڳَلُ – مِٽَ.
● **رخشُ:** ذ. [ف. رَخشيدن = چمڪڻ] چمڪو – روشني – چمڪاٽ. رونق – ڀڪو – شانُ – تجمّل. (اسم خاص) رستم پهلوان جي گهوڙي جو نالو.
● **رخشان:** ذ. [ف. رخشيدن > رخشان] چمڪندڙ – روشن – ڀڪندڙ. پيڪيدار – رونقدار.
● **رُخصَتَ ج رُخصَتون:** ث. [ف] موڪل – چوٽي – اِجازت. موڪلائي – وداع.
— **رُخصَتَ اتفاقي:** ث. ريزڪي موڪل – چوٽي موڪل.
— **رُخصت ٿيڻ:** روانو ٿيڻ – وداع ٿيڻ – وڃڻ. لاڏاڻو ڪرڻ – گذاري وڃڻ – مرڻ.

— **رُخصَتَ ڏيڻ:** اجازت ڏيڻ – موڪل ڏيڻ.
— **رُخصَتَ ڪرڻ:** روانو ڪرڻ – وداع ڪرڻ. برطرف ڪرڻ – موقوف ڪرڻ (نوڪريءَ تان).
— **رُخصَتَ ملڻ:** اجازت ملڻ – موڪل ملڻ – چوٽي ملڻ. موقوف ٿيڻ (ملازمت تان).
— **رُخصَتَ وٺڻ:** اجازت وٺڻ – موڪل وٺڻ. چوٽي وٺڻ. روانو ٿيڻ – وڃڻ.
● **رُخنو ج رُخنا:** ذ. [ف. رُخنه] سوراخ – چير – سِير – شگاف. ياڄ – پيچ داهه. رنڊڪ. ڦوٽ. ڦيٽاڙو – اختلاف.
— **رُخنه اندازُ ج رُخنه انداز:** ذ. صفت. [ف. رُخنه + انداز > انداختن = ڦٽو ڪرڻ] ڦوٽ وجهندڙ. رنڊڪ وجهندڙ. نقصان ڪار.
— **رُخنه اندازي:** ث. مزاحمت. خلل – فساد.
— **رُخنو پوڻ:** اٽڪ پوڻ – رنڊڪ پوڻ.
— **رُخنو وجهڻ:** خلل وجهڻ. اٽڪاءُ وجهڻ. رنڊڪ وجهڻ.
● **رُخو ج رُخا:** ذ. [ف. رُخ] شطرنج راند جي هڪ ساري – هاٿي.
● **رد:** ذ. [ع] منسوخ – ناقبول – نامنظور – ترڪيل – هٽايل. دليل سان ختم ٿيل. ٽاريل. (صفت) ردي – خراب. نڪمو – بيڪار. ڇٽُ – وِيلُ.
— **ردِ باطل:** ذ. [ع] باطل جو رد. ڪُوڙ کي غلط ثابت ڪندڙ. (ڪنايةً) سچ – حق.
— **ردبدل:** ذ. [ع] اُٿل پُٿل – ڦيرگهير – اُلٽ پُلٽ – تبديلي. مٽاسٽا. ڏي وٺ. رد قد. تڪرار – ريڙهه پيڙهه.
— **ردِ بلا:** مصيبت کي ٽاريندڙ.
— **رد ٿيڻ:** نامنظور ٿيڻ – منسوخ ٿيڻ – غلط ثابت ٿيڻ.
— **ردجواب:** ذ. جواب جو جواب. سوال جواب.
— **رد قد:** ذ. [ع. رد] بحث مباحثو – دليل بازي. زباني تڪرار. سوال جواب.
— **رد قد ڏيڻ:** بحث مباحثو ڪرڻ – سوال جواب ڪرڻ – دليل بازي ڪرڻ.
— **ردُ ڪرڻ:** نامنظور ڪرڻ – منسوخ ڪرڻ – ختم ڪرڻ. ڪاٽڻ – ترڪ ڪرڻ. واپس ڪرڻ – موٽائڻ – ڦيرائڻ. ڪوڙو ثابت ڪرڻ. ترديد ڪرڻ. خراب ڪرڻ. نڪمو ڪرڻ.
● **ردي ج ردي:** صفت. بيڪار – خارج. اُڇلائڻ جهڙو. خراب.

Gul Hayat Institute

• **رڙائڻ:** مصدر. "رڙڻ" مان متعدي بالواسط. دانهون ڪرائڻ – واڪا ڪرائڻ. روئارڻ (ٻارڪي). ڪُڪ ڪرڻ – ستائڻ – آزارڻ. رُلائڻ.

• **رڙڪات:** ذ. ڏندن سان ڪا سخت شيءِ ڪُرٽڻ جو آواز. پنگ يا تاڏل گھوٽڻ جو آواز.

• **رڙڪاٽ ڪُرڪاٽ (ت):** ذ. گوڙ گھمسان – شور ۽ هُل.

• **رڙڪڻ:** مصدر. ڏندن سان ڪا سخت شيءِ ڪُرٽي ڪائڻ – ڪُرٽڻ – ڪائڻ. ڪائي وجھڻ – ڦبائڻ – دٻائڻ – گيهڻ – هيسڻ.

• **رڙڪو ج رڙڪو (ت):** ذ. صفت. ڪائي ويندڙ – هبچي – لالچي. رشوتخور.

– **رڙڪي وجھڻ (ت):** ڪائي وجھڻ – ڪائي چَٽ ڪرڻ.

• **رڙڪو ج رڙڪا:** ذ. رڙ – دانهن – ڪُوڪَ – واڪو – ڪِيهَ. سڏ – هوڪو – هڪل. گوڙ – ڌمچر.

• **رڙلي:** اسم خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **رڙڻ:** مصدر. دانهن – دانهون ڪرڻ – رڙيون ڪرڻ. واڪا ڪرڻ. ٻاڪارڻ. روئڻ (ٻارجو). رنيڻ. سڏ ڪرڻ. ٻاڏائڻ. ليلائڻ.

• **رڙو ج رڙا:** ذ. مني پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم – ڪگو (بنا چلرن. پُٺيءَ ۾ تي وڏا ڪنڊا ۽ ٻن وڏين مُڇن سان). مُگ جو سخت داڻو – مُگ يا مٽر جو ڪريل داڻو. "رڙاڪين رَڌهن، توڙي ٻارڻ ٻرن ٻه پُڙا" (صفت) سخت – ڏاڍو.

• **رڙهڪڻ:** رِڙهڻ – سِرڪڻ – هَٽڻ.

• **رڙهڻ:** مصدر. سِرڻ – چُرڻ – ڪسڪڻ. ريڙهيون پائڻ. آهستي آهستي هلڻ.

• **رڙهي:** ث. اِتَ – اڙِي – رَڍِي. (اسم خاص) مغليين جي پير سان هڪ ڳوٺ جو نالو (جتي ماڻهو ڪنهن زماني ۾ تمام شاهوڪار هئا، جيئن اڄ تائين چوندا آهن ته "تون ته رڙهيءَ جو شاهوڪار آهين").

• **رڙي:** ث. ڪٺڪ جو هڪ قسم (داڻو ننڍو ۽ سخت، رنگ ڳاڙهو). اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **رز:** ذ. [ف] انگور. (دُختَرِرَز = انگور جو شراب).

• **رزاق:** اسم خاص. [ع] رزق ڏيندڙ – روزي رسائيندڙ – ڪاڌو ڏيندڙ. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

– **رزاقي:** ث. روزي ڏيڻ جي صفت.

– **رِزق:** ذ. [ع] روزِي – خوراڪ – چُوڻو – روزينو – ڪاڌو. داڻو پاڻي. ڌن دولت. نصيب – ڀاڳ.

– **رزق پهچائڻ:** روزي ڏيڻ – ڪاڌو موجود ڪري ڏيڻ.

• **رزالو ج رزالا (ت):** ذ. [ع] ريزالو.

• **رزلٽ ج رزلٽون:** ث. [انگ. Result] نتيجو – ڦَل. امتحان جو نتيجو.

• **رزم:** ث. [ع] لڙائي – جنگ – ويڙهه.

– **رزمگاهه:** ذ. جنگ جو ميدان – لڙائيءَ جو هنڌ.

– **رزمگوئي:** ث. جنگي شعر.

• **رس:** صفت. [ف] رسندڙ – پهچندڙ. عموماً مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ: "دسترس، فرياد رس، داد رس".

• **رس ج رسيون:** ث. [پرا. رَسِن؛ سن. رَشمِ: ع. رَسَن] رَسِي – نوڙي – واڄهه. پيڙياتن جي اصطلاح ۾ گرڻ واري رسي. تاڃي کي چڪڻ جو نوڙ (ت).

– **رس چِڪڻ:** پيڙيءَ جي گرڻ واري رَسِي چِڪڻ.

• **رسُ ج رسَ:** ذ. [سن. رَس = مِناڻ] پاڻي – عرق. پاڻيٺ – پنڙي شيءِ، پنڙي مني شيءِ. شربت. ڳاڙ – نچوڙ. چاش – وَٽ. سواد – ذائقو – لذت – چَس – چشڪو. ميناج. مزو – لطف (تماشي يا رهاڻ جو). لئي (ڳائڻ جي). صلح. قرب – محبت. وهٽن جي هڪ بيماري (عموماً گھوڙي يا ڳڏهه کي ڪرن ۾ ٿئي).

– **رسالُ ج رسال:** ذ. رس ڀريو – مِٺو – ذائقيدار.

– **رسائِتو ج رسائتا:** ذ. صفت. رس وارو – سوادي – مِٺو – گھٽي رس وارو.

– **رس ٻيهارڻ:** راڳيندڙ جو راڳ ۾ اثر پيدا ڪرڻ – لئي ڪرڻ.

– **رس ڀريو ج رس ڀريا:** ذ. صفت. رسدار – رس وارو – مِٺو – سُريلو.

– **رس پلائڻ:** رس رهائڻ – رس رکڻ. پلائي ڪرڻ. نباهڻ.

– **رس رسارت ڪرڻ (ت):** راضي ڪرڻ. رسائي ڪرڻ. رشوت ڏيڻ.

– **رس رهائڻ:** قرب سان هلڻ. دوستن يا ياٿرن جو پاڻ ۾ صلح قائم رکڻ.

– **رس ڪرڻ:** ماڪيءَ جي مکين جو ماناري ۾ رس گڏ ڪرڻ. محبت ڪرڻ – پريت ڪرڻ. پاڻ ۾ صلح ڪرڻ.

– **رس لڳڻ:** رس ٻيهڻ – راڳ جو اثر ٿيڻ.

– **رسُ هارڻ:** بيمار ٿيڻ – اڳهو ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

– **رسيلائي:** ث. ميناج – مزيداري ـ سواد ـ لئي.

– **رسيلو ج رسيلا:** ذ. صفت. [سن. رَس = پچڻ] رس وارو – رسائتو. گهڻي رس وارو. لذيذ – سوادي. مٺو (آواز) – وڻندڙ: "اج پڻ رسيلا رنگ، بادل ڪديا برحن سين." (شاهه). "سگهڙ سوئائون، ٿيا رسيلا رحمان سان" (شاهه).

– **رسا:** صفت. [ف] پهچندڙ. مٿي ٿيندڙ. پري ويندڙ.

– **رساڪار:** ذ. صفت. پهچائيندڙ – توڙ پچائيندڙ. تجربيڪار. برجستو – پڙ. لائق.

– **رساڪاري:** ث. رسائي – پهچ – پُڄندي.

• **رسال (ل):** ث. وَٽ ـ ريج (زمين ڪي).

• **رسالت:** ث. [ع. رسالة > رَسَلَ = هن نياپو موڪليو] پيغامبري – سفارت. نبوت.

– **رسالت پناهه:** ذ. پيغامبري جو محافظ.

• **رسالو ج رسالا:** ذ. [ع. رسالة ج رسائل] ننڍو ڪتاب. خط. ڪنهن مضمون تي مشتمل ڪتابڙو. مضمونن جو مجموعو – مخزن. بيتن جو ڪتاب. "شاهه جو رسالو". گهوڙي سوارن جي فوج جو دستو. فوج جو هڪ حصو.

– **رسالدار ج رسالدار:** ذ. صفت. [ع. رساله + ف. دار > داشتن = رکڻ] رسالي جو آفيسر. هڪ فوجي عهديدار. (اسم خاص) تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ تپي ۽ ديهه جو نالو.

– **رسالداري:** ث. رسالدار جو عهدو يا آفيس.

• **رسائڻ:** مصدر. [ف. رسانيدن] پهچائڻ – نيڙ – پُڄائڻ. توڙ ڪرڻ. نبيرڻ. نباهڻ. پورو ڪرڻ – راس ڪرڻ. اُماڻڻ – موڪلڻ.

• **رسائي ج رسايون:** ث. [ف] پهچ – پُڄت – پُڄندي. ڪنهن عملدار جي گشت تي نڪرڻ تي ان جي زيردست عملي جو رسد وغيره پهچائڻ جو انتظام – آفيسر جي منزل جو بندوبست.

– **رسائي ٿيڻ:** پُڄت ٿيڻ. انتظام ٿيڻ.

– **رسائي ڪرڻ:** بندوبست ڪرڻ – انتظام ڪرڻ.

• **رساين، رسائڻ، رسائڻ:** ث. [هه] ڪيميائي عمل ڪيميائي اتصال.

– **رساين گهر:** ذ. تجربيگاهه – ڪيميائي گهر.

– **رساين ميل:** ذ. ڪيميائي جوڙ – ڪيميا مرڪب.

• **رساين وديا:** ث. علم ڪيميا – ڪيمسٽري (Chemistry).

– **رسايني:** ذ. ڪيمياگر. دوا ساز. دوا فروش.

• **رستخيز:** ث. [ف] مسلمانن جي عقيدي موجب الله تعاليٰ جو هر هڪ بندي کان سندس اعمالن جي حساب ڪتاب وٺڻ جو ڏينهن – قيامت – آخرت.

• **رستگار:** ذ. [ف] رهائي حاصل ڪندڙ – آزاد – ڇُٽل – ڇُٽيل.

– **رستگاري:** ث. آزادي – ڇوٽڪارو – رهائي.

• **رُستم:** اسم خاص. [ف] ايران جي هڪ مشهور پهلوان جو نالو (جو زال بن سام جو پٽ هو ۽ عيسوي سنه کان اٽڪل نَوَ سؤ ورهيه اڳ ٿي گذريو). (ڪناية) پهلوان – سورهيه – بانڪو – بهادر. تعلقي سکر ۾ هڪ تپي ۽ ديهه جو نالو.

– **رُستمي:** ث. بهادري – شجاعت – دليري. طاقت – همت. ڏاڍ مڙسي – زوراوري.

• **رُستماڻي:** اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **رستو ج رستا:** ذ. [ف. راستہ] سڙڪ – وات – راهه – لنگهه – گسُ. ڏنگ – طريقو – نمونو. قاعدو. اٽڪل – پَهه. اُٺ ويهه – اچ وڃ. سنگت. عزازت.

– **رستو ٻڌائڻ:** رستو ڏيکارڻ – ڏس ڏيڻ. نمونو ڏيکارڻ.

– **رستو ڏسڻ:** انتظار ڪرڻ – اوسيڙو ڪيڻ.

– **رستو ڏيکارڻ:** واٽ ڏيکارڻ. هدايت ڪرڻ. سُڌارڻ.

– **رستو ماپڻ:** اندازو لڳائڻ. ڏسڻ – سجاڻڻ – رکڻ.

– **رستو وٺڻ:** روانو ٿيڻ – هلڻ – پنڌ پوڻ. طريقو معلوم ڪرڻ – رهبري حاصل ڪرڻ.

– **رستو وهڻ:** رستي تي تمام گهڻي آمدرفت هجڻ.

– **رستو هجڻ:** اچ وڃ هجڻ. مائٽي مِٺي هجڻ. لاڳاپو هجڻ.

• **رَسجڻ:** فعل مجهول. پَچڻ (ميوو) راست ٿيڻ. رَسڻُ. پهچڻ. ڪيميائي عمل ۾ پورو پچڻ.

• **رسد ج رسدون:** ذ. حصو – پاڱو – پتي – ونڊي. قسمت – ڀاڱ. اناج جي جنس. لشڪر يا قافلي سان گڏ کاڌي جو ذخيرو. راشن – راتب – خوراڪ – کاڌو. سيڌو سامان (جو فوج لاءِ هجي).

– **رسد پهچائڻ:** لشڪر وغيره کي خوراڪ جو سامان پهچائڻ.

– **رسد رسائڻ:** اناج پهچائڻ. کاڌو پهچائڻ. رسائي ڪرڻ. سامان پهچائڻ.

Gul Hayat Institute

• **رسڪپُورُ:** ذ. [سن. رَس = پارو + ڪَرپُورَ = ڪافور] پسارڪي وکر جو هڪ قسم (زهريلي دوا). پاري جو جلاب.

• **رسڪڻُ:** مصدر. سرڪڻ – رڙهڻ – سِرڻ – هَٽڻ – کِسڪڻ.

– **رسڪڻ (ڪ):** ٿ. سِرڪڻ (ڳنڍ).

– **رسڪو ج رسڪا:** ذ. ريڙهو – گِسڪو – کِسڪو.

• **رسمَ ج رسمُون، رُسُوم** – رسومات: ٿ. [ع. رَسمَ = هُن نشان ڪيو] نقش – شان. لکيت – تحرير. دستور – قاعدو. رواج – ريت – هَلي چَلي. عادت – هلت – رَوَش.

– **رسمُ الخط:** ذ. لکڻ جو نمونو – طرزِ تحرير – لِکٽي.

– **رسمُ و رواج:** ذ. هَلي چَلي – قاعدو قانون.

– **رسمِي ج رسمِيُ:** ذ. صفت. رواجي – معمولي. هالو چالو – عام – مروج. هميشه استعمال ٿيندڙ.

• **رسنُ:** ذ. [ف] رسو – نوڙي. ڦاهي.

– **رسنُ بازُ:** ذ. بازيگر.

• **رسڻُ:** مصدر. [ف. رسيدن = پهچڻ] پهچڻ – پُڄڻ. پُرڻ. سهڙڻ. راس ٿيڻ – تڪميل ٿيڻ. پچڻ (ميوو) تيار ٿيڻ. پڪو ٿيڻ.

• **رُسڻُ:** مصدر. [هه. رُوسنا، رُسنا] ڪاوڙجڻ – رنج ٿيڻ – ناراض ٿيڻ. تنگ ٿيڻ – خفا ٿيڻ. مُنهن مَٽڻ.

– **رُسڻو ج رُسڻا:** ذ. صفت. رُسندڙ. زود رنج. چيڙاڪ – چڙٿو.

• **رسو ج رسا:** ذ. [ف. ريسمان. سن. رَشمِ. رَسنا = نوڙي] نوڙ – واڃهه – ورت.

– **رسو پَچڻُ:** رسو ٺاهڻ – رَسو وَٽڻ.

– **رسو وَٽڻُ:** رَسو پچڻ.

– **رُسوا ج رُسوا:** ذ. صفت. [ف] ذليل – بيعزت. خوار – بدنام.

– **رُسوا ٿيڻ:** بدنام ٿيڻ – خوار ٿيڻ.

– **رُسوا ڪرڻ:** بدنام ڪرڻ – خوار ڪرڻ.

– **رُسوائِي:** ٿ. بدنامي – خواري.

• **رُسُوخ:** ذ. [ع. رسخ = هو پڪو ٿيو] مضبوطي – پَڪائي – استقلال. پهچ – هلندي. اعتبار – پروسو.

• **رسوڙو ج رسوڙا (ڪ – ڪ):** ذ. بورچيخانو – رڌڻو.

• **رسوَل:** ٿ. [هه. رَسوت] پسارڪي وکر جو هڪ قسم (دوا ۾ ڪم ايندڙ ڪارو رس: جو اکين جي اُٿڻ ۽ ٻرهال جي بيماريءَ ۾ ڪم اچي).

• **رسُولُ ج رسُولَ:** ذ. [ع. رُسل = موڪليل] خدا تعاليٰ جي طرفان موڪليل اهو نبي سڳورو جنهن تي ڪتاب نازل ٿئي. قاصد – پيغامبر. ايلچي.

– **رسُولِيُ:** ٿ. پيغمبري – نبوت – رسالت.

– **رسُولِيَتُ:** ٿ. نبوت – پيغمبر – رسالت.

– **رسُول آباد:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **رسوئِيُ ج رسوئِيُون:** ٿ. [سن. رَسُ = رڌڻ] ڪاڌو – ماني – طعام. رڌڻو – بورچيخانو.

– **رسوئِي ٺاهڻ، ڪَرڻُ:** ڪاڌو تيار ڪرڻ – ماني ٺاهڻ – طعام رڌڻ.

• **رسويو ج رسويا:** ذ. صفت. [هه. رسويا] ماني ٺاهيندڙ – بورچي – راڌو.

• **رسِيُ ج رسِيُون:** ٿ. [سن. رَشمُ. ف. سمان = نوڙي] نوڙي (مُج – سَٽ يا ڏاس جي). ٻيڙيءَ ڇڪڻ لاءِ رسو.

– **رسِي جهلو ٿيڻ (ت):** مددگار ٿيڻ – حامي ٿيڻ – ٻانهن ٻيلي ٿيڻ. چوريءَ جي مال کپائڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ.

– **رسِي ڇڄڻُ:** قيد مان نڪرڻ. نجات ملڻ. واسطو ٽٽڻ. چڙواڳ ٿيڻ. ياڳ پڙائڻ – نصيب يا وري ٿيڻ.

– **رسِي ڇڪڻُ:** ٻيڙياتن جي اصطلاح ۾ ٻيڙيءَ کي اوياري وهڪري تي رسيءَ ڪان وٺي ڇڪي هلڻ.

– **رسِي ڍري ڪرڻ:** مهلت ڏيڻ. ڪجهه به نه چوڻ. ڇوٽ ڇڏڻ – واسطا توڙڻ.

– **رسِي ڪترائڻ:** ڀڄي وڃڻ – بنا موڪلائي وڃڻ. مري وڃڻ.

– **رسِيُون وَٽڻُ:** بيفائدو ڪم ڪرڻ. واندو ويهڻ. ڪوبه ڪم نه ڪرڻ.

• **رسِيدَ ج رسِيدُون:** ٿ. [ف. رسيدن = پهچڻ] پهچ – پهچڻ جي لکيت – وصوليءَ جي تحرير.

– **رسِيدَ ڏيڻُ:** پهچ جو ڪاغذ ڏيڻ.

• **رسِيدَهُ:** ذ. صفت. [ف. رسيدن = پهچڻ] پهتل – رَسيل. خدا سان پهتل.

• **رسِيَلُ ج رسِيَلَ:** ذ. صفت. [ف. رسيده = پهتل: سن. رَسُ = پچڻ] پڪل – پڪو. (ميوو). رَس وارو. تازو (ميوو). ساماڻل – بالغ. وَهي جڙهيل.

• **رشُ:** ٿ. [انگ. Rush] هجوم – انبوهه – پيهه.

Gul Hayat Institute

• **رُشُ:** ذ. [ع] چِتڪار — ڦُڙو — ڇِنڊو.
• **رشا (ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **رِشتو ج رِشتا:** ذ. [ف. رشتہ = ڌاڳو، تند] مائٽي — عزازت. پنهنجائي — پنهنجائپ. ناتو — لاڳاپو — تعلق.
— **رِشتو ڪرڻ:** مائٽي ڪرڻ.
— **رِشتو ناتو:** ذ. پنهنجائي — عزازت مائٽي.
— **رِشتيدارُ ج رِشتيدارَ:** ذ. صفت. مائٽ — سڱيڱو — عزيز — پنهنجو. لاڳاپيل.
— **رِشتيداري:** ث. مائٽي — سڱائي — عزازت. لاڳاپو — برادري — پائپي.
• **رُشتُ پُشتُ:** ذ. صفت. بدن ۾ پريل — ڏتو مُتو — ٿُلهو متارو. سگهارو.
• **رُشدُ:** ذ. [ع. رَشَدَ = هو نيڪ راهہ تي هليو] سچائي — صداقت. ايمانداري. هدايت — رهبري.
• **رشڪ:** ث. [ف] حسد — رِيس — ساڙو. عداوت — دشمني — وير — رقابت — غيرت — شرم — لَڄَ.
— **رشڪ انگيز:** ذ. صفت. [ف. رشڪ + انگيز > انگيختن = ڪرڻ] رِيس ڏياريندڙ — حسد پيدا ڪندڙ. پڙڪائيندڙ.
— **رشڪ پري:** ذ. اهڙو سهڻو جنهن کي ڏسي حُور کي بہ رِيس ٿئي — تمام سهڻو.
— **رشڪِ حُور:** ث. رشڪ پري.
• **رشڪو:** ذ. گاهہ جو هڪ قسم.
• **رُشوَتَ ج رُشوَتُون:** ث. [ع. رشيٰ = هن رشوت ڏني] ڪنهن ڪم جي عيوض ناجائز خرچي — ودي — لپ.
— **رُشوا ج رُشوائُون:** ث. رشوت جو بگڙيل نمونو.
— **رُشوَتخورُ ج رُشوَتخورَ:** ذ. صفت. [ع. رشوت + ف. خور > خوردن = کائڻ] رشوت کائيندڙ — رشوتي — راشي.
— **رُشوَتخوري:** ث. رشوت کائڻ جي حالت.
— **رُشوَتَ ڏيڻ:** ڪنهن ڪم جي عيوض ناجائز طرح خرچي ڏيڻ — لپ ڏيڻ — ودي ڏيڻ — پاڙ ڏيڻ.
— **رُشوَتَ سِتاني:** ث. [ع. رشوت + ستاني > ستودن = وٺڻ] رشوتخوري — رشوت وٺڻ جي حالت.
— **رُشوَتَ کائڻ:** ڪنهن ڪم جو ناجائز معاوضو وٺڻ — رشوت وٺڻ.
— **رُشوَتَ وٺڻ:** رشوت کائڻ.
• **رُشوَتي ج رُشوَتيَ:** ذ. صفت. رشوت وٺندڙ — رشوت کائيندڙ — رشوتخور.
• **رِشي ج رِشيَ:** ذ. [سن] ويدن جا شبد ٻڌائيندڙ — سنت — تپسيا ڪندڙ. درويش (هندن جي عقيدي موجب قديم زماني ۾ ست وڏا رشي ٿي گذريا آهن: ١_ ڪشا، ٢_ آتري، ٣_ ريپا، ۴_ آگستيا، ۵_ ڪسيڪا، ٦_ وسشتا ۽ ٧_ وياسوا).
• **رشيبي ج رشيبي (ت):** ذ. صفت. فريبي — مڪريل — ٺڳ — اٽڪلي.
• **رشِيدُ:** ذ. صفت. [ع. رَشَدَ = هن هدايت هٿ ڪئي] هدايت ڪيل — سِڌي رستي لڳايل. تربيت ورتل — تعليم يافتہ (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• **رشيداڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **رشِيد ڪيبرُ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.
• **رشِيدُ وڳڻُ:** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **رصَدُ:** ذ. [ع] تارن جي گردش ڏسڻ جو منارو — جنتر تنتر.
— **رصَدُ گاهہ:** ذ. تارن جي گردش جاچڻ جي جاءِ.
• **رضا ج رضائُون:** ث. [ع. رضيٰ — هو خوش ٿيو] خوشنودي — رضامندي — خوشي. ارادو — مرضي. موڪل — رخصت. حڪم — امر (خدائي). چالاڻو — مرڻو. تقدير. بندي جو خدا جي مرضيءَ تي راضي رهڻ جي حالت (پوءِ رنج هجي يا خوشي).
— **رضا الله جي ڪرڻ (ت):** مئل ماڻهوءَ جي عذرخواهي ڪرڻ — فاتحہ پڙهڻ.
— **رضا جو سودو هئڻ:** خوشيءَ جو ڪم هئڻ — خوشيءَ سان قبوليت هئڻ.
• **رضا راڻو:** ذ. صفت. مرضيءَ جو مالڪ — خودمختيار.
• **رضا ڪارُ ج رضاڪارَ:** ذ. صفت. [ع. رضا + ف. ڪار > ڪردن = ڪرڻ] خوشيءَ سان ڪم ڪندڙ — معاوضي ڪانسواءِ قومي خدمت ڪندڙ.
— **رضاڪاري:** ث. بنا اجوري ملڪ جي خدمت.
— **رضا ڪرڻ:** مرڻ — مري وڃڻ — وفات ڪرڻ.
— **رضامَنْدُ ج رضامَنْدَ:** ذ. صفت. [ع. رضا + ف. مند = وارو] راضي — خوش. اقراري — آماده.

Gul Hayat Institute

— **رضامَنْدِي:** ٿ. خوشي – پسندي – مرضي. قبوليت – مڃتا. آمادگي. رغبت.

— **رضانامو ج رضاناما:** ذ. [ع. رضا + نامہ = دستاويز] ناھَ – پرچاءَ – صلح. قبوليت نامو.

— **رضانامو ڪرڻ:** ناھَ ڪرڻ – پرچاءَ ڪرڻ. صلح ڪرڻ.

— **رضائِي ج رضائِي:** ذ. رضا وارو – پنهنجي مرضيءَ وارو – خود خيال – خود مختيار.

• **رضائِي ج رضائِيون:** ٿ. [ف] پنيرائي – طول. گاديلو. سَوڙ.

• **رِضوانُ ج رِضوانَ:** ذ. [ع] بهشت جو داروغو – هڪ فرشتي جو نالو (جو فردوس برين جو دربان تصور ڪيو وڃي ٿو). بهشت. رضامندي. خوشنودي.

— **رضواني ج رضواني:** ذ. صفت. بهشتي – جنّتي.

• **رِضوِي:** صفت. [ع] حضرت موسيٰ علي رضا(ع) جي خاندان سان نسبت رکندڙ.

• **رضِي:** صفت. [ع. رَضِيَ = هو راضي ٿيو] خوش – راضي.

— **رضِيَ اللهُ تعاليٰ عَنْهُ:** انهيءَ کان الله تعاليٰ راضي ٿيو.

• **رضِيَۃ:** ذ. صفت. [ع. رَضِيَ = هو خوش ٿيو] ساراھ جوڳو – تعريف لائق.

• **رطَبُ:** صفت. [ع] پُسيل – تار – آلو – گهميل ـ تازو ـ نرم.

— **رطب ويابِسُ:** ذ. صفت. تر ۽ خشڪ – سُڪل ۽ آلو. چڱو مٺو – نيڪ بد.

• **رِطْلُ ج رِطْلَ:** ذ. [ع] شراب جو جام. اڌ سير جو وزن – رتل.

• **رُطُوبَتُ ج رُطُوبَتُون:** ٿ. [ع] آلاڻ – پوسل – نمي – تري – پاڻيٺ.

• **رطولُ:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **رعايا:** ٿ. [ع. رَعِيَت ج رعايا < رَعَي = هن ڪاڌو ڪارايو – حفاظت ڪئي] ڪنهن حاڪم جي فرمان ۾ رهڻ وارا ماڻهو – پرجا – محڪوم.

• **رِعايَتَ ج رِعايَتُون:** ٿ. [ع. رَعي = هن سنڀال ڪئي] نگهباني – سنڀال – حفاظت – پرگهور. لحاظ – سانگو – مروت – طرفداري. مهرباني – عنايت. ڪمي (اگهه يا قيمت ۾) – تخفيف.

— **رِعايَتَ ڪَرَڻُ:** طرفداري ڪرڻ ـ لحاظ ڪرڻ. مروت ڪرڻ. گهٽ ڪرڻ(قيمت).

— **رِعايَتِي ج رِعايَتِي:** ذ. صفت. رعايت ڪيل – مروتي. لحاظ ڪيل.

• **رُعْبُ ج رُعْبَ:** ذ. [ع. رَعَبَ = هو ڊنو] ڊپ – خوف ـ ڀؤ – هيبت – هراس – ڏڪو. ڄمت. دٻدٻو – ڌاڪو. حشمت – دهشت.

— **رُعْبُ تابُ:** ذ. دٻدٻو – تجمّل – ڌاڪو. شان شوڪت. حشمت.

— **رُعْب ڇانئجڻُ:** خوف غالب پوڻ – ڊپ ويهڻ – دهشت ويهڻ.

— **رُعْبُ دابُ:** ذ. دٻدٻو – تجمّل – ڌاڪو – شان شوڪت. حشمت.

— **رُعْبدارُ ج رُعْبدارَ:** ذ. صفت. [ع. رعب + ف. دار < داشتن = رکڻ] رعب وارو – حشمت وارو. هيبتناڪ – ڊپ وارو – ڀوائتو.

— **رُعْبُ ويهارَڻُ:** ڄمت ڪرڻ – حشمت ويهارڻ – اثر ويهارڻ – ڄمائڻ – ڏيڄارڻ – ڊپ ويهارڻ.

— **رُعْبُ ويهَڻُ:** ڊپ ويهڻ – حشمت ويهڻ ماڻهن تي تمام سٺو ۽ شانائتو اثر ويهڻ.

• **رَعْدُ ج رَعْدَ:** ذ. [ع] وڄ جو ڪڙڪو – گوڙ – گاج (ڪڪرن جي). ”سٽيو رڙ رَعد جي، ڪليون ٽيون ڪنبن. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو.

• **رعْشو:** ذ. [ع. رَعْشَۃ] ڏڪڻي – ٿرڪڻي – ڪنبڻي. لرزش – بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ هٿ پير ڏڪن).

• **رعْنا:** صفت. [ع] سينگار سان رهندڙ – ٺٽوئون – رنگيلو. دلچسپ – خوشنما. گل جو هڪ قسم (اندران ڳاڙهو ۽ ٻاهران زرد ٿئي).

— **رعْنائِي:** ٿ. سينگار – ناز نِوَهرَ – آرائش. دلچسپي. ڇڪ – ڪشش (سونهن جي).

• **رعُونَتُ:** ٿ. [ع] غرور – هٺ – گهمنڊ. سرڪشي.

• **رعيّتَ ج رعيّتُون:** ٿ. [ع. رَعَي = هن سنڀاليو] رعايت ٿيل ماڻهو – ڪنهن حاڪم جا ماتحتي ماڻهو – محڪوم – پرجا – رعايا – راڄُ.

— **رعيّت پَروَرُ:** ذ. صفت. [ع. رعيت + ف. پرور < پروردن = پالڻ] رعيت جي سنڀال ڪندڙ – حاڪم – بادشاھ.

— **رعيّتُ پَروَرِي:** ٿ. رعيت جي سنڀال – رعيت جي پوئواري.

— **رعيّتُ نوازُ:** ذ. صفت. [ع. رعيّت + ف. نواز < نواختن = نوازڻ] رعيت کي آسودو ڪندڙ – راڄ کي خوشحال ڪندڙ (حاڪم).

Gul Hayat Institute

داشتن = رکڻ] رڪيب جهليندڙ – اهو نوڪر جو پنهنجي مالڪ کي گهوڙي تي چاڙهڻ ۾ مدد ڪري. خدمتگار.

– **رِڪابَ ۾ پير پائڻُ:** مسافريءَ لاءِ روانو ٿيڻ. مقابلو ڪرڻ – همسري ڪرڻ.

– **رِڪابَ وٺڻُ:** نوڪر ٿيڻ – خدمت ڪرڻ.

• **رُڪاٽَ ج رُڪاٽُونَ:** ٿ. روڪ – رنڊڪ – رُڪاوٽ. "روڳي رُڪاٽن ۾، اوري ٿا اڙجن" (غلام حيدر ڪنڊڙي وارو).

• **رِڪارڊُ ج رِڪارڊَ:** [انگ. Record] ياداشت. دفتر. فائيل (ڪاغذن جو). (گراموفون تي وڄائڻ جي ٿالهي، جنهن ۾ آواز ڀريل هجي).

• **رُڪاوٽَ ج رُڪاوٽون:** ٿ اٽڪ – روڪ – پيچڪڙي – رخنو – رنڊڪ

• **رَڪبُ ج رَڪبَ:** ذ. محصول – سنگ. زميندار جو هاريءَ تي ٻانڌاڻ – لاڳ.

• **رِڪَتَ ج رِڪَتُونَ:** ٿ. تڪليف. ڪاوڙ. اٿٻٽت. ناراضگي. ضد. حسد. حياءُ – شرم.

• **رِڪتِي ج رِڪتِيَ:** ذ. صفت. رنڊڪ وجهندڙ. ڪاوڙيل. حاسد.

• **رَڪتچَندَنُ:** ذ. [سن. رَڪت = رَتُ + چندن] ڳاڙهي صندل جو ڪاٺ.

• **رِڪعَتَ ج رِڪعَتُونَ:** ٿ. [ع] ڏنگ (چيلهه جو) – جهڪاءُ – وَرُ – نماز جو (اڌ يا چوٿون حصو) هڪ رڪن (جنهن ۾ هڪ رڪوع ۽ ٻه سجدا اچي وڃن).

• **رُڪَنَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **رُڪنُ ج رُڪنَ:** ذ. [ع] ٿنڀ – ٿنيو – پايو – پيلپائو – ستون. ڪنهن ٻه جماعت جو ڪارڪن. مصرع جو هڪ حصو – وزن.

• **رُڪَنَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **رُڪڻُ (ت):** ٿ. ڪچيءَ جي هڪ ذات (جنهن جو ڏونڪو هيڊو ۽ بندرو ٿئي).

• **رُڪڻُ:** مصدر. ترسڻ – بيهڻ. اٽڪڻ.

• **رُڪنپُور:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **رُڪوعُ ج رُڪوعَ:** ذ. [ع. رَڪَع = هن پاڻ کي جهڪايو] عاجزيءَ سان جهُڪڻ جي حالت – نماز جو چوٿون فرض (جنهن ۾ قيام ۽ بيهڻ کان پوءِ گوڏن تي هٿ رکي جهُڪي ۽ پوءِ سجدي ۾ وڃجي).

• **رِڪِنِي:** ٿ. گَونهن – ڪرفتي.

• **رِڪيبُ ج رِڪيبَ:** ذ. [ع. رَڪَبَ = هو سوار ٿيو] زِين، هني يا پاڪڙي جي دوال ۾ لٽڪندڙ لوهي ڪَڙو (جنهن ۾ پير رکي گهوڙي تي چڙهجي يا سُواريءَ مهل پير وجهي ويهجي) – رِڪابُ – پاوڙي – پاڳوڙو – پيرڙي – پيرڙيو.

• **رِڪيب ڏيڻ:** ڏکئي وقت ۾ مدد ڪرڻ. همراهي ڪرڻ.

– **رِڪيب ۾ پير هجڻ (ت):** تيار هجڻ. اُبهرو هجڻ. تڪڙو هجڻ.

• **رِڪيبِي ج رِڪيبِيُونَ:** ٿ. [ف. رڪابي] ٿالهي – رڪابي – طباخ – پليٽ.

• **رَڪيڪ:** صفت. [ع] سُست. ضعيف – ايرو – ڏبرو – ڪمزور – سنهون – باريڪ. ذليل – حقير – ادنيٰ.

• **رکَ:** ٿ. [هه. رَکَ = روڪَ] روڪ – پناهه – سنڀال – آڏ. رکڻ جي حالت. رکيل گاهه. رکيل وڻ ٽڻ. چوپائي مال جي چاري لاءِ حفاظت ۾ رکيل گاهه واري ايراضي – وِيءُ. پرهيز – ڪِري. [هه. راک] ڪنهن شيءِ جي سڙيل خاڪ – ڦلهيار – چارِ – ڪيرِي. جهنگ جو اهو ٽڪرو جتي مالڪ کانسواءِ ٻيو ڪو شڪار ڪري نه سگهي. اَنَ جي راهه جي ٻاهران ڪڍيل ليڪو – ڊوهي (ت).

– **رکَ ٿيڻُ:** خاڪ ٿيڻ – ڀسم ٿيڻ – ڦُلهيار ٿيڻ. سڙي وڃڻ.

– **رکِپالُ ج رکِپالَ:** ذ. صفت. راکو – رکوال – واهي – چوڪيدار – نگهبان.

– **رکِپاءُ:** ٿ. حفاظت – رکوالي – چوڪي.

– **رک رِکانُ:** ٿ. لحاظ – مروت – پاسخاطري.

– **رک رِکانُ ڪَرڻُ:** ڪجهه وقت لاءِ مهلت وٺڻ. لحاظ ڪرڻ – مروت ڪرڻ.

– **رک رِکاٽِي:** ٿ. سنڀال – خبرداري – حفاظت. لحاظ – مروت.

– **رکَ رکاءُ:** ذ. رک رکاٽي. اوڏر (ت). مهلت.

– **رکَ رکَڻُ (ت):** پرهيز ڪرڻ – ڪِرِي ڪرڻ.

– **رکَ سان ٽارُونْ کَٽائِڻُ (ت):** خالي موٽائڻ – ڪاٻه شيءِ نه ڏيڻ – ڪجهه به نه ڏيڻ. ٻار کي ريزش جو سوڻ ڪرائڻ.

– **رکَ ڪَڍَڻُ (ت):** اَنَ جي راهه جي چوڌاري ليڪو ڪڍڻ – ديري ۾ رکيل اَنَ کي ٽپي چوڌاري ليڪو ڪڍڻ.

– **رکَ ڪَڍِيُ وَٺَڻُ (ت):** سخت سزا ڏيڻ – سخت مار ڏيڻ.

– **رکَوارُو ج رکَوارَا (ت):** ذ صفت. سنڀال ڪندڙ – رکپال – رکوال.

Gul Hayat Institute

• **رڳ ويدُ:** اسم خاص. [سن] هندن جو هڪ ڌرمي ڪتاب – چئن ويدن ۾ پهريون ويد (رگ ويد، سام ويد، يجر ويد ۽ اٿرويد).

• **رڳَ ج رڳُون:** ث. [ف. رَڳ] رت جي نلي – رت واهڻ. نس. نبض – ناڙ – شريان. عادت – خصلت – هير. نسلي خاصيت. مردانو مخصوص عضوو.

– **رڳارو ج رڳارا:** ذ. صفت. جنهن جي جسم جون نسون ڏسڻ ۾ اچن. اپرو – ضعيف.

– **رڳَ پڇاڻڻ:** (ڪنهن ڪي) چڱيءَ طرح ڄاڻڻ – ڄاڻڻ – سمجهڻ – (ڪنهن جي) گهٽتائين يا ڪمزورين جي چڱيءَ طرح خبر هجڻ.

• **رڳَ جهڪڻ:** پيروي ڪرڻ – نقش قدم تي هلڻ – اَڏِ وٺڻ – عادتون پرائڻ. مائٽائي ريت پرائڻ.

– **رڳُرُ ج رڳُرَ:** ذ. صفت. رڳن وارو – رت وارو – زور وارو – طاقتورُ – سگهو.

– **رڳَ رڳَ ٺرڻ:** تمام خوش ٿيڻ – اندر ٺرڻ.

– **رڳَ رڳَ کان واقف هئڻ:** چڱيءَ طرح سڃاڻڻ – (ڪنهن جي عادتن جي پوريءَ طرح ڄاڻ هئڻ.

– **رڳَ سهي ڪرڻ:** اٽڪل کان واقف ٿيڻ.

– **رڳن ٽٽو ج رڳن ٽٽا:** ذ. صفت. سُست – بيڪار – نڪمو – ٽوٽي.

– **رڳن ٽٽو هئڻ:** سُست هئڻ – بيڪار هئڻ – نڪمو هئڻ.

– **رڳن ۾ پيهي وڃڻ:** وٺي وڃڻ – دل ۾ گهڙي وڃڻ – سيبائڻ – پسند اچڻ.

• **رِڳَ ج رِڳُون:** ث. صفت. پنيان لڳي پوندڙ – چنبڙندڙ – چهٽندڙ – پند – جِڃا – ڪِڪَ. ڪيٽائي – ضدي. لالچي – حريص – طاماعو. بيڪار – نڪمو. (ث) طمع. بيماري (ت).

– **رِڳُو ج رِڳا:** ذ. صفت. چنبڙ – ڪِڪَ. لالچي – حريص – طاماعو. روڻُو.

• **رڳڙڻ:** مصدر. ڪي به شيون پاڻ ۾ زور سان گسائڻ – مهٽڻ – ملڻ – گهڻ – ڪرڙڻ – گهرڙڻ – رهڙڻ. ماڃڻ – ملڻ – صاف ڪرڻ (برتن وغيره). گهوٽڻ (ڀنگ). ڪڪ ڪرڻ – تنگ ڪرڻ – هلاڪ ڪرڻ.

• **رڳڙ ج رڳڙون:** ث. گهڪو – گسڪو. رهڙ – چِلَ. مالش. هلڪي رهڙ. گاٺ جو نشان.

– **رڳڙجي وڃڻ (ت):** گهوٽجي وڃڻ – پيسجي وڃڻ. تڪليف هيٺ اچڻ – نقصان هيٺ اچڻ.

– **رڳڙو ج رڳڙا:** ذ. ڏنڊي جو ڪونڊي ۾ زور سان گهڪو – رهٽو – رهڙو – گهوٽو.

• **رڳڙو ج رڳڙا:** ذ. جهيڙو – جهڳڙو – ٽنٽو – ڪرهه – معاملو – تڪرار – ريڙهه پيڙهه – ڏانڊل.

– **رڳڙائي ج رڳڙائيون:** ذ. صفت. جهيڙائي – جهڳڙائي – ٽنٽائي – معاملائي – فسادي – ڦڏائي.

– **رڳڙو لڳائڻ:** خواهه مخواهه تڪرار ڪرڻ – ڏانڊل ڪرڻ.

• **رِڳڻ (ت):** مصدر. رنج ٿيڻ – ڏک ڪرڻ. ناراض ٿيڻ. غصو ڪرڻ – ڪاوڙ ڪرڻ.

• **رُڳڻ:** ظرف. رڳو – نِلو – فقط.

• **رُڳنو:** ظرف. ڏسو "رُڳڻ".

• **رُڳو ج رُڳا:** ذ. صفت. اڪيلو – ڇڙو – نِرو – فقط رڳنو.

– **رُڳو پڳو ج رُڳا پڳا:** ذ. صفت. رُڳو – رڳوئي.

• **رُڳهه ج رُڳهون:** ث. اونهاري ۾ هوا بند ٿيڻ جي حالت – گهٽَ – ٻٽَ – اڪرس – اُٻس – اُمس. مُونجهه – ٻوسات. گرمي – رُڳهه.

– **رُڳهارو ج رُڳهارا:** ذ. صفت. گرميءَ وارو – گهٽ وارو. ٻوساٽيل. اُٻس وارو. هوا کان بند.

– **رُڳهائتو ج رُڳهائتا:** ذ. صفت. رُڳهارو – رُڳهه وارو – هوا کان بند.

• **رُڳهتو رُڳهتي (ت ل):** ذ. صفت. قدم ۾ ننڍو پر ٻت ۾ پريل – ٿُلهو – متارو. سگهارو.

• **رُڳهو ج رُڳها (ت):** ذ. ڪانيءَ جو جهنبيارو ٽڪر.

– **رُڳهو ڏيڻ:** ڪانيءَ جو جهنبيارو ٽڪر چڀائڻ – چوڪ ڏيڻ. چُونگ ڏيڻ. طعنا هڻڻ. اشاري سان خبردار ڪرڻ.

– **رُڳهو لڳڻ:** ڪانيءَ يا جُوئر جي سُنڊي جي نوڪ جو پير ۾ لڳڻ يا جسم ۾ ڪنهن به هنڌ لڳڻ.

– **رُڳهو هڻڻ:** ڪانيءَ جو جهنبيارو ٽڪر هڻڻ.

• **رُڳهي ج رُڳهيون (ل):** ٽٻي – غوطو پاڻي ۾.

• **رڳَ ج رڳَ:** ذ. [سن. رَنگ] رنگ – روغن. ورن. چِٽُ – نقش. حيض – ماهواري.

– **رڳَ اچڻ:** فائدو ٿيڻ – مالامال ٿيڻ. حيض اچڻ.

Gul Hayat Institute

وجھڻ – ڳالھ وڌڻ – وچ ۾ پوڻ – ھِندَ وجھڻ – رُخنو وجھڻ – رُڪاوٽ وجھڻ – اٽڪاءُ وجھڻ. پُورڻ – جھلڻ – بند ڪرڻ – ٺمڻ ڦِرڻ –آڏو اچڻ – برخلاف وڃڻ – سامھون ٿيڻ. مقابلو ڪرڻ –جھيڙو ڪرڻ – فساد ڪرڻ – جھڳڙو ڪرڻ.

– **رنْدَ ج رنْدُونْ:** ث. رنڊڪ – اٽڪاءُ – وِگھن – رُخنو – جھَلَ – پَلَ – منع – بندش – پيچڪڙي – برخلافي – ٺَھر – ٺِڪاءُ – ڦيرو – رُڪاوٽ.

– **رنْدائِڻُ:** مصدر. رندڻ – روڪڻ – بيھارڻ – پُورائڻ – بند ڪرائڻ – جھلائڻ – ترسائڻ – ٺھرائڻ – ٺمائڻ – اٽڪائڻ – ھِندَ وجھڻ – پيچڪڙي وجھائڻ – رُخنو وجھائڻ – برخلافي ڪرڻ – منع ڪرائڻ – بندش وجھائڻ.

– **رنْدِجڻُ:** مصدر. رنڊڪ پوڻ – اٽڪ پوڻ – روڪ سبب بيھڻ – اٽڪاءُ ٿيڻ.

– **رنْدِجِيْ ويھَڻُ:** روڪجي ويھڻ – ويھي رھڻ (مڙس جي مرڻ سبب بيوه ٿيڻ) – وڌوا ٿيڻ.

– **رنْدَ روڪُ ج رنْدَ روڪَ:** ذ. جھَل پَلَ – منع – اٽڪاءُ – رُخنو – وِگُھنُ – پيچڪڙي.

– **رنْدَڪَ ج رنْدَڪُونْ:** ث. اٽڪ – روڪ – جھَلَ – ڇيڏڪ – بندش – رُخنو – رُڪاوٽ – پيچڪڙي – اٽڪاءُ – ڪج بحثي – تڪرار – ڦڏو.

– **رنْدُو ج رنْدا (ت):** ذ. جھل – پل – رنڊڪ – بندش. دٻاءُ – زور – زَبَرَ – زور بارُ.

• **رُنْدو ج رُنْدا:** ذ. صفت. مُڏو – لِمو – ڪُند. سادو سُودو – پورڙو – وَسُوڙَلُ – ڪم عقل – ڳالھائڻ جو ٿُلھو. آڳرين پڳل ماڻھو – رُونٽو – لُولھو (ت).

• **رنْدِيْ ج رنْدِيُونْ:** ث. [سن. رَنْدا = عورت] فاحش عورت – ڪيجري – ڪسبياڻي – رقاصہ – طائف.

– **رنْدِيْبازُ ج رندِيْبازَ:** ذ. صفت. زاني – زنا خور – زنا ڪارُ – لانگ چوٽو.

– **رنْدِيْبازِيْ ج رنديْبازِيُونْ:** زنا – زنا ڪاري – زنا خوري – بد پيشہ. حرامخوري.

– **رنڊي خورُ ج رنڊي خور (ت):** ذ. صفت. زاني – زنا خور – زناڪار.

• **رُنْدَ ج رُنْدُونْ (ل):** ث. ٿَڙن خراب ٿيل چوپايو مال.

• **رُنْڍُ رُنْڍَ (ت):** ذ. (سن. رُنْڊُ = ٻُنْڊُ) ٿُڙُ – ٻُنڊ – رُنْڊُ. (ذ. صفت) ڇڙو – وانڍو – اڪيلو – ھيْڪلو (ت).

– **رُنْڍُ وانْڍُ ج رُنْڍَ وانْڍَ (ت):** ذ. صفت. رُنْڍُ.

• **رنْڍو ج رنْڍا:** ذ. ٿُلھو اڻ وَڻيل ڏاڍو – روڙھو. ڏاڍو – سڳو – ڏورَ – ڏورِي – تَنْڊُ – سُوتلي. نوڙي – رَسِي – رَسو – ٽوڙھو – واجھُ – ڪاٻارُ – جوٽو – نوڙُ. معاملو – تڪرار – ڦَڏو – فَسادُ – جھيڙو.

– **رنْڍا روڙَھڻُ:** ڪپھ مان ڳنڍيون ڪڍڻ – سُٽ سمجھائڻ.

– **رنْڍو روڙھو ج رنْڍا روڙھا:** ذ. ڳنڍيون ڳوڙھا (سُٽ جا).

• **رُنْڍو ج رُنْڍا (ت):** ذ. صفت. ھٿن ننڍڙو ٽُنْڊو – رُونْٽو – آڱرين ڪَپِيَلُ.

• **رنَڙَ ج رنڙُونْ:** ث. صفت. (سن. رَنْدا = عورت) بيوه عورت – ڦُلاوَنْتِي – ڏُھاڳڻ – رَنَ – ڏَنِيَلْ – رَنوڙَ – رنِڙِيْ.

– **رنَڙُ ج رنَڙَ:** ذ. صفت. زال مري ويل – مُڙسُ – ڦُلانْٽو – ڏَنِيَلُ – وانڍو – رَنْڍَڙُ – رَنوڙُ – رَنْڍو.

– **رنڙِيْ ج رنڙِيُونْ:** ث. بيوه عورت – رَنَڙَ – رَنوڙَ.

• **رنْڪُ ج رنْڪَ:** ذ. صفت. غَريبُ – مسڪين – دَرْ دَرِيْ – نِڌرُ – ٺھِيْ دَستُ – ڪُٺَلُ – اَباڻو – اَٽايو – ڏُٽرِيَلُ – محتاج – گھرجائو – نِماڻو. گَدا – پينارُ – فقير – پينْو – بيڪارِيْ – گداگَرُ – پِنڻو – سُوالِيْ. (ضِدُ. راجا ج راجا).

• **رُنْگڻُ:** مصدر. رِنگڻُ – لِيلائڻ – ڪِنجھڻ – ڪُرڪڻ – دانھون ڪرڻ – رُونْ رُونْ ڪرڻ – رينگاٽ ڪرڻ – رينگڙا ڪرڻ – ڪُٽڪڻُ – چنگھڻُ.

• **رُنْگَ ج رُنْگُونْ (ڪ):** ث. حصو – ڀتي – ڀاڱو. لالچ – لَبُ. ڪير جو گوھُو – سيڙھ – ڏار. جيئن "ٻڪري ۾ ھاٿي ڪير جي رُنگَ ٻہ ڪانھي". ٻوڙڻ يا ھلڻ جو ھڪ نمونو (ھلڻ جا چار قسم، ڊُنْبَ، ڊُگَ، ڇُلَ، رُنْگَ).

• **رُنْگُ ج رُنْگَ (ڪ):** ذ. صفت. ڇڙو –ڇڙو ڇانڊ – اڪيلو. ڪنوارو – لوڻيو – اڻ پرڻيل.

• **رنْگرُوْٽُ ج رنگرُوْٽَ:** ذ. (انگ Recruit = رنگروٽ) نئون ڀرتِيْ ٿيل سِپاھِيْ – نئون ڀرتي ڪيل مُلازمُ – سيڪڙاٽُ – سيڪڙائُو – سِڪندڙُ. (ذ. صفت) ناتجربہ ڪارُ – اناڙِيْ – نا آزمودگارُ – ڇَٽُ – ڀُوڪُ – اَڻ ڄاڻُ – جاھِلُ.

Gul Hayat Institute

ڪاوڙجڻ – ناراض ٿيڻ – غصي ٿيڻ – چِڙَڻُ.

– **رَنگُ پرمائِڻُ:** رنگ رَچائڻ. جيئن: "سجڻ سانگي سانگ تي آيو، رنگ جوڙي تان رنگ پرمايو" (نانڪ يوسف).

– **رنگُ ڀَرَڻُ:** ڪنهن تصوير وغيره کي رنگ لڳائڻ – چِٽُ ڪَڍڻ – نقش ڀَرَڻ – چٽسالي ڪرڻ. سُهڻو بَنائڻ – حَسِيْن ڪرڻ – خوبصورت بنائڻ.

– **رنگُ ڀنگُ ڪَرَڻُ:** مزو وِڃائڻ – لُطف بگاڙڻ. تماشي وغيره ۾ روخنو وِجهڻ – راند ۾ اٽڪاءُ وِجهڻ.

– **رَنگُ ڀُومِيْ ج رَنگَ ڀُومِيُونْ:** ث. تماشي جي جاءِ ـ کيل جي جاءِ ـ ناٽڪ ڪرڻ جي جاءِ ـ تفريح گاه ـ وِندر گاه ـ سئنيما – ناٽَڪُ.

– **رنگَتَ ج رنگَتُونْ:** ث. رنگ – فام. رُوپُ – وَرْنُ – شِڪل – شبِيهَ – صورت. حالَت – ڪيْفِيَتَ. چِمڪو – چِلڪو – تِيجُ – چمڪارُ – جَلوو.

– **رَنْگُ جَمائِڻُ:** رنگُ چاڙهڻ – رنگُ پَڪو ڪرڻ. تماشي جو بنياد وجهڻ – راڳ روپ شروع ڪرڻ. محفل مچائڻ.

– **رنْگُ جَمَڻُ:** رنگ چڙهڻ – رنگ زور وٺڻ – رنگ پڪو ٿيڻ. رونق دار ٿيڻ – زينت وارو ٿيڻ – سُهڻو ٿيڻ. محفل جو زور وٺڻ – تماشي جو مزو اچڻ.

– **رنگُ چاڙهَڻُ:** رَنگ ڏيڻ – رَنگڻ – رنگدار ڪرڻ – رنگين ڪرڻ – رنگ وارو ڪرڻ (ڪنهن ڪپڙي يا ڪاٺيءَ وغيره کي). جنديءَ جو ڪم ڪرڻ. نقشبندي ڪرڻ – چٽسالي ڪرڻ – گلڪاري ڪرڻ.

– **رنْگُ چڙهَڻُ:** رنگ اچڻ – رنگجڻ. وارنش ٿيڻ – روغن چڙهڻ. نشو چڙهڻ – خُمارجڻ – نشئي ٿيڻ.

– **رنْگُ دارُ ج رنْگُ دارَ:** ذ. صفت. رنگ وارو – رنگين – رنگيل.

– **رنْگُ ڏاڙهِيءَ کي:** ندا واه واه! شاباس! آفرين! – جس! – مرحبا!.

– **رنْگُ ڏاڙهِيءَ کي هُئَڻُ:** شاباس هئڻ – آفرين هئڻ – مرحبا هجڻ – جس هجڻ.

– **رنْگُ ڏِسَڻُ:** تماشو ڏسڻ – کيل ڏسڻ – مزو ڏسڻ. ٻن جي ويڙهه ڏسڻ – جهڳڙو ڏسڻ. نتيجي تي نظر وجهڻ – حالت ڏسڻ – ڪيفيت ڏسڻ.

– **رنْگُ ڏيکارَڻُ:** تماشو ڏيکارڻ – ناٽڪ ڏيکارڻ – راند ڏيکارڻ. هُنر ڏيکارڻ – ڪرتَبُ ڏيکارڻ – مزو ڏيکارڻ – شعبده بازي ڪرڻ. حالت ڏيکارڻ. جوين ڏيکارڻ – نکار ظاهر ڪرڻ. بدعادت ظاهر ڪرڻ – بدافعالو ٿيڻ. جهيڙو ڪرڻ – جهڳڙو ڪرڻ. انتقام وٺڻ – وِيْرُ وٺڻ.

– **رنْگُ ڏيڻُ:** رنگ چاڙهڻ – روغن هڻڻ – رنگڻ – رنگڻ – ملمعو چاڙهڻ – رنگدار ڪرڻ – رنگين بنائڻ. لطف ڏيڻ – مزيدار ڪرڻ – وڻندڙ بنائڻ. ڪنهن ڳالهه کي وڌاءُ ڏيڻ – پنهنجي مطلب موجب ڳالهه کي موڙڻ – ڳالهه کي رنگين بنائڻ.

– **رنْگُ ڍَنْگُ ج رنْگَ ڍنْگَ:** ذ. اٽڪل سٽڪل – وَرُ وَڪَڙُ – ڦَند ڦير – فريبُ. طور طريقو – نموني بازي – نمونو – طِرز. رسم – رواج – هَلي چَلِي – هلت چلت – اُٽڪ وِهَڪ – رَوَيو – اُٿِي وِيٺِي – چال چلت. عادت – خصلت – افعال – ارڪان.

– **رنْگُ ڍنگَ ڏِسَڻُ:** حال احوال معلوم ڪرڻ – سُڌ سماءُ وٺڻ – خبر چار وٺڻ. هلت چلت ڏسڻ – نمونو ڏسڻ – طور اطوار ڏسڻ – اُٿي ويٺي ڏسڻ.

– **رنْگُ راسُ ٿِيَڻُ:** ڪنهن ڪم جو بهترين نموني ۾ تيار ٿيڻ – مڪمل ٿيڻ. پورو ٿيڻ.

– **رنْگُ رتولُ ج رنْگَ رتولَ:** ذ. چٽسالي ٿيل جاءِ ـ نقاشي محلات – رنگ محل – لال بنگلو.

– **رنگُ رِچَائِڻُ:** محفل ڄمائڻ – تماشو شروع ڪرڻ – مَجلس مَچائڻ.

– **رنگَ رچَڻُ:** رنگُ جو چڱيءَ طرح اثر ڪرڻ – رنگ لڳڻ – رنگ چڙهڻ – رنگ وِهَڻُ – رنگ ڄَمَڻُ – رنگدارُ ٿيڻ – رنگين ٿيڻ.

– **رنگُ رسُ:** ذ. عيش عِشرت – کيل تماشو – محفل – وِندرَ – ٻوڳ شوڳ – چرچو ڀڳهو.

– **رنْگُ رِلائِڻُ:** مزو ڪرڻ – خوشي ڪرڻ – لطف اندوز ٿيڻ – عيش ڪرڻ – رنگ رِليُون مَنائڻ.

– **رنگُ رُوپُ ج رنگ رُوپَ:** ذ. رنگ روغن – شڪل شبيهه – حُليہ – صُورت – مُنهن مُنهاندو. حُسن جمالُ – سونهن – سوڀيا – چَمڪ دَمڪ – زِيْنَتَ.

– **رنْگُ روغَنُ ج رنْگُ روغَنَ:** ذ. رنگ روپُ – چَمڪ دَمڪ.

ڏ ڪايل ڏِسڻ ۾ اَچڻ – رنگ فَق ٿيڻ – رنگ زردو ٿيڻ – رنگ ڇَڏي ڏيڻ – رنگُ لَهِي وڃڻ (ڏ ک ۾ يا فِڪر ۾).

– **رنگُ هارَڻُ:** رنگُ چِندِ ڪارَڻُ – رنگُ اُڇلائڻ. شاديءَ جي موقعي جي هڪ رَسم جنهن وقت ڪُنواريتا گهوٽيتن تي ڳاڙهو رنگ اُڇلائين.

– **رنگ هوءِ:** توکي رنگ هجي! آفرين هجي، جس هجي.

– **رَنْگِي ج رَنْگِي:** ذ. صفت. رنگُ وارو – رنگدارُ – رنگينُ – رنگيْلو – طرح طرح جي رنگن وارو – رنگُ بِرَنگِي.

– **رنْگِيلو ج رنْگِيلا:** ذ. صفت. رنگ وارو – رَنگِينُ – رنگدارُ – رنگُ بِرَنگِي. رنگين مزاج – عيشِي جيئڙو – نَٽوئون. رنگين لباسُ پهَرِيَل – شوُقين. تَرڙو – هلڪي. طبع وارو. ڏُوتو – پاڙيو – وِڃ ڪُتيو. آوُباشُ.

– **رنْگِيلِي ج رنگيْلِيُونْ:** ث. صفت. رنگين مزاج ـ ڪَسْبياڻِي – بيْسِوا – بَدپيشي عورَتَ – رَنْدِي. چالاڪ – تيرهن تالِي – اوُباش. لَندِي – لَنگوتاڙِي.

– **رنگِيْنُ ج رنْگِيْنَ:** ذ. صفت. رَنگِيلُ – رنگ وارو – رنگدارُ – رنگُ چَڙهِيلُ – رنگُ ڪَيَلُ – رنگارنگِي – رنگيْلو – رنگُ بِرنگُ ڪَيَلُ – رنگا رنگِي – رَنگيْلو – رنگُ بِرَنگُ – گَونا گَونُ – ملمعي ڏِنَلُ. گلڪاري ڪَيَلُ – سينگارِيَلُ – گلُ ڦَلُ نِڪتل.

– **رَنگِينُ رَنگِيْنُ:** ذ. صفت. رنگا رنگِي – گَونا گَونُ – چِتَڪَمرو – وِچِتَرُ – چِٽُ – ڦُلڦُليو. طرحين طرحين – قسمين قسمين – نموني نموني – ڀانْت ڀانْت.

– **رنگين عِبارَتَ ج رنگين عِبارَتُونْ:** ث. اُها لِکٽِي جنهن ۾ نَثْرُ مُسجع هُجي – مُقفٰ وَ مُسجَع عِبارَتْ – دلچسپ عبارت – وڻندڙ عِبارت. دلچسپ مضمون.

– **رنگين مِزاجُ ج رنگِينْ مِزاجَ:** ذ. صفت. خوش مِزاج – ڪِلمُڪُ – خوش طبع – زنده دلُ. عياشُ – عياش طَبعُ – عياشِي – عَيشِي جيئڙو.

– **رنگِيني ج رنگِينيُونْ:** ث. رنگاوَتَ – رَنگاوَتَ – رَنگائِي. چِٽسالِي. سينگار – آراستگِي – نمائش – ٺاهُ ٺُوهُ – بَناءُ سينگارُ. خوش طَبعِي – خوش مِزاجِي.

• **رِنْگَڻُ:** مصدر. ڪُرڪَڻُ ڪِنجهَڻُ – چِنگهَڻُ. دانهون ڪرڻ – رڙيون ڪرڻ – واڪا ڪرڻ. هَري هَري روئڻ – هَنجُون هارَڻُ. ڀُنڪَڻُ – ڀُڻ ڀُڻ ڪرڻ – ڇَپَنُ ۾ ڳالهائڻ. ڦَڏو ڪرڻ. اُٺ جو آواز ڪرڻ – اُٺُ جو رَڙَڻُ – دانهون ڪندو هلڻ – چِنگهِندو هلڻ. وَڄڻُ (ڪنهن بَرتن وغيره جو). گوٺنات ڪرڻ – نَٽُ نَٽاءُ ڪرڻ – نٽائڻ – گسائڻ.

– **رِنْگَ ج رِنْگُونْ:** ث. روُئڻ جو آوازُ – سنهو روڄُ – رِينْگو – رِنْگَتَ. گهَپِي – ڪِلڪِل – ڪِنْجهِڪو – ڪُرْڪو – ڪُرْ ڪُرُ. اُٺ جو آواز.

– **رِنْگائِڻُ:** مصدر. رَڙائِڻُ – رودن ڪرائڻ – رُئاڙڻ. گهَپِي ڪرائڻ – ڪِلڪل ڪرائڻ – ڪُرڪو مَچارائڻ. ڪَتَ تي وِنْهِي ٽنگون لوڏَڻُ (ڪ).

– **رِنْگائِي ج رِنگائِي:** صفت. ڪِرڪِريو – گهَپيَرُ – رِينْگائِي – گهَپِي خور.

– **رِنگ چِنْگهہَ ج رِنگُونْ چِنگهُونْ (ت):** ث. سُور سببان دانهن – ڪُٽڪَ. بيمارِي – مَرضُ.

• **رِنْگَڻُ ج رِنْگَڻَ:** ذ. ڪارِي جي مڇيءَ جو هڪ قِسم (منهن سٽيلو. پُڇ سنهون. ڊيگهہ ٢ – ۴ فوٽ).

• **رُنْگَڻُ:** مصدر. ٿوري زياده جي گهُرَ ڪَرڻ – رينگَ ڪرڻ – گِهلَ ڪرڻ. رونگ گهرڻ – جيڪي ملي تنهن کان ڪجهہ وڌيڪ گهُرڻ.

• **رُنگَ ج رُنگُونْ:** ث. جيڪي مِلي تنهن کان ٿورو زياده جي گهُر – سَوائِي – وَزن کان وڌيڪ. ذرو ٿورو – پِڇڪڙو – ڇُڪو – ڦڙِي – ڇُنگِي – ٽيْپو – هَوَ. ڀَتِي – حِصو – ڀاڱو (ڪ).

– **رُنْگُو ج رُنْگُا:** ذ. صفت. زياده گهُرَ ڪندڙ – ڪُرڪُريو – رنگُو – گهَپِي خورُ – ڪِرِ ڪِريو. لالچِي – هَبڇِي – طَمعِي.

• **رِنْگوائِي (ت):** ذ. اسم خاص. ڪوسَنُ بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **رنْگِيونْ:** اسم خاص. تعلقي گونِي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **رِنْگهہَ ج رِنْگهُونْ:** ث. روڄُ – راڙو – رودن. فرياد – دانهن. شڪايت – گلا. ڪُرڪو – ڪِنْجهڪو – چِنگهہَ. تِيسْو – خَفو – ڪَپَتَ – ڪَسارو (ٻار جو بيمارِيءَ ڪان) – بيزارِي. ڪِروڌ – گَهِپِي – ڪِلڪِل.

– **رِنگهہَ پِنگهہَ ج رِنْگهُونْ پِنگهُونْ (ٿ):** ث. جِسم ۾ ٿورِي

بَدڪارُ ٿيڻ – گُنگهار ٿيڻ – پاپِيْ ٿيڻ – ڏوهاري ٿيڻ.

– **رۇسياهِيْ ج رُوْسياهِيُوْن:** ث. ڪار مُنهائِيْ. بدنامي – ذلَتَ – ذلالَتَ – رُسوائِيْ – بي عزتِيْ – بي آبِيْ – بي مانِيْ. گنهگارِيْ – خطا – خَطا وارِيْ – ڏوهُ.

– **رُوْشَناسُ ج رُوْشَناسَ:** ذ. صفت. واقفڪارُ – ڄاڻ سُڃاڻ – سُڃاڻو – ڄاڻندڙ – سُڃاڻپ – وارو – واقفيت وارو – ڏِٺل وائِٺلَ. مشهور شخص – ناليرو – ناميارو – نامِوَرُ.

– **رُوْشَناسِيْ ج رُوْشَناسِيُوْن:** ث. واقفيت – سُڃاڻپ – ڄاڻ سُڃاڻ – مُلاقات – صاحب سَلامت – واقفِيْ – ڏِيْٺ – عَليڪَ سَليڪَ.

– **رُوْنَما:** ظرف. ڏسجڻ ۾ ايندڙ – ظاهرُ – پَڌرو – ڪلِيَلُ – عامُ – مشهورُ.

– **رُوْنَمائِيْ ج رُوْنَمائِيُوْن:** ث. مُنهن ڏيکارڻ جي حالَت – ديْدارُ – ڏيکائِيْ. شاديءَ جي هڪ رسم.

• **روا ج روا:** ذ. صفت. (ف. رَوان = جاري، هلندڙ). رائج – مُروّج – جاري – چالُو – وهندڙ – هلندڙ – حَقِي – جائز – حَقائتو – حَلالُ – حَلالِي – رِهندو – حق حلال جو – قانوني – شرعي – باقاعدي – دُرست – برابر – صحيح – اصل – پُورو – واجب – جَڳائتو – لائق – ٺهندو – لائق لڳو – مُباح – ٺِيڪ – رِهائيندو – مُناسب – ڇڏت جهڙو.

– **روادارُ ج روادارَ:** ذ. صفت. قبول ڪندڙ – جائز سمجهندڙ – مڃيندڙ – باسيندڙ – اِقراري – قبولدار – رضامند. چاهيندڙ – گهرندڙ – پيار ڪندڙ. خير خواهه – ڀلو گهرندڙ – همدرد – خير انديش. طرفدار – ساٿي – ٽيڪو ڏيندڙ – مددگار – واهرُو – سهائتا ڪندڙ – همراهه – پٺڀرو – حِمايتي – پاسو وٺندڙ – بدلو ڪٽندڙ – وَٽ ڪٽندڙ. پنهنجو ڏوهه باسي، ٻئي کي ڦاسائيندڙ – سرڪاري شاهد.

– **رواداريْ ج رواداريُوْن:** ث. مدد – واهر – سهائتا – اوٽ – حمايت – پٺڀرائي – همراهي – پرڇهلو – بَدلو – پاس – وَٽ. منظوري – اقرار – قبوليت – مڃتا – هائوڪار.

– **روا رَکَڻُ:** جائز رکڻ – مباح سمجهڻ. جاري رکڻ – چالُو رکڻ – هلندو رکڻ – مُروج رکڻ. منظور ڪرڻ – قبول ڪرڻ – اقراري ٿيڻ – رضامند ٿيڻ – اجازت ڏيڻ – موڪل ڏيڻ.

– **روا سَمِجهَڻُ:** مُباحُ سمجهڻ – جائز سمجهڻ – حقي سمجهڻ – صحيح سمجهڻ – دُرست ڄاڻڻ – ٺِيڪ سمجهڻ – برابر سمجهڻ.

– **روا ڪَرَڻُ:** جائز هجڻ جي فتويٰ ڏيڻ – جائز ٺهرائڻ – مباح ڪرڻ – لازمي ڪرڻ – حقي ڪرڻ.

• **رُوا ج رُوا (ل):** ذ. رُئڻ جو آواز – رُئات – روڄ – رُواءُ.

– **رُواتُ ج رُواتَ:** ذ. رُوا – رُواءُ.

• **رَواتَڻُ:** مصدر. گَهڻُ – ڪُرڙڻ – گَسائڻ – لَسو ڪرڻ – سِڌائيءَ تي بيهارڻ – سنئون ڪرڻ.

– **رواتُ ج روات، رواتُوْن:** ث. لوهارڪي اوزار جو هڪ قسم – رَواتِي – ٽڪوري – سونهڻ.

– **رواتِيْ ج رواتِيُوْن:** ث. لوهه کي لَسي ڪرڻ جو هڪ لوهارڪو اوزار – رَوات – ٽڪوري – سُونهڻ.

• **رواجُ ج رواجَ:** ذ. (ع. راجَ = آساني سان وِڪرو ٿيندڙ هو). عام دستور – راهه ريت – هلي چلي – ريت – رَسم – پرويز – پَرَ. مَرجاتا – رَتيرو – استعمال. ڍنگ – ڍَنُ – ڍَبُ – پارُ – طرح – وَجههُ – دستور – هلت – ڍِار – نمونو – قسم – پرڪار – ٻڌل – گِراهڪي – ورتاءُ – مُحاورو – چَلت – طريقو – رَوش – سرشتو – قانون – قاعدو. معمول. وات طور – طِرز.

– **رواجُ پَوَڻُ:** رسم پوڻ – جاري ٿيڻ – رائج ٿيڻ – عام ٿيڻ – عمل ۾ اچڻ – دستور ۾ اچڻ – سرشتو پوڻ.

– **رواجُ ڏِيَڻُ:** جاري ڪرڻ – چالو ڪرڻ – مروج ڪرڻ – عامُ ڪرڻ – استعمال ۾ آڻڻ – عمل ۾ آڻڻ.

– **رواجَ ۾ آڻَڻُ:** (نئون رواج) وجهڻ – شروع ڪرڻ – جاري ڪرڻ – چالو ڪرڻ – عام ڪرڻ – مروج ڪرڻ. (بِلُ) پيش ڪرڻ. ڪا به نئين رسم سماج ۾ اندر آڻڻ – گهيڙڻ – وجهڻ – داخل ڪرڻ.

– **رواجِيْ ج رواجِيْ:** ذ. صفت. رواج ۾ آيل – هميشه جو – معمولي – دستوري – رِيتائتو – مُروَجُ – دستور موافق. اڪثر – عموماً – گهڻو ڪري – عام – چالُو – استعمالي – رسمي – قانوني – حَقي. ساڌارڻ – اهڙو جهڙو – هالُو چالُو – پُورو پِنو. خسيس – ڪِين جهڙو – هَلڪو – ٿوري مُلهه وارو – سادو.

– **رواجِيْ طَرَحَ:** ظرف. عام نموني – هميشه وانگر – عام طرح – هُونءَ – دستور موافق – گهڻو ڪري – معمول وانگي.

• **رواژُ ج رواژَ:** ذ. اِسم. رِياءُ – پاسخاطري – وٿَپَ – پاسخاطر – لحاظ – رعايت – پاسو – مَرُوَت. خاص شوق – ڏاڍي دل –

Gul Hayat Institute

• **رَوِشَ ج رَوِشُون:** ث. هلت — چلت — چال — ڍَنگ — نمونو — ورتاءُ — چلگت — اچڻ — رفتار — هَلڻي — طريقو — برتاءُ — وهنوار — انتظام — جوڙجڪ. ارڪان — افعال — اوساڻ — اُٺي ويٺي — رهڻي ڪهڻي. مُهاندو — چهرو — صورت — شڪل — شبيهه — ٻوش. خاصيت — وصف — اوجَهَ.

— **رَوِشَ سُڌارُ ج روِشَ سُڌارَ:** ذ. صفت. هلت چلت کي سڌاريندڙ — افعال سڌاريندڙ — اخلاق سُڌارُ.

• **روِشُ ج روِشَ (ڪ):** ذ. نانگو — اگهاڙو — ننگو — بِرهَنه.

• **روِشَنُ:** صفت. صافُ — پڌرو — ظاهر ظهور — وِيڪَت — آشڪار — چمڪندڙ — جهرڪندڙ — تجلائي — چمڪَٽو — چلڪٽو — منور — تابان — نوراني. نِشانبَرَ — پرسِدَّ — مشهور — ظاهر — عَيانَ. ڪليل — ڪشادو. چهرو — آبدار — اوجَل — تِڪو — مَلو — چَلو. عاليشان — شاندار — عُمدو — پيڪيدار — نَٽُ وارو.

— **روِشَن اَختر:** ذ. [ف. روشن + اختر = تارو] سَڀاڳو — بخت وارو — بختاوَر — ڀاڳن ڀَريو — ڀاڳِوانُ — خُوشنصيبُ — قسمت وارو. سدورو.

— **روِشنائِيْ ج روِشنائِيُون:** ث. سوجهرو — نُورُ — جوٽِ ـ شُعاعُ — پْرڪاشُ — سُجهندو — اُجالو — اُهاءُ — سَهائِيْ — چِمڪو — فَجرُ — پره ڦُٽِي — باڪ. ڏِيئو — بَتِيْ. مشهورِيْ — پَڌرائِيْ — ظاهِرِيْ. لِکڻ جي مَسَ.

— **روِشَنُ ٿِيَڻُ:** سوجهرو ڪرڻ — چمڪڻ — شعاع ڪرڻ — سُجهَندو ڪرڻ — چِمڪو ڪرڻ. جَلَڻ — ٻَرڻ — سَڙَڻ. ڪُلَڻُ — ظاهر ٿيڻ — معلوم ٿيڻ — خبر پوڻ — ڄاڻ پَوَڻ. صاف ٿيڻ — چِٽو ٿيڻ.

— **روِشَندانُ ج روِشَندانَ:** ذ. [ف. روشن + دان = رکڻ جي جاءِ] روشني اچڻ جي دَرِيْ — لوگهو — جارو — بادبانُ — روزَن. جاءِ ۾ ڏئي رکڻ جو جارو. بَتِيْ — فانوس — ڏِيُو — مَشعل.

— **روِشن دِماغ ج روِشَنَ دِماغَ:** ذ. صفت. [ف. روشن + دماغ = ذهن] اعليٰ دِماغ — هوشيارُ — ذَهِيْنُ — فهِيْمُ — سَمجهُو — ڪليل دِماغُ — ڏاهو — سِياڻو — عاقِلُ.

— **روِشَنُ ضَمِيرُ ج روِشَن ضَمِيرَ:** ذ. صفت. [ف. روشن + ع. ضمير = اَندَرُ] صاحب ڪَشِفُ — روشن دل — صاحب دل — صاحب ادراڪ — اَهلِ دل. گِيانِيْ — هوشيار — عاقل — داناءُ — ماهِرُ.

— **روِشَنُ قِياسَ:** ذ. صفت. [ف. روشن + قياس = غور — خيال] صاحب عقل — قِياسَوندُ — قياسمَنْدُ.

— **روِشَنُ ڪتابُ:** اسم خاص. (ف) پاڪ ڪتاب. قرآن مجيد.

— **روِشَنُ ڪَرَڻُ:** چِمڪائڻ — چلڪائڻ. صاف ڪرڻ — ظاهر ڪرڻ — پڌرو ڪرڻ. جَلائڻ — ٻارڻ — ساڙڻ.

— **روِشَنيْ ج روِشَنِيُون:** ث. روشنائِيَ ـ سوجهرو — اُجاڻو — سُهائو — سُجهندو — سُهائِيْ — چمڪو — جهَلڪِيْ — تَجلِيْ — جوتَ — نورُ — شُعاع — پره ڦُٽِيْ ـ باڪ. پَڌرائِيْ — ظاهرائِيْ — مشهورائِيْ. بينائِيْ — ديْدَ — اکين جي نَظَر.

— **روِشنِيْ ڪَرَڻُ:** جوتَ جاڳائڻ — شعاع ڪرڻ — سُجهندو ڪرڻ — اُجالو ڪرڻ. بَتِيْ ٻارڻ.

• **روِشَنائِيْ:** اسم خاص. تعلقي گُوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

— **روِشنائِيْ جاگِيرَ:** اسم خاص. تعلقي گُونِيْ ۾ هڪ ديهه.

• **روِضو ج روضا:** ذ. (ع. روضة). (ڪنهن بزرگ جي) قَبَر (مٿان سهڻو گنبذ) تُربت مٿان سهڻو قُبو. درگاه. آستانو — مَزارَ. باغ — باغِيچو — چَمنُ — گُلِستان — ڦُلواڙِيْ — ڦولستانُ.

• **روِضءِ رِضِوانْ:** ذ. (ع) بهشت — سَرڳُ — بَجنتَ — فَردوسُ.

• **روغان:** ذ. (اسم خاص) رياست لس ٻيلي ۾ هڪ آڳاٽي ڦٽل شهر جو نالو.

• **روِغَنُ ج روِغَنَ:** ذ. (ف). تيْلُ — سَٽِپُ — گِيهه — عَرقُ — چِڪنائِيَ. ڪاشِيْ — چَمڪو — چَمڪو ڏمَڪو — ظاهِرِيْ ٻِيڪو — مَلمعو — ٻاهرين ٽِيْپَ ٽاپَ.

• **روِغَنِ بَلِسان:** (ف) سون ٻوٽيءَ جو تيْلُ.

• **روِغَنِ تَلخ:** [ف. روغن + تلخ = ڪڙو] ڄانٻي جو تيلُ — ڪڙو تيلُ. ڪارو تيل.

— **روِغَندارُ ج روغَندارَ:** ذ. صفت. (ف. روغن + دار > داشتن = رکڻ) روغنِيْ — تيْلِيْ — وارنشِيْ — سٽِپو — چِڪنائِيْ وارو.

— **روِغَنِ زردُ:** (ف. روغن + زرد = پيلو — هيڊو) مَکڻُ مان تيار ڪيل گيهه.

— **روِغَنُ فَروشُ ج روغَنَ فروشَ:** ذ. (ف. روغن + فروش > فروختن = وڪڻڻ) تيل جو واپارِيْ — تيْلِيْ — تيْلائِيْ — تيْلُ وارو.

— **روِغَنِ فازَ مَڪَڻُ:** (ف) خوشامد ڪرڻ — زمانہ سازي ڪرڻ — يارُ بَنائڻ — دوست ڪرڻ — سنگتي ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– **روْغنِيْ ج روْغنِيْ:** ذ. ث. (ف) تيل وارو – سٹيو – چِڪنو – سٹپ لڳل – وارنشي.

• **رُوفُ ج رُوفُوْنْ:** ث. (انگ. Roof) ڇِت.

• **روْفَ جوْ ڪارَبُ:** ذ. ڇِت جي سِرن وِجهڻ جو هڪ ڪارب – سِرن وجهڻ جو سانچو.

• **روْڪَ ج روْڪَ:** ذ. صفت. (سن. روڪ) روڪڙا ٽَڪا – نقد. ظرف. بروقت – اُنهيءَ مهل – بنا دير – جهٽ پٽ – جلد.

– **روْڪَ نُوڪَ:** ث. روڪَ – روڪڙ – روڪڙو – نقد – نقدي – ظرف. بروقت – تڏي تي – اُنهيءَ مهل – هڪدم.

– **روْڪَڙِ ج روْڪَڙوْنْ:** ث. نقدي – نقد – پئسا – حاضر پئسا – ڪَلدار. پئسن جي حساب جو ڪتاب – وهِي – ڪچو – ڪئيش بُوڪ.

– **روْڪِڙوْ ج روْڪِڙا:** ذ. صفت. نقد – روڪُ – روڪڙ – ڪلدار – پئسا. ظرف. بروقت – اُنهيءَ مهل – هڪدم – بنا دير – جهَٽ پَٽ. پئسن نہ ڏيڻ جي حالت ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ (روڪڙا ڏنائينس = نہ ڏنائينس).

– **روْڪِڙوْ جَوابُ ج روْڪِڙا جَوابَ:** ذ. رُکو جواب – اِنڪار – ناڪار – نابري – نانْ. تُرت جواب – يڪدم جواب.

– **روْڪِڙوْ جَوابُ ڏِيڻُ:** ناڪار ڪرڻ – انڪار ڪرڻ – رُکو جواب ڏيڻ – نابري وارڻ – نانْ ڪرڻ.

– **روْڪِڙِيْ ج روْڪِڙِيُوْنْ:** ث. نقدي – روْڪَ – روڪڙ.

• **روْڪَڻُ:** مصدر. اٽڪائڻ – پَلڻ – رنڊڻ – رنڊائڻ – جهلڻ – بيهارڻ – ٺارڻ – ترسائڻ – اٽڪاءُ ڪرڻ – ٿَمڻ – مَنڊڻ – سِيڙائڻ – نِوارڻ – وارڻ – اوراٽڻ. واڙَ ڏيڻ – اوٽ ڪرڻ – پردو ڪرڻ – اجهو ڪرڻ – بچاءُ ڪرڻ – بچائڻ – محفوظ رکڻ. منع ڪرڻ – باز رکڻ – جهلڻ.

– **روْڪَ ج روْڪُوْنْ:** ث. پَل – جهَل – منع – نِورتي – پابندي – ضابطو – سيڙاپو – نظربندي – سَنگَٽُ – وگهن. رنڊڪ – اٽڪ – اٽڪاءُ – آڏ – رُڪاوٽ – بندش – ممانعت – اسناد – احاط بندي – ڪَج بحثي. ڇيڏڪ. گَهُ.

– **روْڪَ ٿامَ:** ث. بندش – ممانعت – جهَل پل. رُڪاوٽ – پابندي – احاط بندي.

– **روْڪَ ٽوْڪَ:** ث. منع – آڏ – رنڊڪ – اٽڪ – جهَل پَل – ممانعت – انسداد – بندش.

– **روْڪي رَکَڻُ:** ترسائڻ – جهَلي ڇڏڻ. پڪڙي بيهارڻ – بند ڪرڻ – بندي ڇڏڻ – بندش هيٺ رکڻ.

– **روْڪي روْڪي:** ظرف. تَرسائي تَرسائي – بيهاري بيهاري – جهلي جهلي – آهستي آهستي – ڌيري ڌيري – احتياط سان.

• **روْڳُ ج روْڳَ:** ذ. (سن. روگ = گندگي) روڳُ – گندگي – پُون – پَسُ – گَند. سڙيل رَت – رَت پُون – ڦَٽَ مان وهندڙ گند. بيماري – مرض. ڏوار – اگهائي – ناچگّائي – ڏوجُ – ڏجهندو – لگّائي – ڪُمهرائي – آزار – بي مزائي – رنجوري – ناچاقائي – پيڙا – تڪليف. باه. ڏ ک. عشق – محبت.

– **روڳائِتوْ ج روڳائتا:** ذ. صفت. اگهو – بيمار – ناچگّو – لگّو – ناچاق – سُڪالو – روڳ وارو – روڳِي – جِيءَ جَڏو – ڏجهارو – مَرضِيل – مَريض – ڪِرڪِٽو – رِڳت – رِڳَ – رِڳو – ڏٺاري. پُون وارو – گند سان پريل. ڏکيو – تڪليف وارو.

– **روْڳُ پوڻُ:** بيماري ٿهلجڻ – مرض پوڻ – اگهائي پوڻ.

– **روْڳُ لڳَڻُ:** بيماري ٿيڻ – بيماري پَوڻ – مرض جو پوڻ – اگهائي ٿيڻ. جهڳڙو پَوڻ. عشق لڳڻ.

– **روْڳَ مَنْجهہِ رولَڻُ:** گُناهن ۾ گرفتار هئڻ – بُڇڙن ڪمن ۾ ڦاسڻ – ڪُڌن ڪرتوتن ۾ ڦاسڻ. مرض ۾ مبتلا هجڻ – دائم المريض هجڻ – سدائين بيمار رهڻ.

– **روڳِيْ ج روڳِيْ:** ذ. صفت. (هہ. روگي = روڳِي > سن. روگِي = روڳِي) بيمارُ – اگهو – مرض وارو – مرضِيل – اڻ سَگهو – نا چگّو – لگّو – روڳائتو – سُڪالو – ڏٺاري – رِڳَت – جِيءَ جَڏو – ڏجهارو – دائم المريض. گَند پِتَ سان پريل – رَتُ پُونءَ سان پريل – ڪِنو – گَندو – خراب – بُڇڙو – گدلو. سُست – آرسي – ٽوٽي – ڪاهل – ڍاڪُن ڍِلو – عاري – ڪَم ڪوس – سليو ساٽ – آرسائتو – وِساٺُو – ڍرڪو – ڳَمُ. معذور – لاچار.

• **رُوْلُ ج رُوْلَ:** ذ. (انگ) قاعدو – قانون – ٺهرايل حڪم – ضابطو – دستور – رواج – طريقو – سرشتو. لِيڪن ڪڍڻ جو ڪاٺ جو گول اوزار – لِيڪٽو – گول فَتيل. لوهہ جو وزن دار پُورو چَڪرو. رستن يا ميدان کي هموار ڪندڙ – لوهو سانئِرُ. (ت) هڪ قسم جو ڪورين جو اوزار. هڪ گول لَٺ مُنن کي ڳَنڍِيندڙ پَٽين جي وچ ۾ ڦرندڙ. هڪ ڪپڙي جو قسم.

Gul Hayat Institute

– **رُومِڙوُ ج رُوْمِڙا (ت):** ذ. بي خوفُ – بي ڊَپو – دِليرُ – بَهادرُ – وِيرُ – سُورِمُو.

• **رومَڻُ:** مصدر. (ت). ڪورين جو هڪ اصطلاح. سُٽَ ڪي وَرِيْ پنهنجي مرضيءَ موجب وِيڙهَڻُ.

• **رُوْنْ:** آواز (سن. رو) هڪ آواز جو قِسمُ – سَنهو آواز – رينگـَٽُ – رِيْهاٽُ – چِيْچاٽُ – چِيْچَٽُ – رينگو – روئڻ جو سَنْهو آوازُ. سَنها وارَ – رُوْمُ – ٻـَرَ (ٿ).

– **رُوْنْ رُوْنْ:** هڪ قسم جو سنهو آواز. نارُ جو رِينْگـَٽُ. سُرندي جو آوازُ. ڪَپاه صاف ڪرڻ جو آوازُ – ڪنهن بارُ جي رُئڻ جو آوازُ. چرخي جو آواز. ڀُوْنْ ڀُوْنْ – ڀُڻ ڀُڻ – جهونگارَ – هُوْنْ هُوْنْ – رِيْنگو – رِينْڪاٽُ – رينْڪڙو.

• **رُوْنْبو ج رُوْنْبا:** ذ. ڪنهن پوک جي سَلَنِ ڪي هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ هڻڻ جو ڪم. روت – رُنْبَ – رونْبَ – وِيٺُر – وِهراجُ. (ٿ. رونبيُ ج رُوْنْبيُوْنْ).

• **رُوْنْبَ ج رُوْنْبيُوْنْ:** ٿ. رُوْمَڙَ – جُلهَ – ڪاهَ – ڏُوڪَ – اُلَر.

• **رُوْنْٽَ ج رُوْنْٽوْنْ (ل):** ٿ. اِسم. ٺونْٽَ ڪان ڪَپِيَلُ ٻانهن.

– **رُوْنْٽو ج رُوْنْٽا:** ذ. ٺونْٽَ ڪان ٻانهن ڪَپِيَلُ ماڻهُو – ٻانهن پڳـَلُ. (اسم خاص) ڪاري جي مَڇيءَ جو هڪ قِسمُ.

• **رُوْنْجَنِ جا ڪِرِڻا:** ذ. انساني جسم کي چڪاسڻ جا ڪرڻا – ايڪس ري.

• **رُوْنْجهَ:** اِسم خاص. (رياسَت) خيرپور ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو.

• **رُوْنْجها:** اسم خاص. سنڌي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **رُوْنْجهاڻِي:** اسم خاص. (رياست) خيرپور ۾ رهندڙ هڪ ذات جو نالو.

– **رُوْنْجهوُ ج رُوْنْجها:** ذ. اسم. پِنبڻين جي ڪُتَل وارن وارو – ڪُتَل پَنجرن وارو. چُنجهو – ننڍين اکين وارو – چُوچو. جهرو. (اسم خاص) تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو. لس ٻيلي ۽ سنڌ جي هڪ وڏي قبيلي جو نالو.

• **رُوْنْڊِڙوُ ج رُوْنْڊِڙا (ڪ):** ذ. رُهنڊو – جانيُوٽو – رانيُوٽو – رُهنڊڙو.

• **رُوْنْڊوُ ج رُوْنْڊا:** ذ. صفت. هٿن يا ٻانهن کان بيڪار ماڻهو – رونٽو – ٽـُنڊو – جڏو – ٺـُونٺو – ٺـُونٺو – لـُلهو – رُنڊو.

• **رُوْنْسِي وِڃهَڻُ (ڪَڄ):** ڪُهَڻُ.

• **رونْشوُ ج رونْشا:** ذ. ڪِل خوشي – مَزو – وندر – ويار – بازي – ڪَلِوَل – ڪيل – چرچو – تماشو – راڳُ روُپُ – ڀَڳِت – مزيداري – ناٽڪ – رنگ – مسخري – مشڪري – سانگ. لطف – مزو – خوشي.

– **رونْشانْئُونْ ج رونْشانْئانْ:** ذ. صفت. ڪِلارو – ڪِل جهڙو – ڪلائيندڙ – مسخري جهڙو. عجيب. حيرت جهڙو.

– **رونْشائِتوْ ج رُونْشائِتا:** ذ. ضمير. صفت. خوشيءَ جهڙو – مزي جهڙو – رونشائي – ڪِل جهڙو. رونشانئون. ڪِل مُنهون – ڪِلٽو – ڪلائيندڙ – مسخرو.

– **رُونْشائِيْ ج رُونْشائِيْ:** ذ. خوش مزاج – خوشي ملهائيندڙ – رونشو ڪندڙ – چرچائي – خوش طبع – ڀوڳائي – وندرائيندڙ – رانديگر.

• **رونَق ج رونَقُونْ:** ٿ. اسم. چَهرو – روُپ – رنگ – وَرَنُ – صُورت. سونهن – خوبي – حُسن – سوڀيا – خوبصورتي – زينت – زيب – سُهائي – سُندرتا – نِزاڪت. لـُطف – مزو – راحت – عيش. وِندر – چهچٽو. تيجُ – جلوو – ڪِرانتي – جهلڪو – ڀَڙڪي – پَرتاب – ڏَما – بِراج – تجلو – جوت – چمڪو – ڀِيڪو – تجمل – ٺَٽ – ڍانِيس. شان – جاه و جلال – شان شوڪت – وقار – دٻدٻو – رُعب – تاب – حشمت. تازگي – آبادي. بهار.

– **رونَقَ اَفْروزُ:** (ف. رونق + افروز > افروختن = وڌائڻ). رونق وڌائڻ وارو – جلوه گر – جلوه فرما – تشريف فرما – قدم رنج فرما.

– **رونَقُ اَفْروزُ ٿِيَڻُ:** جلوه افروز ٿيڻ – تشريف فرما ٿيڻ – براجمان ٿيڻ – اچڻ. ڪنهن جي لحاظ سان يا ڪنهن لحاظ ڪري عزت وارو ٿيڻ.

– **رونَقَ اَفْزا:** ذ. صفت. (ف. رونق + افزا > افروزدن = وڌائڻ) رونق کي وڌائيندڙ – رونق وڌائڻ وارو – رونق افروز.

– **رونَقُ اَفْزا ٿِيَڻُ:** تشريف فرما ٿيڻ – جلوه فرما ٿيڻ – براجمان ٿيڻ.

– **رونَقُدارُ ج رونَقُدارَ:** ذ. (ف. رونق + دار > داشتن = رکڻ). رونق وارو – چمڪيدار – تجليدار – تِرڪيدار – ڀِيڪيدار – شاندار – عاليشان. حَسين – سُهڻو – سوڀياوان – خوبصورت – پُرلـُطف – پُر بَهار – مزيدار.

Gul Hayat Institute

– **رُوهِيُ تي وَجائِڻُ** (ت): کَرو ڪري وڃڻ – خاصو ڪري وڃڻ – سَنو ڪري وڃڻ – ناهي ٽوڪي وڃڻ – سوچيُ سمجهي وڃڻ – خيال سان وڃڻ.

– **رُوهِيُ ڏِيڻُ** (ت): جُتيءَ جو تَرو ناهي سُٽُ يا ڏور سان بند ڪري روهِيُ هيٺان رکڻ.

– **رُوهيلو ج روهيلا:** ذ. صفت. ڪوهستانِيُ – ڏونگريو – پَهاڙِيُ – چاپِرُو – ٽاڪرُو. ذ. جابلو ماڻهو. هڪ پکيءَ جو قِسم – جَبلُ جو ڪانءُ – رواجي ڪانءُ کان ٿورو وڏو. هڪ ڳِيري جو قِسم.

• **رُوهِرَڙُ ج رُوهِرَڙُون** (ت): ث. پاجارِيءَ جي ٻنهي پاسن جي وچ ۾ ٻڌل رسِيُ.

• **رُوهِڙو:** ث. اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۽ تعلقي ديره محبت ۾ ديهن جو نالو.

• **رُوهِڙِيُ ج رُوهِڙِيُون:** ث. هڪ جبلن ۾ پيدا ٿيندڙ جهنگلي ڦَلُ جو قِسم – ڏٽُ. هڪ وَڻُ جو نالو. هڪ جبل جو نالو.

• **رُوهِڙِيُ:** اسم خاص. سکر ضلعي جي هڪ شهر جو نالو. تعلقي رُوهِڙِيُ ۾ هڪ ديهِہ جو نالو.

• **رُوهِلانِيُ:** اسم خاص. بُگٽِيُ بلوچن جي هڪ قَبِيلي جو نالو.

• **رُوهِلڙِيُ:** اسم خاص. تعلقي مِٺِيُ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **رُوهَڻُ:** مصدر. (سن. روڌن) روڪَڻُ – رنڊڻ – رنڊي ڇڏڻ. سوڙهو گهُٽَڻُ – بَنْدُ ڪرڻ – مُنْڌَڻُ. منع ڪرڻ – جهَلڻ – روڪڻ. ڊوهَڻُ – ٺَڳِڻُ – ويساه گهاتي ڪرڻ – ۴۲۰ ڪرڻ – ٺڳي ڪرڻ.

• **رُوهُو ج رُوها:** ذ. ڏک – درد – تڪليف – روپو – رولُو – ڏاڪڙو – اَهنج – ايذاءُ – مشڪلات – مصيبت – پريشانِيُ – دَربدرِيُ – ٽولاڪو. ساڙُ – رَنْجُ – غصو – ڪاوڙِ.

• **روهلو:** ذ. ساندھ جهڙالو يڪو اٺ ڏھ ڏينهن جهڙالو (ت).

– **رُوها پِٽائِڻُ:** تڪليفون ڏيڻ – مصيبتون ڏيڻ – ڏاڪڙا ڪڍائڻ – مشڪلاتون – ڏيڻ – پريشان ڪرڻ – دربدر ڪرڻ.

– **رُوها پِسَڻُ:** تڪليفون سَهَڻُ – مصيبتون سَهڻ – ڏاڪِڙا ڪڍڻ – پريشاني ڏسڻ – دربدر ٿيڻ.

– **رُوها ڏيڻ:** تڪليفون ڏيڻ – مُصيبتون ڏيڻ. ٺڳيون ڪرڻ – دغائون ڪرڻ. نقصان ڏيڻ – ٽوٽو وِجهڻ – ڪوٽَ ڪرڻ.

• **رُوهِيڙو ج رُوهِيڙا** (ٿ): ذ. تَرُ جو هڪ وڻُ، ڪتُنِ ٺاهڻ لاءِ ڪارائتو. لوهيڙو.

• **رُوهِيڙِيُ ج رُوهِيڙِيُون** (ٿ): ث. لوهيڙي جي وڻ جو گُلُ.

• **رُوهِيلُ** (ڪ): اسم خاص. هڪ لَڪُ جو نالو.

• **رُوهِيلا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **رُوءِ:** ذ. اسم. (ف. رُو = مُنهن) مُنهن – مُک – مُهڙ – مُهانڊو – چِهرو – شڪل – صُورت – حُسن – سُونهن – رونق – سُهڻائي – سوڀيا – شوڀا – خوبصورتي – مٿاچرو – مَٿُ – سَپاٽُ – تَرُ – سَطَح. ڏيکاءُ – لَقاءُ – نظارو – ديدار. رُخ – طرف – پاسو. نمونو – طريقو. راءِ ـ مَتو – خيالُ – ويچار – سوچ. ميل – لاڙو – رَغبت. حالت – حال ـ درگتي. هَلِي چَلِي – مَرجاتا – رسم – رواج – طور اطوار. ظرف. روبرو – مُنهن تي – آمهون سامهون – اڳيان – منهن ۾ ـ مُهڙ ۾.

– **رُوءِ رِعايَتَ ج رُوءِ رِعايَتُون:** ث (ف) طرفداري – پاسخاطري – پاس – پاسخاطر.

– **رُوسُفيدُ:** (ف). معزز – عزت وارو – مان وارو – ممتاز – سڳورو – لائق – فائق – برتر – مُعزز ترين. دولتمند – شاهوڪار – غَني – امير.

– **رُوڪَشُ ج رُوڪَشَ:** ذ. (ف). شرمنده ڪندڙ. شرمائيندڙ – شرمسار ڪندڙ. مُقابل – نَظير.

– **رُونانِيُ ج رُونانِيُون:** ث. مُنهن – مُک – مُهڙ – مُهانڊو – چهرو – شڪل – صورت. منهن جي رونق.

– **رُونانِيُ ڦِرِيُ وَڃڻُ** (ت): شڪل مَٽجي وڃڻ – مُهانڊو تبديل ٿي وڃڻ – صورت ٿي ڦري وڃڻ. مُنهن جي رونق لهي وڃڻ.

– **رُوءِ بُڇِڙو ج رُوءِ بُڇِڙا** (ت): ذ. صفت. بدصورت – شڪل بُڇڙو – بَدشڪل – مُنهن بُڇڙو – ڪوجهو.

– **رُوءِ بَہ رُوءِ:** ظرف. روبرو – مُنهن تي – سامهون – اڳيان – پيش – آمهون سامهون – مُهڙ ۾ ـ مُنهن سامهون.

– **رُوَيَتَ ج رُوَيَتُون:** ث. (ع. رويت: ڏسڻ) صورت – شڪل – رُوءِ ـ مُهانڊو – چهرو. مُهڙ – مُنهن – مُک. ڏيکُ – ڏِسٽي – نِگاھ – نظر – نِرت – بِصارت – درشٽ – جوتُ – دِيد. نظارو – نِماءُ – درشن. لقاءُ – تماشو – ديدار – ڏيکاءُ. مُلاقات – ڏيٺ – ڏيٺ ويٺ – ميل جول.

Gul Hayat Institute

گَسُ — پيچرو — لَنگهه — گَذرُ — گهاڙو. مرتبو — دفعو — وارو — گهمرو — پيرو. نمونو — طريقو — دستورُ. قانُونُ — قاعدو. نغمو — آوازُ — سُرودُ — واڃو. (ت). اوزار جي ڌارُ — تيزائي.

— **رهبَرُ ج رهبَرَ:** ذ. (ف. رَه + بر > بردن = نيڻ — وٺي وڃڻ) رستي سان وٺي هلندڙ — رستو ٻڌائيندڙ — رستو ڏيکاريندڙ — دڳ لائيندڙ — واٽ ڏيکاريندڙ. سُونهون — پوميو — رَهنما — هدايت ڪندڙ — پيشوا — مهندارُ — سردارُ. مددگارُ — حامِي — حمايتي — واهرُو. ريٻارو — قاصدُ — نياپو رَسائيندڙ. مرشد — هادي — گُرو.

— **رهبَرُ ٿيڻ:** رستو ڏيکاريندڙ ٿيڻ — سونهون ٿيڻ — هادِي ٿيڻ — رَهنمائي ڪرڻ.

— **رهبَري ج رهبَريُون:** ث. (ف). رَهنمائي — سُونهپ — اڳواڻي. پيشوائي — هدايت. مهنداري — سرداري. آسانائي — مُشڪل ڪشائي — حمايت — مدد — واهر — مددگاري.

— **رهبَري ڪرڻ:** رَستو ڏيکارڻ — واٽ لائڻ — سُونهپ ڪرڻ — سُونهون ڪرڻ — هدايت ڪرڻ. پيشوائي ڪرڻ — اڳواڻي ڪرڻ. مهنداري ڪرڻ — سرداري ڪرڻ.

— **رهدارُ ج رهدارَ:** ذ. صفت. (ف) "مسافريءَ تي يا ڪنهن ڪمَ تي" سَنبريَلُ — تيارُ ٿيل — رَوانو ٿيل — اُسهيلُ.

— **رهرَوُ ج رهرَوَ:** ذ. (ف. رَه + رو > رفتن = وَڃڻ) واٽهڙو — واٽ ويندڙ — مُسافرُ. پرديسي — بديشي — آپوميو.

— **رهروانُ ج رهروانَ (ت):** ذ. (ف. ره + روان > رفتن = وڃڻ) مُسافرُ — واٽ ويندڙُ — پرديسِي — بديشِي — آپوميو — آڻ سُونهون. قافلي وارو — ڪاروانُ وارو.

— **رهزنَ ج رهزنَ:** ذ. (ف. ره + زن > زدن = هڻڻ). واٽهڙن کي ڦريندڙ — مسافرن کي لُٽيندڙ — ڌاڙيلُ — لُٽيرو — ڦُرڪندڙُ.

— **رهزني ج رهزنيُون:** ث. (ف). واٽ ويندڙن سان ڦُر — ڦُرمارَ — راهزني — ڌاڙو.

— **رهگذرُ ج رهگذرَ:** ذ. (ف. ره گذر > گذشتن = لنگهڻ) عام رَستو — شاهراهُ — سڙڪَ — شارع عام — لنگههُ — گَسُ — ڏَڳُ — گهاڙُو — واٽَ — راهَ — سڙڪَ. لانگهائو — واٽهڙو — واٽ ويندڙُ — مُسافرُ — پانڌيئڙُو.

— **رهگذرُ ٿيڻ:** لانگهائو ٿيڻ — واٽهڙو ٿيڻ — وٽان لنگهڻ — گذري وڃڻ — رَستو وٺي وڃڻ — پانڌيئڙو ٿيڻ. وانڃڻ — روانو ٿيڻ — موڪلائڻ — اُسهڻ.

— **رهنما ج رهنما:** ذ. (ف. ره + نما > نمودن = ڏيکارڻ) واٽ ڏيکاريندڙ — رستو ٻڌائيندڙ. سُونهون — رَهبر — پيشوا — اڳرو — اڳئو — رَهنمائي ڪندڙ. هادِي — هدايت ڪندڙ — وسيلو — مُرشدُ. مهندارُ — سردارُ.

— **رهنمائي ج رهنمائيُون:** ث. (ف) سُونهپ — هدايتَ — اڳواڻي — پيشوائي — رَهبري. مهنداري — سرداري.

— **رهوارَ:** ث. گهوڙي جو هڪُ پنڌ.

— **رهوارُ ج رهوارَ:** ذ. (ف). قدم بازُ گهوڙو — تيز رفتار گهوڙو — تکو گهوڙو.

— **رهوَرُ ج رهوَرَ:** ذ. (ف). رهبر — رهنما.

• **رهہ ج رهيُون (جبل):** ث. عادت — هير — علت — ٻانڌاڻ.

— **رهہ ڪَٽڻُ (ل):** عادت پوڻ — هير ٿيڻ — علت پوڻ.

• **رِها ج رِها:** ظرف. (ف). آزاد — خلاص — ڇُٽل — ڇڏيل — نجات يافته — بري — ڇُڙواڳ — آجو. ج رِهائُون (ت): ث. ٻچڙ ڏاچي.

— **رِها ڪرڻ:** آزاد ڪرڻ — ڇڏي ڏيڻ — بري ڪرڻ — نجات ڏيڻ — بند خلاص ڪرڻ. ڇُڙواڳُ ڪرڻ.

— **رِهائي ج رِهائيُون:** ث. (ف). ڇوٽڪارو — ادائي — آزادي — نجات — بند خلاصي — خلاصي — آجائي.

— **رِهائي ڏيڻ:** آزادي بخشڻ — ڇڏڻ — آزاد ڪرڻ — نجات ڏيڻ — آجائي ڪرڻ — بندُ خلاص ڪرڻ.

• **رُهاڙ ج رُهاڙُون (ل):** ث. برسات جو هڪ قسم. لَس — رُهي.

• **رِهائش ج رهائشُون:** ث. (هـ). رهائش — سڪونت — قرار — ماڳ — ٽڪاڻو — هنڌ — جاءِ — جڳهه — مڪان — آستانو.

• **رهاش ج رهاشُون:** ث. رهاشت — رهائش — گهَرُ — رهڻ جي جاءِ — ماڳ — مڪان — سُڪونت — قيام — آستانو — ٽڪاڻو.

— **رهاشت ج رهاشتُون:** ث. رهاش — رهائش — گهَرُ — رهڻ جي جاءِ — ماڳ — مڪان — قيام — آستانو — ٽڪاڻو — هنڌ. مُلڪ — وطن — ديس.

— **رهاشو ج رهاشو:** ذ. رهاڪو — وينل — رهائشي — قيام پذير.

— **رهاڪو ج رهاڪو:** ذ. رهاشو — رهواسي — وينل — باشنده.

• **رهانُ (ت):** اسم خاص. هڪ قسم جي خريف جي پوک.

Gul Hayat Institute

– رَڳڙو – جهيڙو – جهڳڙو – حُجت – تَنتو – مُنهَن زورائيْ – ڦڏو – فَسادُ – ڪِلِ ڪِلِ ـ گهُپِيْ – ضد – ڪِروڌ.

– **رِيْڙهِ پِيْڙهِ ڪرڻ:** چِڪتاڻِ ڪرڻ – گهلَ. ڪرڻ – ضد ڪرڻ – تڪرارُ ڪرڻ – مَعاملو ڪرڻ – ڦَڏو ڪرڻ – گَهِپِيْ ڪرڻ – مُقابلو ڪرڻ – جهيڙو ڪرڻ – جهڳڙو ڪرڻ – رَڳِڙو ڪرڻ – ريڙهه پيڙهه ڪرڻ – فَسادُ ڪرڻ – رڏو ڪرڻ – حُجتَ ڪرڻ.

– **رِيْڙهِ پِيْڙهِ ڪرڻُ:** رِيْڙ پِيْڙَ ڪرڻُ.

– **رِيْڙهه ڪرڻ:** ريڙهه پيڙهه ڪرڻ – ڪُرڪڻ – جهُرڪڻ – ڪِنْجهڪَڻُ – چِنگهڻ.

• **رِيْڙِ ج رِيْڙِيُوْن (ت):** ث. ننڍي ٻارُ جو گهٽي وقت تائين روڄُ.

• **رِيْڙِ ڪَرَڻُ (ت):** ننڍي ٻارُ جو گهٽي وقت تائين رُئڻ.

• **ريڙو ج ريڙا (ت):** ذ. ننڍڙو ٻِتَرُ – ٻِتِرِيْ – ٻَهِٽِيْ.

• **رِيْڙهڻُ:** مصدر. رِڙهڪائڻ (ت) – اڳتي ڌِڪڻ – چْورَڻ – سورَڻُ – اڳتي ڪرڻ – پاسي ڪرڻ – هڪ طرف ڪرڻ – هڪڙي پاسي ڪرڻ. گِسڪائڻ – لاهِڻ – پَري ڪرڻ.

– **رِيْڙهَ ج رِيڙهُوْن:** ث. سِرڪو – رِيْڙهو – چورَ – سْورَ – ڌِڪو – ٺيلِهو – ٺيْلِهو – گِسرُ. آهستي، هوريان، هَريْ، هَريْ، ڌ يْرِيْ. آهستي سرڻ واري حالت.

– **ريڙهو ج رِيْڙها:** ذ. سِرڪو – گِسرو – ريڙهو – رِيْڙهه – چورَ – سورَ – بانبِڙو – ڌِڪو – ٺيلِهو. پاڻيءَ جو وَهِڪرو – ڌارَ – نَهرَ. هڪ جيت جو قسم.

– **رِيْڙهِيْ ج رِيُڙهِيُوْن:** ث. بانبڙو – سِرڪو – گِسِرو 'ننڍي ٻارُ جو" سياندڙِيْ – سُرٽو – هڪ بيماريءَ جو قسم.

• **رِيْڙهِيْ پائِڻُ:** بانْبڙا ڏيڻ – رِڙَهڻُ – سُرڻ – گسرَڻُ – سرڪَڻُ – هَري هَري چُرڻ – آهستي آهستي هلڻ – ٽرڻُ.

• **رِيْزَ ج رِيْزُوْن:** ث. (ف)، نُغمَ سَرائيْ – گانو بَجانو – ڳائڻُ وَڄائڻ.

• **رِيْزُ ج رِيْزَ:** ذ. صفت. (ف. ريختن مان) اوتيندڙ – هاريندڙ. ڇٽيندڙ – ڇٽڪار ڪندڙ. وسائيندڙ. متائي وجهندڙ. مثلاً "خون ريزُ = خون هاريندڙ – خوني وغيره".

• **ريزا:** ذ. ذرا. بازجي ڳچيءَ کان هيٺ پيٽ تائين سنهڙا ڪنپ.

– **رِيْزَش ج ريزَشُوْن:** ث. (ف) نَڪُ مان پاڻيءَ وَهڻ جي هڪ بيمارِيْ – زُڪام – لِيْسُ – نَزْلو – ڳاڙو.

• **ريزالُ ج ريزالَ:** ذ. صفت. (ف. رَذِيلُ = ڪميٽو). ڪَميْٽو – رَذِيلُ – گهٽ درجي جو ماڻهو – ڪَمِيْنو – بي حَيا – بي شرم – بدڪارُ – بَد چالُ – نرلَڄو.

– **رِيْزالْو ج رِيْزالا:** ذ. صفت. (ف. ع. رَذِيْلُ = ڪميٽو). ڪمينو – نِيْچُ – گهَٽُ طبيعت وارو – ريزالُ – رَذِيْلُ – بي حيا – نرلَڄو – بي شَرمُ.

• **رِيْزا ميخَ ج ريزا ميخُوْن:** ث. ننڍِيْ ڪلِيْ – ڪوڪو. گل ميخ. ڪَچِيْ سِلائِيْ – ٽاڪو – ٽانْڪو.

• **ريزَرُ ج ريزَرَ:** ذ. (انگ. Razor) پاڪِيْ – اُسِترو.

– **ريزَرُ بليڊُ ج ريزَر بِليڊَ:** ذ. (انگ. Blade + Razor) سيفٽي ۾ استعمال ٿيندڙ وارن ڪوڙڻ جو پَتُ.

• **ريزِڪِيْ ج ريزِڪيُوْن:** ظرف. پَرچُون – ٽُڪر ٽُڪر – ذرو ذرو – ٿورو ٿورو – پورْوْ – ڳَيو. وِڪري جو هڪ قِسم – سَنهو – وِڪِرو – هر هڪ جِنس مان ٿورو ٿورو وِڪِرو – ڇْوٽِڪُو وِڪرو – پَرُچونِيْ.

– **ريزِڪِيْ و ڪِٽَندَرُ:** پَرُچون واپارِيْ – سَنهو واپارِيْ – ڇْوٽِڪو دُڪاندار – هَٽائِيْ – ننڍو دُڪاندارُ – ٿوري ڏنڌي وارو.

• **ريزو ج ريزا:** ذ. (ف) ننڍو سِڪو – ڪُليل پَئسا – ڪچرو – خوردو – ريزگارِيْ – ريزگِيْ – ريجو. ٽُڪر ٽُڪر – ٿورو – ذرو ذرو – پُورُ – پْورو – ڳَيو. پَرچُون – پارچه – ٽُڪرو – پُرزو.

– **ريزگارِيْ ج ريزِگارِيُوْن:** ث. رِيْزو – رِيْجو – خَرده ـ ننڍو سِڪو – ڇْوٽِڪو پَئسا – ڪچرو (ت).

– **ريزِگِيْ ، ريزڪي:** ث. ريزگارِيْ – رِيْزو – رِيْجو. ڪليل پئسا.

– **رِيْزو رِيْزو ج رِيْزا رِيْزا:** ظرف. ف. ٽُڪَرُ ٽُڪَرُ.

– **ريزَه:** ذ. (ف) ٽُڪرو – حصو – ڀاڱو – پُرزو – قَطعه – ذرو – ٿورو – پَتِيْ. ريزگارِيْ – ريزو – رِيْجو. صندوق – پيْتِيْ – بَڪسُ – باڪَسُ.

• **رِيْزولِيُوْشَنُ ج رِيْزوليُوْشَنَ:** ذ. (انگ. Resolution). تجويز – ارادو – نِيتَ – قاعدو – قانُونُ.

• **رِيْزِيْڊَنْٽُ ج رِيْزِيْڊَنْٽَ:** ذ. (انگ. Resident). رهندڙُ – مُقيمُ – وِيْتَلُ – رهاڪو. سياسي نمائندو – وڪيل.

– **رِيْزِيْڊَنْسِيْ ج رِيْزِيْڊَنسِيُوْن:** ث. (انگ. Residency). رهڻ جو هنڌُ – آستانو. رِيْزِيْڊَنْٽُ جي رهڻ جي جاءِ ـ سياسي نمائندي جي جاءِ.

Gul Hayat Institute

حرفت – چالاڪي. هُوشيارِي – سياڻپ – ڏاهپ.

– **ريکهڙِيْ ج ريکهڙِيُونْ:** ث. ڳـلتو – چڙهو – ڏاڏر – چٽ – گرگهلِي – ٽلُ – لالچ – لَبُ – ريبُ. اَٽڪل بازِي – حرفت – چالاڪِي – هوشيارِي – سياڻپ – ڏاهپ – دانشمندِي.

– **ريکهڙِيْ ٻڌَڻ:** چٽ ڏيڻ – ڏاڏر ٻڌَڻ – ڳـلتا ٻڌڻُ – چڙهو ڏيڻ. ڌُتارڻ – لالچائڻ – ريبَڻُ – لَبَڻُ.

• **رينگِٽوْ ج رينگٽَا (ڪڇ):** ذ. واڳـڻُ – هڪ ٻاجيءَ جو قسم.

• **ريلَ ج ريلـُونْ:** اسم. (انگ. Rail لوهہ جو پٽو). لوهُ جو پٽو – لوه جو رَستو "اَگگاڏِيْ جي هَلڻُ لاءِ" – ريلوي لائين – پٽڙِي – آگ گاڏي – ريل گاڏي.

– **ريلوِيْ ج ريلويْ:** ذ. (انگ. Railway) ريل گاڏيءَ جو رَستو – پٽڙِي. ريل جو مُحڪمو – ريلويْ کاتو.

• **رَيْلَ:** ث. اسم خاص. تعلقي اٻاوڙِي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **رِيْلُ ج رِيْلَ:** ذ. پانُٽِي – چِڪَرُ – ڦيرِيْ – وَلو – گهُمتاڙِي. خالِيْ ٽَڙوْ – پُوپُو – ڳِيْتَ – اوبرِوْ "ڏاڳي ويڙهڻ لاءِ". سُٽ جو ڍيرو.

• **رِيْلَتَرائِيْ:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **رِيْلَ مُولچَنْدْ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ريلَڻُ:** مصدر. اُٿَلڻ – مَٿان وَهَڻُ – اُٿـلِيْ پَوَڻُ – ٻَلْٽَڻُ – ٻَلْٽو ڪائڻ – وافَرُ ٿيڻ – ٻَلٽِيْ پَوَڻُ. اُبامَڻُ – اُڦِرڪَڻُ. فَصلُ ٻَلوْ ٿيڻ. چشم پوشِيْ ڪرڻ – لَٺ مٽِي ڪرڻ – رِياءُ ڪرڻ.

– **ريلَ ج ريلـُونْ:** ث. (پرا. رِيْلَ = اُٿَلَ) ٻوڏَ – اُٿَلَ – ٻرهرو – ٻوڙ ٻوڙان – ليٽَ – سَيلابُ – ٻَلٽو – وافرائِي. گاه وارو ميدانُ – ويءِ – چراگاه – سائِيْ جُوءِ – مَليْرُ – آبادُ زمين – سَرسَبز زمين. هيٺاهين ۽ پاٽيائي زمين – سَيلابِيْ زمين – پوسَل وارِي زمين. ٽيڪَرُ – ڪپو – ٽَلُ – گودَڙُ – ويڏرُ – وَلهارُ. (ٻيلا) لاڙو – ڪاڍو – مَيلُ – رغبت – چِڪَ – چاهُ. (ت). چوسُولُ – چوُواٽو – چونْڪُ.

– **ريلا ڏِيڻ:** ٻَلٽَا ڏيڻ – ليٽَ ٿـئڻ – وافَرُ ٿيڻ "پاڻيءَ جو". سِڪَ پيدا ٿيڻ – تانگهائڻ – تاڻَڻُ – لاڙو ٿيڻ.

– **ريل چيل:** ظرف. مَتُو – جهَجهو ـ جامُ – گهَڻو – بي اندازُ – وافَرُ – بي حَدُ – بي اَنتُ – ٻهُون – سَيَهُو – عامُ جامُ – ڍَنڍيْن ڍيْرُ.

– **ريل چيل اَچَڻُ:** عام جام اَچڻ – تمام گهڻي انداز ۾ اَچڻ – ڳاٽاٽي ڪان ٻاهر اَچڻ – بي اندازُ اَچڻ – بي حَدُ جهجهو اَچڻ.

– **ريل چيل هُئَڻُ:** جهجهو هُئڻ – عام جام هُئڻ – گهـڻو هُئڻ.

– **رِيْلو ج رِيْلا:** ذ. اسم. (پرا. رِيْلَ) وهُ – وَهڪرو – گِتَ – نَديْ – ڌارا – نَهَـرُ – ڌارَ – وَهَڪَ – لَٽَ – اوت – سِيُرَ – روانِيْ – نئن. مُٽُ – پيشابُ – ناڙا ڇوڙ. گهڻو خيالُ – لاڙو – مَحبت – عِشق – پيارُ – خواهِش – مَرضِيْ – شوُق – قُربُ – رَغبتَ – چاهَتَ – ڪَشش. دِل جو مَيلُ.

• **رِيْلَڻُ:** مصدر. ڳولڻ – نِهارِڻُ – ڍُونْڍَڻُ – جُستجُو ڪرڻ.

• **رِيْلوْ:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا ٻارِيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **رِيمُ ج رِيْمَ:** ذ. (انگ. Reem). ڪاغذ جي وِيْهن دَستن جو بنڊلُ.

• **رِيْمَاراشِيْ (ت):** ظرف. رضا خوشي – مرضيءَ سان. سَچُ پَچُ – سَچ ۾ ـ حقيقت ۾ ـ واقعِيْ.

• **رِيْمَارَڪُ ج رِيْمَارَڪَ:** (انگ. Remark). راءِ ـ خيال – قياسُ آرائِي – ويچارُ – رايوْ.

• **رِيْمَانْڊ:** ذ. (انگَ. Remand). مقدمہ جي مُهلت – ڪُجهہ عرصي جي مُهلت.

• **رِيْمَائيِنْڊَرُ ج رِيْمَائيِنڊرَ:** ذ. (انگ. Reminder). تاڪِيدي چِٺو – يادگيري ڏياريندڙ خط.

• **رَيْنَ ج رَيْنُونْ:** ث. اسم (سن. رجنِيْ) راتِ ـ لَيلَ – رَجنِيْ – توهيارِيْ – شَبُ. انڌيرو – اونداهِيْ – ڪاراڻِ ـ انڌڪارَ – اونده. سنهي ڪجورُ جو هڪ قسم.

– **رَيْنَ بَسيروْ ج رَيْنَ بَسيرا:** ذ. (هہ.) رات گـذارو – شَبُ باشِيْ.

– **رَيْنَ ڪجُورُ:** ث. نِمُورِيْ جي ڦـرُ ڪان ٿورو وڏي قد واري هڪ ڪجور جو قسم.

– **رَيْنَ گـنْوائِڻُ:** راتُ گـذارڻ – رات وِجائڻ – راتِ وهَائـڻُ.

• **رِيْن رِيْنَ:** ذ. "ٻارُ" جي رُوئڻ جو آواز نارُ يا هُرلي جو رينگاٽُ ـ چِيْچَاٽُ – رُون رُونْ – سارنگيءَ وَڄڻُ جو آوازُ – رُونْگاٽُ.

– **رِيْن رِيْن ڪَرڻُ:** رَڙيون ڪرڻ – دانهون ڪرڻ – واڪا ڪرڻ – روڄُ ڪرڻ – رودنُ ڪرڻ – رُئڻ – رِنگو ڪرڻ – رِيْنگاٽُ ڪرڻ – رُونْ رُونْ ڪرڻ.

• **رِيْنڊِ ج رِيْنڊِيُونْ (ڪ):** ث. قَطارَ – سلسلو.

Gul Hayat Institute

– **رِنْهُ ج رِنْهَ:** ٽانْڪو – ٽِنو – ڳَنْڍُ – ٽوپو – جُوڙُ – ميلاپُ – دَرزِ _ ڏَڪڙا – ڪَريو.

– **ريهانْ ڪيهانْ (ت):** پَرتَلُ – راضِيْ – خوش باش – سَرچِيَلُ.

– **رِنْهُ ٻَڌَڻُ (ت):** چَٽَ لائڻ – رِنْجهائڻ – ڏُتارڻ – خوشامد ڪرڻ.

– **ريهُ پَوَڻُ:** عادت پوڻ – ڊِنگ پوڻ – عِلتَ پَوَڻُ – عِلَتِيْ ٿيڻ – ٻانڌاٽِيْ ٿيڻ.

– **ريهجَڻُ:** ڳنڍجَڻُ – ٽانْڪِجَڻُ – گَڏجڻ – جَڙڻُ – مِلَڻُ – رِنْهُ اَچڻ.

– **رِنْهُ ڏِيڻُ:** رِنْهَڻُ.

– **رِنْهَڻُ رِنْبَڻُ:** ڏُتارَڻُ – لالچائڻ – هر ڪائڻ – رِنْبَڻُ.

– **ريهو ج رِنْها (ت):** ذ. آرام – فرحت – قَرارُ – چَئِنَ – راحتَ – سُکَ – ميلاپُ – ٽانْڪو – ٽوپو. لِباسِيْ – وات مِٽڙو. وڻندڙ – رِنْجهائيندڙُ. ديگڙي يا ڪُني جي تـَرَ کي ڏِنَل مِٽِيءَ جو ليْپو – تَهُ – ليْهو.

• **رِنْهوْ ٽيْوَنا:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ريءِ ج رِيْئُونْ:** ث. (سن. رَيَ). پاڻيءَ جي تِکَ – وَهَ – وَهِڪَ – وَهڪرو – ڌارَ – سيْـرَ. (سن. رمَس > ف. ريگ) وارِيْ.

• **رِيءَ ج رِيءَ:** ذ. اِسم. غَمُ – شوڪُ – ڏُک – گـُندرُ – ڏَنْجُ – سوسُ – افسوسُ – ارمان – درد – سوزُ. سُورُ – ڪليشُ – ويْدَن – ڏُکُ – پِيْڙا – آزارُ – تڪليفَ. ماتَم – رودَنُ – روجُ – راڙو – رودَنُ – راڙِهُو. رِياءُ – پاسخاطر – لحاظ – مَروّتَ – رايو – طرفدارِيْ.

# ڙ

• **ڙ:** اسم مونث. هندي جو پندرهون ۽ سنڌي جو چويهون اکر آهي. ڳري هجڻ ڪري ڪنهن بہ لفظ جي شروع ۾ نہ ايندو آهي، باقي وچ ۽ پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي.

Gul Hayat Institute

# ز

• **ز:** ث. (ع. ف) سنڌي الف ب جو (٢٧) ستاويهون اکر. فارسي الف ب ۾ تيرهون اکر ۽ عربي الف ب ۾ يارهون اکر. ابجد موجب سندس عدد (٧) ست. علم نجوم موجب ڇنڇر ڏينهن لاءِ ڪم ايندڙ اکر ۽ ستارن مان وري ڀنون ۽ لاءِ ڪم اچي.

• **زا:** ذ. صفت. [ف. زاد جو مخفف] پيدا ٿيل – ڄاول. جيئن "ميرزا، وغيره".

• **زابرُ ج زابَرَ:** ذ. صفت. [ع. جابر: جَبَرَ = ] جَبَر وارو – جابر. زورآور – زبردست. ڏاڍو. سگهو – بهادر – پهلوان. ظالم.

• **زابِلستان:** اسم خاص. (ث) هڪ علائقي جو نالو. ڪابل – غزني.

• **زاپَڙُ ج زاپڙيُونْ (ڪ):** ث. سنهي ڊگهي ڪاٺي – لڪڙي.

• **زادَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

– **زادُ ج زادَ:** ظرف. (ف) پيدا ٿيل – ڄاوَلُ – ڄڻيل – ڄڻيو – ڄائو. جيئن، 'شهر زاد، بهزاد، وغيره". (ذ) ڪاڌو – سيڌو – سامان – توشو – شَهَرُ. بلو بندوبست – پورت – انتظام – آٽت. جيئن، "زاد راه وغيره".

– **زادِ بُومْ:** ذ. ڄمڻ جو هنڌ – جنم جو هنڌ – جنم ڀُونْ.

– **زادِ راهِ:** ث. مسافريءَ جو توشو – سفر جو سامان (ڪاڌو پيتو، خرچ ڪاڀارو وغيره).

– **زادِ بُودْ:** ذ. سامان سڙو – مال متاع – مڏي – وسلا واڙي.

– **زادو ج زادا:** ذ. صفت. ڄڻيل – ڄاول – ڄميل – پيدا ٿيل. "جيئن، اميرزادو شهزادو خانزادو وغيره".

– **زادِيْ ج زادِيُونْ:** ث. صفت. زاد جو مونث. جيئن "شهزادي، اميرزادي وغيره".

• **زارِ:** ث. (ف) وارو هنڌ_ جاءِ _ وارو آستان. جاءِ _ جڳهه – مڪان – مقام – هنڌ – آستان. جيئن: "مرغزار، گلزار، بازار وغيره". گهٽائي ڏيکاريندڙ لفظ – ميڙ – پيهه – ميڙاڪو – ڪثرت – جهجهائي.

– **زارْ زارْ:** صفت. تمام گهڻو – جهجهو – جَالُ – سَرسُ – گهڻو – هيڪاندو – زياده _ وڌيڪ – بي انداز – اڻ مَئُو. ڏاڍو. زارونْ زار.

– **زارْ زارْ رُئَڻُ:** تمام گهڻو رئڻ – سخت رئڻ. ڇڳيءَ طرح ڏجهڻ – ماتم ڪرڻ.

– **زارُونْ زارْ:** صفت. زار زار.

• **زارْ:** صفت. (ف) ضعيف – ڪمزور – ناتوان – اپرو. مسڪين. ويچارو – مفلس – غريب. عاجز – بي پهچ. جيئن "عاشق زار وغيره".

– **زارُ وْنزارْ:** صفت. تمام گهڻو ضعيف – بلڪل ڪمزور.

– **زارِيْ ج زارِيُونْ:** ث. ضعيفائي – ناتواني. مسڪيني – مفلسي. عاجزي – نيازي – نيزاري. منٿ _ آزي – وينتي – سوال – التجا – عرض. روڄ – رودَنُ – دانهون – آهُونْ – ورلاپ.

– **زارِيْ هُئَڻُ:** نيزاري هجڻ – هيٺائي ۽ نيازمندي هجڻ. توبهه زاري هئڻ.

• **زاغُ ج زاغَ:** (ف). ڪانءُ – ڪانگ – ڪانو.

• **زافُ ج زافَ:** ذ. صفت. ضعيف. نابود – فنا – ابتر – خان مان ڇٽ.

– **زافُ ڪَرَڻُ:** ضعيف ڪرڻ. "هيءَ تنين حال، زلف جي زاف ڪيون" (شاه).

• **زالَ ج زالُونْ:** [ف. زالْ = پوڙهي عورت] عورت – استري – مَهْرِي – نارِ _ ناري – زائفان. گهرواري – اهليه – زوجه – بيگم – بائي – جوءِ _ بيبي – ٽهلي – داسي – نوڪرياڻي – نفرياڻي.

– **زالائو ج زالائا:** ذ. صفت. زالڪو – زال لائق – زال جهڙو – زنانو. مونث – مادي – نامرد. نازڪ – بي همت. ماهواري حَيضُ – ڪپڙا (ت) ڇڪيءَ جي بيماري (ڪ).

– **زالائا اَچَڻُ (ت):** ڪپڙا اچڻ – حيض اچڻ – ماهواري اچڻ.

– **زالائو ڳالهاءَ:** سنهو ڳالهائڻ.

Gul Hayat Institute

— **زالاڻي ج زالاڻيون:** ث. حيض – ڪپڙا – رت – ماهواري – ارڪلي – ڦل.

— **زالپڻو ج زالپڻا:** ذ. زالپڻ – استري پڻو. استريءَ جي بلوغت. زناني شڪل – زنانو – عورتن جهڙو.

— **زال ڏوپشتي هئڻ:** حامله زال هئڻ – زال کي پيٽ هئڻ.

— **زالڪو ج زالڪا:** ذ. صفت. زالاڻو – زنانو – عورتن جهڙو.

— **زالون زالن جو ڪاج هئڻ:** زالن جو هڪ ٻئي کان ڳجهه نه رکڻ. زالن جو هڪ ٻئي کي ريٻي ڪنهن ڳالهه تي ٻيهارڻ.

— **زال لڪڙي:** اسم خاص. ڪاڇيوارن جبلن ۾ هڪ لڪ جو نالو (جنهن تي اهو نالو هڪڙيءَ زال تان پيو آهي. جا پنهنجي مڙس کي دغا ڏيئي، انهيءَ ننڍڙي لڪ منجهان هڪڙي سوداگر سان پڄي ويئي هئي). (ڪتاب ڏاڙهيالي جبل جو سير).

— **زالين مڙسين:** ظرف. سڀيئي – هڙيئي – مرد توڙي عورتون.

• **زال:** صفت. (ف) پوڙهو ماڻهو – پيرسن – پڀو. (اسم خاص) رستم پهلوان جي پيءُ جو نالو.

• **زامر (ڪ):** ث. ول جو هڪ قسم.

• **زانو ج زانو:** ذ. (ف) گوڏو – مونو. سٿر – ران.

• **زانو پٽڻ:** گوڏا پٽڻ – سٿرن تي ڏک هٽي ماتم ڪرڻ.

• **زانور:** تڪر جي وڻ ويڙهي.

• **زاني ج زاني:** ذ. صفت. زنا ڪندڙ – زناڪار – زناخور – حرام ڪار – حرام ڪندڙ – رنڊيباز – ويڃاري – حرامي. فاسق – فاجر.

• **زاو رياڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **زاويه:** ث. (ع) ڪُنڊ.

• **زاهد ج زاهد:** ذ. صفت. (ع) دنيا سان رغبت نه رکي فقط خدا تعاليٰ سان لنؤ لڳائيندڙ – پرهيزگار – متقي – لوڪ تياڳي – رشي – سنياسي. خدا پرست – عابد – عبادت ڪندڙ – عبادتي. بزرگ – درويش.

— **زاهد خشڪ:** ذ. صفت. ملا طبع – ڪٽر ملا.

— **زاهدي ج زاهدي:** ذ. صفت. زاد.

• **زائچو ج زائچا:** ث (ف) نجومين جو ٻار ڄمڻ وقت ٻار جي احوال جو ڪاغذ – چني – جنم پتري. تارن جي علم جي جدول يا جنتري.

— **زائچو ناهڻ:** جنم پتري ناهڻ.

• **زائد:** ظرف. (ع) زياده _ وڌيڪ – واڌو – وڌيل. گهڻو وڌيل – فضول – اجايو. فاضل – بچت – فالتو – پاڇي.

— **زائدالتوصف:** ظرف. تعريف کان ٻاهر.

• **زائر ج زائر:** ذ. صفت. (ع). زيارت ڪندڙ. زيارت لاءِ ويندڙ – جاتري – زيارتي.

• **زائفان ج زائفائون:** ث. [ع. ضعيف = هيڻي] عورت – ناري – زال – مائي.

• **زائل ج زائل:** ظرف. ذ. صفت. (ع). ضايع ٿيندڙ – گهٽجندڙ – گهٽ – اٽپورو. زيان – ضايع – اجايو. فاني – بي بقا.

• **زائيده:** صفت. (ث). ڄڻيل – ڄاول – ڄاپيل. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ. جيئن: "نوزائيده" وغيره.

• **زبان ج زبانون:** ث. (ف). جيڀ – لِسان. ٻولي – ڀاشا – ٻاڪا – لغت. وائي – ڪٿي – ڄوٽي – ڪلام – سخن – ڳالهه ٻولهه – گفتگو – اقرار – وعدو – انجام – وچن – قول. سِتار جي هڪ تار جو نالو.

— **زبان آور ج زبان آور:** ذ. صفت. [ف. زبان + آور < آورون = آڻڻ] خوش بيان – شيرين زبان – خوش ڪلام – فصيح زبان. شاعر.

— **زبان اٿلڻ:** ڳالهائڻ جهڙو ٿيڻ. ڳالهه ٻولهه ڪرڻ – ڳالهائڻ.

— **زبان بگڙڻ:** ٻولي گندي ٿيڻ. زبان خراب ٿيڻ. گارگند جي عادت ٿيڻ.

— **زبان بند ٿيڻ:** ڳالهائڻ جي قوت ختم ٿيڻ – زبان رڪجي وڃڻ. ڪنهن جي سامهون رعب سبب ڳالهه ڪري نه سگهڻ. مرڻ وقت ڳالهائڻ جي طاقت بند ٿيڻ.

— **زبان بند رکڻ:** خاموش ڪرائڻ – ڳالهائڻ نه ڏيڻ – ماٺ رهڻ – ڪجهه به نه ڪڇڻ.

— **زبان بند ڪرڻ:** ڳالهائڻ کان روڪڻ – ماٺ ڪرائڻ. خاموش رهڻ – چُپ رهڻ.

— **زبان پڃڻ:** انجام نه پاڙڻ – انجام ٽوڙڻ – وعدو پڃڻ – قول نه پاڙڻ – اقرار پورو نه ڪرڻ – وچن نه پاڙڻ.

— **زبان تارون ۾ بند رهڻ:** ڪُڇڻ جي طاقت ڪانه رهڻ – بالڪل ڳالهائي نه سگهڻ – زبان تي مهر لڳي وڃڻ.

— **زبان تي آڻڻ:** بيان ڪرڻ – ظاهر ڪرڻ.

— **زبان تي چڙهڻ:** ياد اچڻ. ڪا به ڳالهه يڪدم چئي وڃڻ يا چئي ڇڏڻ.

Gul Hayat Institute

– **زُبانْ تي مُهْـرَ هَڻَڻُ:** رواجي ڳالھ کان وڌيڪ نہ ڳالهائڻ. زبان بند ڪري ڇڏڻ – ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏڻ. دٻائي ڇڏڻ – هيسي ڇڏڻ.

– **زُبانَ تي مُهْـرَ هُجَڻُ:** گهٽو نہ ڳالهائڻ.

– **زبانَ تي مُهْـرَ هُئَڻُ:** مجبوري کان حَقَ جو ڪلمو چئي نہ سگهڻ.

– **زُبانَ جا ڏکَ هَڻَڻُ:** مَهڻا ڏيڻ – ڏک ڏوراپا ڏيڻ. گِلا ڪرڻ – شڪايت ڪرڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

– **زُبانَ جوْ چَسْڪو:** ذ. زبان جو مزو. وات جي لذّت.

– **زُبانَ جْو مِـلوْ:** ذ.صفت. ڳالهائڻ جو مٺو – مِٺ ڳالهائو – شيرين زبان. خوشامندڙيو – چاپلوس. مروت ۽ لِحاظ سان هلڻ وارو.

– **زُبانَ جْومَزوْ:** وات جي لذت – وات جو سواد.

– **زُبانَ جِيْ مِـٺائِيْ ڪارائِڻُ:** رڳو مِـٺيون ڳالهيون ڪرڻ.

– **زُبانَ جهَلَڻُ:** ڳالھ بند ڪرڻ.

– **زُبانَ چَٽُ:** ذ. گهوڙنجو اصطلاح. زبان چٽيندڙ (گهوڙو). نياڳو (گهوڙو).

– **زُبانَ چْورڻُ:** بيان ڏيڻ. ڳالهائڻ.

– **زُبانَ نَقارَهْ خَلْقَ خُدا هُئَڻُ:** جيڪي عام طرح ماڻهو چوندا رهن: اُهو ئِي پوڻ.

– **زُبانْدانُ ج زُبانْدانَ:** ذ. صفت. [ف. زبان + دان > دانستن = ڄاڻڻ] زبان وارو. ڪنهن ٻوليءَ جو ڄاڻو – عالم – فاضل گهڻيون ٻوليون ڄاڻندڙ.

– **زُبانْ دانِيْ ج زُباندانِيونْ:** ث. زبان جي بخوبي واقفيت – علم زبان.

– **زُبان دَبائِڻُ:** ڳالهائڻ کان زبان کي روڪڻ.

– **زُبانْ دَرازُ ج زُبانْ دَرازَ:** ذ. صفت. [ف. زبان + دراز = ڊگهو] گهڻو ڳالهائيندڙ – اجايو ڳالهائيندڙ – زياده گو – بڪواسي – ٻڙ ٻڙيو – ڪِنو ڳالهائيندڙ – وات جو ڪِنو – بي ادب – گستاخ.

– **زُبانُ درازُ ڪرڻ:** طول ڪلامي ڪرڻ – ڳالھ وڌائي بيان ڪرڻ.

– **زُبانْ دَرازهئڻ:** بڪواتي هئڻ – گستاخ هئڻ.

– **زُبانْ دَرازِيْ ج زُبان دَرازِيونْ:** ث. گهٽ وڌ ڳالهائڻ جي حالت – واهيات گفتگو – بيهوده گوئي – فحش زباني – بدزباني – گارگند – بيهودگي. بي اَدبي – گستاخيْ.

– **زُبانْ دَرازِيْ ڪرڻ:** گستاخي ڪرڻ. بيهودو بڪڻ – گارگند ڪرڻ – فاحش بڪ ڪرڻ.

– **زِبان ڏِيَڻُ:** انجام ڏيڻ – اقرار ڪرڻ – وعده ڪرڻ – وچن ڏيڻ – عهد ڪرڻ – قول ڪرڻ. پرن ڪرڻ – ٻول ڏيڻ – سخن ڏيڻ. دلاسو ڏيڻ.

– **زبان روڪَڻُ:** خراب گفتگو کان مَنْع ڪرڻ – بدگوئيءَ کان باز رکڻ. ڳالهائيندي ڳالهائيندي رڪجي وڃڻ.

– **زُبان زَدْ ٿِيَڻُ:** [ف. زبان + زد > زدن = هڻڻ] مشهور معروف ٿيڻ. عام جي زبان تي چڙهڻ.

– **زبان سِبَڻُ:** خاموش ڪرڻ – ڳالهائڻ بند ڪرڻ.

– **زُبان سِبِيْ ڇڏڻُ:** ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏڻ – چَپَ نہ چورڻ – زبان نہ هلائڻ – آواز نہ ڪرڻ – نہ ڳالهائڻ.

– **زُبانْ سَنْيالَڻُ:** سنيالي گفتگو ڪرڻ – سنيالي ڳالهائڻ – سوچي سمجهي ڳالهائڻ – سهڻو يا سنو ڳالهائڻ. خاموش رهڻ. زبان کي وس ۾ رکڻ.

– **زُبانْ ڦيرائِڻُ:** ڪَيَل ڳالھ تان ڦري وڃڻ – ڪيل انجام تان ٽري وڃڻ – ڳالهايل لفظن کان انڪار ڪرڻ – وعده ڦيرائڻ – جيڪي چوڻ انهيءَ موجب نہ هلڻ – وعده خلافي ڪرڻ – انجام ٽوڙڻ – زبان تان ڦِري وڃڻ – چئي نہ ڪرڻ – انجام کي پاڙي نہ ڏيڻ.

– **زبان قابُو ۾ رَکَڻُ:** سَـ جهِيْ پُرجهي ڳالهائڻ.

– **زبانَ ڪڍِيْ ڇڏڻ:** سخت سزا ڏيڻ.

– **زُبانَ ڪَرَڻُ:** انجام ڪرڻ – قول ڪرڻ – وعدو ڪرڻ.

– **زُبانَ ڪُوڙِيْ ڪَرَڻُ:** انجام نہ پاڙڻ.

– **زبانَ ڪُلَڻُ:** ٻارجو ڳالهائڻ شروع ڪرڻ. گاريون ڏيڻ شروع ڪرڻ.

– **زبان ڪولَڻُ:** ڳالهائڻ – گفتگو ڪرڻ – آواز ڪَڍَڻُ – ڳالھ چورڻ – زبان هلائڻ.

– **زبانَ کي پاڙِيْ ڏِيَڻُ:** انجام پورو ڪرڻ – قول پاڙڻ – واعده وفا ڪرڻ.

– **زبان کيْ چَپَنِ تي ڦيرائِڻُ:** مزو وٺڻ. چَپَ چٽڻ.

– **زبانَ کي لغام ڏِيَڻُ:** سوچي سمجهي ڳالهائڻ.

– **زبانَ لالُ ڪرڻُ:** تمام گهڻو ڪاوڙجڻ – ڪاوڙ منجهان ڳالهائڻ. مهڻا ڏيڻ – شڪايت ڪرڻ.

– **زبانَ ۾ ڇالا پوڻُ:** ڳالهائي نہ سگهڻ – بيان ڪرڻ جي همت نہ رهڻ. درد ڀريو داستان هئڻ جنهن کي ڳنڍيون اچڻ.

– **زبان مان ڪيڻ:** ٿورا لفظ ڳالهائڻ. سرسري طور ڪا ڳالھ چوڻ.

– **زبان مانْ نِـڪرَڻُ:** زبان مان اوچتو نڪري وڃڻ – تڪڙ ۾ چئي وڃڻ ڪي ڪجھ ڳالهائڻ.

Gul Hayat Institute

– **زبانَ مڇڪائڻُ:** زبان کي وات ۾ ڦيرائڻ.

– **زبانَ مرڪائڻُ:** زبان مڇڪائڻ.

– **زبان نہ ڪسڻ:** ڪاٻہ تڪليف نہ ٿيڻ.

– **زبانَ وڃڻُ:** وعدو وڃڻ – انجام وڃڻ – وچن وڃڻ.

– **زبانَ هارائڻُ:** وعدو ڪسائڻ – انجام شڪني ڪرڻ – قول کي پاڙي نہ ڏيڻ.

– **زبان هڪڙي هئڻ:** زبان جو وعده هميشه هڪ ۽ پڪو هُئڻ.

– **زبانُ هلائڻُ:** ڳالهائڻ. زبان درازي ڪرڻ – گهڻو ڳالهائڻ. سوال ڪرڻ – گُهرڻ.

– **زبانُ هلڻُ:** گهڻو ڳالهائڻ – بڪ وات ڪرڻ.

– **زباني ج زبانيُون:** ث. بيان – اظهار – سماعي – ڪيفيت – شاهدي – گواهي.

– **زباني ج زباني:** صفت. برزبان – واتي ويٺي – تقريري – لفظي.

– **زبانِي اِمتِحانُ:** ذ. زباني طرح پڇا ڳاڇا وارو امتحان – تقريري امتحان – واتي ويٺي امتحان.

– **زباني پڙهڻُ:** ياد پڙهڻ – بنا ڏٺي پڙهڻ – از بر پڙهڻ – حنظ پڙهڻ.

– **زباني جمع خرچ ڪرڻ:** فقط زباني انجام ڪرڻ ۽ نہ پاڙڻ. خيالي پلاءُ پچائڻ. صرف ڳالهيون ٺاهڻ – فقط ڳالهيون ڪرڻ.

– **زباني حسابُ ج زباني حساب:** ذ. يادگيريءَ سان بنا لکڻ جي پچڻ وارا حساب – ذهني حساب – تقريري حساب.

– **زباني ڏَت ڏَتِ ڪرڻ (ت):** اجائي خوشامد ڪرڻ.

• **زبانو ج زبانا:** ذ. [ف. زبان] ڪَشو (چمڙي جو) پٽو. بڪلُ. سئيءَ سان چلو. هڪ قسم جو واڍڪو اوزار – ننيڙي ڪارائي. هَني جي دوالن کي ڳنڍڻ لاءِ لوهہ جو ننيڙو ٽڪر (ت).

• **زبتي (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **زُبْدَهُ:** ذ. [ع]. مکڻ – مکڻ جي ڦيڻ – گَجِي – ڦيڻ (ڪيرجي). جوهر – نچوڙ – عرق – مکُ. (صفت) منتخب – چونڊيل.

• **زبَر ج زبَرُون:** ث. [ف. اَزَبَر جو مخفف] اُچار جو هڪ قسم – ڪنهن اکر جي مٿ جي نشاني – حرڪت – اعرابُ. علم نحو جي اصطلاح موجب الف منجهان پيدا ٿيل آواز. جيئن "ڪَتَ – لَتَ – مَنَرَ وغيره". (ع. ضَرَبَ) ڌڪ – چوٽ – ضرب – گهاءُ "هٽي تو حاڪمن کي زور پريون زبرون".

• **زبَرُ ج زبَرَ:** ذ. صفت. [ف. اَزَبَر جو مخفف] وڏو – مها – اُتم – اعظم – عالي – ڪَبِيرُ – شاهي. بلندُ – اوچو. بزرگ. مٿي – مٿان – مٿاهون – وڏيڪ. ڳرو – ڀاري – وزني. (ع. جَبَرُ) ظلم – ڏاڍ – انڌير – اَنرٿ. وڏو – اعليٰ. مٿاهون – اوچو – وڏيڪ. زور وارو – طاقتور – ٻلوان – غالب – حشمت وارو – پڄنديءَ وارو. وس کان ٻاهر – ڏاڍو. زبرو.

• **زبَرْدَسْتُ ج زبَرْدَسْتَ:** ذ. صفت. [ف. زبر + دست = هٿ] زور پريو – طاقتور – سگهائتو – سگهارو – ٻلوان – سگهو – زوردار – ٻلي. مٿانهون – بالا – وڏو ظلم جهڙو – قهر جهڙو – ستمي – ستمگر. بلڪل سخت – ڳرو.

– **زبَرْدَستِي ج زبَرْدَستيُون:** ث. زور – ٻلُ – طاقت – ڏاڍائي – ڏاڍُ – مضبوطي. قهر – غضب – انڌير – ظلم – اَنرٿ. اُرهہ زورائي – ڏاڍ مڙسي – بالادستي – زور آوري.

– **زبَرْدَستي ڪرڻُ:** زوري ڪرڻ – حملو ڪرڻ – ظلم ڪرڻ – سختي ڪرڻ – لاچار ڪرڻ – ڏاڍائي ڪرڻ – اُرهَ زوري ڪرڻ – ڏاڍ مڙسي ڪرڻ.

– **زبَرْزنگ ج زبَرْزنگَ (ت):** ذ. صفت. ڏاڍو جوان – زوراور – ٻلوان. اڙٻنگ. پهلوان – سورهيه – سورمو.

– **زبرو ج زبرا:** ذ. صفت. زبر – زبردست – جَبرو.

• **زبراڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. درڪاڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

• **زبَرجَدُ ج زبَرجَدَ:** ذ. [ع. ف. زبرجد = قيمتي پٿر يا هيرو] هيري جو هڪ قسم – زُمرد.

• **زبُورُ:** ذ. (ع). نوشتہ – ڪتاب. (اسم خاص) حضرت دائود عليہ السلام جي مٿان لٿل آسماني ڪتاب جو نالو. يهودين جو پاڪ الهامي ڪتاب.

• **زبُونُ ج زبُونَ:** ذ. صفت. (ف). هيٺو – بي طاقت – ضعيف – عاجز – ڪمزور – نستو – پوٺو – بي ڦوتو – بي سگهو – نبل – زچ – ٻل هيڻ – دُربلُ. ناس – چٽ – تباهہ – برباد – سُچ – ابتر – پڳل – خستہ – جهونو – پراڻو. خوار – ذليل – رسوا. ڪميڻو – لُچ – دون – خسيس. گهٽ قسم جو – بڇڙو – ڪِنو – ڪرو – خراب – بد – زشت. سادو – جهڙو تهڙو – غريباڻو.

• **زُبيدَهُ:** اسم خاص. (ع). هارون رشيد جي زال جو نالو (جا بزرگ همت واري ۽ نيڪ هئي).

Gul Hayat Institute

— **زخمي ج زخمي:** ذ. صفت. قتيل — وڍيل — گهايل — واڍوڙيل — زخميل — زخم رسيل — مجروح. چيريل — ڦاٽل.

• **زدَ ج زدُون:** ث. [ف] مارَ — ڦيھ — ڊينب — پيچَ. نشان — ضرب — چوٽ. صدمو. نقصان. خساره.

— **زدڪوب:** ث. مار ڪٽ — سَٽ ڪٽ.

• **زدو ج زدا:** ذ. صفت. [ف. زدهْ = لڳل] زده — وارو — هنيل — جو] ماريل — ضربيل — (عشق جو) ماريل. پيڙيل — ڏڪويل — رنجايل ـ ستايل — ضربيل. مرڪبات جي آخر ۾ ايندڙ. جيئن "آفت زدو مصيبت زدو وغيره". شرمندو — لڄي — ڦڪو — ڪڪو ڪو — شرمسار — هڪو ٻڪو — پشيمان.

• **زدهْ:** صفت. [ف] لڳل — ٽڪريل. وارو — هنيل — (جو) ماريل. مرڪبات ۾ ڪم آيل "جيئن مصيبت زدهْ، آفت زدهْ وغيره".

— **زدهْ حال:** صفت. خستَه حال — تباه حال. پريشان حال. غمگين — سوگوار.

• **زرُ:** ذ. ث. [ف] سون — طِلا — ڪَنچَنُ. ڌن — مايا — دولت — دنيا — ملڪيت — خزانو — ناڻو — پيسا — ڏوڪڙُ — جميعت. سمپت. سون جي تار.

— **زرِپيشگي:** ث. [ف. زر + پيشگي = اڳواٽ ڏنل] ڪنهن سؤدي وغيره لاءِ اڳواٽ ڏنل رقم — سوٽي.

— **زرِ خريدُ:** ذ. صفت. [ف. زر + خريد = ونڻ] پئسا ڏيئي خريد ڪيل.

— **زرِ خريدُو ج زرِ خريدا:** ذ. صفت. پنهنجن پيسن سان ورتل — زرخريد.

— **زرِ خريدُو هٽُ:** پنهنجن پيسن سان ورتل هٽُ — ذاتي شي هٽُ.

— **زرِ دارُ ج زرِدارَ:** ذ. صفت. [ف. زر + دار > داشتن = رکڻ]. زرَوارو — شاهوڪارُ — دولتمندُ — دنيا وارو — مالدار — تونگرُ — جوءُ — ونهيون — هريو — سائو — پاڳيو — ڌنات — لکاپتي — امير.

— **زرِ دوزُ ج زرِدوزَ:** ذ. [ف. زر + دوز > دوختن = سبڻ] ڪپڙي تي زريءَ جي پرت پرڻ وارو — چمڪدوزي ڪندڙ — چمڪدوز — زرِ بازُ — ڪارچوبي.

— **زرِ دوزي ج زرِدوزيُون:** ث. زريءَ جو پَرت — زريءَ جو ڪم — ڪامداني — زريافي — چمڪدوزي — ڪارچوبي.

— **زردوسُت ج زرِدوسُتَ:** ذ. صفت. [ف. زر + دوست = يار] دولت سان پيار ڪندڙ. لالچي — لوڀي.

— **زرِ سُرُخ:** ذ. [ف. زر + سرخ = ڳاڙهو] سون — طلا.

— **زرِسُفيدُ:** [ف. زر + سفيد = اڇو] چاندي — نُقرَه.

— **زرِ گرُ ج زرِ گرَ:** ف. صفت. [ف. زر + گر = ناهيندڙ] سونارو. مائيءَ پوٽو.

— **زرِ گري:** ث. سوناري جو ڌنڌو.

— **زرِ مالگذاري ج زرِ مالگذاريُون:** ث. ڍَل واري رقم — زرِ لگان.

— **زرنگار ج زرنگارَ:** ذ. صفت. [ف. زر + نگار = چٽسالي] اهڙا شي جنهن تي سون جا نقش ٺهيل هجن — منقش. سونهري ڪم وارو — سونهري.

• **زرِين:** صفت. سونو — سونَ جو. سون جي رنگ جهڙو — سونهري.

• **زرُ ج زرَّ:** ذ.صفت. تيز ڪاوڙيَلُ — غصي — برُ (ل). تيزِ ـ تکو. ڏاڍو مهانگو (ت).

— **زرُ لڳي وڃڻ:** تپي وڃڻ — ڪاوڙجي وڃڻ.

— **زرِچڙهڻ:** ڏاڍو مهانگو ٿيڻ.

• **زراعَتَ ج زراعتُون:** ث. [ع. ف] ٻني ٻارو. پوک واري زمين — آبادي ڪيل زمين. آبادي — پوک — ڪاشت — کيتي — ڪشت ڪاري — ڪاشتڪاري.

— **زراعَت پيشَه:** ذ. صفت. ٻني ٻارو ڪندڙ — پوکيندڙ — هاري — ڪُڙمي — ڪسان — ڪاشتڪار — ڪاشتگار.

— **زراعَتَ ڪَرڻُ:** کيتي ڪرڻ — ڪاشتڪاري ڪرڻ — پوکڻ.

• **زرافُ ج زرافَ:** ذ. [ف] جانور جو هڪ قسم (جو آفريڪا جي جهنگلن ۾ ٿيندو آهي). سترِ گاءِ.

• **زرْبانو (ڪ):** ذ. جابلو راڳ جو هڪ نالو.

• **زربفتُ ج زربفتَ:** ذ. [ف] سوني زريءَ لڳل ڪپڙو. سونَ جهڙو ڪپڙو. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم — ڌماج — ڪيمخاب.

• **زرتارَ ج زرتارُون:** ث. [ف] زريءَ جي تارن لڳل ڪپڙو — ڪيمخواب.

• **زرتشتُ:** اسم خاص. [ف] آتش پرستن جي رهبر جو نالو — زردشت.

• **زرخيزُ:** ذ. صفت. [ف. زر + خيز > برخواستن = اٿڻ] زرِ پيدا ڪندڙ (زمين). گهڻي پيدا واري زمين — شاداب. اُپائتو — نفعائتو — مثمر ـ اُپت وارو.

• **زردُ ج زردَ:** ذ. (ف) رنگ جو هڪ قسم — پيلو — هئڊو — زردو — ڦڪو — پيرو — بسنتي — هئڊائون — ڪئنسري — گل جو هڪ قسم (لس).

Gul Hayat Institute

• **زردالـِو:** ميوي جو قسم [انگ. Apaicot].

– **زرداڻِ:** ٿ. پيلائي – پيلاڻ – هئِڊاڻِ _ هئڊائي – ڦڪاڻ – ڦڪائي – بيماريءَ جو هڪ قسم – يرقان – زرقان – سائي.

– **زرْدائڻُ:** مصدر. ڪجھ قدر پيلاڻ تي ڏيکارڻ – هيڊائڻ.

– **زرِ دائِيْ ج زرِ دايُونْ:** ٿ. پيلاڻ – هيڊاڻ – ڦڪاڻ – ڦڪائي.

– **زرْدُ ٿيَڻُ:** بيماريءَ سبب پيْلو ٿيڻ.

– **زرْدُروْ:** ذ. صفت. [ف. زرد + رو = منهن] زرد چهري وارو – ڦڪي منهن وارو. شرمِنْده _ خَجَلُ – شرمسار – لڄي. خوفزده.

– **زرْدُرو ٿِيَڻُ:** شرمنده ٿيڻ – لڄي ٿيڻ. خوفزده ٿيڻ.

– **زرْدروئِيْ ج زرْدُروئِيُونْ:** ٿ. شرمساري. ڪمزوري.

– **زرْدوْ ج زرِدا:** ذ. پيلو – پئرو. هئڊو – بسنتي – ڪئسري – ڦڪو – جهڪو – اوڏو. زعفران چهريل پلاءَ جو هڪ قسم –زرد رنگ جا مِنا چانور.

– **زرْدِيْ ج زرْدِيُونْ:** ٿ. زرداڻ – زردائي – هئڊاڻ – ساواڻ – پيلاڻ – ڦڪاڻ – ڦڪائي. بيضي جي اندرين هئڊاڻ. يرقان – سائي – ڪامِڻُ – ڏؤنري (پرمانند). ڪجيءَ جو هڪ قسم (جنهنجو ڏونْڪو زردو ٿئي).

– **زرْدي پيوَڙِيْ:** ٿ. جنديءَ جي ڪم ۾ ڪم ايندڙ هڪ رنگ.

– **زرْديرِڙو ج زرْديرِڙا:** ذ. صفت. پيلاڻ جهڙو – هيڊائتو.

– **زرْديروْ ج زرْديرا:** ذ. صفت. پيْلانْجهو – پيلانْجهڙو – هئڊسِرو – بادامي.

– **زرْدِيُونْ:** ٿ. گهوڙي جي ڏندن ۾ ڪارا داغ (جن مان عمر معلوم ڪجي).

• **زرْدارِيْ (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **زرْدالُـو ج زردالو:** ذ. (ف) ميوي جو هڪ قسم. ننڍو بادام.

• **زرْدَشُت:** ذ. (ف) آتش پرستن جو رهبر – (هي شخص منوچهر بادشاهہ جي نسل مان هو ۽ فيثا غورث حڪيم جو شاگرد هو هن گشتاسپ بادشاهہ جي زماني ۾ نبوت جي دعويٰ ڪئي ۽ آتش پرستيءَ جو دين برپا ڪيو) – زرتشت.

• **زرڙاٽُ ج زرڙاٽَ:** ذ. (آواز) زور سان وڄڻ جو آواز – شرڙاٽ – شوشاٽ.

• **زرِشڪُ ج زرِشڪَ:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم – نيپال ۾ ٿيندڙ ٻيرن جو هڪ قسم.

• **زرَعْ:** ذ. [ف. ع] پوک – کيتي – ٻني.

– **زرَعِيْ ج زرَعِيْ:** صفت. پوک لائق – آبادي لائِقِ _ کيتيءَ لائق – زراعت جهڙي.

• **زرْقُ وبرَقُ:** ذ. [ع] شان و شوڪت.

• **زرْڪانُ (ت):** ٿ. جگرجي بيماريءَ جو هڪ قسم – يرقان.

• **زرَڪْ زَنِيْ:** اسم خاص. [ف. زِيرڪ = دانا + زئيدن = ڄمڻ] زرڪ خان (زيرڪ خان) جو اولاد – براهوئي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **زرْمٽ:** اسم خاص. افغانستان جو هڪ علائقو.

• **زرْنازِ:** اسم خاص. [ف. زرينہ] هڪ عورت جو نالو.

• **زرَنْبُ:** ذ. هڪ مشهور برهمٽي درخت ٻوٽي جو نالو.

• **زرْنُبادُ:** ذ. (ف). پسارڪي وکر جو هڪ قسم گول پاڙ وارو ڪَچورُ – جَدوارُ.

• **زرْنِيْ ج زرْنِيُونْ:** ٿ. (ف). سونهري رنگ تي هڪ زهر جو قسم – هَرْتالُ.

• **زرَڙُ:** (ڪ). مصدر. ڪرِڻ. وَهَڻ – وهي وڃڻ (واريءَ يا سنهي شيءَ جو) – ذرو ذرو ٿيندڙ.

– **زرِڙوْ ج زرِڙا:** ذ. صفت. هيٺ وَهِي ڪرِندڙ – ذرو ذرو ٿيندڙ [ٿ. زرڙي ج زرڙيون]. جيئن: "ڦڪي فقيري علم ري، جيئن واري منجهہ پروڻ، جي ٽي ڏجيس ڏوڻ، تہ هُوءَ اڳيئي زرڙي" (براد).

– **زرِيْ ٻوَڻُ (ڪ):** ٻُري ٻوڻ – ذرا ذرا ٿيڻ.

• **زرَڙْ پٽُ:** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **زُروْ ج زُرا:** ذ. [ع. ف. جَره] پکيءَ جو هڪ قسم – پيلين اکين ۽ چوٽن پرن وارو مشهور شڪاري پکي – "باز" جو نَرُ – جِرو.

• **زرَهَ ج زِرَهُون:** ٿ. لوهي پوشاڪ (جا لڙائيءَ ۾ ڪم اچي) پاکر – سلاح.

– **زرَهْ پُوشُ ج زِرَهْ پُوشَ:** ز. صفت. [ع. زره + ف. پوش از پوشيدن = ڍڪڻ] زره پهريل ماڻهو – زره پائيندڙ – سلاح پاتل. جنگي جوڌو.

• **زريْ:** ٿ. (ف). سون جي تار – سونوڙاڳو – سونهري تار (جا پرت جي ڪم اچي). ڪلابتُ. مقيس – بادلو.

– **زريْ بازُ ج زريْ بازَ:** ذ. صفت. [ف. زر + باز > بافتن = ڪيڏڻ] زريءَ جو ڪم ڪندڙ – مقيسي ڪلابتُ پريندڙ.

– **زريْ بافُ ج زرِيْ بافَ:** ذ. صفت. [ف. زر + باف > بافتن =

Gul Hayat Institute

اُٽڻ] زري دوز — زري پرڻ جو ڪم ڪندڙ.

• **زِشتُ ج زِشتَ:** ذ. صفت. (ف). بدشڪل — بُڇڙو — خراب — بُرو — بد.

— **زِشتُ خُوْ:** ذ. صفت. [ف. زشت + خُو = مزاج] جيئن — بدمزاج — ايوٽو.

— **زِشتُ رُوْ:** ذ. صفت. [ف. زشت + رُو = منهن] بدشڪل — بدصورت — بدزيبو — روپ هيڻ — ڪجت — ڪروپ — بُري صورت وارو.

• **زعْفرانُ ج زعْفرانَ:** ث. خوشبوءِ دار گل جو ٻُوٽو جو دوا طور ڪم اچي — ڪيسر — ڪئنسر — ڪيسر جو گل. [انگ. Saffron].

— **زعْفرانِي صفت.** زعفران جي رنگ وارو — ڪيسري. زردُ — پيلو.

— **زعْفرانِي چادَرَ ڍَڪِڻُ:** سج لهي وڃڻ — اونده ٿيڻ — رات ٿيڻ.

• **زعْمُ ج زعْمَ:** ذ. (ع). گمان — خيال — ظن.

• **زعيمُ ج زعيمَ:** ذ. (ع). سردار — ليڊر — رهنما.

• **زُفتُ ج زُفتَ:** ذ. [ف. جفت = جوڙو] جوڙو — ٻه گڏ — جُٽ. چولو ۽ پوتي، جي مڱ يا ڪنوار کي ڳنڍائجن.

• **زڪَ ج زڪُون:** ث. (ف). زلت — شرمندگي — خفت — شڪي — شڪست — هار. نقصان — ٽوٽو — خسارو.

• **زڪ ج زڪُون (ڪ):** ث. [ف]. گهر وڃهڻ لاءِ ٻڪريءَ جي کل جي ساندري — ايزڪ — ساندري — اوٺي — کلي.

• **زڪَ ج زڪَ:** ذ. صفت. پريل — پُر — پربور — رتو — پرتو — چڪار. ٽلهو — متارو — سپرو — سبرو. تمام سخت — پختو — ڏاڍو.

• **زُڪامُ ج زُڪامَ:** ذ. [ف] بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ٿڌ يا گرميءَ لڳڻ سبب نڪ مان پاڻي وهي) — ليسُ — ريزش — سردي — ٿڌ — نزلو.

• **زڪَريا:** اسم خاص. (ع) پيغمبر جو نالو. هڪ ذات جو نالو (ڪ).

• **زڪوٰاتَ ج زڪوٰاتُون:** ث. شريعت محمدي مطابق مقرر ٿيل مال جي خيرات. چاليهون حصو. مڱ — دان — خيرات — صدقو.

• **زڪِيُ ج زڪِيَ:** ث. صفت. (ع) نجو — نج — صاف — شڌ — نبار — سُنو — اُڇتو — نرمل خالص — اُصيل — چنڊ. کرو — تڪو — سچو — چوکو — ٽنگسالي. پاڪ — پوِتُرُ — پاڪدامن. نسورو — صفا.

• **زڪِيڪَ ج زڪِيڪُون:** ث. پورن ڏينهن واري عورت — پرئي پيٽ عورت — حامل — گرڀونتي.

• **زڳو ج زڳا (ت):** ذ. ڏاڙ — ٻناڪ — لباڙ — زت.

— **زُڳا هڻڻ:** ٻناڪون هڻڻ — ڏاڙون هڻڻ.

• **زلُ** (ڪ) صفت. سخت تتل — سخت گرم.

— **زلُ ٻارڻُ:** فساد وڌائڻ. ظلم ڪرڻ.

• **زُلالُ ج زُلالَ:** ذ. منوءِ صاف پاڻي.

— **زلزلو ج زلزلا:** ذ. [ع. زلزله] ڏوب — ڏوبو — لوڏو — ڏڪڻي — لرزش — ٿرٿلو — ابتري — فساد — جرجلو. اُجاڙ — سڃ — ويراني. اُداسائي — هيڪل — وسوڙائي.

• **زُلفُ ج زُلفَ:** ذ. (ف) رات جو پهريون حصو. وار — ڪاڪل — گيسو. لونڊيءَ جا وار — ڪنن مٿان وارن جي چڳ. (وارن جي) گهنڊي — چڳ — ڪنڊڙو.

• **زُلفِ بنگال:** ذ. هڪ تيل جو قسم.

— **زُلف تابدار:** ذ. چمڪندڙ ڪارا وار ۽ پيچ در پيچ وارَ.

— **زُلفِ پُرشڪن:** ذ. [ف. زلف + پُر = پريل + شڪن = گهنج] پيچدار زلف — گهنڊيدار ممولا — لوٽي جا وار.

• **زُلفِي ج زُلفُون:** ث. وارن جي گهنڊيدار چڳ — ڪُنڍِي — وَرُ — انگوڙو — چَلو.

• **زُلَيخا:** اسم خاص. (ع) تمام حسين عورت جو نالو. مصر جي عزيز جي راڻي (جا حضرت يوسف تي عاشق ٿي هئي).

• **زِمَرُ (ڪ):** ث. زور — طاقت — ٻلُ — سگهه — زومر.

• **زِمامُ ج زِمامَ:** ذ. (ع) واڳ.

• **زِمانُ ج زمانَ:** ذ. (ع) واڳ.

• **زمانُ ج زمانَ:** ذ. (ع) وقت — عرصو — ساعت — عهد. فرصت — ڪال. گرامر ۾ وقت لاءِ ٺهرايل لفظ.

— **زمانُ حالُ:** ذ. هلندڙ وقت. گرامر ۾ هلندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ فعل.

— **زمانُ حالُ اِستمراري:** ذ. گرامر موجب هلندڙ وقت ۾ ڪم جاريءَ کي ظاهر ڪندڙ فعل.

— **زمانُ حالُ مُتَشڪِي:** ذ. گرامر موجب هلندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم بابت شڪ ظاهر ڪندڙ فعل.

— **زمانُ حالُ مُدامِي:** ذ. گرامر ۾ هي زمان گذريل ۽ هلندڙ وقت گڏي ٿو ڏيکاري ۽ ائين ٿو ڏيکاري ۽ ڄاڻائي ته ڪو ڪم گذريل وقت کان وٺي جاري ٿيو آهي ۽ اجا پيو ٿئي يا هميشه ٿيندو آهي.

Gul Hayat Institute

• **زمانُ سازُ ج زمانُ ساز:** ذ. صفت. [ف. زمان + ساز > ساختن = ناهڻ] وقت موجب ٺهي هلندڙ (ماڻهو) — وقت گذاريندڙ. مطلبي يار يا دوست — هان ۾ هان ملائيندڙ.

— **زمانُ ماضيءَ:** ذ. گذريل وقت (گرامر ۾) گذريل وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ فعل.

— **زمانُ ماضيءِ اِسْتِمراري:** ذ. گرامر ۾ هي زمان ڄاڻائي ٿو ته گذريل وقت وارو ڪم پورو ٿي نه چڪو هو: پر گذريل وقت ۾ هليو پئي يا جاري هو.

— **زمانُ ماضيءِ بَعِيدُ:** ذ. گرامر ۾ هي زمان ڏيکاري ٿو ته فعل وارو ڪم ڪجھ وقت اڳي يا گذريل وقت جي ڪنهن ڪم کان اڳي ٿيو هو.

— **زمانُ ماضي شَرْطِيه:** ذ. گرامر موجب هي زمانُ صيغي شرطي ۾ ڪم ايندو آهي ۽ هميشه ان ۾ هڪ نه ٻيو شرط وجھي ڳالھ ڪبي آهي.

— **زمانُ ماضيءِ قَرِيبُ:** گرامر ۾ گذريل وقت جي ڪم جي، ويجھڙائي ۾ پورائي ڏيکاريندڙ زمان.

— **زمان ماضيءِ مُتشَڪِي:** گذريل وقت جي ڪم بابت شڪ ڏيکاريندڙ زمان.

— **زمانُ ماضيءِ مُدامِي:** ذ. گذريل وقت جي عادت يا رواج يا ٻيو ڪو سانده يا وري وري ٿيندڙ ڪم ڏيکاريندڙ زمان.

— **زمانُ ماضيءِ مُطْلَق:** ذ. هي زمان اهو وقت ٿو ڏيکاري جو بنھ گذري ويو هجي ۽ جنهن ۾ ڪو ڪم ٿي چڪو هجي.

— **زمانُ مُسْتقبل:** ذ. گرامر موجب ايندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ زمان.

— **زمان مُسْتقبل اِسْتِمرارِي:** ذ. ايندڙ وقت ۾ جاري رهندڙ ڪم ڏيکاريندڙ زمان.

• **زمانو ج زمانا:** ذ. وقت — ٽاڻو — ويلو — سمو — ويرمُ — ايام — وير — نوبت — صاحبي — وارو — ايام ڪاريِ ـ عَمَلُ ڏينهن — موقعو — وجھه — اوڪاس. رُت — موسم — فصل — مُندَ — سَهَل. فرجو — مهلت. فرصت. مدو — ميعاد. پُرڪو — پيرو — گهمرو — وار — دفعو — لڳو — پرڪ ڏاهي — ڏانهين عمر — جمار — ارجا — اوستا. جُڳ — قرن. دنيا — جهان — جَڳُ — جَڳَتَ — سنسار — لوڪ — وِسُ — عالم — ڪائنات. زمين — پرٿوي — خلقت. مخلوقات.

— **زمانو بَدلِجڻُ وَڃڻُ:** خلق جو ڪردار بدلجڻ. وقت جو بدلجڻ.

— **زمانو ڏسڻُ:** تجربو حاصل ڪرڻ — آزمودگار ٿيڻ — دنيا کي ڏسڻ.

— **زمانو ڦِرِي وَڃڻُ:** زمانو بدلجي وڃڻ. ماڻهو جو ڪنهن جي خلاف ۽ دشمن ٿي وڃڻ.

— **زماني جي زدَ ۾ اچڻُ:** تڪليف ۾ اچڻ — وقت جي ڦيري ۾ اچڻ.

— **زماني سازُ ج زماني ساز:** ذ. صفت. مطلب جو يار — هان ۾ هان ملائيندڙ — خود غرض. دُنيوي — وهنواري — لوڪا چاري — دنياساز — دنيادار.

— **زماني سازِي ج زماني سازِيُون:** ث. خوشامد. ظاهرداري — بناوت. دنياداري. حيلو — وسيلو. حالو چالو — جوڙيءَ کي جَسُ.

— **زماني سازِي ڪَرڻُ:** دنياداريءَ وارو ورتاءُ ڪرڻ. خوشامد ڪرڻ. مڪاري ۽ بناوٽي ڳالهيون ڪرڻ.

— **زماني کي مُنهن ڏيڻُ:** دستور ۽ عام قاعدي موجب هَلَڻُ.

• **زُمَر:** ث. [ع] قرآن پاڪ جي هڪ سورة جو نالو. جماعت.

• **زمُرُد ج زمُرد:** ذ. (ف) هيري جو هڪ قسم. سائي رنگ جو هيرو — پنو.

— **زمُردي:** صفت. زمرد جهڙو سائو — سبز.

• **زمُرڪ ج زمُرڪ (ت):** ذ. ڏڪ — سزا — سيڪت. مالي نقصان پهچڻ خواهه جسماني نقصان پهچڻ. چوٽ. ٻَرو اچڻ.

— **زمُرڪ ڏيڻُ:** سخت سزا ڏيڻ — مار ڏيڻ. هيسائڻ — دٻائڻ.

— **زمرڪ کَڏڻُ:** ڏڪ ٻنائڻ.

• **زمُرو ج زمُرا:** ذ. [ع. زُمْرَة] ٽولي — جماعت — گروهه — ميڙ — هجوم — سڳرَ — ساٿاري — ساٿ. سنگ — صحبت. ڳَلَرُ — ڇانگ — وَلرُ. لشڪر — سپاهه — فوج — تُمَنُ. رسالو — دستو.

• **زمزمُ:** اسم خاص. (ع). مڪ شريف ڪعبة الله ۾ کوهه جو نالو.

— **زمزمِي:** ث. آب زمزم رکڻ لاءِ لوهه جي ننڍڙي دٻلي.

• **زمستانُ:** ذ. (ف). سرديءَ جي موسم — سيارو.

• **زمهرِيرُ:** ث. (ع). سخت ٿڌ — سيارو. سرديءَ جي عذاب واري دوزخ جي هڪ طبقي جو نالو.

• **زمِينَ ج زمِينُون:** ث. (ف). ارض — ڀوم — ڌرتي — پرٿوي — پرٿي — ڀونءِ ـ پٽ — ترُ — ميدان. ملڪ. ديس — ڏيهه — ديش — خاڪ — مٽي. ڪيتي — آراضي — ڀني. دنيا — جهان —

Gul Hayat Institute

عالم — جڳت — سنسار. بنياد — جَڙَ — پاڙَ — هيٺيون حصو.

— **زمِينَ آسمانَ جو فَرقُ هُئڻُ:** ظرف. تمام گهڻو فرق هئڻ — اختلاف عظيم هئڻ.

— **زمِينَ اسمانُ هِڪُ ڪَري ڇڏِڻُ:** ڪنهن ماڻهوءَ جي تلاش ۾ ڪا جاءِ نہ ڇڏڻ — تمام گهٽي تلاش ڪرڻ. تمام گهڻو هُل ۽ دهشت هئڻ. حد کان وڌيڪ پاڻ پتوڙڻ.

— **زمِينَ اُٿلِيْ پوَڻُ:** ڪجهہ بہ ٿي پوڻ.

— **زمِينات:** ث. جمع زمين جو — زمينون.

— **زمِينَ بُوسَ ٿيَڻُ:** [ف. زمين + بوس > بوسيدن = چمڻ] زمين چمڻ. خدمت ۾ حاضر ٿيڻ. ملازمت ۾ حاضر ٿي ادب بجا آڻڻ.

— **زمِينَ تي پيرُ نہ رَکَڻُ:** هَٺُ ڪرڻ — وڏائي ڪرڻ. هميشه سُواريءَ تي گهمڻ ڦرڻ. ناز نخري سان هلڻ.

— **زمِينَ پيرَن هيٺان نِڪرڻ:** بد حواس ٿيڻ — بدحواسيءَ سبب پيرن جو ڏڪڻ ۽ ڦيري اچڻ.

— **زمِينَ جو گز بڻجڻُ:** هردم گهمندو ڦرندو رهڻ. زمين ڪڇيندو رهڻ.

— **زمِينَ داخُل ٿيَڻُ:** خاڪ ۾ ملي وڃڻ. نيست و نابود ٿيڻ. مرڻ.

— **زمِيندارُ ج زمِيندارَ:** ذ. صفت. [ف. زمين + دار > داشتن = رکڻ] زمين وارو — زمين رکندڙ — زمين سنڀاليندڙ — زمين جو مالڪ.

— **زمِيندارِيْ ج زمِيندارِيُونْ:** ث. زمين جي هجڻ جي حالت. زمين جي مالڪي. زمين جي سنڀال.

— **زمِين دوزُ:** ذ. [ف. زمين + دوز > دوختن = سبڻ] زمين ۾ پوريل — زمين اندر — زمين جي هيٺ.

— **زمِين دوزُ ٿيَڻُ:** ڪِري پوڻ — ڍَهِي پَٽ ٿيڻ.

— **زمِينَ ڪاٺِيْ وَڃڻُ:** گُم ٿيڻ. ڪجهہ بہ نہ لَڀڻ.

— **زمِينَ ڪوتائِڻُ:** (ت). لاجواب ڪرڻ. شرمندو ڪرڻ.

— **زمِينَ ۾ سَمائجَڻُ:** شرم يا غيرت جي سببان زمين ۾ داخل ٿيڻ جو خيال ڪرڻ. شرمندو ٿيڻ.

— **زمِينَ ۾ گهڙِيْ وَڃڻُ:** نهايت شرمندو ٿيڻ — لڄي ٿيڻ.

— **زمِينَ وِهڻُ:** زمين جو هيٺ وڃڻ.

— **زمِين وَزمانُ:** ذ. سڄو زمانو — سڄي دنيا — ڪائنات.

— **زَنِ:** ث. (ف). عورت — اِستري — زال — نار — مهْري — ناري. گهر واري — جوءِ ـ پتني — اهليہ — بيوي — زوجہ. ٽهلي — داسي — نوڪرياڻي — نفرياڻي — ٻانهي. وني — ڪنوار.

— **زنانِ خانُو ج زنانِ خانا:** ذ. خاص زالن جي رهڻ جي جاءِ ـ حويلي — ڏيڍي — حرم — حرمسراءِ.

— **زنانُو ج زنانا:** ذ. صفت. زال جو — زالڪو — زالاٺو — رَن ذاتيون — رَن ذاتيرو. ماديءَ مُنهون — نازڪ — نامرد. عياشي.

— **زنانو مُنْهَن هُجَڻُ:** ڪنهن بہ ڪم جي لائق نہ ٿيڻ.

— **زنانِيْ دِل ڪَرَڻُ:** ڪنجوسائي ڪرڻ. بزدلي ڪرڻ. زال جي چئي تي هلڻ.

— **زنْ مُرِيْدُ ج زنْ مُرِيْدَ:** ذ. صفت. زال جي چئي تي هلندڙ — جوءِ جو مڄو — استري جيت — زال جو غلام.

— **زنْ مُرِيْد هُئڻُ:** زال جي هٿ وس هئڻ.

— **زنِ مَنْڪُوحَہ:** ذ. [ف. زن + منڪوحہ = نڪاح ۾ آيل] نڪاح ۾ آندل عورت — نڪاح ٻڌي زال.

• **زِنا ج زِنا:** ذ. [ع] غير عورت سان مباشرت — ڌاري زال سان همبستري — حَرامُ — بَدِ ڪارِيْ — حَرامڪارِيْ.

— **زِنا بالْجَبْر:** ذ. [ف. زنا + با = سان + جبر = ڏاڍائي] زوري حَرامڪارِيْ — زوري زِنا.

— **زِناڪارُ ج زِناڪارَ:** ذ. صفت. [ف. زنا + ڪار > ڪردن = ڪرڻ] زنا ڪندڙ — زناهي — زاني — فاجر — بدڪار — ويچاري.

— **زِناڪارِيْ ج زِناڪارِيُونْ:** ث. زنا — زِناهُ — حرامڪاري — بدڪاري.

• **زناهُ، زناہ:** ذ. زِنا.

— **زناهِيْ ج زناهِي:** ذ. صفت. زناڪار. زنا جو.

• **زناخُ ج زناخُونْ:** ث. [ف] ڪڪڙ يا ڪبوتر وغيره جي سِيني واري هَڏي — سِيني واري هَڏي — سِيني جي تاڪي. هڏو — ڄڙهہ. جناخ — جناڪ.

• **زنّارُ ج زنّارَ:** ذ. [ف] اهو ڌاڳو جو هندو ماڻهو مذهبي رسم موجب ڳچيءَ ۾ پائيندا آهن. جڻيو. قيد خانو — بنديخانو.

• **زناوَرُ ج زناوَرَ:** ذ. ساهوارو. جانور — جناوَر.

• **زنْبُ ج زنْبَ (.ڪ):** ذ. وڏو گرِهُ (ٻَتَ جو) — وڏو نوالو — ڳِنو — لقمو.

• **زنْبَڪُ ج زنْبَڪَ:** ذ. ٻَتَ جو وڏو گرِهُ — زنْبُ.

• **زِنْبَ ج زِنْبُونْ:** ث. سِرَيا ٻترجو وڏو ٽُڪَرُ ـ جِنبَ.

Gul Hayat Institute

• **زنبَقُ:** ذ. [ع] پسارڪي وکر جو هڪ قسم. سفيد گل جو هڪ قسم. [انگ. Inis].

• **زنبڪو ج زنبڪا (ڪ):** ذ. (آواز) آواز جو هڪ قسم – سٽڪو – ڦهڪو. جيئن ”هوا جو سوسات، پاڻي جو ڦينڪو، مال جو رنيڪو“.

• **زنبُورُ ج زنبُورَ:** ذ. (ف) ماکيءَ جي مک.

• **زنبِيلُ ج زنبِيلَ:** ذ. [ع] فقيرن جو ڪچڪول. پنڻ جو ٿانءُ – ڪِسِتو – جنبيل. جهولي – ٿيلهي. فقيرن جي وڏي گوڏڙي.

• **زنجِيرَ ج زنجيرُونَ:** ٿ. [ف] لوهه جي ڪڙين جي ڳنڍيل قطار – سنڪلي – چين – Chain سنگر – نِسُرُ – واڳهه. بيڙي – اشڪول. ڏاڻ. ڪڙي – قطار. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه. (صفت) پڪو – پختو – ڏاڍو – مضبوط – قابو – سوگهو – اَچل – برقرار.

– **زنجِيرِي ج زنجيريُونَ:** ٿ. زنجير. پرت جو هڪ قسم.

• **زنجِيلُ ج زنجِيلَ:** ٿ. [ف] پارجات. پنڻ جو ٿانءُ – جنبيلَ – ڪِسِتو – ڪاسو.

• **زنجِيرو ج زنجِيرا:** ذ. [ع. جزيره] بيٽ – جزيرو.

• **زندانُ ج زِندانَ:** ذ. [ف] قيد خانو بنديخانو – جيل – محبس. تڪليف. ڏک. بيماري.

– **زندانَ ۾ پوڻُ:** تڪليف ۾ پوڻ.

– **زندانِي ج زِندانِي:** ذ. صفت. قيدِي – اَسير.

• **زند آوِستا:** اسم خاص. [ف. زند = شرح + آوِستا = متن] پارسين جو پاڪ ڪتاب.

• **زندپُور:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **زندگانِي ج زِندگانِيُونَ:** ٿ [ف]. زندگي – جياپو – زيست – حياتي – جند عمر – اوستا – جوٽا – پساهه – ارحا. جيوتي – گذران.

• **زندگِي بَسر ڪرڻُ:** عمر گذارڻ – جيئڻ – عمر ڪاٽڻ.

– **زندگِي تلخ ٿيڻُ:** حياتي وبال ٿيڻ.

– **زندگِي ڀر:** ظرف. تمام عمر – سڄي عُمر.

– **زندگِي ڪَڙِي ٿيڻُ:** دنيا جي ڏکن کان بيزار ٿيڻ. تمام گهڻين مصيبتن ۾ اچي ڦاسڻ. حياتيءَ کان هٿ ڪڍڻ. دنيا کان دل کٽي ٿيڻ.

– **زِندگِي تنگ ٿيڻُ:** زندگيءَ کان عاجز ٿيڻ – حياتيءَ کان ڪِڪ ٿيڻ.

– **زندگيءَ کان هٿ ڌوئڻُ:** جيئڻ جو آسرو نه رکڻ – حياتيءَ تان آسرو لاهڻ.

• **زِندَهُ:** صفت. (ف). ذِي رُوح – ذِي حيات – حيات – جيئرو. خوش. تازه.

– **زِندَهُ باش:** ندا. جيئرو رهه ـ سلامت رَهه. شاباس – مرحبا.

– **زنده رهڻُ:** جيئرو رهڻ. تازو رهڻ.

– **زِندَهُ دَرگور هجڻُ:** جيئري قبر ۾ هجڻ. تمام تنگ گذارڻ.

– **زِندَهُ دِلُ:** صفت. خوش طبع – خوش مزاج – ظريف – مسخرو – چرچائي.

– **زِندَهُ دلِي:** ٿ. خوش طبعي – ظرافت. چرچو – مسخري.

– **زِندَهُ ڪرڻُ:** جيئرو ڪرڻ – ساهه وجهڻ. حياتي بخشڻ. جان وجهڻ.

– **زِندُو ج زندا:** ذ. صفت. جِيئرو – حيات – زِندَهُ – جاڳندو. خوش. چڱو ڀلو.

• **زِنديقُ ج زِنديقَ:** ذ. صفت. (ع). بي دين – ڪافرُ – بي ايمان – مشرڪ – ملحد.

• **زنگُ ج زنگَ:** ذ. [ف] گهنڊ – گهنڊڙي. (ڪنهن ڌاتوءَ جو ڪَٽُ – ڪَسُ – مَٽُ – مرچو – مورياڻ – زنگار. بدخواهي – عداوت – ضد – دشمني – وِيرُ – ايرڪا – عڪس – خصومت – ڪينو – خار – چاوت – بغض – ڪِوُنس – حسد.

– **زنگ آلُودَهُ:** صفت. ڪَٽِ چڙهيل – زنگ خورده ـ ڪٽيل.

– **زنگارُ ج زنگارَ:** ذ. ٽامي جي ڪَٽِ ـ ڪَسُ زنگال – زنگ. (هي ڪاٽين مان هٿ ايندو رهي، بعضي هن ريت ٺاهيندا آهن. ديگڙيءَ ٽامي جيءَ ۾ سرڪو تڪو وجهي بند ڪري باهه تي چاڙهي، سرڪو سڪائي، ديگڙي مان ڪرڙي لاهي هٿ ڪندا آهن).

– **زنگالُ ج زنگالَ:** ذ. زنگ – ڪٽ – ڪس – زنگارُ.

– **زنگالجڻُ:** زنگجڻ – ڪٽجڻ – ڪٽ چڙهڻ – ڪسجڻ.

– **زنگجڻُ:** زنگ لڳڻ – ڪٽجڻ – ڪٽ چڙهڻ – ڪسجڻ. ڪاڄڻ. سڙڻ.

– **زنگُ لڳڻُ:** ڪٽ چڙهڻ.

• **زنگُ وجهڻُ:** عداوت وجهڻ – دشمني وجهڻ.

• **زنگبار:** اسم خاص. شيدين جو ملڪ. آفريڪا جي هڪ علائقي جو نالو.

Gul Hayat Institute

— زور آور. (ذ). شوڪ – غم – ڏک – گوندر – ڏنج – افسوس – ارمان – سور – ڪليش – ويڌن – ڏک. ماتم – رودن.

— **زوراورُ ج زوراوَرَ:** ذ. صفت. زور وارو – زبردست – دست دراز – جبراٽو – غضبناڪ. ڏاڍو سخت – بلڪل – مهاوت. ظالم – ڦهري – ڏوڏي – انڌيري – ستمگر – شوخ – گبر.

— **زوراوري ج زوراوَريُون:** ث. زور – ڏاڍ – سبرائي – زوري – جَبَرُ – ڏاڍائي – دست درازي – ظلم. شوخي. گهٽ _ بوسات – ڌبڙ ڌونس – غَضَبُ – زور زبر. ٻل – طاقت – قوت. زوم – چوهه.

— **زوراٽيو ج زوراٽيا:** ذ. صفت. مضبوط – جاڙو – جبرو – ٻليار – ٻلي – پرٻل – ڪراڙو – ڪڙاڪڙي – سگهو – سگهارو – سگهاٽو – سبرُ – زور پريو – قوتي – ستاٽو – قرارو – توانو – ستاٽو – ٻلوان – پراڪرمي – پهٽيات – پهچ وارو – شهزور.

— **زور پلو ج زور پلا:** ذ. صفت. پلو – سنو – چڱو.

— **زورَ پريو ج زور پريا:** ذ.صفت. طاقتمندُ – مضبوط – طاقتور – جبرو – ٻليار. ٻلي – پرٻلُ – ڪراڙو – ڪڙاڪڙي – سگهو – سترو – سگهارو – سگهاٽو – قوي – سبر – زوراٽو – زور پريو – قوتي – ستاٽو – قرارو – توانو – ستاٽو – جانٺو – سَترُ وَترِ ڌونسو – متارو – ڏمتار.

— **زورَ تي چڙهڻُ:** طاقت وٺڻ – زور وٺڻ.

— **زورُ ڄاڻائڻُ:** طاقت ظاهر ڪرڻ.

— **زورَ جي مينڌيءَ هڻڻُ:** مرضيءَ جي خلاف ڪم ڪرڻ.

— **زورَ جي مينڌيءَ نہ لڳڻُ:** رضامنديءَ ڪانسواءِ ڪم سر انجام نہ ٿيڻ.

— **زورَدارُ ج زورَدارَ:** ذ. صفت. [ف. زور + دار > داشتن = رکڻ] زور وارو – زوراٽو – قوي – پهلوان – توانا – طاقتور.

— **زور داغُ ج زور داغَ:** طاقت جو داغ. گهوڙي کي طاقت ۽ صحت لاءِ داغ ڏيڻ.

— **زورُ ڏيکارڻُ:** طاقت ظاهر ڪرڻ – ٻلُ ڏيکارڻ. دٻاءُ وجهڻ.

— **زورُ ڏيڻُ:** پيڙهون ڏيڻ – مَٺڻ – چاپڻ – مناڙڻ – مڪڙيون هڻڻ. طاقت ڏيکارڻ – زور آزمائڻ. بهادري ڏيکارڻ. شد مد سان چوڻ. جهلي بيهڻ. ٿنيڻ. پنيرائي ڪرڻ – مدد ڪرڻ. تاڪيد ڪرڻ. مجبور ڪرڻ. قوت ڏيڻ. سخت ڪرڻ. ڪو لفظ زور سان ڳالهائڻ.

— **زورُ ڏيئي بيهڻ:** تمام گهڻي ڪوشش ڪرڻ.

— **زورُ شورُ ج زورَ شورَ:** ذ. تيزي – شدت – سختي – تيڪ – تاءُ.

— **زورُ ڪَڍڻُ:** زور گهٽائڻ – سگهہ ڪيڏڻ. ڪمزور ڪرڻ.

— **زور ڪرڻ:** زور لڳائڻ – ڪوشش ڪرڻ – طاقت آزمائڻ. زوري ڪرڻ – لاچار ڪرڻ – مجبور ڪرڻ – دٻائڻ. منت ڪرڻ – آزي ڪرڻ.

— **زورَ لائي بيهڻ:** سپ حيلا وسيلا هلائي بيهڻ.

— **زورُ لڳائڻُ:** طاقت لڳائڻ – زور ڪرڻ. همت ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ. مدد ڪرڻ – ڏکو ڏيڻ. مجامعت ڪرڻ.

— **زورَ ماريو ج زورَ ماريا:** ذ. صفت. زبردستيءَ سان نڪتل – زور سان ڏڪيل. زبردستي – مجبوري – زوري – ڏاڍائي – لاچار. مرضيءَ ڪانسواءِ _ بي خواهشو.

— **زور مَن:** ظرف. زبردستيءَ – زور – زور زبَرُ – ڏاڍائي – زوري.

— **زور مَنڊُ ج زورمَنڊَ:** ذ. صفت. ٻلوان – طاقتور – زوراور.

— **زورَ پر وَڃڻُ (ڪ):** ملاحن جي اصطلاح ۾ ٻيڙيءَ جو – واءُ ڪان پاسيرو وڃڻ.

— **زورُو ج زُورا:** ذ. زور – ٻل – طاقت – قوت – سگهہ. زوُمُ – چوهُ. ڏاڍَ – ڏاڍائي – سبرائي – زبردستي – زور واري – جبر – دست درازي. گهَٽَ بوسات – ڌبڙ ڌونس – غضب – زور زبر. (ذ. صفت) زبردست – ظالم. ڏاڍو – بهادر – طاقتوَرُ – سگهارو.

— **زورُ وَنائڻُ:** همٿائڻ – قوت ڏيڻ. جوش ڏيارڻ – ترغيب ڏيڻ. اٽارڻ.

— **زور وجهڻ:** دٻائڻ – مجبور ڪرڻ – دٻاءُ وجهڻ. طاقت ڏيکارڻ. مدد ڪرڻ.

— **زورُ هلائڻُ:** طاقت هلائڻ. وَسُ هلائڻ. حڪومت هلائڻ. زبردستي يا رعب سان ڪم وٺڻ.

— **زورُ هلڻُ:** وس هلڻ – پڄت هلڻ – حڪم هلڻ.

— **زورُ هڻڻُ:** متو هڻڻ. محنت ڪرڻ – زور لڳائڻ – متا مونا هڻڻ – ڪوشش ڪرڻ – جتن ڪرڻ.

— **زورُ هُئڻُ:** طاقتمند هئڻ – ڏاڍو هئڻ – مضبوط هئڻ – طاقتور هئڻ – زوراٽو هئڻ. هلنديءَ وارو هئڻ – رهائيءَ وارو هئڻ. خوش هئڻ.

— **زوريءَ ج زوريُون:** ث. زبردستي – ڏاڍائي – زورو. (ظرف) ڏاڍ سان – جبراً – غضب سان – زور سان.

Gul Hayat Institute

— **زوريءِ زنا:** ٿ. زبردستي زنا — زوريءَ همبستري.

• **زُوُر ج زُوُرَ:** ذ. (ع) دغا — فريب — ڪوڙ — دروغ — ڪذب.

• **زُورَقُ ج زَوَرقُونَ:** ٿ. (ع). ٻيڙيءَ جو هڪ قسم سکر کان ملتان تائين هلندڙ بار ڪڍندڙ.

• **زورَ گُوَهر:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **زُوزاٽُ ج زُوزاٽَ:** ذ. (آواز) زور سان وڄڻ يا ڦرڻ جو آواز (چرخي يا لاٽونءَ جو) زوڪاٽ.

• **زُوفا:** ذ. (ع) دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر (خوشبودار پَنن سان گاهه جو هڪ قسم. جنهن جي شاخن ۾ ڳنڍيون ٿيون ۽ گل زرد ٿئي).

• **زُوڪاٽُ ج زُوڪاٽَ:** ذ. (آواز) هوا جي زور سان لڳڻ جو آواز — زوزاٽ — سوساٽ — زوڪٽ.

• **زُوڪٽُ ج زوڪٽَ:** ذ. زوڪاٽ — زوزاٽ.

• **زُوڪو ج زُوڪا (ٿ):** ذ. صفت. ٿلهو — متارو — پهلوان.

• **زُوَرُ ج زُوَرَ (ل. ک):** ذ. زور — ٻلُ طاقت — قوت. ڏاڍَ ڏاڍائي. سٻرائي — زوراوري — دست درازي — ڳهٽَ ٻوسات — زبردستي — غضب — زور زَبَر. طاقت — سمرٿي. جلهه — چوهه — هلان — اَلر. توفيق. وسعت. (ظرف) تکو — زور سان _ ڏاڍي.

— **زُوَرَ مان:** ظرف. زور سان. طاقت سان.

— **زُوَمِي ج زُوَمِيَ:** ذ. صفت. ظالم — قهارَ — ستمگر — ڏوڏي. پرجا پيڙڪ — راڄ پيڙڪ — مَردَمُ آزارُ.

— **زُوُنَ (ٿ):** ذ. (آواز) زور — وڏائي — ٽيشَ — آڪر. (ظرف) تکو — تيز.

— **زُوُنَ ٿيڻُ:** وڏائي ۾ پرجي وڃڻ. ڪاوڙجڻ.

— **زُوُنَ سَڏائڻُ:** هوشيار سڏائڻ. بهادر سڏائڻ.

— **زُوُنهِ ۾ هُجَڻُ:** وڏائيءَ ۾ هجڻ — تڪبر ۾ هجڻ.

• **زُوُنٽو ج زُوُنٽا (ل):** ذ. هِمَٿ ڀريو — ٿلهو متارو — مضبوط — ڏاڍو.

• **زُوُنرَ:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **زُوُنرَ:** هڪ ول جو نالو (نهايت زهريلي) — هڪ قسم جي زنگي گل جو ٻوٽو.

• **زِهُ ج زِهُونَ:** ٿ. يا زِهُ ج زِهَ: ذ. (ف). ڪنهن بہ شيءِ جو ڪنارو — وَٽ. جيئن "زِهَ گريبان. زهه دن" وغيره. ڪمان جي ڏور — وَتَرُ. ڏوري — تند — تار — نار — رودو. جانور جي آنڊي مان وٽيل ڏور (جا ڪمان ۾ ڪم اچي). جاميٽريءَ موجب اها سنئين ليڪ. جا گهيري جي هڪ پاسي کان هلي. گهيري جي ٻئي پاسي ٻهچي: مرڪزمان نہ لنگهي.

— **زِهْبَنْدُ ج زِهْبَنْدَ:** ذ. [زهه + ف. بند > بستن = ٻڌڻ] ڪاٺ جي پٽي: جا رازا جاءِ ناهڻ مهل ڪم آڻيندا آهن (ليپي جي سنوت لاءِ).

— **زِهُونْ ڏيڻُ:** مغزي هڻڻ — ڪپڙي کي ڪناري هڻڻ.

• **زُهْدُ ج زُهْدَ:** ذ. (ع). پرهيزگاري — پارسائي. پاڪائي. خدا پرستي. پرهيز — ڪري.

• **زَهُرُ (ٿ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **زَهَرُ ج زَهَرَ:** ذ. (ف). وِههُ — وِڪ — سنکيو. بغض — ڪينو — ساڙ. حسد — جلن — ٻيائي — دغا. دشمني — ويرُ. (صف) ڪارو — ڪَڙُوو — تيز. بي لُطف — بد ذائقہ.

— **زَهرُ آبُ:** ذ. صفت. زهر گڏيل پاڻي — زهر آلوده پاڻي.

— **زَهرِ آلودَهُ:** ذ. صفت. [ف. زهر + آلوده = گڏيل] زهر سان ڀريل — زهريلو.

— **زَهرِباد:** ذ. باد زهر — بادخاپ — خناق. گهوڙي جي بيماريءَ جو هڪ قسم.

— **زَهرُ تريءَ تي رَکِي نہ کائڻُ:** بچڙي صحبت يا سنگت ۾ رهي: بچڙو ڪم نہ ڪرڻ.

— **زَهَرُ ٿِي پَوَڻُ:** وِهُ ٿي لڳڻ. تلخ ٿيڻ. نہ وڻڻ — ناگوار لڳڻ. بچڙي معلوم ٿيڻ. زَهَرُ ٿِيَڻُ: خراب ٿيڻ. تڪليف جو باعث ٿيڻ. تلخ هجڻ.

— **زَهَرَ جو ڍُڪ پِيئَڻُ:** صبر ڪرڻ — غم ڪائي وڃڻ. نہ برداشت ڪري سگهڻ جي ڳالهہ برداشت ڪرڻ.

— **زَهَرجِي ڇُرِي هُئَڻُ:** تمام خوفناڪ ماڻهو هئڻ.

— **زَهرُدارُ:** ذ. صفت. زهر سان ڀريل — زهريلو — زهروارو — زهري. وهه ڀريو.

— **زَهرُ ڏِيَڻُ:** زهر ڪارائڻ — زهر ڏيئي مارڻ — زهر سان مارڻ.

— **زَهرُ قاتِلُ:** ذ. صفت. مهلڪ زهر — مارڻ وارو زهر.

— **زَهرُ ڪُچِلوُ:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

— **زَهرُ ڪَرَڻُ:** تلخ ڪرڻ — ڪڙو ڪرڻ — وِهُ ڪرڻ — وِکُ ڪرڻ.

— **زَهرُ ڪَرِي ڏِيَڻُ:** تلخ ڪري ڏيڻ — ناگوار ڪري ڏيڻ — بدمزه ڪري ڏيڻ.

Gul Hayat Institute

– **زهرُ ڪُوچِلو ج زهرُ ڪُوچِلا:** ذ. زهر ڪچلو.

– **زهرُڪوُ ڪلوُ ج زهرُڪوُ ڪِلا (ٿ).** ذ. گاهه جو هڪ قسم – زهر ڪچلو.

– **زهرُ ڪائڻُ:** ڪا مارينڙ شيءِ کائڻ. جان ڏيڻ. مرڻ.

– **زهرُ لَڳَڻُ:** ازحد ناگوار لڳڻ. خراب لڳڻ ڪڙو لڳڻ.

– **زهرُ مُهرِوُ ج زَهرُ مُهرِا:** ذ. زهر کي ڪڍندڙ پٿر جو هڪ قسم (جو دوا طور ڪم اچي).

– **زهرُ ناڪُ:** ذ. صفت. زهر وارو – زهر سان ڀريل – زهريلو.

– **زهرُ واتَ ڀرِيوُ هُئڻُ:** ڪنهن عزيز جي موت هئڻ ڪري سُوءَ ۾ هجڻ.

– **زهرُ هارَڻُ:** اندر جو غصو يا رنج ٻئي جي مٿان هارڻ.

– **زهرِيُ ج زهرِيُ:** ذ. صفت. زهر وارو – وِڪرُ – وِهُ وارو – زهر وارو – اثرائتو – زهريلو – وک ڀريو. ڪڙو – تلخ.

– **زهرِيلو ج زهرِيلا:** ذ. صفت. زهر وارو – زهردار – زهري.

• **زهرا:** ٿ. (ع.) خاتون جنت حضرت بيبي فاطمه (ع) (جو لقب).

• **زُهرانِيُ:** اسم خاص. درڪاڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

• **زهرهُ:** ذ. (ع.) هڪ گرهه جو نالو – شڪر گره ـ زهرو.

– **زُهـرَهُ جَبِيْنُ:** صفت. [ع. زهره + ف. جبين = پيشاني.) خوبصورت – ماهه پيڪر.

– **زُهرو ج زُهرا:** ذ. زُهـرَهُ.

– **زهرِيُ:** اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو. بلوچستان جي جهالاوان علائقي ۾ هڪ ضلعي جو نالو (تاريخ بلوچستان).

– **زهِمُر (ڪ):** ذ. هڪ وَلِ جو نالو – وڻ ويڙهيءَ جو هڪ قسم – بي پاڙي. سُرندي جي وڄت – جهُمر جو تار.

– **زهمِيُ (ڪ):** ٿ. زعم. زور. ڪاوڙ. ڪست. (ڀيلاين جا ٻول).

– **زِهيُ:** ندا (ف.) وه واهه – شاباس.

– **زِهيُ قِسمَت:** ندا. واهه خوش نصيبِيُ.

– **زِهيُ نَصيبُ:** ندا. واهه خوش نصيبيُ.

• **زهِيرُ ج زهِيـرَ:** ذ. صفت. (ف). هيٺو – ڪمزور – ڏٻرو – ايرو.

• **زِهِي ج زِهيون (ت):** ٿ. ڪورين جي اصطلاح ۾ تاڃيءَ جي پچاڙي جيڪا اوج هيٺ نہ اچي.

• **زئـنـرَ:** اسم خاص. بلوچن جي قبيلي جو نالو.

• **زئِيُ ج زئِيوُنُ:** (ت) ٿ. (ف) رَت – مائٽي – عزازت.

– **زئِيرُ ج زئِيرونُ:** (ڪ) ٿ. اُڪيرَ – سِڪَ.

– **زيادَتُ ج زِيادَتُون:** ٿ (ع) گَهڻِ ـ واڌ – واڌارو – افراط. گهٽائي.

• **زِيادَتِيُ ج زيادَتيُونُ:** ٿ. ڪثرت – افراط – جوڙ – واڌ – واڌارو. وَراڻ – چاڙهو – سرسي. زوراوَري – ظلم – جبر – زبردستي. فالتو. فاصِلِيُ.

• **زيادَهُ:** ذ. صفت. (ع.) گهڻو – جهجهو – ٻهُوڻُ. ڳِپل – جال – سرس – وڌيڪ – مٿو – گابٺو – بيحد – سَبيل. گهڻي قدر – نهايت – تمام – بلڪل – ڏاڍو. فالتو – ٻيو ٻـ.

– **زِيادَهُ تَـرَ:** صفت. وڌيڪ – گهڻو – قدري گهڻو – بلڪل زياده.

– **زِيادَهُ حَد اَدَبُ:** جملو. ختم ڪرڻ جي دعا.

– **زِيادَهُ خَيـرِيَت:** (جملو) حال احوال ختم ڪرڻ وقت استعمال ٿيندڙ ڪلمو. باقي خيريت – وڌيڪ خيريت.

– **زِيادَهُ ڪَـرَڻُ:** وڌائڻ – واڌارو ڪرڻ. گهڻو ڪرڻ.

– **زِيادَهُ گـو ج زِيادَهُ گـو:** ذ. صفت. [ف. زياد + گو > گفتن = ڳالهائڻ] ڳالهه وڌائيندڙ. ڪوڙو – فضول گو – دروغگو.

– **زِيادَهُ گوئِيُ ڪَـرَڻُ:** وڌائي ڳالهه ڪرڻ – فضول بڪڻ.

• **زِيارَتَ ج زِيارَتُونُ:** ٿ. [ع. زارَ = ملاقات ڪئي] ڪنهن مقدس جاءِ جو ديدار – جاترا – درش – ديدار. ملاقات – گڏجاڻي.

– **زِيارَتَ ڪَـرَڻُ:** ڪنهن مقدس جاءِ يا بزرگ جو ديدار ڪرڻ.

– **زِيارَتَ گاهَ ج زِيارَت گاهُون:** ٿ. [ع. زيارت + ف. گاهه = جڳهه] زيارت ڪرڻ جي جاءِ ـ مقدس جڳهه – درگاهه – آستانو.

• **زيارَتِيُ ج زِيارَتِيُ:** ذ. صفت. زيارت ڪندڙ زيارت لاءِ ايندڙ پانڌيڙو.

• **زِيانُ ج زِيانَ:** ذ. (ف). نقصان – هرج – ٽوٽو – هاڃو – گهاٽو – خسارو – ضرر – وِٺاءُ – ڇيهو – تاوڻ – تاوانُ. ڇوٽَ – چٽي – اُهوڄي – گاس. بربادي. تباهي.

– **زيانُ خوُرُ ج زِيانُ خوُرَ:** ذ صفت [ف زيان + خور > خوردن = واپارائڻ] نقصانڪار. ناس ڪندڙ – تباهه ڪن – نقصان پهچائيندڙ – ضررناڪ – جهورائو. حرڪتي – لُچو – ايٽرو – هاڃو.

– **زِيانِ ڪارُ ج زِيانِ ڪارَ:** ذ. صفت. [ف. زيان + ڪار > ڪردن = ڪرڻ] نقصانڪار – نقصان پهچائيندڙ – زيان خور.

• **زيانِيُ زِيانِيُ:** صفت. نقصانڪار – نقصان پهچائيندڙ – زيان خور.

Gul Hayat Institute

• **زيبُ ج زيبَ:** ذ. (ف). سونهن – حُسن – سوڀيا – خوُبي – خوبصورتي – برآج. آرائش – زيبائش – سينگار – ٺَٺُ – ڍانديس – خوشنمائي – رونق – تيج – جلوو – ڪِرانتي – جهلڪو – ڀڙڪي – پرتاب – ڏما. تجمل – آب – چمڪ.

– **زيبا:** صفت. خوشنما – سهڻو – سندر – خوبصورت. سٺو. مناسب. آراستہ – سينگاريل.

– **زيبائِتوْ ج زيبائِتا:** ذ. صفت. زيب وارو – زيبو – سوڍو – سندر – ٺاهوڪو – سهڻو. عمدو – ڀل ڀلوڙ – سٺو – وڻندڙ – ديداري – ڏسڻ جهڙو – لطيف – نازڪ – سنگين – مهين. سنهو – نفيس – چوڪو.

– **زيبائِشَ ج زيبائِشُونْ:** ث. سجاوٽ – بناوت – سينگار – آرائش. سوڀيا – زينت – سونهن.

– **زيبُ تَنْ ڪَرَڻُ:** پائڻ – پهرڻ. ڪنهن چيز کي جسم تي سينگارڻ.

– **زيبُ ڏِيڻُ:** سوڀيا ڏيڻ – خوشنما لڳڻ – سٺو لڳڻ.

– **زيبُ زِيْنُ:** ذ. زيب زِينَ – سونهن – سينگار.

– **زيبَ وارو ج زيب وارا:** ذ. صفت. زيبائتو – عمدو – سهڻو – نزاڪت وارو – ٺاهوڪو – زينت وارو.

– **زيبُ و زِيْنَتْ ج زيبُ و زِيْنَتُونْ:** سجاوٽ – آراستگي – ٺاٺُ – بناءُ سينگار – زيبائش.

• **زيبْرا ج زيبْرا:** ذ. (انگ). آفريڪا ۾ گڏھ جو هڪ قسم – ڀٽاپٽي گڏھ جو هڪ قسم.

• **زِيْتوزِيْتَ:** (ڪ) ث (آواز) زِپازِپْ – ڦَهہ ڦَهہ – سَٽ سَٽ – زپ زپ.

• **زِيْتُون ج زِيْتونَ:** ذ. (ف) ميوي ۽ وڻ جو هڪ قسم – چام ڦل – آمروت – امرود. (ٽي قسم جبلي، بري – باغي).

• **زِيْتَ ج زِيْتُونْ:** (ت) ث. (ف). بڪواس – بڪ بڪ. ٻٽاڪ – لباڙ. آڪڙ – وڏائي.

– **زِيْتَ هَڻَڻُ:** ٻٽاڪ هڻڻ – لباڙ هڻڻ.

• **زِيْپَ ج زِيْپُونْ (ت):** ث ڊاڙَ – ٻَٽاڪَ – لَباڙ – بڪواس – بڪبڪ.

– **زِيپرُ ج زِيپَرَ:** ذ. صفت. بڪواسي – لباڙي – ڊاڙي – ٻٽاڪي.

– **زِيْپَ مارَڻُ:** ڊاڙ هڻڻ – ٻٽاڪ هڻڻ.

– **زِيپَ مِلائِڻُ:** ڊاڙون هڻڻ – ٻٽاڪون هڻڻ.

• **زِيْپَتُ ج زِيْپَتَ (ت):** ذ. (آواز) ٺڪاءُ – ڦهڪو – وسڪارو. جيئن "موچڙي جو زيپٽ پيو پوي."

• **زيرْ:** ظرف. (ف). هيٺ ـ هيٺان – هيٺوڻو – هيٺاهون – هيٺ ڀرو – تحت. (صفت). درجي ۾ گهٽ – ڪمتر – نيچ – هلڪو – سادو. تابع ۾ ـ هٿ هيٺ – وَس – زيردست – ماتحت. ڪمزور – ڪم طاقت.

– **زير آبَ:** ذ. صفت. [ف. زير + آب = پاڻي] پاڻيءَ جي اندر – پاڻي جي هيٺ. ٻوڏ هيٺ – اٿل هيٺ – ٻڏل – سيلاب هيٺ.

– **زير آبِيْ ج زير آبيون:** ث. پاڻي هيٺ هلندڙ جهاز – ٽوٻو جهاز.

– **زيرِ بار ج زير بارَ:** صفت. [ف. زير + بار = بوجهہ] بار هيٺ آيل. بار وڌل. قرضدار. اُڌار هيٺ – لاچار – تنگ – قرضي – قرضدار.

– **زير بارِ ٿِيَڻُ:** گهٽي بار هيٺ اچڻ. لاچار ٿيڻ. گهٽي خرچ ۾ پوڻ. قرض ۾ هئڻ.

– **زيرِ بارِيْ ج زير بارِيُونْ:** ث. بار هيٺ اچڻ جي حالت – بارُ – بوجو – اٽڪ. قرض – قرضداري.

– **زير بَنْد ج زير بند:** ذ. [ف. زير + بند < بستن = ٻڌڻ] گهوڙي جي سنجن جو هڪ قسم – لَوَنْڊُ. تنگ. اڳٺ – ناڙو.

– **زير تَجُوِيزْ:** ظرف. [ف. زير + ع. تجويز] ويچار هيٺ – خيال هيٺ – رٿ ۾.

– **زيرتعليمْ:** ظرف. تعليم ۾ (صفت). تعليم حاصل ڪندڙ – متعلم.

– **زيرحِراسَتْ:** ظرف. حوالات ۾ ـ حراست ۾ ـ چوڪي ۾ ـ پهري ۾.

– **زيردَسْتُ ج زيردَسْتَ:** ذ. صفت. هٿ هيٺ – تابع – تابعدار – ماتَحْت. ٻَجِگِيرُ – باجگير – زير حڪم – حڪم هيٺ. غريب – ڪمزور – اڏِيْنُ – ڪم طاقت.

– **زيردَسْتِيْ ج زيردَستيُونْ:** ماتَحَتيْ – تابعداري. باجگِيْرِي – ٻجگيْري. هيٺانئيْ – پائبندي – غلامي.

– **زيرزَمِيْنِ:** ظرف. زمين هيٺ – زمين ۾ ـ زمين اندر.

– **زيرسايہ:** ظرف. پناھ هيٺ – اَجهي ۾. حمايت ۾. قريب – ويجهو. هيٺان.

– **زيرصَدارَتْ:** ظرف. صدارت هيٺ – اڳواڻيءَ هيٺ.

– **زيرِ علاجُ ج زير علاجَ:** ذ. صفت. عِلاج هيٺ – عِلاجَ ۾. دوا ڪرائيندڙ – بيمار.

– **زيرِ ڪَرَڻُ:** تابع ڪرڻ – مطيع ڪرڻ – مغلوب ڪرڻ – هيٺان ڪرڻ. ماري مچائڻ – دٻائڻ – قابوءَ ۾ آڻڻ. فتح ڪرڻ.

– **زيرِ گادِيْ ج زير گاديُونْ:** ث. اٺ جي سنجن مان هڪ سنج جو

Gul Hayat Institute

*(All Rights reserved with the Sindhi Adabi Board)*


| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| Ist | Edition | 1984 | 4000 | Copies |
| 2nd | Edition | 2007 | 1000 | Copies |

**[Price: Rs. 350-00]**


Gul Hayat Institute


***<u>To be had from</u>***

**SINDHI ADABI BOARD KITAB GHAR**

Tilak Incline, Hyderabad

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)

**E-mail Address: sindhiab@yahoo.com**

**Website: www.sindhiab.com**

---

Printed by Sindhica Acadmy & Published by Aijaz Ahmed Mangi Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro Sindh Pakistan

A COMPREHENSIVE

# SINDHI DICTIONARY

OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

Vol. III (ز - ڄ)

COMPILED
UNDER THE SINDHI ADABI BOARD'S DICTIONARY PROJECT
DIRECTED BY
**DR. N. A. BALOCH**

EDITED BY
**DR. N. A. BALOCH**

Gul Hayat Institute

**SINDHI ADABI BOARD**
**Jamshoro Sindh**
**2007**